# تَوْحِيْدِ رَبَّانِي

# توحيد رباني

توحيد باري جل جلاله جي موضوع تي سنڌي زبان ۾
وسيع دليلن جي ذخيرن سان مزين عظيم ڪتاب

تصنيف
الشيخ العلامة بديع الدين شاه الراشدي رحمه الله تعاليٰ

تخريج و تحقيق
ادارة المركز الاسلامي للبحوث العلمية


## ناشر

## المركز الإسلامي للبحوث العلمية

ڪراچي سنڌ پاڪستان

۽

## المڪتبة الراشدية نيوسعيدآباد سنڌ

جميع الحقوق محفوظة

©. المرڪز الإسلامي للبحوث العلمية 2008ع 1428هه

بي_132 گلستانِ جوهر بلاڪ نمبر _1 يونيورسٽي روڊ ڪراچي

سمورا حق محفوظ آهن. المرڪز الإسلامي للبحوث العلمية جي اڳواٽ تحريري اجازت کان سواءِ هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي جو نقل، ترجمو، ڪنهن به قسم جو ذخيرو جتان اهو ٻيهر حاصل ڪري سگهجي يا ڪنهن به شڪل ۾ يا ڪنهن به طريقي سان ترسيل نه ٿيو ڪري سگهجي. ٻيهر ڇاپي واسطي المرڪز الإسلامي للبحوث العلمية جي هيٺ ڏنل ائڊريس تان معلومات حاصل ڪريو.

پهريون ڇاپو: 2008ع موافق 1428 هه

تعداد . . . . . . . . 1000

قيمت:

پرنٽرز: نجم پرنٽنگ پريس ڪراچي.

Islamic Centre for Academic Research ( ICAR )

B-132 Block-1, Gulistan-e-Jauhar Opposite N.E.D University Karachi, Pakistan

Tel : 92 21 8010304    Email : masood.a.u@gmail.com

# فهرست


**باب پهريون**..................................................19
**فصل پهريون**........................................19
توحيد جي باري ۾..................................
**فصل ٻيو**...........................................20
شرڪ جي باري ۾...................................
**باب ٻيو**.........................................................22
توحيد جي ڀلائي...................................
**فصل پهريون**......................................22
آيات قرآني جي ذڪر ۾..........................
**فصل ٻيو**...........................................29
احاديث نبوي جي بيان ۾........................
**باب ٽيون**......................................................37
شِرڪ جي بُرائي ۾...................................
**فصل پهريون**.......................................37
آيات قرآنيہ جي بيان ۾..........................
**فصل ٻيو**...........................................51
احاديث نبويہ جي بيان ۾........................
**با ب چوٿون**.................................................60
هر مبلغ ۽ داعي کي سڀ کان پهرين الله تعالىٰ
جي توحيد جي دعوت ڏيڻي آهي...........
**باب پنجون**....................................................65
توحيد جي خاطر ترڪ معاملات ۽ بغض و
عداوت.....................................................
**باب ڇهون**......................................................72
توحيد جي لاءِ جهاد ۽ قتال......................
**فصل پهريون**......................................72
آيات قرآني جي باري ۾..........................
**فصل ٻيو**...........................................75
احاديث نبويه جي بيان ۾........................
**باب ستون**......................................................82
توحيد جا قسم.........................................
**فصل پهريون**......................................82
توحيد ذات..............................................
**فصل ٻيو**...........................................91
توحيد صفات..........................................
**فصل ٽيون**.........................................98
توحيد الوهيت.........................................
**فصل چوٿون**......................................102
توحيد ربوبيت........................................
**فصل پنجون**......................................107
تقدير.......................................................
**باب اٺون**......................................................117
توحيد خاطر ڏکن ۽ تڪليفن تي صبر ڪرڻ
**باب نائون**.....................................................128
شرڪ جا قسم.........................................
**فصل پهريون**......................................128
دعا يعني سڏڻ يا پڪارڻ..........................
**فصل ٻيو**...........................................139
سجدو، رڪوع ۽ جهڪڻ..........................
**فصل ٽيون**.........................................150
نذر مڃڻ يا باس باسڻ............................
**فصل چوٿون**......................................157
ذبح ڪرڻ ۽ مالي عبادت جي سيني قسمن
جي بيان ۾...............................................
**فصل پنجون**......................................166
علم غيب جي بيان ۾.............................
**فصل ڇهون**........................................178
ڪنهن مخلوق ۾ مشڪل ڪشائي جو
عقيدو رکڻ..............................................
**فصل ستون**.........................................187
استعانت يا مدد گهرڻ............................
**فصل اٺون**..........................................195
بخشش گهرڻ ۽ توبہ ڪرڻ......................
**فصل نائون**..........................................202

**فصل ڏهون**........................................209

پاڻي، باهہ، سج، چنڊ ۽ تارن جي پوڄا..........

**فصل يارهون**........................................216

قبرن جي پوڄا........................................

**فصل ٻارهون**........................................223

پيرن ۽ مشائخن جي پوڄا..........................

**فصل تيرهون**........................................225

وڏيرن، سرمائيدارن ۽ حاڪمن جي پوڄا.......

**فصل چوڏهون**........................................226

علماء واحبار جي پوڄا..............................

**فصل پندرهون**........................................235

دولت ۽ خزاني جي پوڄا..............................

**فصل سورهون**........................................238

پنهنجي نفس جي پوڄا..............................

**فصل سترهون**........................................242

فرشتن جي پوڄا........................................

**فصل ارڙهون**........................................244

مشيت ۽ ارادي ۾ شرڪ............................

**فصل اوڻيهون**........................................249

محبت ۾ شرڪ........................................

**فصل ويهون**........................................250

خوف ۽ اميد جي بيان ۾............................

**باب ڏهون**........................................254

عادت طور شرڪ........................................

**فصل پهريون**........................................254

غيرالله جي قسم کڻڻ جي باري ۾...........

**فصل ٻيو**........................................258

شرڪيہ وظيفن جي باري ۾......................

**فصل ٽيون**........................................259

تعويذن لکڻ ۽ ٻڌڻ جي باري ۾...............

**فصل چوٿون**........................................267

شرڪيہ نعرن جي باري ۾..........................

**باب يارهون**........................................270

**فصل پهريون**........................................270

عربي شعرن ۾........................................

**فصل ٻيو**........................................274

فارسي زبان ۾........................................

**فصل ٽيون**........................................276

اردو شعرن جي بيان ۾..............................

**فصل چوٿون**........................................279

ملتاني زبان ۾........................................

**فصل پنجون**........................................280

سنڌي زبان ۾........................................

**باب ٻارهون**........................................283

رياءَ جي بيان ۾........................................

**فصل پهريون**........................................284

اخلاص جي بيان ۾....................................

**فصل ٻيو**........................................288

رياءَ جي مذمت ۾....................................

**باب تيرهون**........................................295

موحدن جي عقيدي جي باري ۾..................

**فصل پهريون**........................................295

لا خالق الا الله........................................

**فصل ٻيو**........................................296

لا مالڪ الا الله........................................

**فصل ٽيون**........................................296

لا حي و لا قيوم الا الله..............................

**فصل چوٿون**........................................297

لا محيي ولا مميت الا الله............................

**فصل پنجون**........................................298

لا رازق الآ الله........................................

**فصل ڇهون**........................................298

لا حاڪم الآ الله........................................

**فصل ستون**........................................299

لا قاضي إلاّ الله........................................

**فصل اٺون**........................................300

لا غافر الذنوب إلاّ الله..............................

**فصل نائون**........................................301

لَا كَاشِفَ السُّوءِ وَالضُّرّالاَّ الله.......................
فصل ڏهون...............................َ301
لا مالك الخزائن إلا الله..............................
فصل يارهون...................................301
لا معطي ولا مانع إلا الله..........................
فصل ٻارهون..................................302
لا وكيل إلا الله............................................
فصل تيرهون.................................303
لا ناصر إلا الله.........................................
فصل چوڏهون................................303
لا معز ولا مذل إلا الله..............................
فصل پندرهون...............................304
لا ولي إلا الله.............................................
فصل سورهون...............................306
لا محبوب إلا الله.......................................
فصل سترهون...............................306
لا حول ولا قوة إلا بالله.............................
باب چوڏهون......................................309
مشرڪن جون خصلتون...........................
باب پندرهون......................................317
مشرڪ جو ڪو بہ عمل قبول نہ آهي.........
فصل پهريون................................319
ڪلمہ طيبہ جي بيان ۾..........................
فصل ٻيو......................................320
نماز جي بيان ۾....................................
فصل ٽيون....................................320
زڪواة ۽ صدقات جي بيان ۾...................
فصل چوٿون.................................321
روزي جي بيان ۾.................................
فصل پنجون..................................322
حج ۽ عمره جي بيان ۾..........................
باب سورهون......................................324
هن بيان ۾ تہ شرڪ جو اصل سبب غلوّ آهي
فصل پهريون...............................325
آيات قرآنيہ جي باري ۾...............................
فصل ٻيو...............................................327
حديثن جي باري ۾....................................
باب سترهون...........................................331
مشرڪن جي معبودن جي ڪمزوري..........
باب ارڙهون............................................341
شرڪ کان پناهہ گهرڻ بابت دعائون............

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# ناشر پاران ٻہ اکر

”توحيد رباني“ سنڌ واسين وٽ ٻيهر پيش ڪندي رب ذوالجلال جا بيحد شڪر گذار آهيون، دراصل هي ڪتاب ڪجهہ سال اڳ ڪتابت واري صورتخطي ۾ ڇپرايو ويو هو جيڪو ڇئن جلدن ۾ ڇاپيو ويو هو. هن ڀيري اسان هي ڪتاب ڪمپيوٽرائزڊ خطاطي سان هڪ جلد ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. جيڪو 18 بابن ۽ 67 فصلن تي مشتمل آهي ۽ ڪل 354 صفحن تي مشتمل آهي.

اسان پنهنجي دوستن کي اهو ٻہ ٻڌائڻ چاهيون ٿا تہ ”المرڪز الاسلامي“ پاران شيخ العرب و العجم سيد بديع الدين شاه راشدي رحمه الله جا سمورا ڪتاب سنڌي، اردو ۽ عربي ۾ ڇپائڻ جو عهد ڪيو ويو آهي، شاه صاحب رحمه الله جا سؤ کان وڌيڪ ڪتاب آهن پر انهن مان بحمد الله ڪجهہ ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آهن. انهن مان ”توحيد رباني“ اولين ڪتاب آهي. ان کان پهريائين هن اداري کي سيرت جو جڳ مشهور ڪتاب ”الرحيق المختوم“ جي ڇپائي جو اعزاز حاصل آهي جيڪو پهريون ڀيرو سنڌي زبان ۾ پڌرو ٿيو آهي. فِلله الحمد.

توحيد رباني جي حوالي سان ايترو عرض ڪجي ٿو تہ هن ڪتاب ۾ توحيد جو قرآن ۽ حديث مطابق جيڪو حقيقي تصور آهي ان کي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. ۽ هن ۾ قرآن پاڪ جو آيتون اصل مصحف عثماني مان فوٽو حاصل ڪري شايع ڪيون ويون آهن ۽ ذڪر ٿيل حديثن تي تحقيقي حڪم لڳايا ويا آهن. جيڪي اڪثر امام العصر ناصرالدين الالباني رحمه الله جي عظيم ڪتابن مان نوٽ ڪيا ويا آهن. ۽ اڳين ڪتاب ۾ صورتخطيءَ جون جيڪي غلطيون رهجي ويل هيون انهن کي درست ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جي آخري مرحلي ۾ ڊاڪٽر حبيب الله پٺو جن تمام مفيد انداز ۾ سنڌي ادبي الفاظن سان ڪتاب کي مزين ڪرڻ ۾ ڪافي سهارو عنايت فرمايو.

آخر ۾ آئون پنهنجي مخلص ساٿين ۽ مهربانن جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان جن پنهنجي ڀرپور ڪاوشن سان هن ڪتاب کي توهان قارئين جي سامهون پيش ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. بالخصوص محترم ڀاءُ نصرت الله شاه الراشدي، سيد منور علي شاه،

ڊاڪٽر ذوالفقار تنيو، نوفل شاه رخ، سعود الڪثيري، مطيع الرحمٰن بيگ ۽ فيض محمد سمون قابل سرهاڻ آهن.

ان ڪان علاوه شيخ بديع الدين شاه راشدي رحمه الله جي خطبات جون CD`s بہ تيار ڪرائي رهيا آهيون جن جو جلد افتتاح ڪرايو ويندو. دوستن کي هن ڪار خير ۾ هٿ ونڊائڻ ۽ دل سان دعائن جي درخواست آهي تہ الله تعاليٰ هن رٿا کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ ۾ اسان جو حامي ۽ ناصر ٿئي.

وما توفيقي الا بالله

نياز مند

**مسعود احمد محمد داؤد السندي**

مدير

**المركز الاسلامي للبحوث العلمية**

خميس 11- ربيع الاول 1428هـ بمطابق 20- مارچ 2008ء

# علامہ سيد بديع الدين شاھ راشدي رحمه الله جي حياتيءَ جو مختصر خاڪو

نالو: سيد بديع الدين شاھ
**ڪنيت**: ابو محمد
**ذات**: سيد
**تاريخ پيدائش**: 18 ذوالحجة 1343ھ مطابق 10 جولاءِ 1925ع
**جاءِ پيدائش**: ڳوٺ سيد فضل الله شاھ (پراڻو پير جھنڊو) نزد نئين سعيد آباد، ضلع مٽياري (سابقہ ضلع حيدرآباد)، سنڌ.
**مادري زبان**: سنڌي
**خانداني پس منظر**: علامہ سيد بديع الدين شاھ الراشدي رحمة الله عليه جو سلسلہ نسب هن طرح آهي "سيد بديع الدين شاھ بن سيد احسان الله شاھ بن سيد رشد الله شاھ بن سيد رشيد الدين شاھ بن سيد محمد ياسين شاھ بن سيد راشد شاھ الحسيني.

قاضي فتح محمد نظاماڻي تفسير مفتاح رشد الله ([1]) ۾ سيد راشد شاھ رحمه الله جو شجره نسب جناب امام حسين بن علي بن ابي طالب رضي الله عنهما سان ملايو آهي. اهڙي طرح علامہ سيد بديع الدين شاھ الراشدي پنهنجي چاليهن پشت ۾ جناب امام حسين رضي الله عنه سان ملن ٿا.

جناب سيد راشد شاھ جي اولاد کي راشدي حسيني سڏيو وڃي ٿو، سيد راشد شاھ رحمه الله جي وڏن مان سيد علي مڪي رحمه الله عراق جي شهر ڪاظمين مان هجرت ڪري موجوده ضلع دادو ۾ لڪي شاھ صدر وٽ اچي رهيو، ان جي اولاد کي لڪياري سادات سڏيو وڃي ٿو. راشدي لڪياري سادات مان آهن.

سيد راشد شاھ رحمه الله جي خانداني ۽ ديني جانشيني جي لحاظ کان سندس اولاد ۾ ٻہ سلسلا هليا.

---

[1] - ( 1 / 24 – 27 )

(1) پير پاڳارو خاندان،
(2) پير جهنڊو خاندان.
علامہ سيد بديع الدين شاھہ پير جهنڊو خاندان مان هئا.
پير جهنڊو خاندان جو علمي مقام بلند رهيو آهي، سيد رشيد الدين شاھہ الراشدي رحمه الله کي چوڏهين صدي هجريءَ جو مجدد چيو ويو آهي جنهن سڀ کان پهرين عمل بالحديث کي ترجيح ڏني ۽ تصوف جي بعض غلط مسائل جو رد ڪيو، ان جو فرزند سيد رشدالله شاھہ سيد نذير حسين دهلوي ۽ امام شوڪانيءَ جي تلميذ رشيد علامہ حسين بن محسن الانصاري اليماني جو شاگرد هو، پاڻ حديث جي خدمت ڪئي آهي ۽ مسلڪ اهل حديث جي تائيد ۾ مخالفين جي رد ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن.
**تعليم وتربيت**: علامہ سيد بديع الدين شاھہ الراشدي رحمه الله پنهنجي خانداني مدرسہ "دار الارشاد" ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ شروع ۾ پنهنجي سيد احسان الله شاھہ جي تربيت هيٺ رهيا، سندن والد ماجد تمام محب السنة ۽ متصلب سلفي العقيدة عالم دين هئا. 1938ع ۾ سيد احسان الله الرشدي رحمه الله جن وفات ڪئي ان وقت علامہ السيد بديع الدين شاھہ رحمه الله جي عمر 14، 15 سال هئي.
**اساتذه**: علامہ سيد محب الله شاھہ الراشدي رحمه الله، شيخ محمد اسماعيل بن عبدالخالق سنڌي، شيخ ولي محمد بن محمد عامر ڪيريو، شيخ محمد نور عيسىٰ خيل، شيخ بهاؤ الدين جلال آبادي، شيخ محمد مدني، شيخ عبدالله بن عمر بن عبدالغني ڪڏهري، شيخ محمد خليل بن محمد سليم.
**سند اجازه**: تعليم حاصل ڪرڻ بعد علامہ سيد بديع الدين شاھہ الراشدي رحمه الله هيٺين عالمن کان سند اجازه حاصل ڪئي.
علامہ ابو الوفاء ثناءُ الله امرتسري.
شيخ حافظ عبدالله روپڙي امرتسري.
محدث ابو سعيد شرف الدين الدهلوي.
شيخ محدث ابو اسحاق نيڪ محمد.
شيخ محدث ابو محمد عبدالحق بهاول پوري، رحمة الله عليهم اجمعين.
**قوت حافظہ**: الله تعالىٰ شاھہ صاحب رحمه الله کي وڏي قوت حافظي سان نوازيو هو، پاڻ ٽن مهينن ۾ قرآن مجيد حفظ ڪيائون ۽ بي شمار حديثن جو حافظ ۽ لاتعداد ڪتب جا صفحات تحت استحضار هئا، ڪاتبن کي املاء ڪرائڻ وقت لڳندو هو تہ ڄڻ پاڻ مڪتبة راشدية جا حافظ آهن.

**ان وقت جا سنڌ جا سياسي ۽ مذهبي حالات:** شاهہ صاحب جي ابتدائي دور ۾ برصغير ۾ برطانوي تسلط هو. انگريز استعمار جي معروف نسخہ وڙهايو ۽ حڪومت ڪريو ان جي ڪري سنڌ تي انگريزن جا نمڪ خوار پير ۽ جاگيردار مسلط هئا. شرڪ، تصوف ۽ تقليد جو راڄ هو، عمل بالقرآن والحديث ۽ سلفيت جو پري پري تائين نالو ۽ نشان ئي نہ هو. عقيده توحيد ۽ عمل بالحديث جي دعوت ڏيڻ ۽ شرڪ ۽ تقليد جو رد ڪرڻ موت کي للڪارڻ جي برابر هو.

*-*-*

## علامہ سيد بديع الدين شاهہ راشدي ﷫ جا ڪارناما

## دعوت توحيد ورد شرڪ وبدعت

متي ذڪر ڪيل ماحول ۾ شاهہ صاحب﷫ سنڌ ۾ ڪم شروع ڪيو. اهو وقت هو جڏهن سنڌ ۾ جماعت اهل حديث جي هڪ بہ مسجد نہ هئي جڏهن تہ وفات وقت سنڌ جي زير نظم 800 مساجد جماعت اهل حديث جو هيون. اهو سڀ ڪجهہ الله تعالىٰ جي فضل وڪرم ۽ پوءِ شاهہ صاحب﷫ جي جدوجهد جو نتيجو هو. شاهہ صاحب﷫ توحيد وسنت جي دعوت وتبليغ لاءِ درج ذيل طريقا اختيار ڪيا.

(1) **خطابت:** شاهہ صاحب﷫ تمام ڪامياب خطيب هئا، سنڌي اردو ۽ عربي زبان ۾ ڪين خطابت تي برابر قدرت حاصل هئي، شاهہ صاحب﷫ جي تقرير جو اهم موضوع توحيد ۽ رد شرڪ وبدعت ۽ اتباع السنة ۽ رد تقليد هئا. پنهنجي ڀرپور جوانيءَ جي دور ۾ شاهہ صاحب﷫ 3 کان 4 ڪلاڪن تائين تقرير ڪندا هئا ۽ قرآن ڪي تمام مني ۽ سوز وگذار واري انداز سان پڙهندا هئا. سندن تقرير تي بہ استدلال ومناظر جو انداز غالب هو، ماڻهون ڪڏهن بہ سندن تقرير مان بيزار نہ ٿيندا هئا، شاهہ صاحب﷫ جن حرمين شريفين ۾ ڪيترائي سال رهيا، بيت الله شريف ۾ روزانہ درس ڏيندا هئا، اتي اردو ۽ سنڌيءَ ۾ بہ تقريرون ٿينديون هيون.

(2) **مناظره:** شاهہ صاحب﷫ جنهن ماحول ۾ سنڌ ۾ ڪم شروع ڪيو اتي مخالفت ۽ مناظره ٿيڻ لازمي امر هيو. شاهہ صاحب﷫ اثبات حق ۽ رد باطل لاءِ ڪيترائي مناظره ڪيا رموز راشديہ ۾ شاهہ صاحب جي ڪيترن ئي مناظرن جو تفصيل آيل آهي، ان کان سواءِ شاهہ صاحب﷫ جن تحريري مناظره بہ ڪيا جن مان ڪي ڇپيل تہ ڪي اڻ ڇپيل آهن.

(3) **تاليف وتصنيف:** توحيد وسنت جي دعوت عام ڪرڻ لاءِ شاهہ صاحب ﷫ جن سنڌي، اردو ۽ عربي زبان ۾ 150 جي قريب ڪتاب لکيا آهن سندن تصانيف مان قرآن مجيد جو

تفسير "بديع التفاسير" هڪ عظيم خدمت آهي، هي تفسير قرآن مجيد جي سورة الحجر جي ابتدائي آيتن تائين لکجي سگهيو آهي. بديع التفاسير ۾ عقيده سلف ۽ اتباع السنة جي دعوت ۽ دفاع جو بهترين ڪارنامو آهي، مسئله استواء علي العرش جي موضوع تي اردو زبان ۾ توحيد خالص جي نالي سان هڪ زبردست تصنيف آهي، مسئله استواء تي اهڙي انداز سان شايد تاريخ اسلام ۾ ڪو ڪتاب نہ لکيو ويو هجي.

عربي زبان ۾ قرآن مجيد جي هر آيت مان توحيد باري تعالىٰ لاءِ استدلال ڪندي تفسير جلالين واري انداز تي مختصر تفسير لکڻ شروع ڪيو هئائون جيڪو ابتدائي سورتن تائين ٿي سگهيو، سنڌي زبان ۾ "توحيد رباني يعني سچي مسلماني" جي نالي سان عقيده توحيد کي عام فهم انداز سان سمجهائڻ لاءِ ڪتاب لکيو اٿن.

(4) تدريس: شاهہ صاحب ﷫ ابتداء ۾ پنهنجي مدرسي "مدرسہ محمديہ" ۾ پڙهايو 1974ع کان 1978ع تائين مڪة المڪرمہ ۾ قيام ڪيائون اتي حرم شريف ۾ حديث ۽ تفسير جا ڪتاب پڙهائيندا هئا جتي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان بي شمار طلبہ وعلماء اچي ڪائنس استفاده ڪيو، ان سان گڏ ڪجهہ وقت اتي پاڻ "دار الحديث الخيرية" ۾ مدرس رهيا، پاڪستان واپس اچڻ بعد بہ ملڪ ۽ ٻاهر ملڪ مان بي شمار طالب علمن اچي استفادو ڪيو ان ڪري کين "شيخ العرب والعجم" جي لقب سان سڏيو ويجي ٿو.

سندن شاگردن دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ توحيد وسنت جي دعوت عام ڪئي، سندن شاگردن جو تعداد شمار کان مٿي آهي، علامہ مقبل بن هادي الوادعي، شيخ عاصم عبدالله القريوتي، شيخ حسن حيدر يمني، شيخ حمدي عبدالمجيد السلفي، شيخ ربيع بن هادي المدخلي، شيخ وصي الله عباس الهندي، شيخ شمس الدين إفغاني، شيخ ارشاد الحق الاثري، شيخ حافظ زبير علي زئي، شيخ صلاح الدين مقبول احمد، شيخ عبدالله ناصر، حافظ مطيع الرحمٰن، شيخ يعقوب هوساوي، شيخ محمد حسين ظاهري، جن شاهہ صاحب ﷫ جن جي شاگردن مان آهن.

**شاهہ صاحب﷫ اهل علم جي نظر ۾**: "عرب وعجم جناب علامہ شاهہ صاحب﷫ جي علمي ثقاهت وفقاهت ۽ منهج سليم جا متعرف هئا، بلاشڪ پاڻ پنهنجي وقت جي سلفيت جا امام هئا، سندس معاصرين مان بعض علماء جا تاثرات نقل ڪجن ٿا.

(1) امام ابو القاسم سيف بنارسي چوي ٿو: راس المحقيقن العلامة.

(2) ڊڪتور عبدالمحسن المنيف چئي ٿو: العلامة المحدث المفسر.

(3) شيخ عاصم القريوتي چوي ٿو: شيخنا العلامة.

(4) **امام شمس الدين افغاني**: الشيخ الاجل الوالد العزيز المحدث البديع ابو السلفيين قاطع اعناق اهل الشرك والبدع.

(5) **شيخ عطاء الله ثاقب مترجم فتح المجيد شرح كتاب التوحيد كين هيٺين القابن سان ياد ڪري ٿو.**

ناصر السنة النبوية والعقيدة السلفية قامع البدعة، المجاهد لاعلاءكلمة الله الصلب في السنة، الملازم للعبادة العالم الفاضل المحدث الفقيه رئيس المحققين العلامة الشيخ ( **هداية المستفيد اردو ترجمہ فتح المجيد** ج/1 )

**مڪتبة راشدية جو قيام**: شاهہ صاحب رحمه الله **ڪي مطالعہ ڪتب جو شوق تہ ورثي ۾ ئي مليو هو**، سندن ڏاڏي علامہ سيد رشدالله شاهہ راشدي رحمه الله **باقاعده مڪتبہ جو بنياد وڌو هو جنهن ۾ بي شمار نادر وناياب قلمي ڪتب موجود هئا، مذڪوره مڪتبہ جو هڪ حصو نيشنل ميوزيم ڪراچي ڪي هٿ لڳو جنهن ۾ قلمي نسخا** 1200 **جي تعداد ۾ هئا.**

شاهہ صاحب رحمه الله **جي والد ماجد علامہ سيد احسان الله شاهہ** رحمه الله **ڪي ڪتب جمع ڪرڻ جو وڏو شوق هو ۽ پاڻ بہ بي شمار مخطوط ۽ مطبوع ڪتب جمع ڪيا، شاهہ صاحب** رحمه الله **ڪي پنهنجي خانداني مڪتبہ مان ڪجهہ ڪتاب مليا هئا، ان ڪان پوءِ شاهہ صاحب** رحمه الله **سڄي زندگي پيٽ تي پٿر ٻڌي بہ ڪتاب جمع ڪيا ۽ سندن زندگيءَ جي اها ئي پونجي آهي، مڪتبہ پاڻ وقف ڪري ويا جنهن ۾ مختلف علوم وفنون تي هزارن جي تعداد ۾ مخطوط ومطبوع جو ذخيرو موجود آهي. مڪتبہ راشديه جي جديد تعمير بحمد الله تعاليٰ مڪتبه جي نئين بلڊنگ مڪمل تيار ٿي رهي آهي. ان شاءَ الله جنهن ۾ جديد طرز تي سيٽنگ ڪئي ويندي ۽ ڪمپيوٽرائزڊ بہ ڪيو ويندو. مستقبل جا پروگرام مدرسه جي از سر تعمير نو، مدرسه اللبنات ۽ جامع راشديه** RASHDIA UNIVERSTY **بہ زير غور آهي.ان شاءَ الله تعاليٰ.**

**جميعت اهل حديث جي تاسيس سنڌ ۾**: **منتشر جماعت اهل حديث جي افراد ڪي هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪرڻ لاءِ جميعت اهل حديث سنڌ قائم ڪيائون، جنهن جا پاڻ تاحيات امير رهيا، مقصد توحيد وسنت جي دعوت عام ڪرڻ ۽ جماعت جي افراد ۾ ربط پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي مسائل ڪي منهن ڏيڻ لاءِ قوت جمع ڪرڻ هو.**

*-*-*

## سالاني سيرت النبي ﷺ ڪانفرنس

نيو سعيد آباد ۾ هر سال سيرت النبي ﷺ ڪانفرنس جي نالي سان ٽي روزه جلسو ڪرائيندا هئا جنهن ۾ سنڌ جي هر پاسي کان اهلحديث شرڪت ڪندا هئا، ۽ سڄي ملڪ مان جيد علماء ڪرام شريڪ ٿيندا هئا. بحمدالله جدامجد جي قائم ڪيل سيرت ڪانفرنس تا حال عظيم الشان انداز ۾ جاري و ساري آهي ۽ جد امجد جي صدقہ جاريہ ۾ اضافو ٿيندو رهندو. ان شاءَ الله تعاليٰ 26 سالانہ ڪانفرنس جي موقعي تي المڪتبة الراشدية جي طرفان توحيد رباني جو عظيم تحفو جماعتي احبابن لاءِ پيش ڪيو وڃي ٿو. ان شاءَ الله تعاليٰ. محترم حافظ مسعود احمد سنڌي ۽ المرڪز السلامي جي تعاون جو دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪيو وڃي ٿو.

(اللّٰهم زد فزد. آمين)

## جماعت اهل حديث سان محبت

شاهہ صاحب رحمه الله ڪي جماعت اهلحديث سان وڏي محبت هئي، پاڻ پنهنجو مال ۽ عمر راه دين ۾ خرچ ڪري ڇڏيائون، جماعت جي هر فرد جا زبردست خيرخواه هوندا هئا، هر شخص سمجهندو هو تہ شاهہ صاحب رحمه الله بين کان وڌيڪ مون سان محبت ڪن ٿا، وڏا مهمان نواز هئا، جماعت جي ڏک سک ۾ هميشہ گڏ هوندا هئا.

**وفات:** شاهہ صاحب رحمه الله کي آخر ۾ هڪ دفعو سخت بخار آيو جيڪو ٿورو وقت هليو پر ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ بچڻ مشڪل آهي پر رب تعاليٰ شفا ڏني ۽ ڊاڪٽر حيران رهجي ويا، ان کان ڪجهہ عرصو پوءِ ڪابي ٻانهن ۾ سور پيدا ٿيو، جنهن جو ڪيترن ئي ماهر ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو ويو پر صحيح تشخيص نہ ٿي سگهي ۽ نہ فائدو ٿيو، آخر 8 جنوري 1996ع جي رات جو عشاء نماز بعد موسيٰ لين لياري ڪراچي ۾ دم ڏٽي حوالي ڪيائون، 9 جنوري قريہ پير جهنڊو لڳ نيو سعيد آباد ۾ سندن والد ماجد ۽ برادر اڪبر علامہ محب الله شاهہ راشدي عليهما جي پير ۾ دفن ڪيا ويا. اللهم اغفر له وارحمه وعافه واعف عنه. آمين

*-*-*

# مُقَدِّمَة

بيحد تعريفون الله وحده لا شريڪ له لاءِ آهن جنهن پنهنجن ٻانهن کي توحيد جي نعمت سان نوازيو ۽ پنهنجو در ڏيکاري ٻين درگاهن کان بي نياز بنايو. بي شمار صلاتون ۽ سلام سندس مقدس رسول الله ﷺ تي جنهن خلق کي ان ڏانهن رستو ونايو ۽ طاغوتن ۽ بتن جي غلاميءَ کان آزاد ڪرايو ۽ ان جي اولاد ۽ احفاد تي جن سندس نسب تي نه، پر دعوت حق تي فخر ڪيو ۽ گهرگهر پهچايو ۽ سندس اصحابن سڀني تي جن شرڪ جي قلعن تي هيڪڙائي جو جهنڊولهرايو.رب انهن کان راضي ۽ هو ڪائنس راضي.اهڙن لاءِ مولا بهشت بنايو.

امابعد! مسلمانو! توحيد اسلام جو بنيادي ۽ اولين مسئلو ۽ سيني نيڪين جومنڍ آهي . الله تعالىٰ جا سيئي انبياء سڳورا عليهم الصلوٰة والسلام اها تعليم کڻي آيا :

(1) ﴿وَمَآ أَرۡسَلۡنَا مِن قَبۡلِكَ مِن رَّسُولٍ إِلَّا نُوحِيٓ إِلَيۡهِ أَنَّهُۥ لَآ إِلَٰهَ إِلَّآ أَنَا۠ فَٱعۡبُدُونِ ﴿٢٥﴾﴾

( الأنبياء )

”اي نبي (ﷺ) تو کان پهريائين جيڪي به رسول موڪليا ويا آهن. هر هڪ ڏانهن اهو پيغام موڪليون سون ته مونکان سواءِ ٻيو ڪو معبود ناهي تنهنڪري منهنجي بندگي ڪريو .“

﴿ وَلَقَدۡ بَعَثۡنَا فِي كُلِّ أُمَّةٍ رَّسُولًا أَنِ ٱعۡبُدُواْ ٱللَّهَ وَٱجۡتَنِبُواْ ٱلطَّٰغُوتَۖ . . . ﴿٣٦﴾﴾ ( النحل )

”اسان هر هڪ جماعت ۾ پيغمبر موڪليو ته هڪ الله جي بندگي ڪريو ۽ طاغوت کان پاسو ڪريو.“

﴿وَلَقَدۡ أُوحِيَ إِلَيۡكَ وَإِلَى ٱلَّذِينَ مِن قَبۡلِكَ لَئِنۡ أَشۡرَكۡتَ لَيَحۡبَطَنَّ عَمَلُكَ وَلَتَكُونَنَّ مِنَ ٱلۡخَٰسِرِينَ ﴿٦٥﴾﴾

( الزمر )

”تو ڏانهن ۽ توکان اڳين رسولن ڏانهن اهو پيغام موڪليو ويو ته جيڪڏهن تون شرڪ ڪندين ته تنهنجو عمل برباد ٿي ويندو ۽ تون خساري وارن مان ٿي ويندين .“

۽ انهيءَ توحيد جي خاطر الله تعالىٰ جي نبين سڳورن ۽ سندن پوئلڳن کي طرح طرح جون تڪليفون پهتيون. جن جا قصا قرآن ۽ حديث ۾ مذڪور آهن مگر افسوس جو

علمي دور جي انحطاط ۽ جهالت جي غلبي جي ڪري ڪيترائي ماڻهو توحيد کان بي خبر ۽ شرڪ جي ڪيترن ئي قسمن ۾ گرفتار آهن.

خاص طرح اسان جي سنڌ جي علائقي ۾ توحيد کان گهڻي بي خبري آهي. هڪ طرف پيري مريدي جي چنگل توحيد کي انهن کان اوجهل ڪيو ۽ ٻي طرف علماءِ سوءَ جي تقريرن وڌيڪ انهن کي دور ڪيو . بلڪ ڪيترن شرڪ جي ڪمن کي عين اسلام سمجهڻ لڳا .

انهيءَ حالت کي ڏسي دوستن ۽ جماعتين جي اصرار ۽ باربار چوڻ تي هي ڪتاب بنام "<u>تــوحيــد ربانــي</u>" يعني **"<u>سچي مسلماني</u>"** لکڻ شروع ڪيو ويو ۽ رب ڪريم جي در تي سوالي آهيان تہ ان کي خير خوبي سان اختتام تي پهچائي ۽ ان کي مقبول عام ۽ خلق جي هدايت ۽ رهنمائي جو سبب بنائي (آمين)

پڑهندڙن جي سهولت خاطر توحيد جا مسئلا بابن ۽ فصلن ۾ ورهايا ويا آهن

﴿ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّآ إِنَّكَ أَنتَ ٱلسَّمِيعُ ٱلْعَلِيمُ ﴿١٢٧﴾ ﴾ ( البقرة )

الشريف ابو محمّد بديع الدين شاهہ الراشدي الحسيني.

*-*-*

## باب پهريون

## توحيد ۽ شرڪ جي معنیٰ ۽ مراد

هن باب ۾ ٻہ فصل آهن .

## فصل پهريون توحيد جي باري ۾

تاج العروس ۾ آهي تہ:

وَحَّدَه تَوْحِيداً : جعَلَه وَاحِداً وكذا أَحَّدَهُ كما يُقَال ثَنَّاهُ وثَلَّثَه قال ابنُ سِيده : ويطَّرِدُ إِلى العَشَرَة عن الشيبانيّ . ورجُلٌ وَحَدٌ وأَحَدٌ مُحَرَّكتينِ ووَحِدٌ ككَتِفٍ ووَحِيدٌ كأَميرٍ ووَحْدٌ : كعَدْلٍ ومُتَوَحِّدٌ أَي مُنْفَرِدٌ ورَجُلٌ وَحِيدٌ : لا أَحَدَ مَعَه يُؤْنِسُه. (1)

”يعني ڪنهن بہ شيءِ کي اڪيلو يا منفرد چوڻ يا سمجهڻ جيئن وحده توحيداً بمعنٰي ان کي اڪيلو ڪيائين يا سمجهيائين.“

لغت جي مشهور ڪتاب لسان العرب ۾ آهي تہ :

والتوحيد الإِيمان بالله وحده لا شريك له والله الواحِدُ الأَحَدُ ذو الوحدانية والتوحُّدِ ابن سـيده والله الأَوحدُ والمُتَوَحِّدُ وذُو الوحْدانية ومن صفاته الواحد الأَحد قال أَبو منصور وغيره الفرق بينهما أَن الأَحد بـني لنفي ما يذكر معه من العدد تقول ما جاءَني أَحد والواحد اسم بني لِمُفْتَتَح العدد تقول جاءني واحد من الناس ولا تقول جاءني أَحد فالواحد منفرد بالذات في عدم المثل والنظير والأَحد منفرد بالمعنى وقيل الواحد هو الذي لا يتجزأُ ولا يثنى ولا يقبل الانقسام ولا نظير له ولا مثل ولا يجمع هذين الوصفين إِلا الله عز وجل وقال ابـن الأَثير في أَسماء الله تعالى الواحد قال هو الفرد الذي لم يزل وحده ولم يكن معه آخر قال الأَزهري وأَما اسم الله عز وجل أَحد فإِنه لا يوصف شيء بالأَحدية غيره لا يقال رجل أَحَد ولا درهم أَحَد كما يقال رجل وحَـدٌ أَي فرد لأَن أَحداً صفة من صفات الله عز وجل التي استخلصها لنفسه ولا يشركه فيها شيء وليس كقولـك الله واحد وهذا شيء واحد ولا يقال شيء أَحد (2)

”يعني توحيد جي معنیٰ آهي الله تعالیٰ جي لاءِ اڪيلي ۽ لا شريڪ لہ جو يقين رکڻ ۽ الله اڪيلو آهي ۽ اڪيلائي ان جي صفت آهي ۽ ان جي صفات مان واحد ۽ احد بہ آهي. مگر احد الله کان سواءِ ٻئي لاءِ استعمال نہ ٿيندو. چو تہ ان جي معنیٰ آهي تہ پهريون

1- تاج العروس شرح القاموس ( 2 / 535 )

2- لسان العرب ( 3 / 446 )

هڪڙو. پر واحد ڪنهن ٻئي شيءِ لاءِ صفت طور چئي سگهجي ٿو . جيئن فلاڻو ماڻهو هڪ آهي يا مون وٽ فلاڻي شيءِ هڪ آهي اگرچه بعض اهل لغت ان کان به روڪين ٿا ۽ الله جي لاءِ واحد جي معنىٰ ته ورهاڱي ۽ مثال ۽ نظير کان پاڪ آهي ۽ واحد الله جي اسماءَ (نالن) مان به آهي . ان جو مطلب ته هو اڪيلو هميشه کان آهي ٻيو ڪو هن سان شريڪ نه آهي ۽ انهيءَ طرح لغت جي ٻين ڪتابن المفردات في غريب القرآن للأصفهاني ۽ النهاية في غريب الحديث لإبن الأثير ۽ مجمع بحار الأنوار للفني وغيره ۾ آهي .

*-*-*

## فصل ٻيو

# شرڪ جي باري ۾

الشِّرْكَةُ والشَّرِكة سواء مخالطة الشريكين يقال اشترَكنا بمعنى تَشارَكنا وقد اشترك الرجلان وتَشارَكا وشارَك أَحدُهما الآخر :

شاركت فلاناً صرت شريكه واشْتركنا وتَشاركنا في كذا وشَرِكْتُه في البيع والميراث أَشْرَكُه شَرِكةً والإسم الشِّرْك. ([1])

"يعني شرڪ جي معنىٰ آهي ڀائيوار ٿيڻ واپار ۾ خواهه ميراث ۾ شرڪ ڪرڻ جي معنىٰ ٻئي سان ڀائيواري ڪرڻ . مشارڪت جي معنىٰ شريڪ ٿيڻ. وري اڳتي لکي ٿو."

وأَشْرَك بالله جعل له شَريكاً في ملكه تعالى الله عن ذلك والإسم الشِّرْكُ قال الله تعالى حكاية عن عبده لقمان أنه قال لإبنه : ﴿ يَٰبُنَيَّ لَا تُشۡرِكۡ بِٱللَّهِۖ إِنَّ ٱلشِّرۡكَ لَظُلۡمٌ عَظِيمٞ ﴾ و الشِّرْكُ أَن يجعل لله شريكاً في رُبوبيته تعالى الله عن الشُّرَكاء والأَنداد وإِنما دخلت التاء في قوله لا تشرك بالله لأن معناه لا تَعْدِلْ به غيره فتجعله شريكاً له وكذلك قوله تعالى : ﴿ وَأَن تُشۡرِكُواْ بِٱللَّهِ مَا لَمۡ يُنَزِّلۡ بِهِۦ سُلۡطَٰنٗا ﴾ لأَن معناه عَدَلُوا به ومن عَدَلَ به شيئاً من خَلقه فهو كافرٌ مُشرِك لأَن الله وحده لا شريكَ له ولا نِدَّ له ولا نَديدَ وقال أَبو العباس في قوله تعالى : ﴿ وَٱلَّذِينَ هُم بِهِۦ مُشۡرِكُونَ ﴾ معناه الذين هم صاروا مشركين بطاعتهم للشيطان. ([2])

"يعني الله سان شرڪ ڪرڻ هيءُ آهي جو ان جي بادشاهت ۽ ربوبيت ۾ ڪنهن مخلوق کي ساڻس ڀائيوار ڪيو وڃي يا ڪنهن مخلوق کي ان جي برابر سمجهيو وڃي ان طرح ڪندڙ ڪافر ۽ مشرڪ آهن . ڇو ته الله تعالىٰ اڪيلو آهي ان جو ڪو ڀائيوار نه آهي

---

[1]- لسان العرب ( 10 / 448 )

[2]- لسان العرب ( 10 / 449 )

۽ نہ کو ان جھڙو ئي آھي ۽ آيت ﴿وَٱلَّذِينَ هُم بِهِۦ مُشۡرِكُونَ ١٠٠﴾ (النحل) جو مطلب آھي تہ شيطان جي اطاعت ڪري الله سان ڀائيوار بنائڻ.“

امام ابن قتيبہ فرمائي ٿو:

والشرك في اللغة مصدر شركة في الامر اشركه وفي الحديث ان معاذ أجاز بين اهل اليمن الشرك يراد في المزراعة ان يشترك فيها رجلان او ثلاثة . فكان الشرك بالله هو ان يجعل له شريك قال : ﴿ وَمَا يُؤۡمِنُ أَكۡثَرُهُم بِٱللَّهِ إِلَّا وَهُم مُّشۡرِكُونَ ﴾. ([1])

”شرڪ مصدر آھي ان جي لغوي معنىٰ آھي معاملات ۾ کيتي وغيره ۾ ڀائيواري تنھن ڪري الله سان شرڪ جو مطلب ھي آھي جو ان سان ڪنھن کي ڀائيوار بنايو وڃي . جيئن قرآن ۾ آھي تہ اڪثر الله کي مڃڻ وارا ان سان ڀائيوار ڪندا آھن.“

امام راغب فرمائي ٿو:

وشرك الانسان في الدين ضربان.أحدهما : الشرك العظيم وهو إثبات شريك لله تعالى ، يقال أشــرك فلان بالله وذلك أعظم كفر ، قال ﴿ إِنَّ ٱللَّهَ لَا يَغۡفِرُ أَن يُشۡرَكَ بِهِۦ ﴾ وقال ﴿وَمَن يُشۡرِكۡ بِٱللَّهِ فَقَدۡ ضَلَّ ضَلَٰلَۢا بَعِيدًا ﴾، ﴿ مَن يُشۡرِكۡ بِٱللَّهِ فَقَدۡ حَرَّمَ ٱللَّهُ عَلَيۡهِ ٱلۡجَنَّةَ ﴾، ﴿يُبَايِعۡنَكَ عَلَىٰٓ أَن لَّا يُشۡرِكۡنَ بِٱللَّهِ شَيۡـٔٗا ﴾ ﴿ سَيَقُولُ ٱلَّذِينَ أَشۡرَكُواْ لَوۡ شَآءَ ٱللَّهُ مَآ أَشۡرَكۡنَا ﴾

والثاني : الشرك الصغير وهو مراعاة غير الله معه في بعض الامور وهو الرياء والنفاق. ([2])

”دين ۾ شرڪ ٻن قسمن جو آھي. ھڪ وڏو شرڪ يعني ان جي ذات ۾ صفت ۾ ڪنھن مخلوق کي ڀائيوار ڪرڻ . اھو وڏو ڪفر ۽ گمراھي آھي جنھن لاءِ ڪا بہ مغفرت نہ آھي ۽ اھڙي مشرڪ لاءِ بھشت حرام ڪيو ويو آھي ۽ انھيءَ شرڪ کان توبہ ڪرڻ لاءِ رسول الله ﷺ جن بيعت ورتي آھي ۽ ٻيو قسم رياءَ آھي جنھن کي ننڍو شرڪ چيو ويو آھي. يعني تہ ڪنھن بہ عمل ۾ ڪنھن مخلوق جي خوشنوديءَ جي نيت ھجي يا ڏيکارڻ يا ٻڌائڻ لاءِ ڪيو وڃي.“ الحاصل شرڪ ھي آھي تہ الله جي ذات مقدس يا ان جي ڪنھن بہ صفت سڳوريءَ ۾سواءِ ڪنھن بہ مخلوق فرشتي يا نبي يا ولي جيئري يا مئي يا ڪنھن بہ شيءِ کي ان سان شريڪ ۽ ڀائيوار ڪجي يا سمجھيو وڃي . ۽ انھيءَ کان خالي ۽ صاف ٿيڻ جو نالو توحيد آھي . – و بالله تعالى التوفيق –

---

[1]- تفسير غرائب القرآن ( 27 )

[2]- المفردات في غريب القرآن للأصفهاني ( 1 / 259-260 )

**باب ٻيو**

**توحيد جي پلائي**

**هن باب ۾ ٻه فصل آهن.**

## فصل پهريون

## آيات قرآني جي ذڪر ۾

(1) ﴿لَآ إِكۡرَاهَ فِي ٱلدِّينِۖ قَد تَّبَيَّنَ ٱلرُّشۡدُ مِنَ ٱلۡغَيِّۚ فَمَن يَكۡفُرۡ بِٱلطَّٰغُوتِ وَيُؤۡمِنۢ بِٱللَّهِ فَقَدِ ٱسۡتَمۡسَكَ بِٱلۡعُرۡوَةِ ٱلۡوُثۡقَىٰ لَا ٱنفِصَامَ لَهَاۗ وَٱللَّهُ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴿٢٥٦﴾﴾ ( البقرة )

”دين جي سمجهائڻ ۾ ڪا زبردستي ڪانهي ڇوته هدايت گمراهي ڪان ظاهر ٿي چڪي آهي . پوءِ جنهن شخص طاغوت جو انڪار ڪيو هڪ الله ڪي مڃيائين ته ان اهڙي مضبوط ڪڙي (سهاري) ڪي جهليو جنهن لاءِ ٽٽڻ نه آهي ۽ الله ٻڌندڙجاڻندڙ آهي.“

(2) ﴿إِنَّ ٱلَّذِينَ هُم مِّنۡ خَشۡيَةِ رَبِّهِم مُّشۡفِقُونَ ﴿٥٧﴾ وَٱلَّذِينَ هُم بِـَٔايَٰتِ رَبِّهِمۡ يُؤۡمِنُونَ ﴿٥٨﴾ وَٱلَّذِينَ هُم بِرَبِّهِمۡ لَا يُشۡرِكُونَ ﴿٥٩﴾ وَٱلَّذِينَ يُؤۡتُونَ مَآ ءَاتَواْ وَّقُلُوبُهُمۡ وَجِلَةٌ أَنَّهُمۡ إِلَىٰ رَبِّهِمۡ رَٰجِعُونَ ﴿٦٠﴾ أُوْلَٰٓئِكَ يُسَٰرِعُونَ فِي ٱلۡخَيۡرَٰتِ وَهُمۡ لَهَا سَٰبِقُونَ ﴿٦١﴾﴾ ( المؤمنون )

”جيڪي شخص پنهنجي رب ڪان ڊڄندا رهن ٿا ۽ ان جي آيتن تي پورو يقين رکن ٿا ۽ پنهنجي رب سان ڪنهن ڪي شريڪ نه ٿا ڪن ۽ جو ڪجهه ٻه (جان ومال) ان جي راهه ۾ ڏين ٿا ان هوندي ٻه انهن جون دليون ڏڪنديون رهن ٿيون جو انهيءَ (فيصلي لاءِ) سندن رب ڏانهن موٽندڙ آهن . اهي ئي چڱاين ۽ ڀلاين جي حاصل ڪرڻ ۾ جلدي ڪندڙ آهن ۽ انهن ڏانهن اڳرائي ڪندڙ آهن.“

(3) ﴿وَٱلَّذِينَ ٱجۡتَنَبُواْ ٱلطَّٰغُوتَ أَن يَعۡبُدُوهَا وَأَنَابُوٓاْ إِلَى ٱللَّهِ لَهُمُ ٱلۡبُشۡرَىٰۚ فَبَشِّرۡ عِبَادِ ﴿١٧﴾ ٱلَّذِينَ يَسۡتَمِعُونَ ٱلۡقَوۡلَ فَيَتَّبِعُونَ أَحۡسَنَهُۥٓۚ أُوْلَٰٓئِكَ ٱلَّذِينَ هَدَىٰهُمُ ٱللَّهُۖ وَأُوْلَٰٓئِكَ هُمۡ أُوْلُواْ ٱلۡأَلۡبَٰبِ ﴿١٨﴾﴾ ( الزمر )

”۽ جيڪي شخص طاغوت جي پوڄا ڪان پاسو ڪري هڪڙي الله جي طرف موٽيا انهن لاءِ خوشخبري آهي پوءِ تون (اي نبي ﷺ) منهنجي انهن ٻانهن کي خوشخبري ڏي جيڪي ڳالهيون ٻڌن ۽ ان مان سهڻي ڳالهه جي پويان لڳن ٿا . اهي ئي آهن جن ڪي الله تعالىٰ هدايت جي رستي تي لڳايو ۽ اهي ئي عقل وارا آهن .

ناظرين: سهڻو قول وحي الٰهي آهي جيئن ته مٿين آيتن ڪان ٿورو اڳتي الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

﴿ٱللَّهُ نَزَّلَ أَحۡسَنَ ٱلۡحَدِيثِ كِتَٰبٗا ﴿٢٣﴾﴾ ( الزمر )

**”الله تعالىٰ سهڻي ڳالهہ يعني ڪتاب کي نازل فرمايو.“**

**يعني ” قرآن“ ۽ حديث جيڪا ان جي تفسير آهي ٻئي الله کان لٿل آهن. ارشاد آهي تہ :**

﴿وَأَنزَلَ ٱللَّهُ عَلَيۡكَ ٱلۡكِتَٰبَ وَٱلۡحِكۡمَةَ ﴿١١٣﴾﴾ ( النساء )

**”۽ الله تعالىٰ تو ڏانهن (اي نبي ﷺ) ڪتاب ۽ حڪمت کي لاٿو.“**

**۽ ”حافظ ابن ڪثير “ فرمائي ٿو :**

**( وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ ) يعني : القرآن ( وَالْحِكْمَةَ ) يعني : السنة ، قاله الحسن ، و قتادة ، و مقاتل بن حيان ، و أبو مالك وغيرهم. ([1])**

**”ڪتاب مان مراد قرآن ڪريم ۽ حڪمت مان مراد حديث شريف آهي . ان طرح حسن بصري، قتادة، مقاتل، ابن حيان، ۽ ابو مالڪ، وغيرهم . سلف الصاحين کان منقول آهي.“**

**يعني تہ سهڻي ڳالهہ جنهن کي ونڻ جو اسان کي حڪم آهي سا قرآن ۽ حديث يا انهن جي موافق ڳالهہ. هن آيت مان ثابت ٿيو تہ صاحب هدايت ۽ عقل وارا اهي آهن جيڪي توحيد وارا آهن .**

(4) ﴿إِنَّ ٱلَّذِينَ قَالُواْ رَبُّنَا ٱللَّهُ ثُمَّ ٱسۡتَقَٰمُواْ تَتَنَزَّلُ عَلَيۡهِمُ ٱلۡمَلَٰٓئِكَةُ أَلَّا تَخَافُواْ وَلَا تَحۡزَنُواْ وَأَبۡشِرُواْ بِٱلۡجَنَّةِ ٱلَّتِي كُنتُمۡ تُوعَدُونَ ﴿٣٠﴾ نَحۡنُ أَوۡلِيَآؤُكُمۡ فِي ٱلۡحَيَوٰةِ ٱلدُّنۡيَا وَفِي ٱلۡأٓخِرَةِۖ وَلَكُمۡ فِيهَا مَا تَشۡتَهِيٓ أَنفُسُكُمۡ وَلَكُمۡ فِيهَا مَا تَدَّعُونَ ﴿٣١﴾ نُزُلٗا مِّنۡ غَفُورٖ رَّحِيمٖ ﴿٣٢﴾﴾ ( فصلت )

**”تحقيق اهي شخص جن اقرار ڪيو تہ اسان جو پالڻهار الله آهي ۽ ان عقيدي تي قائم رهيا (وفات وقت) الله جا فرشتا لهندا (۽ چوندا) نہ خوف ڪريو نہ غم ڪريو . ۽ ان بهشت جي بشارت سان خوش ٿيو جنهن لاءِ اوهان واعدو ڏنا ويا هئا . دنيا ۽ آخرت ۾ اسين اوهان جا دوست آهيون ۽ ان بهشت ۾ اوهان لاءِ اهي نعمتون آهن جيڪي اوهين طلب ڪندؤ . (توهان لاءِ) بخشيندڙ ۽ مهربان جي مهماني آهي.“**

(5) ﴿إِنَّ ٱلَّذِينَ قَالُواْ رَبُّنَا ٱللَّهُ ثُمَّ ٱسۡتَقَٰمُواْ فَلَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُونَ ﴿١٣﴾ أُوْلَٰٓئِكَ أَصۡحَٰبُ ٱلۡجَنَّةِ خَٰلِدِينَ فِيهَا جَزَآءَۢ بِمَا كَانُواْ يَعۡمَلُونَ ﴿١٤﴾﴾ ( الأحقاف )

---

[1]- تفسير ابن كثير (1 / 444 )

”تحقيق جن شخصن اقرار ڪيو تہ الله تعالىٰ اسان جو پالڻهار آهي . پوءِ ان تي قائم رهيا پوءِ انهن تي نہ خوف آهي نہ غمگين ٿيندا. اهي آهن بهشت وارا ان ۾ هميشہ رهندا . اهو بدلو آهي ان جو جيڪي ڪمايائون ٿي.“

تشريح :- استقامت جو مطلب هي آهي تہ الله تعالىٰ جي ربوبيت ۽ وحدانيت جي اقرار ڪان پوءِ ان تي پوري طرح مستقيم ۽ قائم رهي ۽ الله تعالىٰ ڪان سواءِ ٻئي در ڏانهن نہ واجهائي. نہ خوشي ۽ ڏک ۾، نہ بيماري ۽ صحت ۾، نہ سجائي يا خوشحالي ۾. غرض هر حال ۾ الله تعالىٰ جي در تي قائم رهي ۽ ان جي هر حڪم تي تابعدار رهي، ۽ نافرماني ڪان بچي .

(6) ﴿إِلَّا ٱلَّذِينَ تَابُواْ وَأَصۡلَحُواْ وَٱعۡتَصَمُواْ بِٱللَّهِ وَأَخۡلَصُواْ دِينَهُمۡ لِلَّهِ فَأُوْلَٰٓئِكَ مَعَ ٱلۡمُؤۡمِنِينَۖ وَسَوۡفَ يُؤۡتِ ٱللَّهُ ٱلۡمُؤۡمِنِينَ أَجۡرًا عَظِيمًا ١٤٦﴾ ( النساء )

”پر جن شخصن (شرڪ ۽ نفاق ڪان) توبہ ڪئي ۽ الله ڪي چنبڙي ويا ۽ ان لاءِ دين خالص ڪيائون، اهي مؤمنن سان گڏ شمار آهن ۽ الله تعالىٰ سگهوئي مؤمنن ڪي وڏو اجر عطا ڪندو.“

تشريح :- الله تعالىٰ ڪي چنبڙڻ يعني ان جي دروازي ڪي چنبڙڻ ٻين دروازن ڪان پاسو ڪرڻ، چو تہ اعتصام بالله جو مطلب اهو آهي تہ الله سان ٻئي ڪنهن ڪي شريڪ نہ ڪري، چو تہ الله تعالىٰ حديث قدسي ۾ فرمائي ٿو تہ:

أَنَا أَغْنَى الشُّرَكَاءِ عَنْ الشِّرْكِ. ([1])

”يعني آئون سيني ڀائيوارن ۾ شراڪت ڪان وڌيڪ بي پرواهہ آهيان. تنهنڪري شراڪت واري صورت ۾ عمل نہ رهيو ۽ الله تعالىٰ ان ڪان بي نياز آهي. پوءِ جنهن ڪنهن بہ عمل ۾ ٻئي ڪي شريڪ بڻايو انهي اعتصام بالله نہ ڪيو ۽ دين ڪي خالص ڪرڻ هي آهي تہ هر عمل يا عبادت بدني هجي يا مالي خالص هڪ الله تعالىٰ جي رضا لاءِ ڪئي وڃي .

(7) ﴿إِنَّهُمۡ فِتۡيَةٌ ءَامَنُواْ بِرَبِّهِمۡ وَزِدۡنَٰهُمۡ هُدٗى ١٣ وَرَبَطۡنَا عَلَىٰ قُلُوبِهِمۡ إِذۡ قَامُواْ فَقَالُواْ رَبُّنَا رَبُّ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِ لَن نَّدۡعُوَاْ مِن دُونِهِۦٓ إِلَٰهٗاۖ لَّقَدۡ قُلۡنَآ إِذٗا شَطَطًا ١٤﴾ ( الكهف )

”اهي (اصحاب الكهف) سيئي نوجوان هئا جن پنهنجي رب تي ايمان آندو ۽ اسان هنن ڪي هدايت ۾ وڌايو ۽ دلين ڪي مضبوط ڪيوسون جو هيئن چئي اٿيا تہ اسان جو

---

[1]- صحيح مسلم ( 14 / 254 ) كِتَاب الزُّهْدِ وَالرَّقَائِقِ بَاب مَنْ أَشْرَكَ فِي عَمَلِهِ غَيْرَ اللَّهِ حديث رقم ( 5300 ) ، الجامع الصغير السيوطي ( 2/ 181 ) ( بحواله مسلم ، ابن ماجه ، من حديث ابي هريرة )

پالڻهار اهو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمينن جو آهي اسين ان کان سواءِ هرگز نہ ٻئي الله کي سڏينداسون ورنہ اسان (جي ٻئي ڪنهن کي سڏيوسون) تہ ان وقت بيهوده ڳالهہ چئي سون.

هن آيت مان ثابت ٿيو تہ توحيد مؤمن جي نشاني آهي ۽ الله تعالىٰ جي طرفان رهنمائي جو نتيجو آهي ۽ ان کان سواءِ ايمان تي مضبوط دل موحد جي ئي رهندي آهي .

(8) ﴿ قُلْ إِنَّمَآ أَنَاْ بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوحَىٰٓ إِلَيَّ أَنَّمَآ إِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ وَٰحِدٌ فَمَن كَانَ يَرْجُواْ لِقَآءَ رَبِّهِۦ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَٰلِحًا وَلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهِۦٓ أَحَدًا ﴿١١٠﴾ ﴾ ( الكهف )

”چئو تون (اي نبي ﷺ) آئون صرف اوهان جهڙو انسان آهيان (مگر) مون ڏانهن الله تعالىٰ جي طرفان (احڪامن کي) وحي ڪيو ٿو وڃي ۽ اوهان جو معبود صرف هڪ الله آهي پوءِ جنهن کي بہ ان جي لقاء (ديدار) جي اميد هجي تہ اهو عمل صالح ڪري ۽ پنهنجي رب جي بندگي ۾ ڪنهن هڪ کي بہ شريڪ نہ ڪري.

تشريح :- هن آيت مان ثابت ٿيو تہ توحيد وارا قيامت جي ڏينهن الله جي ديدار جهڙي عظيم نعمت سان مشرف ٿيندا.

(9) ﴿ قُلْ أُوحِىَ إِلَيَّ أَنَّهُ ٱسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ ٱلْجِنِّ فَقَالُوٓاْ إِنَّا سَمِعْنَا قُرْءَانًا عَجَبًا ﴿١﴾ يَهْدِىٓ إِلَى ٱلرُّشْدِ فَـَٔامَنَّا بِهِۦ وَلَن نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ أَحَدًا ﴿٢﴾ وَأَنَّهُۥ تَعَٰلَىٰ جَدُّ رَبِّنَا مَا ٱتَّخَذَ صَٰحِبَةً وَلَا وَلَدًا ﴿٣﴾ ﴾ ( الجن )

”چئو تون (اي نبيﷺ) مون ڏي رب جي طرفان وحي ڪيو ويو آهي. تحقيق جنن جي هڪ جماعت قرآن ٻڌو ۽ چيائون تہ اي قوم! اسان هڪ عجيب قرآن ٻڌو آهي جو هدايت وارو رستو ڏيکاري ٿو تنهنڪري اسان ان تي ايمان آندو ۽ هرگز پنهنجي رب سان شرڪ نہ ڪنداسون ۽ اسان جي رب جي بزرگي مٿاهين ۽ شان واري آهي. نہ زال رکيائين نہ اولاد.

تشريح :- ثابت ٿيو تہ توحيد ئي هدايت جي واٽ آهي ۽ قرآن توحيد جي ئي تعليم ڏئي ٿو. ۽ قرآن کان مٿي ٻيو ڪو ثبوت نہ آهي .

(10) ﴿ يَٰصَٰحِبَىِ ٱلسِّجْنِ ءَأَرْبَابٌ مُّتَفَرِّقُونَ خَيْرٌ أَمِ ٱللَّهُ ٱلْوَٰحِدُ ٱلْقَهَّارُ ﴿٣٩﴾ مَا تَعْبُدُونَ مِن دُونِهِۦٓ إِلَّآ أَسْمَآءً سَمَّيْتُمُوهَآ أَنتُمْ وَءَابَآؤُكُم مَّآ أَنزَلَ ٱللَّهُ بِهَا مِن سُلْطَٰنٍ إِنِ ٱلْحُكْمُ إِلَّا لِلَّهِ أَمَرَ أَلَّا تَعْبُدُوٓاْ إِلَّآ إِيَّاهُ ذَٰلِكَ ٱلدِّينُ ٱلْقَيِّمُ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ ٱلنَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٤٠﴾ ﴾ ( يوسف )

”(يوسف عليہ السلام) چيو تہ اي قيد جا ٻئي ساٿيو! ڇا ڪيترائي گهڻا رب چڱا يا هڪڙو الله جو سڀني تي غالب آهي ۽ اوهين نٿا پوڄيو انهيءَ کان سواءِ مگر صرف نالن کي، جيڪي اوهان ۽ اوهان جي ابن رکيا آهن. جنهن بابت الله تعالىٰ ڪو حڪم يا دليل

نہ لاتو آهي ۽ انهي کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو حڪم ٻہ نہ آهي، ان اهو حڪم ڪيو آهي تہ ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي بندگي نہ ڪريو ۽ اهو ئي دين دنيا جي نظام کي قائم رکڻ وارو آهي پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن."

تشريح :- ثابت ٿيو تہ دنيا ۾ ڪو انتظام توحيد کان سواءِ قائم نہ رهي سگهندو نہ امن حاصل ٿي سگهندو . الله تعالیٰ موحد جي حق ۾ فرمائي ٿو .

﴿أُوْلَٰٓئِكَ لَهُمُ ٱلۡأَمۡنُ وَهُم مُّهۡتَدُونَ ۝٨٢﴾ ( الأنعام )

"انهن جي لاءِ ئي امن آهي ۽ اهي ئي سڌي راھ تي هلندڙ آهن."

الله تعالیٰ اسان سڀني کي توحيد جي نعمت سان نوازي تان تہ امن جي زندگي گذاري سگهون. (آمين)

**ذيل** :- قرآن ڪريم ۾ (3) اصطلاحون ذڪر ڪيون آهن :

**هڪ** " الطاغوت " البقرة ([1]) ، النساء ([2]) ، النحل ([3]).

**ٻيو** " الأصنام " الانعام ([4]) ، ابراهيم ([5]) ، الشعراء([6]).

**ٽيون** " الأوثان " الحج ([7]) ، العنكبوت ([8]).

انهن جي معنیٰ ۾ مفهوم بيان ڪجي ٿو.

(1) الطاغوتُ : والطاغوتُ يقعُ على الواحد والجمع والمذكر والمؤنث وزْنُه فَعَلُوتٌ إنما هو طَغَيُوتٌ قُدِّمت الياءُ قبل الغَيْن وهي مفتوحة وقبلها فَتْحَةٌ فَقُلِبَتْ أَلفاً وهي مُشْتَقَّةٌ من طَغَى وقال أَبو إِسحق كلُّ معبودٍ من دون الله عز وجلّ جِبْتٌ وطاغُوتٌ وقال الشَّعبيُّ وعطاءٌ ومجاهدٌ ... الطاغوتُ الشيطان والكاهِنُ كلُّ رأْسٍ في الضَّلال ، وقال الأَخفش: الطاغوتُ يكونُ للأَصْنامِ و الطاغوتُ يكون من الجِنِّ و الإِنس. انتهي مختصرًا. ([9])

"يعني لفظ طاغوت واحد، جمع ۽ مؤنث، مذڪر سڀ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ان مان مراد الله تعالیٰ کان سواءِ هر اها شيءِ آهي جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي يا الله تعالیٰ

---

[1]- البقرة ( ع 34 / پ 3 )
[2]- النساء ( ع 89 / پ 7 )
[3]- النحل ( ع 4 / پ 19 )
[4]- الانعام ( ع 9 / پ 7 )
[5]- ابراهيم ( ع 6 / پ 12 )
[6]- الشعراء ( ع 5 / پ 19 )
[7]- الحج ( ع 4 / پ 17 )
[8]- العنكبوت ( ع 23 / پ 20 )
[9]- لسان العرب ( 15 / 9 )

جي خلاف ان جي اطاعت ڪئي وڃي. ان ڪري شيطان نجومي ۽ گمراهي جي اڳواڻ کي بہ طاغوت چيو ويندو آهي ـ خواهہ انسانن مان هجن يا جنن مان.“

۽ اهو لفظ ”طغی“ مان نڪتل آهي :

طَغَى يَطْغى طَغْياً ويَطْغُو طُغْياناً جاوَزَ القَدْرَ وارتفع وغَلا في الكُفْرِ ـــ يعني طغى (فعل ماضي) ([1])

”بمعنیٰ اندازي کان لنگهي ويو ۽ حد کان مٿي چڙهيو ۽ ڪفر ۾ غلو (زيادتي) ڪيائين ان جو مصدر طغیٰ ۽ طغيان آهي يعني اندازي ۽ حد کان وڌڻ.“

الله تعالیٰ کان سواءِ هر شيءِ الله ﷻ جي بندن ۾ شامل آهي ۽ ان جي بندگي ڪندڙ آهي ۽ انسانن ۽ جنن کي تہ الله تعالیٰ خاص پنهنجي بندگيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي .

﴿ وَمَا خَلَقْتُ ٱلْجِنَّ وَٱلْإِنسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ ﴾ ( الذاريات )

”هيءَ آيت ان تي شاهد آهي. پوءِ جنهن جي حيثيت بندي ۽ پوڄيندڙ جي آهي سو جيڪڏهن پاڻ پوڄائي ٿو يا بندگي ڪرائي ٿو، يا پنهنجي تابعداري ماڻهن جي مٿان لازمي چوي ٿو تہ اهو پنهنجي مقدار ۽ اندازي کان پاڻ کي وڌائي طاغوت بنجي ٿو يا جو شخص ان جي بندگي يا پوڄا ڪري ٿو ۽ ان جي تابعداري پاڻ تي لازمي ڄاڻي ٿو تہ هو ان کي سندس حيثيت جا ان کي الله تعالیٰ جي طرفان مليل آهي ان کان ڪيس وڌائي طاغوت بنائي ٿو. نهرن جو پاڻي جڏهن پنهنجي ليول کان مٿي چڙهندو آهي تہ ان وقت چيو ويندو آهي، پاڻي ۾ طغياني آئي آهي. قرآن ڪريم ۾ بہ اهو استعمال موجود آهي جيئن نوح عليہ السلام جي قصي ڏانهن اشارو ڪندي الله تعالیٰ فرمائي ٿو تہ:

﴿ إِنَّا لَمَّا طَغَا ٱلْمَآءُ حَمَلْنَٰكُمْ فِى ٱلْجَارِيَةِ ﴾ ( الحاقة )

”جڏهن پاڻي مٿي چڙهيو تہ اسان توهان کي ٻيڙيءَ ۾ ڪنيو.“

تنهنڪري بندگي الله تعالیٰ جو حق آهي . پوءِ ٻئي ڪنهن جي بہ پوڄا شروع ٿي يا ان جي الله تعالیٰ جي حڪم جي مقابلي ۾ اطاعت ٿي تہ اهو طاغوت چئبو ۽ ان طرح لغت جي

[1]- لسان العرب ( 15 / 7 )

بين ڪتابن القاموس ([1]) ، المفردات الراغب ([2]) ، النهاية لإبن الأثير ([3]) ، مجمع بحار الأنوار ([4]) ، غريب القرآن لإبن قتيبة ([5]) ، التعريفات للجرجاني ([6]) وغيره ۾ بيان ٿيل آهي.

**تنبيه :-** رسول الله ﷺ جي اطاعت الله ﷻ جي اطاعت آهي جيئن آيت آهي :

﴿مَّن يُطِعِ ٱلرَّسُولَ فَقَدۡ أَطَاعَ ٱللَّهَۖ ﴿٨٠﴾﴾ ( النساء )

"يعني جنهن رسول الله (ﷺ) جي اطاعت ڪئي تنهن الله تعالىٰ جي اطاعت ڪئي." تنهن ڪري سندن اطاعت طاغوت جي اطاعت نہ چئبي.

(2) الأصنام : جمع صنم جوآهي علامہ راغب اصفهاني فرمائي ٿو :

قال بعض الحكماء : كل ما عبد من دون الله بل كل ما يشغل عن الله تعالى يقال له صنم ، و على هذا الوجه قال إبراهيم صلوات الله عليه : ﴿وَٱجۡنُبۡنِي وَبَنِيَّ أَن نَّعۡبُدَ ٱلۡأَصۡنَامَ﴾ فمعلوم أن إبراهيم مع تحققه بمعرفة الله تعالى واطلاعه على حكمته لم يكن ممن يخاف أن يعود إلى عبادة تلك الجثث التى كانوا يعبدونها فكأنه قال اجنبني عن الاشتغال بما يصرفني عنك. ([7])

"يعني صنم هر اها شيءِ آهي جنهن جي الله تعالىٰ کان سواءِ پوڄا ڪئي وڃي يا جيڪا شيءِ الله تعالىٰ کان مشغول ڪري. انهيءَ ڪري ابراهيم عليہ السلام دعا گهري تہ يا الله مون کي ۽ منهنجي اولاد کي اصنام جي پوڄا کان بچاءِ ڇوتہ ابراهيم عليہ السلام کي انهن شين جي وري پوڄا ڪرڻ جو خطرو نہ هو جن جي خلاف آواز اٿاريائين، بلڪ گوياڪ سندس مقصد هي هو تہ اسان کي هر انهيءَ شيءِ کان بچاءِ جيڪا اسان جو توجہ تو کان هٽائي."

ان طرح "تاج العروس" ۽ "النهاية " ۾ آهي : وهو ما اتُخِذ إلها من دون اللّه تعالى. ([8])

"يعني صنم هر اها شيءِ آهي جيڪا الله تعالىٰ کان سواءِ معبود بنائي وڃي يا ان جي پوڄا ڪئي وڃي.

---

[1]- القاموس ( 4/ 357 )

[2]- المفردات الراغب ( 307 )

[3]- النهاية لإبن الأثير ( 3 / 128 )

[4]- مجمع بحار الأنوار ( 2 / 311 )

[5]- غريب القران لإبن قتيبة ( 41 )

[6]- التعريفات للجرجاني ( 80 )

[7]- غريب القرآن للأصفهاني ( 1 / 289 )

[8]- النهاية في غريب الأثر ( 3 / 56 ) و تاج العروس ( 8 / 371 )

ان طرح لسان العرب ([1]) ۽ مجمع بحار الانوار ([2]) وغيره ۾ آهي.

(3) الأوثان : جمع وثن جو آهي. ان مان بہ ساڳي مراد آهي تہ الوَثَن : الصنم يعني "وثن صنم ئي آهي." ([3]) ان طرح لغت جي ٻين ڪتابن ۾ آهي يعني وثن بہ هر اها شيءِ آهي جنهن جي الله تعالىٰ کان سواءِ پوڄا ڪئي وڃي. ([4])

**تنبيہ**:- مشرڪ جيڪي پٿرن يا ڪاٺ جا بت ٺاهي ان جي پوڄا ڪندا هئا انهن کي صنم يا وثن بہ ان ڪري چيو ويندو هو ڇو تہ الله تعالىٰ کان سواءِ جنهن بہ شيءِ جي پوڄا ڪئي وڃي تہ هو صنم ۽ وثن آهي . پوءِ خواهہ ذي روح مان يعني انسان يا حيوان وغيره هجي يا بي روح مان جيئن صورت، پٿر ۽ ڪاٺ جي مورت. ان طرح قبرون، قبا، جهنڊا، تعزيہ ۽ تابوت، وڻ، پاٽي، باهہ، سج، چنڊ، تارا، وغيره جنهن جي پوڄا ٿي تہ اهو صنم، وثن ۽ طاغوت آهي.

**فائدو**:- هنن آيتن جو خلاصو آهي تہ توحيد الله تعالىٰ جو حڪم ۽ فيصلو ۽ سيني انبياءَ عليهم السلام جي دعوت، عقل ۽ هدايت وارن جو رستو نيڪين ۽ ڀلاين جي حاصل ڪرڻ جي راهہ ۽ انسان جي لاءِ وڏو مضبوط سهارو آهي ۽ موحد مومن جنتي جو ڇوٽڪاري وارو آهي ۽ انهيءَ لاءِ بي غم ۽ بي خوف هجڻ جي بشارت ۽ الله تعالىٰ جي ديدار جي خوشخبري آهي .

*-*-*

## فصل ٻيو

# احاديث نبوي جي بيان ۾

(1) و عَنْ مُعَاذ قَالَ كُنْتُ رِدْفَ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ لَيْسَ بَيْني وَبَيْنَهُ إِلَّا مُؤَخَرَةُ الرَّحْلِ فَقَالَ : يَا مُعَاذَ ! هَلْ تَدْرِي مَا حَقُّ اللَّه عَلَى عبَاده و مَا حَقُّ الْعبَاد عَلَى اللَّه ؟ قُلْتُ : اللَّهُ وَرَسُولُهُ أَعْلَمُ . قَالَ فَإِنَّ حَقَّ اللَّه عَلَى الْعبَاد أَنْ يَعْبُدُوهُ وَلَا يُشْركُوا به شَيْئًا ، وَحَقُّ الْعبَادِ عَلَى اللَّهِ أَنْ لَا يُعَذِّبَ مَنْ لَا يُشْرِكُ بِهِ شَيْئًا . فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ أَفَلَا أُبَشِّرُ بِهِ النَّاسَ ؟ قَالَ : لَا تُبَشِّرْهُمْ فَيَتَّكِلُوا. ([5])

---

[1]- لسان العرب ( 12/ 349 )

[2]- مجمع بحار الانوار ( 2/ 297 )

[3]- الصحاح في اللغة للجوهري ( 6 / 2212 )

[4]- قاموس ( 4/ 224 ) ، الأفعال لإبن القطاع ( 3 / 311 ) ، لسان العرب ( 12 / 442 ) وغيره

[5]- صحيح البخاري ( 9 / 459 ) كِتَاب الْجِهَاد وَالسِّيَر بَاب اسْمِ الْفَرَسِ وَالْحِمَارِ حديث رقم ( 2644 ) ، صحيح مسلم ( 1 / 131 ) كِتَاب الْإِيمَان بَاب الدَّلِيلِ عَلَى أَنَّ مَنْ مَاتَ عَلَى التَّوْحِيدِ دَخَلَ الْجَنَّةَ قَطْعًا حديث رقم ( 44 ) ، مشكاة المصابيح كتاب الإيمان الفصل الأول ( 24 )

”معاذ ﷜ کان روايت آهي تہ آئون رسول الله ﷺ سان گڏھ تي ٻيل چڙھيس پاڻ فرمايائون تہ: اي معاذ! ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ الله جو ٻانهي تي حق ڪهڙو آهي؟ ۽ ٻانهن جو الله تعالىٰ تي ڪهڙو حق آهي؟ مون عرض ڪيو تہ الله تعالىٰ ۽ ان جو رسول ﷺ ڄاڻن ٿا . پاڻ فرمايائون تہ: الله تعالىٰ جو ٻانهن تي هي حق آهي تہ ان جي عبادت ڪن ۽ ساڻس ڪنهن کي شريڪ نہ بنائين، ۽ ٻانهن جو الله تعالىٰ تي حق هي آهي تہ جڏهن هنن الله تعالىٰ سان شرڪ نہ ڪيو (بلڪ خالص هن جي عبادت ڪيائون) تہ انهن کي عذاب نہ ڪندو، مون عرض ڪيو تہ رسول الله ﷺ آئون ان بابت ماڻهن کي خوشخبري نہ ڏيان؟ پاڻ فرمايائون تہ: (تون) خوشخبري نہ ڏي ڇو تہ پوءِ ڀروسو ڪري ويهندا يعني عمل جي ڪوشش گھٽ ڪندا.“

تشريح :- هن حديث مان معلوم ٿيو تہ توحيد وڏي قيمتي شيءِ آهي ۽ انهيءَ سان ٻانهو الله تعالىٰ جي عذاب کان بچي سگھي ٿو. نہ دولت ۽ اثر رسوخ سان ۽ نہ ڪنهن پير ۽ وليءَ جي سفارش سان.

(2) سيدنا ابو هريرة ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ کان پڇيو ويو تہ :

مَنْ أَسْعَدُ النَّاسِ بِشَفَاعَتِكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ. ([1])

”قيامت جي ڏينهن اوهان جي شفاعت جي سعادت ڪنهن کي نصيب ٿيندي.“

پاڻ فرمايائون تہ: لَقَدْ ظَنَنْتُ يَا أَبَا هُرَيْرَةَ أَلَّا يَسْأَلَنِي عَنْ هَذَا الْحَدِيثِ أَحَدٌ أَوَّلَ مِنْكَ لما رَأَيْتُ مِنْ حِرْصِكَ عَلَى الْحَدِيثِ أَسْعَدُ النَّاسِ بِشَفَاعَتِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ مَنْ قَالَ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ خَالِصاً مِنْ قَلْبِهِ أَو نَفْسِه. ([2])

”اي ابو هريرة حديث تي تنهجي حرص کي ڏسي مون کي خيال هو تہ اهو سوال تون ئي ڪندين. منهنجي شفاعت جي سعادت قيامت جي ڏينهن ان کي نصيب ٿيندي جنهن پنهنجي دل سان اهو اقرار ڪيو تہ الله تعالىٰ کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ڪونهي.“

تشريح :- معلوم ٿيو تہ نبي ﷺ جي شفاعت جهڙي بهترين نعمت بہ موحد کي نصيب ٿيندي آهي. اهلسنت بالاتفاق رسول الله ﷺ جي شفاعت کي برحق مڃين ٿا. تنهنڪري جيتري قدر زياده توحيد ۾ انسان مضبوط هوندو اوتري قدر شفاعت سگھوري جو حقدار ٿيندو ۽ ٻيا جيڪي عام طريقا ان شفاعت لاءِ اختيار ڪيا وڃن ٿا مثلاً ميلاد ڪرڻ، مؤذن جي اشهد ان محمد رسول الله چوڻ وقت آڱونا چمڻ، غلو ۽ شرڪ سان ڀريل

---

[1]- صحيح البخاري ( 1 / 174 ) كِتَاب الْعِلْمِ بَاب الْحِرْصِ عَلَى الْحَدِيثِ حديث رقم ( 97 )

[2]- صحيح البخاري ( 20 / 234 ) كِتَاب الرِّقَاقِ بَاب صِفَةِ الْجَنَّةِ وَالنَّارِ حديث رقم ( 6085 )

نعتون مولود وغيره اهي ڪار آمد نہ آهن. بلڪ ان جي لاءِ صرف الله تعالىٰ جي توحيد واحد ذريعو آهي. الله تعالىٰ سيني کي توحيد نصيب فرمائي. (آمين)

(3) عَنْ عُبَادَةَ بْنِ الصَّامِتِ قَالَ قَالَ رَسُولِ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ : مَنْ شَهِدَ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ وَأَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ وَأَنَّ عِيسَى عَبْدُ اللَّه وَرَسُولُهُ وَابْنُ أَمَتِهِ وَكَلِمَتُهُ أَلْقَاهَا إِلَى مَرْيَمَ وَرُوحٌ مِنْهُ وَ الْجَنَّة وَالنَّار حَقٌّ أَدْخَلَهُ اللَّهُ الْجَنَّةَ عَلَى مَا كَانَ مِنْ عَمَلٍ. ([1])

”عبادة بن الصامت رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن شخص گواهي ڏني تہ الله تعالىٰ کان سواءِ ڪو معبود ڪونهي اهو اڪيلو ۽ سندس ڪو شريڪ نہ آهي ۽ محمد (ﷺ) ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي ۽ عيسىٰ عليہ السلام الله تعالىٰ جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي ۽ ان جي ٻانهيءَ (مريم) جو پٽ آهي ۽ انهيءَ جي امر ۽ ڪلام (( ڪُنْ )) سان پيدا ٿيو آهي جنهن کي مريم ڏانهن موڪليائين ۽ بهشت ۽ دوزخ ٻئي حق آهن الله کيس بهشت ۾ داخل ڪندو، سندس عملن سارو.“

تشريح :- يعني جيڪڏهن کي ان جا گناهہ سزا جي موجب آهن تڏهن بہ سزا ڪاٽڻ بعد بہ بالآخر توحيد جي برڪت سان جهنم مان نڪري جنت ۾ ويندو. هن حديث مان معلوم ٿيو تہ جهنم مان ڇوٽڪارو موحدن کي ٿيندو نہ مشرڪن کي .

(4) صحيح ابن حبان ۾ سيدنا ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ:

قال موسى: يا رب علمني شيئا أذكرك به ، وأدعوك به . قال: قل يا موسى : لا إله إلا الله . قال: يا رب كل عبادك يقول هذا . قال : قل لا إله إلا الله . قال : إنما أريد شيئا تخصني به . قال : يا موسى لو أن أهل السماوات السبع والأرضين السبع في كفة ، ولا إله إلا الله في كفة ، مالت بهم لا إله إلا الله. ([2])

”موسىٰ (عليہ السلام) عرض ڪيو تہ يا الله! مون کي اهو ڪلمو سيکار جنهن سان توکي ياد ڪريان ۽ سڏيان. فرمايائين تہ: چئو لااله الا الله (الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي) چيائين تہ: رب منهنجا! تنهنجا سڀ ٻانها ان طرح چون ٿا، آئون توکان خاص شيءِ گهران ٿو. فرمايائين تہ: اي موسىٰ! ترازو جي هڪ پڙ ۾ ست آسمان ست زمينون رکيون وڃن ۽ ٻي پڙ ۾ لا اله الا الله کي رکيو وڃي تہ اهو پڙ ڳرو ٿيندو.“

---

[1]- صحيح البخاري ( 11 / 252 ) كِتَاب أَحَادِيثِ الْأَنْبِيَاءِ بَاب قَوْلُهُ ﴿يَٰٓأَهۡلَ ٱلۡكِتَٰبِ لَا تَغۡلُواْ فِي دِينِكُمۡ . . . ﴾ حديث رقم ( 3180 ) ، صحيح مسلم ( 1 / 128) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب الدَّلِيلِ عَلَى أَنَّ مَنْ مَاتَ عَلَى التَّوْحِيدِ دَخَلَ الْجَنَّةَ قَطْعًا حديث رقم ( 41 ) ، مشكاة المصابيح كتاب الإيمان الفصل الأول ( 27 )

[2]- ضعيف الترغيب والترهيب ( 1 / 232 ) حديث رقم ( 923 ) ، زوائد ابن حبان ( 577 ) ، صحيح ابن حبان ( 25 / 477 ) كتاب التاريخ ذكر سؤال كليم الله ربه أن يعلمه شيئا يذكره حديث رقم ( 6324 )

تشريح :- هن مان اها مراد نہ آهي تہ صرف زبان سان لااله الا الله پڙهندو رهي، جيئن عام طرح پيرن جا وظيفا ۽ ذڪر هوندا آهن، زور سان ۽ ترنم سان پڙهندا ۽ ڪنڌ لوڏيندا رهندا آهن. بلڪہ دل سان عقيدو رکي. جيئن مٿين حديثن ۾ ذڪر ٿيو آهي پورو يقين رکي تہ الله ڪان سواءِ ڪو بندگي جي لائق نہ آهي ۽ عملي طرح مشڪل يا حاجت لاءِ ڪنهن ٻئي در ڏانهن نہ نهاري تہ اهڙي توحيد جي برابر وزن ۾ ڪا شيءِ نہ آهي.

(5) عَنْ مُعَاذٍ قَالَ : قُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ أَخْبِرْنِي بِعَمَلٍ يُدْخِلُنِي الْجَنَّةَ وَيُبَاعِدُنِي مِنْ النَّارِ ، قَالَ : لَقَدْ سَأَلْتَنِي عَنْ عَظِيمٍ وَإِنَّهُ لَيَسِيرٌ عَلَى مَنْ يَسَّرَهُ اللَّهُ تَعَالَى عَلَيْهِ تَعْبُدُ اللَّهَ وَلَا تُشْرِكْ بِهِ شَيْئًا وَتُقِيمُ الصَّلَاةَ وَتُؤْتِي الزَّكَاةَ وَتَصُومُ رَمَضَانَ وَتَحُجُّ الْبَيْتَ ، ثُمَّ قَالَ : أَلَا أَدُلُّكَ عَلَى أَبْوَابِ الْخَيْرِ ؟ الصَّوْمُ جُنَّةٌ وَالصَّدَقَةُ تُطْفِئُ الْخَطِيئَةَ كَمَا يُطْفِئُ الْمَاءُ النَّارَ وَصَلَاةُ الرَّجُلِ فِي جَوْفِ اللَّيْلِ ثُمَّ تَلَا ﴿ تَتَجَافَىٰ جُنُوبُهُمْ عَنِ ٱلْمَضَاجِعِ ﴾ حَتَّى بَلَغَ ﴿ يَعْمَلُونَ ﴾ ثُمَّ قَالَ أَلَا أَدُلُّكَ بِرَأْسِ الْأَمْرِ وَعَمُودِهِ وَذِرْوَةِ سَنَامِهِ ؟ قُلْتُ : بَلَى يَا رَسُولَ اللَّهِ ، قَالَ : رَأْسُ الْأَمْرِ الْإِسْلَامُ وَعَمُودُهُ الصَّلَاةُ وَذِرْوَةُ سَنَامِهِ الْجِهَادُ ، ثُمَّ قَالَ : أَلَا أُخْبِرُكَ بِمَلَاكِ ذَلِكَ كُلِّهِ ؟ قُلْتُ : بَلَى يَا نَبِيَّ اللَّهِ ، فَأَخَذَ بِلِسَانِهِ قَالَ : كُفَّ عَلَيْكَ هَذَا ، فَقُلْتُ : يَا نَبِيَّ اللَّهِ! وَإِنَّا لَمُؤَاخَذُونَ بِمَا نَتَكَلَّمُ بِهِ ؟ فَقَالَ : ثَكِلَتْكَ أُمُّكَ يَا مُعَاذُ! وَهَلْ يَكُبُّ النَّاسَ فِي النَّارِ عَلَى وُجُوهِهِمْ أَوْ عَلَى مَنَاخِرِهِمْ إِلَّا حَصَائِدُ أَلْسِنَتِهِمْ. ([1])

”معاذ رضي الله عنه ڪان رويت آهي چيائين تہ عرض ڪيم اي الله جا رسول (ﷺ)! مون کي اهڙو عمل ڏس جو مون کي بهشت ۾ روانو ڪري ۽ جهنم جي باھ ڪان دور ڪري. پاڻ فرمايائون تو وڏي ڪم جو سوال ڪيو آهي. مگر جنهن لاءِ الله تعالىٰ آسان ڪري ان لاءِ آساني آهي (اهو ئي تہ) هڪ الله تعالىٰ جي بندگي ڪرين ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنائين ۽ نماز قائم ڪرين ۽ زڪواة ڏين ۽ رمضان جا روزا رکين ۽ بيت الله جو حج ڪرين. پوءِ فرمايائون تہ: آئون توکي خير ۽ ڀلائي جي دروازن جو ڏس نہ ڏيان؟ (اهي هي آهن) روزو سپر (ڍال) آهي ۽ صدقو گناهن کي ايئن اجهائي ٿو جيئن پاڻي باھ کي اجهائي ۽ رات جي وچ ۾ نماز (تهجد) جنهن جي باري ۾ قرآن ۾ ڀلائي مذڪور آهي. الله تعالىٰ اهي نعمتون بهشت ۾ رکيون آهن: جي ڪنهن جي وهم ۽ گمان ۾ نہ آهن. پوءِ فرمايائون تہ: توکي ديني ڪمن جو سر ۽ ٿنڀ ۽ چوٽي نہ ٻڌايان؟ مون چيو: هائو! پاڻ فرمايائون تہ: سر اسلام آهي ۽ ٿنڀ نماز آهي ۽ چوٽي جهاد آهي. پوءِ فريائون تہ: توکي اها ڳالھ نہ

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 6 / 116 ) حديث رقم ( 2616 ) ، سنن الترمذي ( 9 / 202 ) كِتَاب الْإِيمَانِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي حُرْمَةِ الصَّلَاةِ حديث رقم ( 2541 ) ، سنن ابن ماجه ( 11 / 469 ) كِتَاب الْفِتَنِ بَاب كَفِّ اللِّسَانِ فِي الْفِتْنَةِ حديث رقم ( 3963 ) ، مسند أحمد ( 45 / 1 ) حديث رقم ( 21008 ) ، مشكاة المصابيح كتاب الإيمان الفصل الثانى ( 29 )

ڏسيان جنهن سان انهن سيني جي مضبوطي ۽ تقويت آهي؟ مون چيو هائو. پاڻ زبان مبارڪ ٻاهر ڪڍي فرمايائون ته: هن کي قابو رک (يعني برن الفاظن ڪڍڻ کان) مون عرض ڪيو ته جيڪي اسين ڳالهايون ٿا ان بابت به اسان جي پڪڙ ٿيندي؟ پاڻ فرمايائون ته: اهي منهن ڀر ٻاهر ۾ سٽيا ويندا، جن جون زبانون ڏاٽي وانگر لڻنديون هونديون يعني چڱي ۽ بري ڳالهه ان مان نڪرندي رهندي."

تشريح :- هن حديث مان معلوم ٿيو ته بهشت ۾ وڃي وڃڻ وارا جيڪي عمل ۽ نيڪيون آهن تن ۾ سر فهرست توحيد جو نالو آهي . الله تعالىٰ شال اسان کي توحيد جي محبت عطا فرمائي. (آمين)

(6) عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِك قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ يَقُولُ قَالَ اللَّهُ تَبَارَكَ وَتَعَالَى يَا ابْنَ آدَمَ إِنَّكَ مَا دَعَوْتَني وَرَجَوْتَني غَفَرْتُ لَكَ عَلَى مَا كَانَ فيكَ وَلَا أُبَالِي يَا ابْنَ آدَمَ لَوْ بَلَغَتْ ذُنُوبُكَ عَنَانَ السَّمَاء ثُمَّ اسْتَغْفَرْتَني غَفَرْتُ لَكَ وَلَا أُبَالِي يَا ابْنَ آدَمَ إِنَّكَ لَوْ أَتَيْتَني بِقُرَابِ الْأَرْضِ خَطَايَا ثُمَّ لَقيتَني لَا تُشْرِكُ بِي شَيْئًا لَأَتَيْتُكَ بِقُرَابِهَا مَغْفرَةً. ([1])

"انس کان روايت آهي ته مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو، پاڻ فرمايائون ته: الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته اي آدم جا اولاد تون جيستائين مون ۾ اميد رکي پيو سڏيندي جيڪي پيو تو کان ٿيندو بخشيندو رهندس ۽ ڪا پرواهه ڪونه ٿو ڪريان ۽ آدم جا اولاد! تنهنجا گناهه آسمان جي ڪناري تائين پهچي وڃن پوءِ به مون کان بخشائين ته بخشيندس. اي آدم جا اولاد تون جيڪڏهن گناهن سان زمين ڀري پوءِ مون وٽ ايندين پر مون سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نه ڪيو هجي ته آئون توکي زمين پنهنجي مغفرت سان ڀري ڏيندس .

تشريح :- هن حديث مان ثابت ٿيو ته گناهن جي بخشش جو آسرو ان صورت ۾ آهي جڏهن گنهگار موحد ۽ شرڪ کان بلڪل پاڪ هجي . حافظ ابن رجب هن حديث جي شرح ۾ لکي ٿو ته مغفرت حاصل ٿئي ان لاءِ ٽي سبب آهن . هڪ ته اميد پڪي ۽ يقين سان دعا گهري ۽ ٻيو ته الله تعالىٰ جي آڏو پشيمان ٿي بخشائي ، ٽيون هن طرح بيان ڪري ٿو ته :

السبب الثالث من أسباب المغفرة : التوحيدُ ، وهو السببُ الأعظم ، فمن فقده ، فَقَدَ المغفرة ، ومن جاء به ، فقد أتى بأعظم أسباب المغفرة ، قال تعالى : ﴿ إِنَّ ٱللَّهَ لَا يَغۡفِرُ أَن يُشۡرَكَ بِهِۦ وَيَغۡفِرُ مَا دُونَ ذَٰلِكَ لِمَن يَشَآءُۚ ﴾ . فمن جاء مع التوحيد بقُراب الأرض ... لقيه الله بقُرابها مغفرة ... فإنْ كمُلَ توحيدُ العبد وإخلاصُه

[1]– ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 8 / 40 ) حديث رقم ( 3540 ) ، سنن الترمذي ( 11 / 448 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب فِي فَضْلِ التَّوْبَةِ وَالِاسْتِغْفَارِ وَمَا ذُكِرَ مِنْ رَحْمَةِ اللَّهِ لِعِبَادِهِ حديث رقم ( 3463 ) ، الأربعين النووى حديث رقم ( 42 )

لله فيه ، وقام بشروطه كلِّها بقلبه ولسانه وجوارحه ، أو بقلبه ولسانه عندَ الموت ، أوجبَ ذلك مغفرة ما سلف من الذنوب كلِّها ، ومنعه من دخول النَّار بالكلية. فمن تحقَّق بكلمة التوحيد قَلبُه ، أخرجت منه كلَّ ما سوى الله محبةً وتعظيماً وإجلالاً ومهابةً ، وخشيةً ، ورجاءً وتوكُّلاً ، وحينئذ تُحْرَقُ ذنوبه وخطاياه كلُّها ولو كانت مِثلَ زبد البحر. ([1])

”يعني ٽيون سبب مغفرت جو توحيد آهي ۽ اهو سڀ کان وڏو سبب آهي . جنهن کان اهو ويو تنهن کان مغفرت ويئي ۽ جو توحيد سان آيو تنهن مغفرت جو پاڻ سان وڏو سبب آندو . الله تعالىٰ جو فيصلو آهي ته شرڪ ڪرڻ واري کي نه بخشيندو . ان کان بعد جنهن کي وڻي تنهن کي بخشي تنهن ڪري موحد گناهن سان زمين ڀري آيو آهي ته به الله تعالىٰ جي گهري ته ان کي زمين مغفرت جي ڀري ڏي . جيڪڏهن ٻانهي جي توحيد پوري ۽ الله تعالىٰ جي لاءِ عمل خالص ڪرڻ ڪما حقہ هوندو ۽ پنهنجي دل وزبان ۽ عضون سان توحيد جا شرط پورا ڪيائين. مرڻ وقت توحيد جا زبان ۽ دل سان شرط پورا ڪيائين ته الله تعالىٰ ان جي گذريل گناهن جي بخشش واجب ڪئي ۽ جهنم جي داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو آهي . ۽ جنهن جي دل ۾ توحيد جو ڪلمو محقق ۽ ثابت ٿيو ته ان مان غير الله جي محبت (شرعي حد کان ٻاهر) ۽ تعظيم رعب ۽ هيبت خوف اميد ۽ ڀروسو سڀ نڪري ويندا . جيڪڏهن سمنڊ جي جهاڳ (گجي) جي برابر هجي.“

(7) عَنْ أَبِي أَيُّوب الْأَنْصَارِيّ قَالَ : قَالَ رَسُولَ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ : مَا مِنْ عَبْد يَعْبُدُ اللَّهَ وَلَا يُشْرِكُ بِه شَيْئًا ، وَيُقِيمُ الصَّلَاةَ ، وَيُؤْتِي الزَّكَاةَ ، وَيَجْتَنِبُ الْكَبَائِرَ إِلاّ دَخَلَ الْجَنَّةَ ، قَالَ : فَسَأَلُوهُ عَنْ الْكَبَائِرِ ؟ ، قَالَ : الْإِشْرَاكُ بِاللَّه ، وَالْفِرَارُ مِنَ الزَّحْف ، وَقَتْلُ النَّفْس.

هذا حديث صحيح على شرط الشيخين ولا أعرف له علة ولم يخرجاه. ([2])

”ابو ايوب الانصاري ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جو ٻانهو الله تعالىٰ جي عبادت ڪري ٿو ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نٿو بنائي ۽ نماز پڙهي ۽ زڪواة ڏي ٿو ۽ وڏن گناهن کان پاسو ڪري ٿو ته پوءِ بهشت ۾ داخل ٿيندو. صحابن پڇيو ته وڏا گناه ڪهڙا آهن. پاڻ فرمايائون ته: الله سان شرڪ ڪرڻ ۽ جنگ جي ميدان مان ڀڄڻ ۽ قتل ڪرڻ.“

---

[1]- جامع العلوم والحكم ( 368 كان 374 )

[2]- ( **صحيح** ) صحيح الجامع حديث رقم ( 6185 ) ، المستدرك على الصحيحين للحاكم ( 1/ 23 ) حديث رقم ( 59 )

(8) اخرج ابن ابى الدنيا في كتاب الاخلاص وابن ابى حاتم والحاكم وصححه والبيهقى فى الشعب عَنْ مُعَاذِ بْنِ جَبَلٍ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنه قَالَ أوصاني رَسُول اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حِينَ بَعَثَهُ إِلَى الْيَمَنِ قال أَخلص دينك يكفك القليل من العمل. ([1])

"معاذ بن جبل ﷺ كان روايت آهي تہ جڏهن رسول الله ﷺ کيس يمن موڪليو تڏهن عرض ڪيائين تہ مون کي ڪا وصيت ڪريو پاڻ فرمايائون تهل پنهنجي دين کي الله جي لاءِ خالص ڪر تہ ٿورو عمل بہ توکي ڪافي ٿيندو."

هيءَ حديث حافظ المنذري ذڪر ڪئي آهي هن مان ثابت ٿيو تہ عمل ٿورو يا گهڻو ان شخص جو قبول پوندو جو خالص هڪ الله تعالىٰ جي لاءِ هجي جنهن ۾ شرڪ جو ڪو ذرو بہ نہ هجي يعني عمل جي قبول پوڻ لاءِ موحد هجڻ ضروري آهي. ([2])

(9) عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ فَارَقَ الدُّنْيَا عَلَى الْإِخْلَاصِ لِلَّهِ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ وَإِقَامِ الصَّلَاةِ وآتى الزَّكَاةَ فَارَقَهَا وَاللَّهُ عَنْهُ رَاضٍ. ([3])

"انس بن مالڪ ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: جو شخص هن دنيا مان اخلاص سان لڏي ويو يعني سڀ عمل خالص هڪ الله جي لاءِ ڪيائين جنهن لاءِ ڪو شريڪ نہ آهي، نماز قائم ڪيائين ۽ زڪواة ڏنائين تہ هن دنيا مان ان حال ۾ ويندو جو الله تعالىٰ هن كان راضي هوندو."

(10) عن يعقوب بن عاصم قال حدثنى رجلان من اصحاب النبى ﷺ سَمعا النبى ﷺ يقول مَن قَال لاَ اله إلّا الله وَحدَه لَا شَريك لَه لَه الملكُ وَلَه الحمدُ يُحيي و يُميت وهو عَلى كُل شَئ قَدير مُخلصا بها وجه الله روحَه مصدقاً بها لسانه وقلبه إلا فتقت له اَبوابَ السماءِ فَتْقاً حتى ينظرَ الربُ إلي قَائِلِهَا مِن اَهلِ الدُنيا وحق لعبدٍ إنْ نَظَرَ الله إليه ان يعطيه سؤاله . ([4])

"يعقوب بن عاصم چوي ٿو تہ مون کي رسول الله ﷺ جي ٻن اصحابن حديث ٻڌائي جيڪا ڪانئن ٻڌائون تہ پاڻ فرمايائون تہ: جو شخص هيئن چوي: الله تعالىٰ كان سواءِ ڪو معبود نہ آهي اهو اڪيلو آهي. ان جو ڪو شريڪ نہ آهي، بادشاهي ان جي آهي ۽ ان لاءِ حمد وثنا آهي ۽ اهوئي جياري ماري ٿو ۽ هر شيءِ تي قادر آهي ۽ دل جي اخلاص سان

[1]- السلسلة الضعيفة ( 5 / 159 ) حديث رقم ( 2160 ) ، الدرر المنثور للسيوطى ( 2 / 236 )

[2]- الترغيب والترهيب ( 1 / 54 )

[3]- صحيح و ضعيف سنن ابن ماجة ( 1 / 142 ) حديث رقم ( 70 ) ، سنن ابن ماجه ( 1 / 79 ) كِتَاب الْمُقَدِّمَةِ بَاب فِي الْإِيمَانِ حديث رقم ( 69 ) ، الترغيب للمنذرى ( 1 / 53 )

[4]- ( **إسناده صحيح** ) كلمة الإخلاص ( 1 / 61 ) ، كتاب التوحيد لإبن خزيمه ( 386 ) حديث رقم ( 576 )

چوندو هجي ۽ زبان سان ان جي تصديق ڪندو هجي تہ ان لاءِ آسمان جا دروازا کلندا ۽ الله تعالىٰ ان ڏانهن نهاريندو ۽ ٻانهي کي اهو حق مليل آهي تہ جڏهن الله تعالىٰ ان ڏانهن نهاريندو تڏهن سندس گهر پوري ڪندو."

تشريح :- سبحان الله ڪيڏو نہ موحد جو شان آهي جو الله تعالىٰ ان ڏي رحمت جي نظر ڪري ۽ سندس گهر پوري ڪري ۽ عرض اگهائي ۽ هن دعا کي تصديق ۽ اخلاص سان پڙهڻ جو مطلب اهو آهي تہ سندس عمل ۽ طريقہ ڪار ان جي موافق هجي يعني الله تعالىٰ کان سواءِ نہ ڪنهن کي مشڪل ڪشا ڄاڻي نہ ان کان سواءِ نفعو نقصان سمجهي ۽ ان کي بااختيار يا حياتي ۽ موت جو مالڪ يا هر شيءِ تي قدرت رکندڙ سمجهي ۽ نہ ان کان سواءِ ٻي ڪنهن جي پوڄا ڪري، نہ ڪنهن جيئري جي نہ مئي جي نہ ڪنهن ٻي مخلوق شيءِ جي ۽ انهيءَ جي واکاڻ سان سرشار هجي ۽ ان جا ئي تورا ڳائيندو رهي ۽ مٿي ذڪر ٿيل پلائي اهڙي عقيدي ۽ عمل واري شخص لاءِ آهي.

الله تعالىٰ اسان سيني کي اهڙي توحيد عطا فرمائي (آمين)

(ذيل) : بعض ماڻهو ان خوش فهمي ۾ مبتلا هوندا آهن تہ اسان جي لاءِ ان قسم جا ڪلما زبان سان پڙهڻ ڪافي آهن، مگر اهو خيال غلط آهي . بلڪ انهيءَ قسم جي ڪلمن جي معتبر هجڻ ۽ الله تعالىٰ وٽ قبول هجڻ لاءِ هي شرط آهي تہ اسان جو عقيدو عمل ۽ ڪردار ان جي موافق هجي جيئن ارشاد آهي : ﴿إِلَيْهِ يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ وَالْعَمَلُ الصَّالِحُ ﴿١٠﴾﴾ ( فاطر )

"الله تعالىٰ ڏانهن پاڪ ڪلما چڙهن ٿا ۽ ان کي مٿي کڻندڙ عمل صالح آهي."

پوءِ جيڪڏهن هڪ طرف اهڙا ڪلما پڙهندو رهي تہ ٻي طرف قبرن، قبن، پيرن، مشائخن، جهنڊن ۽ تابوتن ۽ مورتين جي پوڄا ڪندو رهي، غيرالله جي نظر ڏيندو رهي ۽ ٻيا ڪيئي شرڪيہ ڪم ڪندو رهي تہ اهڙي ڪلمي تي ڪو اعتبار ڪونهي. بلڪ هن ڪوڙ جهڙي عظيم گناهہ جو ارتڪاب ڪيو چوتہ گواهي هڪ طرف ڏيئي رهيو آهي ۽ زبان سان اقرار ڪري رهيو آهي تہ عمل وري ان جي خلاف ڪري رهيو آهي. الله تعالىٰ اسان سيني کي سچي قول ۽ ان تي ڪار بند رهڻ جي توفيق بخشي . (آمين)

فائدو:- هنن حديثن جو خلاصو هي آهي تہ توحيد الله تعالىٰ جو ٻانهن تي حق آهي ۽ رسول الله ﷺ جي شفاعت جو باعث آهي. سيني عملن کي ڳرو ۽ جن عملن سان نجات حاصل ٿئي انهن ۾ سر فهرست آهي ۽ ان جي موجودگي ۾ ٿورو عمل بہ ڪافي ٿيو وڃي ۽ موحد جنتي آهي ان جي گناهہ معاف ٿيڻ جي اميد آهي ۽ ان تي الله تعالىٰ راضي آهي ۽ توحيد جي گواهي ڏيڻ سان الله تعالىٰ مٿس رحمت جي نظر ڪري ٿو ۽ سندس سوال پورو ڪري ٿو .

——— * ———

## باب ٽيون

## شِرڪ جي بُرائيءَ ۾

هن باب ۾ ٻه فصل آهن.

## فصل پهريون

## آيات قرآنيه جي بيان ۾

(1) ﴿ وَإِذۡ قَالَ لُقۡمَٰنُ لِٱبۡنِهِۦ وَهُوَ يَعِظُهُۥ يَٰبُنَيَّ لَا تُشۡرِكۡ بِٱللَّهِۖ إِنَّ ٱلشِّرۡكَ لَظُلۡمٌ عَظِيمٞ ﴿١٣﴾ ﴾ ( لقمان )

”۽ ياد ڪر ته جڏهن لقمان پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي چيو ته: اي پٽڙا الله تعالىٰ سان (ڪنهن کي به) شريڪ نه ڪر ڇو ته شرڪ وڏو ظلم آهي.“

تشريح:- ظلم جي اصل معنىٰ آهي : وَضْعُ الشَيءِ فِي غَيرِ مَوْضِعه. ([1])

”يعني: ڪنهن شيءِ جو پنهنجي جاءِ کان سواءِ ڪنهن ٻي جڳه تي رکڻ، خواهه وڌائڻ سان هجي يا گهٽائڻ سان يا وقت کان هٽائڻ يا بي انصافي سان ان لاءِ علماء لغت ڪيترا مثال پيش ڪيا آهن مثلاً بگهڙ کي ڌنار ڪرڻ، بغير بيماري جي اٺ کي ڪهڻ، زمين کي اهڙي هنڌ کوٽڻ جتي کوٽڻ جي جاءِ نه هجي، بي وقتو کير پيئڻ وغيره سين حالتن ۾ ظلم جو لفظ عربن وٽ مستعمل آهي ۽ قاضيءَ کي يا فيصلي ڪندڙ کي ظالم ان وقت چيو ويندو آهي جو حقدار جي بجاءِ ان جو حق ٻي کي ڏيندو آهي. ان طرح چونڪه عبادت ۽ بندگي خاص الله تعالىٰ جو حق آهي جنهن لاءِ ماڻهن کي خلقيو اٿس. نيز باب ٻي جي فصل (2) ۾ پهرين حديث معاذ رضي الله عنه کان گذري. ان ۾ مذڪور آهي ته عبادت الله تعالىٰ جو ٻانهن تي حق آهي پوءِ عبادت جو ڪو به قسم ان کان سواءِ ڪنهن به مخلوق شيءِ لاءِ ڪرڻ ڪيترن ئي سببن جي ڪري ظلم آهي

**اول.** هي ته الله تعالىٰ جو حق ٻئي کي ڏي يعني عبادت پنهنجي محل تي نه رکيائين.

**دوم.** الله تعالىٰ جي شان ۾گهٽتائي ڪيائين ڇوته ان جو خلقيل ان جي نسبت حقير ۽ ذليل ۽ عاجز آهي ۽ ان جو محتاج آهي تنهن کي ان سان شريڪ ڪيو اٿس. عام طرح

[1]- غريب القرآن المسمى بنزهة القلوب لابى بكر السجستانى ( 123 ) ، تحفة الاريب مافى القرآن من الغريب لابي حيان الاندلسى ( 177 ) ، المفردات للراغب ( 318 ) ، مقاييس اللغته لابن فانى ( 3 / 469 ) ، مشكل القرآن لابن قتيبه ( 28 ) ، الصحاح للجوهرى ( 5 / 1977 ) ، لسان العرب ( 12 / 373 ) ، القاموس ( 4 / 145 ) ، جمهرة اللغته لابن دريد ( 3 / 124 ) و عامة الكتب

ڪنهن گهٽ درجي واري کي، وڏي درجي وارو مقام ڏيڻ، مثلاً جاهل کي عالم جو، فاسق کي متقيءَ جو، ڪمزور کي پهلوان جو، امتيءَ کي نبيءَ جو درجو ڏيڻ ظلم ۽ بي انصافي سمجهي ويندي آهي. ان طرح مخلوق کي خالق جي شان ۾ شريڪ ڪرڻ يقينًا ظلم آهي.

**سوم.** مخلوق جي حق ۾ غلو ڪرڻ ۽ ان کي پنهنجي حيثيت کان وڌائڻ ۽ خالق جي شان ۽ ان جي حق ۾ مخلوق کي شريڪ ڪرڻ آهي.

قال ابن عباس وجماعةُ أهل التفسير لم يَخْلِطوا إيمانَهم بِشِرْكٍ ورُوِي ذلك عن حُذَيْفة وابنِ مَسْعود وسَلمانَ وتأَوّلوا فيه قولَ الله عز وجل ﴿إِنَّ ٱلشِّرۡكَ لَظُلۡمٌ عَظِيمٌ﴾ ([1])

يعني : ۽نهي آيتن ۾ ظلم مان مراد شرڪ آهي. ان طرح حديث ۾ ماضي ۾ سلف صالحين کان منقول آهي .

علامہ الزمخشري تفسير الڪشاف ۾ لکي ٿو:

لأنّ التسوية بين من لا نعمة إلا هي منه ، ومن لا نعمة منه البتة ولا يتصوّر أن تكون منه – ظلم لا يكتنه عظمه. ([2])

"شرڪ کي ظلم ان ڪري چيو ويو آهي جو ان ۾ منعم حقيقي جنهن کان سواءِ بي ڪنهن کان ڪا نعمت حاصل ٿي نہ سگهندي ۽ جيڪو خود انعام ڪيل آهي ۽ ان کان بہ نعمت حاصل ٿيڻ تصور ۾ ئي نہ اچي، ۽نهي ۾ برابري ڪئي ٿي وڃي. اهو واقعي اهڙو ظلم آهي جو لکي نہ ٿو سگهجي." ان طرح تفسير النفسي (3 / 280) ۽ فتح البيان (7/ 282) وغيره ۾ آهي.

تفسير نيساپوري ۾ آهي تہ :

ووجه كون الشرك ظلماً عظيماً أنه وضع في أخس الأشياء – وهو الفقير المطلق– موضع اشرف الاشياء – وهو الغني المطلق– . ([3])

"شرڪ کي وڏي ۾ وڏو ظلم چوڻ جو سبب هي آهي تہ ان ۾ گهٽ کان گهٽ شيءِ يعني فقير مطلق کي سڀ کان وڌيڪ عزت واري يعني غني (بي پرواهہ) مطلق کي جو رتبو ڏنو ويو آهي."

(2)﴿ إِنَّ ٱللَّهَ لَا يَغۡفِرُ أَن يُشۡرَكَ بِهِۦ وَيَغۡفِرُ مَا دُونَ ذَٰلِكَ لِمَن يَشَآءُۚ وَمَن يُشۡرِكۡ بِٱللَّهِ فَقَدِ ٱفۡتَرَىٰٓ إِثۡمًا عَظِيمًا ﴿٤٨﴾ ﴾ (النساء )

---

[1]- لسان العرب ( 12 / 373 )

[2]- الكشاف ( 5 / 277 )

[3]- تفسير النيسابوري ( 21 / 50 )

”بيشڪ الله تعالیٰ هي ڏوهہ نہ بخشيندو جو ان سان شرڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان گهٽ ٻيا ڏوهہ جنهن لاءِ گهرندو ان کي بخشيندو ۽ جنهن الله تعالیٰ سان شرڪ ڪيو تنهن بلاشڪ وڏي گناهہ جو بهتان ٻڌو.“

(3)﴿ إِنَّ ٱللَّهَ لَا يَغْفِرُ أَن يُشْرَكَ بِهِۦ وَيَغْفِرُ مَا دُونَ ذَٰلِكَ لِمَن يَشَآءُ ۚ وَمَن يُشْرِكْ بِٱللَّهِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلَٰلًۢا بَعِيدًا ﴿١١٦﴾ ﴾(النساء)

”بيشڪ الله تعالیٰ هي ڏوهہ نہ بخشيندو جو ان سان شريڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان گهٽ ٻيا ڏوهہ جنهن لاءِ گهري ان کي بخشيندو ۽ جنهن الله تعالیٰ سان شرڪ ڪيو اهو بلڪل وڏي گمراهي ۾ وڃي پيو“.

تشريح:- انهن ٻنهي آيتن مان شرڪ جي وڏي برائي معلوم ٿي ۽ جو شرڪ جي حالت ۾ مري ويو تہ ان لاءِ مغفرت بلڪل نہ آهي. تنهنڪري هر وقت الله تعالیٰ کان ان باري ۾ پناهہ ۽ مغفرت گهرڻ گهرجي.

(4) ﴿إِنَّهُۥ مَن يُشْرِكْ بِٱللَّهِ فَقَدْ حَرَّمَ ٱللَّهُ عَلَيْهِ ٱلْجَنَّةَ وَمَأْوَىٰهُ ٱلنَّارُ ۖ وَمَا لِلظَّٰلِمِينَ مِنْ أَنصَارٍ ﴿٧٢﴾ ﴾ ( المائدة )

”جنهن الله تعالیٰ سان شرڪ ڪيو ان لاءِ الله تعالیٰ بهشت کي حرام ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جي موٽڻ جي جاء جهنم جي باهہ آهي ۽ ظالمن لاءِ ڪو مددگار نہ آهي.“

تشريح:- پوءِ جيڪي ماڻهو ان گمان تي پيرن ۽ بزرگن جي پوڄا ڪن ٿا تہ اهي اسان کي بهشت ۾ وني ويندا اهو غلط ثابت ٿيو .

(5) ﴿ ۞ قُلْ تَعَالَوْا۟ أَتْلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ ۖ أَلَّا تُشْرِكُوا۟ بِهِۦ ﴿١٥١﴾ ﴾ ( الانعام )

”چئو تون (اي نبي ﷺ) اچو تہ اوهان کي اهي شيون پڙهي ٻڌايان جيڪي اوهان جي رب اوهان تي حرام ڪيون آهن . (ان مان پهريون هي تہ) ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ بڻايون.“

تشريح:- ثابت ٿيو تہ شرڪ سيني حرام ڪمن ۾ وڏو حرام ڪم آهي. پوءِ ان جي ڪنهن بہ ڪم کي جائز يا حلال ڄاڻڻ وڏي گمراهي آهي. شرح العقائد النسفيه ۾ آهي تہ :

واستحلال المعصية صغيرة كانت او كبيرة كفر. ([1])

”ڪنهن بہ ننڍي يا وڏي گناهہ کي حلال سمجهڻ يا چوڻ ڪفر آهي. “

(6) ﴿ وَأَذَٰنٌ مِّنَ ٱللَّهِ وَرَسُولِهِۦٓ إِلَى ٱلنَّاسِ يَوْمَ ٱلْحَجِّ ٱلْأَكْبَرِ أَنَّ ٱللَّهَ بَرِىٓءٌ مِّنَ ٱلْمُشْرِكِينَ ۙ وَرَسُولُهُۥ ۚ فَإِن تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۖ وَإِن تَوَلَّيْتُمْ فَٱعْلَمُوٓا۟ أَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِى ٱللَّهِ ۗ وَبَشِّرِ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٣﴾ ﴾ ( التوبة )

”الله تعالیٰ ۽ ان جي رسول (ﷺ) جي طرفان حج اڪبر جي ڏينهن ماڻهن ۾ اعلان آهي تہ الله تعالیٰ ۽ ان جو رسول (ﷺ) ٻئي مشرڪن کان بيزار آهن. پوءِ (اي

---

[1]- شرح العقائد النسفيه ( 167 ) اصح المطابع

مشرڪو!) جيڪڏهن اوهين (شرڪ کان) توبہ ڪندو تہ اوهان لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن منهن ڦيرائيندؤ تہ يقين ڄاڻو تہ اوهين الله تعالىٰ کان ڏاڍا نہ آهيو (اي پيغمبر ﷺ) تون ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي.“

تشريح :- پوءِ جيڪو شخص مشرڪن کان بيزار نہ ٿو ٿئي يا انهن سان دوستي رکي ٿو تہ ان جو الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول ﷺ سان ڪو واسطو نہ رهيو نيز هن آيت ۾ مشرڪ کي ڪافر سڏيو ويو آهي .

(7) ﴿وَمَن يُشْرِكْ بِٱللَّهِ فَكَأَنَّمَا خَرَّ مِنَ ٱلسَّمَآءِ فَتَخْطَفُهُ ٱلطَّيْرُ أَوْ تَهْوِى بِهِ ٱلرِّيحُ فِى مَكَانٍ سَحِيقٍ ﴿٣١﴾﴾ ( الحج )

”۽ جنهن شخص الله تعالىٰ سان شرڪ ڪيو سوگوياڪ (ڄڻ تہ) آسمان تان ڪريو ۽ ڪيس مردار خور پکي ڪٽي ويا يا هوا ڪٽي وڃي پري ڇڏيو.“

تشريح :- گوياڪ مشرڪن جو مثال ننڌڪي جهڙو آهي سچ آهي تہ :

﴿وَأَنَّ ٱلْكَٰفِرِينَ لَا مَوْلَىٰ لَهُمْ ﴿١١﴾﴾ ( محمد )

”يعني ڪافرن جو ڪو بہ ڌڻي سائين نہ آهي“

﴿إِنَّ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ مِنْ أَهْلِ ٱلْكِتَٰبِ وَٱلْمُشْرِكِينَ فِى نَارِ جَهَنَّمَ خَٰلِدِينَ فِيهَآ ۚ أُو۟لَٰٓئِكَ هُمْ شَرُّ ٱلْبَرِيَّةِ ﴿٦﴾﴾ ( البينة )

”بيشڪ مشرڪن ۽ اهل ڪتاب منجهان جن ڪفر ڪيو (مڃڻ کان انڪار ڪيو) تہ اهي هميشہ جي لاءِ جهنم جي باهہ ۾ هوندا ۽ اهي ئي سڀ مخلوق ۾ بڇڙا آهن.“

(9) ﴿قَالُوا۟ وَهُمْ فِيهَا يَخْتَصِمُونَ ﴿٩٦﴾ تَٱللَّهِ إِن كُنَّا لَفِى ضَلَٰلٍ مُّبِينٍ ﴿٩٧﴾ إِذْ نُسَوِّيكُم بِرَبِّ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿٩٨﴾ وَمَآ أَضَلَّنَآ إِلَّا ٱلْمُجْرِمُونَ ﴿٩٩﴾ فَمَا لَنَا مِن شَٰفِعِينَ ﴿١٠٠﴾ وَلَا صَدِيقٍ حَمِيمٍ ﴿١٠١﴾﴾ ( الشعراء )

”(مشرڪ ۽ جن جي پوڄا ڪن ٿا) پاڻ ۾ جهنم ۾ جهڳڙو ڪندي پوڄارا انهن کي چوندا تہ: الله تعالىٰ جو قسم! تہ بيشڪ اسين پڌري گمراهي ۾ هئاسون. جو جهان جي پالڻهار سان اوهان کي برابر ڪيوسون ۽ اسان کي ڏوهارين کان سواءِ ٻئي ڪنهن گمراهہ نہ ڪيو. هاڻي اسان لاءِ نہ ڪو سفارشي آهي ۽ نہ ڪو دوست حمايتي.“

تشريح :- هن آيت مان سبق ملي ٿو تہ مشرڪ هتي ئي دنيا ۾ پنهنجي گمراهي محسوس ڪن ۽ موحد جي صحبت ۾ رهي پنهنجو عقيدو صحيح بنائين ورنہ قيامت جي ڏينهن ڪنهن قسم جي ندامت ۽ پشيماني ڪم نہ ايندي.

(10) ﴿سَنُلْقِى فِى قُلُوبِ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ ٱلرُّعْبَ بِمَآ أَشْرَكُوا۟ بِٱللَّهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهِۦ سُلْطَٰنًا ۖ وَمَأْوَىٰهُمُ ٱلنَّارُ ۚ وَبِئْسَ مَثْوَى ٱلظَّٰلِمِينَ ﴿١٥١﴾﴾ ( آل عمران )

”ڪافرن جي دلين ۾ اسين سگهوئي دهشت ۽ خوف وجهنداسون ان ڪري جوانهن الله تعالىٰ سان اهڙي شيءِ کي شريڪ بنايو آهي جنهن لاءِ الله تعالىٰ ڪو دليل نہ لاٿو آهي ۽ انهن جي جاءِ باھ آهي ۽ ظالمن لاءِ موٽڻ جي جاءِ بري آهي.“

تشريح :- اهوئي سبب آهي جو قرون اولىٰ (پهرين صدين) ۾ مسلمان باوجود قلت جي ڪافرن تي غالب رهيا. ۽ باوجود ڪثرت جي هو مسلمانن کان خائف رهيا ٿي. ڇوتہ هو الله سان شرڪ ڪندا هئا ۽ جڏهن مسلمانن شرڪ ڪرڻ شروع ڪيو تہ انهن مان شجاعت ۽ بهادري جهڙي نعمت سلب (کسجي) ٿي ويئي. ۽ بزدلي، بي همتي جا شڪار ٿي ويا ڇوتہ موحد ڪي هڪ الله تي ڀروسو هوندو آهي.

﴿وَمَن يَتَوَكَّلْ عَلَى ٱللَّهِ فَهُوَ حَسْبُهُۥٓ ﴿٣﴾﴾ ( الطلاق )

”جنهن الله تعالىٰ تي ڀروسو ڪيو تہ اهو ان کي ڪافي آهي.“

۽ اهو ڪيس همت ۽ توفيق ڏيندو ۽ دل کي مضبوط ڪندو رهندو مگر (پر) مشرڪ کان الله تعالىٰ بيزار آهي تنهنڪري ان جو ڪو مددگار نہ آهي ۽ الله تعالىٰ انهن کي بزدل بنائي ٿو.

(11) ﴿قُلْ أَيُّ شَىْءٍ أَكْبَرُ شَهَٰدَةً ۖ قُلِ ٱللَّهُ ۖ شَهِيدٌۢ بَيْنِى وَبَيْنَكُمْ ۚ وَأُوحِىَ إِلَىَّ هَٰذَا ٱلْقُرْءَانُ لِأُنذِرَكُم بِهِۦ وَمَنۢ بَلَغَ ۚ أَئِنَّكُمْ لَتَشْهَدُونَ أَنَّ مَعَ ٱللَّهِ ءَالِهَةً أُخْرَىٰ ۚ قُل لَّآ أَشْهَدُ ۚ قُلْ إِنَّمَا هُوَ إِلَٰهٌ وَٰحِدٌ وَإِنَّنِى بَرِىٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُونَ ﴿١٩﴾﴾ ( الأنعام )

”چئو تون (اي پيغمبر ﷺ!) تہ شاهديءَ ۾ ڪير وڏو آهي؟ ۽ تون چئو تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ الله شاهد آهي ۽ مون ڏي هي قرآن وحي ڪيو ويو آهي تان تہ اوهان کي ۽ جن تائين قرآن پهچي سيني کي ڊيڄاريان . ڇا اوهين اها شاهدي ڏيو ٿا تہ الله سان گڏ ٻيا معبود آهن؟ چئو! تہ آئون اها شاهدي نہ ڏيندس. تون چئو! تہ ائين نہ آهي . فقط هڪ اهو ئي معبود آهي. ۽ آئون انهن سيني کان بيزار آهيان جن کي ساڻس توهين شريڪ ڪيو ٿا.“

تشريح :- هن آيت مان ثابت ٿيو تہ شرڪ وحي الهي ۽ رسول الله ﷺ جي دين جي خلاف آهي ۽ قرآن جو اهو فيصلو آهي تہ مون الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي .

(12) ﴿ وَمَا يُؤْمِنُ أَكْثَرُهُم بِٱللَّهِ إِلَّا وَهُم مُّشْرِكُونَ ﴿١٠٦﴾ أَفَأَمِنُوٓا۟ أَن تَأْتِيَهُمْ غَٰشِيَةٌ مِّنْ عَذَابِ ٱللَّهِ أَوْ تَأْتِيَهُمُ ٱلسَّاعَةُ بَغْتَةً وَهُمْ لَا يَشْعُرُونَ ﴿١٠٧﴾﴾ ( يوسف )

”الله تعالىٰ کي مڃڻ وارن ۾ اڪثر ساڻس شرڪ ڪندڙ آهن. ڇا هو بي خوف ٿيا آهن؟ ان ڳالھ کان تہ متن ڪا الله تعالىٰ جي عذاب مان ڇپ پوي يا اوچتي قيامت اچي کين خبر نہ هجي.“

تشريح :- هن آيت ۾ تنبيہ آهي تہ مشرڪ کي هميشہ الله تعاليٰ جي عذاب ۾ پڪڙ کان خطري ۾ رهڻ گهرجي اهڙو امن فقط موحد کي حاصل آهي.

(13) ﴿ هَٰٓؤُلَآءِ قَوۡمُنَا ٱتَّخَذُواْ مِن دُونِهِۦٓ ءَالِهَةٗۖ لَّوۡلَا يَأۡتُونَ عَلَيۡهِم بِسُلۡطَٰنِۭ بَيِّنٖۖ فَمَنۡ أَظۡلَمُ مِمَّنِ ٱفۡتَرَىٰ عَلَى ٱللَّهِ كَذِبٗا ١٥ ﴾ ( الكهف )

”(اصحاب ڪهف وارن چيو تہ) هي اسان جا قوم وارا آهن جن الله تعاليٰ کان سواءِ ٻين کي معبود مقرر ڪيو آهي چو نہ تا ان ڳالهہ تي دليل پيش ڪن؟ (۽ دليل تہ ڪو آهي ڪونہ) تنهنڪري ان کان وڌو ٻيو ظالم ڪير آهي جو الله تعاليٰ (لاشريڪ بنائي ان) تي ڪوڙ ٻڌي.“

تشريح :- شرڪ خود وڏو ڪوڙ آهي جڏهن الله تعاليٰ سان ڪو شريڪ آهي ئي ڪو نہ. جو ان لاءِ شريڪ مڃي ٿو. سو هن لاءِ ڪوڙ هڻي ٿو ۽ الله تعاليٰ تي ڪوڙ هڻڻ واري جي عاقبت (انجام) بري آهي نيز ارشاد آهي.

﴿ وَمَنۡ أَظۡلَمُ مِمَّنِ ٱفۡتَرَىٰ عَلَى ٱللَّهِ كَذِبًاۚ أُوْلَٰٓئِكَ يُعۡرَضُونَ عَلَىٰ رَبِّهِمۡ وَيَقُولُ ٱلۡأَشۡهَٰدُ هَٰٓؤُلَآءِ ٱلَّذِينَ كَذَبُواْ عَلَىٰ رَبِّهِمۡۚ أَلَا لَعۡنَةُ ٱللَّهِ عَلَى ٱلظَّٰلِمِينَ ١٨ ﴾ ( هود )

”يعني ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جو الله تعاليٰ تي ڪوڙ ڳالهائي. قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ جي سامهون اهي پيش ٿيندا ۽ شاهد شاهدي ڏيندا تہ هي اهي آهن جن الله تعاليٰ تي ڪوڙ ڳالهايو. خبردار! ظالمن تي الله تعاليٰ جي لعنت آهي.“

(14) ﴿ ضَرَبَ لَكُم مَّثَلٗا مِّنۡ أَنفُسِكُمۡۖ هَل لَّكُم مِّن مَّا مَلَكَتۡ أَيۡمَٰنُكُم مِّن شُرَكَآءَ فِي مَا رَزَقۡنَٰكُمۡ فَأَنتُمۡ فِيهِ سَوَآءٞ تَخَافُونَهُمۡ كَخِيفَتِكُمۡ أَنفُسَكُمۡۚ كَذَٰلِكَ نُفَصِّلُ ٱلۡأٓيَٰتِ لِقَوۡمٖ يَعۡقِلُونَ ٢٨ ﴾ ( الروم )

”توهان جي پنهنجي وجود مان الله تعاليٰ توهان لاءِ مثال بيان فرمايو آهي. تہ ڇا توهان جي ٻانهن مان ڪو توهان جي رزق جيڪو اسان توهان کي ڏنو آهي تنهن ۾ ڀائيوار آهي؟ ۽ اوهين ان ۾ برابر حصي وار هجو؟ ۽ انهن کان پاڻ جهڙن ڀائيوارن جيترو ڊڄندا رهو ٿا؟ ان طرح اسين عقل وارن لاءِ آيتون بيان ڪريون ٿا.“

تشريح :- يعني تہ جڏهن اوهين پاڻ سان ڀائيوارن جهڙي شراڪت پنهنجي ٻانهن جي پسند نہ ٿا ڪريو. حالانڪہ اوهين خود مخلوق ۽ الله تعاليٰ جا ٻانها آهيو پوءِ ڪيئن ٿا الله ۽ ٻانهي جي وچ ۾ شراڪت ۽ ڀائيواري کي قبول ڪيو يا عمل ۾ آڻيو. گوياڪ بي عقلي ۽ انڌائي جو نتيجو آهي .

(15) ﴿ ظَهَرَ ٱلْفَسَادُ فِى ٱلْبَرِّ وَٱلْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ أَيْدِى ٱلنَّاسِ لِيُذِيقَهُم بَعْضَ ٱلَّذِى عَمِلُوا۟ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ﴿٤١﴾ قُلْ سِيرُوا۟ فِى ٱلْأَرْضِ فَٱنظُرُوا۟ كَيْفَ كَانَ عَٰقِبَةُ ٱلَّذِينَ مِن قَبْلُ ۚ كَانَ أَكْثَرُهُم مُّشْرِكِينَ ﴿٤٢﴾ ﴾ ( الروم )

”بر ۽ بحر (زمين ۽ سمنڊ) ۾ ماڻهن جي هٿن جي ڪمائي جي سبب فساد ظاهر ٿيو آهي. تان تہ انهن کي سندن ڪن عملن جو مزو چکائي من موٽي اچن. چؤ تون (اي نبي ﷺ!) زمين ۾ سير ڪري اڳين جي عاقبت معلوم ڪريو. انهن ۾ اڪثر شرڪ ڪرڻ وارا آهن.“

تشريح :- قرآن ڪريم ۾ ڪيترن قومن جي عذاب اچڻ سان هلاڪ ۽ تباهہ ٿيڻ جو ذڪر آهي. اگرچہ انهن ۾ ڪئين مختلف ڏوهہ هئا. مگر هن آيت سڳوريءَ مطابق انهن ۾ اڪثريت الله تعالىٰ سان شرڪ ڪرڻ وارن جي هئي. هن وقت بہ روزمره جون خبرون پهچنديون رهن ٿيون تہ مختلف جڳهين تي فتنا ۽ فساد، جاني ۽ مالي نقصان ۽ تباهيون ٿينديون رهن ٿيون حالانڪ انهيءَ زمين تي بيشمار بزرگن جون درگاهون ۽ آستانہ آهن. جنهن تي رات ڏينهن پوڄا، نذر ۽ نياز ٿيندا رهن ٿا. مگر انهن فسادن ۾ ڪا ڪمي نہ بلڪ واڌارو ايندو رهي ٿو. انهن فسادن کي روڪڻ ۽ انهي کان بچڻ لاءِ صرف اهو طريقو آهي تہ سيني درگاهن کان منهن موڙي الله تعالىٰ جي درگاهہ تي اچي توبہ ڪجي ۽ پنهنجي گناهن جي مغفرت گهرجي.

(16) ﴿ أَفَمَنْ هُوَ قَآئِمٌ عَلَىٰ كُلِّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ ۗ وَجَعَلُوا۟ لِلَّهِ شُرَكَآءَ قُلْ سَمُّوهُمْ ۚ أَمْ تُنَبِّـُٔونَهُۥ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِى ٱلْأَرْضِ أَم بِظَٰهِرٍ مِّنَ ٱلْقَوْلِ ۗ بَلْ زُيِّنَ لِلَّذِينَ كَفَرُوا۟ مَكْرُهُمْ وَصُدُّوا۟ عَنِ ٱلسَّبِيلِ ۗ وَمَن يُضْلِلِ ٱللَّهُ فَمَا لَهُۥ مِنْ هَادٍ ﴿٣٣﴾ لَّهُمْ عَذَابٌ فِى ٱلْحَيَوٰةِ ٱلدُّنْيَا ۖ وَلَعَذَابُ ٱلْءَاخِرَةِ أَشَقُّ ۖ وَمَا لَهُم مِّنَ ٱللَّهِ مِن وَاقٍ ﴿٣٤﴾ ﴾ ( الرعد )

”ڇا جيڪو الله هر نفس جي عمل تي خبردار آهي ۽ هنن (ان جي هوندي) ساڻس شريڪ بنايا آهن (اي پيغمبر ﷺ!) تون چوين تہ انهن جا نالا تہ مقرر ڪيو يا خود الله تعالىٰ کي اهڙي شيءِ جي خبر ڏيڻ چاهيو ٿا جنهن کي هو زمين ۾ نہ ٿو ڄاڻي يا بغير حقيقت جي خالي ٻي اثر ڳالهيون ٿا ڪريو؟ بلڪ ڪافرن کي سندن مڪر ۽ حيلا وڻندڙ آهن. ۽ سنئين راهہ کان روڪيا ويا آهن. جنهن کي الله تعالىٰ گمراهہ ڪيو تنهن کي ڪو رستو ڏيکارڻ وارو نہ آهي. انهن لاءِ دنيا ۾ عذاب آهي ۽ آخرت جو عذاب وڌيڪ ڏکيو آهي ۽ انهن لاءِ الله تعالىٰ کان ڪو بچائڻ وارو ڪونهي.“

تشريح :- جڏهن الله تعالىٰ جي علم ۾ ڪا بہ شيءِ زمينن تي اهڙي نہ آهي جا ساڻس شراڪت يا ڀائيواري رکندي هجي تہ پوءِ هنن مشرڪن کي ڪيئن معلوم ٿيو تہ فلاڻو مشڪل ڪشا يا دستگير ۽ داتا آهي. صرف بنا ڪنهن ثبوت جي نلهيون ڳالهيون

ڪن ٿا. جن جو ڪو بنياد ڪونهي. چونڪ سندن برايون انهن کي پسند آهن، تنهنڪري ڪوڙن ۽ فرضي معبودن تي طرح طرح جون اٽڪلون ۽ حيلا سازي ڪندا رهن ٿا مگر ڄڏهن الله تعالیٰ جي پڪڙ ايندي ته مشرڪن کي ڪو بچائي نه سگهندو.

(17)﴿ سَيَقُولُ ٱلَّذِينَ أَشۡرَكُواْ لَوۡ شَآءَ ٱللَّهُ مَآ أَشۡرَكۡنَا وَلَآ ءَابَآؤُنَا وَلَا حَرَّمۡنَا مِن شَيۡءٖۚ كَذَٰلِكَ كَذَّبَ ٱلَّذِينَ مِن قَبۡلِهِمۡ حَتَّىٰ ذَاقُواْ بَأۡسَنَاۗ قُلۡ هَلۡ عِندَكُم مِّنۡ عِلۡمٖ فَتُخۡرِجُوهُ لَنَآۖ إِن تَتَّبِعُونَ إِلَّا ٱلظَّنَّ وَإِنۡ أَنتُمۡ إِلَّا تَخۡرُصُونَ ١٤٨ ﴾ ( الأنعام )

”مشرڪ سگهوئي چوندا ته جي الله گهري ها ته اسين شرڪ نه ڪيون ها ۽ نه ئي اسان جا ابا ڏاڏا ڪن ها. ۽ نه اسين ڪا شيءِ حرام ڪيون ها. ان طرح انهن جي اڳين به (شرڪ کان روڪڻ وارن کي) ڪوڙو چيو تي تانجو اسان جو عذاب چکيائون ٿي. چؤ تون (اي رسول الله ﷺ!) ڇا ان بابت توهان وٽ ڪو علم آهي ته ڪڍي آڻيو (بلڪ) اوهين صرف گمان جي پويان هلو ٿا ۽ رڳو اٽڪلون ڪيو ٿا.

تشريح :- هي به مشرڪن جو بهانو آهي. چوته جنهن کي جو گناهه ڇڏڻو نه هوندو آهي ته اهو اهي عذر پيش ڪندو آهي ته جيڪڏهن الله نه گهري ها ته اسين اهوگناهه نه ڪريون ها. ان مغالطي سان نصيحت ڪندڙن کي منجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ۽ در حقيقت مشرڪن وٽ سواءِ اٽڪل ۽ گمان جي ٻيو ڪجهه به نه آهي.

(18) ﴿ إِنِّي تَرَكۡتُ مِلَّةَ قَوۡمٖ لَّا يُؤۡمِنُونَ بِٱللَّهِ وَهُم بِٱلۡأٓخِرَةِ هُمۡ كَٰفِرُونَ ٣٧ وَٱتَّبَعۡتُ مِلَّةَ ءَابَآءِيٓ إِبۡرَٰهِيمَ وَإِسۡحَٰقَ وَيَعۡقُوبَۚ مَا كَانَ لَنَآ أَن نُّشۡرِكَ بِٱللَّهِ مِن شَيۡءٖۚ ذَٰلِكَ مِن فَضۡلِ ٱللَّهِ عَلَيۡنَا وَعَلَى ٱلنَّاسِ وَلَٰكِنَّ أَكۡثَرَ ٱلنَّاسِ لَا يَشۡكُرُونَ ٣٨ ﴾ ( يوسف )

”يوسف عليه السلام(قيد جي ساٿين کي چيو) مون ان قوم جي ملت کي پرکي ڇڏي ڏنو آهي. جيڪي الله تعالیٰ تي ايمان نه ٿا رکن ۽ آخرت جا منڪر آهن بلڪ مون پنهنجي ابن ڏاڏن ابراهيم، اسحاق، ۽ يعقوب عليهم السلام جي پيروي ڪئي آهي. اسان جي شان وٽان اها ڳالهه نه آهي ته الله تعالیٰ سان ڪنهن کي شريڪ ڪريون ۽ اهو الله تعالیٰ جو اسان تي وڏو فضل آهي ۽ ماڻهن تي به. پر گهڻا ماڻهو شڪر نه ٿا ڪن.“

تشريح :- هن آيت مان ثابت ٿيو ته شرڪ ڪرڻ، مسلمانن کي ڪنهن به طرح لائق نه آهي ۽ توحيد الله تعالیٰ جي وڏي نعمت آهي جنهن کي اها نصيب ٿئي تنهن تي ان جو شڪر لازمي آهي.

(19) ﴿ إِنَّمَا سُلۡطَٰنُهُۥ عَلَى ٱلَّذِينَ يَتَوَلَّوۡنَهُۥ وَٱلَّذِينَ هُم بِهِۦ مُشۡرِكُونَ ١٠٠ ﴾ ( النحل )

”شيطان جو زور صرف ان ماڻهن تي هلي سگهي ٿو جيڪي ان کي پنهنجو دوست سمجهن ٿا. ۽ جيڪي الله تعاليٰ سان شرڪ ڪندڙ آهن.“

تشريح :- گوياڪ (جيئن ته) موحد جي مٿان شيطان رجيم جو ڪو به زور نٿو هلي سگهي. ڇو ته هن هڪ الله تعاليٰ جو سهارو جهليو آهي. ۽ شيطان جي مڪر ۽ فريب کان بچڻ جو صرف اهوطريقو آهي ته هر قسم جي شرڪ کان دور رهي. ۽ توحيد تي مضبوطيءَ سان قائم رهي. پوءِ شيطان جو ڪوبه حيلو ان تي اثر نه ڪندو. ۽ شرڪ ڪرڻ سان شيطان جي ڇنبي ۾ پوري طرح انسان گرفتار ٿي وڃي ٿو. پوءِ ان تي هر قسم جو حڪم هلائي سگهي ٿو.

(20) ﴿ يَـٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓاْ إِنَّمَا ٱلْمُشْرِكُونَ نَجَسٌ ...﴿٢٨﴾ ﴾ ( التوبة )

”اي ايمان وارؤ! شرڪ ڪندڙ صرف پليت آهي.“

تشريح :- جنهن شخص جو عقيدو پليت آهي. تنهن جي باقي ڪهڙي شيءِ پاڪ رهي سگهي ٿي. حالانڪ (جيئن ته) مومن پليت نه هوندو آهي. جيئن ته بخاري، مسلم جي حديث ۾ آهي ته : إِنَّ الْمُؤْمِنَ لَا يَنْجُسُ. ([1]) ثابت ٿيو ته مومن پاڪ هوندو آهي ۽ ثابت ٿيو ته مشرڪ مومن نٿو ٿي سگهي. ڇوته هڪ ئي شخص پاڪ به هجي ۽ پليت به هجي اهو ناممڪن آهي.

(21) ﴿وَأُحِيطَ بِثَمَرِهِۦ فَأَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلَىٰ مَآ أَنفَقَ فِيهَا وَهِىَ خَاوِيَةٌ عَلَىٰ عُرُوشِهَا وَيَقُولُ يَـٰلَيْتَنِى لَمْ أُشْرِكْ بِرَبِّىٓ أَحَدًا ﴿٤٢﴾ ﴾ ( الكهف)

”(جنهن جو باغ ۽ پوک تباهه ٿي) پنهنجي ڪيل خرچ تي افسوس کان تريون ملڻ لڳو ۽ ان وقت جو سندس باغ ڇتين سميت ڪريل هو. ۽ چوندو رهيو افسوس! جيڪر پنهنجي پالڻهار سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪريان ها!.

تشريح :- الله تعاليٰ ٻن شخصن جو قصو بيان فرمايو آهي هڪ جو باغ تيار ۽ پاڻي وافر ۽ ساٿي گهڻان هئا ۽ ان کي پنهنجي گهڻائيءَ ۽ آباديءَ تي فخر هو. ۽ ٻيو غريب ان جي آبادي ٿوري ۽ ساٿي گهٽ هئا. مگر پهرين شخص کي نصيحت ڪندو هو ۽ شرڪ کان روڪيندو هو. ۽ قيامت کان ڊيڄاريندو هو، مگر اهو فخر ۾ رهيو ۽ قيامت جي پرواهه نه ڪيائين بالآخر سندس تيار ٿيل پوک ۽ باغ تي عذاب آيو ۽ سندس سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويو. جنهن تي هو پشيماني ڪرڻ لڳو. مگر ان وقت پشيماني ڪهڙي ڪم جي، شرڪ واري کي هي قصو پڙهي توبه ڪرڻ گهرجي. ۽ الله تعاليٰ جي وحدانيت جو اقرار ڪرڻ

---

[1]- صحيح مسلم ( 2 / 294 ) كِتَاب الْحَيْضِ بَاب الدَّلِيلِ عَلَى أَنَّ الْمُسْلِمَ لَا يَنْجُسُ حديث رقم ( 556 ) ، مشكاة المصابيح ( 49 )

گهرجي . تہ متان ان تي بہ ڪو عذاب اچي . پوءِ ان وقت افسوس جا هٿ هڻندو ۽ ڪجھ حاصل نہ ٿيندس.

(22) ﴿ مَا كَانَ إِبْرَاهِيمُ يَهُودِيًّا وَلَا نَصْرَانِيًّا وَلَٰكِن كَانَ حَنِيفًا مُّسْلِمًا وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿٦٧﴾ ﴾ ( آل عمران )

”ابراهيم عليہ السلام نہ يهودي هو نہ نصراني بلڪہ هڪ طرفو مسلمان هو ۽ مشرڪن مان نہ هو.“

تشريح :- ابرهيم عليہ السلام جي دين جي تابعداري جو هن امت کي حڪم آهي جيئن فرمان آهي تہ:

﴿ ثُمَّ أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ أَنِ اتَّبِعْ مِلَّةَ إِبْرَاهِيمَ حَنِيفًا ... ﴿١٢٣﴾ ﴾ ( النحل )

”اسان تو ڏانهن اي پيغمبر (ﷺ) وحي موڪليو تہ تون هڪ طرفو ٿي، ابراهيم عليہ السلام جي دين جي تابعداري ڪر.“

انهي ڪري اسان جي دين اسلام کي ملة حنيفية چيو ويندو آهي. يعني هڪ طرفو دين جنهن ۾ الله تعالىٰ کان سواءِ ٻي ڪنهن طرف لاڙو نہ آهي. ثابت ٿيو جنهن دين تي اسين آهيون ان ۾ شرڪ جو ڪو بہ ڪم نہ آهي ۽ اسان کي شرڪ کان بلڪل دور رهڻ جو حڪم آهي.

(23) ﴿ وَلَا يَصُدُّنَّكَ عَنْ آيَاتِ اللَّهِ بَعْدَ إِذْ أُنزِلَتْ إِلَيْكَ ۖ وَادْعُ إِلَىٰ رَبِّكَ ۖ وَلَا تَكُونَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿٨٧﴾ ﴾ ( القصص)

”(اي پيغمبر ﷺ !) ڪافر توکي الله تعالىٰ جي آيتن بعد ان جي، جيڪي تو ڏانهن لاٿيون ويون آهن. انهن کان نہ روڪين ۽ تون پنهنجي رب ڏانهن سڏيندو رھ ۽ شرڪ ڪرڻ وارن مان هرگز نہ ٿي.“

تشريح :- هن آيت سڳوري مان چند ڳالهيون معلوم ٿيون .

هڪ:- تہ شرڪ کان سخت منع آهي تنهنڪري اهو ناجائز ۽ حرام چئبو ۽ جيڪي شرڪ ڪن ٿا، سي الله تعالىٰ جي حڪم جي نافرماني ڪندڙ آهن.

ٻيو:- تہ الله تعالىٰ ڏانهن سڏڻ جو مطلب تہ اهو هڪڙو آهي، ان جو ڪو شريڪ نہ آهي تنهنڪري ڪنهن ٻئي ڏانهن سڏڻ، ان کي الله تعالىٰ سان شريڪ بنائڻو آهي

ٽيون:- هي تہ آيتن مان شرڪ جي برائي ۽ توحيد جي ڀلائي چڱي طرح ظاهر ٿي چڪي آهي.

چوٿون:- هي تہ جيڪي ماڻهو شرڪ جو ڏس يا ان جي تعليم ڏين ٿا يا ٻين درگاهن تي وڃڻ جي رغبت ڏيارين ٿا سي در اصل الله تعالىٰ جي قرآن ڪريم ۽ ان جي آيتن سڳورين تي عمل ڪرڻ کان روڪين ۽ جهلين ٿا .

(24) ﴿ ۞ وَٱعۡبُدُواْ ٱللَّهَ وَلَا تُشۡرِكُواْ بِهِۦ شَيۡـٔٗاۖ ... ﴿٣٦﴾ ﴾ ( النساء )

”۽ هڪڙي الله تعالىٰ جي پوڄا ڪريو ۽ ان سان ڪنهن بہ شيءِ ڪي شريڪ نہ بڻايو.“

تشريح :- هن آيت ۾ بہ شرڪ ڪرڻ ڪان صريحًا منع ٿيل آهي .

(25) ﴿ فَٱصۡدَعۡ بِمَا تُؤۡمَرُ وَأَعۡرِضۡ عَنِ ٱلۡمُشۡرِكِينَ ﴿٩٤﴾ إِنَّا كَفَيۡنَٰكَ ٱلۡمُسۡتَهۡزِءِينَ ﴿٩٥﴾ ٱلَّذِينَ يَجۡعَلُونَ مَعَ ٱللَّهِ إِلَٰهًا ءَاخَرَۚ فَسَوۡفَ يَعۡلَمُونَ ﴿٩٦﴾ ﴾ ( الحجر )

”(اي نبي ﷺ!) تو کي جنهن ڳالهہ جو حڪم مليل آهي. ان کي ظاهر ڪر ۽ مشرڪن ڪان منهن موڙ (توتي ۽ تنهنجي دعوت تي) انهن چٿر ڪندڙن جي باري ۾ اسين تولاءِ ڪافي آهيون. جيڪي الله تعالىٰ سان گڏ ٻيا معبود مقرر ڪن ٿا پوءِ اهي عنقريب (پنهنجي عاقبت کي) ڄاڻندا.“

تشريح :- هن آيت ۾ چند ڳالهين جي تعليم آهي

هڪ:- تہ توحيد کي لڪائجي نہ بلڪ قولاً ۽ عملاً ان کي ظاهر ڪيو وڃي ۽ ان جو اعلان ڪيو وڃي.

ٻيو:- تہ شرڪ وارن سان تعلق ۽ دوستي رکڻ نہ گهرجي بلڪ انهن ڪان پاسو ڪجي ۽ دور رهجي.

ٽيون:- تہ مشرڪن جي اصل ڪان اها عادت هلي اچي جو توحيد ۽ اهل توحيد سان چٿرون ڪندا رهن ٿا.

چوٿون:- مشرڪن جي چٿر ۽ مسخري جي ڪري موحدن کي گهٻرائڻ نہ گهرجي.

پنجون:- موحدن لاءِ مشرڪن جي مقابلي ۾ هڪڙو الله تعالىٰ ڪافي آهي.

ڇهون:- جيڪي الله تعالىٰ سان ٻيا شريڪ بنائين ٿا انهن جي عاقبت نهايت بري آهي.

(26) ﴿ فَلَمَّا رَأَوۡاْ بَأۡسَنَا قَالُوٓاْ ءَامَنَّا بِٱللَّهِ وَحۡدَهُۥ وَكَفَرۡنَا بِمَا كُنَّا بِهِۦ مُشۡرِكِينَ ﴿٨٤﴾ فَلَمۡ يَكُ يَنفَعُهُمۡ إِيمَٰنُهُمۡ لَمَّا رَأَوۡاْ بَأۡسَنَاۖ سُنَّتَ ٱللَّهِ ٱلَّتِي قَدۡ خَلَتۡ فِي عِبَادِهِۦۖ وَخَسِرَ هُنَالِكَ ٱلۡكَٰفِرُونَ ﴿٨٥﴾ ﴾ ( المؤمن )

”پوءِ جڏهن (مشرڪن) اسانجو عذاب ڏٺو. چيائون تہ اسان هڪڙي الله تعالىٰ کي مڃيو. ۽ جن کي بہ ساڻس شريڪ ٿي ڪيوسون تن سڀني جا منڪر ٿياسون. مگر عذاب ڏسڻ ڪان بعد انهن جي انهيءَ ايمان ڪين ڪو بہ نفعو نہ ڏنو ۽ اهو الله تعالىٰ جو دستور آهي جو سندس ٻانهن ۾ هلندو اچي ٿو ۽ ان هنڌ ڪافر خساري وارا ٿيا.

تشريح :- اگرچہ هن وقت مشرڪ پنهنجي هٺ تان نٿا لهن. ۽ شرڪ ڪان باز نٿا اچن بلڪ انهن کي اگر قرآن ۽ حديث جي دليلن سان سمجهائجي تہ توهان جن درگاهن جي

سيوا ۽ پوڄا ڪريو ٿا. اهي خود بي وس آهن. انهن جي هٿ ۾ ڪجھ نہ آهي ۽ انهن کي الله تعالىٰ جي شان ۾ شريڪ نہ ڪريو ۽ شرڪ وڏو گناهہ آهي تہ اڪيون ڳاڙهيون ڪري وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. ڪاوڙ ۾ ڦوڪجي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳندا. مگر اهي ساڳيا ماڻهو جڏهن الله تعالىٰ جو عذاب ڏسندا تڏهن توبہ ڪندا ۽ شرڪ کان بيزاري ڏيکاريندا. طاغوتن ۽ درگاهن جا منڪر ٿيندا ۽ توحيد جو دم ڀريندا. مگر ان وقت الله تعالىٰ جي دستور مطابق اهو ايمان يا توبہ انهن کي ڪهڙو فائدو ڏيندي. تنهنڪري سدورن (عقل وارن) انسانن جو شان هي آهي تہ هن قسم جون آيتون پڙهي ۽ مشرڪن جي عاقبت معلوم ڪري فورًا توبہ ڪن. الله تعالىٰ جي در تي ڪري پوندا ۽ وري ڪنهن درگاهہ ڏي منهن نہ ڪندا. مگر انهي سعادت حاصل ٿيڻ لاءِ الله تعالىٰ جي مهرباني ۽ توفيق جي ضرورت آهي.

*این سعادت بزور بازو نیست*

*تانہ بخشد خدائے بخشندہ*

الله تعالىٰ کان دعا گهرون ٿا تہ اسان کي اهڙي توفيق نصيب فرمائي.

(27) ﴿ ۞ وَيَٰقَوۡمِ مَا لِيٓ أَدۡعُوكُمۡ إِلَى ٱلنَّجَوٰةِ وَتَدۡعُونَنِيٓ إِلَى ٱلنَّارِ ﴿٤١﴾ تَدۡعُونَنِي لِأَكۡفُرَ بِٱللَّهِ وَأُشۡرِكَ بِهِۦ مَا لَيۡسَ لِي بِهِۦ عِلۡمٞ وَأَنَا۠ أَدۡعُوكُمۡ إِلَى ٱلۡعَزِيزِ ٱلۡغَفَّٰرِ ﴿٤٢﴾ لَا جَرَمَ أَنَّمَا تَدۡعُونَنِيٓ إِلَيۡهِ لَيۡسَ لَهُۥ دَعۡوَةٞ فِي ٱلدُّنۡيَا وَلَا فِي ٱلۡأٓخِرَةِ وَأَنَّ مَرَدَّنَآ إِلَى ٱللَّهِ وَأَنَّ ٱلۡمُسۡرِفِينَ هُمۡ أَصۡحَٰبُ ٱلنَّارِ ﴿٤٣﴾ ﴾ ( المؤمن )

”( چيومومن آل فرعون جنهن ان قوم مان ايمان آندو پر ظاهر نہ ڪيائين) تہ اي قوم منهنجي! منهنجي لاءِ هي ڪهڙي نہ عجيب ڳالھ آهي جو اوهان کي ڇوٽڪاري ڏي سڏيان ٿو ۽ اوهين مون کي جهنم جي باهہ ڏي سڏيو ٿا. (ڇوتہ) اوهين مون کي هي دعوت ڏيو ٿا تہ الله تعالىٰ سان ڪفر ڪريان ۽ ان سان اهڙي شيءِ کي شريڪ ڪريان جنهن بابت مون وٽ ڪا ڄاڻ يا دليل نہ آهي ۽ وري اوهان کي هڪ الله غالب ۽ بخشڻهار ڏانهن سڏيان ٿو بلاشڪ ان (غيرالله) ڏانهن اوهين مون کي سڏيو ٿا جنهن کي دنيا خواهہ آخرت ۾ سڏڻ جو ڪو بہ حق نہ آهي ۽ بيشڪ اسان جو موٽڻ الله تعالىٰ ڏانهن آهي ۽ حد کان لنگهندڙ جهنمي آهي.“

تشريح :- هي هڪ الله تعالىٰ جي ٻانهي جو واقعو آهي جنهن فرعون جهڙي جابر بادشاهہ جي ڀري دربار ۾ توحيد جي حمايت ڪئي. آخر پنهنجي قوم کي ٻڌايائين تہ اوهين شرڪ جي دعوت ڏيئي مون کي جهنم ڏانهن سڏيو ٿا. ۽ آئون اوهان کي توحيد جي دعوت ڏيئي نجات ۽ ڇوٽڪاري ڏانهن سڏيان ٿو ۽ جن کي توهان معبود بنايو ٿا. ان جي معبود

هجڻ لاءِ ڪو ثبوت ڪونهي ۽ جنهن هڪ الله تعالىٰ ڏانهن آئون سڏيان ٿو. ان جي معبود هجڻ لاءِ زبردست ثبوت موجود آهي. جو هو عزيز (هر شيءِ تي غالب)، ڏاڍي کان ڏاڍو، هر سرڪش هنيلي کي نيچ ڏيکارڻ وارو آهي ۽ غفار (هر وقت توبہ ڪندڙ کي بخشڻ وارو) آهي پوءِ ڇو نہ انهي در جو غلام ٿجي. ان جي بندگي ڪجي ۽ ان جي آڏو پنهنجو سوال پيش ڪجي. نيز ان جو سڏڻ بلڪل حق آهي. ڇوتہ هو سيني جو ڏٺي ۽ انهن جا سڏ ٻڌندڙ ۽ عرض اگهائيندڙ آهي  باقي ٻين جن کي سڏڻ يا ان جي درگاهہ تي اچڻ لاءِ مون کي مجبور ڪريو ٿا. اهي خود عاجز ۽ الله تعالىٰ جي در جا محتاج، نہ ڪجهہ ڏيئي سگهن، نہ ڪجهہ کسي سگهن. انهن کي سڏڻ ۽ پڪارڻ جو حق ڪنهن کي بہ نہ هن دنيا ۾ آهي نہ آخرت ۾ بلڪ اهو تہ اسراف (حد کان لنگهڻ) آهي جو رب العالمين ۽ احڪم الحاڪمين ۽ ارحم الراحمين ۽ خير الفاتحين ۽ خير الغافرين ۽ خير الفاضلين ۽ خير الرازقين ۽ عزيز ڪريم ۽ رؤف الرحيم ۽ علي العظيم ۽ سميع البصير ۽ ڪريم مجيب کان بعد ٻيو ڪير آهي جنهن ڏانهن هٿ ڦهلايو وڃي. يا ان کي مشڪل ۾ سڏيو وڃي. اهو انتهائي اعتداد (حد کان لنگهڻ) ۽ اسراف آهي ۽ ان قسم جي زيادتي ڪرڻ وارا ئي اصحاب النار (باهہ وارا) ۽ جهنمي آهن.

(28) ﴿إِنَّ ٱلَّذِينَ كَفَرُواْ يُنَادَوْنَ لَمَقْتُ ٱللَّهِ أَكْبَرُ مِن مَّقْتِكُمْ أَنفُسَكُمْ إِذْ تُدْعَوْنَ إِلَى ٱلْإِيمَٰنِ فَتَكْفُرُونَ ﴿١٠﴾ قَالُواْ رَبَّنَآ أَمَتَّنَا ٱثْنَتَيْنِ وَأَحْيَيْتَنَا ٱثْنَتَيْنِ فَٱعْتَرَفْنَا بِذُنُوبِنَا فَهَلْ إِلَىٰ خُرُوجٍ مِّن سَبِيلٍ ﴿١١﴾ ذَٰلِكُم بِأَنَّهُۥٓ إِذَا دُعِيَ ٱللَّهُ وَحْدَهُۥ كَفَرْتُمْ وَإِن يُشْرَكْ بِهِۦ تُؤْمِنُواْ فَٱلْحُكْمُ لِلَّهِ ٱلْعَلِيِّ ٱلْكَبِيرِ ﴿١٢﴾﴾ (المؤمن)

”قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي اعلان ڪري چيو ويندو تہ اوهان تي پنهنجي سر جي ڪاوڙ کان الله تعالىٰ جو غضب ۽ ڪاوڙ وڌيڪ آهي جو تہ اوهان کي ايمان جي دعوت ڏني ٿي ويئي تہ اوهان انڪار ڪيو ٿي. چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! (واقعي) تو اسان کي بہ ڀيرا ماريو ۽ بہ ڀيرا جياريو تنهنڪري هاڻي اسان پنهنجي گناهن جو اقرار ڪيو آهي. هاڻي ڪا نڪرڻ جي واهہ آهي؟ (چيو ويندو) اهو عذاب توهان جي لاءِ انهي ڪري آهي جو دنيا ۾ جيڪڏهن هڪ الله تعالىٰ کي سڏيو ويندو هو تہ اوهين انڪار ڪندا هيو. پر جي ان سان گڏ (سڏڻ ۾) ٻين کي شريڪ ڪيو يا ملايو ويندو هو تہ (ان ڳالهہ يا عقيدي کي) مڃيندا هيؤ. هاڻي الله تعالىٰ مٿانهين ۽ وڏي بادشاهہ وٽ ئي اوهان جو فيصلو آهي.“

تشريح :- مٿين پهرين آيت ۾ بيان ٿيو تہ شرڪ وڏو ظلم آهي. ڇو تہ الله تعالىٰ جو حق ٻئي کي ڏنو ٿو وڃي ۽ اها وڏي بي انصافي آهي. اهڙو ظالم قيامت  ۾ پنهنجي عاقبت ڏسي جو سخت عذاب جي گهيري ۾ ايندو. جن کي پوڄيندو ۽ ان جي درگاهن تي

پنڌ ڪندو رهيو ته ان مان ڪو ڪم نه آيس. پوءِ پنهنجي حال تي سخت ڪاوڙ ڪندو نيز ارشاد آهي ته:

﴿ وَيَوْمَ يَعَضُّ ٱلظَّالِمُ عَلَىٰ يَدَيْهِ ﴿٢٧﴾ ﴾ ( الفرقان )

”ظالم قيامت جي ڏينهن پنهنجي هٿن کي چڪ پائيندو.“

ان وقت الله تعالىٰ جي طرفان منادي ڪرائي ويندي ۽ چيو ويندو ته هن وقت پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙجو يا نه ڪاوڙجو، خواهه ڪيترو به ڪاوڙجو مگر الله تعالىٰ جي ڪاوڙ اوهان تي ان ڪان وڌيڪ سخت آهي جو ته اوهان توحيد جي دعوت قبول ڪرڻ ڪان انڪار ڪيو هڪ الله کي پڪارڻ تي اوهان کي ڪاوڙ لڳي ۽ اهڙي دين ڪان ئي اوهان کي انڪار هو جنهن ۾ صرف الله تعالىٰ جي توحيد هجي ۽ شرڪ بلڪل نه هجي. شرڪ ڪان سواءِ اوهان ٻي ڪا ڳالهه نٿي مڃي. هاڻي اهي پنهنجا معبود ڳولي هٿ ڪيو ته اوهان جي حق ۾ فيصلو ڪرائين . مگر نه! هر گز نه!! اها ڳالهه انهن جي اختيار ڪان ٻاهر بلڪه فيصلو هڪ الله جي هٿ ۾ آهي ۽ انهيءَ جي مرضيءَ مطابق ٿيندو .

(29)﴿وَقَالَ ٱلْكَٰفِرُونَ هَٰذَا سَٰحِرٌ كَذَّابٌ ﴿٤﴾ أَجَعَلَ ٱلْءَالِهَةَ إِلَٰهًا وَٰحِدًا ۖ إِنَّ هَٰذَا لَشَىْءٌ عُجَابٌ ﴿٥﴾ ﴾(ص)

”۽ ڪافرن چيو ته هي جادوگر ۽ ڪوڙو آهي. عجب آهي جو گهڻن معبودن جي بجاءِ هڪ معبود چوي ۽ مڃي ٿو.“

تشريح :- هن آيت سڳوريءَ مان ثابت ٿيو ته توحيد جي دشمني ۽ توحيد وارن تي حملا ڪرڻ ۽ انهن کي ڪوڙو چوڻ ڪافرن جو ڪم آهي نه مسلمانن جو. ۽ توحيد تي عجب ڪافرن کي لڳندو جو ان جي رڳ ۽ ريشي ۾ شرڪ سمايل آهي. نه مسلمانن کي جو انهن جي دل ۽ سنڌ.سنڌ توحيد سان منور ۽ سرشار هوندي آهي.

(30) ﴿ قَالُوٓا۟ أَجِئْتَنَا لِنَعْبُدَ ٱللَّهَ وَحْدَهُۥ وَنَذَرَ مَا كَانَ يَعْبُدُ ءَابَآؤُنَا ۖ فَأْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ إِن كُنتَ مِنَ ٱلصَّٰدِقِينَ ﴿٧٠﴾ قَالَ قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُم مِّن رَّبِّكُمْ رِجْسٌ وَغَضَبٌ ۖ أَتُجَٰدِلُونَنِى فِىٓ أَسْمَآءٍ سَمَّيْتُمُوهَآ أَنتُمْ وَءَابَآؤُكُم مَّا نَزَّلَ ٱللَّهُ بِهَا مِن سُلْطَٰنٍ ۚ فَٱنتَظِرُوٓا۟ إِنِّى مَعَكُم مِّنَ ٱلْمُنتَظِرِينَ ﴿٧١﴾ ﴾ ( الأعراف )

”(عاد جي قوم سندن نبي هود عليه السلام کي) چيائون ته ڇا تون اسان وٽ انهي لاءِ آيو آهين ته اسين هڪڙي الله تعالىٰ جي پوڄا ڪريون؟ ۽ ٻين جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا رهيا آهن. تن کي ڇڏي ڏيون جي تون سچو آهين ته پوءِ جنهن (عذاب) جا اسان کي دڙڪا تو ڏين سو آڻي ڏيکار. چيائين ته اوهان جي رب جي طرفان اوهان تي ڏمر ۽ عذاب لازمي آهي جو اوهين مون سان جهڳڙو انهن نلهن نالن جي حق ۾ ڪيو ٿا جيڪي اوهان ۽ اوهان

جي ابن ڏاڍن پاڻ رکيا آهن هن بابت الله تعالیٰ کو حکم يا دليل نہ لاٿو آهي. سو اوهين (الله تعالیٰ جي فيصلي جو) انتظار ڪيو ۽ آئون اوهان سان گڏ انتظار ڪرڻ وارن مان آهيان."

تشريح :- ثابت ٿيو تہ مشرڪ الله تعالیٰ جي ڏمر هيٺ آهن ۽ ان جي عذاب جا مستحق آهن. جيڪي پنهنجي طرفان مخلوقن تي جيڪي اهي نالا ڏين ۽ انهن جون اهي صفتون بيان ڪن جيڪي صرف هڪ الله تعالیٰ جي شايان شان آهن. جنهن لاءِ وٽن ڪو ثبوت نہ آهي صرف پنهنجي نفساني راءِ ۽ آبائي تقليد جي پويان آهن. اهڙن کي الله تعالیٰ جي نبي (هود) عليہ السلام صاف ٻڌايو تہ اوهين غلطيءَ تي آهيو. پوڄا جو لائق هڪ الله آهي . ۽ اوهين بي واجبي مصنوعي معبودن جي حق ۾ وڪالت ڪيو ٿا. ۽ انهن جو دفاع ڪيو ٿا. سو توهين الله تعالیٰ جي عذاب جو انتظارڪريو.

فائدو:- هنن آيتن جو خلاصو هي آهي تہ شرڪ انتهائي بي انصافي وڏي ۾ وڏو گناهہ حرام، ڪفر ۽ جميع انبياء عليهم السلام جي خلاف سيني فتنن ۽ فسادن جو باعث شيطاني غلبي جو اثر، بزدلي جو باعث، جنهن لاءِ ڪو ثبوت ۽ دليل ڪونهي نہ ان جي لاءِ ڪا معافي بلڪ مشرڪ پليت سيني کان بري مخلوق ۽ ابدي جهنمي آهي.

*-*-*

## فصل ٻيو

# احاديث نبويہ جي بيان ۾

(1) عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عَمْرٍو قَالَ : قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : الْكَبَائِرُ : الْإِشْرَاكُ بِاللَّهِ ، وَعُقُوقُ الْوَالِدَيْنِ ، وَقَتْلُ النَّفْسِ ، وَالْيَمِينُ الْغَمُوسُ. ([1])

"عبدالله بن عمرو رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ : وڏا گناهہ الله تعالیٰ سان شرڪ ڪرڻ، ماءُ پيءُ جي نافرماني، ناحق قتل، ۽ ڪوڙو قسم آهن."

(2) وَعَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ : قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : اجْتَنِبُوا السَّبْعَ الْمُوبِقَاتِ ، قِيلَ يَا رَسُولَ اللَّهِ وَمَا هُنَّ ؟ قَالَ : الشِّرْكُ بِاللَّهِ. ([2])

---

[1]- صحيح البخاري ( 20 / 367 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ بَاب الْيَمِينِ الْغَمُوسِ حديث رقم ( 6182) ، مشكاة المصابيح كتاب الإيمان باب الكبائر و علامات النفاق الفصل الأول ( 50)

[2]– صحيح البخاري (9 / 315) كِتَاب الْوَصَايَا بَاب قَوْلِ اللَّهِ تَعَالَى ﴿إِنَّ الَّذِينَ يَأْكُلُونَ أَمْوَالَ الْيَتَامَى﴾ حديث رقم ( 2560)، صحيح مسلم ( 1/ 244) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب بَيَانِ الْكَبَائِرِ وَأَكْبَرِهَا حديث رقم ( 129) ، مشكاة المصابيح ( 17)

”ابوهريرة ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ : ست شيون تباھ ڪندڙ آهن انهن کان پاسو ڪريو انهن ۾ پهريون الله تعالىٰ سان شرڪ ڪرڻ آهي.“

تشريح :- گناھ جي تعريف هي آهي تہ : ما يحجبك عن الله. ([1])

”جا شيءِ الله تعالىٰ کان محروم ڪري.“انهن گناهن ۾ سرفهرست شرڪ آهي ۽ هر ڪنهن گناھ کان هلاڪي سندس در جي مطابق پهچي ٿي. چونڪ (جيئن تہ) شرڪ سڀ کان وڏو گناھ آهي. تنهنڪري ان کان سڀ کان وڏي هلاڪي پهچي ٿي. مثلاً: سيني نيڪ عملن جو برباد ٿيڻ، ۽ الله تعالىٰ وٽ قبول نہ پوڻ. جيئن انشاءَ الله تعالىٰ باب (15) ۾ بيان ٿيندو. سيني براين ۽ بدڪارين جي راھ شرڪ سان کلي ٿي (جيئن فصل (1) ۾ آيت (16) ۾ گذريو) ڇو تہ موحد هميشہ الله تعالىٰ کان ڊڄندو رهندو تنهنڪري ان کي گناھ ڪرڻ جي همت گهٽ ٿيندي. بر خلاف هن جي مشرڪ ڪيترن پيرن، ولين ۽ طاغوتن جي سهاري تي الله تعالىٰ کان بي خوف رهندو آهي. ان طرح شرڪ جي لاءِ ڪا معافي نہ آهي. ٻين گناهن جي لاءِ معافي جي گنجائش آهي ۽ شرڪ بلڪل صريح ڪفر آهي. وغيره دلائل ٻڌائن ٿا تہ شرڪ سڀ کان وڏو مهلڪ مرض آهي. الله تعالىٰ ان کان پناھ ۾ رکي.

(3) عَنْ مُعَاذ قَالَ أَوْصَانِي رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ بعَشْرِ كَلمَات قَالَ لَا تُشْرِكْ باللَّه شَيْئًا وَإِنْ قُتلْتَ وَحُرِّقْتَ وَلَا تَعُقَّنَّ وَالدَيْكَ وَإِنْ أَمَرَاكَ أَنْ تَخْرُجَ منْ أَهْلكَ وَمَالكَ وَلَا تَتْرُكَنَّ صَلَاةً مَكْتُوبَةً مُتَعَمِّدًا فَإِنَّ مَنْ تَرَكَ صَلَاةً مَكْتُوبَةً مُتَعَمِّدًا فَقَدْ بَرِئَتْ منْهُ ذمَّةُ اللَّه وَلَا تَشْرَبَنَّ خَمْرًا فَإِنَّهُ رَأْسُ كُلِّ فَاحشَة وَإِيَّاكَ وَالْمَعْصيَةَ فَإِنَّ بالْمَعْصيَة حَلَّ سَخَطُ اللَّه عَزَّ وَجَلَّ وَإِيَّاكَ وَالْفرَارَ منْ الزَّحْف وَإِنْ هَلَكَ النَّاسُ وَإِذَا أَصَابَ النَّاسَ مَوت وَأَنْتَ فيهِمْ فَاثْبُتْ وَأَنْفقْ عَلَى عيَالكَ منْ طَوْلكَ وَلَا تَرْفَعْ عَنْهُمْ عَصَاكَ أَدَبًا وَأَخفْهُمْ في اللَّه. ([2])

”معاذ ﷺ کان روايت آهي تہ مون کي رسول الله ﷺ جن ڏهن ڳالهين جي وصيت فرمائي فرمايائون تہ: (1) الله تعالىٰ سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ ڪجان. اگرچہ تون قتل ڪيو وڃين يا ساڙيو وڃين. (2) ۽ ماءُ پيءُ جي نافرماني هرگز نہ ڪر. اگرچہ توکي مال ۽ اولاد کان نڪري وڃڻ جو حڪم ڪن. (3) ۽ فرضي نماز ڄاڻي واڻي هرگز نہ ڇڏ ڇو تہ جنهن ڄاڻي واڻي فرضي نماز ڇڏي تنهن جي لاءِ الله تعالىٰ جي ذميواري ختم ٿي ويئي. (4) ۽ شراب هرگز نہ پيءُ ڇوتہ اهو هر برائي جي چوٽي آهي. (5) ۽ نافرماني کان بچ جو ان سان الله جو ڏمر نازل ٿئي ٿو. (6) ۽ جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي وارثن کان پاسو

---

[1]- التعريفات للجرجاني (1 / 35)

[2]- ( **صحيح** ) إرواء الغليل في تخريج أحاديث منار السبيل ( 7 / 89 ) حديث رقم ( 2026 ) ، مسند أحمد ( 45 / 53 ) حديث رقم ( 21060 ) ، مشكاة المصابيح ( 18 )

ڪجان اگرچہ سڀ ماڻهو هلاڪ ٿي وڃن. (7) ۽ جڏهن ماڻهن ۾ عام بيماري جي ڪري موت اچي ۽ تون انهن ۾ موجود هجين تہ ثابت قدم رهہ. (8) ۽ پنهنجي اهل اولاد تي پنهنجي مال مان خرچ ڪندو رهہ. (9) ۽ ادب سيکارڻ ۾ انهن تان پنهنجي لٺ ڪٽي نہ ڇڏ (جو توکان بي خوف ٿي وڃن). (10) ۽ الله تعالىٰ جي حق ۾ بہ انهن کي ڊيڄاريندو رهہ."

تشريح : هنن ڏهن وصيتن ۾ انهن گناهن کان بچڻ جو ذڪر آهي. جيڪي نهايت خطرناڪ آهن ۽ هر هڪ جا نتيجا بلڪل خطرناڪ آهن. ۽ انهن ۾ سرفهرست شرڪ جو ذڪر آهي جنهن جي برائي جيڪڏهن ڪنهن کي معلوم هجي تہ اهو قتل ٿيڻ قبول ڪري ۽ باهہ ۾ جلڻ منظور ڪري مگر شرڪ جو ڪو بہ ڪم هرگز نہ ڪري ۽ ڪيترا ماڻهو توحيد جي خاطر ۽ شرڪ کان توبہ جي ڪري ماريا ۽ جلايا ويا. جيئن ان بابت پنجين باب ۾ ڪجھ بيان ٿيندو.

(4) عَنْ جَابِرٍ قَالَ : قَالَ رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ : إِثْنَتَان مُوجِبَتَان ، قَالَ رَجُلٌ : يَا رَسُولَ اللَّه مَا الْمُوجِبَتَان ؟ فَقَالَ : مَنْ مَاتَ يُشْرِكُ بِاللَّه شَيْئًا دَخَلَ النَّارَ وَ مَنْ مَاتَ لَا يُشْرِكُ بِاللَّه شَيْئًا دَخَلَ الْجَنَّةَ. ([1])

"جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ بہ شيون واجب ڪندڙ آهن الله تعالىٰ سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ ڪندي مري ويو تہ ان لاءِ جهنم جي باهہ واجب آهي ۽ ان حال ۾ مري ويو جو الله تعالىٰ سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ ڪيو هئائين تہ ان لاءِ بهشت واجب آهي.

فائدو: مجمع الزوائد للهيثمي ([2]) ۾ بحوالہ طبراني عمارة بن رويبة ۽ ابن عمر رضي الله عنهما کان هن معنىٰ ۾ حديثون مذڪور آهن.

(5) أخرج أحمد وابن المنذر وابن أبي حاتم والحاكم وصححه وابن مردويه والبيهقي في شعب الإيمان عَنْ عَائشَةَ قَالَتْ : قَالَ رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ : الدَّوَاوِينُ عنْدَ اللَّه عَزَّ وَجَلَّ ثَلَاثَةٌ ، دِيوَانٌ لَا يَعْبَأُ اللَّهُ به شَيْئًا ، وَديوَانٌ لَا يَتْرُكُ اللَّهُ مِنْهُ شَيْئًا ، وَديوَانٌ لَا يَغْفِرُهُ اللَّهُ ، فَأَمَّا الدِّيوَانُ الَّذي لَا يَغْفرُهُ اللَّهُ فَالشِّرْكُ بِاللَّه ، قَالَ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ ﴿ إِنَّهُۥ مَن يُشۡرِكۡ بِٱللَّهِ فَقَدۡ حَرَّمَ ٱللَّهُ عَلَيۡهِ ٱلۡجَنَّةَ ﴿٧٢﴾ ﴾ وَ قَالَ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ ﴿ إِنَّ ٱللَّهَ لَا يَغۡفِرُ أَن يُشۡرَكَ بِهِۦ ﴿٤٨﴾ ﴾ وَأَمَّا الدِّيوَانُ الَّذي لَا يَعْبَأُ اللَّهُ بِه شَيْئًا فَظُلْمُ الْعَبْد نَفْسَهُ فِيمَا بَيْنَهُ وَبَيْنَ رَبِّه ، منْ صَوْمِ يَوْمٍ

[1]- صحيح مسلم ( 1 / 252 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب مَنْ مَاتَ لَا يُشْرِكُ بِاللَّهِ شَيْئًا دَخَلَ الْجَنَّةَ وَمَنْ مَاتَ مُشْرِكًا دَخَلَ النَّارَ حديث رقم ( 135 ) ، مشكاة المصابيح ( 15 )

[2]- مجمع الزوائد للهيثمي ( 1 / 21 )

تَرَكَهُ أَوْ صَلَاةٍ تَرَكَهَا ، فَإِنَّ اللَّهَ عَزَّ وَجَلَّ يَغْفِرُ ذَلِكَ وَيَتَجَاوَزُ إِنْ شَاءَ ، وَأَمَّا الدِّيوَانُ الَّذِي لَا يَتْرُكُ اللَّهُ مِنْهُ شَيْئًا فَظُلْمُ الْعِبَادِ بَعْضِهِمْ بَعْضًا ، الْقِصَاصُ لَا مَحَالَةَ. ([1])

”ام المؤمنين عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: قيامت جي ڏينهن الله تعالیٰ وٽ ٽي دفتر هوندا. هڪ: اهو جنهن بابت الله تعالیٰ کا پرواهہ نہ کندو (بخشي يا عذاب ڪري) ۽ ٻيو: جنهن مان الله تعالیٰ کا شيءِ نہ ڇڏيندو. ٽيون: اهو جنهن ۾ بلڪل نہ بخشيندو. پوءِ جنهن دفتر ۾ بخشش ناهي اهو شرڪ جو آهي چو تہ الله تعالیٰ مشرڪ تي بهشت حرام ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان کي ڪونہ بخشيندو جنهن جي الله تعالیٰ پرواهہ نہ کندو اهو انهن گناهن جو دفتر آهي جيڪي ٻانهي ۽ سندس وچ ۾ آهن جي گهري تہ بخشي ڇڏيندو ۽ جو دفتر نہ ڇڏيندو تہ ان ۾ ٻانهن جا پاڻ ۾ هڪٻئي ڏانهن حق هوندا ان بابت ضرور قصاص ۽ بدلو ٽيندو.“

تشريح :- هن حديث مان اهو ثابت ٿيو تہ شرڪ جي گناهہ جو دفتر ئي جدا هوندو جنهن لاءِ معافي يا مغفرت بلڪل نہ هوندي.

(6) أخرج أبو داود والنسائي وابن جرير وابن أبي حاتم والطبراني والحاكم وابن مردويه :

عَنْ عُمَيْرٍ اللَّيْثِيِّ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : " إِنَّ أَوْلِيَاءَ اللَّهِ الْمُصَلُّونَ وَمَنْ يُقِيمُ الصَّلَوَاتِ الْخَمْسَ الَّتِي كَتَبَهُنَّ اللَّهُ عَلَى عِبَادِهِ، وَمَنْ يُؤَدِّي الزَّكَاةَ طَيِّبَةً بِهَا نَفْسُهُ يَحْتَسِبُهَا، وَمَنْ يَصُومُ رَمَضَانَ، وَيَحْتَسِبُ صَوْمَهُ، وَيَجْتَنِبُ الْكَبَائِرَ ، فَقَالَ رَجُلٌ مِنْ أَصْحَابِهِ: يَا رَسُولَ اللَّهِ، وَكَمِ الْكَبَائِرُ؟ قَالَ:"هِيَ تِسْعٌ : أَعْظَمُهُنَّ الإِشْرَاكُ بِاللَّهِ ". ([2])

”عمير الليثي ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعالیٰ جا اولياءَ (دوست) اهي آهن جي پنج وقت نماز پابنديءَ سان پڙهن ۽ دل جي خوشيءَ سان پنهنجي مال جي زڪواة ڏين ۽ ثواب جي اميد رکي رمضان جا روزا رکن ۽ وڏن گناهن کان پاسو ڪن تہ صحابن منجهان ڪنهن شخص عرض ڪيو تہ: يا رسول الله ﷺ! وڏا گناهہ گهڻا آهن پاڻ فرمايائون تہ اهي نوَ آهن ۽ انهن سيني ۾ وڏو گناهہ الله تعالیٰ سان شرڪ ڪرڻ آهي.

[1]- ضعيف الجامع حديث رقم ( 3022 ) ، الدر المنثور ( 2 / 170 ) ، مسند أحمد ( 52 / 495 ) حديث رقم ( 24838 ) ، المستدرك على الصحيحين للحاكم ( 20 / 129 ) حديث رقم ( 8868 ) ، شعب الإيمان للبيهقي ( 16 / 21 ) حديث رقم ( 7215 )

[2]- ضعيف الترغيب والترهيب ( 1 / 117) حديث رقم ( 461) ، الدر المنثور ( 2 / 146 ) ، المعجم الكبير للطبراني ( 11 / 438 ) حديث رقم ( 13571 ) ، المستدرك على الصحيحين للحاكم ( 1 / 193 ) حديث رقم ( 184 )

(7) عَنِ الْحَارِثِ الْأَشْعَرِيِّ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ إِنَّ اللَّهَ أَمَرَ يَحْيَى بْنَ زَكَرِيَّا بِخَمْسِ كَلِمَاتٍ أَنْ يَعْمَلَ بِهَا وَيَأْمُرَ بَنِي إِسْرَائِيلَ أَنْ يَعْمَلُوا بِهَا وَإِنَّهُ كَادَ أَنْ يُبْطِئَ بِهَا فَقَالَ عِيسَى إِنَّ اللَّهَ أَمَرَكَ بِخَمْسِ كَلِمَاتٍ لِتَعْمَلَ بِهَا وَتَأْمُرَ بَنِي إِسْرَائِيلَ أَنْ يَعْمَلُوا بِهَا فَإِمَّا أَنْ تَأْمُرَهُمْ وَإِمَّا أَنْ آمُرَهُمْ فَقَالَ يَحْيَى أَخْشَى إِنْ سَبَقْتَنِي بِهَا أَنْ يُخْسَفَ بِي أَوْ أُعَذَّبَ فَجَمَعَ النَّاسَ فِي بَيْتِ الْمَقْدِسِ فَامْتَلَأَ الْمَسْجِدُ وَقُعِدَ عَلَى الشُّرَفِ فَقَالَ إِنَّ اللَّهَ أَمَرَنِي بِخَمْسِ كَلِمَاتٍ أَنْ أَعْمَلَ بِهِنَّ وَآمُرَكُمْ أَنْ تَعْمَلُوا بِهِنَّ أَوَّلُهُنَّ أَنْ تَعْبُدُوا اللَّهَ وَلَا تُشْرِكُوا بِهِ شَيْئًا وَإِنَّ مَثَلَ مَنْ أَشْرَكَ بِاللَّهِ كَمَثَلِ رَجُلٍ اشْتَرَى عَبْدًا مِنْ خَالِصِ مَالِهِ بِذَهَبٍ أَوْ وَرِقٍ فَقَالَ هَذِهِ دَارِي وَهَذَا عَمَلِي فَاعْمَلْ وَأَدِّ إِلَيَّ فَكَانَ يَعْمَلُ وَيُؤَدِّي إِلَى غَيْرِ سَيِّدِهِ فَأَيُّكُمْ يَرْضَى أَنْ يَكُونَ عَبْدُهُ كَذَلِكَ. ([1])

"حارث اشعري ﷺ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: الله تعالىٰ يحيٰ عليہ السلام كي پنجن كلمن جو حكم ڏنو تہ پاڻ بہ ان تي عمل كري ۽ بني اسرائيل كي بہ ان تي عمل كرڻ جو حكم ڏي ۽ يحيٰ عليہ السلام كجھ دير كرڻ وارو هو تہ كيس عيسىٰ عليہ السلام فرمايو تہ توكي الله تعالىٰ پنجن ڳالهين جو حكم كيو تہ تون پاڻ بہ عمل كر ۽ بني اسرائيلن كي عمل كرڻ جو حكم ڏي سو يا تون انهن كي حكم كر نہ تہ آئون انهن كي حكم كريان يحيٰ عليہ السلام فرمايو (حكم تہ مون كي آهي) پوءِ جي تون چوڻ ۾ اڳرائي كئي تہ مون (كي) خطرو آهي تہ مون كي زمين ڳهي وڃي يا عذاب كيو وڃي پوءِ يحيٰ عليہ السلام ماڻهن كي بيت المقدس ۾ گڏ كيو پوءِ مٿي چڙهي فرمايائون تہ: مون كي الله تعالىٰ پنجن كلمن جو حكم ڏنو آهي تہ آئون پاڻ بہ عمل كريان ۽ اوهان كي بہ عمل كرڻ جو حكم ڏيان:

پهرين ڳالھ هي آهي الله تعالىٰ جي بندگي كريو ۽ ان سان كنهن بہ شيءِ كي شريڪ نہ بنايو جيكو الله سان شرڪ كري ٿو ان جو مثال ائين آهي جيئن كو شخص پنهنجي خالص مال سون ۽ چاندي مان كو ٻانهو خريد كري ۽ ان كي چوي تہ هيءُ منهنجو گهر ۽ هي منهنجو ڌنڌو آهي. تون ڌنڌو هلاءِ ۽ كمائي مون تائين پهچاءِ پوءِ ٻانهو ڇا كري جو كمائي كري ۽ ان جي كمائي پنهجي مالڪ كان سواءِ ٻئي كنهن كي پهچائي پوءِ اوهان مان كهڙو پسند كندو تہ سندس ٻانهو ان طرح كري. – إلى آخره –

تشريح:- يعني الله تعالىٰ كيئن پسند كندو تہ سندس خلقيل ٻانهو جنهن كي پاڻ عدم مان وجود ۾ آندائين، رونق بخشيائين. قوت ۽ توانائي ڏنائين. عقل ۽ دانائي سان نوازيائين. كمائيءَ جا اسباب ڏيئي رزق مهيا كيائين پوءِ اهو وري كنهن ٻئي در جو

---

[1]– ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 6 / 363 ) حديث رقم ( 2863 ) ، سنن الترمذي ( 10 / 89 ) كِتَاب الْأَمْثَالِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي مَثَلِ الصَّلَاةِ وَالصِّيَامِ وَالصَّدَقَةِ حديث رقم ( 2790 ) ، وابن خزيمه ، وابن حبان ، والحاكم ، الترغيب والترهيب ( 1/ 366 )

پوجاري بنجي ۽ ان جا ٽورا ڳائي. هرگز نہ! تنهنکري الله تعالىٰ سان شرڪ ان جي وڏي ناشڪري آهي، جو ان جي بيشمار نعمتن کي پلائي ٻين درگاهن ڏانهن واجهائي.

(**8**) عَنْ أَبِي الدَّرْدَاءِ يَقُولُ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ كُلُّ ذَنْبٍ عَسَى اللَّهُ أَنْ يَغْفِرَهُ إِلَّا مَنْ مَاتَ مُشْرِكًا أَوْ مُؤْمِنٌ قَتَلَ مُؤْمِنًا مُتَعَمِّدًا. ([1])

”ابو درداء ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ کان ٻڌم پاڻ فرمايائون تہ: بعيد نہ آهي جو الله تعالىٰ سيئي گناهہ بخشي. مگر اهو جو مشرڪ ٿي مئو يا ڄاڻي واڻي ڪنهن مسلمان کي قتل ڪيائين.

(9) أخرج الفريابي وأحمد وعبد بن حميد والبخاري ومسلم والترمذي وابن جرير وابن المنذر وابن أبي حاتم وابن مردويه والبيهقي في شعب الإيمان عَنْ ابن مسعود قَالَ رَجُلٌ يَا رَسُولَ اللَّه أَيُّ الذَّنْب أَكْبَرُ عِنْدَ اللَّه ؟ قَالَ : أَنْ تَدْعُوَ للَّه نِدًّا وَهُوَ خَلَقَكَ ، قَالَ : ثُمَّ أَيٌّ ؟ قَالَ : ثُمَّ أَنْ تَقْتُلَ وَلَدَكَ خَشْيَةَ أَنْ يَطْعَمَ مَعَكَ ، قَالَ : ثُمَّ أَيٌّ ؟ قَالَ : ثُمَّ أَنْ تُزَانِيَ بِحَلِيلَةِ جَارِكَ. فَأَنْزَلَ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ تَصْدِيقَهَا :

﴿وَٱلَّذِينَ لَا يَدْعُونَ مَعَ ٱللَّهِ إِلَـٰهًا ءَاخَرَ وَلَا يَقْتُلُونَ ٱلنَّفْسَ ٱلَّتِي حَرَّمَ ٱللَّهُ إِلَّا بِٱلْحَقِّ وَلَا يَزْنُونَ﴾ ([2])

”ابن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ کان پڇيو ويو ڪهڙو گناهہ سڀ کان وڏو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: اهو هي آهي تہ جنهن الله تعالىٰ توکي خلقيو آهي ان سان شريڪ بنائين مون عرض ڪيو تہ: پوءِ ڪهڙو؟ پاڻ فرمايائون تہ: اولاد کي ان خطري کان قتل ڪرين تہ متان توسان گڏ کائي مون عرض ڪيو تہ: پوءِ ڪهڙو؟ پاڻ فرمايائون تہ: هي جو پاڙيسريءَ جي زال سان زنا ڪرين پوءِ ان جي تصديق لاءِ قرآن ۾ الله تعالىٰ هي حڪم لاٿو تہ: الله جا ٻانها اهي آهن جيڪي هُن سان گڏ ٻئي ڪنهن کي بہ نٿا پڪارين يا معبود بنائين ۽ ناحق ڪنهن کي قتل ڪونہ ٿا ڪن ۽ نہ زنا ڪن ٿا.“

تشريح :- هن آيت جو باقي حصو هن طرح آهي:

﴿وَمَن يَفْعَلْ ذَٰلِكَ يَلْقَ أَثَامًا ﴿٦٨﴾ يُضَـٰعَفْ لَهُ ٱلْعَذَابُ يَوْمَ ٱلْقِيَـٰمَةِ وَيَخْلُدْ فِيهِۦ مُهَانًا ﴿٦٩﴾ إِلَّا مَن تَابَ وَءَامَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَـٰلِحًا فَأُو۟لَـٰٓئِكَ يُبَدِّلُ ٱللَّهُ سَيِّـَٔاتِهِمْ حَسَنَـٰتٍ ۗ وَكَانَ ٱللَّهُ غَفُورًا رَّحِيمًا ﴿٧٠﴾﴾ ( الفرقان )

---

[1]- ( **صحيح** ) السلسلة الصحيحة ( 2 / 10 ) حديث رقم ( 511 ) ، سنن أبي داود ( 11 / 341 ) كِتَاب الْفِتَنِ وَالْمَلَاحِمِ بَاب فِي تَعْظِيمِ قَتْلِ الْمُؤْمِنِ حديث رقم ( 3724 ) ، موارد الظمآن إلى زوائد ابن حبان ( 1 / 42 )

[2]- صحيح البخاري ( 21 / 150 ) كِتَاب الدِّيَاتِ بَاب قَوْلِ اللَّهِ تَعَالَى ﴿ وَمَن يَقْتُلْ مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهُۥ جَهَنَّمُ ﴾ حديث رقم ( 6354 ) ، صحيح مسلم ( 1 / 239 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب كَوْنِ الشِّرْكِ أَقْبَحُ الذُّنُوبِ وَبَيَانِ أَعْظَمِهَا بَعْدَهُ حديث رقم ( 125 ) الدر المنثور ( 5 / 77 )

”يعني جيڪو اهي ڪم (شرڪ قتل يا زنا) ڪندو ته اهو جهنم جي واديءَ ۾ هميشه ذليل ٿي رهندو مگر جنهن شخص انهن ڪمن کان توبه ڪئي ۽ ايمان آڻي موحد بنيو ۽ براين جي بجاءِ چڱا ڪم ڪيائين ته الله تعالىٰ ان جي گناهن کي ميٽي ان جي جاءِ تي نيڪيون لکندو ۽ الله تعالىٰ بخشيندڙ ۽ مهربان آهي.

الله تعالىٰ سيني کي شرڪ کان بچائي ۽ اهڙي توبه جي توفيق ڏي. (آمين )

(10) عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ عَنْ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ يَقُولُ اللَّهُ تَبَارَكَ وَتَعَالَى لِأَهْوَنِ أَهْلِ النَّارِ عَذَابًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ لَوْ أَنَّ لَكَ مَا فِي الْأَرْضِ مِنْ شَيْءٍ كُنْتَ تَفْتَدِي بِهِ فَيَقُولُ نَعَمْ فَيَقُولُ أَرَدْتُ مِنْكَ أَهْوَنَ مِنْ هَذَا وَأَنْتَ فِي صُلْبِ آدَمَ أَنْ لَا تُشْرِكَ بِي شَيْئاً فَأَبَيْتَ إِلَّا أَنْ تُشْرِكَ بِي. ([1])

”انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ جهنمين مان سڀ کان هلڪي عذاب واري کي فرمائيندو ته جيڪڏهن زمين جا سارا خزانه تنهنجي ملڪيت هجن ها ته اهو ڪي عذاب جي بچاءَ لاءِ پيش ڪرين ها؟ چوندو ته هائو. الله تعالىٰ فرمائيندو ته مون توتي ان کان هلڪو بار وڌو ٿي. جنهن محل تون اجا آدم عليه السلام جي پنيءَ ۾ هئين. هي ته تون مون سان ڪنهن شيءِ کي شريڪ نه ڪجان مگر ان جي باوجود تو شرڪ کان سواءِ ٻيو ڪم نه ڪيو.

تشريح :- الله تعالىٰ آدم عليه السلام کي پيدا ڪري ان جي پنيءَ مان پيدا ٿيندڙ سيني انسانن جا روح حاضر ڪري انهن کان پنهنجي ربوبيت ۽ وحدانيت جو اقرار ڪرايو ان بابت (1) الدر المنثور ([2]) بحواله احمد ، النسائي ، ابن جرير ، ابن مردويه ، حاکم ۽ بيهقي في الاسماء والصفات. ابن عباس رضي الله عنه جي روايت سان رسول الله ﷺ کان حديث نقل ڪئي آهي ان طرح ابن عباس، ابن مسعود، عبدالله بن عمرو ۽ ابي بن ڪعب جا اثر به نقل ٿيل آهن ، نيز مسند احمد ، تفسير ابن جرير ، ڪتاب الرد علي الجهمية لابن منذة ، الاسماء والصفات للبيهقي ۾ ابن عباس کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته :

قَالَ أَخَذَ اللَّهُ الْمِيثَاقَ مِنْ ظَهْرِ آدَمَ بِنَعْمَانَ يَعْنِي عَرَفَةَ فَأَخْرَجَ مِنْ صُلْبِهِ كُلَّ ذُرِّيَّةٍ ذَرَأَهَا فَنَثَرَهُمْ بَيْنَ يَدَيْهِ كَالذَّرِّ ثُمَّ كَلَّمَهُمْ قِبَلًا قَالَ : ﴿أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوا بَلَىٰ شَهِدْنَا أَن تَقُولُوا يَوْمَ الْقِيَامَةِ إِنَّا كُنَّا عَنْ هَٰذَا غَافِلِينَ ﴿١٧٢﴾ أَوْ تَقُولُوا إِنَّمَا أَشْرَكَ آبَاؤُنَا مِن قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّن بَعْدِهِمْ أَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُونَ ﴿١٧٣﴾﴾ ( الأعراف ) ([3])

---

[1]- صحيح البخاري ( 20 / 221 ) كتَاب الرِّقَاقِ بَاب صِفَةِ الْجَنَّةِ وَالنَّارِ حديث رقم ( 6072 ) ، صحيح مسلم ( 13 / 406 ) كِتَاب صِفَةِ الْقِيَامَةِ وَالْجَنَّةِ وَالنَّارِ بَاب طَلَبِ الْكَافِرِ الْفِدَاءَ بِمِلْءِ الْأَرْضِ ذَهَبًا حديث رقم ( 5018 ) ، مشكاة المصابيح ( 502 )

[2]- الدر المنثور ( 1 / 141 – 142 )

[3]- ( **صحيح** ) السلسلة الصحيحة ( 2 / 367 ) حديث رقم ( 1623 ) ، مسند أحمد ( 1 / 272 ) حديث رقم ( 2327 ) ، تفسير ابن جرير ( 9 / 110 ) ، كتاب الرد علي الجهمية لإبن منده ( 57 ) ، الاسماء والصفات للبيهقي ( 327 )

”يعني الله تعالىٰ آدم عليہ السلام جي پٺيءَ منجهان ان جو سارو اولاد ڪڍي پنهنجي آڏو پکيڙي ان سان ڪلام ڪيائين ۽ فرمايائين تہ ڇا آئون اوهان جو رب ( پالڻهار) نہ آهيان؟ چيائون تہ هائو اسين اها شاهدي ڏيون ٿا. اهو هن ڪري جو متان قيامت ۾ چئو تہ اسين ان کان بي خبر هئاسون يا وري چئو تہ شرڪ تہ اسان جي اڳوڻن ابن ڏاڏن ڪيو ۽ اسان ڪانئن بعد اولاد ٿياسين. تنهنڪري جيڪو ڪم انهن ڦٽائيندڙن ڪيو تنهن سببان اسان کي چوٿو هلاڪ ڪرين.“

ان کان بعد الله تعالىٰ ڪتاب لاٿا ۽ نبي سڳورا (عليهم السلام) موڪليا تان تہ خلق کي سندن واعدو ۽ اقرار ياد ڏيارين ۽ انهن کي باربار سمجهايو ويو تہ اوهان سيني جو اهو هڪڙو ئي رب آهي ان جي بندگي ڪريو ۽ ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪريو ۽ اوهان اهو اقرار ڪري رهيا آهيو، تنهن هوندي بہ ڪيترا ماڻهو انهن سيني ڳالهين کي پٺين پويان اڇلائي شيطان جي گمراهہ ڪرڻ تي شرڪ ۾ ڪاهي پيا اهڙا ماڻهو جيڪڏهن بالفرض زمين جي سيني خزانن جا مالڪ هجن ۽ قيامت ۾ الله تعالىٰ جي آڏو پنهنجي ڇوٽڪاري لاءِ اهي سيئي خزانا پيش ڪن مگر انهن کي ڪو فائدو نہ ٿيندو ۽ نہ انهن جا خزانا قبول پوندا ۽ نہ ڇوٽڪارو حاصل ٿيندو. ۽ ڇوٽڪاري لاءِ انهن کي توحيد ڪافي هئي، جيڪا قيامت ۾ بہ قبول پوندي، مگر ان کان محروم رهيا.

(11) عَنْ أَبِي سَعِيدِ بْنِ أَبِي فَضَالَةَ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ : إِذَا جَمَعَ اللَّهُ الناسَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ لِيَوْمٍ لَا رَيْبَ فِيهِ نَادَى مُنَادٍ مَنْ كَانَ أَشْرَكَ فِي عَمَلٍ عَمِلَهُ لِلَّهِ أَحَدًا فَلْيَطْلُبْ ثَوَابَهُ مِنْ عِنْدِ غَيْرِ اللَّهِ فَإِنَّ اللَّهَ أَغْنَى الشُّرَكَاءِ عَنْ الشِّرْكِ. ([1])

”ابي سعيد بن ابي فضالہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو جڏهن الله تعالىٰ سيني ماڻهن کي قيامت جي ڏينهن گڏ ڪندو جنهن جي ٿيڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي. ان وقت (الله تعالىٰ جي طرفان) منادي ڪئي ويندي تہ جنهن بہ الله تعالىٰ لاءِ ڪهڙو عمل ڪيو آهي جنهن ۾ ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪيو اٿس تہ ان جو ثواب الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کان گهري ڇوتہ الله تعالىٰ ڀائيواري واري ڪم ۾ سيني شريڪن کان بي پرواهہ آهي.

[1]- ( **حسن** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 7 / 154 ) حديث رقم ( 3154 ) ، مسند أحمد ( 31 / 479 ) حديث رقم ( 15278 ) ، مشكاة المصابيح ( 454 )

(**12**) عَنْ عَوْف بْنِ مَالك قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ : أَتَاني آت منْ عنْد رَبِّي فَخَيَّرَني بَيْنَ أَنْ يُدْخلَ نصْفَ أُمَّتي الْجَنَّةَ وَبَيْنَ الشَّفَاعَة فَاخْتَرْتُ الشَّفَاعَةَ وَهيَ لمَنْ مَاتَ لَا يُشْرِكُ بِاللَّه شَيْئًا. ([1])

”عوف بن مالک کان روايت آهي تہ رسول اللہ ﷺ جن فرمايو تہ: منهنجي رب جي طرفان پيغام آڻيندڙ آيو تہ مون کي ٻن ڳالهين جي بابت اختيار ڏنو ويو آهي تہ هڪڙي پسند ڪريان. يا تہ منهنجي پوري امت مان اڌ ماڻهو بهشت ۾ وڃن يا مون کي قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪرڻ جي موڪل ڏني وڃي. پوءِ مون شفاعت کي پسند ڪيو ۽ اها ان شخص لاءِ آهي جو هن دنيا مان اللہ تعالیٰ سان ڪنهن بہ شيءِ کي شريڪ ڪرڻ کانسواءِ مري ويو هجي.“

فائدو:- هنن حديثن مان ثابت ٿيو تہ سڀني وڏن گناهن ۾ وڏو گناهہ شرڪ آهي جو تباهي ۽ بربادي جو باعث ۽ اللہ تعالیٰ جي حق ۾ ناانصافي، خيانت ۽ ناشڪري جنهن لاءِ ڪا بہ معافي ناهي نہ مغفرت ۽ مشرڪ جي ڪنهن عمل جو ثواب ناهي، ۽ هميشہ جهنم ۾ رهندو.

(دعا آهي تہ اللہ تعالیٰ اسان سڀني کي شرڪ جهڙي بري بلا کان بچائي) (آمين)

*-*-*

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 5 / 441 ) حديث رقم ( 2441 ) ، سنن الترمذي ( 8 / 478 ) كِتَاب صِفَةِ الْقِيَامَةِ وَالرَّقَائِقِ وَالْوَرَعِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حديث رقم ( 2365 ) ، سنن ابن ماجه ( 12 / 376 ) كِتَاب الزُّهْدِ بَاب ذِكْرِ الشَّفَاعَةِ حديث رقم ( 4308 ) ، مشكاة المصابيح ( 494 )

## باب چوٿون

# هر مبلغ ۽ داعي کي سڀ کان پهرين الله تعالىٰ جي توحيد جي دعوت ڏيڻي آهي

جاڻڻ گهرجي تہ توحيد سڀني نيڪين جو بنياد آهي. ۽ ان جو مقابل شرڪ هر برائي جو اصل آهي. انهيءَ ڪري الله تعالىٰ جي نبين سڀني سڀ کان پهرين توحيد جي دعوت ڏني ۽ شرڪ جي برائي بيان ڪئي. چنانچہ رسول الله ﷺ سڀ کان پهرين انهيءَ شيءِ تي زور ڏنو.

قوم عاد سرڪشي ۽ زمين ۾ جڳهہ جڳهہ تي قبضا ڪرڻ ۽ جايون ٺاهڻ جنهن ڪري عوام کي سخت تڪليف پهچندي رهي. الله تعالىٰ جي نبي هود عليہ السلام انهن کي انهي ظلم کان روڪڻ کان پهرين انهن کي توحيد جي دعوت ڏني ۽ شرڪ کان روڪيو،ڇوتہ اهڙي ظلم جو باعث شرڪ ئي آهي جو مشرڪ پنهنجي جڙتو معبودن جي سهاري تي هر قسم جا ظلم ڪندا رهندا آهن.

﴿كَذَّبَتْ عَادٌ الْمُرْسَلِينَ ﴿١٢٣﴾ إِذْ قَالَ لَهُمْ أَخُوهُمْ هُودٌ أَلَا تَتَّقُونَ ﴿١٢٤﴾ إِنِّي لَكُمْ رَسُولٌ أَمِينٌ ﴿١٢٥﴾ فَاتَّقُوا اللَّهَ وَأَطِيعُونِ ﴿١٢٦﴾ وَمَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ أَجْرٍ إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلَىٰ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿١٢٧﴾ أَتَبْنُونَ بِكُلِّ رِيعٍ آيَةً تَعْبَثُونَ ﴿١٢٨﴾ وَتَتَّخِذُونَ مَصَانِعَ لَعَلَّكُمْ تَخْلُدُونَ ﴿١٢٩﴾ وَإِذَا بَطَشْتُمْ بَطَشْتُمْ جَبَّارِينَ ﴿١٣٠﴾ فَاتَّقُوا اللَّهَ وَأَطِيعُونِ ﴿١٣١﴾﴾ ( الشعراء )

”عاد جي قوم رسولن کي ڪوڙو چيو هود عليہ السلام انهن کي چيو تہ (آئون الله تعالىٰ طرفان) امانت وارو رسول آهيان تنهنڪري الله تعالىٰ کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو ڪريو. آئون هن نصيحت لاءِ اوهان کان اجورو بہ ڪونہ ٿو گهران. منهنجو اجر فقط جهانن جي پالڻهار مٿان آهي. توهين هرجاءِ تي ڪا نہ ڪا اجائي اڏاوت ڪريو ٿا. گوياڪ اوهين هميشه رهندؤ ۽ جڏهن پڪڙڪريو ٿا تہ سختي سان ڪريو ٿا تنهنڪري الله تعالىٰ کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو ڪريو.

تشريح:- انهيءَ مضمون ۾ الله تعالىٰ جي نبي سڳوري پهرين هنن کي الله تعالىٰ ياد ڏياريو ۽ ان کان ڊيڄاريو جيڪا صريحًا توحيد جي دعوت آهي ۽ اهو مضمون ٻئي هنڌ وري هن طرح آهي.

﴿ ۞ وَإِلَىٰ عَادٍ أَخَاهُمْ هُودًا ۗ قَالَ يَٰقَوْمِ ٱعْبُدُوا۟ ٱللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُۥٓ ۚ أَفَلَا تَتَّقُونَ ﴿٦٥﴾ ﴾ ( الأعراف )

**”عاد جي قوم ڏي سندن ڀاءُ هود کي اسان نبي ڪري موڪليو ۽ چيائين تہ: اي منهنجي قوم هڪ الله جي پوڄا ڪريو جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو توهان جو معبود (داتا دستگير يا مشڪل ڪشا) ناهي پوءِ ڇو نہ ٿا (ان جي عذاب کان) ڊڄو.**

**<u>تشريح :-</u> يعني تہ پهرين انهن کي توحيد سمجهايائين پوءِ انهن کي انهن جي ظلم کان روڪڻ بابت نصيحت ڪيائين ان طرح صالح عليہ السلام جي قوم ثمود وڏي سرڪش هئي ۽ پاڻي جي چشمن ۽ تلائن تي قبضو ڪري وينا هئا . ڪنهن ٻئي غريب کي ان مان نفعو وٺڻ نہ ڏيندا هئا. ڪنهن جي مال کي پاڻي پيئڻ نہ ڏيندا هئا. صرف پنهنجي مال کي پياريندا هئا. هي وڏي بي دادي ۽ ظلم هو.**

﴿ وَإِلَىٰ ثَمُودَ أَخَاهُمْ صَٰلِحًا ۗ قَالَ يَٰقَوْمِ ٱعْبُدُوا۟ ٱللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُۥ ۖ قَدْ جَآءَتْكُم بَيِّنَةٌ مِّن رَّبِّكُمْ ۖ هَٰذِهِۦ نَاقَةُ ٱللَّهِ لَكُمْ ءَايَةً ۖ فَذَرُوهَا تَأْكُلْ فِىٓ أَرْضِ ٱللَّهِ ۖ وَلَا تَمَسُّوهَا بِسُوٓءٍ فَيَأْخُذَكُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٧٣﴾ وَٱذْكُرُوٓا۟ إِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنۢ بَعْدِ عَادٍ وَبَوَّأَكُمْ فِى ٱلْأَرْضِ تَتَّخِذُونَ مِن سُهُولِهَا قُصُورًا وَتَنْحِتُونَ ٱلْجِبَالَ بُيُوتًا ۖ فَٱذْكُرُوٓا۟ ءَالَآءَ ٱللَّهِ وَلَا تَعْثَوْا۟ فِى ٱلْأَرْضِ مُفْسِدِينَ ﴿٧٤﴾ ﴾ ( الأعراف )

**”قوم ثمود ڏانهن انهن جو ڀاءُ صالح عليہ السلام نبي ڪري موڪليو سون ۽ انهن کي چيائين تہ: اي منهنجي قوم! هڪ الله جي بندگي ڪريو جو انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو توهان جي پوڄا ۽ بندگيءَ جي لائق نہ آهي. (جيڪي پاڻي بابت اوهان ماڻهن سان ظلم ۽ سختي ڪريوٿا سا ڇڏي ڏيو) توهان جي رب وٽان توهان وٽ نشاني اچي چڪي آهي. هي الله جي ڏاچي توهان لاءِ نشاني آهي. هن کي پاڻي پيئڻ کان نہ روڪيو ۽ نہ ان کي ڪا تڪليف رسايو نہ تہ اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب وٺندو آهي. ياد ڪيو جو الله تعالىٰ اوهان کي عاد جي قوم بعد زمين ۾ جانشين بنايو ۽ توهان کي زمين ۾ جاءِ ڏنائين جو ان جي پٽن تي ماڙيون ۽ ان جي جبلن تي گهر بنائيندا آهيو. تنهنڪري الله جون نعمتون ياد ڪريو ۽ زمين ۾ فساد ڪندڙ ٿي نہ پکڙو.“**

**<u>تشريح:-</u> يعني الله جي نبي سڳوري عليہ السلام انهن کي پهرين توحيد سمجهائي ان کان بعد ٻين قسمن جي زيادتين کان روڪيائين. هو الله جو نبي هو ڪيس الله وٽان معرفت ۽ ڄاڻ حاصل هئي تنهنڪري ڄاڻائين ٿي تہ جڏهن هو موحد بنيا تہ يقينًا الله کان ڊڄندا ۽ سيني ظلمن ۽ اجاين ڪمن کان باز اچي ويندا. ان طرح شعيب عليه السلام جي قوم وارا وا پاري هئا ۽ تور ماپ ۾ ڪوٽ ڪندا ۽ ماڻهن جا حق گهٽائيندا هئا**

۽ رستن تي ويهي ماڻهن کي دېائڻ ۽ انهن کي گمراهه ڪرڻ انهن جي عادت هئي. انهن کي شعيب عليه السلام هن طرح سمجهايو:

﴿ وَإِلَىٰ مَدْيَنَ أَخَاهُمْ شُعَيْبًا ۗ قَالَ يَٰقَوْمِ ٱعْبُدُوا۟ ٱللَّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَٰهٍ غَيْرُهُۥ ۖ قَدْ جَآءَتْكُم بَيِّنَةٌ مِّن رَّبِّكُمْ ۖ فَأَوْفُوا۟ ٱلْكَيْلَ وَٱلْمِيزَانَ وَلَا تَبْخَسُوا۟ ٱلنَّاسَ أَشْيَآءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوا۟ فِى ٱلْأَرْضِ بَعْدَ إِصْلَٰحِهَا ۚ ذَٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ ﴿٨٥﴾ وَلَا تَقْعُدُوا۟ بِكُلِّ صِرَٰطٍ تُوعِدُونَ وَتَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ ٱللَّهِ مَنْ ءَامَنَ بِهِۦ وَتَبْغُونَهَا عِوَجًا ۚ وَٱذْكُرُوٓا۟ إِذْ كُنتُمْ قَلِيلًا فَكَثَّرَكُمْ ۖ وَٱنظُرُوا۟ كَيْفَ كَانَ عَٰقِبَةُ ٱلْمُفْسِدِينَ ﴿٨٦﴾ ﴾ ( الأعراف )

”شهر مدين وارن ڏي سندن ڀاءُ شعيب عليه السلام کي اسان نبي ڪري موڪليو. چيائين ته: اي منهنجي قوم هڪڙي الله جي عبادت ڪريو جو ان کان سواءِ ٻيو ڪو به توهان جي پوڄڻ، سڏڻ جو حقدار نه آهي. توهان جي رب وٽان توهان وٽ نشاني ۽ ثابتي به اچي چڪي آهي تنهنڪري ماپ ۽ تور پوري ڪريو ۽ ماڻهن جا حق نه گهٽايو ۽ الله جي زمين نهيل وري نه ڦٽايو. اها ڳالهه اوهان لاءِ چڱي آهي جيڪڏهن مڃيندڙ آهيو ۽ هر رستي تي ويهي ماڻهن کي دېايو ٿا ۽ الله جي راهه کان ٿيڙيو ٿا ۽ ڏنگ وجهو ٿا (يعني ائين نه ڪريو) بلڪ الله تعالىٰ جي نعمت ياد ڪريو جو اوهين ٿورا هيئو ۽ اوهان جو تعداد وڌايائين ۽ غور سان ڏسو ته اڳيان جيڪي فسادي هئا انهن جي حالت ڪهڙي ٿي.“

تشريح:- واپاري ڏيتي ليتي ۾ بي ايماني وغيره اصل شرڪ جو نتيجو آهي. تنهن ڪري شعيب عليه السلام پهرين انهن کي شرڪ تي تنبيهه ڪئي پوءِ ڪين خاميءَ جي نشاندهي ڪئي.

موسىٰ عليه السلام جي اگرچه ساري ڪوشش اها هئي ته مظلوم بني اسرائيلن کي فرعون ۽ سندن قبطين کان نجات ۽ آزادي ڏياري وڃي مگر تاهم سندس ساري دعوت جو روح الله تعالىٰ جي توحيد هئي. ان ڪري ته شروع ۾ فرعون جي دربار ۾ صاف چيائين ته :

﴿ قَالَ رَبُّ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَآ ۖ إِن كُنتُم مُّوقِنِينَ ﴿٢٤﴾ قَالَ لِمَنْ حَوْلَهُۥٓ أَلَا تَسْتَمِعُونَ ﴿٢٥﴾ قَالَ رَبُّكُمْ وَرَبُّ ءَابَآئِكُمُ ٱلْأَوَّلِينَ ﴿٢٦﴾ قَالَ إِنَّ رَسُولَكُمُ ٱلَّذِىٓ أُرْسِلَ إِلَيْكُمْ لَمَجْنُونٌ ﴿٢٧﴾ قَالَ رَبُّ ٱلْمَشْرِقِ وَٱلْمَغْرِبِ وَمَا بَيْنَهُمَآ ۖ إِن كُنتُمْ تَعْقِلُونَ ﴿٢٨﴾ ﴾ ( الشعراء )

﴿ قَالَ رَبُّنَا ٱلَّذِىٓ أَعْطَىٰ كُلَّ شَىْءٍ خَلْقَهُۥ ثُمَّ هَدَىٰ ﴿٥٠﴾ ﴾ ( طه )

”(موسىٰ) چيو ته: آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي، تنهن جو پالڻهار آهي، جيڪڏهن اوهين ويساهه رکندڙ آهيو. (فرعون) پنهنجي آس پاس وارن کي چيو ته: (اوهين)

نہ ٿا ڀڄو ڇا؟ (موسىٰ) چيو تہ: (اُهو) اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو پالڻهار آهي. (فرعون) چيو تہ: اوهان جو پيغمبر جيڪو اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي سو بيشڪ چريو آهي. (موسىٰ) چيو تہ: منهنجو رب اهو آهي جو آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪي ان جي درميان آهي سڀني جهانن جو پالڻهار آهي ۽ اڳين پوين سڀني جو سيالڻ وارو ۽ مشرق خواهہ مغرب يعني پوري دنيا تي ان جي حڪومت آهي. ۽ هر شيءِ کي پيدا ڪندڙ آهي ۽ ان کي ديني خواهہ دنيوي طريقو ڏسيندڙ آهي جڏهن سامري انهن جي پوڄا جي لاءِ ڳابو ٺاهيو ۽ موسىٰ عليه السلام اها حالت ڏسي جيڪا تقريرڪئي جنهن ۾ فرمايائين:

﴿ إِنَّمَآ إِلَٰهُكُمُ ٱللَّهُ ٱلَّذِى لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۚ وَسِعَ كُلَّ شَىْءٍ عِلْمًا ﴿٩٨﴾ ﴾ ( طه )

"اوهان جو معبود اهو هڪڙو الله آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ڪونهي ۽ ان جوعلم هر شيءِ تي ڪشادو آهي"

رسول الله ﷺ جن جڏهن معاذ بن جبل رضي الله عنه کي يمن ڏانهن مبلغ ۽ داعي بنائي موڪليو تہ پاڻ ان کي دعوت وتبليغ جو طريقو هن طرح سمجهايو.

إِنَّكَ تَقْدمُ عَلَى قَوْمٍ مِنْ أَهْلِ كِتَابٍ فَلْيَكُنْ أَوَّلَ مَا تَدْعُوهُمْ إِلَيْه أَنْ يُوَحِّدُوا اللَّه فإِذَا عَرَفُوا ذَلكَ فَأَخْبرْهُمْ أَنَّ اللَّهَ فَرَضَ عَلَيْهِمْ خَمْسَ صَلَوَات فِي يَوْمِهِمْ وَلَيْلَتهِمْ فَإِذَا صَلُّوا فَأَخْبرْهُمْ أَنَّ اللَّهَ فَرَضَ عَلَيْهِمْ زَكَاةً فِي أَمْوَالِهِمْ تُؤْخَذُ مِنْ غَنِيِّهِمْ فَتُرَدُّ عَلَى فَقيرِهِمْ فَإِذَا أَعطَوا بِذَلكَ فَخُذْ مِنْهُمْ وَتَوَقَّ كَرَائِمَ أَمْوَالِ النَّاسِ. ([1])

"تون اهل ڪتاب جي قوم ڏانهن مبلغ ٿي وڃين ٿو تنهنڪري تنهنجي دعوت جو طريقو هي هجي جو سڀ کان پهرين انهن کي هي دعوت ڏجان تہ هڪ الله کي مڃين ۽ پوڄين ۽ موحد بنجن پوءِ جڏهن اها تنهنجي دعوت قبول ڪن. (غير الله جي پوڄا ڇڏي موحد بنجن) تہ پوءِ انهن کي تون خبر ٻڌاءِ تہ الله تعالىٰ رات ڏينهن ۾ مٿن پنج وقت نماز فرض ڪئي آهن ۽ جڏهن (اهو حڪم مڃين) نماز پڙهن پوءِ انهن کي تون ٻڌاءِ تہ الله تعالىٰ سندن مال جي مٿان زڪواة فرض ڪئي آهي جيڪا اميرن کان وٺي مسڪينن ۽ محتاجن کي ڏني ويندي پوءِ جڏهن اهو حڪم مڃين تہ پوءِ انهن کان زڪواة اوڳاڙي وٺجان مگر هرويرو انهن جي مال مان چونڊ ڪرڻ کان پاسو ڪجان."

تشريح : هن حديث مان تعليم ملي تہ تبليغ ۽ دعوت ۾ سڀ کان پهريائين توحيد سيکارڻ ۽ شرڪ جي ترديد جي وڏي ضرورت آهي. امام بخاري ساڳي باب ۾ (ما جاءَ في دعاءِ النبي ﷺ امته الىٰ توحيد الله تبارڪت اسماؤه وتعالىٰ جده) مٿين حديثن کان بعد هڪ ٻئي حديث آڻي ٿو جيڪا باب (2) جي فصل (2) جي شروع ۾ گذري جيڪا معاذ بن

[1]- صحيح البخاري ( 2 / 1094 ) كِتَاب الزَّكَاةِ بَاب لَا تُؤْخَذُ كَرَائِمُ أَمْوَالِ النَّاسِ فِي الصَّدَقَةِ حديث رقم ( 1365 )

جبل ﷺ كان آهي. جنهن ۾ بيان آهي تہ توحيد ٻانهن جي مٿان الله تعالىٰ جو حق آهي. يعني امام بخاري رحمه الله وڏي دقت نظر کان ڪم وٺي ثابت ڪري ٿو تہ چونڪہ توحيد الله جَلَّ جَلاَلُه جو حق آهي تنهن ڪري پهرين انهيءَ جي دعوت ضروري آهي. ڇوتہ جو الله جو حق پوري طرح ادا ڪندو تنهن ۾ ٻانهن جي حقن ادا ڪرڻ جي ا ميد رکي سگهجي ٿي. مگر جو الله جي حقن ۾ ڪوتاهي ڪرڻ وارو آهي سوبندن جي حقن جو ڪهڙو خيال ڪندو يا ان ۾ ٻي ڪهڙي چڱائي جي اميد رکي سگهجي ٿي .

ناظرين! عام مبلغ جي صرف ڪلمو ۽ نماز سڪاريندا رهن ٿا تن کي هن مٿين حديث شريف جو خيال ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ رسول الله ﷺ تبليغ جو طريقو سيکاريو آهي ڇو تہ صرف زباني ڪلمو پڙهڻ ڪافي ناهي بلڪ ان جي معنىٰ ۽ مفهوم مطابق زندگي بنائي وجي. جئين باب (13) ۾ ان جي معنىٰ بيان ڪئي ويندي ۽ عمل ۽ عبادتون بہ تڏهن قبول پوندا جڏهن توحيد مڪمل هوندي. شرڪ واري صورت ۾ڪا عبادت ۽ عمل قبول نہ ٿيندو. جئين باب 15 ۾ بيان ٿيندو. ان شاءَ الله تعالىٰ.

*---*---*

## باب پنجون

# توحيد جي خاطر ترڪ معاملات ۽ بغض وعداوت

دنيا ۾ دوست ٽن قسمن جا آهن : (1) دوست (2) دوست جو دوست (3) دشمن جو دوست ۽ ان طرح دشمن بہ ٽن قسمن جا آهن : (1) دشمن (2) دوست جو دشمن (3) دشمن جو دوست.

هن قاعدي موجب جڏهن تہ هر موحد ۽ مومن الله جو دوست آهي ۽ مشرڪ ۽ ڪافر الله جو دشمن آهي.

امام طحاوي حنفي فرمائي ٿو:

وَالْمُؤْمِنُونَ كُلُّهُمْ أَوْلِيَاءُ الرَّحْمَنِ وَأَكْرَمُهُمْ عِنْدَ الله أَطْوَعُهُمْ وَأَتْبَعُهُمْ لِلْقُرْآن. ([1])

”يعني مسلمان سيئي الله جا ولي ۽ دوست آهن ۽ انهن ۾ زيادہ عزت وارا الله وٽ اهي آهن جيڪي زيادہ تابعدارۃ زيادہ قرآن جا موافق هجن.“

ان ڪري مسلمان جي دوستي ۽ محبت توحيد واري سان ٿيندي مگر شرڪ واري سان هرگزنہ ٿيندي چوتہ مشرڪ الله جودشمن آهي ۽ مسلمان الله جي دشمن کي پنهنجو دشمن سمجهندو ۽ موحد چونڪ الله جو دوست آهي تنهنڪري مسلمان ان کي پنهنجو دوست سمجهندو ۽ هي امت محمديہ ﷺ ابراهيمي ملت تي آهي جيئن حڪم ٿيو تہ :

﴿ ثُمَّ أَوْحَيْنَآ إِلَيْكَ أَنِ ٱتَّبِعْ مِلَّةَ إِبْرَٰهِيمَ حَنِيفًا ۖ وَمَا كَانَ مِنَ ٱلْمُشْرِكِينَ ﴿١٢٣﴾ ﴾ ( النحل )

”۽ اسان توڏانهن( اي محمدﷺ) وحي ڪيو آهي تہ ابراهيم عليہ السلام جي تابعداري ڪريو اهو هڪ طرفو (يعني هڪ الله کي مجندڙ ۽ پوڄيندڙ هو) ۽ مشرڪن مان نہ هو.“ ۽ ابراهيم عليہ السلام جي ملت اها هئي تہ مشرڪن کان ۽ انهن جي معبودن کان بيزاري ۽ عليحدگي ڪئي وڃي.

جيئن ارشاد آهي تہ :

[1]- العقيدة الطحاوية ( 66 )

﴿ قَدۡ كَانَتۡ لَكُمۡ أُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ فِيٓ إِبۡرَٰهِيمَ وَٱلَّذِينَ مَعَهُۥٓ إِذۡ قَالُواْ لِقَوۡمِهِمۡ إِنَّا بُرَءَٰٓؤُاْ مِنكُمۡ وَمِمَّا تَعۡبُدُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ كَفَرۡنَا بِكُمۡ وَبَدَا بَيۡنَنَا وَبَيۡنَكُمُ ٱلۡعَدَٰوَةُ وَٱلۡبَغۡضَآءُ أَبَدًا حَتَّىٰ تُؤۡمِنُواْ بِٱللَّهِ وَحۡدَهُۥٓ . . . ﴿٤﴾ ﴾ ( الممتحنة )

"(اي مسلمانو!) اوهان لاءِ ابراهيم عليہ السلام ۽ ان جي ساٿين ۾ بهتر نمونو آهي. جو انهن پنهنجي قوم وارن (يعني مشرڪن) کي چيو تہ اسان اوهان کان ۽ جن شين کي الله کان سواءِ پوڄا ڪريو ٿا، تن سڀن کان بيزار آهيون ۽ اسان اوهان جو ۽ اوهان جي معبودن جو ڪفر ۽ انڪار ڪيو. اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ هميشہ لاءِ دشمني ۽ بغض ظاهر ٿي چڪو آهي (۽ اهو هميشہ رهندو ۽ ختم نہ ٿيندو) جيسيتائين جو توهين (ٻين کي ڇڏي) هڪ الله کي مڃڻ وارا نہ ٿيو."

هن آيت ۾ تعليم آهي تہ اسان جي دين اسلام ۾ مشرڪ ۽ موحد جي پاڻ ۾ دوستي قطعًا ناهي. دنيا جون ڏيتيون ليتيون ۽ واپار ٿيندا رهندا، مگر ڪنهن بہ مسلمان جي دل نہ ڪنهن مشرڪ سان لڳندي نہ ريجهندي. ڇو تہ مشرڪ بظاهر ڪيڏي نہ محبت ۽ وفاداري ڏيکارين مگر حقيقت ۾ هو ڪنهن بہ موحد کان خوش يا راضي ناهن ۽ انهن جي ڪا بہ ڀلائي يا ترقي مشرڪ کي هرگز پسند نہ آهي. چناچہ الله تعالىٰ بيان فرمائي ٿو تہ :

﴿مَّا يَوَدُّ ٱلَّذِينَ كَفَرُواْ مِنۡ أَهۡلِ ٱلۡكِتَٰبِ وَلَا ٱلۡمُشۡرِكِينَ أَن يُنَزَّلَ عَلَيۡكُم مِّنۡ خَيۡرٖ مِّن رَّبِّكُمۡۗ ﴿١٠٥﴾ ﴾(البقرة)

"اهل ڪتاب ۽ مشرڪ اهو ڪڏهن پسند نہ ٿا ڪن تہ اوهان مسلمانن تي الله جي طرفان ڪا مهرباني ڪئي يا موڪلي وڃي."

پوءِ تہ مسلمانن کي غيرت اچڻ گهرجي تہ ڪيئن ٿا اهڙن ماڻهن کي پنهنجو دوست سمجهن يا انهن سان دوستي ٿا رکن ۽ اهو نٿا سوچين تہ جو شخص پنهنجي منعم حقيقي جنهن کيس پيدا ڪيو ۽ رزق مهيا ڪيو ۽ هر طرح جي نعمت سان نوازيو ان جو دشمن بڻيو ۽ ان سان بغاوت ڪري ۽ ٻين کي ساڻس شريڪ بڻايائين سو اسان جو ڪيئن سڄڻ ٿيندو؟

ان بابت حديثون لکجن ٿيون :

(1) عَنْ عَائِشَةَ أَنَّ رَجُلًا مِنْ الْمُشْرِكِينَ لَحِقَ بِالنَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِيُقَاتِلَ مَعَهُ فَقَالَ ارْجِعْ إِنَّا لَا نَسْتَعِينُ بِمُشْرِكٍ. ([1])

" أم المؤمنين عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ مشرڪن مان ڪو ماڻهو اچي رسول الله ﷺ جي فوج سان مليو تان تہ انهن سان گڏجي ٻين ڪافرن سان وڙهي. پاڻ ان کي حڪم فرمايائون تہ واپس هليو وڃ اسين ڪنهن بہ مشرڪ جي مدد نہ وٺنداسون."

---

[1]- ( صحيح ) صحيح وضعيف سنن أبي داود ( 6 / 232 ) حديث رقم ( 2732 ) ، سنن أبي داود ( 1 / 271 ) كِتَاب الْجِهَادِ بَاب فِي الْمُشْرِكِ يُسْهَمُ لَهُ حديث رقم ( 2356 )

تشريح: ۽ انهي معنىٰ ۾ ٻي حديث امام احمد رحمه الله جي مسند ۽ امام بخاري رحمه الله جي تاريخ ڪبير ۾ به خبيب بن يساف رضي الله عنه کان به مروي آهي. ([1])

اهو هن ڪري هو ته مشرڪ تي ڪو اعتبار ڪونهي نه ڀروسو رکي سگهجي ٿو ته هو وفاداري ڪندو. حالانڪ لڙائي جهڙي معاملي ۾ همراهن ۽ مددگارن جي وڏي ضرورت هوندي آهي، مگر پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وسلم) ان کي واپس موٽائي مسلمانن لاءِ تعليم ڇڏي ويا ته جو شخص الله جا حق نه ٿو سڃاڻي ۽ ان سان شرڪ ڪري ٿو تنهن ۾ مسلمان پنهنجي لاءِ ڪا چڱي اميد نه رکن. مزيد توضيح لاءِ بيهقي ۾ ابو حميد ساعدي کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم احد واري ڏينهن وڃي رهيا هئا ته (ثنية الوداع) (هڪ هنڌ آهي) وٽ وڏو قافلو ڏٺو پاڻ پڇايائون ته: هي ڪير آهن؟ چيائون ته : عبدالله بن ابي پنهنجي ڇهه سو غلامن سميت آهي پاڻ فرمايائون ته : هنن اسلام آندو آهي؟ چيائون ته نه فرمايائون ته :

فَلْيَرجِعُوا إِنَّا لَا نَسْتَعِينُ بِمُشْرِكٍ. ([2])

”يعني هي موٽي وڃن اسان مشرڪن کان مدد نه وٺنداسين.“

عَنْ سَمُرَةَ عَنْ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ : لَا تُسَاكِنُوا الْمُشْرِكِينَ وَلَا تُجَامِعُوهُمْ فَمَنْ سَاكَنَهُمْ أَوْ جَامَعَهُمْ فَلَيْسَ مِنَّا. « هذا حديث صحيح على شرط البخاري ، ولم يخرجاه » ([3])

”سمرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته: رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو ته: مشرڪن سان نه گڏ رهو نه پاڻ سان گڏ رهايو جو ائين ڪندو اهو اسان (جي جماعت) مان نه آهي. هي حديث بخاري جي شرط تي صحيح آهي.“

تشريح:- امام حاڪم چوي ٿو ته هي حديث بخاري جي شرط تي صحيح آهي ۽ حافظ ذهبي به ان فيصلي ۾ ساڻس موافقت ڪئي آهي، هن ۾ سمجهاڻي اها آهي ته مشرڪن سان اٿڻ ويهڻ ۽ لاڳاپا رکڻ مسلمانن لاءِ باعث نقصان آهي ڇوته هرڪو انسان پنهنجي تعلق دارڪان گهڻو ڪري متاثر ٿيندوآهي. چناچه رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو ته :

الْمَرْءُ عَلَى دِينِ خَلِيلِهِ فَلْيَنْظُرْ أَحَدُكُمْ مَنْ يُخَالِلْ. ([4])

---

[1]- الجامع الصغير للسيوطي ( 1 / 100 )

[2]- البيان والتعريف في اسباب ورود الحديث للحسيني ( 1 / 251 )

[3]- صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 4/ 105) حديث رقم ( 1605)، المستدرك على الصحيحين للحاكم ( 2 / 872 )حديث رقم(2578)

[4]- ( **حسن** ) السلسلة الصحيحة ( 3 / 1 ) حديث رقم ( 927 ) ، سنن أبي داود ( 12 / 459 ) كِتَاب الْأَدَبِ بَاب مَنْ يُؤْمَرُ أَنْ يُجَالِسَ حديث رقم ( 4193 ) ، مسند أحمد ( 16 / 226 ) حديث رقم ( 7685 ) ، مشكاة المصابيح ( 427 ) بحواله احمد ، ترمذي ، ابوداؤد ، شعب الايمان للبيهقي من حديث أبي هريرة

”هرڪو ماڻهو گهڻو ڪري پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي، تنهنڪري اها سوچ ڪري ته ڪنهن سان ڌودوستي رکي.
ان طرح الله تبارڪ وتعالىٰ مسلمان عورتن کي غير مسلم عورتن سان اٿڻ ويهڻ ۽ بي تڪلفي کان منع فرمائي جيئن فرمايائين ته : ﴿أَوۡ نِسَآئِهِنَّ ﴿٣١﴾﴾ ( النور)
”پنهنجي مسلمان زالن کا نسواء ٻين جي سامهون پنهنجي زينت ظاهر نه ڪن“

۽ رسول الله ﷺ جي حرمن سڳورن جي حق ۾ ﴿وَلَا نِسَآئِهِنَّ﴾ يعني ”پنهنجي مسلمان عورت سان ميل جول ۽ انهن جي سامهون زينت ظاهر ڪرڻ ۾ ڪو حرج يا گناهه نه آهي.“ ۽ اڪثر مسلمانن جي گهرن مان تهذيب ۽ اخلاق جي ڇڏي وڃڻ جو سبب اهو آهي. ورنه اسلام جي ان بهترين تعليم تي اسان جا مسلمان عمل ڪن ته گهڻن فتنن کان بچي سگهن ٿا.

(3) عَنْ عِرَاكِ بْنِ مَالِكٍ أَنَّ حَكِيمَ بْنَ حِزَامٍ قَالَ كَانَ مُحَمَّدٌ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَحَبَّ رَجُلٍ فِي النَّاسِ إِلَيَّ فِي الْجَاهِلِيَّةِ فَلَمَّا تَنَبَّأَ وَخَرَجَ إِلَى الْمَدِينَةِ شَهِدَ حَكِيمُ بْنُ حِزَامٍ الْمَوْسِمَ وَهُوَ كَافِرٌ فَوَجَدَ حُلَّةً لِذِي يَزَنَ تُبَاعُ فَاشْتَرَاهَا بِخَمْسِينَ دِينَارًا لِيُهْدِيَهَا لِرَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَدِمَ بِهَا عَلَيْهِ الْمَدِينَةَ فَأَرَادَهُ عَلَى قَبْضِهَا هَدِيَّةً فَأَبَى قَالَ عُبَيْدُ اللَّهِ حَسِبْتُ أَنَّهُ قَالَ إِنَّا لَا نَقْبَلُ شَيْئًا مِنْ الْمُشْرِكِينَ وَلَكِنْ إِنْ شِئْتَ أَخَذْنَاهَا بِالثَّمَنِ فَأَعْطَيْتُهُ حِينَ أَبَى عَلَيَّ الْهَدِيَّةَ. ([1])

”عراڪ بن مالڪ کان روايت آهي ته حڪيم بن حزام رضي الله عنه فرمائي ٿو ته: جاهليت جي زماني ۾ مون کي رسول الله ﷺ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ پيارا هوندا هئا، پوءِ جڏهن پاڻ نبوت جي دعوىٰ ڪيائون ان وقت حڪيم بن حزام مديني طرف نڪتو. ان وقت مسلمان نه هو ۽ اتي سنو وڳو وڪامندي ڏٺائين اهو پنجاهه دينار ڏئي رسول الله ﷺ کي تحفي طور ڏيڻ لاءِ خريد ڪيائين ۽ سندن خدمت ۾ پيش ڪيائين. پاڻ ﷺ قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيائون ۽ فرمايائون ته: اسان مشرڪن کان تحفو قبول نه ڪندا آهيون، پر جيڪڏهن تنهنجي مرضي هجي ته قيمتًا وٺان. پوءِ جڏهن تحفي وٺڻ کان انڪار ڪيائون ته مون کين قيمت سان ڏنو.“

تشريح :- مقام غور آهي ته هي سندن پراڻو دوست ۽ محبت وارو هو، مگر توحيد ۽ شرڪ ٻئي هڪ جاءِ تي نه گڏبا تنهنڪري اها دوستي نه رهي الله تبارڪ وتعالىٰ مشرڪن سان رشتي جي سخت منع فرمائي آهي.

---

[1]- ( صحيح ) السلسلة الصحيحة ( 4 / 206 ) حديث رقم ( 1707 ) ، مسند أحمد ( 3 / 402 ) حديث رقم ( 14784 )

﴿وَلَا تَنكِحُوا۟ ٱلْمُشْرِكَٰتِ حَتَّىٰ يُؤْمِنَّ ۚ وَلَأَمَةٌ مُّؤْمِنَةٌ خَيْرٌ مِّن مُّشْرِكَةٍ وَلَوْ أَعْجَبَتْكُمْ ۗ وَلَا تُنكِحُوا۟ ٱلْمُشْرِكِينَ حَتَّىٰ يُؤْمِنُوا۟ ۚ وَلَعَبْدٌ مُّؤْمِنٌ خَيْرٌ مِّن مُّشْرِكٍ وَلَوْ أَعْجَبَكُمْ ۗ أُو۟لَٰٓئِكَ يَدْعُونَ إِلَى ٱلنَّارِ ۖ وَٱللَّهُ يَدْعُوٓا۟ إِلَى ٱلْجَنَّةِ وَٱلْمَغْفِرَةِ بِإِذْنِهِۦ ۖ وَيُبَيِّنُ ءَايَٰتِهِۦ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُونَ ﴿٢٢١﴾﴾ ( البقرة )

("مشرڪ عورتن سان شادي نہ ڪريو جيستائين ايمان نہ آڻين ۽ مشرڪ عورت ڪيڏي بہ توهان کي پسند هجي پر مؤمن ٻانهي انهيءَ کان وڌيڪ آهي ۽ مشرڪ مردن کي (پنهنجون عورتون) نہ پرڻايو اگرچہ هو ڪيتري قدر توهان کي پسند هجن. مگر ايماندار موحد جيڪو ڪنهن جو ٻانهو آهي اهوان کان وڌيڪ آهي ۽ اهي مشرڪ جهنم جي باھ ڏي سڏين ۽ چڪين تا ۽ الله پنهنجي حڪم سان بهشت ۽ پنهنجي مغفرت ڏانهن سڏي ٿو ۽ ماڻهن لاءِ پنهنجون آيتون بيان ڪري ٿو تان تہ اهي نصيحت وٺن.")

تشريح: هن آيت مان خود واضح ٿيو تہ مشرڪ ۽ موحد جو ميل جول صحيح نہ آهي بلڪ خطرناڪ آهي. هن معنيٰ ۾ ٻي آيت هي آهي.

﴿ٱلزَّانِى لَا يَنكِحُ إِلَّا زَانِيَةً أَوْ مُشْرِكَةً وَٱلزَّانِيَةُ لَا يَنكِحُهَآ إِلَّا زَانٍ أَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَحُرِّمَ ذَٰلِكَ عَلَى ٱلْمُؤْمِنِينَ ﴿٣﴾﴾(النور)

"زاني شخص صرف زانيہ عورت يا مشرڪياڻيءَ سان نڪاح ڪري سگهي ٿو ۽ زانيہ عورت سان صرف زاني شخص يا مشرڪ نڪاح ڪري سگهي ٿو. ۽ مؤمن لاءِ اهو رشتو حرام آهي."

تشريح: هن آيت جي شان نزول مان وڌيڪ رهنمائي ملي ٿي.

عَنْ عَمْرُو بْنُ شُعَيْب عَنْ أَبيه عَنْ جَدِّه قَالَ كَانَ رَجُلٌ يُقَالُ لَهُ مَرْثَدُ يَحْملُ الْأُسَارَى منْ مَكَّةَ حَتَّى يَأْتيَ بهِمْ الْمَدينَةَ وَكَانَتْ امْرَأَةٌ بَغيٌّ بمَكَّةَ يُقَالُ لَهَا عَنَاقٌ وَكَانَتْ صَديقَةً لَهُ وَإِنَّهُ كَانَ وَعَدَ رَجُلًا منْ أُسَارَى مَكَّةَ يَحْملُهُ قَالَ فَجِئْتُ حَتَّى انْتَهَيْتُ إِلَى ظلِّ حَائط منْ حَوَائط مَكَّةَ في لَيْلَة مُقْمرَة فَجَاءَتْ عَنَاقٌ فَأَبْصرَتْ سَوَادَ ظلِّي تَحْتَ الْحَائط فَلَمَّا انْتَهَتْ إِلَيَّ عَرَفَتْني فَقَالَتْ : مَرْثَدٌ ! فَقُلْتُ : مَرْثَدٌ ، فَقَالَتْ : مَرْحَبًا وَأَهْلًا هَلُمَّ فَبتْ عنْدَنَا اللَّيْلَةَ ، قُلْتُ : يَا عَنَاقُ حَرَّمَ اللَّهُ الزِّنَا ، قَالَتْ : يَا أَهْلَ الْخيَامِ هَذَا الرَّجُلُ يَحْملُ أَسْرَاكُمْ ، قَالَ : فَتَبعَني ثَمَانيَةٌ وَسَلَكْتُ الْخَنْدَمَةَ فَانْتَهَيْتُ إِلَى غَارٍ أَوْ كَهْف فَدَخَلْتُ فَجَاءُوا حَتَّى قَامُوا عَلَى رَأْسي فَبَالُوا ، فَظَلَّ بَوْلُهُمْ عَلَى رَأْسي وَ نَحَاهُمْ اللَّهُ عَنِّي ثُمَّ رَجَعُوا وَرَجَعْتُ إِلَى صَاحِبِي فَحَمَلْتُهُ حَتَّى قَدمْتُ الْمَدينَةَ فَأَتَيْتُ رَسُولَ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ فَقُلْتُ : يَا رَسُولَ اللَّه أَنْكحُ عَنَاقًا ، فَأَمْسَكَ فَلَمْ يَرُدَّ عَلَيَّ شَيْئًا حَتَّى نَزَلَتْ : ﴿ٱلزَّانِى لَا يَنكِحُ إِلَّا زَانِيَةً أَوْ مُشْرِكَةً وَٱلزَّانِيَةُ لَا يَنكِحُهَآ إِلَّا زَانٍ أَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَحُرِّمَ ذَٰلِكَ عَلَى ٱلْمُؤْمِنِينَ﴾

فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : فَلَا تَنْكِحْهَا. ([1])

”عبد الله بن العاص رضي الله عنه كان روايت آهي تہ مرثد نالي هڪ شخص جو مڪي مان مسلمان قيدي ڪٽي مديني پهچائيندو هو ۽ اتي مڪي ۾ هڪ عورت (فاحشه) نالي عناق هئي جا (اسلام کان اڳ) سندس تعلق دار هئي. ان کي پتو پيو تہ ڪو ماڻهو هتان قيدي ڪٽي ٿو وڃي (ان سمجهو تہ اهو مرثد هوندوسوان جو اڳ وٽي بيني) جڏهن هي آيو تڏهن هن کي سڏ ڪيائين ۽ پلي ڪار ڪري چيائينس تہ هلي آءُ! اڄ رات اسان وٽ گذار. جواب ۾ چيائين تہ: اي عناق! الله تعالیٰ زنا کي حرام ڪيو آهي تنهن تي هن دانهن ڪري چيو تہ: اي تنبن وارو! اوهان جي قيدين ڪٽڻ وارو هي ماڻهو آهي (چوي ٿو مرثد) اٺ ماڻهو منهنجي پنيان ڪاهجي پيا آئون پجي ڪري چُرَ ۾ وڃي لڪيس. پوءِ هو منهنجي مٿان اچي چُرَ جي منهن ۾ پيشاب ڪرڻ لڳا تان تہ پيشاب منهنجي مٿي تي اچي پيو. آخر الله تعالیٰ هنن کي دور ڪيو هليا ويا پوءِ آئون بہ نڪري ۽ قيدي ڪٽي مديني ڏانهن واهرو ٿيس. پوءِ رسول الله ﷺ وٽ آيس عرض ڪيم يا رسول الله ﷺ! آئون عناق سان شادي ڪريان پاڻ ڪجهہ ديرخاموش رهيا پوءِ هي آيت:

﴿ٱلزَّانِي لَا يَنكِحُ إِلَّا زَانِيَةً أَوْ مُشْرِكَةً وَٱلزَّانِيَةُ لَا يَنكِحُهَآ إِلَّا زَانٍ أَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَحُرِّمَ ذَٰلِكَ عَلَى ٱلْمُؤْمِنِينَ﴾

فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : فَلَا تَنْكِحْهَا.

نازل ٿي پوءِ پاڻ فرمايائون تہ: تون ان سان نڪاح نہ ڪر.

تشريح :- هن حديث منجهان وڏيون اهم ڳالهيون معلوم ٿيون :

(1) مشرڪن ۽ موحد جورشتو پاڻ ۾ نہ ٺهندو.

(2) وڏو عبرت جومقام آهي تہ هڪ طرف تہ هنن ٻنهي ماڻهن مرثد ۽ عناق ۾ اسلام کان اڳ ناجائز تعلق هو ۽ عورت هن کي چاهيو ٿي. جنهن ڪري گس وٽي بيني ۽ مرثد جي بہ هن سان چاهت هئي تنهنڪري رسول الله ﷺ کان هن جي نڪاح جي اجازت گهريائين ۽ ٻئي طرف تنهائيءَ ۾ رات جي وقت ۾ هن کي برائي لاءِ سڏي ٿي ۽ پوءِ بہ هو انڪار ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ الله تعالیٰ زنا کي حرام ڪيو آهي. هي آهي اصل توحيد. جو الله جو خوف ٻانهي تي ايڏو غالب آهي جو ايڏي اڪيلائيءَ ۾ باوجود چاهت ۽ جوانيءَ جي ان کي برائي ڪرڻ جي همٿ ۽ جرات نہ ٿي ٿئي. اصل توحيد ۽ شرڪ جو اهو فرق

---

[1]- ( **حسن الإسناد** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 7 / 177 ) حديث رقم ( 3177 ) ، سنن الترمذي ( 10 / 457 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب وَمِنْ سُورَةِ النُّورِ حديث رقم ( 3101 ) ، الدر المنثور ( 2 / 19–20 ) رواه عبد بن حميد وأبوداود والترمذي وحسنه والنسائي وابن ماجة وابن جرير وابن المنذر وابن أبي حاتم وابن مردويه والحاكم وصححه والبيهقي

آهي جو موحد هر حالت ۾ الله کان ڊڄندو رهندو ۽ هن جي نافرماني لاءِ گهٽو ڪري همت نہ ٿيندیس. مگر مشرڪ پيرن ۽ ٻين بنايل معبودن جي سهاري تي الله تعالیٰ کان بي خوف هوندو آهي ۽ هر قسم جي گناهہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي.

(3) مرشد کي پڪڙائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن جي معنیٰ تہ هن کي لالچ سان گڏ دٻايو بہ ويو. مگر هن جي مٿان ٻين کان الله جوخوف غالب هو. تنهنڪري سڀ تڪليفون سنائين، مگر برائي لاءِ تيار نہ ٿيو. جڏهن الله جو خوف غالب هوندو آهي پوءِاها حالت هوندي آهي، انهي ڪري الله تعالیٰ فرمائي ٿو تہ :

﴿ . . . وَإِيَّٰيَ فَٱرۡهَبُونِ ۝٤٠ . . . وَإِيَّٰيَ فَٱتَّقُونِ ۝٤١ ﴾ ( البقرة )

”صرف مون هڪ الله کان ڊڄو.“

(4) مرشد رسول الله ﷺ جن کان ان عورت سان نڪاح جي اجازت گهري جڏهن قرآن جي آيت ٻڌائين ۽ رسول الله ﷺ کيس نڪاح کان منع فرمايو تہ : هو پنهنجي چاهت کان باز اچي ويو. جنهن مان ظاهر آهي تہ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي حڪم کي پنهنجي چاهت کان مقدم سمجهيائين. اهي سڀ توحيد جون برڪتون آهن، جو هيڏو سارو تعلق صرف ان ڪري ڇنيائين جو پاڻ موحد هو ۽ هوءَ مشرڪ هئي.

*-*-*

## باب ڇهون

**توحيد جي لاءِ جهاد ۽ قتال**
**هن ۾ ٻه فصل آهن.**

## فصل پهريون

## آيات قرآني جي باري ۾

﴿ حَتَّىٰ لَا تَكُونَ فِتْنَةٌ وَيَكُونَ الدِّينُ كُلُّهُ لِلَّهِ فَإِنِ انتَهَوْا فَإِنَّ اللَّهَ بِمَا يَعْمَلُونَ بَصِيرٌ ﴿٣٩﴾ ﴾ ( الأنفال )

”۽ مشرڪن سان وڙهندا رهو جيستائين ڪو فتنو باقي نه رهي ۽ قانون سارو هڪ الله جو هلندو هجي ۽ جيڪڏهن هو (پنهنجي فتني کان) باز اچن ته پوءِ بلا شڪ انهن جي ڪمن کي الله تعالىٰ ڏسندڙ آهي.“

تشريح:- هن آيت ۾ تعليم آهي ته الله تعالىٰ جي توحيد خاطر جهاد ۽ قتال ڪيو وڃي. جيسيتائين مشرڪن جو ڪو فتنو يا غلبو نه رهي ۽ الله جي قانون ڪانسواءِ ٻي ڪنهن قانون جي بالادستي نه رهي.

﴿ سَنُلْقِي فِي قُلُوبِ الَّذِينَ كَفَرُوا الرُّعْبَ بِمَا أَشْرَكُوا بِاللَّهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهِ سُلْطَانًا . . . ﴿١٥١﴾ ﴾ ( آل عمران )

”عنقريب اسين مشرڪن جي دلين ۾ رعب ۽ خوف وجهنداسين. هن ڪري جو هُنن الله سان اهڙين شين کي شريڪ ۽ ڀائيوار بنايو آهي جنهن لاءِ الله تعالىٰ ڪو حڪم يا دليل نه لاٿو آهي.“

تشر يح :- هن آيت ۾ مسلمان کي تسلي ڏنل آهي ته توهين مشرڪن سان وڙهندي خوف نه ڪائو ڇو ته بهادري ۽ بزدلي الله جي حڪم سان ٿيندي آهي ۽ اهوئي انهن کي بزدل بنائيندو. ڇوته انهن الله ڪانسواءِ ٻين پنهنجي بنايل معبودن کي سهارو بنايو آهي ۽ اوهان جو ڀروسو صرف هڪ الله تي آهي، تنهن ڪري ڪاميابي اوهان جي آهي. هن مضمون ۾ مشرڪن سان جهاد جي وڏي رغبت ڏنل آهي.

﴿ فَإِذَا انسَلَخَ الْأَشْهُرُ الْحُرُمُ فَاقْتُلُوا الْمُشْرِكِينَ حَيْثُ وَجَدتُّمُوهُمْ وَخُذُوهُمْ وَاحْصُرُوهُمْ وَاقْعُدُوا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ فَإِن تَابُوا وَأَقَامُوا الصَّلَاةَ وَآتَوُا الزَّكَاةَ فَخَلُّوا سَبِيلَهُمْ إِنَّ اللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿٥﴾ ﴾ ( التوبة )

”جڏهن اهي مهينا گذري وڃن جن ۾ لڙائي حرام آهي تہ پوءِ مشرڪن کي قتل ڪندا رهو جتي بہ لهو ۽ انهن کي پڪڙيو ۽ انهن جو گهيرو ڪريو ۽ انهن لاءِ گهٽ جهلي ويهو پوءِ جڏهن هو پنهنجي شرڪ کان توبہ ڪن ۽ نمازکي قائم ڪن ۽ زڪواة ادا ڪن تہ پوءِ انهن جو رستو ڇڏي ڏيو بلاشڪ الله تعالىٰ بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.“

تشريح:- رسول الله ﷺ جا مشرڪن سان معاهدا ڪيل هئا، مگر الله تعالي هن سورة (توبة) جي شروع ۾ اعلان فرمايو تہ: مشرڪن سان اڄ کان بعد معاهدا ختم آهن ۽ انهن کان الله ۽ ان جو رسول ﷺ بيزار آهن ۽ جي توبہ ڪن تہ ان ۾ انهن لاءِ فائدو آهي ورنہ هو الله کان ڏاڍا ڪونہ آهن انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي پوءِ جي مشرڪ اوهان سان ڪنهن وقت تائين معاهدو ڪري چڪا آهن ۽ نہ اهڙي حرڪت ڪئي اٿن جنهن سان معاهدو ٽٽي تہ پوءِ انهن جي معاهدي کي توهان انهيءَ وقت تائين بحال رکو باقي ٻين کي صرف اهي چار مهينا حرام جا مهلت آهي يعني ذوالقعد، ذوالحج، محرم، ۽ رجب، ان کان بعد نہ هنن سان معاهدو آهي نہ اقرار بلڪہ جيسين شرڪ کان توبہ ڪن ۽ هڪ الله جي عبادت ڪن نماز جي پابندي ڪن ۽ مالي زڪواة ڏيندا رهن، تيستائين انهن سان وڙهڻو آهي.

﴿ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ وَلَمْ يَلْبِسُوٓاْ إِيمَـٰنَهُم بِظُلْمٍ أُوْلَـٰٓئِكَ لَهُمُ ٱلْأَمْنُ وَهُم مُّهْتَدُونَ ﴿٨٢﴾﴾ ( الأنعام )

”جن شخصن ايمان آندو ۽ ايمان سان شرڪ کي نہ ملايائون انهن لاءِ امن آهي ۽ اهي ئي سنئين رستي تي آهن.“

تشريح :- ملت حنيفيءَ جي اڳواڻ خليل الله ابرا هيم عليه السلام جڏهن مشرڪن کان ۽ انهن جي معبودن کان بيزاريءَ جو اعلان ڪيو تڏهن قوم ساڻس جهڳڙو ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪوڙن معبودن کان ڊيڄارڻ لڳي. هنن کي جواب ۾ چيائين تہ: توهان ان رب العٰلمين جي باري ۾ مون سان جهڳڙو ڪريو ٿا جنهن مون کي هدايت ڪئي ان کانسواءِ نہ ڪنهن جي بادشاهي آهي نہ ڪنهن جو حڪم آهي تنهن جواوهين خوف نہ ٿا ڪريو جو ان سان ناحق شريڪ بنائي وينا آهيو ۽ وري مون کي انهن کان ڊيڄاريو ٿا جن جي نہ حڪومت آهي نہ اختيار ۽ نہ ڪي انهن جي پوڄا لاءِ ڪو ثبوت آهي هاڻ انصاف ڪريو تہ اسان ۽ اوهان ٻنهي جي وچ ۾ امن ۽ سلامتي جو حقدار ڪير آهي ان بابت الله تعالي سمجهايو تہ الله کي ڪافر ۽ مسلمان سڀ مڃين ٿا. ايستائين جو جيڪو دهريت ۽ انڪار الله جا دعويدار آهن. سي بہ حقيقت ۾ الله جي انڪار ڪرڻ کان عاجز آهن. جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي تہ :

حرم میں مسلم نے راگ گایا تیرا
ہندو نے صنم میں جلوہ کچھا تیرا
دہر نے کیا دہر سے تعبیر تجھے
پر انکار کسی سے بن نہ آیا تیرا

مگر صرف الله جو مڃڻ ڪافي نہ آهي. جيستائين غيرالله جو انڪار نہ ڪن ۽ شرڪ کان پاڪ ٿي هڪ الله کي مڃن ۽ پو ڄين تہ پوءِ اهي امن جا حقدارآهن انهن لاءِ هرطرح سلامتي ۽ امن آهي انهن جي جان ۽ مال جي حفاظت مسلمان لاءِ فرض آهي ورنہ ٻي صورت ۾ نہ انهن جي جان سلامت آهي نہ مال ۽ نہ عزت. ثابت ٿيو تہ جيستائين مشرڪ پنهنجي شرڪ تي باقي آهي، تيستائين ان سان لڙائي جهاد ۽ مقابلو هلندو رهندو.

﴿ وَلَقَدْ صَدَقَكُمُ ٱللَّهُ وَعْدَهُۥٓ إِذْ تَحُسُّونَهُم بِإِذْنِهِۦ ۖ . . . ﴿١٥٢﴾ ﴾ ( آل عمران )

”الله توهان سان پنهنجو واعدو سچو ڪيو ۽ (اهووقت ايندو) جو ان جي حڪم سان توهان انهن کي قتل ڪري رهيا آهيو.“

تشريح : هن آيت مان بہ ظاهر ٿيو تہ مشرڪن سان جهاد هميشہ ٿيندو رهيو آهي.

﴿ هُوَ ٱلَّذِىٓ أَرْسَلَ رَسُولَهُۥ بِٱلْهُدَىٰ وَدِينِ ٱلْحَقِّ لِيُظْهِرَهُۥ عَلَى ٱلدِّينِ كُلِّهِۦ وَلَوْ كَرِهَ ٱلْمُشْرِكُونَ ﴿٣٣﴾ ﴾ ( التوبة )

”اهو الله تعالىٰ آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ حق وارو دين ڏئي موڪليو آهي هن لاءِ تہ ان دين کي ٻين سيني دينن تي غالب ڪري اگرچہ مشرڪ ڪيترو بہ ان کي ناپسند سمجهن.“

تشريح :- هن آيت مان صاف ظاهر ٿيو تہ رسول الله ﷺ ۽ ان جي جماعت جو پهريون منصب اهو آهي تہ الله ﷻ جي دين کي بلند ڪرڻ ۽ مشرڪن جي سيني دينن کي ۽ رسمن کي هيٺ ڪري ۽ ختم ڪيو وڃي ۽ مشرڪن جي پسند يا ناپسنديءَ جي ڪا بہ پرواہ نہ ڪئي وڃي.

﴿وَقَٰتِلُوا۟ ٱلْمُشْرِكِينَ كَآفَّةً كَمَا يُقَٰتِلُونَكُمْ كَآفَّةً ۚ وَٱعْلَمُوٓا۟ أَنَّ ٱللَّهَ مَعَ ٱلْمُتَّقِينَ ﴿٣٦﴾ ﴾ ( التوبة )

”اي مسلمانو! سيني مشرڪن سان وڙهندا رهو جيئن هو بہ سيئي اوهان سان وڙهندا رهن ٿا ۽ يقين سان ڄاڻو تہ بلاشڪ الله تعالىٰ پرهيزگارن سان گڏ آهي.“

تشريح :- يعني ڪنهن بہ مشرڪ سان ڪنهن تعلق جي بناءَ تي رَؤُ رعايت نہ ڪئي وڃي ۽ اها تقوىٰ جي تقاضا آهي تہ هڪ الله جو خوف رکيو وڃي ۽ ان جي شريعت جي باري ۾ بئي ڪنهن جو خوف نہ رکيو وڃي.

هنن آيتن جو حاصل هي آهي تہ شرڪ جي مٽائڻ لاءِ جهاد بلڪل ضروري آهي ۽ رسول الله ﷺ جي اچڻ جو اصلي مقصد اهو ئي آهي ۽ موحد جي لاءِ يقيني ڪاميابي ۽ مشرڪ لاءِ شڪست آهي ڇو تہ موحد جو صرف الله تي ڀروسو هوندو آهي، تنهن ڪري ان جي قلب کي قوت بخشي ٿو. ۽ مشرڪ جيڪو رب العٰلمين جي بجاءِ مخلوق کي پنهنجو ڏي ۽ آسرو سمجهي ٿو. اهو انتهائي بزدل ۽ بي همٿ هوندو آهي. جنهن ڪري موحد سان مقابلي ڪرڻ جهڙو نہ هوندو آهي.

*-*-*

## فصل ٻيو

# احاديث نبويه جي بيان ۾

(1) عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عُمَرَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أُمِرْتُ أَنْ أُقَاتِلَ النَّاسَ حَتَّى يَشْهَدُوا أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَأَنَّ مُحَمَّدًا رَسُولُ اللَّهِ وَيُقِيمُوا الصَّلَاةَ وَيُؤْتُوا الزَّكَاةَ فَإِذَا فَعَلُوا عَصَمُوا مِنِّي دِمَاءَهُمْ وَأَمْوَالَهُمْ إِلَّا بِحَقِّ الْإِسْلَامِ وَحِسَابُهُمْ عَلَى اللَّهِ. ([1])

”ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: ماڻهن سان وڙهندو رهان جيسيتائين اهي گواهي نہ ڏين تہ الله کان سواءِ ٻيو معبود (داتا يا دستگير) ڪونهي ۽ محمد ﷺ الله جو رسول آهي ۽ نماز کي قائم ڪن ۽ مال جي زڪوٰة ڏين، پوءِ جڏهن ائين ڪيائون تہ پوءِ مون کان (يعني مسلمانن جي حملي کان) پنهنجن رتن ۽ مالن کي بچائي ورتائون. (يعني انهن جو مال ۽ خون، عزتون ٻين لاءِ حرام آهن) مگر اسلام جي حق سان (يعني جيڪي اسلام زڪوٰت يا صدقات وغيره مقرر ڪيا آهن يا

[1]- صحيح البخاري ( 1 / 42 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب ﴿فَإِن تَابُواْ وَأَقَامُواْ ٱلصَّلَوٰةَ وَءَاتَوُاْ ٱلزَّكَوٰةَ فَخَلُّواْ سَبِيلَهُمۡ﴾ حديث رقم ( 24 ) ، صحيح مسلم ( 1 / 118 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب الْأَمْرِ بِقِتَالِ النَّاسِ حَتَّى يَقُولُوا لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ مُحَمَّدٌ . . . حديث رقم ( 33 ) ، إلا أن مسلماً لم يذكر (( إِلَّا بِحَقِّ الْإِسْلَامِ )) ، مشكاة المصابيح ( 12 )

شرعي ديتون ۽ چٽيون آهن صرف اهي وٺي سگهجن ٿيون) ۽ انهن جو حساب ( جيڪڏهن ڪو شرعي ڏوهہ ڪيائين ۽ ظاهر نہ ٿيو تہ) الله تي آهي.

(2) عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ أُمِرْتُ أَنْ أُقَاتِلَ النَّاسَ حَتَّى يَشْهَدُوا أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهَ وَيُؤْمِنُوا بِي وَبِمَا جِئْتُ بِهِ فَإِذَا فَعَلُوا ذَلِكَ عَصَمُوا مِنِّي دِمَاءَهُمْ وَأَمْوَالَهُمْ إِلَّا بِحَقِّهَا وَحِسَابُهُمْ عَلَى اللَّهِ. ([1])

”ابوهريرةﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ فرمايو تہ: مون ڪي الله جي طرفان حڪم ڏنل آهي تہ ماڻهن سان وڙهندو رهان جيسيتائين اقرار نہ ڪن ۽ شاهدي نہ ڏين تہ اللهﷻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو الٰہ (معبود، مشڪل ڪشا) نہ آهي ۽ مون تي ۽ جيڪي مون احڪام آندا آهن انهن سڀني تي ايمان رکن ۽ انهن جي تصديق ڪن. پوءِ جڏهن ان طرح ڪيائون تہ پوءِ مون ڪان پنهنجا خون ۽ مال بچائي ويا ۽ صرف شرعي حق سان (يعني مال ورتو ويندو يا ڏوهہ تي سزا ڏني ويندي) ۽ ان جو حساب الله جي مٿان آهي.“

(3) عَنْ أَبِي مَالِكٍ عَنْ أَبِيهِ قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ مَنْ قَالَ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَكَفَرَ بِمَا يُعْبَدُ مِنْ دُونِ اللَّهِ حَرُمَ مَالُهُ وَدَمُهُ وَحِسَابُهُ عَلَى اللَّهِ. ([2])

”ابو مالڪ پنهنجي پيءُ ڪان روايت ڪري ٿو تہ : رسول ﷺ جن فرمايو تہ : جو شخص موحد بڻيو ۽ اقرار ڪيائين تہ الله ڪان سواءِ ٻيو ڪو معبود نہ آهي ۽ الله ڪان سواءِ ٻين سڀن (درگاهن) جو انڪار ڪري ٿو جن جي پوڄا ڪئي ٿي وڃي تہ ان جو مال ۽ خون ٻي لاءِ حرام آهي ۽ ان جو حساب الله تي آهي.“

تشريح :- يعني هرانهي ماڻهوءَ سان لڙائي جاري رهندي، جيڪو الله سان شرڪ ڪري يا غيرالله جي درگاهن جي پوڄا ڪري ۽ امن، خون ۽ مال لاءِ بچاءُ صرف ان شخص لاءِ آهي، جو الله ڪي مڃي ۽ ان ڪانسواءِ ٻين جي پوڄا جوانڪار ڪري. رسول ﷺ جي آندل شريعت ڪي مڃي ۽ ان جي مطابق زندگي گذاري.

(4) عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ حُبْشِيٍّ الْخَثْعَمِيِّ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سُئِلَ أَيُّ الْأَعْمَالِ أَفْضَلُ ؟ قَالَ : طُولُ الْقِيَامِ ، قِيلَ فَأَيُّ الصَّدَقَةِ أَفْضَلُ ؟ قَالَ : جَهْدُ الْمُقِلِّ ، قِيلَ : فَأَيُّ الْهِجْرَةِ أَفْضَلُ ؟ قَالَ : مَنْ هَجَرَ مَا حَرَّمَ اللَّهُ عَلَيْهِ ، قِيلَ : فَأَيُّ الْجِهَادِ أَفْضَلُ ، قَالَ : مَنْ جَاهَدَ الْمُشْرِكِينَ بِمَالِهِ وَنَفْسِهِ ، قِيلَ : فَأَيُّ الْقَتْلِ أَشْرَفُ ؟ قَالَ : مَنْ أُهْرِيقَ دَمُهُ وَعُقِرَ جَوَادُهُ. ([3])

”عبدالله بن حبشي ﷺ ڪان روايت آهي: رسول ﷺ جن ڪان سوال ڪيو ويو تہ زياده بهتر عمل ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ: ڊگهو قيام، سوال ڪيو ويو تہ صدقو

---

[1]- صحيح مسلم ( 1 / 116 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب الْأَمْرِ بِقِتَالِ النَّاسِ حَتَّى يَقُولُوا لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ مُحَمَّدٌ . . . حديث رقم ( 31 )

[2]- صحيح مسلم ( 1 / 119 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب الْأَمْرِ بِقِتَالِ النَّاسِ حَتَّى يَقُولُوا لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ مُحَمَّدٌ . . . حديث رقم ( 34 )

[3]- ( **صحيح بلفظ : أي الصلاة** ) صحيح وضعيف سنن أبي داود ( 3 / 449 ) حديث رقم ( 1449 ) ، سنن أبي داود ( 4 / 240 ) كِتَاب الصَّلَاةِ بَاب طُولِ الْقِيَامِ حديث رقم ( 1237 ) ، مشكاة المصابيح ( 332-333 )

کھڙو بھتر آھي؟ فرمايائون مسڪين جي محنت (يعني باوجود پنھنجي غريبي حال سارو صدقو ڪري) سوال ڪيو ويو تہ: ھجرت (وطن ڇڏڻ) ڪھڙي بھتر آھي؟ فرمايائون تہ: بھتر ھجرت ان جي آھي جو الله جي حرام ڪيل ڪمن کي ڇڏي، سوال ڪيوويو تہ جھاد ڪھڙو بھتر آھي؟ فرمايائون تہ: انھي شخص جو جيڪو مشرڪن سان پنھنجي مال ۽ جان سان جھاد ڪري، سوال ڪيو ويو تہ قتل ٿيڻ ڪھڙو بھتر آھي؟ فرمايائون تہ: جنھن جو رت وھي ۽ سواري ڦٽجي."

تشريح: ھن حديث مان وضاحت ٿي تہ اصل جھاد ئي شرڪ جي مٽائڻ جي لاءِ آھي.

(5) عَنْ أَنَسٍ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ جَاهِدُوا الْمُشْرِكِينَ بِأَمْوَالِكُمْ وَأَيْدِيكُمْ وَأَلْسِنَتِكُمْ. ([1])

"انس ﷛ کان روايت آھي تہ: نبي ﷺ فرمايو تہ: مشرڪن سان جھاد ڪندا رھو پنھنجي مالن سان نفس سان ۽ زبانن سان."

تشريح :- ھن حديث واضح ڪيو تہ اگر تلوار جو جھاد نہ آھي تہ بہ مشرڪن سان زباني جھاد جاري رھندو، جنھن ۾ انھن کي نصيحت ڪرڻ مشرڪ جي شرڪ کي رد ڪرڻ انھن جا شبھات دفع ڪرڻ ، اعتراضن جا جواب ڏيڻ ۽ انھن مٿان دلائل ڏئي حجت قائم ڪرڻ وغيره، اھي سڀ زباني جھاد آھن. ان طرح مالي جھاد بہ جاري رھندو يعني توحيد جي نشر واشاعت ۽ شرڪ جي ترديد ۾ مال خرچ ڪرڻ وغيره.

(6) عَنْ سُلَيْمَانَ بْنِ بُرَيْدَةَ عَنْ أَبِيهِ قَالَ كَانَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا أَمَّرَ أَمِيرًا عَلَى جَيْشٍ أَوْ سَرِيَّةٍ أَوْصَاهُ فِي خَاصَّتِهِ بِتَقْوَى اللَّهِ وَمَنْ مَعَهُ مِنْ الْمُسْلِمِينَ خَيْرًا ثُمَّ قَالَ اغْزُوا بِاسْمِ اللَّهِ فِي سَبِيلِ اللَّهِ قَاتِلُوا مَنْ كَفَرَ بِاللَّهِ اغْزُوا وَلَا تَغُلُّوا وَلَا تَغْدِرُوا وَلَا تَمْثُلُوا وَلَا تَقْتُلُوا وَلِيدًا وَإِذَا لَقِيتَ عَدُوَّكَ مِنْ الْمُشْرِكِينَ فَادْعُهُمْ إِلَى ثَلَاثِ خِصَالٍ أَوْ خِلَالٍ فَأَيَّتُهُنَّ مَا أَجَابُوكَ فَاقْبَلْ مِنْهُمْ وَكُفَّ عَنْهُمْ ثُمَّ ادْعُهُمْ إِلَى الْإِسْلَامِ فَإِنْ أَجَابُوكَ فَاقْبَلْ مِنْهُمْ وَكُفَّ عَنْهُمْ ثُمَّ ادْعُهُمْ إِلَى التَّحَوُّلِ مِنْ دَارِهِمْ إِلَى دَارِ الْمُهَاجِرِينَ وَأَخْبِرْهُمْ أَنَّهُمْ إِنْ فَعَلُوا ذَلِكَ فَلَهُمْ مَا لِلْمُهَاجِرِينَ وَعَلَيْهِمْ مَا عَلَى الْمُهَاجِرِينَ فَإِنْ أَبَوْا أَنْ يَتَحَوَّلُوا مِنْهَا فَأَخْبِرْهُمْ أَنَّهُمْ يَكُونُونَ كَأَعْرَابِ الْمُسْلِمِينَ يَجْرِي عَلَيْهِمْ حُكْمُ اللَّهِ الَّذِي يَجْرِي عَلَى الْمُؤْمِنِينَ وَلَا يَكُونُ لَهُمْ فِي الْغَنِيمَةِ وَالْفَيْءِ شَيْءٌ إِلَّا أَنْ يُجَاهِدُوا مَعَ الْمُسْلِمِينَ فَإِنْ هُمْ أَبَوْا فَسَلْهُمْ الْجِزْيَةَ فَإِنْ هُمْ أَجَابُوكَ فَاقْبَلْ مِنْهُمْ وَكُفَّ عَنْهُمْ فَإِنْ هُمْ أَبَوْا فَاسْتَعِنْ بِاللَّهِ وَقَاتِلْهُمْ. ([2])

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن النسائي ( 7 / 168 ) حديث رقم ( 3096 ) ، سنن النسائي ( 10 / 137 ) كِتَاب الْجِهَادِ بَاب وُجُوبِ الْجِهَادِ حديث رقم ( 3045 ) ، رواه أبو داود و الدارمي ، مشكاة المصابيح ( 332 )

[2]- صحيح مسلم ( 9 / 150 ) كِتَاب الْجِهَادِ وَالسِّيَرِ بَاب تَأْمِيرِ الْإِمَامِ الْأُمَرَاءَ عَلَى الْبُعُوثِ وَوَصِيَّتِهِ إِيَّاهُمْ بِآدَابِ الْغَزْوِ وَغَيْرِهَا حديث رقم ( 3261 ) ، مشكاة المصابيح ( 341 )

”سليمان بن بريدة پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو تہ: رسولﷺ جڏهن ڪنهن لشڪر کي موڪلڻ وقت ڪنهن کي امير مقرر ڪندا هئا، تہ ڪيس الله ﷻ کان ڊڄڻ ۽ ساٿس گڏ مسلمانن سان بهتر سلوڪ ڪرڻ جي نصيحت فرمائيندا هئا ۽ حڪم ڏيندا هئا تہ بسم الله (الله جي نالي) سان جنگ شروع ڪريو ۽ جنهن بہ الله سان ڪفر ڪيو، ان سان لڙو ۽ جنگ ڪريو. ۽ غلول (غنيمت جي مال مان چورائڻ) نہ ڪريو ۽ نہ ڪنهن سان دوکو ڪريو ۽ نہ ڪنهن جو نَڪ ڇَپ ڪپي عيب دار ڪريو ۽ نہ ڪي ڪنهن ٻار کي ماريو جو (امير کي فرمائيندا هئا تہ) جڏهن مشرڪن مان ڪنهن دشمن جي سامهون ٿئين تہ ان کي ٽن ڳالهين ڏانهن سڏ. پهريائين ان کي اسلام جي دعوت ڏي. جيڪڏهن قبول ڪن تہ بس! نہ قبول ڪن تہ انهن کي هجرت جي دعوت ڏي، جو پنهنجي گهرن (يعني مشرڪن) مان نڪري مسلمانن جي دارالهجرت ڏانهن وڃن ۽ هنن کي ٻڌاءِ تہ ان طرح اوهان سان ساڳيو سلوڪ مهاجرن وارو ٿيندو ۽ جي انڪار ڪن تہ پوءِ هنن کي خبر ڏي تہ اوهان سان عام مسلمانن وارو سلوڪ رهندو جيستائين جهاد نہ ڪريو ۽ جيڪڏهن اسلام کان انڪار ڪن تہ پوءِ مٿن جزيا ۽ ڍل مقرر ڪريو. پوءِ جيڪڏهن اها قبول ڪن تہ پوءِ انهن کي ڇڏي ڏي، ۽ ان کان بہ انڪار ڪن تہ پوءِ الله ﷻ جي مدد گهري ساڻن لڙائي ڪر.“

تشريح :- هن حديث مان هڪ طرف اسلام جي هيءَ خوبي معلوم ٿي تہ لڙڻ کان اڳ ۾ مخالفن کي موقعو ڏئي ٿو تہ موٽي پئو ۽ ان سان گڏ اهو بہ واضح ڪيائين تہ مشرڪ جي لاءِ صرف ٻہ صورتون آهن يا شرڪ کان توبہ ڪري موحد بڻجي مسلمانن ۾ شمار ٿئي. نہ تہ ٻي صورت ۾ مسلمانن موحدن جو زيردست ٿي رهي يعني مشرڪ جي لاءِ الله تعالىٰ وٽ ڪا عزت ڪانهي. هنن حديثن جو خلاصو هي آهي تہ مسلمانن جو اوّلين فريضو آهي تہ الله ﷻ جي زمين تي ان جي توحيد قائم رهي ۽ شرڪ جا سيئي اڏا ختم ٿي وڃن. ان لاءِ سندس زندگي جان ۽ مال وقف هوندو آهي ۽ هن جي رات ڏينهن اها ڪوشش هوندي آهي تہ الله جي خلق کي توحيد جي دعوت ڏين ۽ شرڪ جي برائين کان خبردار ڪن پنهنجي وس آهر سيني کي هن بابت دل ۽ جان سان ڪوشش ڪرڻ لازمي آهي. ڪي اهي آهن جيڪي زبان ۽ قلم سان شرڪ جو مقابلو ڪندا رهن ٿا ۽ توحيد جي اشاعت لاءِ انهن جون تحريرون ۽ تقريرون جاري آهن. ٻيا اهي آهن جن کي الله تعالىٰ مال ڏنو آهي، وري توحيد جي نشر ۽ اشاعت لاءِ ڪشادي دل سان خرچ ڪندا رهن ٿا ۽ انهن جي انهيءَ ايثار ۽ قربانيءَ سان توحيد جو آواز پري پري تائين پهچي ٿو ۽ ڪن کي الله تبارڪ وتعالىٰ تلوار ڪڻڻ ۽ لڙائي ڪرڻ جي توفيق ڏني آهي اهي وري توحيد خاطر

مشرڪن سان وڙهندا رهن ٿا. جو تہ هو پنهنجي جان ۽ مال کي الله ﷻ جي لاءِ ئي سمجهن ٿا ۽ الله جي رستي ۾ هو پنهنجي قربانيءَ کي پنهنجي لاءِ سعادت سمجهن ٿا.

﴿يُقَٰتِلُونَ فِي سَبِيلِ ٱللَّهِ فَيَقۡتُلُونَ وَيُقۡتَلُونَۖ . . . ﴿١١١﴾﴾ ( التوبة )

”يعني الله جي رستي ۾ انجي دين کي قائم ڪرڻ لاءِ وڙهن ٿا ۽ انهيءَ جي لاءِ انهيءَ جي دشمن کي مارين ٿا ۽ انهيءَ الله جي خاطر پاڻ قربان ٿين ٿا.“

هي سڀ جهاد جا قسم آهن. اڄڪلهہ واعظي مولوي توحيد ۽ شرڪ جي وضاحت پوريءَ طرح نہ ٿا ڪن، ٻيون گهڻيون چڱيون ڳالهيون ڪن ٿا، مگر جا شيءِ اصل آهي ان ۾ تساهل ۽ تغافل کان ڪم وٺن ٿا. حالانڪ امر بالمعروف ونهي عن المنڪر جي بابت خاص تاڪيد آهي. جئين ارشاد آهي :

﴿كُنتُمۡ خَيۡرَ أُمَّةٍ أُخۡرِجَتۡ لِلنَّاسِ تَأۡمُرُونَ بِٱلۡمَعۡرُوفِ وَتَنۡهَوۡنَ عَنِ ٱلۡمُنكَرِ وَتُؤۡمِنُونَ بِٱللَّهِۗ ﴿١١٠﴾﴾ ( آل عمران )

”يعني توهان بهتر امت آهيو جو ماڻهن لاءِ ڪڍيا ويا آهيو جو معروف (چڱائي) جو امر (حڪم) ۽ منڪر (برائي) کان منع ڪيو ٿا ۽ هڪ الله ﷻ تي ايمان آڻيو ٿا.“

يعني تہ هن امت جي خيريت ۽ ڀلائي خصوصيت سان هن ڪري آهي جو چڱائي کي پکيڙڻ ۽ برائيءَ کي مٽائڻ لاءِ ڪوشان رهندا آهن ۽ سڀني چڱائين ۾ اولين درجو توحيد کي آهي. تنهن ڪري ان جي دعوت ۽ نشر و اشاعت هن امت وارن جي لاءِ خاص طرح اهل علم لاءِ پهريون فريضو آهي ۽ برائين ۾ سڀ کان زياده بري شيءِ شرڪ آهي تنهنڪري ان جي مٽائڻ لاءِ ڪوشش وٺڻ بہ سڀ کان پهرين ضروري آهي.

رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ :

إِنَّ النَّاسَ إِذَا رَأَوْا الْمُنْكَرَ فَلَمْ يُغَيِّرُوهُ يُوشِكُ أَنْ يَعُمَّهُمْ اللَّهُ بِعِقَابِهِ. ([1])

”ماڻهو جڏهن ڪو برو ڪم ڏسن ٿا ۽ ان کي مٽائڻ جي ڪوشش نہ ڪن تہ بعيد ناهي تہ الله تعالىٰ انهن کي گڏي عذاب ڪري ( يعني سڀني کي).“

تنهن ڪري تبليغ ۽ ديني دعوت ڏيڻ وارن تي فرض آهي تہ هر برائي مٽائڻ لاءِ حتىٰ الامڪان ڪوشش ڪن. خاص طرح شرڪ جي خلاف پوري جدوجهد ڪن.

( ذيل )الله تعالي جي توحيد ۾ هي عقيدو بہ شامل آهي تہ جهڙي طرح هو بي مثل آهي اهڙي طرح ان جون سيئي صفتون بہ بي مثل آهن :

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن ابن ماجة ( 9 / 5 ) حديث رقم ( 4005 ) ، سنن ابن ماجه ( 12 / 9 ) كِتَاب الْفِتَنِ بَاب الْأَمْرِ بِالْمَعْرُوفِ وَالنَّهْيِ عَنْ الْمُنْكَرِ حديث رقم ( 3995 ) ، سنن الترمذي ( 8 / 73 ) كِتَاب الْفِتَنِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي نُزُولِ الْعَذَابِ إِذَا لَمْ يُغَيَّرْ الْمُنْكَرُ حديث رقم ( 2094 ) ، مشكاة المصابيح ( 436 )

﴿لَيْسَ كَمِثْلِهِۦ شَىْءٌ ۖ وَهُوَ ٱلسَّمِيعُ ٱلْبَصِيرُ ﴿١١﴾﴾ ( الشورى )

"اهو الله ٻڌندڙ ، ڏسندڙ آهي ڪا شيءِ ان جي مثل نہ آهي."

قرآن ڪريم الله جو ڪلام آهي ۽الله جوڪلام ان جي صفت آهي. تنهنڪري اهو بي مثل آهيۦ اهو غير مخلوق يعني ڪنهن جوخلقيل نہ آهي بلڪ اهو الله جو ڪلام آهي اهوئي عقيدو اصحابن کان وٺي اڄ تائين اهلسنت والجماعت مسلمانن جو هلندو ٿو اچي جيئن تہ ڪتاب :

العلو للعلي الغفار مصنف امام ذهبي ۾ امام عمرو بن دينار کان روايت آندي آهي تہ اهو چوي ٿو تہ :

" أدركت الناس منذ سبعين سنة أدركت أصحاب رسول الله صلى الله عليه وسلم فمن دونهم يقولون : الله الخالق وما سواه مخلوق إلا القرآن فإنه كلام الله منه خرج و إليه يعود". ([1])

"يعني ستر سال جي عرصي کان وٺي آئون اصحابن رضوان الله عليهم اجمعين سان انهن کان بعد وارن تابعين رحمهم الله سان ملندو رهيو آهيان سڀني جو عقيدو اهو آهي تہ جو چيائون ٿي تہ الله ﷻ هڪڙو ئي خالق آهي باقي سڀ ان جي مخلوق آهي قرآن(مخلوق ناهي) ۽ اهو الله ﷻ جو ڪلام آهي وٽانئس نڪتو آهي ۽ ڏانهنس موٽندو."

امام ذهبي فرمائي ٿو تہ : هيءَ روايت تواتر سان موجود آهي ۽ ثابت آهي ۽ ان طرح امام بيهقي كتاب الاعتقاد ([2]) ۽ امام عثمان بن سعيد الدارمي كتاب الرد علي الجهمية ([3]) ۾ هن بابت اجماع نقل ڪن ٿا. جڏهن قرآن ۾ بہ جاين تي يعني ( سورت التوبة رڪوع 1 پاره 10 ۽ الفتح رڪوع 2 پاره 26 ) ۾ قرآن ڪريم کي ڪلام الله چيو ويو آهي ۽ پڻ ڪيترين ئي حديثن ۾ بہ ان کي ڪلام الله چيو ويو آهي. سڀ کان پهرين قرآن کي مخلوق چوڻ جي بدعت جو وليد بن مغيره مخزومي ڪافر رواج وڌو جنهن جي باري ۾ هي آيتون نازل ٿيون.

﴿فَقَالَ إِنْ هَٰذَآ إِلَّا سِحْرٌ يُؤْثَرُ ﴿٢٤﴾ إِنْ هَٰذَآ إِلَّا قَوْلُ ٱلْبَشَرِ ﴿٢٥﴾ سَأُصْلِيهِ سَقَرَ ﴿٢٦﴾﴾ ( المدثر )

" يعني چيائين هي هڪ جادو آهي. جو اڳين جادوگرن کان هليو اچي هي قرآن ماڻهوءَ جو ڪلام آهي. جلد ۽ جلد ان کي جهنم ۾ وجهندس."

---

[1]- ( صحيح ) مختصر العلو ( 1 / 75 ) ، العلو للعلي الغفار ( 115 )

[2]- كتاب الاعتقاد ( 39 )

[3]- كتاب الرد علي الجهمية ( 100 ۽ 101 )

پوءِ جهڙي طرح اهو جهنمي ٻٽيو اهڙي طرح جو ﺑﮧ قرآن کي انساني ڪلام يا مخلوق چوندو جهنمي ٻٽبو اصحابن ۽ تابعين جي دور کان پوءِ اهل بدعت اهو غلط عقيدو پکيڙڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن جو أئمة اهل حديث ۽ اهلسنت والجماعت انهن جو مقابلو ڪيو. خاص طرح امام احمد بن حنبل رحمه الله جو ان مسئلي بابت جهاد آخر جيل ۾ وڃڻ ۽ ڪوڙا ( ڦٽڪا ) کائڻ برداشت ڪيائين ۽ ٻيا ڪيترا محدث ان امتحان ۽ آزمائش هيٺ آيا. آخر ڪار الله تعالىٰ حق جو وارو وڄايو. اهڙي طرح بشر بن غياث مريسي امام ابو يوسف جو شاگرد جنهن اهو فتنو زور شور سان شروع ڪيو ۽ خليفہ مامون الرشيد کي ورغلائي پنهنجي قبضي ۾ ڪيائين جنهن ڪري ڪيترا ئي علماء ماريا ويا، ڪيترا لڏي ويا ۽ ڪيترا خوف کان گهرن مان جمعي جي نماز لاءِ ﺑﮧ نٿي نڪتا بلآخر امام عبدالعزيز بن يحیٰ الڪنانيءَ کي الله توفيق ڏني. جنهن دل جهلي الله تعالىٰ کان همٿ ۽ توفيق گهري ۽ خليفي جي دربار ۾ ان (بشر) سان ان مسئلي تي مناظرو ڪيو ۽ آخر ان کي لا جواب ڪري حق کي ظاهر ڪيائين ۽ باطل کي الله تعالىٰ شڪست ڏني ۽ خليفي کي مسئلو سمجهہ ۾ آيو ۽ ٻيهر اهل حق وارا ميدان ۾ آيا انهن لاءِ تبليغ ۽ دعوت جي راهہ هموار ٿي. امام عبدالعزيز رحمہ الله جو اهو مجاهدانہ ڪارنامو هو. اسان پنهنجي ڪتاب بديع التفاسير جي مقدمہ جي نائين باب ۾ ان کي تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي.

*-*-*

## باب ستون

# توحيد جا قسم

### توحيد جا خاص پنج قسم آهن :

1. توحيد ذات
2. توحيد صفات
3. توحيد الوهيت
4. توحيد ربوبيت
5. توحيد تقدير

### انهن کي تفصيل وار فصلن ۾ بيان ڪجي ٿو.

## فصل پهريون

# توحيد ذات

الله تعالىٰ جو وجود سڀن وجودن کان بي مثل آهي ۽ جدا آهي هن فرق جي لاءِ سورة اخلاص نهايت مختصر مگر جامع آهي .

ارشاد آهي تہ :

﴿قُلۡ هُوَ ٱللَّهُ أَحَدٌ ۝١ ٱللَّهُ ٱلصَّمَدُ ۝٢ لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُولَدۡ ۝٣ وَلَمۡ يَكُن لَّهُۥ كُفُوًا أَحَدٌۢ ۝٤﴾ (الإخلاص)

”الله ٻاجهاري رحم واري جي نالي سان شروع . چئو تون ( اي پيغمبر ﷺ )! تہ الله هڪڙو ۽ اڪيلو آهي الله بي پرواه ۽ بي نياز آهي نہ ڄڻيائين نہ ڄڻيو ويو ۽ نہ سندس ڪو برابر آهي.“

هن سورة سڄوري جو شان نزول حديثن ۾ هن طرح آيل آهي :

أخرج أحمد والبخاري في تاريخه والترمذي وابن جرير وابن خزيمة وابن أبي حاتم في السنة والبغوي في معجمه وابن المنذر في العظمة والحاكم وصححه والبيهقي في الأسماء والصفات عَنْ أُبَيِّ بْنِ كَعْبٍ أَنَّ الْمُشْرِكِينَ قَالُوا لِلنَّبِيِّ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَا مُحَمَّدُ انْسُبْ لَنَا رَبَّكَ فَأَنْزَلَ اللَّهُ ﴿قُلۡ هُوَ ٱللَّهُ أَحَدٌ ۝١ ٱللَّهُ ٱلصَّمَدُ

﴿ لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ ﴿٣﴾ ﴾ لَأَنَّهُ لَيْسَ يُولَدُ شَيْءٌ إِلَّا سَيَمُوتُ وَ لَيْسَ شَيْءٌ يَمُوتُ إِلَّا سَيُورَثُ وَإِنَّ اللَّهَ لَا يَمُوتُ وَلَا يُورَثُ ﴿ وَلَمْ يَكُن لَّهُۥ كُفُوًا أَحَدٌۢ ﴿٤﴾ ﴾ لَيْسَ لَهُ شَبِيهٌ وَلَا عِدْلٌ وَلَيْسَ كَمِثْلِهِ شَيْءٌ. ([1])

”ابي بن ڪعب ﷛ کان روايت آهي تہ مشرڪن رسول الله ﷺ کي چيو تہ اي محمد (ﷺ)! تنهنجو رب جنهن ڏانهن اسان کي سڏين ٿو ان جو نسب: ۽ پيڙهي وغيره اسان کي ٻڌاءِ. تنهن تي هيءَ سورة سڳوري نازل ٿي. يعني تہ ”اي نبي ﷺ تون جواب ۾ چؤ تہ: الله هڪڙو آهي اهو هر شيءِ کان بي نياز آهي (يعني ڪنهنجو محتاج نہ آهي) نہ ڪنهن کي ڄڻيائين ۽ نہ ڪنهن مان ڄائو.“ چؤ تہ جا شيءِ ڄمي ٿي سا سگهوئي مرندي ۽ جا شيءِ مري ٿي ان جو ڪونہ ڪو وارث بڻجي ٿو ۽ الله تعالىٰ (انهن ٻنهي ڳالهين کان پاڪ آهي) جو نہ مرندو ۽ نہ ڪو سندس وارث ٿيندو ۽ ڪو انجي برابر نہ آهي. يعني نہ ان جي ڪو مشابهہ آهي نہ ان جي ڪو برابر ۽ ڪابہ شيءِ ان جهڙي يا انجو مثال نہ آهي.

تشريح:- هي حديث امام ابن خزيمہ بہ ڪتاب التوحيد ([2]) ۾ ذڪر فرمائي آهي. جنهن مان هن سورة سڳوري جي معنىٰ ۽ تشريح معلوم ٿي ۽ هن سورة ۾ الله ﷻ جي هيڪڙائي بابت پنج وصفون بيان ٿيل آهن.

1. أَحَدٌ: يعني اڪيلو ۽ هڪڙو جيئن ٻين آيتن ۾ آيل آهي

﴿ إِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ ۚ فَالَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ قُلُوبُهُم مُّنكِرَةٌ وَهُم مُّسْتَكْبِرُونَ ﴿٢٢﴾ ﴾ ( النحل )

”اوهان جو معبود هڪ الله ﷻ آهي پوءِ جي شخص آخرت کي نہ مڃيندا آهن تن جون دليون انجي مڃڻ کان انڪار ڪندڙ ۽ اهي وڏائي ڪندڙ آهن.“

﴿ ۞ وَقَالَ اللَّهُ لَا تَتَّخِذُوا إِلَٰهَيْنِ اثْنَيْنِ ۖ إِنَّمَا هُوَ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ ۖ فَإِيَّايَ فَارْهَبُونِ ﴿٥١﴾ ﴾ ( النحل )

”الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ اوهين ٻہ الٰه ڪري نہ وٺواوهان جو صرف اهو هڪ الله (معبود) آهي تنهنڪري خاص مون کان ڊڄندا رهو.“

﴿ وَلَا تَقُولُوا ثَلَاثَةٌ ۚ انتَهُوا خَيْرًا لَّكُمْ ۚ إِنَّمَا اللَّهُ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ . . . ﴿١٧١﴾ ﴾ ( النساء )

”اوهين ٽي الٰہ نہ چؤ ائين چوڻ کان باز اچو اهو اوهان لاءِ چڱو آهي. الله تعالىٰ فقط هڪ آهي.“

---

[1]- ( **حسن دون قوله : " و الصمد الذى ... "** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 7 / 364 ) حديث رقم ( 3364 ) ، ظلال الجنة ( 663 / التحقيق الثانى ) ، سنن الترمذي ( 11 / 210 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب وَمِنْ سُورَةِ الْإِخْلَاصِ حديث رقم ( 3287 ) ، الدرالمنثور ( 409 / 410 )

[2]- كتاب التوحيد للإمام ابن خزيمة ( 41 )

جن مان ثابت آهي تہ الله تعالىٰ پنهنجي ذات ۽ صفات، شان ۽ بادشاهت ۽ قدرت، هرلحاظ کان اکيلو آهي ۽ ان جي اکيلائيءَ جي مزيد تشريح باقي چئن صفتن مان ظاهر آهي.

2. ٱلصَّمَدُ : بي نياز يعني هو ڪنهن مائٽي يا همراهي ياشراڪتۂ پائيواري جو محتاج نہ آهي بلڪ ٻيا سڀ ان جا محتاج آهن جئين ارشاد آهي.

﴿ ۞ يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّاسُ أَنتُمُ ٱلْفُقَرَآءُ إِلَى ٱللَّهِ ۖ وَٱللَّهُ هُوَ ٱلْغَنِىُّ ٱلْحَمِيدُ ﴿١٥﴾ ﴾ ( فاطر )

”اي انسانو! اوهين سڀ الله ڏانهن محتاج آهيو ۽ الله تعالىٰ بي پرواه ساراهيل آهي.“

ٻي جاءِ تي فرمايائين :

﴿ وَٱللَّهُ ٱلْغَنِىُّ وَأَنتُمُ ٱلْفُقَرَآءُ . . . ﴿٣٨﴾ ﴾ ( محمد )

”۽ الله بي پرواه آهي ۽ اوهين محتاج آهيو.

سڀ فرشتا نبي ولي ۽ ٻي ساري مخلوقات ان جا محتاج آهيو. جيئن موسىٰ عليه السلام مدين جي تڙ تي پهچڻ کان پوءِ هي دعا گهري تہ :

﴿ رَبِّ إِنِّى لِمَآ أَنزَلْتَ إِلَىَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيرٌ ﴿٢٤﴾ ﴾ ( القصص )

”اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ جيڪي مونڏانهن تون چڱائي موڪلين تہ آئون ان جو محتاج آهيان.“

۽ رسول الله ﷺ جن کان عرفات جي ميدان تي هڪ دعا منقول آهي ان ۾ هي لفظ آهن :

” آئون محتاج، فقير، فرياد گهرندڙ ،ڏڪندڙ ، ڊڄندڙ، اقرار ڪندڙ ۽ پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪندڙ آهيان تو کان مسڪينن وارو سوال ٿو ڪريان.“ الىٰ آخره: ۽ پوري دعا اسان جي رسالي حجة الوداع ۾ ڏسڻ گهرجي- ان طرح نہ ڪنهن جي ڪفر مان ان کي نقصان ۽ نہ ڪنهن جي ايمان مان ان کي فائدو آهي جيئن فرمائي ٿو تہ:

﴿ إِن تَكْفُرُوٓا۟ أَنتُمْ وَمَن فِى ٱلْأَرْضِ جَمِيعًا فَإِنَّ ٱللَّهَ لَغَنِىٌّ حَمِيدٌ ﴿٨﴾ ﴾ ( إبراهيم )

”جيڪڏهن اوهين خواه سيئي زمين وارا الله جو انڪار يا ان سان ڪفر ڪريو تڏهن بہ الله تعالىٰ بي پرواه ۽ ساراهيل آهي.“

بلڪ ڪفر جو نقصان يا ايمان مان فائدو بہ ٻانهن جي پنهنجي لاءِ آهي. پوءِ جڏهن تہ هو ڪنهن جو محتاج نہ آهي ۽ نہ هن کي ڪنهن جي پرواه آهي تہ پوءِ بيشڪ اهو وحده' لا شريڪ له' آهي. ۽ اڪيلو چوائڻ جو حقدار آهي.

3. لَمْ يَلِدْ : ڪنهن کي نہ ڄڻيائين، يهودين، نصارن ۽ ٻين مشرڪن الله جل جلاله' جي لاءِ اولاد جي نسبت ڪئي جنهن کي الله جل جلا له' ان طرح فرمايو آهي.

﴿ وَقَالَتِ ٱلْيَهُودُ عُزَيْرٌ ٱبْنُ ٱللَّهِ وَقَالَتِ ٱلنَّصَٰرَى ٱلْمَسِيحُ ٱبْنُ ٱللَّهِ ذَٰلِكَ قَوْلُهُم بِأَفْوَٰهِهِمْ يُضَٰهِـُٔونَ قَوْلَ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ مِن قَبْلُ قَٰتَلَهُمُ ٱللَّهُ أَنَّىٰ يُؤْفَكُونَ ﴿٣٠﴾ ٱتَّخَذُوٓا۟ أَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَٰنَهُمْ أَرْبَابًا مِّن دُونِ ٱللَّهِ وَٱلْمَسِيحَ ٱبْنَ مَرْيَمَ وَمَآ أُمِرُوٓا۟ إِلَّا لِيَعْبُدُوٓا۟ إِلَٰهًا وَٰحِدًا لَّآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ سُبْحَٰنَهُۥ عَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿٣١﴾ ﴾ ( التوبة )

”۽ يهودين چيو تہ عزير الله جو پٽ آهي ۽ نصارن چيو تہ عيسىٰ الله جو پٽ آهي. اهو سندن پنهنجن واتن جو قول آهي. اڳين ڪافرن جي قول جو نقل ڪندا آهن. الله جل جلا له' متن لعنت ڪري ڪيڏانهن ٿا. پنهنجي مولوين ۽ پيرن کي ۽ عيسىٰ پٽ مريم کي الله کانسوءِ رب ڪري ورتائون. حالانڪ هڪ الله کانسواءِ ٻئي ڪنهنجي پوڄا جو ڪين حڪم نہ ڪيو ويوهو. ۽ ان ڪانسواءِ ڪو ٻيو عبادت جي لائق نہ آهي ۽ جيڪي ساڻس شريڪ ڪن ٿا، انهن ڪان هو پاڪ آهي. هن آيت ۾ الله تعالىٰ انهيءَ عقيدي کي ڪوڙ ۽ شرڪ سڏي ۽ لعنت وجهي ٿو ۽ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو تہ :

﴿ فَٱسْتَفْتِهِمْ أَلِرَبِّكَ ٱلْبَنَاتُ وَلَهُمُ ٱلْبَنُونَ ﴿١٤٩﴾ أَمْ خَلَقْنَا ٱلْمَلَٰٓئِكَةَ إِنَٰثًا وَهُمْ شَٰهِدُونَ ﴿١٥٠﴾ أَلَآ إِنَّهُم مِّنْ إِفْكِهِمْ لَيَقُولُونَ ﴿١٥١﴾ وَلَدَ ٱللَّهُ وَإِنَّهُمْ لَكَٰذِبُونَ ﴿١٥٢﴾ ﴾ ( الصافات )

”پوءِ اي پيغمبر ﷺ! تون انهن (مشرڪن) کان پڇ تہ تنهنجي رب جي لاءِ ڌيئرون ۽ انهن لاءِ پٽ آهن يا اسان ملائڪن کي زالون ڪري خلقيو ۽ ان وقت توهين شاهد ۽ موجود هئا. خبردار! هجو تہ( بيشڪ ) اهي پنهنجي (هٺرادو نهيل ) ڪوڙمان چون ٿا تہ الله جَلَّ جَلَالُهُ اولاد ڄڻيو آهي ۽ اهي ڪوڙا آهن.“

تشريح:- يعني مڪي جا مشرڪ فرشتن کي الله جَلَّ جَلَالُهُ جون ڌيئرون چوندا هئا. جنهن کي الله تعالىٰ رد فرمايو تہ اهي ڪوڙا آهن، پنهنجي طرفان اهو ڪوڙو عقيدو گهڙيو اٿن ۽ وري وڏي ڳالهہ تہ پاڻ پنهنجي لاءِ ڌيئرون پسند نہ ٿا ڪن بلڪ نفرت ڪن ٿا. ٻيو تہ ملائڪن کي ماديون ۽ زالون سڏين ٿا. جن لاءِ وٽن ڪا ثابتي ڪانهي. اهو بہ سندن ڪوڙ آهي- ثابت ٿيو تہ الله اولاد کان پاڪ آهي.

﴿ سُبْحَٰنَهُۥٓ أَن يَكُونَ لَهُۥ وَلَدٌ لَّهُۥ مَا فِى ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَا فِى ٱلْأَرْضِ . . . ﴿١٧١﴾ ﴾ ( النساء )

”الله جو شان هن کان متي ۽ پاڪ آهي. جو ان کي اولاد هجي بلڪ آسمانن ۽ زمينن ۾ جيڪي آهي سڀ جو اهو مالڪ آهي.“

بلڪ اولاد الله جي شان جي خلاف آهي ڇو ته هرڪو پنهنجي اولاد تي ٻين کان وڌيڪ مهربان هوندو آهي ۽ الله تعالىٰ سڀني تي مهربان آهي.

جيئن ارشاد آهي ته :

﴿ وَمَا يَنۢبَغِي لِلرَّحۡمَٰنِ أَن يَتَّخِذَ وَلَدًا ﴿٩٢﴾ ﴾ ( مريم )

”الله عام مهرباني ڪندڙ کي اولاد وٺڻ يا ڄڻڻ لائق نه آهي.“

ڇوته هو احد ۽ اڪيلو آهي بعض ماڻهو ڪاوڙ ۾ چئي ويهندا آهن ” فلاڻو ڪو الله جو پٽ آهي ڇا “ هي ڪفريه ڪلمو آهي الله جي شان ۾ گستاخي ۽ پڌرو شرڪ آهي . ان کان بچڻ گهرجي .

4. وَلَمۡ يُولَدۡ : يعني ڪنهن مان ڄائو . قاعدو آهي ڄڻيندڙ ڄڻڻ واري کان اڳي هوندو آهي ۽ الله تعالىٰ سڀ کان پهرين آهي ۽ سندس نالن مبارڪن ۾ اسم مبارڪ الاول.

( سڀ کان پهرين ) به آهي . جيئن عنقريب ان جو بيان ايندو تنهڪري ان مان ڪنهن کي ڄاول نه چئبو بلڪ هو پاڻ سڀني جو خالق آهي نه ڪنهن جو اصل آهي. نه ڪنهن جو فرع . سڀني اصولن ۽ فروعن جو خلقيندڙ اهوئي آهي ڇوته هو هڪڙو آهي.

5. وَلَمۡ يَكُن لَّهُۥ كُفُوًا أَحَدُۢ : يعني هو مائٽي ۽ برادري وغيره ۽ رشتي کان پاڪ آهي ڪو به هن جي مائٽي ۽ رشتيداري ۾ نه آهي . جو هن سان برابري ڪري نه ڪي ڪو ان جهڙو آهي جو ان سان همسري ڪري ۽ نه سندس ڪارخاني ۾ ڪو شريڪ آهي جو ان سان ڀائيواري ڪري ۽ ان جي آڏو ڪنهن کي ڪا قدرت يا وس ۽ علم يا ڄاڻ نه آهي . جو ان سان مقابلو ڪري سگهي . بلڪ هو هر لحاظ سان هڪ آهي نه هن جو ڪو جزو آهي ۽ نه شريڪ ڪنهن ٻئي کي الله ﷻ جو جزو يا حصو يا ان جي نور مان پيدا ڪيل چوڻ صريح ڪفر آهي- جيئن ارشاد آهي ته :

﴿ وَجَعَلُواْ لَهُۥ مِنۡ عِبَادِهِۦ جُزۡءًاۚ إِنَّ ٱلۡإِنسَٰنَ لَكَفُورٞ مُّبِينٌ ﴿١٥﴾ ﴾ ( الزخرف )

”۽ الله ﷻ لاءِ سندس ٻانهن مان ان جا جزا ۽ حصا مقرر ڪيا اٿن- بلا شڪ انسان پڌرو ڪفر ڪندڙ آهي-“

۽ ان جي لاءِ هڪ حديث شريف لکجي ٿي :

عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ عَنْ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ قَالَ اللَّهُ كَذَّبَنِي ابْنُ آدَمَ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ ذَلِكَ وَشَتَمَنِي وَلَمْ يَكُنْ لَهُ ذَلِكَ فَأَمَّا تَكْذِيبُهُ إِيَّايَ فَقَوْلُهُ لَنْ يُعِيدَنِي كَمَا بَدَأَنِي وَلَيْسَ أَوَّلُ الْخَلْقِ بِأَهْوَنَ عَلَيَّ مِنْ إِعَادَتِهِ وَأَمَّا شَتْمُهُ إِيَّايَ فَقَوْلُهُ اتَّخَذَ اللَّهُ وَلَدًا وَأَنَا الْأَحَدُ الصَّمَدُ لَمْ أَلِدْ وَلَمْ أُولَدْ وَلَمْ يَكُنْ لِي كُفْئًا أَحَدٌ. ([1])

وَفِي رِوَايَةِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا : وَأَمَّا شَتْمُهُ إِيَّايَ فَقَوْلُهُ لِي وَلَدٌ فَسُبْحَانِي أَنْ أَتَّخِذَ صَاحِبَةً أَوْ وَلَدًا. ([2])

”ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: الله ﷻ فرمائي ٿو تہ: آدم جو اولاد مون کي ڪوڙو چوي ٿو. حالانڪہ ڪيس ايئن لائق نہ آهي ۽ سندس ڪوڙ چوڻ ان طرح آهي تہ جو چوي ٿو تہ مون کي وري ٻيهر هرگز پيدا نہ ڪندو. جيئن پهرين پيدا ڪيائين. حالانڪہ پهريون دفعو پيدا ڪرڻ کان وڌيڪ آسان تہ نہ آهي يعني مون لاءِ ٻئي برابر آهن ( جڏهن مون پهريون دفعو پيدا ڪيو تہ ٻيو دفعو بہ پيدا ڪري سگهان ٿو) ۽ ان جو گهٽ وڌ ڳالهائڻ هي آهي تہ جو چوي ٿو تہ الله کي اولاد آهي. حالانڪہ آئون اڪيلو بي پرواه نہ ڪنهن کي ڄڻيان نہ ڪنهن مان ڄايس نہ منهنجو ڪو همسر آهي. “

۽ انهي معنىٰ ۾ ابن عباس جي حديث آهي جنهن ۾ هي لفظ آهن تہ آئون زال توڙي اولاد کان پاڪ آهيان.

يعني اهو هر جزي ۽ شراڪت ۽ برابري ۽ هڪ جهڙائي يا همسري کان پاڪ آهي چو تہ هو اڪيلو آهي ۽ توحيد جي هن قسم کي سمجهائڻ لاءِ چند قرآني آيتون پيش ڪجن ٿيون :

﴿ كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾ وَيَبْقَىٰ وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ ﴿٢٧﴾ ﴾ ( الرحمٰن )

”جيڪو بہ زمين تي آهي سو سڀ فنا ٿيندو صرف ( اي نبي ﷺ)! تنهجو رب عزت ۽ نعمتن وارو باقي رهندو.“

﴿ وَلَا تَدْعُ مَعَ اللَّهِ إِلَٰهًا آخَرَ ۘ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۚ كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجْهَهُ ۚ لَهُ الْحُكْمُ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٨٨﴾ ﴾ (القصص)

”الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن ( بنايل) معبود کي نہ پڪار جوان کان سواءِ ٻيو ڪو پوڄا جي لائق نہ آهي. ۽ سندس ذات مبارڪ کانسواءِ ٻي هر شيءِ هلاڪ ۽ ناس ٿيڻ واري آهي. سڀ ڪو حڪم ان جو آهي ۽ ڏانهنس ئي موٽايو ويندو.“

تشريح :- هنن آيتن مان معلوم ٿيو تہ ٻي هر موجود شيءِ جو وجود محدود ۽ وقتي آهي ۽ الله تعالىٰ جو وجود (هئڻ ) ابدي ۽ هميشہ جي لاءِ آهي ان لاءِ ڪا فنا يا زوال نہ آهي.

[1]- صحيح البخاري ( 15 / 365 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ يُقَالُ لَا يُنَوَّنُ { أَحَدٌ } أَيْ وَاحِدٌ حديث رقم ( 4592 )

[2]- صحيح البخاري ( 13 / 404 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ بَاب ﴿ وَقَالُوا اتَّخَذَ اللَّهُ وَلَدًا سُبْحَانَهُ ﴾ حديث رقم ( 4122 )

جيئن فرمائي ٿو ته :

﴿ كُلُّ نَفۡسٖ ذَآئِقَةُ ٱلۡمَوۡتِۗ . . . ﴿١٨٥﴾ ﴾ ( آل عمران )

”يعني هر پساهه موت چکڻ وارو آهي.“

ثابت ٿيو ته ڪنهنجو هئڻ الله جي هئڻ جهڙو نه آهي.

﴿ كَيۡفَ تَكۡفُرُونَ بِٱللَّهِ وَكُنتُمۡ أَمۡوَٰتٗا فَأَحۡيَٰكُمۡۖ ثُمَّ يُمِيتُكُمۡ ثُمَّ يُحۡيِيكُمۡ ثُمَّ إِلَيۡهِ تُرۡجَعُونَ ﴿٢٨﴾ ﴾(البقرة )

”اوهين الله سان ڪيئن ڪفر ڪندؤ جو اوهين مئل (يعني غير موجود ) هيو پوءِ اوهان کي جيرو ڪيائين. پوءِ وري اوهان کي ماريندو اوهان ڏانهنس ئي موٽايا ويندؤ.“

﴿هَلۡ أَتَىٰ عَلَى ٱلۡإِنسَٰنِ حِينٞ مِّنَ ٱلدَّهۡرِ لَمۡ يَكُن شَيۡـٔٗا مَّذۡكُورًا ﴿١﴾ إِنَّا خَلَقۡنَا ٱلۡإِنسَٰنَ مِن نُّطۡفَةٍ أَمۡشَاجٖ نَّبۡتَلِيهِ فَجَعَلۡنَٰهُ سَمِيعَۢا بَصِيرًا ﴿٢﴾ ﴾ (الدهر )

”ڪڏهن ته انسان تي زماني مان اهڙو وقت گذريو آهي جو هو ڪا شيءِ نه هو جو يادگيري ۾ اچي. بلاشڪ اسان انسان کي گڏيل نطفي مان پيدا ڪيو ته ان کي آزمايون ۽ اسان ان کي ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ بنايوسين.“

﴿ قَالَ رَبُّنَا ٱلَّذِيٓ أَعۡطَىٰ كُلَّ شَيۡءٍ خَلۡقَهُۥ ثُمَّ هَدَىٰ ﴿٥٠﴾ ﴾ ( طه )

”چيو موسىٰ (عليه السلام) اسان جو رب اهو آهي جنهن هر شيءِ کي پيدا ڪيو پوءِ رستو ڏسيائين.“

هنن ٽن آيتن مان معلوم ٿيو ته هر شيءِ جو وجود عطائي ۽ الله جي ذات آهي يعني جنهن کي وٽيس ۽ جڏهن گهري ۽ جهڙي نموني گهري ته ان کي وجود ۽ هئڻ بخشي، مگرالله تعالىٰ جو وجود ذاتي آهي. ڪنهنجي محتاجي کان پاڪ آهي ۽ ٻي هر شيءِ جو وجود ان جي خلقڻ ۽ نهڻ جو محتاج آهي.

﴿هُوَ ٱلۡأَوَّلُ وَٱلۡأٓخِرُ وَٱلظَّٰهِرُ وَٱلۡبَاطِنُۖ وَهُوَ بِكُلِّ شَيۡءٍ عَلِيمٌ ﴿٣﴾ ﴾ ( الحديد )

”اهو الله (سڀ کان) پهريون ۽ ( سڀ کان) پويون ۽ پڌرو ۽ ڳجهو آهي ۽ اهو سڀ شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.“

تشريح :- چارئي نالا مبارڪ الله تعالىٰ جي اسماءالحسنىٰ ۾ مذڪور آهن. هن جي ڪا ابتدا يا شروعات ناهي. هر شيءِ جو وجود ان کان بعد ۾ آيو.

امام ابو اسحاق زجاج تفسير اسماء الحسنىٰ ([1]) ۾ فرمائي ٿو :

[1]– تفسير اسماء الحسنى ( 59 )

الاول : هو موضوع التقدم والسبق و معنى و صفنا الله تعالى بانه اول هو متقدم للحوادث باوقات لا نهاية لها فالا شياء كلها وجدت بعده وقد سبقها كلها و كَانَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ فِي دُعَائِهِ أَنْتَ الْأَوَّلُ فَلَيْسَ قَبْلَكَ شَيْءٌ. ([1])

”اصل لفظ اول ۾ اڳرائي ۽ سبقت جي معنىٰ آهي ۽ الله تعالىٰ جي ان وصف ما معنىٰ آهي تہ هو هر شيءِ کا اڳ آهي جنهنجي ابتدا جي کا حد نہ آهي ۽ ٻيون سڀ شيون ۽ موجودات ان کا بعد ۾ وجود ۾ آيون پاڻ سين کان اڳ ۾ آهي انکري رسول الله ﷺ پنهنجي بعض دعا ۾ فرمائيندا هئا تہ :

أَنْتَ الْأَوَّلُ فَلَيْسَ قَبْلَكَ شَيْءٌ.

”يا الله تون سڀ کا پهرين آهين تو کان اڳ ۾ کا شيءِ نہ آهي.“

تشريح:- الله تعالىٰ بي مثل آهي کا شيءِ ان جهڙي نہ آهي ۽ نہ هو ڪنهن شيءِ جهڙو آهي. ثابت ٿيو تہ الله ﷻ کانسواءِ ڪهڙي بہ شيءِ قديم ۽ پراڻي هجي مگر حادث ۽ نئين آهي. ان جي پيدا ٿيڻ ۽ وجود ۾ اچڻ جو ڪو نہ ڪو وقت آهي ۽ جڏهن الله کي وڏيو تڏهن کا نہ کا شيءِ پيدا ڪيائين ۽ الله تعالىٰ جو وجود ازلي ۽ اصل آهي .

﴿ فَلَا تَضْرِبُوا لِلَّهِ الْأَمْثَالَ إِنَّ اللَّهَ يَعْلَمُ وَأَنْتُمْ لَا تَعْلَمُونَ ﴿٧٤﴾ ﴾ ( النحل )

”الله ﷻ جي لاءِ مثال بيان نہ ڪريو چو تہ الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو ۽ اوهين ڪونہ ٿا ڄاڻو.“

﴿ وَلَمْ يَكُنْ لَهُ كُفُوًا أَحَدٌ ﴿٤﴾ ﴾ ( الإخلاص )

”ڪو بہ ان جي برابر نہ آهي.“

بي هر شيءِ جو مثال ٿي سگهي ٿو تنهنڪري ٻنهي وجودن خالق ۽ مخلوق جي هئڻ ۾ فرق ظاهر آهي . بي هر ڪنهن جي صورت ۽ صفت ۾ هيئت کي بيان ڪري سگهجي ٿو، پر الله تعالىٰ بي مثل آهي انهيءَ ذات سڀوري بابت ڪو بيان نہ ٿو ڪري سگهجي. صرف ان جي قدرت جون نشانيون ۽ ان تي ايمان آڻو ۽ سندس بندگي ڪرڻي آهي.

بي مثل جو بيان ڪين ڪرڻ ۾ ايندو
لَيْسَ كَمِثْلِهِ لَا شَكَّ آهي شاهي سندس شان
لا احصو راه رسولي ايڏانهن ذر ڏيان

---

[1]- صحيح مسلم ( 13 / 239 ) كِتَاب الذِّكْرِ وَالدُّعَاءِ وَالتَّوْبَةِ وَالِاسْتِغْفَارِ بَاب مَا يَقُولُ عِنْدَ النَّوْمِ وَأَخْذِ الْمَضْجَعِ حديث رقم ( 4888 ) ، مشكاة المصابيح ( 211 ) بحواله ابو داؤد، ترمذي، ابن ماجه

لَـمْ يَلِـدْ وَلَمْ يُولَـدْ تي پختو ڪر ايمان ([1])

﴿ وَلَا يَـُٔودُهُۥ حِفۡظُهُمَاۚ . . . ﴿٢٥٥﴾ ﴾ ( البقرة )

”۽ آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي ان ۾ آهي تنهنجي حفاظت ان (الله) کي ڪو نہ ٿي ٿڪائي.“

تشريح :- يعني الله تعالىٰ جو وجود هر عارضي جي لاحق ٿيڻ کان پاڪ آهي ۽ ٻي هر وجود کي ڪو نہ ڪو عارضو ٿي سگهي ٿو. مثلاً، بيماري، ٿڪاوٽ، اڻ پڄت وغيره تنهنڪري الله ﷻ جي وجود سان ڪنهنجو وجود شريڪ نہ آهي.

هن بابت احاديث نبويہ لکجن ٿيون

عَنْ عِمْرَانَ بْنِ حُصَيْنٍ قَالَ إِنِّي عِنْدَ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذْ جَاءَهُ قَوْمٌ مِنْ بَنِي تَمِيمٍ فَقَالَ اقْبَلُوا الْبُشْرَى يَا بَنِي تَمِيمٍ قَالُوا بَشَّرْتَنَا فَأَعْطِنَا فَدَخَلَ نَاسٌ مِنْ أَهْلِ الْيَمَنِ فَقَالَ اقْبَلُوا الْبُشْرَى يَا أَهْلَ الْيَمَنِ إِذْ لَمْ يَقْبَلْهَا بَنُو تَمِيمٍ قَالُوا قَبِلْنَا جِئْنَاكَ لِنَتَفَقَّهَ فِي الدِّينِ وَلِنَسْأَلَكَ عَنْ أَوَّلِ هَذَا الْأَمْرِ مَا كَانَ قَالَ كَانَ اللَّهُ وَلَمْ يَكُنْ شَيْءٌ قَبْلَهُ وَكَانَ عَرْشُهُ عَلَى الْمَاءِ ثُمَّ خَلَقَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضَ وَكَتَبَ فِي الذِّكْرِ كُلَّ شَيْءٍ ثُمَّ أَتَانِي رَجُلٌ فَقَالَ يَا عِمْرَانُ أَدْرِكْ نَاقَتَكَ فَقَدْ ذَهَبَتْ فَانْطَلَقْتُ أَطْلُبُهَا فَإِذَا السَّرَابُ يَنْقَطِعُ دُونَهَا وَايْمُ اللَّهِ لَوَدِدْتُ أَنَّهَا قَدْ ذَهَبَتْ وَلَمْ أَقُمْ. ([2])

”عمران بن حصين رضي الله عنه کان روايت آهي تہ : آئون رسول الله ﷺ وٽ ويٺل هوس تہ بني تميم مان هڪ قوم آئي پاڻ فرمايائون تہ خوشخبري قبول ڪريو ( يعني ايمان ۽ عمل صالح سان جنت جي خوشخبري آهي) چيائون تہ خوشخبري اسان کي ڏي (شايد هنن ڪا دنياوي نعمت سمجهي). پوءِ ڪي ماڻهو يمن جا داخل ٿيا. انهن کي فرمايائون تہ: اوهين خوشخبري قبول ڪريو. جو بنو تميم وارن قبول نہ ڪئي. چيائون تہ اسان قبول ڪئي ۽ اسان اوهان وٽ دين ۾ سمجهہ حاصل ڪرڻ آيا آهيون ۽ هن لاءِ تہ توهان کان پڇون تہ هن ڪائنات ۾ سڀ کان پهرين شيءِ ڪهڙي هئي؟ پاڻ فرمايائون تہ: سڀ کان پهرين الله تعالىٰ هو ۽ ٻي ڪا شيءِ ڪان هئي ۽ سندس عرش پاڻيءَ ڪان مٿان هو ۽ پوءِ آسمانن ۽ زمينن کي پيدا ڪيائين ۽ هر شيءِ کي لوح محفوظ ۾ لکيائين ( عمران بن حصين ) چوي ٿو تہ مون کي ڪنهن شخص سڏ ڪيو تہ وڃي پنهنجي ڏاچي هٿ ڪر ( يعني ڇڙي وئي آهي ) پوءِ انجي ڳولا ۾ نڪري ويس ۽ الله جو قسم مون کي اها ڳالهہ پسند هئي تہ اها ڀلي هلي وڃي مگر آئون هتان نہ اٿان.

---

[1]- ڪلام سيد رشد الله شاه الراشدي اللواء الرابع

[2]- صحيح البخاري ( 22 / 428 ) كِتَاب التَّوْحِيدِ بَاب ﴿ وَكَانَ عَرۡشُهُۥ عَلَى ٱلۡمَآءِ ﴾ حديث رقم ( 6868 ) ، مشكاة المصابيح ( 505 – 506 )

عَنْ أَبِي رَزِينٍ قَالَ قُلْتُ : يَا رَسُولَ اللَّهِ أَيْنَ كَانَ رَبُّنَا قَبْلَ أَنْ يَخْلُقَ خَلْقَهُ ؟ قَالَ : كَانَ فِي عَمَاءٍ مَا تَحْتَهُ هَوَاءٌ وَمَا فَوْقَهُ هَوَاءٌ وَخَلَقَ عَرْشَهُ عَلَى الْمَاءِ. ([1])

قال الترمذي : قَالَ يَزِيدُ بْنُ هَارُونَ الْعَمَاءُ أَيْ لَيْسَ مَعَهُ شَيْءٌ.

تشريح :- " عماء " جي معنىٰ ۾ علماء جا ٻہ قول آهن.

(1) ان وقت ڪا شي موجود ڪانہ هئي. جئين راوي يزيد هارون بن هارون بيان ڪيو آهي.

(2) تہ اها حقيقت انساني عقل جي سمجهڻ کان مٿي آهي.

ٻنهي حديثن جو ماحصل اهو آهي تہ هر موجود شيءِ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ الله تعالىٰ موجود هو ۽ انهيءَ هر شي کي وجود بخشيو آهي.

عن ابن عمر قال : كان من دعاء رسول الله صلى الله عليه وسلم الذي يقول : « يا كائن قبل أن يكون شيء ، والمكوّن لكل شيء ، والكائن بعدما لا يكون شيء ، أسألك بلحظة من لحظاتك الحافظات الوافرات الراجيات المنجيات ». ([2])

"ابن عمر کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي دعائن مان هي دعا بہ هئي جو فرمائيندا هئا تہ:

"اي هر شي جي موجود هئڻ کان اڳ موجود هجڻ وارا! ۽ هر موجود کي وجود ۽ هئڻ بخشڻ وارا! ۽ هر شي جي فنا کان بعد ۾ بہ رهڻ وارا! آئون تنهنجي گهڙين مان توکا اها گهڙي گهران ٿو جنهن ۾ منهنجي حفاظت هجي ۽ منهنجي لاءِ پوري هجي ۽ منهنجي لاءِ اميد ۽ ڇوٽڪاري جي گهڙي هجي."

*-*-*

## فصل ٻيو

# توحيد صفات

الله جون سيئي صفتون ان جي ذات بابرڪات وانگر بي مثل ۽ بي چون وچگون آهن. انهن تي بہ سندن ذات وانگر سواءِ ڪنهن تاويل ۽ تشبيهہ ( ڪنهن ٻي شي سان مشابهہ ڪرڻ ) يا تعطيل ( ڇڏڻ ) ايمان آڻڻ ۽ يقين رکڻو آهي.

قرآن ۽ حديث ۾ جيڪي بہ صفتون مذڪور آهن، سي سيئي برحق آهن. مثلاً: علم، قدرت، ڪلام ۽ ٻيون سيئي صفتون مذڪور آهن سي سيئي برحق آهن انهن جو ڪجهہ تذڪرو ڪجي ٿو.

[1]- صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 7 / 109 ) حديث رقم ( 3109 ) ، سنن الترمذي ( 10 / 377 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب وَمِنْ سُورَةِ هُودٍ حديث رقم ( 3034 ) ، مشكاة المصابيح ( 509 )

[2]- ( موضوع ) السلسلة الضعيفة - مختصرة - ( 11 / 208 ) حديث رقم ( 5205 ) ، رواه البيهقي الدرالمنثور ( 6 / 171 )

هن بابت آيتون پيش ڪجن ٿيون:

1. **علم ( ڄاڻ ) :**

﴿ عَـٰلِمُ ٱلۡغَيۡبِ وَٱلشَّهَـٰدَةِ ٱلۡڪَبِيرُ ٱلۡمُتَعَـالِ ۝٩ سَوَآءٌ مِّنكُم مَّنۡ أَسَرَّ ٱلۡقَوۡلَ وَمَن جَهَـرَ بِهِۦ وَمَنۡ هُوَ مُسۡتَخۡفِۭ بِٱلَّيۡـلِ وَسَارِبُۢ بِٱلنَّهَارِ ۝١٠ ﴾ ( الرعد )

”ڳجهہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ وڏو مٿانهون آهي. اوهان مان جيڪو ڳالهہ هوريان ڪري ۽ جيڪو وڏي سڏ ڳالهائي ۽ جيڪو رات جو لڪي ۽ ڏينهن جو پڌرو ٿي گهمي سي سندس علم ۾ هڪجهڙا آهن.“

﴿ لَّـٰكِنِ ٱللَّهُ يَشۡهَدُ بِمَآ أَنزَلَ إِلَيۡكَ أَنزَلَهُۥ بِعِلۡمِهِۦ . . . ۝١٦٦ ﴾ ( النساء )

”پر الله جيڪو ڪتاب تو ڏانهن لاٿو آهي تنهن لاءِ پاڻ شاهدي ٿو ڏي تہ اهو پنهنجي علم سان لاٿو اٿس.“

﴿ يَعۡلَمُ خَآئِنَةَ ٱلۡأَعۡيُنِ وَمَا تُخۡفِي ٱلصُّدُورُ ۝١٩ ﴾ ( غافر )

”اکين جي خيانت(واري نگاهہ) ۽ جيڪي سينا لڪائيندا آهن سو(الله)ڄاڻندو آهي.“

﴿ أَلَمۡ تَعۡلَمۡ أَنَّ ٱللَّهَ يَعۡلَمُ مَا فِي ٱلسَّمَآءِ وَٱلۡأَرۡضِۚ إِنَّ ذَٰلِكَ فِي كِتَٰبٍۚ إِنَّ ذَٰلِكَ عَلَى ٱللَّهِ يَسِيرٞ ۝٧٠ ﴾ ( الحج )

”ڇا معلوم نہ اٿئي ڇا! تہ جيڪي آسمانن ۽ زمينن ۾ آهي، سو الله ﷻ ڄاڻندو آهي بيشڪ! اها (ڳالهہ) ڪتاب ( لوح محفوظ ) ۾ لکيل آهي. بيشڪ اهو الله کي سولو آهي. “

﴿ وَيَعۡلَمُ مَا فِي ٱلۡبَرِّ وَٱلۡبَحۡرِۚ وَمَا تَسۡقُطُ مِن وَرَقَةٍ إِلَّا يَعۡلَمُهَا وَلَا حَبَّةٖ فِي ظُلُمَٰتِ ٱلۡأَرۡضِ وَلَا رَطۡبٖ وَلَا يَابِسٍ إِلَّا فِي كِتَٰبٖ مُّبِينٖ ۝٥٩ ﴾ ( الأنعام )

”۽ جيڪي پٽن ۽ دريائن ۾ آهي سو (بہ اهو) ڄاڻندو آهي ۽ ڪو ئي پن نہ ڪرندو آهي پر ان کي اهو ڄاڻندو آهي ۽ نکي ڪو داڻون زمين جي اونداهين ۾ نکي ڪا آلي ۽ نکي ڪا سڪي شيءِ پڌري ڪتاب ۾ (لکيل هجڻ) ڪانسواءِ آهي.“هنن آيتن ڪانسواءِ ٻيون بہ گهڻيون آيتون آهن جن سيني مان ظاهر آهي تہ الله ﷻ جو علم وسيع ۽ بي مثل آهي. ۽ ڪا بہ شيءِ ننڍي يا وڏي ان کان مخفي نہ آهي. ۽ صحيح بخاري ۾ موسىٰ ۽ خضرعليه السلام جي سفر جي واقعي ۾ آهي تہ :

فَجَاءَ عُصْفُورٌ فَوَقَعَ عَلَى حَرْفِ السَّفِينَةِ فَنَقَرَ نَقْرَةً أَوْ نَقْرَتَيْنِ فِي الْبَحْرِ فَقَالَ الْخَضِرُ يَا مُوسَى مَا نَقَصَ عِلْمِي وَعِلْمُكَ مِنْ عِلْمِ اللَّهِ إِلَّا كَنَقْرَةِ هَذَا الْعُصْفُورِ فِي الْبَحْرِ. ([1])

”پوءِ هڪ جهرڪي اچي ٻيڙيءَ جي پاسي تي ويهي هڪ ٻه ٽونگا درياءَ ۾ هنيا پوءِ حضرت خضر عليه السلام چيو: اي موسىٰ (عليه السلام)! منهنجو ۽ تنهنجو علم الله کان ايترو گهٽايو، جيترو هن جهرڪيءَ جي ٽونگي درياءَ مان گهٽايو آهي.“

هن حديث مان الله ﷻ جي علم جي صفت ثابت ٿي. ۽ هن جو علم ۽ ڄاڻ نهايت وسيع آهي ۽ ساري دنيا جو علم هن جي علم آڏو ڪا شيءِ نا هي ۽ جنهن کي وڏيس اوترو علم مان پاڱو عطاء ڪري ۽ ان مان نفعي وٺڻ جي توفيق ڏي.

2. قدرت ( وس ۽ پهچ ) :

هن بابت قرآن جون آيتون پيش ڪجن ٿيون.

﴿إِنَّ ٱللَّهَ عَلَىٰ كُلِّ شَىْءٍ قَدِيرٌ ۝٢٠﴾ ( البقرة )

”بيشڪ الله تعالىٰ سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.“

﴿وَكَانَ ٱللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَىْءٍ قَدِيرًا ۝٢١﴾ ( الفتح )

”۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.“

﴿قُلْ هُوَ ٱلْقَادِرُ عَلَىٰٓ أَن يَبْعَثَ عَلَيْكُمْ عَذَابًا مِّن فَوْقِكُمْ أَوْ مِن تَحْتِ أَرْجُلِكُمْ أَوْ يَلْبِسَكُمْ شِيَعًا وَيُذِيقَ بَعْضَكُم بَأْسَ بَعْضٍ ۗ ٱنظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ ٱلْـَٔايَـٰتِ لَعَلَّهُمْ يَفْقَهُونَ ۝٦٥﴾ ( الأنعام )

”(يعني اي پيغمبر)! چئو تہ اهوالله اوهان تي قادر آهي اوهان جي مٿان يا اوهان جي پيرن جي هيٺان عذاب جي موڪلڻ لاءِ وسوارو آهي يا اوهان کي ٽولي ٽولي ڪري وڙهائي ۽ اوهان مان ڪن کي ڪن جي لڙائي (جو مزو) چکائي. ڏس تہ اسين ڪهڙي طرح ( طرحين طرحين) دليل بيان ٿا ڪريون تہ من اهي سمجهن:

سورة الممتحنة ۾ آهي تہ :

﴿وَٱللَّهُ قَدِيرٌ ۚ وَٱللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ۝٧﴾

”الله وڏي وسوارو آهي ۽ بخشيندڙ مهربان آهي.“

سورة الشورىٰ ۾ آهي تہ :

---

[1]- صحيح البخاري ( 1 / 207 ) كِتَاب الْعِلْمِ بَاب مَا يُسْتَحَبُّ لِلْعَالِمِ إِذَا سُئِلَ أَيُّ النَّاسِ أَعْلَمُ فَيَكِلُ الْعِلْمَ إِلَى اللَّهِ حديث رقم ( 119 )

﴿إِنَّهُۥ عَلِيمٌ قَدِيرٌ ۝٥٠﴾

”اهو الله تعالىٰ وڏي علم ۽ قدرت وارو آهي.“

هنن آيتن ۽ اهڙي قسم جي ٻين آيتن منجهان ثابت آهي ته هو هر شيءِ تہ قدرت رکڻ وارو آهي ۽ ڪا بہ شي ان جي وس کان ٻاهر نہ آهي جيئن ارشاد فرمائين ٿا تہ:

﴿إِنَّمَآ أَمْرُهُۥٓ إِذَآ أَرَادَ شَيْـًٔا أَن يَقُولَ لَهُۥ كُن فَيَكُونُ ۝٨٢﴾ ( يس )

”سندس حڪم هن ڪان سواءِ (ٻيو ڪو) نہ آهي تہ جڏهن ڪا شيءِ بنائڻ گهرندو آهي تڏهن ان لاءِ صرف چوندو آهي تہ ٿيءُ تہ ( اها شيءِ) ٿي پوندي آهي.“

ان طرح رسول الله ﷺ استخاري بابت دعا سيکاري آهي. ان ۾ هي لفظ آهن :

فَإِنَّكَ تَقْدِرُ وَلَا أَقْدِرُ. ([1])

”يعني بيشڪ اي الله! تون عرش تي قدرت رکين ٿو ۽ آئون ڪا قدرت نہ ٿو رکان.“

پوءِ جڏهن تہ رسول الله ﷺ جن جي اڪرم الاولين و الاخرين امام الانبياء والمرسلين آهن الله جي آڏو پنهنجي بي وسي ۽ عاجزي ظاهر ڪن ٿا. تہ پوءِ ٻيو ڪير آهي جو الله جي قدرت ۾ دخل ڏئي سگهي ٿو.

بلڪ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ سيني مسلمانن کي الله جي آڏو پنهنجي بي وسي ۽ سندس قدرت جو اقرار ڪرڻ گهرجي.

۽ امام بيهقي ڪتاب الاسماءِ والصفات ۾ هڪ حديث آندي آهي تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي ڪنهن لخت جگر نياڻيءَ کي هيءَ دعا سيکاري :

سُبْحَانَ اللَّهِ وَبِحَمْدِهِ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ مَا شَاءَ اللَّهُ كَانَ وَمَا لَمْ يَشَأْ لَمْ يَكُنْ اعلم أن الله على كل شيء قدير وأن الله قد أحاط بكل شيء علماً. ([2])

”الله جي لاءِ پاڪائي ۽ ان جو حمدآهي ۽ ان ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن کي قدرت ناهي جيڪي اهوگهري سو ٿيندو ۽ جيڪي نہ گهري سو نہ ٿيندو ۽ آئون يقين سان ڄاڻان ٿو تہ الله تعالىٰ هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي ۽ الله تعالىٰ پنهنجي علم سان هرشيءِ کي گهيريندڙ آهي.“

۽ پاڻ ڪيس هيءُ فرمايائون تہ: جيڪو هيءَ دعا صبح جو پڙهندو ان جي شام تائين حفاظت ڪئي ويندي. ۽ جيڪو شام جو پڙهندو ان جي صبح تائين حفاظت ڪئي ويندي. ۽

[1]- صحيح البخاري ( 4 / 347 ) كِتَاب الْجُمُعَةِ بَاب مَا جَاءَ فِي التَّطَوُّعِ مَثْنَى مَثْنَى حديث رقم ( 1096 ) ، مشكاة المصابيح ( 116 )

[2]- صحيح وضعيف سنن أبي داود (11 / 75 ) حديث رقم ( 5075 ) ، ضعيف الجامع ( 4125 ) ، كتاب الاسماءِ و الصفات ( 162 ) جماع أبواب إثبات صفة المشيئة والإرادة لله عز وجل باب ما شاء الله كان وما لم يشأ لم يكن حديث رقم ( 338 ) طبع بيروت

ان کا سواءِ ڪيترين حديثون آهن جن مان الله جي قدرت معلوم ٿئي ٿي ۽ ٻيا سڀ هن جي قدرت جي آڏو لاچار ۽ محتاج آهن.

اوست سلطان مسلم مروزا
نسبت کسی راطاقت چوں و چرا

قرآن ۾ آهي ته :

﴿ لَا يُسْـَٔلُ عَمَّا يَفْعَلُ وَهُمْ يُسْـَٔلُونَ ﴿٢٣﴾ ﴾ ( الأنبياء )

”الله جيڪي به ڪري ته ڪو ان کان ان بابت پڇڻ وارو نه آهي مگر ان کانسواءِ باقي سيني کان پڇيو ويندو.“

سميعٌ ۽ بصيرٌ ( ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ) :

قرآن ۾ بار بار ذڪر آهي ته :

﴿ إِنَّ ٱللَّهَ سَمِيعٌۢ بَصِيرٌ ﴾ ۽ ﴿ وَكَانَ ٱللَّهُ سَمِيعًۢا بَصِيرًا ﴾ ۽ ﴿ إِنَّ ٱللَّهَ سَمِيعٌ عَلِيمٌ ﴾

”۽ الله تعالىٰ ٻڌندڙ، ڏسندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي. “

مطلب ته ڪا به شيءِ ان کان اوجهل يا غائب نه آهي. خفيف کان خفيف شيءِ هن کان مخفي نه آهي حتىٰ ڪه ڪاري رات ۾ ڪاري جبل تي ڪاري ماڪوڙي (ڪيولي) جي چر پر کي ڏسي ٿو ۽ باريڪ کان باريڪ آواز ٻڌي ٿو.

قرآن پاڪ ۾ الله تعالىٰ مجرم ۽ سرڪش انسان کي تنبيهه ڪندي فرمائي ٿو ته :

﴿ عَـٰلِمُ ٱلْغَيْبِ وَٱلشَّهَـٰدَةِ ٱلْكَبِيرُ ٱلْمُتَعَالِ ﴿٩﴾ سَوَآءٌ مِّنكُم مَّنْ أَسَرَّ ٱلْقَوْلَ وَمَن جَهَرَ بِهِۦ وَمَنْ هُوَ مُسْتَخْفٍۭ بِٱلَّيْلِ وَسَارِبٌۢ بِٱلنَّهَارِ ﴿١٠﴾ ﴾ ( الرعد )

”الله ڳجهه ۽ ظاهر کي (هڪ جهڙو) ڄاڻندر ۽ وڏو مٿاهون آهي. اوهان مان ڪو آهستي ڳالهائي يا جيڪو رات جو لڪي ڪو ڪم ڪري يا ڏينهن جو ظاهر ۽ پڌرو ٿي ڪري سڀئي وٽس برابر آهن.“

﴿ وَمَا تَكُونُ فِى شَأْنٍ وَمَا تَتْلُوا۟ مِنْهُ مِن قُرْءَانٍ وَلَا تَعْمَلُونَ مِنْ عَمَلٍ إِلَّا كُنَّا عَلَيْكُمْ شُهُودًا إِذْ تُفِيضُونَ فِيهِ ۚ وَمَا يَعْزُبُ عَن رَّبِّكَ مِن مِّثْقَالِ ذَرَّةٍ فِى ٱلْأَرْضِ وَلَا فِى ٱلسَّمَآءِ وَلَآ أَصْغَرَ مِن ذَٰلِكَ وَلَآ أَكْبَرَ إِلَّا فِى كِتَـٰبٍ مُّبِينٍ ﴿٦١﴾ ﴾ (يونس)

”تون ڪنهن به حال ۾ هوندو آهين ۽ الله جي طرفان آيل قرآن مان جيڪي نه پڙهندو آهين ۽ ڪو به ڪم اوهين نه ٿا ڪريو جڏهن منجهس لڳا رهندا آهيو ته اسين ئي اوهان جي مٿان گواهه آهيون ۽ تنهنجي پالڻهار کان ذري جيترو نه ڪي زمين ۾ نه ڪي

آسمان ۾ ڳجهو رهندو ۽ نہ ڪي ان ڪان ٿورو ۽ نہ ڪي ان ڪان گھٽو پر ( سڀ ) پڌري ڪتاب ۾ لکيل آهي.“

حافظ ابن ڪثير هن آيت جي تفسير ۾ لکي ٿو تہ :

يخبر تعالى نبيه ، صلوات الله عليه وسلامه أنه يعلم جميع أحواله وأحوال أمته ، وجميع الخلائق في كل ساعة وآن ولحظة ، وأنه لا يعزُب عن علمه وبصره مثقالُ ذرة في حقارتها وصغرها في السموات ولا في الأرض ، ولا أصغر منها ولا أكبر إلا في كتاب مبين ، كقوله :

﴿ ۞ وَعِندَهُۥ مَفَاتِحُ ٱلْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَآ إِلَّا هُوَ ۚ وَيَعْلَمُ مَا فِى ٱلْبَرِّ وَٱلْبَحْرِ ۚ وَمَا تَسْقُطُ مِن وَرَقَةٍ إِلَّا يَعْلَمُهَا وَلَا حَبَّةٍ فِى ظُلُمَٰتِ ٱلْأَرْضِ وَلَا رَطْبٍ وَلَا يَابِسٍ إِلَّا فِى كِتَٰبٍ مُّبِينٍ ﴿٥٩﴾ ﴾ ( الأنعام ) ، فأخبر تعالى أنه يعلم حركة الأشجار وغيرها من الجمادات وكذلك الدواب السارحة في قوله :

﴿ وَمَا مِن دَآبَّةٍ فِى ٱلْأَرْضِ وَلَا طَٰٓئِرٍ يَطِيرُ بِجَنَاحَيْهِ إِلَّآ أُمَمٌ أَمْثَالُكُم ۚ مَّا فَرَّطْنَا فِى ٱلْكِتَٰبِ مِن شَىْءٍ ۚ ثُمَّ إِلَىٰ رَبِّهِمْ يُحْشَرُونَ ﴿٣٨﴾ ﴾ ( الأنعام ) ، وقال تعالى: ﴿ ۞ وَمَا مِن دَآبَّةٍ فِى ٱلْأَرْضِ إِلَّا عَلَى ٱللَّهِ رِزْقُهَا وَيَعْلَمُ مُسْتَقَرَّهَا وَمُسْتَوْدَعَهَا ۚ كُلٌّ فِى كِتَٰبٍ مُّبِينٍ ﴿٦﴾ ﴾ ( هود ).

وإذا كان هذا علمه بحركات هذه الأشياء، فكيف بعلمه بحركات المكلفين المأمورين بالعبادة ، كما قال تعالى: ﴿ وَتَوَكَّلْ عَلَى ٱلْعَزِيزِ ٱلرَّحِيمِ ﴿٢١٧﴾ ٱلَّذِى يَرَىٰكَ حِينَ تَقُومُ ﴿٢١٨﴾ وَتَقَلُّبَكَ فِى ٱلسَّٰجِدِينَ ﴿٢١٩﴾ ﴾ ( الشعراء ). ([1])

”الله تعالىٰ پنهنجي نبي ﷺ کي فرمائي ٿو تہ هو هر گهڙي ۽ لحظي سندس امت جي سيني حالتن کان پوريءَ طرح واقف آهي ۽ ڪا بہ ننڍي وڏي شيءِ آسمانن ۽ زمينن ۾ ان کان لڪل نہ آهي جئين (انعام ع-7 ) ۾ فرمائي ٿو تہ غيبءِ ڳجهہ جون چاٻيون الله ﷻ وٽ آهن ان کان سواءِ ان کي ڪو بہ نٿو ڄاڻي ۽ هو بر ۽ بحر ۾ هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو. ان طرح زمين جي گهراين ۾ڪو داڻوآهي يا ڪا شيءِ سائي يا سڪل آهي تہ سڀ وٽس لکيل آهي پوءِ جڏهن تہ وڻن جي چر پر ان طرح جانور ۽ بين شين جي حرڪت ۽ رڙهڻ کي ڄاڻي ٿو ۽ ٻي جاءِ تي فرمايائين. ( انعام ع 4 پ7 )

”ڪا زمين ۾ چرندر شيءِ يا اڏامندڙ پکي سڀ توهان وانگر جماعتون آهن.“

۽ نيز (هودع1 پ12) فرمايائين تہ :

جا زمين تي شيءِ چرندڙ آهي ان جو رزق الله تعالىٰ تي آهي. پوءِ جڏهن تہ انهن سيني شين جي چر پر وغيره جو علم الله ﷻ کي آهي. حالانڪہ اهي غير مڪلف آهن پوءِ

---

[1]- تفسير ابن كثير ( 2 / 422 )

انسان جيڪي مڪلف آهن ۽ انهن کي عبادتن جو حڪم آهي انهن جي هر حال کان نيڪ ۽ بد عمل، ڳجهن ۽ پڌرن ڪمن کان ڪيئن نہ واقف هوندو. جو خود ( الشعراء ع11پ19) ۾ فرمائي ٿو تہ:

”تون انهيءَ الله غالب ۽ مهربان تي ڀروسو ڪر جو تنهنجي اٿڻ، ويهڻ، ڦير گهير ۽ عبادت وغيره سڀ کي ڄاڻي ٿو.“

الحاصل: الله تعالىٰ جو علم هر شيءِ تي وسيع ۽ محيط آهي. ۽ ان جو علم ذاتي آهي. ٻين سڀني جا علم عطائي ۽ سندس ڏات محدود آهي. ڪنهن کي ٿورو، ڪنهن کي گهڻو. جنهن کي وڌيس جيترو ڏئي. وري ان کان ڪسي وني ۽ عالم مان جاهل ٿي وڃي. مگر الله تعالىٰ جهل جي وصف کان پاڪ آهي. ۽ هميشہ هر شيءِ جو عالم آهي تنهنڪري انهيءَ جي هيءَ صفت بہ بي مثل آهي.

ذيل

قرآن ڪريم الله جو علم آهي ۽ انهيءَ جو ڪلام آهي. جيئن فرمائي ٿو تہ :

﴿وَإِنْ أَحَدٌ مِّنَ ٱلْمُشْرِكِينَ ٱسْتَجَارَكَ فَأَجِرْهُ حَتَّىٰ يَسْمَعَ كَلَـٰمَ ٱللَّهِ ثُمَّ أَبْلِغْهُ مَأْمَنَهُۥ ۚ ذَٰلِكَ بِأَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُونَ ۝٦﴾ ( التوبة )

”۽ جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو هڪڙو تو کان امان گهري تہ ڪيس امان ڏي جيسيتائين هو ڪلام الله ٻڌي پوءِ ڪيس امن جي هنڌ پهچاءِ اهو هن ڪري آهي جو اها قوم اهڙي آهي جو نہ ڄاڻندي آهي.“

تنهنڪري الله جو ڪلام ان جي صفت آهي يا ازلي آهي. ان کي مخلوق نہ چئبو. اصحابن کان وني اڄ تائين مسلمانن اهل سنت جو اهو عقيدو هلندو اچي ٿو تہ قرآن الله جو ڪلام ۽ غير مخلوق آهي.

چنانچہ عمرو بن دينار جو قول (باب: 6فصل:2) ذيل ۾ گذريو. انهيءَ مذهب بابت امام بخاري سلف الصالحين جا اقوال نقل ڪري ٿو.(خلق افعال العباد(ص7تان16) جن ۾ تابعين تبع تابعين ۽ بيشمار محدثين جا اقوال ذڪر ٿيل آهن. ڪيترين ئي حديثن ۾ ان کي ڪلام الله سڏيو ويو آهي. تنهنڪري ان کي مخلوق چوڻ باجماع اهل سنت ڪفر آهي ان مسئلي لاءِ وڌيڪ تفصيل اسان جي تفسير بيان بي نظير جي مقدمي جي (باب:9) ۾ ڏسڻ گهرجي.

*-*-*

## فصل ٽيون

# توحيد الوهيت

يعني اهو هڪ الله آهي هن سا ن گڏ ٻيو ڪو نہ يو يا وڏو ڪونهي تنهنڪري ٻئي ڪنهن الٰھ جو عقيدو رکڻ ڪفر آهي.

ان لاءِ دلائل ذڪر ڪجن ٿا.

﴿لَّقَدْ كَفَرَ ٱلَّذِينَ قَالُوٓاْ إِنَّ ٱللَّهَ ثَالِثُ ثَلَٰثَةٍ وَمَا مِنْ إِلَٰهٍ إِلَّآ إِلَٰهٌ وَٰحِدٌ وَإِن لَّمْ يَنتَهُواْ عَمَّا يَقُولُونَ لَيَمَسَّنَّ ٱلَّذِينَ كَفَرُواْ مِنْهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٧٣﴾﴾ ( المائدة )

”جن چيو الله ٽن مان هڪڙو آهي سي بيشڪ ڪافر ٿيا حالانڪ هڪ الله ڪانسواءِ ڪوئي عبادت جي لائق نہ آهي جيڪي چوندا آهن تنهن کان جيڪڏهن پاڻ کي نہ جهليندا تہ منجهائن ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب ضرور پهچندو.“

تشريح:- عيسائين جو عقيدو آهي تہ هو ٽي الٰھ مجن ٿا. ۽ انهيءَ عقيدي کي الله ڪفر سڏي ٿو. ۽ فرمائي ٿو تہ اله فقط هڪڙو آهي.

نيز فرمائي ٿو تہ :

﴿وَإِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ وَٰحِدٌ لَّآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ٱلرَّحْمَٰنُ ٱلرَّحِيمُ ﴿١٦٣﴾﴾ ( البقرة )

”توهانجو الٰھ ( معبود) صرف هڪڙو آهي، ان ڪانسواءِ ٻيو ڪوئي الٰھ نہ آهي. اهو ئي مهربان ۽ رحم وارو آهي. “

تشريح:- ان آيت ۾ الله تعاليٰ واضح فرمايو آهي تہ هڪ الله ڪانسواءِ ٻيو الله ناهي. مشرڪ الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻين بزرگن کي بہ الٰھ مڃيندا هئا. ۽ انهن جون صورتون ناهي انهن کي پوڄيندا هئا. هن عقيدي سان تہ هي ننڍا الٰھ اسان جي ۽ وڏي الله جي وچ ۾ واسطا ۽ وسيلا آهن.

الله تعاليٰ هن عقيدي کي هن طرح فرمايو آهي :

﴿ وَيَعْبُدُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ مَا لَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنفَعُهُمْ وَيَقُولُونَ هَٰٓؤُلَآءِ شُفَعَٰٓؤُنَا عِندَ ٱللَّهِ ۚ قُلْ أَتُنَبِّـُٔونَ ٱللَّهَ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِى ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَلَا فِى ٱلْأَرْضِ ۚ سُبْحَٰنَهُۥ وَتَعَٰلَىٰ عَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿١٨﴾﴾ ( يونس )

”۽ الله ڪانسواءِ جن کي پوڄيندا آهن سي نہ کي ڪين ڏک پهچائيندا آهن ۽ نڪي ڪين سک پهچائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ الله وٽ اسان جا سفارش ڪندڙ آهن. چؤ تہ اوهين الله کي اهڙي شيءِ بابت ٻڌائيندا آهيو ڇا؟ جيڪا شيءِ (هو) نڪي آسمانن ۾ ۽ نڪي زمينن

۾ ڄاڻندو آهي؟ اهو پاڪ آهي ۽ جنهن شيءِ کي ساڻس شريڪ ڪندا آهيو تنهن کان اهو مٿاهون آهي“

تشريح:- هن آيت مان واضح ٿيو ته الله تعالىٰ ڪنهن کي به پنهنجي ۽ ٻانهن جي وچ ۾ وسيلي جي حيثيت نه ڏني آهي. ۽ انهي توسل واري عقيدي کي يا ڪنهن جي واسطي کان الله کان دعا گهرڻ يا ان جو طفيل وٺي دعا گهرڻ انهن سڀني ڳالهين کي الله تعالىٰ هن آيت ۾ شرڪ سڏيو آهي ۽ ڪنهن به حديث صحيح ۾ ڪنهن جي وسيلي سان دعا گهرڻ جو حڪم يا ذڪر نه آيو آهي. قرآن ڪريم ۾ ملائڪن ۽ ڪيترن نبين ۽ نيڪ ٻانهن جون دعائون مذڪور آهن. مگر ڪنهن ۾ ڪنهن جي واسطي سان، وسيلي سان دعا گهرڻ مذڪور نه آهي. سڀني سڌو الله کي پڪاريو آهي. ان طرح حديثن جي ڪتابن ۾ رسول الله ﷺ جون بيشمار دعائون ذڪر ٿيل آهن. ڪي پاڻ پڙهيون اٿن، ته ڪي امت کي سيکاريون اٿن. مگر ڪنهن ۾ به اهو طريقو نه آهي ته ڪنهن نبي، يا ولي ، يا بزرگ جي وسيلي سان دعا گهري وڃي. تنهنڪري اهو طريقو مٿين آيتن موجب شرڪ هجڻ سان گڏ بدعت چئبو. جو نه ڪنهن اڳين نبين عليهم السلام کان ثابت آهي نه اسان جي رسول ڪريم ﷺ، نه اصحابن سڳورن کان.

۽ رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته :

كُلُّ بِدْعَة ضَلَالَةٌ. ([1])

”هر بدعت گمراهي آهي.“

در اصل اهو توسل جو عقيدو ئي سڀني گمراهين جو سبب اولين آهي. جو ماڻهو بزرگن ۽ پيرن جي ڏيڍ ۽ آسري تي هر قسم جا گناهه برائيون ۽ حرام جون ڪمايون ڪندا رهن ٿا. ۽ اهو عقيدو رکن ٿا ته بزرگن جي وسيلي اسين ڇٽي وينداسون. ورنه جن کي اهو آسرو نه آهي سي گناهه ڪندي ڊڄندا رهن ٿا. مڪي جا مشرڪ الله تعالىٰ کي خالق، مالڪ، رازق ۽ سڀني اختيارن وارو ڄاڻندا هئا. جئين قرآن هنن جو عقيدو بيان ڪيو آهي.

﴿ وَلَئِن سَأَلْتَهُم مَّنْ خَلَقَ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضَ وَسَخَّرَ ٱلشَّمْسَ وَٱلْقَمَرَ لَيَقُولُنَّ ٱللَّهُ ۖ فَأَنَّىٰ يُؤْفَكُونَ ﴿٦١﴾ ﴾ ( العنكبوت )

”جيڪڏهن انهن ڪافرن کان پڇندين ته“ آسمان ۽ زمين کي ٺاهيو ۽(ڪنهن) سج ۽ چنڊ کي نوايو آهي ته ضرور چوندا ته الله ﷻ. پوءِ ڪيڏانهن ڦيريا ويندا آهن. “

[1]- صحيح مسلم ( 4 / 359 ) كِتَاب الْجُمُعَةِ بَاب تَخْفِيفِ الصَّلَاةِ وَالْخُطْبَةِ حديث رقم ( 1435 ) ، مشكاة المصابيح ( 27 )

﴿ وَلَئِن سَأَلْتَهُم مَّن نَّزَّلَ مِنَ ٱلسَّمَآءِ مَآءً فَأَحْيَا بِهِ ٱلْأَرْضَ مِنۢ بَعْدِ مَوْتِهَا لَيَقُولُنَّ ٱللَّهُ ۚ قُلِ ٱلْحَمْدُ لِلَّهِ ۚ بَلْ أَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُونَ ﴿٦٣﴾ ﴾ ( العنكبوت )

”۽ جيڪڏهن ڪانئن پڇندين تہ ڪنهن آسمان کان پاڻي وسايو پوءِ ان سان زمين کي ان جي مرڻ کان پوءِ جيرو ڪيو ( يعني غير آباد کي آباد ڪيو) تہ ضرور چوندا تہ الله ﷻ (اي پيغمبر ڪين چؤ تہ سڀ ساراهہ الله کي جڳائي بلڪ منجهائن گهڻان نہ ڄاڻندا آهن.“

﴿ قُلْ مَن يَرْزُقُكُم مِّنَ ٱلسَّمَآءِ وَٱلْأَرْضِ أَمَّن يَمْلِكُ ٱلسَّمْعَ وَٱلْأَبْصَـٰرَ وَمَن يُخْرِجُ ٱلْحَىَّ مِنَ ٱلْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ ٱلْمَيِّتَ مِنَ ٱلْحَىِّ وَمَن يُدَبِّرُ ٱلْأَمْرَ ۚ فَسَيَقُولُونَ ٱللَّهُ ۚ فَقُلْ أَفَلَا تَتَّقُونَ ﴿٣١﴾ ﴾ ( يونس )

”انهن ڪافرن کي چئو تہ اوهان کي آسمان ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آهي؟ ڪنن ۽ اکين جو ٻيو ڪير مالڪ آهي ڇا؟ ۽ ڪير جيئري کي مئل مان ڪڍندو آهي. ۽ ڪير ڪمن کي رٿيندو آهي؟ پوءِ فوراً چوندا تہ هڪ الله پوءِ چئون تہ ڇو نہ ٿا ڊڄو.“

﴿ قُلْ مَنۢ بِيَدِهِۦ مَلَكُوتُ كُلِّ شَىْءٍ وَهُوَ يُجِيرُ وَلَا يُجَارُ عَلَيْهِ إِن كُنتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿٨٨﴾ سَيَقُولُونَ لِلَّهِ ۚ قُلْ فَأَنَّىٰ تُسْحَرُونَ ﴿٨٩﴾ ﴾ ( المؤمنون )

”تون( ڪافرن) کي چؤ تہ اهو ڪير آهي جنهنجي هٿ ۾ سڀ ڪنهن شيءِ جي حڪومت آهي ۽ اهو پناهہ ڏيندو آهي ۽ ان (جي عذاب) کان ڪنهن کي پناهہ نہ ڏئي سگهبي آهي. جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو تہ ( ڏسيو ) سگهوئي چوندا تہ (اهو سڀ) الله جي (هٿ ۾) آهي ڪين چئو تہ پوءِ اوهين ڪٿان ٺڳجو ٿا.“

ناظرين: هنن آيتن مان انهن ڪافرن جو عقيدو معلوم ٿيو تہ هوخالق ۽ هر شيءِ جو مالڪ ۽ هر شيءِ کي رزق ڏيندڙ ۽ اسان جي هر نفعي ۽ نقصان تي اختيار رکڻ وارو صرف اهو هڪ الله آهي اهوئي هڪڙوسيني کي پناهہ ڏيڻ وارو آهي ٻي ڪنهن شيءِ کي اهڙو اختيار ڪونهي. ان جي باوجود بہ انهن کي مشرڪ چيو ٿو وڃي هن ڪري جو هو پنهنجي ٺاهيلن جڙتو الهٰن کي پنهنجي لاءِ الله جي آڏو وسيلو سمجهندا هئا ۽ اهو اعتقاد رکندا هئا تہ هنن جي معرفت اسان جي الله وٽ رسائي ٿيندي ۽ دعا قبول ٿيندي. انهنجي ئي وسيلي اسان الله کي ويجها ٿينداسون ۽ وٽس مرتبو حاصل ڪنداسين ۽ انهن جي طفيل اسان جون دعائون قبول پونديون ۽ مشڪل آسان ٿيندو. جئين انهن جو عقيدو قرآن ڪريم بيان فرمائي ٿو.

﴿ أَلَا لِلَّهِ ٱلدِّينُ ٱلْخَالِصُ ۚ وَٱلَّذِينَ ٱتَّخَذُوا۟ مِن دُونِهِۦٓ أَوْلِيَآءَ مَا نَعْبُدُهُمْ إِلَّا لِيُقَرِّبُونَآ إِلَى ٱللَّهِ زُلْفَىٰٓ إِنَّ ٱللَّهَ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ فِى مَا هُمْ فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ۗ إِنَّ ٱللَّهَ لَا يَهْدِى مَنْ هُوَ كَـٰذِبٌ كَفَّارٌ ﴿٣﴾ ﴾ ( الزمر )

”خبردار! الله جي لاءِ ئي خالص دين ۽ عبادت آهي ۽ جن شخصن الله کانسواءِ ٻين ولين کي ورتو آهي ( سي چوندا آهن ) تہ انهن کي اسين ( هن لاءِ نہ تہ هو اسان جا عرض اگهائين ٿا پر) صرف ان لاءِ پوڄيندا آهيون تہ اهي اسان کي الله ڏانهن مرتبي ۾ ويجهو ڪن. جنهن ڳالهہ بابت اهي جهيڳڙو ڪندا آهن تنهن بابت انهن جي وچ ۾ الله تعالیٰ فيصلو ڪندو. بيشڪ الله تعالیٰ ڪوڙي ۽ ڪافر کي هدايت نہ ڪندو آهي.

تشريح :- يعني صاف اقرار ڪن ٿا تہ اسان جن ولين ۽ بزرگن يا انهن جي صورتن ۽ مورتن جي پوڄا ڪيون ٿا يا انهن جي نالي نذرون نياز ڪيون ٿا تہ انهيءَ لاءِ نہ تہ هي اسان جا ڪم ڪندا، مگر اسان جي لاءِ الله وٽ سفارشي ٿيندا ۽ انهن جي سفارش سان اسان جا ڪم ٿيندا جيئن ابن جرير، مفسر قتاده تابعي کان روايت ڪئي آهي تہ. (الدين الخالص) مان مراد ڪلمو (لا اله الا الله) يعني توحيد جي شاهدي ڏيڻ آهي ۽ هن جي قول جو مطلب آهي تہ :

ما نعبد هؤلاء إلا ليقرّبونا، إلا ليشفعُوا لنا عند الله. ([1])

”چون ٿا تہ اسان انهن جي پوڄا صرف ان لاءِ ٿا ڪريون تہ هو اسان جي لاءِ الله وٽ سفارش ڪن.“

ثابت ٿيو تہ هو انهن کي پنهنجو وسيلو سمجهندا هئا ۽ هن آيت مان ڪجهہ ضروري ڳاليون معلوم ٿين ٿيون.

(الف) : توسل جو عقيدو مسلمانن جو نہ پر مشرڪين مڪہ جو آهي.

(ب) : الله تعالیٰ اهڙي عقيدي وارن کي ڪافر چوي ٿو.

(ت) : اهوڪوڙو عقيدو آهي ۽ اهڙي عقيدي واري کي الله ڪوڙو سڏيو آهي.

(ث) : بلڪ اهو مسئلو مسلمانن ۽ ڪافر جي وچ ۾ اختلافي هو. جو مسلمان صرف هڪ الله کي پوڄيندا ۽ سڏو انهيءَ کان دعائون گهرندا هئا ۽ ڪافر ٻين جي پوڄا ڪندا هئا ۽ انهن کي الله وٽ پنهنجو سفارشي ڄاڻندا هئا.

(ج) : تنهنڪري جيڪي ٻين جي وسيلي گهرن ٿا سي انهن مشرڪن جا پيرو ڪار آهن

[1]- تفسير الطبري ( 23 / 191 )

(ح) : انهيءَ اختلاف جو فيصلوالله تعالىٰ ڪندو ۽ اهو عدل جو صاحب آهي. تنهنڪري ان جي عدالت ۾ مسمانن جي عقيدي رکڻ وارن جي ڪاميابي ۽ سوڀ ۽ ڪافرن جي عقيدي رکڻ وارن جي ناڪامي ۽ هار ٿيندي.

اهو توسل شرڪ جي بيماري آهي جنهن جي ڪري ماڻهو راهِ راست کان دور رهن ٿا. جو تہ اهڙن کي الله تعالىٰ رهنمائي نہ ٿو فرمائي.

*-*-*

## فصل چوٿون

# توحيد ربوبيت

رب العالمين (سڀني جهانن جو پالڻهار) هڪ الله جي صفت آهي. جيڪا قرآن ۾ باربار ذڪر آهي. اهو ئي سڀني شين کي پاليندڙ آهي. انسان، حيوان، پکي ۽ جيت وغيره سڀني کي رزق رسائي ٿو.

ان بابت چند آيتون لکجن ٿيون.

﴿ وَمَا مِن دَآبَّةٍ فِي ٱلۡأَرۡضِ إِلَّا عَلَى ٱللَّهِ رِزۡقُهَا وَيَعۡلَمُ مُسۡتَقَرَّهَا وَمُسۡتَوۡدَعَهَاۚ كُلّٞ فِي كِتَٰبٖ مُّبِينٖ ﴿٦﴾ ﴾ ( هود )

”ڪا شيءِ زمين ۾ چرندڙ نہ آهي مگر ان جي روزي الله تي آهي ۽ ان جي دائمي خواه عارضي رهڻ جي جاءِ کي ڄاڻي ٿو سڀ ڪجهه مبين ۽ روشن ڪتاب ۾ لکيل آهي.“

تشريح:- يعني اهو ئي هرڪنهن جي رزق جو متڪفل آهي. ذميدار ۽ هر ڪنهن جي جاءِ رهائش معلوم اٿس. ڪي جانور جنگلهن ۾ ۽ ڪي ٻيلن ۾ تہ ڪي سمندن ۽ دريائن ۾ تہ ڪي پهاڙن (جبلن) ۽ پٽن (رڻ پٽ بيابانن) ۾ پيا آهن. ڪي ظاهر آهن تہ ڪي اهڙا ڳجها جو ڏسڻ ۾ نہ ٿا اچن. ڪي روزي ڪمائڻ جهڙا ڪي وري ان ڪان عاجزۡ بيڪار. سڀني کي رزق رسائي ۽ مهيا ڪري. بلاشڪ اهو ئي صفت ربوبيت جو مالڪ آهي. ٻيو ڪو ساڻس شريڪ نہ آهي.

﴿ وَكَأَيِّن مِّن دَآبَّةٖ لَّا تَحۡمِلُ رِزۡقَهَا ٱللَّهُ يَرۡزُقُهَا وَإِيَّاكُمۡۚ وَهُوَ ٱلسَّمِيعُ ٱلۡعَلِيمُ ﴿٦٠﴾ ﴾ ( العنكبوت )

”۽ ڪيترا جانور ۽ چرندڙ شيون آهن جي پاڻ سان رزق کڻي نہ ٿيون سگهن ڪمائي يا حاصل ڪري نہ ٿيون سگهن. الله ئي انهن کي رزق ڏئي ٿو ۽ اوهان کي بہ اهو ئي ڏئي ٿو. ۽ اهو (هر ڪنهن جو سڏ) ٻڌندڙ ۽ (هر ڪنهن جي حالت ۽ ضرورت کي) ڄاڻندڙآهي.“

تشريح :- يعني ڪنهن کي ڪيتري ضرورت آهي ۽ ڇاجي ضرورت آهي. ۽ ڪهڙي غذا ان لاءِ موافق آهي. سڀني ڳالهين کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ۽ انهن جون ضرورتون

**پوريون ڪري ٿو. ۽ ضرورتن جا اسباب مهيا ڪري ٿو. بيشڪ اهو ئي جهانن جو رب آهي نہ ڪو ٻيو.**

﴿ مَّا يَفْتَحِ ٱللَّهُ لِلنَّاسِ مِن رَّحْمَةٍ فَلَا مُمْسِكَ لَهَا ۖ وَمَا يُمْسِكْ فَلَا مُرْسِلَ لَهُۥ مِنۢ بَعْدِهِۦ ۚ وَهُوَ ٱلْعَزِيزُ ٱلْحَكِيمُ ﴿٢﴾ ﴾ ( فاطر )

**"الله انهن ماڻهن لاءِ ( پنهنجي) ٻاجھ مان جيڪي کوليندو آهي تنهن کي ڪو بند ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ جيڪي بند ڪندو آهي تنهن کي ان ( جي بند ڪرڻ) کانپوءِ کولڻ وارو نہ آهي. ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي."**

﴿ يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّاسُ ٱذْكُرُوا۟ نِعْمَتَ ٱللَّهِ عَلَيْكُمْ ۚ هَلْ مِنْ خَٰلِقٍ غَيْرُ ٱللَّهِ يَرْزُقُكُم مِّنَ ٱلسَّمَآءِ وَٱلْأَرْضِ ۚ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ فَأَنَّىٰ تُؤْفَكُونَ ﴿٣﴾ ﴾(فاطر)

**اي انسانو! پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪريو. الله کانسواءِ ڪو ٻڻائيندڙ آهي ڇا؟ جو آسمانن ۽ زمين مان اوهان کي روزي ڏئي ٿو. ان کانسواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي . پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃوٽا.**

**<u>تشريح:</u> ابن عباس ﷺ ان مان توبہ جو دروازو چئي ٿو. قتاده تابعي هر خير چوي ٿو ۽ مفسر السدي بارش ۽ مينهن ۽ زمين جي اوبڙ چوي ٿو. ۽ ابن عباس ﷺ ٻي روايت ۾ فرمائي ٿو تہ:**

**الله تعالیٰ هر هڪ کي خطاب ڪري چوي ٿو تہ تنهنجي هٿ ۾ ڪو اختيار نہ آهي. ([1])**

**انهن حوالن مان ثابت ٿيو تہ سيئي ڪم رزق نفعو نقصان وغيره الله ﷻ جي هٿ ۾ آهن. ٻي ڪنهن جو ان ۾ دخل نہ آهي جو تہ اهو ئي رب العٰلمين آهي.**

﴿ ٱللَّهُ ٱلَّذِى جَعَلَ لَكُمُ ٱلَّيْلَ لِتَسْكُنُوا۟ فِيهِ وَٱلنَّهَارَ مُبْصِرًا ۚ إِنَّ ٱللَّهَ لَذُو فَضْلٍ عَلَى ٱلنَّاسِ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَ ٱلنَّاسِ لَا يَشْكُرُونَ ﴿٦١﴾ ذَٰلِكُمُ ٱللَّهُ رَبُّكُمْ خَٰلِقُ كُلِّ شَىْءٍ لَّآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ فَأَنَّىٰ تُؤْفَكُونَ ﴿٦٢﴾ كَذَٰلِكَ يُؤْفَكُ ٱلَّذِينَ كَانُوا۟ بِـَٔايَٰتِ ٱللَّهِ يَجْحَدُونَ ﴿٦٣﴾ ٱللَّهُ ٱلَّذِى جَعَلَ لَكُمُ ٱلْأَرْضَ قَرَارًا وَٱلسَّمَآءَ بِنَآءً وَصَوَّرَكُمْ فَأَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَرَزَقَكُم مِّنَ ٱلطَّيِّبَٰتِ ۚ ذَٰلِكُمُ ٱللَّهُ رَبُّكُمْ ۖ فَتَبَارَكَ ٱللَّهُ رَبُّ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿٦٤﴾ هُوَ ٱلْحَىُّ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ فَٱدْعُوهُ مُخْلِصِينَ لَهُ ٱلدِّينَ ۗ ٱلْحَمْدُ لِلَّهِ رَبِّ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿٦٥﴾ ۞ قُلْ إِنِّى نُهِيتُ أَنْ أَعْبُدَ ٱلَّذِينَ تَدْعُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ لَمَّا جَآءَنِىَ ٱلْبَيِّنَٰتُ مِن رَّبِّى وَأُمِرْتُ أَنْ أُسْلِمَ لِرَبِّ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿٦٦﴾

[1]- الدرالمنثور ( 5 / 244 )

هُوَ ٱلَّذِى خَلَقَكُم مِّن تُرَابٍ ثُمَّ مِن نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ يُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوٓا۟ أَشُدَّكُمْ ثُمَّ لِتَكُونُوا۟
شُيُوخًا ۚ وَمِنكُم مَّن يُتَوَفَّىٰ مِن قَبْلُ ۖ وَلِتَبْلُغُوٓا۟ أَجَلًا مُّسَمًّى وَلَعَلَّكُمْ تَعْقِلُونَ ﴿٦٧﴾ هُوَ ٱلَّذِى يُحْىِۦ وَيُمِيتُ ۖ فَإِذَا
قَضَىٰٓ أَمْرًا فَإِنَّمَا يَقُولُ لَهُۥ كُن فَيَكُونُ ﴿٦٨﴾ ﴾ ( غافر )

”الله اهو ئي آهي جنهن اوهان لاءِ رات کي پيدا ڪيو ته منجهس آرام وٺو ۽ ڏينهن کي اوهان جي (هڪ ٻئي کي) ڏسڻ لاءِ (پيدا ڪيو) بيشڪ الله ماڻهن تي فضل (ڪرڻ) وارو آهي پر گهڻا ماڻهون شڪر نه ڪندا آهن. اهو الله اوهان جو پالڻهار هر شيءِ کي خلقيندڙ آهي ان کان سواءِ ڪو ٻيو عبادت جي لائق نه آهي پوءِ اوهين ڪيڏانهن ڦيريا وڃو ٿا. اهڙي طرح اهي سنئين راهه کان ڀلايا ويندا آهن جن الله ﷻ جي آيتن جو انڪار ڪيو الله اهو ئي آهي جنهن اوهان لاءِ زمين کي آرام جو هنڌ ۽ آسمان کي ڇت بڻايو. ۽ اوهان جون شڪليون تمام چڱيون بنايائين ۽ اوهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين. اهو الله اوهان جو پالڻهار آهي پوءِ جهانن جو پالڻهار وڏين برڪتن وارو آهي. اهو (سدائين) جيئرو آهي ان کان سواءِ ڪو عبادت لائق نه آهي تنهن ڪري ان لاءِ (پنهنجيءَ) عبادت کي خالص ڪري ڪيس سڏيو. سڀ ساراهه خاص جهانن جي پالڻهار الله ﷻ کي جڳائي. (اي پيغمبر ڪين) چؤ ته الله کان سواءِ جن کي (اوهين) سڏيندا آهيو تن جي پوڄا کان آءٌ منع ڪيو ويو آهيان. جڏهن منهنجي پالڻهار وٽان مون وٽ (صاف) نشانيون آهن ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته آءُ جهانن جي پالڻهار جو فرمان بردار ٿي رهان. الله ﷻ اهو آهي جنهن اوهان کي مٽيءَ مان بڻايو. وري نطفي مان وري رت جي دڳ مان وري اوهان کي ٻار ڪري ڪڍي ٿو. وري ( ڇڏي ٿو) ته اوهين پنهنجي پوري سگهه کي پهچو. وري (ڇڏي ٿو) ته ٻڍڙا ٿيو ۽ اوهان مان اڳي ڪنهن کي ماريو ويندو آهي ۽ (ڇڏي ٿو) ته مقرر مدت کي پهچو ۽ من اوهين سمجهو. الله اهو آهي جيڪو جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ڪم جو حڪم ڪندو آهي تڏهن ان کي رڳو چوندو آهي ته ” ٿيءُ“ ته ٿي پوندو آهي.

<u>تشريح:-</u> هنن آيتن ۾ الله تعالیٰ جي ربوبيت جو بيان ٿيل آهي ۽ سندس ربوبيت جو شان ٻڌايل آهي. اهي صفتون غير الله ۾ ڪنهن جي لاءِ به نه آهن نه ملائڪن نه نبين نه ولين نه جيئرن نه مئلن. بلڪ رب العٰلمين پنهن جي صفتن ۾ وحده' لا شريک له' آهي. سڀ ڪجهه انهيءَ جي هٿ ۾ آهي تنهن ڪري انهيءَ هڪ کي پنهنجو رب ۽ ڏٽي سمجهيو وڃي. ۽ نفعو نقصان سيئي ڪم ان ٻاران سمجهيا وڃن.

خلاصو :- هنن آيتن جو مقصد هي آهي تہ پيدا ڪرڻ رزق ڏيڻ يا نہ ڏيڻ آسمان، زمين، رات ۽ ڏينهن جو پيدا ڪرڻ ۽ سنڀالڻ انسان جي درجہ بدرجہ پيدائش ٻار، پوءِ جواني پوءِ پيري پوءِ موت انهي ۽ هڪ الله جو شان آهي ۽ اهو ئي سدائين زنده ۽ موت ۽ هلاڪي يا نقصان ۽ عيبن کان پاڪ ڪنهن بہ شيءِ جي بنائڻ لاءِ صرف هن جي حڪم جي ضرورت آهي. صرف ڪن ( ٿي پؤ) چوڻ سان ٿي پوي ٿو. اهو آهي شان رب العٰلمين جو.

هاڻ چند حديثون لکجن ٿيون

مسند احمد، ترمذي، ابن ماجہ، مستدرڪ الحاڪم ۾ عمرﷺ کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ : لَوْ أَنَّكُمْ تَوَكَّلُونَ عَلَى اللَّهِ تَعَالَى حَقَّ تَوَكُّلِهِ لَرَزَقَكُمْ كَمَا يَرْزُقُ الطَّيْرَ تَغْدُو خِمَاصًا وَتَرُوحُ بِطَانًا. ([1])

”جيڪڏهن توهين الله تي پورو توڪل ۽ ڀروسو رکو تہ توهان کي بہ ائين رزق عطاء فرمائي جيئن پکين کي عطاء فرمائي ٿو. جيڪي صبح جو پيٽ خالي نڪرن ٿا ۽ شام جو پيٽ ڀري پهچن ٿا.“

تشريح :- هن حديث مان تعليم ملي ٿي تہ رزق يا ٻين ضرورتن لاءِ ٻين دروازن، درگاهن تي ڀٽڪڻ جي بجاءِ هڪ الله جي در تي حاضري ڏئي ان کي ٻڌائڻ گهرجي. ڏسو اهو پکي ۽ جانور نہ درگاهن تي پنن ٿا، نہ تہ وري ڪنهن پيرجي پاس ٻاسين، نہ ڪنهن جو وسيلو وٺن، بلڪ هڪ الله تي توڪل رکي پنهنجي رزق لاءِ نڪرن ٿا. تہ رب العٰلمين انهن کي ۽ انهن جي ٻچن کي پورو رزق ڏئي ٿو، جنهن سان هو پنهنجو پيٽ ڀري خوش ٿين ٿا. ان طرح اسان کي بہ غير الله ڏي واجهائڻ نہ گهرجي، نہ بت ڏي، نہ ڪنهن قبر ڏي، نہ درگاهہ ڏي نہ ڪنهن عَلَمَ يا تابوت ڏي ۽ نڪي وسيلي جهڙي. نہ بدعت ۾ غرق ٿيڻ گهرجي، بلڪ هڪ الله ﷻ تي توڪل رکي پنهنجي معيشت ۽ روزگار جي تلاش ۾ مصروف رهڻ گهرجي .الله تعالیٰ انهن کي رزق ڏيندو ۽ مقصد پورا ڪندو.

عَنْ أَبِى هُرَيْرَةَ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ –صلى الله عليه وسلم– قَالَ « خَرَجَ سُلَيمَان عَلَيه السلَام يَسْتَسْقِى فَرَأَي نَمْلَة مُسْتَلقيَة عَلَى ظَهْرِهَا رَافِعَة قَوَائمهَا إِلَى السَّمَاءِ تَقُوْلُ اَللّٰهُمَّ إِنَّاخَلْقٌ منْ خَلْقك لَيْسَ بنَا غِنيً عَنْ سقياك فَقَالَ ارْجِعُوا فَقَد سقِيْتمْ بِدَعْوَةِ غَيْرِكُمْ ». ([2])

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 5 / 344 ) حديث رقم ( 2344 ) ، سنن الترمذي ( 8 / 342 ) كِتَاب الزُّهْدِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب فِي التَّوَكُّلِ عَلَى اللَّهِ حديث رقم ( 2266 ) ، الجامع الصغير ( 2 / 128 )

[2]- مختصر إرواء الغليل ( 1 / 135 ) حديث رقم ( 670 ) ، المستدرك على الصحيحين للحاكم ( 3 / 237 ) حديث رقم ( 1161 ) ، مسند أحمد ، بلوغ المرام ( 104 )

”ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته سليمان عليه السلام مينهن جي طلب جي دعا گهرڻ واسطي نڪتو. پوءِ هڪ ماڪوڙي ڏٺائين جا پٺيءَ ڀر ٽنگون آسمان ڏانهن ڪنيون چئي رهي هئي ته اي الله! اسين به تنهن جي مخلوق آهيون، اسين پاڻي پيئارڻ جا محتاج آهيون. پوءِ سليمان عليه السلام فرمايو ته توهان ڪي ٻين جي دعا ئي ڪافي آهي.“

تشريح :- يعني سليمان عليه السلام جي ۽ ان جي اصحابن جي دعا ڪان اڳ ۾ ئي الله تعالىٰ ان ماڪوڙيءَ جي دعا قبول فرمائي ۽ بارش ڪي موڪليو، ثابت ٿيو ته الله تعالىٰ سڀني شين جو مالڪ ۽ سنڀاليندڙ آهي.

جيئن ارشاد آهي ته :

﴿ اللَّهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ وَكِيلٌ ﴿٦٢﴾ ﴾ ( الزمر )

”هر هڪ شيءِ جو خالق هڪ الله آهي ۽ سڀ ڪنهن جو نگهبان ۽ ذميدار الله آهي.“

انسان کي الله وڏو عقل ۽ شعور بخشيو آهي. پوءِ غور ڪري هڪ بي سمجهه جانور به پنهنجي ڏٽيءَ ڪي سڃاڻي ٿو ۽ انهيءَ هڪ ڪان پنهنجون حاجتون گهري ٿو ۽ پاڻ سمجهدار ٿي ڪري ڪيئن ٻين درگاهن تي وڃي ٿو ۽ مئل محتاجن ڪان پنهنجين مرادن لاءِ عرض ڪري ٿو. مگر مسلمان صرف الله جي درگاه ۾ عرض ڪندو آهي. هن مضمون کي شاعر توحيد مولوي احمد ملاح صاحب مرحوم (بدين) هن طرح نظم ڪيو آهي :

آهه هر احوال ۾ الله اڪبر ڪي عرض
پيش پرور پاند پر ۾، پر نه ڪنهن پر ڪي عرض
قرب مان قربان تنهن تان جو قريبن ڪان قريب
غير حاضر هٽ نه ڏئي، توهان ناصر ڪي عرض
جو ڏسڻ ڪان ڏور ٿيو، تنهن ڪان پنان ڏينهن رات
ڏات ناهي دم دربان يا ديوار، ۽ در ڪي عرض
مير مرسل مصطفىٰ معلوم مڙئي ڪار يوم
ناهي سوا رب سوا، سونهي به ساتر ڪي عرض
ڪير ٻيو قوت نه ڏئي، ياقوت ۽ ياقوت پن
قوت، قوت جو قوي، قيوم قادر ڪي عرض
ڪالهه جن جون ڪورٿون، سي اڄ ٻڌن ڪنهن جي نه ڪوڪ
سؤ دفعا توٽي ڪرين، سلطان سنجر ڪي عرض

پر وڏو ۽ بار برسو پروسو بار ئي متي
راهبر تي روهه ۾، رحمٰن رهبر کي عرض
چئي احد ”احمد “ وري گھوڙا! گھڻن کان ڪيئن گھران
هيڪ کي بس، هيڪ کي بس، هيڪ داور کي عرض ([1])

عَنْ أَنَسٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِيَسْأَلْ أَحَدُكُمْ رَبَّهُ حَاجَتَهُ كُلَّهَا حَتَّى يَسْأَلَهُ الْمِلْحَ وَحَتَّى يَسْأَلَهُ شِسْعَ نَعْلِهِ إِذَا انْقَطَعَ. ([2])

”انس ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته اوهان مان هرڪو شخص پنهنجا ڪم هڪ الله کان گھري تان جو لوڻ يا جڏهن جتي ڪڇٽو (ڪَهِي) ٽٽي پوي.“

تشريح:- هن حديث مان اسان کي تعليم ملي ٿي ته هر ننڍي وڏي شيءِ جنهنجي ضرورت پوي ان جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي محنت ڪرڻ سان گڏ هڪ الله کان گھري نه ٻي ڪنهن درگاهه کان.

*-*-*

## فصل پنجون

# تقدير

دنيا ۾ جو ڪجھه ٿيو آهي يا ٿي رهيو آهي يا ٿيندو. سڀ ڪجھه الله جي علم ۽ جاڻ ۾ آهي ۽ وٽس لکيل آهي. ان جو نالو تقدير آهي. جنهن تي ايمان رکڻ ضروري آهي. جيئن ته هڪ حديث ۾ اهو ذڪر آهي ته جبرئيل عليه السلام رسول الله ﷺ وٽ انسان جي صورت ۾ ٿي آيو ۽ ايمان، اسلام ۽ احسان بابت سوال ڪيائين پوءِ پاڻ ان کي ايمان بابت هي سمجھايائون ته :

َنْ تُؤْمِنَ بِاللَّهِ وَمَلَائِكَتِهِ وَكُتُبِهِ وَرُسُلِهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَتُؤْمِنَ بِالْقَدَرِ خَيْرِهِ وَشَرِّهِ قَالَ صَدَقْتَ. ([3])

”ايمان هي آهي تون الله ﷻ ۽ ان جي ملائڪن، ڪتابن ۽ رسولن ۽ هر تقدير چڱي خواهه بريءَ تي يقين رکين. هن چيو ته اوهان سچ فرمايوآهي.“

---

[1]- هيڪڙائي حق ( 4 )

[2]- السلسلة الضعيفة ( 3 / 361 ) حديث رقم ( 1362 ) ، سنن الترمذي ( 12 / 47 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب لِيَسْأَلْ الْحَاجَةَ مَهْمَا صَغُرَتْ حديث رقم ( 3536 ) ، الترمذي مع تحفة الأحوذي ( 4 / 292 )

[3]- صحيح مسلم ( 1 / 87 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب بَيَانِ الْإِيمَانِ وَالْإِسْلَامِ وَالْإِحْسَانِ حديث رقم ( 9 )

عَنْ عَلِيٍّ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا يُؤْمِنُ عَبْدٌ حَتَّى يُؤْمِنَ بِأَرْبَعٍ يَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَأَنِّي رَسُولُ اللَّهِ بَعَثَنِي بِالْحَقِّ وَيُؤْمِنُ بِالْمَوْتِ وَبِالْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ وَيُؤْمِنُ بِالْقَدَرِ. ([1])

”علي ﷛ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته کو به ٻانهو تيسين مؤمن نٿو ٿئي جيسين چئن ڳالهين تي ايمان نه آڻي.

- شاهدي ڏئي ته هڪ الله ﷻ کانسواءِ ٻيو کو معبود ناهي ۽ آئون الله جو رسول آهيان مون کي حق سان موڪليو اٿس .
- موت کي برحق مڃي.
- موت کان بعد وري قيامت جي ڏينهن اٿڻ تي يقين رکي.
- ۽ تقدير کي مڃي ۽ ان تي يقين رکي.

تشريح :- ثابت ٿيو ته تقدير تي يقين رکڻ مومن لاءِ لازم آهي. ايستائين جو عبدالله بن عمر رضي الله عنهما قسم کڻي فرمائي ٿو ته :

لَوْ أَنَّ لِأَحَدِهِمْ مِثْلَ أُحُدٍ ذَهَبًا فَأَنْفَقَهُ مَا قَبِلَ اللَّهُ مِنْهُ حَتَّى يُؤْمِنَ بِالْقَدَرِ. ([2])

۽ انهن مان کو به جبل احد جيترو سون خيرات کري، تڏهن به الله تعالىٰ ان کي قبول نه فرمائيندو جيستائين تقدير تي ايمان ۽يقين نه رکي.“

تقدير جي سمجهڻ لاءِ هتي کجھ آيتون لکجن ٿيون :

﴿وَكَانَ أَمْرُ ٱللَّهِ قَدَرًا مَّقْدُورًا ﴿٣٨﴾﴾ ( الأحزاب )

”الله جو امر (حکم يا کم) نهرايل مقرر آهي.“

تشريح :- ثابت ٿيو ته سيئي کم الله جي تقدير ۾ لکيل آهن. حافظ ابن کثير هن آيت جي تفسير ۾ لکي ٿو ته :

أي:وكان أمره الذي يقدِّره كائنًا لا محالة، وواقعًا لا محيد عنه ولا معدل، فما شاء [الله] كان، وما لم يشأ لم يكن. ([3])

﴿مَآ أَصَابَ مِن مُّصِيبَةٍ فِى ٱلْأَرْضِ وَلَا فِىٓ أَنفُسِكُمْ إِلَّا فِى كِتَٰبٍ مِّن قَبْلِ أَن نَّبْرَأَهَآ ۚ إِنَّ ذَٰلِكَ عَلَى ٱللَّهِ يَسِيرٌ ﴿٢٢﴾ لِّكَيْلَا تَأْسَوْا۟ عَلَىٰ مَا فَاتَكُمْ وَلَا تَفْرَحُوا۟ بِمَآ ءَاتَىٰكُمْ ۗ وَٱللَّهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُورٍ ﴿٢٣﴾﴾ (الحديد)

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 5 / 145 ) حديث رقم ( 2145 ) ، سنن الترمذي ( 8 / 37 ) كِتَاب الْقَدَرِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي الْإِيمَانِ بِالْقَدَرِ خَيْرِهِ وَشَرِّهِ حديث رقم ( 2071 ) ، رواه الترمذي و ابن ماجه – مشكاة المصابيح ( 22 )

[2]- صحيح مسلم ( 1 / 87 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب بَيَانِ الْإِيمَانِ وَالْإِسْلَامِ وَالْإِحْسَانِ حديث رقم ( 9 ) ، صحيح مسلم مع النووي (1 / 27 )

[3]- تفسير ابن كثير ( 3 / 492 )

”يعني ته الله جا جيڪي به حڪم تقدير ۾ لکيل آهن سي ضرور واقع ٿيڻ وارا آهن انهن کان نه بچڻ جي واٽ آهي نه هٽڻ جي. پوءِ جيڪي الله گهريوسوٿيندو .جيڪي نه گهريو سونه ٿيندو. “ڪابه مصيبت نڪي زمين ۾ نڪي اوهان جي جندن ۾ پهچندي آهي. پر انهيءَ کان اڳ جو ان کي پيدا ڪريون. هڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي بيشڪ اهو (ڪم) الله کي آسان آهي هن ڪري (اها خبر ڏني اٿون) ته جيڪي اوهان جي هٿن مان ويو تنهن تي ارمان نه ڪريوءِ جيڪي اوهان کي عطا ڪيائين تنهن تي خوشي نه ڪريو. الله سڀ ڪنهن هنيلي پاڻ پڏائيندڙ کي دوست نه رکندو آهي.“

تشريح :- هن آيت مان ثابت ٿيو ته انسان کي ڪا به تڪليف پهچي تي يا ڪا نعمت نصيب ٿئي تي سا ان جي پهچڻ کان اڳي الله وٽ لکيل آهي . اها ئي ان جي تقدير آهي. ۽ تڪليف يا نقصان پهچڻ تي صبر ڪري الله جي تقدير کي مڃي پنهنجي ڪم کي لڳي وڃي ۽ نااميد نه ٿئي مثلاً :

هاريءَ کي هڪ دفعو آبادي ۾ نقصان ٿيو ته هو وري ٻيو ڀيرو پوکڻ جي ڪوشش ڪندو. صرف ان اميد تي ته من منهنجي قسمت ۾ چڱو لکيل هجي. ۽ جيڪڏهن ڪا نعمت حاصل ٿئي ته ڀانهو ان جو شڪر ادا ڪري. اهو عقيدو رکي ته منهنجي تقدير ۽ نصيب ۾ مون لاءِ اها ڀلائي لکيل هئي ۽ صرف پنهنجي هٿن جي ڪمائي يا هنر يا ڄاڻ کان نه سمجهي ۽ نه ان تي ڀاور ڪري نه ئي فخر ۽ تڪبر ڪري. اها به عادت الله کي پسند نه آهي.

ناظرين ! ڪي فاسد عقيدي وارا ماڻهوچوندا آهن ته جڏهن تقدير ۾ سڀ ڪجهه لکيل آهي ته پوءِ اسان جو ڪهڙو ڏوهه عمل ڪيون يا نه ڪيون ساڳي ڳالهه آهي. مگر اهو سوال محض جاهلانه ۽ بيهوده آهي. چو ته اهي ساڳيا ماڻهون پنهنجي ذاتي ڪمن ۾ انهيءَ عذر کي نه ڏسندا آهن، مگر پنهنجي محنت ۽ ڪوشش ۾ لڳا رهندا آهن. باجود هن جي ته اهو ئي ٿيندو جو ڪجهه تقدير ۾ لکيل هوندو نفعو يا نقصان. مگر پوءِ به ڪوشش ڪن ٿا ۽ ڪوشش نه ڪرڻ وارن تي ملامت ڪن ٿا.

مثلاً : بيماريءَ جي علاج نه ڪرڻ واري جي مذمت ڪندا آهن. حالانڪ تقدير ۾ ان لاءِ صحت لکيل هوندي ته پوءِ هو علاج ڪري يا نه ڪري تندرست ٿي ويندو ۽ جي نه لکيل هوندو ته ڪيڏو به علاج ڪري مگر شفاياب نه ٿيندو. اهڙي طرح هاريءَ جو ٻنيءَ جي پاڻيءَ کي سنيالڻ ۽ پوک تان جهار هڪلڻ به تقدير جي تحت آهي جو پاڻي جو ڦڙو يا ان جو داڻو تقدير ۾ لکي مطابق هوندو سو ڪڏهن نه ويندو ۽ جهار هڪلي يا نه ۽ پاڻي سنڀالي يا نه. پر جو قطرو يا داڻو تقدير مطابق ضايع ٿيڻو هوندو ته ان کي هاري نٿو بچائي

سگهي. چاهي رات ڏينهن پاڻيءَ تي پهرو ڏئي يا سخت جهولن ۽ گرمين ۾ پيهي تي بيهي جهار هڪلي. انهن ماڻهن کي پنهنجي گريبان ۾ نهارڻ گهرجي ته پنهنجي سوال تي خود ڪيتري قدر ڪار بند آهن؟ مطلب ته اسان کي پنهنجي محنت جاري رکڻ گهرجي ۽ نتيجو الله تعالىٰ جي حوالي ڇڏڻ گهرجي.

ناظرين !تقدير تي ايمان رکڻ جو حڪم آهي مگر ان تي بحث مباحثو ڪرڻ کان سخت منع آئي آهي. ڇو ته ان ۾ ايمان جو خطرو آهي . ڪيترائي سمجهدار ماڻهو گمراه ٿي ويا.

تنهن ڪري بحث کان پاسو ڪري ان تي ايمان آڻڻ گهرجي. چناچه سنن ابن ماجه ۾ أم المؤمنين عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي ته : رسول الله ﷺجن فرمايو :

” مَنْ تَكَلَّمَ فِي شَيْءٍ مِنْ الْقَدَرِ سُئِلَ عَنْهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَمَنْ لَمْ يَتَكَلَّمْ فِيهِ لَمْ يُسْأَلْ عَنْهُ “. ([1])

” جو شخص تقدير جي بابت جيترو ڳالهائيندو ان بابت قيامت ۾ سوال ڪيو ويندو ۽ جوان بابت ڪجهه نه ڳالهائيندو ته ان کان ان بابت سوال نه ٿيندو“.

۽ ٻي حديث ۾ ڪائنئن منقول آهي ته :

صِنْفَانِ مِنْ أُمَّتِي لَيْسَ لَهُمَا فِي الْإِسْلَامِ نَصِيبٌ الْمُرْجِئَةُ وَالْقَدَرِيَّةُ. ([2])

”منهنجي امّت ۾ ٻه فرقا ٿيندا جن جو اسلام ۾ڪو ڀاڱو ڪونهي. هڪ مرجيه ۽ٻيو قدريه . (يعني تقدير جو انڪار ڪرڻ وارا.“

تنهنڪري مسلمانن کي هي عقيدو رکڻ گهرجي ته الله جي لکيل تقدير مطابق مون کي جوڪجهه پهچڻو هوندو سوئي پهچندو. جيئن حڪم آهي ته :

﴿ قُل لَّن يُصِيبَنَآ إِلَّا مَا كَتَبَ ٱللَّهُ لَنَا هُوَ مَوْلَىٰنَاۚ وَعَلَى ٱللَّهِ فَلْيَتَوَكَّلِ ٱلْمُؤْمِنُونَ ﴿٥١﴾ ﴾ ( التوبة )

”اي پيغمبر! چئو ته جيڪي الله اسان لاءِ لکيو آهي تنهن کان سواءِ ٻيو ڪجهه اسان کي ڪڏهن نه پهچندو. اهو اسان جو سنڀاليندڙ آهي. ۽ مومنن کي صرف الله تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي.

هن بابت سمجهائڻ لاءِ ڪجهه حديثون لکجن ٿيو :

عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عَمْرِو بْنِ الْعَاصِ قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ كَتَبَ اللَّهُ مَقَادِيرَ الْخَلَائِقِ قَبْلَ أَنْ يَخْلُقَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ بِخَمْسِينَ أَلْفَ سَنَةٍ قَالَ وَعَرْشُهُ عَلَى الْمَاءِ. ([3])

---

[1]- صحيح وضعيف سنن ابن ماجة ( 1 / 156 ) حديث رقم ( 84 ) ، سنن ابن ماجه ( 1 / 92 ) كِتَاب الْمُقَدِّمَة بَاب فِي الْقَدَرِ حديث رقم ( 81 )

[2]- ضعيف الجامع حديث رقم ( 3498 ) ، الجامع الصغير ( 2/ 215 ) بحواله تاريخ البخاري ، والترمذي وابن ماجه ، من حديث ابن عباس رضى الله عنه و بحواله ابن ماجه من حديث جابر و بحواله خطيب من حديث ابن عمرو بحواله طبراني اوسط من حديث ابي سعيد رضى الله عنه.

[3]- صحيح مسلم ( 13 / 117 ) كِتَاب الْقَدَرِ بَاب حِجَاجِ آدَمَ وَمُوسَى عَلَيْهِمَا السَّلَام حديث رقم ( 4797 )

”عبدالله بن عمرو کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته الله تعالیٰ سيني مخلوقن جون تقديرون آسمانن ۽ زمينن جي پيدا ڪرڻ کان پنجاهه هزار سال اڳي لکي ڇڏيون هيون ۽ سندس عرش پاڻي کان مٿان هو.“

عَنْ طَاوُسٍ أَنَّهُ قَالَ أَدْرَكْتُ نَاسًا مِنْ أَصْحَابِ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُونَ كُلُّ شَيْءٍ بِقَدَرٍ قَالَ وَسَمِعْتُ عَبْدَ اللَّهِ بْنَ عُمَرَ يَقُولُ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كُلُّ شَيْءٍ بِقَدَرٍ حَتَّى الْعَجْزِ وَالْكَيْسِ أَوْ الْكَيْسِ وَالْعَجْزِ. ([1])

”امام طاؤس فرمائي ٿو ته ڪيترن اصحابن کي مليس جن چيو ٿي ته سڀ شيءِ الله جي تقدير سان آهي ۽ مون عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان ٻڌو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته هر شيءِ تقدير سان آهي حتاڪ ڪنهن جي ڪمزوري يا هيٺائي يا قوت يا دانائي سڀ ڪجهه تقدير مطابق آهي.“

عَنْ ابْنِ مَسْعُودٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ قَالَ حَدَّثَنَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ الصَّادِقُ الْمَصْدُوقُ أَنَّ خَلْقَ أَحَدِكُمْ يُجْمَعُ فِي بَطْنِ أُمِّهِ أَرْبَعِينَ يَوْمًا أَوْ أَرْبَعِينَ لَيْلَةً ثُمَّ يَكُونُ عَلَقَةً مِثْلَهُ ثُمَّ يَكُونُ مُضْغَةً مِثْلَهُ ثُمَّ يُبْعَثُ إِلَيْهِ الْمَلَكُ فَيُؤْذَنُ بِأَرْبَعِ كَلِمَاتٍ فَيَكْتُبُ رِزْقَهُ وَأَجَلَهُ وَعَمَلَهُ وَشَقِيٌّ أَمْ سَعِيدٌ ثُمَّ يَنْفُخُ فِيهِ الرُّوحَ فَإِنَّ أَحَدَكُمْ لَيَعْمَلُ بِعَمَلِ أَهْلِ الْجَنَّةِ حَتَّى لَا يَكُونُ بَيْنَهَا وَبَيْنَهُ إِلَّا ذِرَاعٌ فَيَسْبِقُ عَلَيْهِ الْكِتَابُ فَيَعْمَلُ بِعَمَلِ أَهْلِ النَّارِ فَيَدْخُلُ النَّارَ وَإِنَّ أَحَدَكُمْ لَيَعْمَلُ بِعَمَلِ أَهْلِ النَّارِ حَتَّى مَا يَكُونُ بَيْنَهَا وَبَيْنَهُ إِلَّا ذِرَاعٌ فَيَسْبِقُ عَلَيْهِ الْكِتَابُ فَيَعْمَلُ عَمَلَ أَهْلِ الْجَنَّةِ فَيَدْخُلُهَا. ([2])

”ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته اسان کي رسول لله ﷺ جن حديث ٻڌائي پاڻ سچا ۽ الله جي طرفان سچا چيل آهن فرمايائون ته اوهان مان هر ڪنهنجي پيدائش ماءُ جي پيٽ ۾ چاليهن ڏيهن تائين نطفه جي صورت ۾ گڏ ٿيل رهي ٿي. انکان پوءِايتري مدت جميل رت جي صورت ۾، پوءِ ايتري مدت گوشت جي ٽڪري جي صورت ۾ رهي ٿي. ان کان پوءِ الله تعالیٰ ان ڏانهن هڪ فرشتي کي موڪلي ٿو جو چار ڳالهيون لکي ٿو:

(1) سندس عمل
(2) سندس حياتيءَ جو معياد
(3) سندس رزق
(4) سڀاڳو هوندو يا نڀاڳو

---

[1]- صحيح مسلم ( 2 / 436 ) كِتَاب الْقَدَرِ بَاب كُلُّ شَيْءٍ بِقَدَرٍ حديث رقم ( 4799 )

[2]- صحيح البخاري ( 22 / 466 ) كِتَاب التَّوْحِيدِ بَاب قَوْلِهِ تَعَالَى ﴿وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِينَ﴾ حديث رقم ( 6900 ) ، صحيح مسلم ( 13 / 100 ) كِتَاب الْقَدَرِ بَاب كَيْفِيَّةِ خَلْقِ الْآدَمِيِّ فِي بَطْنِ أُمِّهِ وَكِتَابَةِ رِزْقِهِ وَأَجَلِهِ وَعَمَلِهِ وَشَقَاوَتِهِ وَسَعَادَتِهِ حديث رقم ( 4781 ) ، مشكاة المصابيح ( 20 )

پوءِ منجهس ساهه ڦوڪيو ويندو. پوءِ قسم ان الله تعالىٰ جو جنهن ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ معبود ناهي تہ اوهان مان ڪو بہ بهشتين وارو عمل ڪري ٿو ۽ ان ڪي ايترو ويجهو ٿئي ٿو تانجو انجي ۽ بهشت جي وچ ۾ هڪڙيءَ نريءَ جيترو فرق رهي ٿو. مگر تقدير جو لکيل فيصلو ان تي غالب اچي ٿو. ۽ آخر ۾ جهنمين وارو ڪم ڪري ٿو پوءِ ان ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ ڪو اوهان منجهان جهنمين وارا ڪم ڪري ٿو تان جو ان جي ۽ جهنم جي وچ ۾ هڪڙي نري جيترو فرق رهي ٿو مگر تقدير جو فيصلو غالب اچي ٿو ۽ آخر ۾ جنت وارو ڪم ڪري ٿو تہ پوءِ ان ۾ داخل ٿئي ٿو.“

تشريح :- يعني تہ انسان جا آخري عمل اهي ئي هوندا آهن جيڪي تقدير ۾ لکيل آهن. تنهنڪري بندي کي سواءِ هن جي ڪو ٻيو رستو ناهي تہ هميشہ پنهنجي رب کان دعا گهرندو رهي تہ سندس خاتمو ايمان ۽ جنتين وارن ڪمن تي ٿئي. جو تہ الله جي تقدير بلڪل قديم آهي جيئن متي گذريو تہ آسمان ۽ زمين جي پيدائش کان پنجاهه هزار سال اڳ ۾ لکيل آهي ۽ پنهنجن ملائڪن کي الله خبر ان وقت ڏئي ٿو، جنهن وقت ماءُ جي پيٽ ۾ انسان جو جسم تيار ٿئي ٿو ۽ الله جي علم جي آڏو فرشتن خواهہ ٻين جو علم عاجز آهي. انسان سوچي سندس نصيب الله وٽ تہ اڳيئي لکيل هو پر الله جي فرشتن سندس حڪم سان انسان ۾ ساهه پوڻ کان اڳي ئي لکي ڇڏن ٿا ۽ جيڪي لکن ٿا ان جو تفصيل هي آهي :

(الف) عمل

عمل چڱو هوندو يا برو. اخلاص سان هوندو يا رياء سان. ٿورو هوندو يا گهڻو. عمل ڪرڻ ۾ سست هوندو يا چست. نيڪ ۽ بد عملن مان ڪنهن سان محبت هوندس ۽ ڪنهن سان نفرت.

(ب) زندگيءَ جو ميعاد

ڪيترا ڏينهن دنيا ۾ جيئندو ڪڏهن مرندو ڪٿي مرندو. ڪهڙي ء طرح مرندو ۽ موت جو سبب ڇا هوندو وغيره.

(ج) رزق

رزق حلال هوندس يا حرام ڪهڙو هوندو؟ ڪٿان ايندو؟ ڪشادو هوندو يا تنگ هوندو اعلىٰ قسم جو هوندو يا هلڪو هوندو وغيره جيڪي بہ ڳالهيون ان سان واسطو رکن ٿيون.

(د) سعادت يا نحوست

يعني ڪنهن بئي جي نياڳائي ڪنهن بئي تائين نہ ٿي پهچي ۽ نہ ڪنهن جي سعادت ڪنهن کي بخت وارو ڪري سگهي ٿي بلڪہ ان جي سياڳائي سندس پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي لکيل آهي.

الحاصل:- انسان کي پنهنجي ڪوشش ۾ رهڻ گهرجي جيئن ايندڙ حديث ۾ آهي :

عَنْ عَلِيٍّ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَا مِنْكُمْ مِنْ أَحَد إِلَّا وَقَدْ كُتِبَ مَقْعَدُهُ مِنْ النَّارِ وَمَقْعَدُهُ مِنْ الْجَنَّة قَالُوا يَا رَسُولَ اللَّه أَفَلَا نَتَّكِلُ عَلَى كِتَابِنَا وَنَدَعُ الْعَمَلَ قَالَ اعْمَلُوا فَكُلٌّ مُيَسَّرٌ لِمَا خُلِقَ لَهُ أَمَّا مَنْ كَانَ مِنْ أَهْلِ السَّعَادَةِ فَيُيَسَّرُ لِعَمَلِ أَهْلِ السَّعَادَة وَأَمَّا مَنْ كَانَ مِنْ أَهْلِ الشَّقَاءِ فَيُيَسَّرُ لِعَمَلِ أَهْلِ الشَّقَاوَةِ ثُمَّ قَرَأَ : ﴿ فَأَمَّا مَنْ أَعْطَىٰ وَاتَّقَىٰ ﴿٥﴾ وَصَدَّقَ بِالْحُسْنَىٰ ﴿٦﴾ ﴾ . ([1])

”علي ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اوهان مان هر هڪ جي لاءِ دوزخ خواه بهشت جي جڳهہ لکي پئي آهي. تڏهن صحابن عرض ڪيو تہ: يا رسول الله ﷺ ! پوءِ ڇو نہ اسين ان لکيي تي ڀروسو ڪيون ۽ عمل ڇڏي ڏيون. پاڻ فرمايائون تہ عمل جاري رکو. ڇو تہ جنهن جاءِ (بهشت يا دوزخ) لاءِ خلقيل آهي ان جي لاءِ رستو سنهنجو ڪيو ويندو. جي نيڪ بخت هوندو تہ ان لاءِ اهي عمل سنهنجا ڪيا ويندا جي بد بخت هوندو تہ ان لاءِ اهي عمل سنهنجا ڪيا ويندا. پوءِ پاڻ تائيد ۾ قرآن جي آيت تلاوت فرمايا ئون تہ: ( ترجمو) ”جنهن شخص الله جي رستي ۾ ڏنو ۽ پرهيزگار ٿيو ۽ الله تعالیٰ کان ڊنو ۽ الله تعالیٰ جي موڪليل سهڻي دين کي سچو مڃيائين ان لاءِ سنهنجي جاءِ ( بهشت) جو رستو سنهنجو ڪنداسون. جو بخيل ٿيو ۽ سچي دين کي ڪوڙو ڄاڻيائين تہ ان لاءِ ڏکي جاءِ جهنم جو رستو سنهنجو ڪنداسين.“

ثابت ٿيو تہ انسان کي عمل جاري رکڻو آهي ۽ ڪوشش ڪرڻي آهي پوءِ جنهن طرف جو هوندو پاڻهي ان لاءِ اوڏانهن جو رستو آسان ٿيندو ويندو. الله تعالیٰ سيني مسلمانن لاءِ بهشت جو رستو آسان بنائي.

عَنْ عُبَادَةَ بْنِ الصَّامِتِ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : إِنَّ أَوَّلَ مَا خَلَقَ اللَّهُ الْقَلَمَ فَقَالَ لَهُ اكْتُبْ ، قَالَ : مَا أَكْتُبُ ؟ قَالَ : اكْتُبْ الْقَدَرَ ، فَكَتَبَ مَا كَانَ وَ مَا هُوَ كَائِنٌ إِلَى الْأَبَدِ. ([2]) قَالَ أَبُو عِيسَى : هَذَا حَدِيثٌ غَرِيبٌ.

---

[1]- صحيح البخاري ( 15 / 303 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ بَاب ﴿ فَسَنُيَسِّرُهُ لِلْيُسْرَىٰ ﴾ حديث رقم ( 4568 ) ، صحيح مسلم ( 13 / 106 ) كِتَاب الْقَدَرِ بَاب كَيْفِيَّةِ خَلْقِ الْآدَمِيِّ فِي بَطْنِ أُمِّهِ وَكِتَابَةِ رِزْقِهِ وَأَجَلِهِ وَعَمَلِهِ وَشَقَاوَتِهِ وَسَعَادَتِهِ حديث رقم ( 4787 ) ، مشكاة المصابيح ( 20 )

[2]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 1 / 752 ) حديث رقم ( 3319 ) ، سنن الترمذي ( 11 / 138 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب وَمِنْ سُورَةِ ن وَالْقَلَمِ حديث رقم ( 3241 )

”عباده بن صامت ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ سڀ کان پهريان الله تعالیٰ قلم کي خلقيو هن کي حڪم ڏنائين تہ لک تہ چيائين تہ ڇا لکان؟ فرمايائين تہ تقدير لک جو ڪجھ ٿيو ۽ قيامت تائين ٿيڻ واريون ڳالهيو لکيائين.

تشريح :- هن حديث مان رهنمائي ٿي تہ الله جو علم ۽ ڄاڻ غير محدود ۽ بي انتها آهي جنهن جي ڪا ابتدا ڪانهي ۽ سڀ ڪجھ ٿيندڙ ڪم ڪيس اڳي ئي معلوم آهن جن جي لکڻ جو قلم کي حڪم فرمايائين ۽ انهيءَ علم ۾ ساڻس ڪو شريڪ نہ آهي.

عَنْ أَبِي خُزَامَةَ عَنْ أَبِيهِ قَالَ قُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ أَرَأَيْتَ رُقًى نَسْتَرْقِيهَا وَدَوَاءً نَتَدَاوَى بِهِ وَتُقَاةً نَتَّقِيهَا هَلْ تَرُدُّ مِنْ قَدَرِ اللَّهِ شَيْئًا قَالَ هِيَ مِنْ قَدَرِ اللَّهِ. ([1])

”ابي خزامه پنهنجي والد ﷛ کان روايت ڪري ٿو تہ مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ خبر ڏيو تہ اسين ڦيڻا رکايون ٿا ۽ دم ڪرايون ٿا يا دوائون وٺون ٿا ۽ ٻيا بچاءَ وٺون ٿا تہ ڀوءِ اهي شيون الله تعالیٰ جي تقدير کي هٽائي سگهن ٿيون ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ اهي سڀ ڪم خود الله جي تقدير جي تحت آهن.“

تشريح: دم ڦيڻو علاج ۽ ٻيون بچاءَ جون صورتون سڀئي ڪوشش جون صورتون آهن. آخر نتيجو الله جي هٿ ۾ آهي جو ڪجھ تقدير ۾ لکيل هوندو سو ٿيندو.

مثلاً:- جنهن جي تقدير ۾ شفا لکيل هوندي ان کي صحيح ۽ مفيد دم ۽ ڦيڻو نصيب ٿيندو يا علاج ۽ دوائون مفيد ان کي ميسر ٿينديون جن سان هو شفاياب ٿئي ۽ جيڪڏهن تقدير ۾ ان لاءِ شفاء يا ان بيمارِيءَ ۾ تندرست ٿيڻ لکيل نہ آهي تہ ان کي مقبول دعا يا قبوليت جو وقت هٿ نہ ايندو ۽ نہ ئي ان کي صحيح علاج ميسر ٿيندو. بلڪ ڪئي ڀيرا مشاهدي ۾ آيو آهي تہ حڪيم ۽ ڊاڪٽر جي ڪوشش جي باوجود مريض سندس علاج سان بيماريءَ ۾ تندرست نہ ٿو ٿئي بلڪ فوت ٿي وڃي ٿو. ان کان بعد ان حڪيم يا ڊاڪٽر کي اها دوا ۽ علاج ذهن ۾ اچي ٿو جو جيڪڏهن بر وقت عمل ۾ آندو وڃي ها تہ مريض ان مرض کان شفاياب ٿئي ها خود اهو حڪيم ۽ ڊاڪٽر بروقت ان جي علاج جي معلوم نہ ٿيڻ يا ذهن ۾ نہ اچڻ تي افسوس ڪري ٿو. هي سڀ ڪجھ تقدير جي دليل لاءِ واضح ثبوت آهي يعني تہ انسان کي علاج ڪرائڻ جو حڪم آهي ۽ هر ڪوشش بہ ڪري ٿو مگر نتيجو اهو ظاهر ٿئي جو تقدير ۾ آهي. ان طرح ٻيون بچاءَ جون صورتون سمجهڻ گهرجن. جيڪڏهن تقدير ۾ ان جو بچاءُ لکيل آهي تہ ان کي هو رستو حاصل

[1]- صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 5 / 65 ) حديث رقم ( 2065 ) ، سنن الترمذي ( 7 / 397 ) كِتَاب الطِّبِّ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي الرُّقَى وَالْأَدْوِيَةِ حديث رقم ( 1991 ) ، رواه أحمد و الترمذي و ابن ماجه - مشكاة المصابيح ( 21-22 )

ٿيندو جي نہ تہ پوءِ ہي صورت ۾ بچاءَ جو رستو ئي ان کي حاصل نہ ٿيندو تہ ٻانهي جي هٿ ۾ صرف ڪوشش آهي.

خلاصو: هنن آيتن ۽ حديثن جو حاصل مطلب هي آهي تہ تقدير تي ايمان ضروري آهي ۽ جو ڪجھ لکيل آهي انکي ڪو نہ ٿو بدلائي سگهي جيئن ارشاد آهي :

﴿وَلَا مُبَدِّلَ لِكَلِمَٰتِ ٱللَّهِ ۚ . . . ﴿٣٤﴾﴾ ( الأنعام )

”الله تعالىٰ جي ڪلمن کي ڪو مٽائڻ وارو نہ آهي. “

تنهنڪري عام جاهلن جو اهو چوڻ تہ فلاڻي جي پٽ کي پير ڏيءُ ڪري ڇڏيو يا فلاڻي کي اولاد نہ هو. پوءِ پير صاحب ان کي اڻ لکيو وني ڏنو فلاڻي جي بزرگن قسمت بدلائي ڇڏي وغيره اهي سڀ ڪفريا ڪلمات آهن ۽ قسمت الله جي تقدير آهي انکي ڪو نہ ٿو بدلائي سگهي ان طرح شاعر جو شعر تہ :

نگاہ مرد مومن سے
بدل جاتی ہیں تقدیریں

انتهائي غلط ۽ الله جي شان ۾ وڏي گستاخي ۽ ان جي خاص صفت جي حق ۾ عظيم جرات آهي جيڪڏهن ڪنهن جي نگاهہ يا نظر ٻئي ڪنهن جي تقدير مٽائي سگهي ٿي تہ نوح عليه السلام جي نظر سندس فرزند جي تقدير بدلائي ها. يا نوح ۽ لوط عليهم السلام پنهنجي گهروارين جي تقدير بدلائين ها يا ابراهيم عليه السلام پنهنجي والد آزر جي تقدير بدلائي ها. يا رسول الله ﷺ پنهنجي چاچي ابو طالب جي تقدير مٽائن ها. مگر ڪو ڪنهن جي تقدير نہ ٿو مٽائي سگهي. ڪنهن جي بہ حق ۾ اهڙو عقيدو رکڻ الله تعالىٰ جي شان ۽ ان جي خاص صفت (علم ۽ تقدير) ۾ شريڪ ڪرڻو آهي. اهو وڏو خطرناڪ شرڪ آهي جو الله جي خزاني سان هٿ چراند ڪئي وڃي. تنهنڪري تقدير تي ايمان توحيد جو خاص حصو آهي. ان ۾ شڪ يا انڪار شرڪ جو اولين جزو آهي چو تہ جنهن کي تقدير تي يقين آهي سو هر سک ۽ ڏک ۾ الله جو در نہ ڇڏيندو بلڪ هر حال ۾ صبر ۽ شڪر سان ان کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو چو تہ ان جو عقيدو اهو ئي هوندو تہ الله جي تقدير ڪونہ ٿو بدلائي سگهي. يا باقي ان هڪڙي جل شانه جي وس ۾ آهي تہ جنهن فيصلي کي بدلائي يا برقرار رکي.

جيئن تہ فرمائي ٿو تہ :

﴿يَمْحُوا۟ ٱللَّهُ مَا يَشَآءُ وَيُثْبِتُ ۖ وَعِندَهُۥٓ أُمُّ ٱلْكِتَٰبِ ﴿٣٩﴾﴾ ( الرعد )

”۽ جيڪي الله کي وڻندو آهي سوميٺيندو آهي ۽ قائم رکندو آهي ۽وٽس ڪتاب آهي.“
تنهنڪري صحيح عقيدي وارو ماڻهو الله جو در ڇڏي ٻئي درتي نہ ويندوءِ دردر تي اهو ويندو جنهن کي تقدير تي پورو ايمان نہ آهي ۽ دردر تي ڌڪا ۽ ٺابا کائيندورهندو مگر ڪيس ڪجھ هٿ حاصل نہ ٿيندس اهو ڪجھ ٿيندو جو تقديرءِ لکيل آهي . الله تعالیٰ سڀني. مسلمانن کي صحيح عقيدو نصيب ڪري ۽ تقدير تي پختو يقين ۽ اعتقاد بخشي. (آمين)

*-*-*

## باب انون

# توحيد خاطر ڏکن ۽ تڪليفن تي صبر ڪرڻ

شروع ڪتاب ۾ بيان ٿيو ته الله تعالىٰ جا سيئي نبي سڳورا عليهم السَّلام توحيد جي دعوت ڏيندا رهيا ۽ شرڪ جي مذمت ۽ ترديد ڪندا رهيا.

پر اڪثر قومن سندن دعوت تي لبيڪ چوڻ بجاءِ انهن جي مخالفت ڪئي ۽ طرح طرح جا الزام ۽ بهتان انهن تي مڙهيندا رهيا. مثلاً ڪوڙو،مجنون ۽ ديوانو ، جادوگر ، شاعر ، بيوقوف وغيره چوندارهيا جيئن :

﴿كَذَٰلِكَ مَآ أَتَى ٱلَّذِينَ مِن قَبْلِهِم مِّن رَّسُولٍ إِلَّا قَالُواْ سَاحِرٌ أَوْ مَجْنُونٌ ﴿٥٢﴾ أَتَوَاصَوْاْ بِهِۦۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ طَاغُونَ ﴿٥٣﴾﴾( الذاريات )

”جيئن توڪان اڳ ۾ جنهن به نبي اهڙي تعليم(۽توحيد جي دعوت) آندي ٿي ته ان لاءِ چيائون ٿي ته جادوگر آهي ياچريو. ڇا هڪ ٻئي کي اهڙي وصيت ڪندا آيا آهن بلڪ (حقيقت ۾) هو پاڻ سرڪش ۽ نافرمان آهن “ .

تشريح :- يعني ته هڪ ٻئي پويان توحيد جي دعوت ۽شرڪ جي ترديد جي ڪري سدائين نبين عليهم السلام جي مخالفت ڪندا آيا آهن ۽ جنهن به نبي سڳوري اهڙي ڳالهه ڪئي ته ان ۾ مخالفت ڪيائون ۽ انهن کي طرح طرح جا القاب ڏنائون گوياڪ هڪٻئي کي يعني اڳين پوين کي وصيت ڪندا آيا آهن ته جيڪي به اوهان جي آبائي درگاهن ۽ آستانن، جن جي وڏن کان پوڄا ٿيندي رهي آهي ان جي پوڄا جي مخالفت ڪن ۽ چون ته اهي پوڄا جا لائق نه آهن ته انهن کي ڪڏهن به سچو نه مڄجو ۽ انهن جي تقريرن کي ۽ جو ڪجهه ڪلام پيش ڪن ان کي شعر سڏجو ۽ جي ان ۾ اثر۽ ڪشش ڏسو ته پوءِ ان کي جادو سمجهجو. بلڪ ان جي اصل حقيقت هي آهي ته هو پنهنجي جن گناهن، براين ۽ ظلمن ۾ گرفتارهئا، پنهنجين عياشين ۽ مڪارين ۾ مست هئا تن کي ڇڏڻ ۽ انهن مان نڪرڻ لاءِ تيار نه هئا ،هنن کي پنهنجي جڙتو معبودن جوسهاروهو ته هي اسان کي ڊڪيندا ۽ عذاب الاهي کان بچائيندا تنهن ڪري پنهنجي دل کي ڏڍ ڏيڻ خاطرجو به ڪين نصيحت ڪندوهو ته الله ڪانسواءِ ڪوبه پوڄا جي لائق ياگناه بخشيندڙ ۽ ڊڪيندڙ يا مشڪل ڪشا ۽ نفعي نقصان جومالڪ ناهي، ته ان کي ڪوڙو چوندا هئا، جيئن اڄ ڪلهه درگاهن جي

پوڄارين جو رويو آهي .اهڙي صورت ۾الله تبارڪ وتعالىٰ صبرجي ترغيب ڏياري ٿو، جيئن رسول الله ﷺ کي خطاب ڪري ٿو:

﴿ فَٱصۡبِرۡ عَلَىٰ مَا يَقُولُونَ . . . ﴿٣٩﴾ ﴾ ( ق )

” جيڪي ڪجھ تنهنجي حق ۾چون ٿا ان تي صبرڪر. “

﴿ وَمَا صَبۡرُكَ إِلَّا بِٱللَّهِۚ وَلَا تَحۡزَنۡ عَلَيۡهِمۡ وَلَا تَكُ فِي ضَيۡقٖ مِّمَّا يَمۡكُرُونَ ﴿١٢٧﴾ ﴾ ( النحل )

” ۽ اي پيغمبر(ﷺ)صبر ڪر ۽ تنهنجو صبر الله جي توفيق سان آهي ۽ جيڪو فريب ڪندا آهن، تنهن بابت نڪي مٿن ڏک ڪر ۽ نڪي خفي ره. “

نيز الله بيان فرمائي ٿو ته رسول الله ﷺ وانگر اڳين نبين کي ڏک پهتا :

﴿ قَدۡ نَعۡلَمُ إِنَّهُۥ لَيَحۡزُنُكَ ٱلَّذِي يَقُولُونَۖ فَإِنَّهُمۡ لَا يُكَذِّبُونَكَ وَلَٰكِنَّ ٱلظَّٰلِمِينَ بِـَٔايَٰتِ ٱللَّهِ يَجۡحَدُونَ ﴿٣٣﴾ وَلَقَدۡ كُذِّبَتۡ رُسُلٞ مِّن قَبۡلِكَ فَصَبَرُواْ عَلَىٰ مَا كُذِّبُواْ وَأُوذُواْ حَتَّىٰٓ أَتَىٰهُمۡ نَصۡرُنَاۚ وَلَا مُبَدِّلَ لِكَلِمَٰتِ ٱللَّهِۚ وَلَقَدۡ جَآءَكَ مِن نَّبَإِيْ ٱلۡمُرۡسَلِينَ ﴿٣٤﴾ ﴾(الأنعام)

”بيشڪ ڄاڻو ٿا جيڪي اهي چوندا آهن سو توکي ضرور غمگين ڪندو پوءِ اهي توکي نه(رڳو) ڪوڙو چوندا آهن پرظالم الله جي آيتن جوانڪار ڪندا آهن ۽ بيشڪ توکان اڳ گهڻا پيغمبر عليهم السلام ڪوڙا سمجهيا ويندا هئا. پوءِپنهنجي ڪوڙي ڀانئجڻ ۽ پنهنجي ڏکوئجڻ تي ايستائين صبر ڪندا رهيا جيسين ڪين اسان جي مدد پهتيءِ الله جي ڳالهين(يعني انجامن) کي(ڪو به) ڦيريندڙ نه آهي ۽ بيشڪ تو وٽ پيغمبرن جي خبرآئي آهي.“

تشريح :- جيئن ته ڪيتريون قومون پنهنجن نبين عليهم السَّلام کي طرح طرح جا ناجائز القاب ڏينديون رهيون جيئن ته نوح عليه السلام کي بيوقوف ۽ ڪوڙو چيائون (الاعراف- هود- المؤمنون- القمر) صالح عليه السلام کي ڪوڙي چوڻ سان گڏ نياڳو چوڻ لڳا (النمل) لوط عليه السلام کي ڳوٺ مان لوڏڻ جي ڌمڪي ڏنائون (الاعراف_النمل) موسىٰ عليه السلام کي چريوءِ ڪوڙو چيو ويو (الشعراء_القصص_المؤمن) بلڪ نبين عليه السلام کي هر طرح جي تڪليف پهچائڻ ۾ ڪمي نه ڪيائون :

﴿ وَيَقۡتُلُونَ ٱلنَّبِيِّـۧنَ بِغَيۡرِ ٱلۡحَقِّۗ . . . ﴿٦١﴾ ﴾ ( البقرة )

”يعني نبين(عليهم السلام) کي ناحق قتل ڪيائون ٿي.“

الله تعالىٰ انهن کي خطاب ڪندي فرمائي ٿو:

﴿ أَفَكُلَّمَا جَآءَكُمۡ رَسُولُۢ بِمَا لَا تَهۡوَىٰٓ أَنفُسُكُمُ ٱسۡتَكۡبَرۡتُمۡ فَفَرِيقٗا كَذَّبۡتُمۡ وَفَرِيقٗا تَقۡتُلُونَ ﴿٨٧﴾ ﴾ ( البقرة )

”جڏهن بہ ڪنهن پيغمبر اوهان وٽ اهي حڪم آندا ٿي جن ڪي اوهان جي دلين نہ ٿي گهريو تڏهن اوهان(ان ڪي مجڻ ڪان)وڏائي ڪئي ۽ پيعمبرن ڪي قتل ڪيو ٿي.“

۽انهن ڪي طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون ويون :

﴿مَّسَّتْهُمُ ٱلْبَأْسَآءُ وَٱلضَّرَّآءُ وَزُلْزِلُوا۟ حَتَّىٰ يَقُولَ ٱلرَّسُولُ وَٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ مَعَهُۥ مَتَىٰ نَصْرُ ٱللَّهِ ۗ أَلَآ إِنَّ نَصْرَ ٱللَّهِ قَرِيبٌ ﴿٢١٤﴾﴾( البقرة )

”انهن ڪي تڪليفون ۽ ڏک پهتا ۽اهڙو تڙپايا ويا تان جو خود رسول ۽ ان سان گڏ مسلمانن (ڪان دانهن نڪري ويئي ۽) دعائون گهريون تہ الله جي مدد ڪڏهن پهچندي (جواب ۾ چيو ويوتہ ) هوشيارٿيو (يعني دڄو يا نااميد نہ ٿيو) الله جي مدد ويجهي آهي.“

هتي عبرت لاءِ هڪ واقعو لکجي ٿو صحيح مسلم مع النووي ۾ آهي :-

عَنْ صُهَيْبٍ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ كَانَ مَلِكٌ فِيمَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ وَكَانَ لَهُ سَاحِرٌ فَلَمَّا كَبِرَ قَالَ لِلْمَلِكِ إِنِّي قَدْ كَبِرْتُ فَابْعَثْ إِلَيَّ غُلَامًا أُعَلِّمْهُ السِّحْرَ فَبَعَثَ إِلَيْهِ غُلَامًا يُعَلِّمُهُ فَكَانَ فِي طَرِيقِهِ إِذَا سَلَكَ رَاهِبٌ فَقَعَدَ إِلَيْهِ وَسَمِعَ كَلَامَهُ فَأَعْجَبَهُ فَكَانَ إِذَا أَتَى السَّاحِرَ مَرَّ بِالرَّاهِبِ وَقَعَدَ إِلَيْهِ فَإِذَا أَتَى السَّاحِرَ ضَرَبَهُ فَشَكَا ذَلِكَ إِلَى الرَّاهِبِ فَقَالَ إِذَا خَشِيتَ السَّاحِرَ فَقُلْ حَبَسَنِي أَهْلِي وَإِذَا خَشِيتَ أَهْلَكَ فَقُلْ حَبَسَنِي السَّاحِرُ فَبَيْنَمَا هُوَ كَذَلِكَ إِذْ أَتَى عَلَى دَابَّةٍ عَظِيمَةٍ قَدْ حَبَسَتْ النَّاسَ فَقَالَ الْيَوْمَ أَعْلَمُ آلسَّاحِرُ أَفْضَلُ أَمْ الرَّاهِبُ أَفْضَلُ فَأَخَذَ حَجَرًا فَقَالَ اللَّهُمَّ إِنْ كَانَ أَمْرُ الرَّاهِبِ أَحَبَّ إِلَيْكَ مِنْ أَمْرِ السَّاحِرِ فَاقْتُلْ هَذِهِ الدَّابَّةَ حَتَّى يَمْضِيَ النَّاسُ فَرَمَاهَا فَقَتَلَهَا وَمَضَى النَّاسُ فَأَتَى الرَّاهِبَ فَأَخْبَرَهُ فَقَالَ لَهُ الرَّاهِبُ أَيْ بُنَيَّ أَنْتَ الْيَوْمَ أَفْضَلُ مِنِّي قَدْ بَلَغَ مِنْ أَمْرِكَ مَا أَرَى وَإِنَّكَ سَتُبْتَلَى فَإِنْ ابْتُلِيتَ فَلَا تَدُلَّ عَلَيَّ وَكَانَ الْغُلَامُ يُبْرِئُ الْأَكْمَهَ وَالْأَبْرَصَ وَيُدَاوِي النَّاسَ مِنْ سَائِرِ الْأَدْوَاءِ فَسَمِعَ جَلِيسٌ لِلْمَلِكِ كَانَ قَدْ عَمِيَ فَأَتَاهُ بِهَدَايَا كَثِيرَةٍ فَقَالَ مَا هَاهُنَا لَكَ أَجْمَعُ إِنْ أَنْتَ شَفَيْتَنِي فَقَالَ إِنِّي لَا أَشْفِي أَحَدًا إِنَّمَا يَشْفِي اللَّهُ فَإِنْ أَنْتَ آمَنْتَ بِاللَّهِ دَعَوْتُ اللَّهَ فَشَفَاكَ فَآمَنَ بِاللَّهِ فَشَفَاهُ اللَّهُ فَأَتَى الْمَلِكَ فَجَلَسَ إِلَيْهِ كَمَا كَانَ يَجْلِسُ فَقَالَ لَهُ الْمَلِكُ مَنْ رَدَّ عَلَيْكَ بَصَرَكَ قَالَ رَبِّي قَالَ وَلَكَ رَبٌّ غَيْرِي قَالَ رَبِّي وَرَبُّكَ اللَّهُ فَأَخَذَهُ فَلَمْ يَزَلْ يُعَذِّبُهُ حَتَّى دَلَّ عَلَى الْغُلَامِ فَجِيءَ بِالْغُلَامِ فَقَالَ لَهُ الْمَلِكُ أَيْ بُنَيَّ قَدْ بَلَغَ مِنْ سِحْرِكَ مَا تُبْرِئُ الْأَكْمَهَ وَالْأَبْرَصَ وَتَفْعَلُ وَتَفْعَلُ فَقَالَ إِنِّي لَا أَشْفِي أَحَدًا إِنَّمَا يَشْفِي اللَّهُ فَأَخَذَهُ فَلَمْ يَزَلْ يُعَذِّبُهُ حَتَّى دَلَّ عَلَى الرَّاهِبِ فَجِيءَ بِالرَّاهِبِ فَقِيلَ لَهُ ارْجِعْ عَنْ دِينِكَ فَأَبَى فَدَعَا بِالْمِئْشَارِ فَوَضَعَ الْمِئْشَارَ فِي مَفْرِقِ رَأْسِهِ فَشَقَّهُ حَتَّى وَقَعَ شِقَّاهُ ثُمَّ جِيءَ بِجَلِيسِ الْمَلِكِ فَقِيلَ لَهُ ارْجِعْ عَنْ دِينِكَ فَأَبَى فَوَضَعَ الْمِئْشَارَ فِي مَفْرِقِ رَأْسِهِ فَشَقَّهُ بِهِ حَتَّى وَقَعَ شِقَّاهُ ثُمَّ جِيءَ بِالْغُلَامِ فَقِيلَ لَهُ ارْجِعْ عَنْ دِينِكَ فَأَبَى فَدَفَعَهُ إِلَى نَفَرٍ مِنْ أَصْحَابِهِ فَقَالَ اذْهَبُوا بِهِ إِلَى جَبَلِ كَذَا وَكَذَا فَاصْعَدُوا بِهِ الْجَبَلَ فَإِذَا بَلَغْتُمْ ذُرْوَتَهُ فَإِنْ رَجَعَ عَنْ دِينِهِ وَإِلَّا فَاطْرَحُوهُ فَذَهَبُوا بِهِ فَصَعِدُوا بِهِ الْجَبَلَ فَقَالَ اللَّهُمَّ اكْفِنِيهِمْ بِمَا شِئْتَ فَرَجَفَ بِهِمْ الْجَبَلُ فَسَقَطُوا وَجَاءَ يَمْشِي إِلَى الْمَلِكِ فَقَالَ لَهُ الْمَلِكُ مَا فَعَلَ أَصْحَابُكَ قَالَ كَفَانِيهِمُ اللَّهُ فَدَفَعَهُ إِلَى نَفَرٍ مِنْ أَصْحَابِهِ فَقَالَ اذْهَبُوا بِهِ فَاحْمِلُوهُ فِي قُرْقُورٍ فَتَوَسَّطُوا بِهِ الْبَحْرَ فَإِنْ رَجَعَ عَنْ دِينِهِ وَإِلَّا فَاقْذِفُوهُ فَذَهَبُوا بِهِ فَقَالَ اللَّهُمَّ اكْفِنِيهِمْ بِمَا شِئْتَ فَانْكَفَأَتْ بِهِمْ السَّفِينَةُ فَغَرِقُوا وَجَاءَ يَمْشِي إِلَى الْمَلِكِ فَقَالَ لَهُ الْمَلِكُ مَا فَعَلَ أَصْحَابُكَ قَالَ كَفَانِيهِمُ اللَّهُ فَقَالَ لِلْمَلِكِ إِنَّكَ لَسْتَ بِقَاتِلِي حَتَّى تَفْعَلَ مَا آمُرُكَ بِهِ قَالَ وَمَا هُوَ قَالَ تَجْمَعُ النَّاسَ فِي صَعِيدٍ وَاحِدٍ وَتَصْلُبُنِي عَلَى

جِذْعٍ ثُمَّ خُذْ سَهْمًا مِنْ كِنَانَتِي ثُمَّ ضَعْ السَّهْمَ فِي كَبِدِ الْقَوْسِ ثُمَّ قُلْ بِاسْمِ اللَّهِ رَبِّ الْغُلَامِ ثُمَّ ارْمِنِي فَإِنَّكَ إِذَا فَعَلْتَ ذَلِكَ قَتَلْتَنِي فَجَمَعَ النَّاسَ فِي صَعِيدٍ وَاحِدٍ وَصَلَبَهُ عَلَى جِذْعٍ ثُمَّ أَخَذَ سَهْمًا مِنْ كِنَانَتِهِ ثُمَّ وَضَعَ السَّهْمَ فِي كَبْدِ الْقَوْسِ ثُمَّ قَالَ بِاسْمِ اللَّهِ رَبِّ الْغُلَامِ ثُمَّ رَمَاهُ فَوَقَعَ السَّهْمُ فِي صُدْغِهِ فَوَضَعَ يَدَهُ فِي صُدْغِهِ فِي مَوْضِعِ السَّهْمِ فَمَاتَ فَقَالَ النَّاسُ آمَنَّا بِرَبِّ الْغُلَامِ آمَنَّا بِرَبِّ الْغُلَامِ آمَنَّا بِرَبِّ الْغُلَامِ فَأُتِيَ الْمَلِكُ فَقِيلَ لَهُ أَرَأَيْتَ مَا كُنْتَ تَحْذَرُ قَدْ وَاللَّهِ نَزَلَ بِكَ حَذَرُكَ قَدْ آمَنَ النَّاسُ فَأَمَرَ بِالْأُخْدُودِ فِي أَفْوَاهِ السِّكَكِ فَخُدَّتْ وَأَضْرَمَ النِّيرَانَ وَقَالَ مَنْ لَمْ يَرْجِعْ عَنْ دِينِهِ فَأَحْمُوهُ فِيهَا أَوْ قِيلَ لَهُ اقْتَحِمْ فَفَعَلُوا حَتَّى جَاءَتْ امْرَأَةٌ وَمَعَهَا صَبِيٌّ لَهَا فَتَقَاعَسَتْ أَنْ تَقَعَ فِيهَا فَقَالَ لَهَا الْغُلَامُ يَا أُمَّهْ اصْبِرِي فَإِنَّكِ عَلَى الْحَقِّ.([1])

”صهيب ؓ كان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن واقعو بيان فرمايو تہ اوهان جي زماني كان اڳ هڪ بادشاه هوندو هو جنهن وٽ هڪ جادوگر هوندو هو (جو ان کي پنهنجا ڪرتب ڏيکاري خوش ڪندو هو) اهو جڏهن وڏي عمر جو ٿيو تہ بادشاه کي چيائين تہ آءُ هاڻي وڏو ٿيو آهيان، تنهنڪري مون ڏانهن ڪو ڇوڪرو موڪليو تہ آءُ ان کي جادو سيکاريان (جو مونکان بعد اوهان کي ڪم اچي) پوءِ هن ان ڏانهن هڪ ڇوڪرو موڪليو، جنهن کي هو سيکاريندو هو. رستي ۾ هڪڙو عالم رهندو هو (هڪ الله کي مڃڻ وارو) ۽ ڇوڪرو ڪجھ دير ان وٽ ويهي ان جي گفتگو ٻڌڻ لڳو جا ان کي پسند آئي. پوءِ روزانو جادوگر وٽ وڃڻ کان اڳ ان وٽ ڪجھ وقت ويهي پوءِ اڳتي ويندو هو، پوءِ دير جي ڪري جادوگر ان کي ماريو. پوءِ هن عالم وٽ اها شڪايت ڪئي هن کيس چيو تہ تون هن کي چوندو ڪر تہ مون کي مائٽن ڪم لاءِ روڪيو ۽ جي مائٽن کان ڊڄين تہ انهن کي چوندو ڪر تہ مون کي جادوگر روڪيو. ان طرح اچ وڃ جو سلسلو جاري رهيو (۽ هو ان عالم کان دين ۽ توحيد ۽ الله جي معرفت سکندو رهيو). هڪ وقت اوچتو هڪ وڏو خطرناڪ جانور سامهون آيو، جنهن ڪيترن ماڻهن کي روڪي ڇڏيو (۽ ان جي دهشت کان سڀ پري بيهي رهيا) تڏهن ڇوڪري چيو اڄ مونکي خبر پوندي تہ جادوگر جو طريقو بهتر آهي يا هن عالم جو. پوءِ هڪ پٿر کنيائين ۽ دعا گهريائين تہ اي منهنجا الله! جيڪڏهن توکي عالم وارو طريقو پسند آهي تہ اڄ هن آفت کي ماري ختم ڪر تان تہ ماڻهون بي خوف ٿي هليا وڃن. ائين چئي اهو پٿر جانور کي هنيائين. الله ان کي ماري ڇڏيو ۽ ماڻهو خير سان هليا ويا. پوءِ عالم کي ساري خبر ٻڌايائين. هن چيس اي پٽ! اڄ تون موکان بہ وڌيڪ پلو ٿي وئين، تنهنجي شفا کي آءُ ڏسان پيو ۽ عنقريب توتي آزمائش ايندي. مگر مونکي ظاهر نہ ڪجانءِ ۽ ڇوڪر (کي الله تعالیٰ اهڙي برڪت عطا ڪئي جو) مادرزاد انڌو يا ڪوڙهيو

[1]- صحيح مسلم ( 14 / 293 ) كِتَاب الزُّهْدِ وَالرَّقَائِقِ بَاب قِصَّةِ أَصْحَابِ الْأُخْدُودِ وَالسَّاحِرِ وَالرَّاهِبِ وَالْغُلَامِ حديث رقم ( 5327 )

يا ڪو بہ بيمار ان جي دعا سان شفاياب ٿيو وجي (ان جي دعا جي قبوليت مشهور ٿي وئي) بادشاهہ جي مجلس ۾ ويهڻ وارو هڪ انڌو وٽس گهڻا تحفا کڻي آيو ۽ چيائين تہ هي سڀ تولاءِ آندا اٿم تون مونکي شفا ڏي، تڏهن چيائين تہ آءُ ڪنهن کي شفا ڏيڻ وارو ڪونہ آهيان. شفا هڪ الله ڏيندو آهي. پوءِ جي هڪڙي الله کي مڃين تہ پوءِ آءُ تولاءِ دعا گهران اهو توکي شفا ڏيندو. پوءِ هن هڪ الله تي ايمان آندو. پوءِ الله ان کي شفا ڏني پوءِ بادشاه وٽ آيو ۽ دستور مطابق مجلس ۾ وينو تڏهن بادشاه ڪانئس پڇيو تہ توکي اکيون ڪنهن موٽائي ڏنيون. جواب ۾ چيائين تہ منهنجي رب تعالیٰ موٽايون آهن. بادشاهہ چيو تہ ڇا تو لاءِ مون ڪانسواءِ ٻيو بہ ڪو رب آهي ڇا؟ چيائين تہ منهنجو رب ۽ تنهنجو رب هڪ الله آهي. پوءِ ان کي وٺي ۽ مٿس سخت عذاب ڪيا ويا تان جو هن ان ڇوڪر جو ڏس ڏنو، پوءِ هن کي آندو ويو. پوءِ ڪيس بادشاهہ چيس تہ اي پٽ! تون جادوگري ۾ انهي منزل تي پهتو آهين جو انڌن ۽ ڪوڙهين کي ٺيڪ پيو ڪرين ۽ ٻيا ڪئين ڪم پيو ڏيکارين! چيائين آءُ ڪنهن کي شفا ڪون ٿو ڏيان بلڪ الله تعالیٰ پاڻ شفا ڏئي ٿو. پوءِ ان کي پڪڙي عذاب ڪرڻ لڳا ،تان جو ان عالم جو ڏس ڏنو، پوءِ ان کي آندو ويو ۽ پنهنجي ان دين کي ڇڏڻ لاءِ چيو ويو هن انڪار ڪيو، پوءِ ڪرٽ (ڪارائي يا آرو) گهرائي هن جي سينڌ تي رکي هلايو ويو تان جو هو چيرجي بہ اڌ ٿي ڪِري پيو. پوءِ هن کي آندو ويو جو پهرين انڌو هو پوءِ هن کي بہ (توحيد واري) دين کان موٽڻ جو حڪم ڏنو ويو. مگر ان بہ انڪار ڪيو ان کي بہ ساڳي طرح سينڌ تي آرو رکي چيري بہ اڌ ڪيو ويو. ان کان بعد ان ڇوڪري کي آندو ويو ۽ ان کي بہ چيو ويو تہ پنهنجو دين ڇڏ. هن انڪار ڪيو پوءِ بادشاهہ ان کي هڪ ٽولي جي حوالي ڪيو ۽ حڪم ڏنائين تہ هن کي فلاڻي جبل تي کڻي وڃو جڏهن چوٽيءَ تي پهچو (پوءِ ان کي سمجهايو) جي پنهنجو دين نہ ڇڏي تہ ان کي اتان اڇلايو پوءِ هن کي وٺي ويا ۽ جبل تي چڙهڻ لڳا تڏهن هن ڇوڪر دعا گهري تہ يا الله! جنهن بہ طريقي سان تون گهرين تہ هنن جي شرارت کان مون کي ڪافي ٿيءُ. پوءِ جبل ڏڪڻ لڳو ۽ سيئي ڪري مري ۽ ختم ٿي ويا . ۽ ڇوڪروسلامت بادشاهہ وٽ آيو. چيائينس تہ تنهنجي ساٿين ڇا ڪيو ؟ چيائين تہ منهنجو الله مون کي انهن کان ڪافي ٿيو ۽ بچايائين ۽ حڪم ڏنائين تہ هن کي هڪ ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي وچ درياءَ ۾ وٺي وڃو پوءِ جي هو پنهنجي دين تان واپس نہ اچي تہ ان کي درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو، پوءِ ان کي وٺي ويا (۽ حڪم موجب عمل ڪيائون) پوءِ هن ڇوڪر وري دعا گهري تہ اي منهنجا الله! جهڙي طرح بہ گهرين تہ مون کي انهن کان ڪافي ٿيءُ يعني مون کي بچاءِ، پوءِ ٻيڙي اونڌي ٿي پئي ۽ هو سيئي ٻڏي ويا. هي سلامت بادشاهہ وٽ آيو. پوءِ ڪيس چيائين تہ تنهنجي ساٿين ڇا ڪيو؟ چيائين تہ

الله مون کي انهن کان ڪافي ٿيو ۽ بچايائين، پوءِ چيائين ته اي بادشاهه! تون مون کي ماري نه سگهندين فقط هڪ صورت آهي جا آئون چوان، تڏهن بادشاهه پڇيو ته اها ڪهڙي صورت آهي ؟ چيائين ته ميدان ۾ سيني ماڻهن کي گڏ ڪر پوءِ مون کي هڪ ڪجيءَ جي ٿڙ ۾ ٽنگي پوءِ ڪمان ۾ تير وجهي پوءِ هي لفظ چئي هڻ ته بسم الله رب الغلام. يعني الله جي نالي سان هٽان ٿو جو ڇوڪري جو رب آهي. ان طرح تون مونکي ماري سگهندين، پوءِ بادشاهه ماڻهن کي ميدان ۾ جمع ڪرايو ۽ ان جي ڏس مطابق عمل ڪيو ۽ الله جو نالو وٺي ان کي تير هنيائين هن کي لونڊڙيءَ ۾ لڳو ۽ هو مري ويو(بظاهر ته بادشاهه خوش ٿيو ته هن ڦريل مان جان ڇٽي مگر) جيڪي ماڻهون حاضر هئا تن اهو حال ڏسي باربار اعلان ڪيو ته اسان ان ڇوڪري جي رب تي ايمان آندو، ماڻهن بادشاهه کي ٻڌايو ته تون جنهن ڳالهه کان ڊنين ٿي سا آڏو آئي جو ماڻهن ته سيني ڇوڪري جي هڪ الله تي ايمان آندو آهي. پوءِ حڪم ڏنائين ته گهٽين جي منهن تي وڏيون کڏون کوٽيون وڃن ۽انهن ۾ باهيون ٻاريون وڃن پوءِ جيڪو پنهنجي(توحيد واري )دين کان نه موٽي ته ان کي ان ۾ اڇلائيندا وڃو ،پوءِ ان طرح بادشاهه جا ڪارندا عمل ڪندا رهيا تان جو هڪ عورت جو وارو آيو جنهن سان هڪ ٻار گڏ هو. پوءِ اها ڪجهه فڪر ۾ پوڻ لڳي ته اها باهه ۾ ڪيئن پوي تڏهن ان ڇوڪري ڳالهايو ۽ چيائين ته امان! تون صبر کان ڪم وٺ ڇو ته تون حق تي آهين .

ناظرين! مقام غور آهي ته ڪيئن الله جي ٻانهن کي تڪليفون ڏنيون ويون، محض ان ڪري جو الله کي مڃيائون ٿي ۽ ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي پنهنجو رب يا مالڪ تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا . سورة البروج ۾ انهيءِ واقعي ڏانهن اشارو آهي جو فرمائي ٿو ته :

﴿وَمَا نَقَمُوا۟ مِنْهُمْ إِلَّآ أَن يُؤْمِنُوا۟ بِٱللَّهِ ٱلْعَزِيزِ ٱلْحَمِيدِ ۝٨ ٱلَّذِى لَهُۥ مُلْكُ ٱلسَّمَـٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضِ ۚ وَٱللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَىْءٍ شَهِيدٌ ۝٩﴾ (البروج)

”۽ انهن کان سواءِ هن ڳالهه جي ٻيو ڪو وير ورتو نه ٿي ويو مگر صرف هن لاءِ جو(هو الله کان سواءِ ٻين کي معبود مڃڻ لاءِ تيار نه هئا ) صرف هڪ الله تي ايمان آندائون،جيڪو سيني تي غالب ۽ وڏي ساراهه وارو آهي . آسمانن ۽زمينن جون بادشاهيون انهيءَ جون آهن ۽ اهو هر شيءِ جي مٿان شاهد ۽ خبر رکندڙ آهي “ .

رسول الله ﷺ جن کي به طرح طرح جون تڪليفون پيش آيون . خود قرآن ۾ آهي ته :

﴿ وَمِنْهُمُ ٱلَّذِينَ يُؤْذُونَ ٱلنَّبِىَّ . . . ۝٦١ ﴾ ( التوبة )

”منجهانئن ڪي اهڙا آهن جي پيغمبر(ﷺ) کي ڏکوئيندا آهن.“

صحيح ابن حبان ۾ طارق بن عبد الله المحاربي کان روايت آهي تہ :

رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ -صلى الله عليه وسلم- فِى سُوقِ ذِى الْمَجَازِ وَعَلَيْهِ حُلَّةٌ حَمْرَاءُ وَهُوَ يَقُولُ « يَا أَيُّهَا النَّاسُ قُولُوا لاَ إِلَهَ إِلاَّ اللَّهُ تُفْلِحُوا » وَرَجُلٌ يُتْبِعُهُ يَرْمِيهِ بِالْحِجَارَةِ وَقَدْ أَدْمَى عُرْقُوبَيْهِ وَكَعْبَيْهِ وَهُوَ يَقُولُ : يَا أَيُّهَا النَّاسُ لاَ تُطِيعُوهُ فَإِنَّهُ كَذَّابٌ. فَقُلْتُ : مَنْ هَذَا ؟ فَقِيلَ : هَذَا غُلاَمٌ مِنْ بَنِى عَبْدِ الْمُطَّلِبِ. فَقُلْتُ : فَمَنْ هَذَا الَّذِى يُتْبِعُهُ يَرْمِيهِ بِالْحِجَارَةِ ؟ قِيلَ : هَذَا عَمُّهُ عَبْدُ الْعُزَّى أَبُو لَهَبٍ. ([1])

”مون رسول الله ﷺ کي ذي المجاز جي بازار ۾ ڏٺو مٿن ڳاڙهي رنگ جي چادر پهريل هئي ۽ فرمائيندا رهيا تہ اي انسانو! اهو اقرار ڪيو تہ الله کان سواءِ ڪو معبود ڪونهي تہ (دنيا ۽ آخرت جي خسارن کان) ڇٽي وڃو ۽ ان جي پويان هڪ شخص هليو پئي جو ڪين پٿر هڻندو رهيو سندن پير مبارڪ رت وهاڻ تي چڪا هئا ۽ چوندو رهيو تہ اي انسانو! ان جو چيو نہ ڪريو ڇو تہ اهو وڏو ڪوڙو آهي. پوءِ مون ماڻهن کان پڇيو تہ هي ڪير آهي؟ چيائون تہ هي بني عبدالمطلب جي خاندان جو هڪ ڇوڪرو آهي ۽ پڇيم تہ هو ڪير آهي؟ جو پويان هن کي پٿر هڻندو وڃي ٿو مون کي ٻڌايو ويو تہ اهو سندس چاچو عبدالعزىٰ ابولهب آهي.“

وأخرج البخاري وابن المنذر وابن مردويه من طريق عُرْوَةَ رَضِي اللهُ عَنْهُ قَالَ : قُلْتُ لِعَبْدِ اللَّهِ بْنِ عَمْرِو بْنِ الْعَاصِ أَخْبِرْنِي بِأَشَدِّ شَيْءٍ صَنَعَهُ الْمُشْرِكُونَ بِرَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ بَيْنَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُصَلِّي بِفِنَاءِ الْكَعْبَةِ إِذْ أَقْبَلَ عُقْبَةُ بْنُ أَبِي مُعَيْطٍ فَأَخَذَ بِمَنْكِبِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَلَوَى ثَوْبَهُ فِي عُنُقِهِ فَخَنَقَهُ بِهِ خَنْقًا شَدِيدًا فَأَقْبَلَ أَبُو بَكْرٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ فَأَخَذَ بِمَنْكِبِهِ وَدَفَعَهُ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَقَالَ ﴿أَتَقْتُلُونَ رَجُلًا أَن يَقُولَ رَبِّيَ ٱللَّهُ وَقَدْ جَآءَكُم بِٱلْبَيِّنَٰتِ مِن رَّبِّكُمْ﴾ ( غافر ) ([2])

”عروه بن زبير کان روايت آهي تہ مون عبدالله بن عمروبن العاص رضي الله عنه کي چيو تہ مونکي انهيءَ واقعي جي خبر ٻڌاءِ جيڪو رسول الله ﷺ کي مشرڪن جي طرفان ڏکي ۾ ڏکيو پيش آيو. چيائين تہ هڪ دفعي پاڻ بيت الله جي ميدان ۾ نماز پڙهي رهيا هئا، عقبہ بن ابي معيط آيو ۽ سندس ڪلهي مبارڪ کان جهلي ۽ سندن ڪنڌ مبارڪ ۾ چادر وجهي سخت گهٽو ڏيڻ لڳو، پوءِ ابوبڪر رضي الله عنه آيو جنهن عقبہ کي ڪنڌ کان وٺي هڪ دم رسول الله ﷺ کان پوئتي هٽايو ۽ چيائين تہ توهان اهڙي شخص کي ماريو ٿا جنهنجو

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح مواردالظمان للألباني ( 2 / 127 ) حديث رقم ( 1683 ) ، مواردالظمان إلى زوائد ابن حبان كتاب المغازي و السير باب دعاء النبي صلى الله عليه وسلم الناس إلى الإسلام وما لقيه ( 406 )

[2]- صحيح البخاري ( 15 / 22 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ حديث رقم ( 4441 ) ، الدرالمنثور ( 5 / 350 )

ڏوهہ صرف اهو آهي جو چوي ٿو تہ منهنجو رب هڪ الله آهي ۽ اوهان وٽ پڌريون نشانيون ۽ آيتون بہ کڻي آيو آهي.“

عَنْ أَبِي حَازِمٍ أَنَّهُ سَمِعَ سَهْلَ بْنَ سَعْدٍ وَهُوَ يُسْأَلُ عَنْ جُرْحِ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ أَمَا وَاللَّهِ إِنِّي لَأَعْرِفُ مَنْ كَانَ يَغْسِلُ جُرْحَ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَمَنْ كَانَ يَسْكُبُ الْمَاءَ وَبِمَا دُووِيَ قَالَ كَانَتْ فَاطِمَةُ عَلَيْهَا السَّلَام بِنْتُ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ تَغْسِلُهُ وَعَلِيُّ بْنُ أَبِي طَالِبٍ يَسْكُبُ الْمَاءَ بِالْمِجَنِّ فَلَمَّا رَأَتْ فَاطِمَةُ أَنَّ الْمَاءَ لَا يَزِيدُ الدَّمَ إِلَّا كَثْرَةً أَخَذَتْ قِطْعَةً مِنْ حَصِيرٍ فَأَحْرَقَتْهَا وَأَلْصَقَتْهَا فَاسْتَمْسَكَ الدَّمُ وَكُسِرَتْ رَبَاعِيَتُهُ يَوْمَئِذٍ وَجُرِحَ وَجْهُهُ وَكُسِرَتْ الْبَيْضَةُ عَلَى رَأْسِهِ. (1)

”ابوحازم کان روايت آهي، تہ سهل بن سعد کان رسول اللهﷺ جي زخم بابت پڇي رهيو هو . چيائين تہ الله جو قسم مونکي وڌيڪ خبر نہ آهي سندس نياڻي فاطمه رضي الله عنها زخم کي ڌوئي رهي هئي ۽ حضرت علي ﷛ سپر ۾ پاڻي کڻي نائي رهيو هو، جڏهن بي بي صاحبہ ڏٺو تہ رت بيهڻ جي بجاءِ زياده ٿيندو وڃي پيو تہ پوءِ تڏي جو هڪ ٽڪرو کڻي ان کي ساڙي ۽ ان جي ڇار زخم ۾ ڏنائين جنهن سان رت بيهي ويو، ۽ سندن ڏند مبارڪ ان ڏينهن ڀڃي پيو هو ۽ سندن منهن مبارڪ ان ڏينهن ڦٽجي پيو هو ۽ جيڪا لوهي ٽوپي مٿي ۾ پيل هئي سا ڀڄي پئي.“

عَنْ عَبْدِ اللَّهِ قَالَ بَيْنَمَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَائِمٌ يُصَلِّي عِنْدَ الْكَعْبَةِ وَجَمْعُ قُرَيْشٍ فِي مَجَالِسِهِمْ إِذْ قَالَ قَائِلٌ مِنْهُمْ أَلَا تَنْظُرُونَ إِلَى هَذَا الْمُرَائِي أَيُّكُمْ يَقُومُ إِلَى جَزُورِ آلِ فُلَانٍ فَيَعْمِدُ إِلَى فَرْثِهَا وَدَمِهَا وَسَلَاهَا فَيَجِيءُ بِهِ ثُمَّ يُمْهِلُهُ حَتَّى إِذَا سَجَدَ وَضَعَهُ بَيْنَ كَتِفَيْهِ فَانْبَعَثَ أَشْقَاهُمْ فَلَمَّا سَجَدَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَضَعَهُ بَيْنَ كَتِفَيْهِ وَثَبَتَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سَاجِدًا فَضَحِكُوا حَتَّى مَالَ بَعْضُهُمْ إِلَى بَعْضٍ مِنْ الضَّحِكِ فَانْطَلَقَ مُنْطَلِقٌ إِلَى فَاطِمَةَ عَلَيْهَا السَّلَام وَهِيَ جُوَيْرِيَةٌ فَأَقْبَلَتْ تَسْعَى وَثَبَتَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سَاجِدًا حَتَّى أَلْقَتْهُ عَنْهُ وَأَقْبَلَتْ عَلَيْهِمْ تَسُبُّهُمْ فَلَمَّا قَضَى رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الصَّلَاةَ قَالَ اللَّهُمَّ عَلَيْكَ بِقُرَيْشٍ اللَّهُمَّ عَلَيْكَ بِقُرَيْشٍ اللَّهُمَّ عَلَيْكَ بِقُرَيْشٍ ثُمَّ سَمَّى اللَّهُمَّ عَلَيْكَ بِعَمْرِو بْنِ هِشَامٍ وَعُتْبَةَ بْنِ رَبِيعَةَ وَشَيْبَةَ بْنِ رَبِيعَةَ وَالْوَلِيدِ بْنِ عُتْبَةَ وَأُمَيَّةَ بْنِ خَلَفٍ وَعُقْبَةَ بْنِ أَبِي مُعَيْطٍ وَعُمَارَةَ بْنِ الْوَلِيدِ قَالَ عَبْدُ اللَّهِ فَوَاللَّهِ لَقَدْ رَأَيْتُهُمْ صَرْعَى يَوْمَ بَدْرٍ ثُمَّ سُحِبُوا إِلَى الْقَلِيبِ قَلِيبِ بَدْرٍ ثُمَّ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَأُتْبِعَ أَصْحَابُ الْقَلِيبِ لَعْنَةً. (2)

---

[1]- صحيح البخاري ( 2 / 584 ) كِتَاب الْمَغَازِي بَاب مَا أَصَابَ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنْ الْجِرَاحِ يَوْمَ أُحُدٍ حديث رقم ( 3767 )

[2]- صحيح البخاري ( 1 / 74 ) كِتَاب الصَّلَاةِ بَاب الْمَرْأَةِ تَطْرَحُ عَنْ الْمُصَلِّي شَيْئًا مِنْ الْأَذَى حديث رقم ( 490 )

”ابن مسعود (رضي الله عنه )کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن بيت الله ۾ نماز پڙهي رهيا هئا ۽ قريشين جو ٽولو پنهنجي مجلس ۾ ويٺو هو تہ انهن مان ڪنهن هڪڙي چيو تہ هن رياڪار ڏانهن نہ ٿا ڏسو. اوهان مان ڪو اٿي جو فلاڻي قبيلي جو اٺ مئل آهي. ان جا ليڏوٽا، رت ۽ اوجهري ڪٽي اچي، پوءِ جنهن مهل هي سجدي ۾ وڃي تہ ان جي ڪنڌ تي رکي. پوءِ انهن مان جو وڏيڪ نياڳو هو، تنهن اٿي اهو ڪم ڪيو ۽ پاڻ سجدي ۾ پيا رهيا ۽ هو پاڻ ۾ کلندا رهيا. پوءِ ڪنهن هڪڙي وڃي سندن نياڻي فاطمه رضي الله عنها کي ٻڌايو جا ننڍي ڇوڪري هئي اها ڊوڙندي آئي. پاڻ سجدي ۾ پيا رهيا ۽ ٻيبي صاحبہ مٿان ان جو بار لاٿو ۽ هنن قريشن کي گهڻ وڏ ڳالهائڻ لڳي. پوءِ پاڻ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا تہ قريشن جي حق ۾ بد دعا ڪيائون. جن ۾ عمر بن هشام (ابوجهل) عتبہ بن ربيعه، شيبہ بن ربيعه، وليد بن عتبہ، اميہ بن خلف، عقبہ بن ابي معيط ۽ عمار بن وليد جا نالا ورتائون. ابن مسعود رضي الله عنه چوي ٿو تہ الله جو قسم! انهن سيني کي مون جنگ بدر واري ڏينهن ڪريل ڏٺو، جن کي گهلي کڏ ۾ اڇلايو ويو. ۽ پوءِ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ انهن کڏ وارن تي لعنت پيل آهي.

ناظرين:- انهن قريشن مان جنهن شرارت جو مشورو ڏنو هو اهو ابوجهل هو، جيئن مسلم جي حديث ۾ آهي ۽ اهو بدبخت جو ان شرارت لاءِ اٿيو، سو عقبہ بن ابي معيط هو، جيئن بخاريءَ جي ٻي روايت ۾ آهي ، فتح الباري ([1]) ۽ مسند ابو دائود الطيالسي جي روايت ۾ تصريح ٿيل آهي.

مقام غور آهي:- سيد العالمين ۽ سيدالانبياء والمرسلين ﷺ کي ايذيون تڪليفون ڇا لاءِ ڏنيون ويون. خاص هن لاءِ تہ پاڻ الله جي توحيد ڪٺي آيا ۽ الله کان سواءِ ٻين سيني معبودن جي پوڄا کان منع ڪندا ۽ روڪيندا رهيا. ڇو تہ اهو عقيدو مشرڪن جي ذاتي خواهشن جي خلاف هو ۽ هنن کي پنهنجا سيئي ظلم ۽ بُرا ڪم ڇڏڻا ٿي پيا، تنهن ڪري توحيد جي آواز کي دٻائڻ لاءِ رسول الله ﷺ کي ايذاء ۽ تڪليفون ڏيڻ لڳا. ان طرح طائف ۽ حنين جا واقعا وغيره، حتیٰ ڪہ ڪين ڪاڏي ۾ زهر ڏنو ويو. بخاري ( 2 / 610 ) ([2]) ۾ خود فرمائين ٿا :

---

[1]- فتح الباري ( 1 / 350 )

[2]- هيءَ حديث بخاريءَ ۾ نہ آهي هيءَ مغالط امام سخاوي رحمہ الله کان " المقاصد الحسنة " ۾ ٿيو آهي ، امام الباني رحمہ الله فرمائي ٿو تہ : هيءَ حديث ترمذي ( 2474 ) ، ابن ماجہ ( 1 / 67 ) ۽ احمد ( 3 / 120 و 286 ) ۾ آهي ۽ امام ترمذي رحمہ الله فرمائي ٿو تہ : هيءَ حديث مسلم جي شرط تي آهي.

لَقَدْ أُوذِيتُ فِي اللَّهِ عَزَّ وَجَلَّ وَمَا يُؤْذَى أَحَدٌ وَأُخِفْتُ فِي اللَّهِ وَمَا يُخَافُ أَحَدٌ.([1])

”يعني الله جي رستي ۾ جيترا مونکي ايذاءَ ڏنا ويا . اوترا ٻي ڪنهن کي ايذاء نہ ڏنا ويا ۽ مونکي ڊيڄاريو پيو وڃي حالانڪ ٻيو ڪوئي ڪو نہ ٿو ڊيڄاريو وڃي.“

الغرض: پاڻ انهن ڏکن کان مجبور ٿي، وطن ڇڏي هجرت ڪري مدينہ منوره ڏانهن هليا ويا . جيئن ابراهيم عليه السلام ظالمن جي ظلم کان هجرت ڪئي (مريم _ العنڪبوت _ الصافات) موسىٰ عليه السلام جي خلاف فرعونين قتل جي سازش ڪئي ۽ هو جان بچائڻ خاطر هجرت ڪري هليو ويو (القصص) ۽ اهو هجرت ڪرڻ ۽ وطن ڇڏڻ صرف توحيد جي دعوت ۽ شرڪ کان بيزاري جي ڪري هئي.

﴿ ٱلَّذِينَ أُخۡرِجُواْ مِن دِيَٰرِهِم بِغَيۡرِ حَقٍّ إِلَّآ أَن يَقُولُواْ رَبُّنَا ٱللَّهُۗ . . . ﴿٤٠﴾ ﴾ ( الحج )

”جن کي پنهنجي ديس مان ناحق لوڏيو ويو ، انهن جو ٻيو ڪو ڏوهہ نہ هو ، سواءِ هن جي جو چيائون ٿي تہ الله هڪ آهي.“

بلڪ هجرت کان اڳ قريشن جي قبيلن پاڻ ۾ اهو فيصلو ڪيو تہ رسول الله ﷺ جي طرفان بني هاشم ۽ بني عبدالمطلب ۽ جيڪي بہ سندن طرفان مدافعت ڪن ٿا انهن سان بائيڪاٽ ڪيو وڃي، انهن سان اٿڻ ويهڻ ۽ ڏيتي ليتي بند ڪئي وڃي ۽ باقاعده عهد نامو لکيو ويو تہ انهن سان ڪو بہ صلح نہ آهي، جيسين رسول الله ﷺ کي قتل ڪرڻ لاءِ سندن حوالي نہ ڪن. پوءِ پاڻ انهن سميت جبل شعب ابي طالب ۾ ٽن سالن کان قيد واري زندگي گذاري ([2]) ۽ اصحابن سڳورن کي زبردست تڪليفون ۽ ايذاء پهچايائون _ امام المغازي محمد بن اسحاق المطلبي نقل ڪري ٿوتہ قريش مسلمانن کي تڪليفون پهچائڻ لاءِ پاڻ ۾ مشورو ڪيو. هرڪنهن قبيلي واران جي منجهائن مسلمان ٿيا هئا، انهن کي ايذاء ڏيڻ ۽ عذاب پهچائڻ لڳا ۽ دين کان بگاڙڻ جي ڪوشش ڪيائون. ([3])

بلال ﷺ کي شهر جي ڇوڪرن جي حوالي ڪيو ويو، جي ڪيس گرم پٿريلي زمين تي گهليندا رهيا ۽ سندس پيٽ تي وڏو پٿر رکيل هو، هو الله جي توحيد تي صبر ڪندو

---

[1]- ( **صحيح** ) السلسلة الصحيحة ( 5 / 221 ) حديث رقم ( 2222 ) ، سنن الترمذي ( 2 / 70 ) كِتَاب صِفَةِ الْقِيَامَةِ وَالرَّقَائِقِ وَالْوَرَعِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حديث رقم ( 2396 ) ، سنن ابن ماجه ( 1 / 174 ) كِتَاب الْمُقَدِّمَةِ بَاب فَضْلِ سَلْمَانَ وَأَبِي ذَرٍّ وَالْمِقْدَادِ حديث رقم ( 148 ) ، البداية والنهاية ( 3 / 47 ) بحواله احمد

[2]- البداية والنهاية ( 3 / 84 )

[3]- البداية والنهاية ( 3 / 49 )

رهيو ۽ هن جي زبان تي صرف اهي لفظ هئا. احد. احد _ يعني الله تعالىٰ هڪڙو آهي ان جو ڪو شريڪ ڪونهي ۽ ٻين ڪيترن کي لوهي قميصون پارائي اس ۾ ڇڏيائون. ([1])

۽ سمية رضي الله تعالىٰ عنها (عماربن ياسر جي والده) جا اسلام ۾ پهرين شهيد عورت سڏجي ٿي ان کي عضو مخصوص ۾ تيرن سان چوڪون ڏيئي ماريو ويو. ([2])

الغرض: اهي الله جا ٻانها انهن سيني تڪليفن تي صبر ڪندا رهيا ۽ پوين لاءِ مثال ڇڏي ويا.

توحيد جهڙي پياري ۽ قيمتي شيءِ لاءِ سڀ ڪجھ قربان ڪيو وڃي پر عقيدي ۾ ڪو فرق نه اچي، جيئن ته الله تعالىٰ اسان کي ٻڌائي ٿو ته :

﴿ ۞ لَتُبۡلَوُنَّ فِيٓ أَمۡوَٰلِكُمۡ وَأَنفُسِكُمۡ وَلَتَسۡمَعُنَّ مِنَ ٱلَّذِينَ أُوتُواْ ٱلۡكِتَٰبَ مِن قَبۡلِكُمۡ وَمِنَ ٱلَّذِينَ أَشۡرَكُوٓاْ أَذٗى كَثِيرٗاۚ وَإِن تَصۡبِرُواْ وَتَتَّقُواْ فَإِنَّ ذَٰلِكَ مِنۡ عَزۡمِ ٱلۡأُمُورِ ١٨٦ ﴾ ( آل عمران )

ضرور پنهنجي مالن ۽جانين ۾ آزمايا ويندؤ جيڪي اوهان کان اڳي اهل ڪتاب آهن يا مشرڪ آهن انهن کان ڪيتريون ڏک جهڙيون ڳالهيون ٻڌندؤ ۽ پر جيڪڏهن صبر ڪندؤ ۽ الله کان ڊڄندا رهندؤ ته اها عادت همت وارن ۽ پختن ڪمن مان آهي.

۽ لقمان عليه السلام پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪئي ته :

﴿ يَٰبُنَيَّ أَقِمِ ٱلصَّلَوٰةَ وَأۡمُرۡ بِٱلۡمَعۡرُوفِ وَٱنۡهَ عَنِ ٱلۡمُنكَرِ وَٱصۡبِرۡ عَلَىٰ مَآ أَصَابَكَۖ إِنَّ ذَٰلِكَ مِنۡ عَزۡمِ ٱلۡأُمُورِ ١٧ ﴾ (لقمان )

”اي پٽ! نماز قائم رک ۽ چڱي ڪم جو امر (حڪم ڏيندو) ڪر ۽ بري ڪم کان روڪيندو رھ ۽ توکي ان بابت جيڪا مصيبت پهچي ان تي صبر ڪر. بيشڪ اها ڳالھ همت وارن ۽ پختن ڪمن مان آهي.“

خلاصہ ڪلام ته الله جي تو حيد تي قائم رهڻ ضروري آهي . ۽ توحيد وارن تي ضرور آزمائشون اينديون ۽ پوڄارين کان انهن کي ڪيئي ڏک ۽ ايذاء پهچندا ۽ انهن کان ڪيئي طعنا ۽ ڏک واريون ڳالهيون ٻڌڻيون پونديون پر نبين سڳورن عليهم السلام جو طريقو ۽ خاص طرح اسان جي رسول مقبول ﷺ جي اسوه حسنہ هي آهي ته: الله تي توڪل رکي ۽ منجهس مدد ۽ نصرت ۽ اجر عظيم جي توڪل رکي صبر سان توحيد تي قائم رهجي. شال الله تعالىٰ سيني مسلمانن کي اهڙي توحيد بخشي . ( آمين )

*-*-*

[1]- الاستيعاب ( 1 / 49 ) ، الاصابه ( 1 / 169 )

[2]- الاستيعاب ( 2 / 739 ) ، الاصابه ( 4 / 337 )

## باب نائون

# شرڪ جا قسم

پهرئين باب ۾ بيان ٿيو تہ شرڪ ظلم عظيم ، وڏي ۾ وڏو گناھ ۽ ناقابل معافي جرم آهي ، مگر شيطان انسان کي ان ۾ ڦاسائڻ لاءِ طرح طرح جا طريقا اختيار ڪيا آهن .

جيئن قرآن حڪيم ۾ آهي تہ :

﴿لَأَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَٰطَكَ ٱلْمُسْتَقِيمَ ﴿١٦﴾ ثُمَّ لَءَاتِيَنَّهُم مِّنۢ بَيْنِ أَيْدِيهِمْ وَمِنْ خَلْفِهِمْ وَعَنْ أَيْمَٰنِهِمْ وَعَن شَمَآئِلِهِمْ ۖ وَلَا تَجِدُ أَكْثَرَهُمْ شَٰكِرِينَ ﴿١٧﴾﴾ (الأعراف )

”(تہ الله تعالىٰ کي چيائين) آئون انهن لاءِ سڌي راہ تي اڳ ونئي ويهندس. پوءِ انهن جي اڳيان پويان، سڄي ۽ کٻي ايندس ۽ گهڻن کي تون شڪر ڪندڙ نہ لهندين.“

سو هن شرڪ کي ڪيترن عجيب غريب ۽ مختلف رنگن ۾ ماڻهن جي آڏو پيش ڪيو تہ ڪو ڪنهن ۾ ڦاسي، ڪو ڪنهن ۾، ۽ ڪئي اهڙا شرڪ جا قسم جن کي جاهل ۽ اڻ پڙهيا نہ سمجهندا آهن، صرف ابن ڏاڏن جي تقليد ۾ انهن رواجن ۽ رسمن ۾ گرفتار هوندا آهن ۽ ائين نہ سمجهندا آهن تہ اسين شرڪ ڪري رهيا آهيون جنهن جي ڪري سڀ نيڪيون برباد ٿي رهيون آهن ۽ اسين الله جي سخت عذاب جا حقدار بڻبا آهيون، تنهن ڪري هن باب ۾ شرڪ جا اهي اڪثر قسم بيان ڪيا تا وجن جي جاهلن ۽ مشرڪن ۾ مروج (عام) آهن ۽ هن باب ۾ 19 فصل آهن.

*-*-*

## فصل پهريون

# دعا يعني سڏڻ يا پڪارڻ

الله تعالىٰ جو شان آهي تہ ان کي مشڪل ۽ حاجتن وقت بلڪ هر وقت اٿي ويني پڪاريو ۽ سڏيو وڃي ان جا سهڻا نالا مبارڪ آهن جن سان هن کي سڏيو وڃي. جيئن ارشاد آهي تہ

﴿قُلِ ٱدْعُوا۟ ٱللَّهَ أَوِ ٱدْعُوا۟ ٱلرَّحْمَٰنَ ۖ أَيًّا مَّا تَدْعُوا۟ فَلَهُ ٱلْأَسْمَآءُ ٱلْحُسْنَىٰ ۚ . . . ﴿١١٠﴾﴾ ( الإسراء )

”چؤ تہ سڏيو الله کي يا رحمان کي جنهن بہ نالي سان سڏيو تہ ان جا سيئي نالا سهڻا آهن.“

الله کي سڏڻ ۽ پڪارڻ بہ عبادت آهي. جيئن ارشاد آهي تہ :

﴿وَقَالَ رَبُّكُمُ ٱدْعُونِىٓ أَسْتَجِبْ لَكُمْ ۚ إِنَّ ٱلَّذِينَ يَسْتَكْبِرُونَ عَنْ عِبَادَتِى سَيَدْخُلُونَ جَهَنَّمَ دَاخِرِينَ ﴿٦٠﴾﴾(غافر)

” ۽ اوهان جو رب فرمائي ٿو ته مونکي سڏيو ۽ پڪاريو ته اوهان جي دعا آئون قبول ڪريان ۽ بلاشڪ منهنجي عبادت کان وڏائي ڪن ٿا سي سگهو ئي خوار ٿي جهنم ۾ داخل ٿيندا. “

هن آيت مان چند حڪم ثابت ٿيا :

1 _ هر حال ۾ هڪ الله کي ئي پڪارڻ گهرجي .

2 _ اهو ئي حاجت مندن جي پڪار ۽ دعا ٻڌندڙ ۽قبول ڪندڙ آهي .

3 _ الله کي سڏڻ ۽ پڪارڻ به عبادت آهي .

4 _ جو شخص الله جي عبادت جي ڪنهن به قسم کان عار ڪري ٿو يا ان کي پڪارڻ ۽ دعا کان وڏائي ڪري ٿو ، ان جي لاءِ وڏي سختي آيل آهي.

عَنْ النُّعْمَانِ بْنِ بَشِيرٍعَنْ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ الدُّعَاءُ هُوَ الْعِبَادَةُ ثُمَّ قَرَأَ:﴿ وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُونِي أَسْتَجِبْ لَكُمْ إِنَّ الَّذِينَ يَسْتَكْبِرُونَ عَنْ عِبَادَتِي سَيَدْخُلُونَ جَهَنَّمَ دَاخِرِينَ ﴾ قَالَ أَبُو عِيسَى:هَذَا حَدِيثٌ حَسَنٌ صَحِيحٌ. ([1])

نعمان بن بشير رضي الله عنه کان رويت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته الله تعالىٰ کي سڏڻ ۽ دعا گهرڻ ئي عبادت آهي ان جي تائيد ۾ پاڻ مٿين آيت تلاوت فرمايائون.

هيءَ حديث سنن سعيد بن منصور ، مسند احمد ، ابودائود، ترمذي ، نسائي ، ابن ماجه ۽ الادب المفرد للبخاري وغيره ۾ به آهي. ترمذي شريف ۾ ساڳي آيت بابت ٻي حديث انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته :

الدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ. ([2])

يعني الله تعالىٰ کي سڏڻ ۽ دعا گهرڻ عبادت جو مغز آهي.

وڌيڪ الادب المفرد للبخاري ۾ ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته

أَشْرَفُ الْعِبَادَةِ الدُّعَاءُ. ([3])

”سيني عبادتن ۾ پلي عبادت دعا ۽ سڏڻ آهي.“

تشريح :- مٿين آيت ۽ هنن حديثن مان ثابت ٿيو ته:عبادت جي سيني قسمن مان بهتر عبادت الله کي سڏڻ ۽ پڪارڻ آهي، تنهن ڪري انهيءَ ۾ ڪنهن ٻي مخلوق کي

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 6 / 469 ) حديث رقم ( 2969 ) ، سنن الترمذي ( 2 / 173 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حديث رقم ( 3294 )

[2]- صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 7 / 371 ) حديث رقم ( 3371 ) ، سنن الترمذي ( 11 / 220 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حديث رقم ( 3293 ) ، الدر المنثور ( 5 / 225 )

[3]- ضعيف الأدب المفرد ( 1 / 90 ) حديث رقم ( 108 ) ، الأدب المفرد للبخاري ( 185 )

شريڪ نٿو ڪري سگهي ۽ جنهن صورت ۾ هيءَ پلي ۾ پلي عبادت آهي ، تہ ان ۾ شرڪ ڪرڻ بہ وڏو شرڪ سمجهيو ويندو. جيڪي ماڻهو الله کان سواءِ ٻين کي پڪارين ٿا، نبين ۽ ولين کي پڪارين ٿا. سي بہ الله سان شريڪ ڪن ٿا. عام طرح مسجدن، اوطاقن، بنگلن، موٽرن ۽ لارين تي ياالله سان گڏ يا محمد، يارسول الله، يا ياعلي، ياحسن، ياحسين، يا عبدالقادر جيلاني ۽ يامعين الدين اجميري وغيره لکن ٿا. هي سنئون سڌو الله سان عبادت ۾ شرڪ ڪرڻو آهي ڇو تہ هي سيئي الله جي مخلوق آهن.

﴿ إِنَّ ٱلَّذِينَ تَدْعُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ عِبَادٌ أَمْثَالُكُمْ . . . ﴿١٩٤﴾ ﴾ ( الأعراف )

”الله کان سواءِ جن کي بہ اوهان سڏيندا آهيو سي توهان جهڙا الله جا ٻانها آهن، ملائڪ، نبي، ولي سڀ ان جا محتاج آهن. اهو هڪ الله آهي جو ڪنهن جو محتاج نہ آهي، تنهنڪري محتاجن کي انهيءَ سان شان ۾ يا سندس عزت ۽ محبت ياعقيدت ۾ شرڪ ڪرڻ انتهائي ظلم ۽ وڏو جرم آهي. وڏيڪ جڏهن معلوم ٿيو تہ پڪارڻ ۽ دعا عبادت جو مغز آهي، انهيءَ ڪري نماز جيڪا افضل عبادت آهي، اها بہ ساري دعا آهي، انهيءَ جو هر هڪ رڪن دعا ئي دعا آهي، پوءِ جڏهن تہ ان جو مغز الله لاءِ خالص نہ ڇڏيو ويو، ان ۾ ٻين کي شريڪ ڪيو ويو. باقي الله تعالىٰ لاءِ ڪهڙي خاص عبادت رهي ۽ جڏهن ڪوپڙيءَ مان مغز ۽ ميجالو نڪري ويو تہ باقي هڏا رهيا، تنهن ڪري سڀ کان پهريائين اصل عبادت ۾ شرڪ ۽ پائيواريءَ کان بچڻ گهرجي ان بابت چند آيتون ذڪر ڪجن ٿيون :

﴿ وَلَا تَدْعُ مِن دُونِ ٱللَّهِ مَا لَا يَنفَعُكَ وَلَا يَضُرُّكَ فَإِن فَعَلْتَ فَإِنَّكَ إِذًا مِّنَ ٱلظَّٰلِمِينَ ﴿١٠٦﴾ ﴾ ( يونس )

”۽ الله کان سواءِ ٻي ڪنهن کي نہ پڪار جو نہ توکي ڪو فائدو ڏيئي سگهي ٿو ۽ نہ نقصان ۽ جي ائين ڪندين تہ تون ظالمن مان ٿيندين. “

تشريح :- ثابت ٿيو تہ الله  کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي پڪارڻ صريحًا منع آهي ۽ انهن کي ڏسڻ بي فائدو آهي ڇو تہ الله کان سواءِ ڪنهن کي نفعي ۽ نقصان جو اختيار نہ آهي . تنهن ڪري الله کان سواءِ ٻين کي پڪارڻ وارو ظالمن مان آهي جو ان سان گڏ ٻين کي شريڪ ڪري ٿو.

﴿ فَلَا تَدْعُ مَعَ ٱللَّهِ إِلَٰهًا ءَاخَرَ فَتَكُونَ مِنَ ٱلْمُعَذَّبِينَ ﴿٢١٣﴾ ﴾ ( الشعراء )

”الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن معبود کي نہ سڏ ، ورنہ عذاب وارن مان ٿيندين.“

﴿ وَمَن يَدْعُ مَعَ ٱللَّهِ إِلَٰهًا ءَاخَرَ لَا بُرْهَٰنَ لَهُۥ بِهِۦ فَإِنَّمَا حِسَابُهُۥ عِندَ رَبِّهِۦٓ إِنَّهُۥ لَا يُفْلِحُ ٱلْكَٰفِرُونَ ﴿١١٧﴾ ﴾ (المؤمنون)

”جو شخص الله تعالىٰ سان گڏ ٻئي معبود کي پڪاري ٿو، جنهن بابت وٽس ڪو دليل ئي ناهي. ان جو حساب سندس رب وٽ ئي آهي. سچ آهي تہ ڪافر نہ ڇٽندا. “

تشريح :- هن آيت مان ٽي اهم مسئلا معلوم ٿيا:

1 _ الله ڪان سواءِ ٻئي کي پڪارڻ يا پوڄڻ جي لاءِ ڪو دليل يا ثبوت آهي ئي ڪونہ. نہ قرآن ۾، نہ حديث ۾ ۽ نہ ڪو عقلي دليل قائم رهي سگهي ٿو. پاڻ محتاج سي ٻين جي لاءِ ڪيئن حاجت روا بڻجي سگهندا؟

2 _ الله ڪان سواءِ ٻين کي پڪارڻ ڪافرن جو ڪم آهي نہ مسلمانن جو.

3 _ الله ڪان سواءِ ٻين کي پڪارڻ وارن جي لاءِ ڪو ڇوٽڪارو نہ ٿيندو.

﴿لَهُۥ دَعۡوَةُ ٱلۡحَقِّۖ وَٱلَّذِينَ يَدۡعُونَ مِن دُونِهِۦ لَا يَسۡتَجِيبُونَ لَهُم بِشَيۡءٍ إِلَّا كَبَٰسِطِ كَفَّيۡهِ إِلَى ٱلۡمَآءِ لِيَبۡلُغَ فَاهُ وَمَا هُوَ بِبَٰلِغِهِۦۚ وَمَا دُعَآءُ ٱلۡكَٰفِرِينَ إِلَّا فِي ضَلَٰلٖ ١٤﴾ ( الرعد )

”انهن کي (هر حال ۾) سڏڻ حق آهي ۽ جي الله ڪان سواءِ ٻين کي سڏيندا آهن سي ڪين ڪنهن بہ طرح ورندي ڏيئي نہ سگهندا (انهن سڏيندڙن جو مثال) رڳو انهي (ماڻهوءَ) وانگر آهي جو پنهنجو ٻڪ پاڻيءَ ڏانهن هن لاءِ ڍگهيڙيندڙ هجي تہ سندس وات ۾ پوي. اهو پاڻي سندس وات ۾ ڪڏهن پوڻ وارو نہ آهي ۽ ڪافرن جو سڏڻ رڳو بربادي ۽ گمراهي ۾ هجڻ آهي.

تشريح : هن آيت مان ثابت ٿيو تہ الله ڪان سواءِ ٻيو ڪير بہ هجي ان کي سڏڻ سراسر ناحق آهي، ٻئي کي مشڪل ۾ ڏسڻ ۽ مشرڪ الله ڪان سواءِ ٻين جن بہ پيرن ۽ بزرگن کي پڪارين ٿا اهي ڪو هنن کي جواب ڏيئي نہ ٿا سگهن سي وري هنن جون حاجتون پوريون ڪيئن ڪندا. يعني جهڙيءَ طرح کوھ يا طلاء يا واھ سيئي بي جان آهن ۽ انهن ۾ جو پاڻي آهي سو بہ بي جان آهي ان طرح جيئن اهو پاڻي صرف هٿ ڍگهيرڻ تي نہ ٿو پهچي، (تيئن اهو ئي حال مئن جي پڪارڻ وارن جو آهي نہ عرض اگهائين نہ انهن جو سڏ ٻڌن، نہ پهچن.

هن آيت مان واضح ٿيو تہ غيرالله کي پڪارڻ ڪفر جو ڪم آهي ۽ نيز غيرالله کي پڪارڻ بي فائدو ۽ رائيگان آهي ، جنهن مان ڪو نتيجو حاصل نہ آهي.

﴿فَٱدۡعُواْ ٱللَّهَ مُخۡلِصِينَ لَهُ ٱلدِّينَ وَلَوۡ كَرِهَ ٱلۡكَٰفِرُونَ ١٤﴾ ( غافر )

”پوءِهڪ الله کي پنهنجو دين ۽ عقيدو خالص ڪري پڪاريواگرچہ ڪافر ان کي ناپسند ڪن.“

تشريح :- ثابت ٿيو ته الله ۾ ئي عقيدو رکي، ان کي حاجت روا ڄاڻي، انهيءَ ۾ ئي اميد رکي ۽ انهيءَ کان ڊڄي، خاص ان هڪ کي پنهنجن ڪمن ۽ حاجتن لاءِ پڪاريو وڃي جيئن حڪم آهي ته:

﴿وَٱدۡعُوهُ خَوۡفٗا وَطَمَعًاۚ إِنَّ رَحۡمَتَ ٱللَّهِ قَرِيبٞ مِّنَ ٱلۡمُحۡسِنِينَ ٥٦﴾ ( الأعراف )

”يعني انهيءَ هڪ الله کي پڪاريو ، ان کان ڊڄندي ، ان ۾ طمع رکندي بلاشڪ الله جي رحمت نيڪو ڪارن کي ويجهي آهي.“

۽ جنهن شخص عقيدو خالص نه ڪيو ته ان قرآن جي حڪم جي مخالفت ڪئي ۽ نيز (وڌيڪ) ثابت ٿيو ته خاص هڪ الله کي پڪارڻ تي ناراض ٿيڻ ڪافرن جي عادت آهي. ۽ ان جي برخلاف مسلمان ان تي خوش ٿيندا آهن ۽ مسلمانن کي ثابت قدمي جو حڪم آهي ته مشرڪن ۽ ڪافرن جي ڪاوڙجڻ ۽ ناراض ٿيڻ جي پرواهه نه ڪن بلڪه توحيد تي قائم رهن .

﴿قُلۡ إِنَّمَآ أَدۡعُواْ رَبِّي وَلَآ أُشۡرِكُ بِهِۦٓ أَحَدٗا ٢٠﴾ ( الجن )

”چئو ته آءٌ صرف پنهنجي پالڻهار کي ئي پڪاريان ٿو ۽ ڪنهن کي به ساڻس پڪارڻ ۾ شريڪ نه ٿو ڪريان.“

تشريح :- ثابت ٿيو ته نبوي طريقو ۽ سنت اهائي آهي ته هڪڙي الله کي پڪاريو وڃي ۽ ٻين کي پڪارڻ پوين مشرڪن جو ناهيل طريقو آهي، تنهن ڪري بدعت ۽ ضلالت آهي. قرآن ڪريم ۾ آهي ته ڪيترن نبين سڳورن تي آزمائشون ۽ تڪليفون آيون ۽ ڏک ۽ مشڪلاتون پهتيون مگر سيني الله کي پڪاريو . جهڙي طرح آدم عليه السلام، نوح، شعيب، اسماعيل، يوسف، يونس، لوط، دائود، ايوب، هود، زڪريا، موسىٰ، هارون ، عيسىٰ عليهم السلام اجمعين جن جون دعائون قرآن مجيد ۾ مذڪور آهن . سيني هڪ الله کي پڪاريو، ڪنهن بخشش گهري، ته ڪنهن اولاد، ته ڪنهن مرض کان شفا، ته ڪنهن مصيبت کان نجات، ته ڪنهن عمل صالح ۽ نعمت جي شڪراني جي توفيق، ته ڪنهن دشمن تي فتح، ته ڪنهن ايمان تي خاتمي بابت، ته ڪنهن رزق لاءِ، ته ڪنهن فتني ۽ شرڪ ۽ڪفر کان پناهه لاءِ، ته ڪنهن جنت لاءِ، ته ڪنهن دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي لاءِ. الغرض هرڪالهه لاءِ الله کان دعا گهري. اهڙي طرح رسول الله ﷺ جون ڪئي دعائون قرآن ۽ حديث ۾ مذڪور آهن. نيز قرآن ۾ ٻين نيڪ ٻانهن جون دعائون مذڪور آهن. مثلاً: فرعون جي زال، عمران جي زال، ملڪ سبا جي شهزادي، اصحاب ڪهف ، اعراف وارا ۽ ٻين بهشتي نيڪ ٻانهن جون دعائون مذڪور آهن مگر ڪنهن ۾ به الله کان سواءِ ٻئي

ڪنهن ڪي پڪار ڪانهي، جنهن مان ثابت آهي ته قرآن ۽ حديث جي تعليم اها آهي ته هڪ الله کي پڪاريو وڃي.

﴿ وَأَنَّ ٱلۡمَسَٰجِدَ لِلَّهِ فَلَا تَدۡعُواْ مَعَ ٱللَّهِ أَحَدٗا ﴿١٨﴾ ﴾ ( الجن )

”بيشڪ سڀ مسجدون ۽ عبادت گاهون خاص الله جون آهن. تنهن ڪري الله سان گڏ ٻي ڪنهن کي نه پڪاريو“

تشريح : جڏهن ته پڪارڻ به عبادت آهي ۽ عبادت گاهون صرف هڪ الله جون آهن ، نڪي ڪنهن پير ولي يا ڪنهن وڏيري يا ڪنهن حاڪم جون ، ته پوءِ الله کان سواءِ ٻي ڪنهن کي پڪارڻ ڪيئن جائز ٿيندو ؟

﴿وَأَعۡتَزِلُكُمۡ وَمَا تَدۡعُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ وَأَدۡعُواْ رَبِّي عَسَىٰٓ أَلَّآ أَكُونَ بِدُعَآءِ رَبِّي شَقِيّٗا ﴿٤٨﴾ ﴾ ( مريم )

”ابراهيم عليه السلام پنهنجي پيءُ ۽ قوم کي مخاطب ٿيندي چيو ته : آئون اوهان کان ۽ جن کي الله کان سواءِ پڪاريندا رهو تا انهن سڀني کان (بيزار ٿيندي) پاسو ڪريان ٿو ۽ پنهنجي هڪ رب کي سڏيندو رهندس ۽ اميد آهي ته پنهنجي رب کي پڪاريندي بي مراد ۽ بد بخت نه ٿيندس.“

تشريح :- هي آيت سيکاري ٿي ته غيرالله جي پوڄارين ۽ انهن جي ٻٽايل معبودن کان پاسي رهڻ گهرجي ڇو ته پوڄارين جي صحبت ۾ رهڻ سان آخر خرابي ۽گمراهي جو وڏو خطرو آهي .

﴿ حَتَّىٰٓ إِذَا جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُنَا يَتَوَفَّوۡنَهُمۡ قَالُوٓاْ أَيۡنَ مَا كُنتُمۡ تَدۡعُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِۖ قَالُواْ ضَلُّواْ عَنَّا وَشَهِدُواْ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِمۡ أَنَّهُمۡ كَانُواْ كَٰفِرِينَ ﴿٣٧﴾ ﴾ ( الأعراف )

”جنهن وقت اسان جا قاصد (ملائڪ) مشرڪن وٽ انهن جو روح ڪيڻ لاءِ ايندا ته چوندا ته ڪٿي آهن اهي جن کي توهين الله کان سواءِ پڪاريندا هئا چوندا ته اسان کان گم ٿي ويا ۽ ( ان وقت ) پنهنجي مٿان شاهدي ڏيندا ته اهي ڪافر هئا.“

تشريح:- هن آيت واضح ڪري ڇڏيو ته الله کان سواءِ ٻين کي پڪارڻ وارا پهرين پاڻ کي ڪافر چوندا پوءِ سندن دم نڪرندو۽ علامه نسفي حنفي پنهنجي تفسير ([1]) ۾ لکي ٿو ته :

اعترفوا بكفرهم بلفظ الشهادة التي هي لتحقيق الخبر.

”يعني پنهنجي ڪافر هجڻ جو اقرار ڪندا ۽ ان خبر کي قرآن شاهدي سڏي ٿو. يعني ته انهن جي ڪافر هجڻ جي اها خبر تحقيق ۽ برحق آهي.“

---

[1]- تفسير النسفي ( 4 / 45 )

﴿ وَإِذَا رَءَا ٱلَّذِينَ أَشْرَكُواْ شُرَكَآءَهُمْ قَالُواْ رَبَّنَا هَٰٓؤُلَآءِ شُرَكَآؤُنَا ٱلَّذِينَ كُنَّا نَدْعُواْ مِن دُونِكَ فَأَلْقَوْاْ إِلَيْهِمُ ٱلْقَوْلَ إِنَّكُمْ لَكَٰذِبُونَ ﴿٨٦﴾ وَأَلْقَوْاْ إِلَى ٱللَّهِ يَوْمَئِذٍ ٱلسَّلَمَ وَضَلَّ عَنْهُم مَّا كَانُواْ يَفْتَرُونَ ﴿٨٧﴾ ﴾ ( النحل )

”۽ جڏهن مشرڪ (قيامت ۾) پنهنجن شريڪن کي ڏسندا (جن کي دنيا ۾ پڪارندا هئا) تہ چوندا تہ اي رب اهي آهن اسان جا شريڪ جن کي (مشڪل وقت) اسان تو کان سواءِ پڪاريندا هئاسون. پوءِ هو انهن کي اها ورندي ڏيندا تہ اوهان ڪوڙا آهيو ۽ الله جي آڏو عاجزي ڪندا ۽ جيڪي ڪوڙ هنيائون ٿي (يعني ٻيا معبود بڻائي انهن کي پڪاريائون ٿي) سو انهن کان گم ٿي ويندا.“

تشريح :- هن آيت مان ثابت ٿيو تہ غيرالله کي پڪارڻ ڪوڙو دين آهي ۽ جن کي پڪارين ٿا سي خود انهن کي ڪوڙو چوندا ۽ انهن کي ڪجھ بہ ڪم نہ ايندو ۽ هو انهيءَ عظيم غلطي يعني غيرالله جي پڪارڻ جو اقرار ڪندا.

خلاصو: هنن آيتن جو حاصل مطلب هي آهي تہ الله کان سواءِ ٻين کي پڪارڻ ڪفر، شرڪ ۽ وڏو ظلم آهي، اهو باطل ۽ ڪوڙو دين آهي، مشرڪن جي پڪار اجائي برباد آهي، غيرالله جي پڪار بيڪار ۽ بي معنيٰ آهي ۽ اهڙي لاءِ جهنم جو عذاب آهي. هڪ الله جو سڏڻ برحق ۽ مؤمن جو ڪم آهي. اهي ئي انهيءَ تي خوش ٿين ٿا. مگر مشرڪ هڪ الله کي پڪارڻ ۽ ٻين جي نہ پڪارڻ تي ڪاوڙجن ۽ سخت ناراض ٿين ٿا. شيطان انهن کي الله کان باغي ڪري پنهنجو بندو بنايو آهي. جيئن ارشاد آهي تہ :

﴿ وَإِن يَدْعُونَ إِلَّا شَيْطَٰنًا مَّرِيدًا ﴿١١٧﴾ ﴾ ( النساء )

”الله کان سواءِ ٻين جن کي پڪارين ٿا سي صرف شيطان تڙيل کي پڪارين ٿا.

چو تہ جن جي پوڄا ڪئي ۽ ڪين پڪاريو وڃي ٿو، تن جا ٻہ قسم آهن. هڪڙا اهي آهن جيڪي پنهنجي پوڄا ۽ پڪارڻ مان ناراض آهن، بلڪ پنهنجي ساري عمر الله کي پڪارڻ کان تلقين ڪندا رهيا ۽ الله کان سواءِ ٻين جي پڪارڻ کان روڪيندا رهيا. تنهنڪري اهي انهن کان بيزار آهن ۽ قيامت ۾ چوندا تہ :

﴿ قَالُواْ سُبْحَٰنَكَ مَا كَانَ يَنۢبَغِي لَنَآ أَن نَّتَّخِذَ مِن دُونِكَ مِنْ أَوْلِيَآءَ وَلَٰكِن مَّتَّعْتَهُمْ وَءَابَآءَهُمْ حَتَّىٰ نَسُواْ ٱلذِّكْرَ وَكَانُواْ قَوْمًۢا بُورًا ﴿١٨﴾ ﴾ ( الفرقان )

”پاڪائي آهي تو لاءِ اي رب اسان جا! هنن کان سواءِ تون ئي اسان جو ولي ۽ ڏٺي آهين (يعني هنن جي پڪارڻ سان اسان جو ڪو واسطو ناهي ) پر تون هنن کي ۽ هنن جي

ابن ڏاڍن کي ڍر ڏني تان جو تنهنجي نازل ڪيل نصيحت (قرآن ۽ حديث) کي وساري ڇڏيائون ۽ (اهڙي طرح شرڪ ۾ پئي) اها قوم هلاڪ ۽ برباد ٿي.

ثابت ٿيو ته نيڪ ٻانها ، ملائڪ ، انبياء عليهم السلام ۽ اولياء ۽ صالح ٻانها انهن جي شرڪ ۽ پڪار کان بيزار آهن. نه هنن کي ائين چيو، نه ان پڪار مان هو خوش هئا پر شيطان جي چئي تي انهن کي پڪاريائون، تنهن ڪري انهن جي اها پڪار ۽ پوڄا شيطان جي ئي ٿئي.

۽ ٻيو قسم اهي ماڻهو آهن جيڪي پاڻ پنهنجي پوڄا ڪرائين ٿا ۽ پنهنجي پڪارڻ تي خوش ٿين ٿا ،پر چون ٿا ته اسين اوهان جي پڪار سؤ (100) ڪوهه پري کان به ٻڌون ٿا ۽ ائين چوڻ سان ڄڻ ته پاڻ الله هجڻ جي دعوىٰ ڪن ٿا. تنهن ڪري اهي پاڻ خود شيطان آهن ۽ خود شيطان به انهن کي اها ئي تعليم ڏني آهي، تنهن ڪري اها سندن پڪار يقيناً شيطان جي آهي ۽ شيطان جا پوڄاري آهن ۽ الله تعالىٰ جو فرمان سچ آهي ته الله کان سواءِ صرف شيطان کي ئي پڪارين ٿا.

1 _ عَنْ عَبْدِ اللَّهِ ابْنِ مَسْعُودٍ قَالَ قَالَ رَجُلٌ يَا رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَيُّ الذَّنْبِ أَكْبَرُ عِنْدَ اللَّهِ قَالَ أَنْ تَدْعُوَ لِلَّهِ نِدًّا وَهُوَ خَلَقَكَ قَالَ ثُمَّ أَيٌّ قَالَ أَنْ تَقْتُلَ وَلَدَكَ خَشْيَةَ أَنْ يَطْعَمَ مَعَكَ قَالَ ثُمَّ أَيٌّ قَالَ أَنْ تَزْنِيَ حَلِيلَةَ جَارِكَ فَأَنْزَلَ اللَّهُ تَصْدِيقَهَا : ﴿وَٱلَّذِينَ لَا يَدۡعُونَ مَعَ ٱللَّهِ إِلَٰهًا ءَاخَرَ وَلَا يَقۡتُلُونَ ٱلنَّفۡسَ ٱلَّتِي حَرَّمَ ٱللَّهُ إِلَّا بِٱلۡحَقِّ وَلَا يَزۡنُونَ﴾ ([1])

”ابن مسعودؓ کان روايت آهي ته هڪ شخص عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ ! الله تعالىٰ وٽ سڀ کان وڏو گناهه ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته هي جو تون الله جي لاءِ شريڪ بڻائي ان کي پڪارين يان سڏين، حالانڪ (جڏهن ته) انهيءَ توکي خلقيو آهي. چيائين ته پوءِ ڪهڙو وڏو گناهه آهي؟ پاڻ فرمايائون ته گڏ کائڻ جي خطري کان پنهنجي اولاد کي قتل ڪرين. چيائين ته پوءِ؟ چيائين ته هي جو پاڙيسري جي عورت سان زنا ڪرين. پوءِ الله تعالىٰ ان جي تصديق لاءِ (سورةالفرقان ع-6 پ-19) جي آيت نازل فرمائي ته الله جا ٻانها الله کان سواءِ نه ڪنهن ٻئي کي مشڪل ۾ پڪاريندا، نه ناحق ڪنهن جو قتل ڪندا نه زنا ڪندا آهن. جو به شخص ڪندو وڏو ڏوهاري آهي ۽ جهنم جي واديءَ ۾ پوندو ان لاءِ ٻيڻو عذاب هوندو ۽ هميشه ان ۾ ئي ذليل رهندو.

---

[1]- صحيح البخاري ( 21 / 150 ) كِتَاب الدِّيَاتِ بَاب قَوْلِ اللَّهِ تَعَالَى ﴿ وَمَن يَقۡتُلۡ مُؤۡمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهُۥ جَهَنَّمُ ﴾ حديث رقم (6354) ، صحيح مسلم ( 1 / 239 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب كَوْنِ الشِّرْكِ أَقْبَحُ الذُّنُوبِ وَبَيَانِ أَعْظَمِهَا بَعْدَهُ حديث رقم ( 125 ) ، مشكاة المصابيح ( 16 / 17 )

تشريح :- هي حديث فريابي ، احمد ، عبد بن حميد ، بخاري ، مسلم ، ترمذي ، ابن جرير ، ابن منذر ، ابن ابي حاتم ، ابن مردويہ ۽ شعيب الايمان للبيهقي ۾ مروي آهي. ([1])

هن حديث مان ثابت ٿيو تہ الله کان سواءِ ٻئي کي پڪارڻ يا سڏڻ، قتل يا زنا جهڙن خطرناڪ گناهن کان بہ وڏو گناهہ آهي. ان آيت مان ثابت ٿيو تہ مسلمانن جو اهو ڪم نہ آهي جو الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پڪارين، اهڙن لاءِ سخت ۽ ذلت وارو دائمي عذاب آهي.

2 - أَنَسُ بْنُ مَالِكٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ اللَّهُ تَعَالَى : يَا ابْنَ آدَمَ إِنَّكَ مَا دَعَوْتَنِي وَرَجَوْتَنِي غَفَرْتُ لَكَ عَلَى مَا كَانَ فِيكَ وَلَا أُبَالِي ، يَا ابْنَ آدَمَ لَوْ بَلَغَتْ ذُنُوبُكَ عَنَانَ السَّمَاءِ ثُمَّ اسْتَغْفَرْتَنِي غَفَرْتُ لَكَ وَلَا أُبَالِي ، يَا ابْنَ آدَمَ إِنَّكَ لَوْ أَتَيْتَنِي بِقُرَابِ الْأَرْضِ خَطَايَا ثُمَّ لَقِيتَنِي لَا تُشْرِكُ بِي شَيْئًا لَأَتَيْتُكَ بِقُرَابِهَا مَغْفِرَةً. ([2]) قال الترمذي هٰذا حديث حسن غريب.

”انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ الله فرمائي ٿو تہ اي آدم جا اولاد! جيسين تون مونکي سڏيندين ۽ اميد رکندين تيسين پيو توکي بخشيندس. جيڪي بہ تنهنجا گناهہ هوندا. مونکي ڪا پرواهہ نہ آهي. اي آدم جا اولاد! جيڪڏهن تنهنجا گناهہ آسمان جي ڪنارن تائين پهچي وڃن ۽ پوءِ مونکان بخشش گهرندين تہ بہ پيو بخشيندس مونکي ڪا پرواهہ ناهي، اي آدم جا اولاد! جيڪڏهن زمين گناهن سان ڀرجي پوءِ مون وٽ ايندين ۽ مون سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪندين (يعني ٻي ڪنهن کي نہ پڪاريندين) تہ توکي اها ساڳي زمين بخشش سان ڀري ڏيندس. هن حديث جو راوي ابوذرغفاري آهي.

تشريح :- ثابت ٿيو تہ الله کان سواءِ ٻي ڪنهن کي سڏڻ شرڪ آهي ۽ الله کان سواءِ ٻي ڪنهن کي پڪارڻ واري جي دعا نہ قبول ٿيندي نہ گناهہ معاف ٿيندا، چونہ ڪيترا بہ گناهہ هجن الله کان سواءِ ٻي ڪنهن کي نہ پڪاري، انهيءَ سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪري تہ ان جي لاءِ بخشش جي اميد آهي.

3 _ سنن نسائي ۾ انس رضي الله عنه کان روايت آهي . جنهن ۾ ذڪر آهي تہ فتح مڪہ وقت رسول الله ﷺ ٻين سيني کي امان ڏني مگر چار مرد ۽ بہ عورتون، انهن بابت حڪم ڏنائون تہ جتي بہ لهون اتي قتل ڪيون، جيڪڏهن بيت الله جي غلاف کي وچي ڇهڻن

---

[1]- الدر المنثور ( 5 / 77 )

[2]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 8 / 40 ) حديث رقم ( 3540 ) ، سنن الترمذي ( 11 / 448 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب فِي فَضْلِ التَّوْبَةِ وَالِاسْتِغْفَارِ وَمَا ذُكِرَ مِنْ رَحْمَةِ اللَّهِ لِعِبَادِهِ حديث رقم ( 3463 ) ، رواه الترمذي ورواه احمد والدارمي – مشكاة المصابيح ( 204 )

(چنبڙن) (جو تہ اهي ڪفر جا وڏا سرغنہ ۽ اسلام جي خلاف سازش ڪرڻ وارا هئا) انهن ۾ عڪرمہ ابوجهل جو پٽ بہ هو. ان جو واقعو هن طرح آهي :

أَمَّا عِكْرِمَةُ فَرَكِبَ الْبَحْرَ فَأَصَابَتْهُمْ عَاصِفٌ فَقَالَ أَصْحَابُ السَّفِينَةِ أَخْلِصُوا فَإِنَّ آلِهَتَكُمْ لَا تُغْنِي عَنْكُمْ شَيْئًا هَاهُنَا فَقَالَ عِكْرِمَةُ وَاللَّهِ لَئِنْ لَمْ يُنَجِّنِي مِنْ الْبَحْرِ إِلَّا الْإِخْلَاصُ لَا يُنَجِّينِي فِي الْبَرِّ غَيْرُهُ اللَّهُمَّ إِنَّ لَكَ عَلَيَّ عَهْدًا إِنْ أَنْتَ عَافَيْتَنِي مِمَّا أَنَا فِيهِ أَنْ آتِيَ مُحَمَّدًا صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَتَّى أَضَعَ يَدِي فِي يَدِهِ فَلَأَجِدَنَّهُ عَفُوًّا كَرِيمًا فَجَاءَ فَأَسْلَمَ. ([1])

”عڪرمہ ٻيڙيءَ تي چڙهي ڀڄڻ لڳو پوءِ ٻيڙيءَ وارن کي اچي طوفان گهيريو. پوءِ ٻيڙيءَ وارا پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هاڻي خالص هڪڙي الله کي پڪاريو ڇو تہ اوهان جا معبود ۽ درگاهون (جن کي ڇوٽڪاري لاءِ پڪاري رهيا آهيو) سي هينئر اوهان لاءِ ڪجهہ بہ بچاءُ نہ ٿا ڪري سگهن. تڏهن عڪرمہ جو دماغ جاءِ آيو ۽ چيائين تہ الله جو قسم جي درياءَ ۾ خالص هڪڙي الله کان سواءِ ڪو ڇوٽڪارو نہ ملندو تہ زمين ۾ خالص ان کي پڪارڻ کان سواءِ ٻيو ڪوئي ڇوٽڪارو ڏيئي نہ سگهندو (هن دعا گهري تہ) اي منهنجا الله! آئون توسان عهد ٿو ڪريان مونکي جيڪڏهن تو هن طوفان مان عافيت ڏني تہ آئون سڌو تنهنجي رسول ﷺ وٽ ويندس ۽ پنهنجو هٿ اچي ان جي هٿ ۾ ڏيندس. يعني پاڻ کي ان جي حوالي ڪندس ۽ مونکي اميد آهي تہ آءُ ڪيس معاف ڪندڙ ۽ سخاوت وارو لهندس ۽ پوءِ الله تعالىٰ هن جي دعا قبول ڪري ڇوٽڪارو ڏنو ۽ هو آيو ۽ اچي اسلام آندائين.

تشريح :- هي حديث سنن الدارقطني ، المستدرڪ للحاڪم ۽ تفسير ابن مردويہ ۾ بہ آهي. الإصابة لإبن حجر ۽ تفسير ابن ڪثير ۾ بہ هي واقعو مذڪور آهي.

ان ۾ هي لفظ آهن تہ :

فَقَالَ الْقَوْمُ بَعْضُهُم لِبَعْضٍ : إِنَّهُ لَا يُغْنِي عَنْكُمْ إِلَّا أَنْ تَدْعُوَ اللهَ وَحْدَه ، فَقَالَ عِكْرِمَة فِيْ نَفْسِهِ : وَاللهِ لِئِنْ كَانَ لَا يَنْفَعُ فِي الْبَحْرِ غَيْرَه ، فَإِنَّهُ لَا يَنْفَعُ فِي الْبَرِّ غَيْرَه. ([2])

”ٻيڙيءَ وارا هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا تہ اڄ ڇوٽڪاري جي هن کان سواءِ ٻي ڪا صورت ڪانهي جو هڪڙي الله کي پڪاريو يعني ٻين کي پڪارڻ ڇڏي ڏيو. تڏهن عڪرمہ پنهنجي دل ۾ چيو تہ الله جو قسم! جي ڪڏهن درياءَ ۾ الله کان سواءِ ٻيو ڪو

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح و ضعيف سنن النسائي ( 9 / 139 ) حديث رقم ( 4067 ) ، سنن النسائي كِتَاب تَحْرِيمِ الدَّمِ باب الْحُكْمُ فِي الْمُرْتَدِّ حديث رقم ( 3999 ) ( 2 / 150 )

[2]- الإصابة لإبن حجر ( 2 / 490 ) ، تفسير ابن كثير ( 3/ 50 )

نفعو نہ ٿو ڏيئي سگھي تہ خشڪيءَ ۾ بہ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو نفعو نہ ڏيئي سگھندو. ان کان پوءِ مٿين دعا گھريائين.

ناظرين:- مقام عبرت آهي تہ عڪرمہ جھڙو خطرناڪ ڪافر ۽ خطرناڪ ڪافر (ابوجھل) جو پٽ جنهن لاءِ ڪنهن قسم جي معافي نہ آهي ۽ نہ امان آهي. مگر توحيد جي اها برڪت آهي جو جڏهن هن دل سان توبہ ڪئي ۽ توحيد کي سمجھي ويو ۽ اقرار ڪيائين تہ ٻيو ڪو سڏ ٻڌڻ وارو ڪونهي ۽ نہ پڪارڻ جي لائق آهي تہ. الله تعاليٰ سندس دعا قبول ڪئي ۽ ڪيس ڇوٽڪارو مليو ۽ ڪيس اسلام نصيب ٿيو، امان ملي. يعني دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ ڇوٽڪارو حاصل ڪيائين نيز سوچڻ گھرجي تہ اهي مشرڪ ۽ ڪافرن جيڪي رسول ﷺ سان لڙندا رهيا، ڪين تڪليفون پهچائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيائون، ڪيترن اصحابين سڳورن کي عذاب ڏنائون، ڪيترن کي قتل ڪيائون، وڏين وڏين براين ۾ گرفتار هئا، مگر ان هوندي بہ جڏهن ڪنهن مصيبت ۾ ايندا هئا تہ ٻين جو پڪارڻ ڇڏي ڏيندا هئا ۽ اعتراف ڪندا هئا تہ اهي هاڻ ڪجھہ نہ ٿا ڪري سگھن، انهن سيني کي ڇڏي ۽ وساري هڪ الله کي پڪاريندا هئا، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي تہ :

﴿وَإِذَا مَسَّكُمُ ٱلضُّرُّ فِي ٱلْبَحْرِ ضَلَّ مَن تَدْعُونَ إِلَّآ إِيَّاهُ . . . ﴿٦٧﴾﴾ ( الإسراء )

”۽ جڏهن اوهان کي درياءَ ۾ ڪا تڪليف پهچندي آهي تڏهن خاص ان (الله) کان سواءِ ٻين جن کي اوهين سڏيندا آهيو سي وسري ويندا آهن يعني ان هڪڙي کي پڪاريندا آهيون.“

مگر افسوس اڄوڪن مسلمان سڏائيندڙن تي آهي جيڪي ڪلمو لا اله الاّ الله محمد رسول الله(ﷺ) پڙهندا رهن ٿا. مگر سخت مشڪل واري وقت ۾ مثلاً: ٻوڏ اچي يا طوفان يا ڳوٺ کي باهہ لڳي يا ٻي ڪا آفت اچي، ان وقت بہ انهن کي الله ياد نہ ايندو ۽ نہ شرڪ کان توبه ڪندا، بلڪہ پنهنجن پيرن، ولين ۽ بزرگن کي پڪاريندا رهندا آهن. انهن کي هن واقعي مان عبرت وٺڻ گھرجي هڪڙي الله جي پڪارڻ کانسواءِ ٻي ڪا نجات جي واهہ ڪانهي بلڪہ هڪ الله کي پڪارڻ گھرجي ان کانسواءِ ٻئي کي پڪارڻ وڏي ۾ وڏو شرڪ آهي.

*-*-*

## فصل ٻيو

# سجدو، رڪوع ۽ جهڪڻ

الله تعالىٰ جو شان آهي جو ان جي آڏو ڪنڌ نوايو، سرجهڪايو ۽ پيشاني زمين تي رکي وڃي، جيئن فرمائي ٿو ته :

﴿يَـٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ ٱرْكَعُوا۟ وَٱسْجُدُوا۟ وَٱعْبُدُوا۟ رَبَّكُمْ وَٱفْعَلُوا۟ ٱلْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُونَ ۩ ﴿٧٧﴾﴾ ( الحج )

”اي ايمان وارؤ (الله جي آڏو) رڪوع ڪريو ۽ سجدو ڪريو پنهنجي پالڻهار جي عبادت (بندگي) ڪريو ۽ چڱا ڪم ڪريو تان ته اوهين ڇٽي وڃو.“

تشريح :- هن آيت مان ثابت ٿيو ته سجدو ۽ رڪوع بندگي آهي ، تنهنڪري ته الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي لاءِ عبادت درست نه ٿيندي، چو ته غيرالله جي عبادت شرڪ آهي .

الرڪوع : يعني الخضوع يعني عاجزيءَ سان جهڪڻ. رَكَعَ يَرْكَعُ رَكْعاً و رُكُوْعاً ، طاء طاء رأسه ، يعني سر جهڪايائين . نماز ۾ گردن (ڪنڌ) جهڪائڻ واري حالت کي به رڪوع چيو ويندو آهي.

وَكَانَت الْعَرَبُ فِيْ الْجَاهِلِيَّةِ تسَمَّي الحَنِيف رَاكِعاً إِذَا لَمْ يَعْبُدْ الأَوْثَان و تَقُوْلُ رَكَعَ إِلَى اللهِ وَ مِنْهُ قَوْلُ الشَّاعِرِ :

إِلىَ رَبِّه رَبِّ البَرِيّةِ راكِع.

”يعني جاهليت جي زماني ۾ عرب حنيف، جيڪو غير الله جي پوڄا نه ڪندو هو ان کي راڪع (رڪوع ڪندڙ) سڏيندا هئا ۽ چوندا هئا ته هي هڪ الله ڏي موٽيو آهي جيئن عرب جي شاعرن ۾ اهڙو ڪلام ملي ٿو والرڪوع الانحناء بمعنىٰ جهڪڻ. ان ڪري جو پيريءَ ۾ ماڻهو جهڪي ويندو آهي. ان لاءِ چيو ويندو آهي. رڪع الشيخ .

لسان العرب ۽ المفردات للراغب ۾ آهي :

الرُّكُوعُ اَلْإِنْحِنَاءُ فَتَارَةً يُسْتَعْملُ فِيْ الْهَيْئَةِ الَمخْصُوْصَةِ فِيْ الصَّلوٰةِ كَمَا هِيَ وَ تَارَةً فِيْ التَّوَاضُعِ وَ التَّذَلُّلِ إِمَّا فِيْ الْعِبَادَةِ وَ إِمَّا فِيْ غَيْرِهَا. ([1])

”يعني رڪوع بمعنىٰ جهڪڻ پوءِ خواه خاص هيئت نماز واري رڪوع جي هجي يا تواضع ۽ نوڙت ۽ عاجزي، عبادت جي لحاظ سان هجي يا ڪنهن ٻي طرح.“

ثابت ٿيو ته هر قسم جو جهڪڻ صرف الله لاءِ آهي ۽ اها جيڪا تأويل ڪئي ويندي آهي ته اسين عبادت خاطر نه بلڪ صرف تعظيم خاطر جهڪون ٿا، بلڪل غلط آهي. چو ته انهيءَ طرح جي تعظيم صرف الله لاءِ آهي ٻي ڪي ان ۾ شريڪ ڪرڻو نه آهي.

---

[1]- لسان العرب ( 8 / 133 ) ، المفردات للراغب ( 202 )

سجده : لسان العرب ۾ آهي ته :

سَجَدَ يَسْجُدُ سجوداً وَضْعُ جَبْهَتِه بِالْأَرْضِ وَ قَوْمٌ سُجَّدٌ وَ سجود . . . ومصلي الجماعات مسجد بكسر الجيم والمساجد جمعها والمساجد ايضًا : الآراب التي يسجد عليها والآراب السبعة . . . و قوله تعالى ﴿ وَأَنَّ ٱلْمَسَٰجِدَ لِلَّهِ ﴾ قيل هي مواضع السجود من الانسان . . . ابوبكر سجد اذا انحني وتطامن الي الارض وسجد الرجل طأ طأ راءسه وانحني كذالك البعير قال الاسدي اءنشده ابو عبيد وقلن له اسجد لليلي فسجد يعني بعير ها انه طأ طأ رأسه لتركبه . . . وسجدت واسجدت اذا خفضت رأسها لتركب . . . و نخلة ساجدة اذا امالها حملها وسجدت النخله إذا مالت ونخل سواجد مائلة . . . وسجد خضع قال الشاعر تري الاكم فيها سجدًا للحوافر سجود الصلواة وهو وضع الجبهة علي الارض ولا خضوع اعظم منه . . . وكل من ذل وخضع لما امر به فقد سجد ومنه قوله تعالى : ﴿ يَتَفَيَّؤُاْ ظِلَٰلُهُۥ عَنِ ٱلْيَمِينِ وَٱلشَّمَآئِلِ سُجَّدًا لِّلَّهِ وَهُمْ دَٰخِرُونَ ﴾ اي خضعا . . . و سجود الموات محلمه في القرآن طاعته لما سخر له ومنه قوله تعالى ﴿ أَلَمْ تَرَ أَنَّ ٱللَّهَ يَسْجُدُ لَهُۥ مَن فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَن فِي ٱلْأَرْضِ وَٱلشَّمْسُ وَٱلْقَمَرُ وَٱلنُّجُومُ وَٱلْجِبَالُ وَٱلشَّجَرُ وَٱلدَّوَآبُّ وَكَثِيرٌ مِّنَ ٱلنَّاسِ وَكَثِيرٌ حَقَّ عَلَيْهِ ٱلْعَذَابُ ﴾. ([1])

”يعني سجده بمعنىٰ پيشاني زمين تي رکڻ. اسم فاعل ساجد آهي، بمعنىٰ سجدو ڪندڙ. ان جو جمع سجد ۽ سجود آهي ۽ مسجد (ج) جي زير سان جماعت جي نماز پڙهڻ جي جاءِ ان جو جمع مساجد آهي. نيز (جيئن ته) مساجد انهن ستن عضون کي بہ چيو ويندو آهي جن تي سجدو ڪيو ويندو آهي (يعني ٻہ هٿ، ٻہ گوڏا، ٻہ پير ۽ پيشاني ۽ نڪ هڪ عضوو شمار ڪيل آهي) ۽ آيت ﴿ وَأَنَّ ٱلْمَسَٰجِدَ لِلَّهِ . . . ﴿١٨﴾ ﴾ ( الجن )

مان بہ ڪن اها مراد ورتي آهي (يعني اهي ست عضوا صرف الله لاءِ جهڪندا آهن) ۽ امام ابوبڪر فرمائي ٿو تہ: سجود بمعنىٰ جهڪڻ ۽ زمين ڏانهن هيٺ ٿيڻ ۽ نوڙت ڪرڻ جي معنىٰ بہ آهي ۽ بمعنىٰ سر جهڪائڻ جي بہ آهي. ان ڪري سواري ۔ لاءِ اٺ جي جهڪڻ کي بہ سجدو چيو ويندو آهي. جيئن عرب جي شعرن ۾ اهڙا مثال لين ٿا. ڪجي جي وڻ جي ٿارين جي لڙڪڻ کي بہ سجدي سان تعبير ڪيو ويندو آهي ۽ سجدو خضوع ۽ عاجزيءَ کي بہ چيو ويندو آهي. جيئن عرب جي شاعرن ۾ استعمال آهي ۽ نماز جي سجدي کي بہ انهيءَ اعتبار سان سجدو چيو ويو آهي. جو ان کان وڌيڪ ٻي ڪا عاجزي نہ آهي ۽ ڪنهن جي حڪم جي آڏو تابع ۽ عاجز ٿيڻ کي سجدو چيو ويو آهي. جيئن قرآن ۾ آهي تہ :

[1]- لسان العرب ( 3 / 204 – 206 )

﴿يَتَفَيَّؤُاْ ظِلَٰلُهُۥ عَنِ ٱلۡيَمِينِ وَٱلشَّمَآئِلِ سُجَّدٗا لِّلَّهِ وَهُمۡ دَٰخِرُونَ ۝٤٨﴾ ( النحل )

اتي بہ سجدي جي معنیٰ عاجزي ۽ تابعداري آهي. نيز (جيئن تہ) بي جان شين جو سجدو آسمان، زمين، سج، چنڊ، تارا، جبل، وڻ وغيره جو سجدو قرآن ۾ مذڪور آهي (الحج ع 2 پ 17) اتي بہ انهن جي عاجزي ۽ حڪم جي آڏو تابعداري آهي. الغرض اهي سيئي سجدي جا قسم الله جي لاءِ آهن جنهن ۾ ڪوئي شريڪ نہ ٿوٿي سگهي. ڇو تہ مخلوق لاءِ سجدو حرام آهي، بلڪ سجدو خالق جل وعلیٰ هڪ کي جڳائي.

﴿لَا تَسۡجُدُواْ لِلشَّمۡسِ وَلَا لِلۡقَمَرِ وَٱسۡجُدُواْۤ لِلَّهِ ٱلَّذِي خَلَقَهُنَّ إِن كُنتُمۡ إِيَّاهُ تَعۡبُدُونَ ۝٣٧﴾ ( فصلت )

”نڪي سج کي نڪي چنڊ کي سجدو ڪريو ۽ انهيءَ الله کي سجدو ڪريو جنهن انهن کي خلقيو جيڪڏهن سندس خاص عبادت ڪندڙ آهيو.“

تشريح :- الله جي خاص عبادت اها آهي جنهن ۾ ٻئي ڪنهن کي شريڪ نہ ڪيو وڃي ۽ سجدو عظيم عبادت آهي جنهن ۾ انسان جي انتهائي عاجزي ۽ ذلت ٿئي ٿي جو زمين تي پنهنجي پيشاني ۽ نڪ رکي ٿو ۽ گوڏا کوڙي ٿو. اها صرف رب العٰلمين احڪم الحاڪمين جي اڳيان سونهين ٿي. ٻيا سڀ ان جا محتاج آهن. محتاج جي عبادت لائق نہ آهي. جهڙي طرح سج ۽ چنڊ خود الله جا محتاج آهن. انهن کي روشني ۽ چمڪ الله بخشي، نہ هنن جو اهو حسن ذاتي آهي، بلڪ الله جي ذات آهي. اهڙيءَ طرح جن ولين ۽ بزرگن کي پڪاريو وڃي ٿو ۽ پوڄيو وڃي ٿو، انهن جو وجود، جسم، جان، عضوا ۽ انهن جو استعمال وغيره پهلوانن جي پهلواني، عالمن جو علم، ولين جي ولايت، اهو سڀ ڪجهہ الله جي ذات ۽ بخشيل نعمتون آهن. ڪنهن جي بہ ڪا ذاتي ملڪيت نہ آهي، تنهن ڪري اهي بہ سج، چنڊ وانگي محتاج آهن. تنهن ڪري محتاجن جي لاءِ سجدو حرام آهي.

ان ڪري الله تعالیٰ حڪم ڏنو :-

﴿فَٱسۡجُدُواْۤ لِلَّهِ وَٱعۡبُدُواْ۩ ۝٦٢﴾( النجم )

”هڪ الله لاءِ سجدو ڪريو ۽ ان جي بندگي ڪريو.“

تشريح :- الله ۾ ”ل“ اختصاص جو آهي. جيئن مقدمہ بديع التفاسير باب ڏهون فصل 21 ۾ ان ذڪر ڪيو ويو آهي، ان طرح تفسير الجمل ([1]) ، الصاوي علي الجلالين ([2]) ۽ فتح البيان ([3]) مصنفہ نواب صديق حسن وغيره تفاسير ۾ ذڪر ٿيل آهي. جنهن ڪري

---

[1]- تفسير الجمل ( 4 / 240 )

[2]- الصاوي علي الجلالين ( 4 / 137 )

[3]- فتح البيان ( 6 / 19 )

معنىٰ ٿي تہ سجدو صرف هڪ الله کي ڪريو ۽ ”ل“ استحقاق جو بہ ٿي سگهي ٿو، جيئن مقدمہ ۾ مذڪور آهي. پوءِ انهيءَ جي معنىٰ ٿيندي تہ سجدي جو حقدار الله آهي. جيئن باب 2 جي فصل 2 ۾ حديث گذري تہ: الله تعالىٰ جو ٻانهن تي هي حق آهي. تہ ان جي عبادت ڪن ۽ ساڻس ڪنهن کي شريڪ نہ ٺهرائين. مگر ڏٺو وڃي ٿو تہ ڪيترا ماڻهو پيرن ۽ گادين وارن جي آڏو جهڪندا ۽ سجدا ڪندا رهن ٿا بلڪہ ڪئي بار ڏٺو ويو آهي جو جيئرن خواهہ مئن جي قبرن جي اڳيان نماز وانگي سجدا ڪندا رهن ٿا هن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو شرڪ ۽ ڪفر ٿيندو؟

سليمان عليه السلام جي اڳيان پکي هد هد جو ساڻس گڏ هوندو هو تنهن هن طرح بيان پيش ڪيو:

﴿إِنِّي وَجَدتُّ ٱمۡرَأَةٗ تَمۡلِكُهُمۡ وَأُوتِيَتۡ مِن كُلِّ شَيۡءٖ وَلَهَا عَرۡشٌ عَظِيمٞ ٢٣ وَجَدتُّهَا وَقَوۡمَهَا يَسۡجُدُونَ لِلشَّمۡسِ مِن دُونِ ٱللَّهِ وَزَيَّنَ لَهُمُ ٱلشَّيۡطَٰنُ أَعۡمَٰلَهُمۡ فَصَدَّهُمۡ عَنِ ٱلسَّبِيلِ فَهُمۡ لَا يَهۡتَدُونَ ٢٤ أَلَّا يَسۡجُدُواْۤ لِلَّهِ ٱلَّذِي يُخۡرِجُ ٱلۡخَبۡءَ فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِ وَيَعۡلَمُ مَا تُخۡفُونَ وَمَا تُعۡلِنُونَ ٢٥ ٱللَّهُ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ رَبُّ ٱلۡعَرۡشِ ٱلۡعَظِيمِ ۩ ٢٦﴾ ( النمل )

”بيشڪ مون هڪ زال ڏٺي جيڪا انهن (شهر سبا وارن) تي بادشاهي ٿي ڪري ۽ کيس هر ڪا نعمت مليل آهي ۽ ان کي وڏو تخت بہ آهي. مون کيس ۽ سندس قوم کي الله کان سواءِ سج کي سجدو ڪندي ڏٺو ۽ شيطان انهن لاءِ سندن براڪم سينگاري ڏنا آهن ۽ الله جي واٽ کان انهن کي روڪيو اٿس. تنهن ڪري اهي هدايت وارا نہ ٿا ٿين. اهي انهيءَ هڪ الله کي سجدو ڇو نہ ٿا ڪن. جو آسمان ۽ زمين مان ڪيئن ڳجهيون شيون پڌريون ڪندو آهي ۽ جيڪي اوهين لڪائيندا آهيو، يا ظاهر ڪندا آهيو سڀ کي ڄاڻندو آهي، الله اهو آهي جو جنهن کانسواءِ ٻيو ڪو بہ ڪنهن عبادت جي لائق نہ آهي، اهو ئي وڏي عرش جو مالڪ آهي.“

تشريح:- غور ڪريو تہ هڪ پکي جو غير ذوي العقول ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، الله ان کي ايڏي سمجهہ ۽ پنهنجي سڃاڻپ عطا ڪئي، خالق ۽ مخلوق ۾ فرق ڪرڻ جي توفيق بخشي ۽ واضح پيو ڪري تہ سجدو ۽ عبادت هڪ الله کي جڳائي. ٻيو ڪو بہ سجدي جي لائق ڪونهي. افسوس تہ انهن مولوين تي آهي جيڪي غيرالله جي آڏو ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان موڪل ڏين پيا. مگر هي پکي انهن کان هزار ڀيرا ڀلو چئبو جو شرڪ ۽ توحيد جو فرق ڄاڻي پيو ۽ غيرالله جي سجدي تي وڏو عجب ٿو ڪري ۽ انهن کي گمراهہ سڏي ٿو ۽ الله جي آڏو سجدي ۽ عبادت کي برحق چوي پيو. مگر روزانو قرآن ۽ حديث پڙهندا ۽ ٻڌندا رهن ٿا. پوءِ بہ هنن کي سمجهہ نہ ٿي اچي. رب العٰلمين سچ فرمايو

تہ: اسان ڪيترا جن ۽ انسان جهنم لاءِ خلقيا آهن. جن جي وصف هي آهي انهن کي دليون آهن مگر انهن سان سمجهن نہ ٿا ۽ اکيون اٿن مگر ڏسن نہ ٿا ۽ ڪَن اٿن مگر ٻڌن نہ ٿا، پوءِ اهي جانورن (چوپاين) جهڙا آهن بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ گمراهہ، جيڪي غافل آهن. ([1])
يعني قرآن، حديث پڙهندي ٻڌندي پوءِ بہ نہ ٿا سمجهن ۽ شرڪي رسمن مان نہ ٿا نڪرن، انهن کان تہ اهي جانور چڱا چئبا جيڪي خالق ۽ مخلوق، شرڪ ۽ توحيد کي ڄاڻن. هن واقعي مان چند امور ظاهر ٿيا:

الف : سجدو الله کي ڄڳائي جو حقيقي بادشاهہ ۽ آسمانن ۽ زمينن جي ڳجهہ جو مالڪ آهي.

ب : الله کان سواءِ ٻئي جو سجدو گمراهي آهي ۽ اهڙي کي سڌي راهہ نصيب نہ ٿيندي.

ج : غيرالله جو سجدو ۽ ان جي آڏو جهڪڻ انهن ماڻهن جو ڪم آهي جيڪي بدڪاري ۽ برن ڪمن ۾ گرفتار هوندا آهن ۽ انهن کي پنهنجن بڇڙاين تي افسوس ۽ حسرت نہ بلڪ فخر ڪندا ۽ خوش ٿيندا آهن.

د : شيطان جو الله جي خلق کي گمراهہ ڪرڻ جي لاءِ وڏو حربو ۽ هٿيار اهو آهي جو پهريائين هنن کان شرڪ ڪرائي ۽ غيرالله جي يعني پيرن، فقيرن، قبن، مقبرن، درگاهن، آستانن بلڪ پيرن جي صورتن فوٽوئن جي آڏو رڪوع ۽ سجدا ڪرائي پوءِ انهن کي طرح طرح جي بڇڙاين ۾ مبتلا ڪري ٿو.

هہ : ۽ شرڪ سان هنن جي اهڙي ذهنيت مٽائي ٿو جو، جن براين کان هر سمجهدار انسان نفرت ڪري، سي هنن لاءِ مزين بنائي ۽ اهڙيون سينگاري پيش ڪري ٿو جو هنن کي وڻن ۽ پسند اچن ٿيون.

و : الله کان سواءِ جن جا بہ سجدا ڪيا وڃن ٿا، سي ان جا حقدار نہ آهن يعني اهي انهيءَ ڳالهہ جا لائق آهن تہ هو الله جي آڏو سجدو ڪن ۽ جهڪن نہ ڪ پنهنجي آڏو سجدو ڪرائين يا الله جي خلق کي جهڪرائين.

ز : سجدي جو لائق هڪ اهو الله آهي جو سيني بادشاهن جو بادشاهہ، مڙني حاڪمن جو حاڪم، هر ڳجهہ ۽ پڌري شيءِ کي ڄاڻڻ وارو ۽ ظاهر ڪرڻ وارو آهي.

---

[1]- الاعراف ( ع 22 پ 9 )

ح : آسمان ۽ زمين ۾ جي بہ عجائبات ظاهر ٿيندا رهن ٿا، اهي سڀ ان جي قدرت جون نشانيون آهن ۽ انهن ۾ وڏو درس ۽ عبرت آهي، تہ سجدي ۽ پوڄا جو حقدار صرف اهو هڪ الله آهي جنهن هيءُ حسين ۽ رنگا رنگي نظارا ڏيکاريا ۽ لڪل شيون هميشہ پنهنجي ٻانهن جي فائدي لاءِ ظاهر ڪندو رهي ٿو.

ط : بلڪہ اها ٻندي جي انتهائي ناشڪري ڇٽبي جو پنهنجي ايڏي وڏي مهربانيءَ سان شرڪ ڪري ۽ مخلوقن جي آڏو سجدا ڪري يا ڪنڌ نوائي.

ي : جڏهن تہ ان ڪان سواءِ ٻيو ڪو معبود نہ آهي تہ پوءِ ڪنهن لاءِ بہ عبادت جو ڪم نہ ٿو ڪري سگهجي پوءِ خواهہ اهو سجدو هجي يا رڪوع يا دعا ۽ پڪار.

هاڻي هن مسئلي بابت ڪجهہ حديثون لکجن ٿيون :

حديث 1 : عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَوْ كُنْتُ آمِرًا أَحَدًا أَنْ يَسْجُدَ لِأَحَدٍ لَأَمَرْتُ الْمَرْأَةَ أَنْ تَسْجُدَ لِزَوْجِهَا. ([1])

”ابو هريرة ﷛ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جيڪڏهن آئون ڪنهن کي بہ الله ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي کي سجدي ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها تہ زال کي حڪم ڏيان ها پنهنجي مڙس کي سجدو ڪري.“

تشريح :- هيءُ روايت مسند احمد ۾ معاذ بن جبل ﷛ ڪان ۽ مستدرڪ حاڪم ۾ بريدة بن الحصيب ۽ ابو دائود ۽ حاڪم ۾ قيس بن سعد ﷛ ڪان مروي آهي. ([2])

ثابت ٿيو تہ الله ڪان سواءِ ٻئي ڪنهنجي آڏو سر جهڪائڻ جو حڪم نہ آهي سڀ ڪان وڏو حق تعظيم جو زال جي مٿان سندس مڙس لاءِ آهي مگر ان کي بہ حڪم نہ آهي. پوءِ ٻين پيرن ۽ بزرگن جي آڏو جهڪڻ يا نمڻ ڪيئن جائز ٿيندو؟ بلڪہ هن حديث مان هي بہ ثابت ٿيو تہ الله ڪان سواءِ ڪنهن جي آڏو سَر جهڪائڻ جو ڪو بہ حڪم نہ آهي. اهو پوين دين ۾ نئون ڪم داخل ڪيو آهي جنهن ڪري مردود ۽ باطل آهي. چناڇہ رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ : مَنْ أَحْدَثَ فِي أَمْرِنَا هَذَا مَا لَيْسَ مِنْهُ فَهُوَ رَدٌّ. ([3])

”جنهن اسان جي هن ڪم ۾ يعني دين ۾ اهڙو نئون ڪم پيدا ڪيو ۽ داخل ڪيو جو اڳي ان ۾ ناهي تہ اهو مردود ۽ رد آهي.

---

[1]- ( **حسن صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 3 / 159 ) حديث رقم ( 1159 ) ، سنن الترمذي ( 4 / 386 ) كِتَاب الرَّضَاعِ بَاب مَا جَاءَ فِي حَقِّ الزَّوْجِ عَلَى الْمَرْأَةِ حديث رقم ( 1079 ) ، مشكاة المصابيح

[2]- الجامع الصغير ( 2 / 130 )

[3]- صحيح البخاري ( 9 / 201 ) كِتَاب الصُّلْحِ بَاب إِذَا اصْطَلَحُوا عَلَى صُلْحِ جَوْرٍ فَالصُّلْحُ مَرْدُودٌ حديث رقم ( 2499 ) ، صحيح مسلم ( 9 / 118 ) كِتَاب الْأَقْضِيَةِ بَاب نَقْضِ الْأَحْكَامِ الْبَاطِلَةِ وَرَدِّ مُحْدَثَاتِ الْأُمُورِ حديث رقم ( 3242 ) ، مشكاة المصابيح ( 27 )

نيز المشكواة ۾ بحوالہ مسلم جابر ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ :

أَمَّا بَعْدُ فَإِنَّ خَيْرَ الْحَدِيثِ كِتَابُ اللَّهِ وَخَيْرَ الْهُدَى هُدَى مُحَمَّدٍ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَشَرُّ الْأُمُورِ مُحْدَثَاتُهَا وَكُلُّ بِدْعَةٍ ضَلَالَةٌ. ([1])

”پاڻ ﷺ خطبي ۾ اما بعد چوڻ بعد فرمايائون تہ: سڀ کان چڱي ۽ بهتر حديث ۽ ڳالهہ الله جو ڪتاب آهي. سيني طريقن ۾ بهترطريقو محمد ﷺجو آهي ۽ سيني ڪمن ۾ براڪم اهي آهن جي دين ۾ نوان ڪڍيا وڃن تا ۽ هر بدعت گمراهي آهي.“

پوءِ جڏهن تہ الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي لاءِ جهڪڻ يا سجدو اسلام ۾ نہ آهي ۽ نہ اهڙو حڪم رسول الله ﷺ ڏنو آهي، تنهن ڪري اهو ڪم بدعت گمراهي ۽ بڇڙي ۾ بڇڙو ڪم آهي.

حديث2:عَنْ قَيْسِ بْنِ سَعْدٍ قَالَ أَتَيْتُ الْحِيرَةَ فَرَأَيْتُهُمْ يَسْجُدُونَ لِمَرْزُبَانٍ لَهُمْ فَقُلْتُ رَسُولُ اللَّهِ أَحَقُّ أَنْ يُسْجَدَ لَهُ قَالَ فَأَتَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقُلْتُ إِنِّي أَتَيْتُ الْحِيرَةَ فَرَأَيْتُهُمْ يَسْجُدُونَ لِمَرْزُبَانٍ لَهُمْ فَأَنْتَ يَا رَسُولَ اللَّهِ أَحَقُّ أَنْ نَسْجُدَ لَكَ فَقَالَ لِي أَرَأَيْتَ لَوْ مَرَرْتَ بِقَبْرِي أَكُنْتَ تَسْجُدُ لَهُ قَالَ قُلْتُ لَا قَالَ فَلَا تَفْعَلُوا لَوْ كُنْتُ آمِرًا أَحَدًا أَنْ يَسْجُدَ لِأَحَدٍ لَأَمَرْتُ النِّسَاءَ أَنْ يَسْجُدْنَ لِأَزْوَاجِهِنَّ لِمَا جَعَلَ اللَّهُ لَهُمْ عَلَيْهِنَّ مِنْ الْحَقِّ. ([2])

”قيس بن سعد﷛ کان روايت آهي تہ آئون (ڪوفي جي هڪ قديم شهر) الحيرة ۾ آيس ڏٺم تہ هو پنهنجي وڏي جي آڏو سجدا ڪري رهيا آهن. پوءِ مون خيال ڪيو تہ رسول الله ﷺ هن کان وڌيڪ حقدار آهن، جو سندن اڳيان سجدو ڪيو وڃي، (جو تہ ساري مخلوق ۾ پاڻ وڏي عزت ۽ شان وارا آهن) پوءِ آئون رسول الله ﷺ وٽ آيس ۽ ساڻس اهڙو ذڪر ڪيم ۽ عرض ڪيم تہ ان کان تہ توهين وڌيڪ حقدار آهيو جو توهان جي آڏو سجدو ڪيو وڃي. پاڻ فرمايائون تہ خبر ڏي (منهنجي وفات کان بعد) جيڪڏهن تون منهنجي قبر وٽان لنگهين تہ ان جي آڏو سجدو ڪندين؟ عرض ڪيم تہ نہ، پاڻ فرمايائون تہ پوءِ اهڙو ڪم نہ ڪريو جنهن (يعني جيئري مئي سڀ لاءِ هڪڙو حڪم آهي) جيڪڏهن آئون الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي لاءِ سجدي جو حڪم ڏيان ها تہ هوند پهريائين عورتن کي حڪم ڏيان ها تہ پنهنجي مڙسن جي آڏو سجدو ڪن جو مٿن الله تعالىٰ انهن جو وڏو حق آهي.

تشريح:- پوءِ جڏهن تہ زال کي مڙس جي لاءِ سجدي ۽ جهڪڻ جو حڪم يا اجازت نہ آهي. تہ پوءِ ٻئي ڪنهن لاءِ ٿيندي. هن حديث شريف منجهان چند اهم سبق حاصل ٿين ٿا:

[1]- صحيح مسلم ( 4 / 359 ) كِتَاب الْجُمُعَةِ بَاب تَخْفِيفِ الصَّلَاةِ وَالْخُطْبَةِ حديث رقم ( 1435 )

[2]- ( **صحيح ، دون جملة القبر** ) صحيح وضعيف سنن أبي داود ( 5 / 140 ) حديث رقم ( 2140 ) ، سنن أبي داود ( 6 / 42 ) كِتَاب النِّكَاحِ بَاب فِي حَقِّ الزَّوْجِ عَلَى الْمَرْأَةِ حديث رقم ( 1828 ) ، رواه احمد عن معاذ بن جبل ، مشكاة المصابيح ( 282 )

الف: رسول الله ﷺ پنهنجي آڏو بہ سجدي جي اجازت نہ ڏني تہ پوءِ بئي ڪنهن لاءِ اجازت ڏيندي ۽ ٻي ڪهڙي مخلوق سندن شان ۾ شريڪ آهي.

ب : جڏهن سندن قبر مبارڪ جي آڏو سر جهڪائڻ يا ۽ سجدي جي اجازت نہ آهي تہ پوءِ ٻئي ڪنهنجي قبر جي آڏو اهڙي تعظيم جائز ٿي سگهي ٿي؟ هر گز نہ.

ج :رسول الله ﷺ جو صحابيءَ کان اهو پڇڻ تہ منهنجي قبر کي سجدو ڪندين؟ ۽ جواب ۾ هن جو نہ چوڻ مان روز روشن وانگر ظاهر ٿيو تہ انهن کي قبر جو سجدو ڪرڻ سختيءَ سان منع ٿيل آهي.

د : بلڪ اهو بہ ثابت ٿيو تہ ڪنهن بہ قبر ايستائين جو خود رسول الله ﷺ جن جي قبر مبارڪ کي بہ سجدي ڪرڻ جو رواج اصحابين سڳورن ۾ بلڪل نہ هو.

هہ : ڪنهن قبر جي عزت قبر واري جي عزت سان هوندي آهي پوءِ رسول الله ﷺ جي قبر کي سجدو نہ ڪرڻ مان ئي ظاهر آهي تہ سندن ذات مبارڪ کي سجدو جائز نہ آهي. علامہ علي قاري حنفي المرقاة شرح المشڪواة ۾ رسول الله ﷺ جي هن فرمان : لَوْ مَرَرْتَ بِقَبْرِي أَكُنْتَ تَسْجُدُ لَهُ ؟ جي شرح ۾ لکي ٿو تہ أَيْ لِلْقَبْرِ أَوْ لِمَنْ فِيْ الْقَبْرِ. ([1])

يعني تون جيڪڏهن منهنجي قبر وٽان لنگهين ڇا ان کي يا ان قبر واري کي سجدو ڪندين؟ جنهن تي هن جواب ۾ نہ چيو، ثابت ٿيو تہ نہ قبر جو سجدو آهي، نہ قبر واري جو سجدو آهي.

ب : ان مان معلوم ٿيو تہ پاڻ ان کي فرمايائون تہ جيئن تون منهنجي وفات کان بعد مونکي سجدو نہ ٿو ڪري سگهين تہ منهنجي جيئري بہ نہ ٿو ڪري سگهين — علامہ قاري تہ اڳتي هلي لکي ٿو :

قال الطيبي رحمه الله أي اسجدوا للحي الذي لا يموت ولمن ملكه لا يزول فإنك إنما تسجد لي الآن مهابة وإجلالا فإذا صرت رهين رمس امتنعت عنه. ([2])

”علامہ الطيبي فرمائي ٿو تہ هن جو مطلب آهي تہ سجدو انهيءَ الله لاءِ ڪريو جو سدائين جيئرو آهي، ڪڏهن نہ مرندو. تون خود انهيءَ ڳالهہ کي قبول ڪرين ٿو تہ تون

---

[1]- مرقاة المفاتيح شرح مشكاة المصابيح ( 6 / 275 )

[2]- مرقاة المفاتيح شرح مشكاة المصابيح ( 10 / 200 )

هينئر منهنجي تعظيم ۽ هيبت خاطر منهنجي سجدي ڪرڻ لاءِ تہ تيار ٿئين ٿو مگر منهنجي قبر وجھڻ ڪان بعد ان ڪان رڪجي وجي ٿو.

ترمذي مع تحفة الأحوذي ۾ انس ﷛ ڪان روايت آهي تہ :

حديث **3** : عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِك قَالَ قَالَ رَجُلٌ يَا رَسُولَ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ الرَّجُلُ مِنَّا يَلْقَى أَخَاهُ أَوْ صَديقَهُ أَيَنْحَنِي لَهُ قَالَ لَا قَالَ أَفَيَلْتَزِمُهُ وَيُقَبِّلُهُ قَالَ لَا قَالَ أَفَيَأْخُذُ بِيَده وَيُصَافحُهُ قَالَ نَعَمْ. ([1])

”هڪڙي شخص عرض ڪيو تہ يا رسول الله(ﷺ) اسان مان ڪو مرد پنهنجي ڪنهن ڀاءُ يا دوست سان ملي تہ ان جي اڳيان جهڪي. پاڻ فرمايائون تہ نہ، پوءِ ان ڪي چمبڙي ۽ چمي پوءِ فرمايائون تہ نہ عرض ڪيائين تہ ان جي هٿ مان وٺي مصافحہ ڪري؟ پاڻ فرمايائون تہ هائو.

تشريح :- انهيءَ جي تائيد ۾ ٻي حديث آهي تہ اصحاب سڳورا رسول الله ﷺ جي اڳيان ڪونہ جهڪندا هئا جيئن فصل-13 ۾ ان شاءالله بيان ٿيندو. انهيءَ چنبڙڻ ۾ چمڻ جي منع آهي جيئن مريد پيرن جي اڳيان نمي انهن جا پير چمندا آهن يا انهن جي ڪڇ ۾ منهن وجهي چمندا آهن ان جي اجازت نہ آهي، باقي ڀاڪر پائي ملڻ بابت ڪافي حديثون آيون آهن. ان جي منع نہ آهي ۽ منهن ۽ پيشانيءَ جي چمڻ جون حديثون آيون آهن. انجي اجازت آهي. ان بابت امام ابن الاعرابي مستقل ڪتاب تقبيل تصنيف ڪيو آهي جو ڏسڻ گهرجي. ان ڪان سواءِ ٻيون بہ روايتون آهن، جي فصل 13 ۽14 ۾ ذڪر ٿينديون — ان شاءالله.

حاصل ڪلام :- انهن آيتن ۽ حديثن جو خلاصو هي آهي تہ مسجدون يعني سجده گاهون صرف هڪ الله لاءِ آهن. ٻئي ڪنهن جي قبر، درگاه يا آستانہ وغيره ڪي مسجد نہ ٿو چئي سگهجي. تنهن ڪري رڪوع، سجدو ۽ جهڪڻ صرف الله جي لاءِ خاص آهي. ٻين جي لاءِ ممنوع ۽ حرام آهي. بلڪ ٻچڙائي ۽ برن ڪمن جو منڍ آهي، ڇوٽڪارو تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن انسان غيرالله جي سجدي ڪان بچي. اشرف الخلق خيرالبريہ رسول الله ﷺ لاءِ بہ سجدي جي اجازت ڪانهي تہ ٻي ڪنهن جي لاءِ ٿيندي؟ بلڪ پوري ڪائنات ان هڪ الله ڪي سجدو ڪري ٿي. هي مسئلو عين فطرت آهي جنهن ڪي جانور ۽ پکي بہ ڄاڻن ٿا. الله تعالىٰ مسلمانن ڪي هدايت ڏئي جو ٻين درن ڪي ڇڏي سندس هڪ در تي جهڪندا ۽ نمندا رهن. والله الموفق.

[1]- ( **حسن** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 6 / 228 ) حديث رقم ( 2728 ) ، سنن الترمذي ( 9 / 373 ) كِتَاب الِاسْتِئْذَانِ وَالْآدَابِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي الْمُصَافَحَةِ حديث رقم ( 2652 )

( ذيل ) -بعض ماڻهو هي تأويل كندا آهن تہ سجده ہہ قسم جا آهن. هڪ عبادت جو ۽ ٻيو تعظيمي. پهريون الله كان سواءِ ٻئي لاءِ جائز نہ آهي باقي تعظيمي طور نياز نوڙت خاطر ٻين جي آڏو جهڪي سگهي ٿو. هي بلڪل غلط عقيدو ۽ خلق خدا جيءَ سان ڏوڪو آهي ڇو تہ سجدو يا رڪوع في نفسہٖ تعظيم آهي. جا الله جي لاءِ خاص آهي، ان ۾ ڪو شريڪ نہ ٿو ٿي سگهي، بلڪ جو ماڻهوعبادت ڪري ٿو يا سجدو ڏئي ٿو تہ اها خود الله جي تعظيم آهي جو انجي تعظيم جي نيت نہ ٿو ڪري ان جو سجدو ئي قبول نہ آهي. لهٰذا (اهڙي طرح) اهو فرق ڪرڻ تہ هي تعظيمي آهي، هي غير تعظيمي آهي اهو انتهائي غلط آهي. بعض (ڪجھ ماڻهو) هن مان استدلال ڪندا آهن تہ آدم عليه السلام ڏانهن سجدي جو حڪم ٿيو اهو سجدو تعظيمي هو. مگر هي استدلال غلط آهي. اولاً انهيءَ بابت مفسرين جا قول آهن، مگر ان مان صحيح قول هي آهي تہ: آدم ۾ لِآدَمَ ۾ "ل " بمعنىٰ الىٰ جي آهي ڇوتہ ائين بہ "ل" استعمال ٿيندو آهي. علم نحو جي امام ابن هاشم پنهنجي مايناز ڪتاب مغني اللبيب ([1]) ۾ انهن جي تصريح ڪري ٿو ۽ انهيءَ جي لاءِ قرآن جا مثال ڏئي ٿو :

﴿بِأَنَّ رَبَّكَ أَوْحَىٰ لَهَا ﴿٥﴾﴾ ( الزلزلة ) ﴿كُلٌّ يَجْرِي لِأَجَلٍ مُّسَمًّى . . . ﴿١٣﴾﴾ ( فاطر )

﴿وَلَوْ رُدُّوا لَعَادُوا لِمَا نُهُوا عَنْهُ. . . ﴿٢٨﴾﴾ ( الأنعام )

انهن ٽنهين آيتن ۾ "ل" بمعنىٰ الىٰ جي آهي. ان طرح ٻي آيت ۾ بہ آهي تہ :

﴿ أَقِمِ الصَّلَاةَ لِدُلُوكِ الشَّمْسِ . . . ﴿٧٨﴾﴾ ( الإسراء )

هتي بہ لدلوڪ ۾ " ل" بمعنىٰ الىٰ جي آهي . جيئن امام الرازي التفسير الكبير ۾ ذڪر ڪيو آهي ، نيز امام رازي حسان بن ثابت جو شعر بہ بيان ڪيو آهي. ابو بڪر رضي الله عنه جي شان ۾ بيان ڪري ٿو تہ :

أليس أول من صلى لقبلتكم ... وأعرف الناس بالقرآن والسنن

"يعني ابوبڪر صديق اهو شخص نہ آهي جنهن پهريائون توهان جي قبلي ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهيائين ۽ سيني ماڻهن ڪان قرآن و حديث جو وڏو ڄاڻو هو."

پوءِ لکي ٿو تہ : فقوله صلى لقبلتكم نص على المقصود. ([2])

---

[1]- كتاب مغني اللبيب ( 177 )

[2]- تفسير الرازي ( 1 / 493 )

”هي بلڪل انهيءَ بابت صريح ۽ واضح آهي تہ ”ل“ بمعنیٰ الیٰ آهي ، معنیٰ اها آهي تہ آدم ڏي منهن ڪري سجدو جو حڪم آهي نہ آدم کي سجدي جو . جيئن ڪعبة الله ڏي منهن ڪري سجدي جو حڪم ڪيو ويو ٿو مگر سجدو هڪ الله کي آهي. پوءِ جيئن مسلمانن جي ڪعبة الله ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ سان ان جي تعظيم ۽ شان ظاهر ٿئي ٿو، اهڙي طرح آدم عليه السلام ڏي منهن ڪري نماز جي سجدي ڪرڻ سان ان جو شان وڌايو ويو. الغرض هن مان غيرالله جو سجدو ظاهر ڪرڻ صحيح نہ آهي ۽ بعض وري يوسف عليه السلام جي اڳيان پائرن جي سجدي جو ذڪر قرآن ۾ آهي، ان مان استدلال ڪن ٿا. اهو بہ دليل بڻجي نہ ٿو سگهي ڇوتہ ان جي لاءِ يوسف عليه السلام چئي ٿو تہ :

﴿ يَـٰٓأَبَتِ هَـٰذَا تَأۡوِيلُ رُءۡيَـٰيَ مِن قَبۡلُ . . . ﴿١٠٠﴾ ﴾ ( يوسف )

”اي بابا هي منهنجي گذريل خواب جي تعبير آهي.

خواب ۾ هن يارهن تارا ۽ سج چنڊ کي پاڻ کي سجدو ڪندي ڏٺو. جيئن شروع سورة ۾ مذڪور آهي، حالانڪ سج چنڊ وغيره جمادات ۽ بي جان جي سجدي مان مراد اطاعت هوندي آهي. جيئن گذريل فصل ۾ بيان ٿيو.

(ئولاً-: تنهن ڪري تعبير جي معنیٰ بہ اها بيان ڪئي ويندي تہ پائر ۽ ماءُ پيءُ هن جا مطيع ٿيا نہ ڪہ سجدو ڪيائون يا ڪنڌ نوايائون.

ثانياً: جي علماء آدم عليه السلام جي واقعي ۽ هن واقعي مان سلام خاطر ڪنڌ جهڪائڻ مراد وٺن ٿا تن جو بہ اهو چوڻ آهي تہ اهو اڳين شريعت ۾ جائز هو، مگر اسان جي شريعت ۾ حرام ڪيو ويو آهي. حافظ ابن ڪثير پنهنجي تفسير ۾ فرمائي ٿو تہ :

(( وقد كان هذا سائغا في شرائعهم إذا سلَّموا على الكبير يسجدون له، ولم يزل هذا جائزًا من لدن آدم إلى شريعة عيسى عليه السلام، فحرم هذا في هذه الملة، وجُعل السجود مختصا بجناب الرب سبحانه وتعالى. هذا مضمون قول قتادة وغيره.

وفي الحديث أَنَّ مُعَاذًا قَدِمَ الشَّامَ ، فوجدهم يَسْجُدُونَ لأَسَاقِفَتِهِمْ ، فَلَمَّا رَجَعَ سَجَدَ لِرَسُوْلِ الله صلى الله عليه وسلم، فقال: "ما هذا يا معاذ؟" فقال: إني رأيتهم يسجدون لأساقفتهم، وأنت أحق أن يسجد لك يَا رَسُولَ اللَّهِ فقال: لَوْ كُنْتُ آمِرًا أَحَدًا أَنْ يَسْجُدَ لأَحَدٍ لأَمَرْتُ الزَّوْجَةَ أَنْ تَسْجُدَ لِزَوْجِهَا مِنْ عِظم حَقِّهِ عَلَيْهَا. ([1])

---

[1]- ( **حسن صحيح** ) صحيح وضعيف سنن ابن ماجة ( 4 / 353 ) حديث رقم ( 1853 ) ، سنن ابن ماجه ( 5 / 449 ) كِتَاب النِّكَاحِ بَاب حَقِّ الزَّوْجِ عَلَى الْمَرْأَةِ حديث رقم ( 1843 ) ، مسند أحمد ( 44 / 476 ) حديث رقم ( 20983 )

وفي حديث آخر: أن سلمان لقي النبي صلى الله عليه وسلم في بعض طُرُق المدينة، وكان سلمان حديث عهد بالإسلام، فسجد للنبي صلى الله عليه وسلم، فقال:لا تَسْجُدْ لِي يَا سَلْمَانُ وَأَسْجَدْ لِلْحَيِّ الَّذِي لا يَمُوتُ. ([1])

”يعني ان طرح سان كنڌ نوائي سلام ڪرڻ اڳين شريعتن ۾ آدم کان وٺي عيسىٰ عليه السلام تائين جائز هو. هو پاڻ کان وڏي جي آڏو جهڪندا هئا. پوءِ هن اسان جي دين ۾ ان کي حرام ڪيو، سجدي ۾ جهڪڻ کي خاص الله تعالىٰ لاءِ ڪيو ويو. ان طرح قتاده وغيره جو چوڻ آهي. حديث ۾ آهي ته معاذ ﷺ شام ۾ آيو ۽ ڏٺائين ته پنهنجن سردارن جي آڏو سجدا ڪندا ۽ ڪنڌ نوائيندا رهن ٿا. پوءِ جڏهن معاذ ﷺ موٽيو ته ان طرح رسول الله ﷺ جي آڏو ڪنڌ نوايائين. پاڻ پڇيائون ته معاذ هي ڇا آهي؟ چيائين ته مون شامين کي ڏٺو ته پنهنجي وڏن جي آڏو سجدا ڪندا رهن ٿا تنهن ڪري توهين انهن کان وڌيڪ حقدار آهيو. فرمايائون ته ڪنهن کي به ڪنهن لاءِ سجدي ڏيڻ جو حڪم هجي ها ته پهرين زال کي حڪم ڏيان ها ته مڙس جي آڏو سجدو ڪري جو ان جو وڏو حق آهي. ٻي حديث ۾ آهي ته سلمان فارسي رسول الله ﷺ کي گهٽيءَ ۾ مليو ۽ جهڪي سلام ڪيائين پاڻ فرمايائون ته: اي سلمان منهنجي آڏو نه جهڪندو ڪر بلڪ ان جي آڏو سجدو ڪندو ڪر جو سدائين جيئرو آهي ۽ ڪڏهن نه مرندو.

<u>الحاصل</u> : - غيرالله جو سجدو ڪنهن حال ۾ جائز ڪونهي.

*-*-*

## <u>فصل ٽيون</u>

# نذر مڃڻ يا باس باسڻ

نذرِ باس باسڻ به باتفاق علماءِ عبادت آهي. تنهن ڪري ان ۾ ڪو شريڪ نه ٿو ٿي سگهي . قرآن ۾ الله جي ٻانهن جي وصف آهي ته :

﴿ يُوفُونَ بِالنَّذْرِ وَيَخَافُونَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهُ مُسْتَطِيرًا ۝٧ ﴾ ( الإنسان )

”يعني الله جي باس پوري ڪندا ۽ انهيءَ ڏينهن کان ڊڄندا آهن. جنهن جي برائي يعني سختي هر طرف پڌري هوندي.

[1]- تاريخ أصبهان لأبي نعيم الأصبهاني ( 1 / 235 ) ، تفسير ابن أبي حاتم ( 10 / 336 ) حديث رقم ( 16077 ) ، تفسير ابن كثير ( 2 / 491 )

وأخرج عبد الرزاق وعبد بن حميد وابن جرير وابن أبي حاتم عن قتادة ﴿يُوفُونَ بِٱلنَّذۡرِ﴾ قال : كانوا يوفون بطاعة الله من الصلاة والزكاة والحج والعمرة وما افترض عليهم ، فسماهم الله الأبرار لذلك ، فقال : ﴿ يُوفُونَ بِٱلنَّذۡرِ وَيَخَافُونَ يَوۡمٗا كَانَ شَرُّهُۥ مُسۡتَطِيرٗا ﴾ قال : إستطاروا لله شر ذلك اليوم حتى ملأ السموات والأرض .

وأخرج عبد بن حميد عن مجاهد ﴿يُوفُونَ بِٱلنَّذۡرِ﴾ قال : إذا نذروا في حق الله. ([1])

"يعني امام قتادة تابعي ان آيت جي تفسير ۾ فرمائي ٿو ته: اهي پنهنجي الله جي عبادت، جا مٿن فرض ڪيل آهي يعني نماز، زڪواة، حج ۽ عمره وغيره پورا ڪندا هئا. ان ڪري الله تعالیٰ انهن کي ابرار ۽ نيڪ سڏيو آهي، انهيءَ ڪري هي پنهنجي نذرن ۽ باسن کي پورو ڪن ٿا ۽ انهيءَ ڏينهن کان ڊڄن ٿا جنهن ڏينهن جي سختي ۽ شرارت زمين ۽ آسمان ۾ پکڙيل هوندي، ٻي روايت ۾ مجاهد تابعي فرمائي ٿو ته: جڏهن الله جي حق ۾ باسون باسين ٿا ته پوريون ڪن ٿا."

ثابت ٿيو ته نذر ۽ باس باسڻ به عبادت آهي. تنهن ڪري ٻي ڪنهن مخلوق لاءِ ملڪ يا پير يا ولي يا جيئري خواه مئل لاءِ باس باسڻ يا نذر ٻڌڻ شرڪ آهي. چو ته جڏهن نذر عبادت آهي ته، عبادت هڪ الله جو حق آهي، انهيءَ ڪري شرڪ کي ظلم چيو ويو آهي. جيئن باب ٻئي ۽ ٽئين ۾ بيان ٿيو. خود نذر جي بابت الله تعالیٰ ظلم يعني شرڪ جي مذمت ڪري ٿو، جيئن فرمائي ٿو ته :

﴿وَمَآ أَنفَقۡتُم مِّن نَّفَقَةٍ أَوۡ نَذَرۡتُم مِّن نَّذۡرٖ فَإِنَّ ٱللَّهَ يَعۡلَمُهُۥۗ وَمَا لِلظَّٰلِمِينَ مِنۡ أَنصَارٍ ٢٧٠﴾(البقرة)

"اي مسلمانو! جيڪي اوهين خيرات يا خرچ ڪريو ٿا ۽ ڪا باس باسيو ٿا تنهن کي الله تعالیٰ ڄاڻي ٿو ۽ ظلم ڪندڙن لاءِ ڪوئي مدد گار نه آهي."

تشريح : - صدقات ، خيرات ۽ باس باسڻ ۾ ظلم ڪرڻ وڏو ڏوهه آهي . ظلم تڏهن ٿيندو جڏهن ان ۾ الله سان ڪنهن ٻئي کي شريڪ بنايو وڃي تنهن ڪري ڪنهن ٻئي جي لاءِ باس باسڻ يا نذر مڃڻ به حرام ۾ شمار ٿيندي. پوءِ جيڪي عام طرح پيرن جي درگاهن تي نذر و نياز ۽ باسون باسيون وڃن ٿيون سي سڀ ظلم ۽ شرڪ ۾ داخل آهن. تنهن ڪري خاص هڪ الله جي لاءِ نذر ٻڌي وڃي يا باس باسي وڃي. فقه حنفي جي مشهور ڪتاب البحرالرائق ۾ علامه قاسم بن قطلو بغا حنفي جي ڪتاب شرح درالبحار کان نقل ڪري ٿو ته :

[1]- الدر المنثور ( 6 / 298 )

وَأَمَّا النَّذْرُ الَّذي يُنْذرُهُ أَكْثَرُ الْعَوَامّ عَلَى مَا هُوَ مُشَاهَدٌ كَأَنْ يَكُونَ لِإِنْسَان غَائبٌ أَوْ مَرِيضٌ ، أَوْ لَهُ حَاجَةٌ ضَرُورِيَّةٌ فَيَأْتي بَعْضَ الصُّلَحَاء فَيَجْعَلُ سُتْرَةً عَلَى رَأْسه فَيَقُولُ يَا سَيِّدي فُلَانٌ إنْ رُدَّ غَائبي ، أَوْ عُوفيَ مَرِيضي أَوْ قُضيَتْ حَاجَتي فَلَكَ منْ الذَّهَب كَذَا ، أَوْ منْ الْفضَّة كَذَا ، أَوْ منْ الطَّعَام كَذَا ، أَوْ منْ الْمَاء كَذَا ، أَوْ منْ الشَّمْع كَذَا ، أَوْ منْ الزَّيْت كَذَا فَهَذَا النَّذْرُ بَاطلٌ بالْإِجْمَاع لوُجُوه منْهَا أَنَّهُ نَذْرُ مَخْلُوق وَالنَّذْرُ للْمَخْلُوق لَا يَجُوزُ ؛ لأَنَّهُ عبَادَةٌ وَالْعبَادَةُ لَا تَكُونُ للْمَخْلُوق وَمنْهَا أَنَّ الْمَنْذُورَ لَهُ مَيِّتٌ وَالْمَيِّتُ لَا يَمْلكُ وَمنْهَا إنْ ظَنَّ أَنَّ الْمَيِّتَ يَتَصَرَّفُ في الْأُمُور دُونَ اللَّه تَعَالَى وَاعْتقَادُهُ ذَلكَ كُفْرٌ. ([1])

”تہ عام طرح ماڻهن ۾ ڏنو ويو آهي تہ جو هن طرح درگاهن تي باسون باسيندا آهن تہ اي سائين منهنجا! جي منهنجو فلاڻو گم ٿيل ماڻهو واپس آيو يا فلاڻو (مثلاً منهنجو پٽ يا عزيز) بيماريءَ کان چڱو ڀلو ٿيو تہ يا فلاڻي حاجت پوري ٿي تہ تنهنجي لاءِ هيترو سون يا چاندي يا ڪاڌو اناج وغيره يا پاڻي ڏيندس (يا درگاهہ جا مٽ يا دلا ڀريندس) ڏيئا ٻاريندس يا ڏيئن لاءِ تيل ڏيندس تہ اهڙي قسم جون باسون باطل ۽ مردود آهن. انهيءَ تي اجماع آهي انهيءَ جا چند وجوه آهن.

اول: هي تہ اها باس مخلوق جي لاءِ آهي ۽ مخلوق جي لاءِ باس جائز نہ آهي. ڇو تہ باس باسڻ بہ هڪ قسم جي عبادت آهي ۽ عبادت مخلوق جي لاءِ نہ ٿيندي (عبادت هڪڙي الله جي لاءِ آهي)

دوم: هي تہ جنهن لاءِ باس باسي ويئي آهي سو مئل آهي ۽ مئل ڪنهن شيءِ جو مالڪ نہ ٿو ٿي سگهي (تنهن ڪري نہ ان لاءِ ڪا باس ڪري سگهجي ٿي نہ ان کي ڪا شي ڏئي سگهجي ٿي) سو هي تہ جيڪڏهن هن عقيدي سان ڏئي ٿو تہ هي درگاهہ وارو منهنجي ڪم ڪرڻ جو اختيار رکي ٿو (عام طرح درگاهن تي باسن باسڻ وارن جو اهو ئي عقيدو آهي) تہ اهو عقيدو ڪفر آهي .

انهيءَ طرح فقہ حنفي جي مشهور ڪتاب الدرالمختار مع شرح ردالمحتار ۾ بہ عبارت آهي تہ :

واعلم أن النذر الذي يقع للاموات من أكثر العوام وما يؤخذ من الدراهم والشمع والزيت ونحوها إلى ضرائح الاولياء الكرام تقربا إليهم فهو بالاجماع باطل وحرام. ([2])

[1]- البحر الرائق ( 2 / 320 - 321 )

[2]- الدر المختار مع شرح ردالمحتار ( 2 / 439 – 440 )

”يقين سان ڄاڻ تہ عام ماڻهو جيڪي مئلن لاءِ باسون باسيندا آهن ۽ ان بابت جيڪي ڪجھ پئسا، تيل ۽ ڏيئا ولين سڳورن جي قبرن لاءِ ورتا ويندا آهن ان لاءِ تہ وٽن تقرب حاصل ٿئي اهي سيئي بالاجماع باطل ۽ حرام آهن.“

شاميءَ واري ان جي شرح ۾ ان جي حرام هجڻ لاءِ ساڳيا مثيان وجہ پيش ڪري ٿو. ٿورو اڳتي هلي وري لکي ٿو تہ :

اما لو نذر زيتاً لإيقاد قنديل فوق ضريح الشيخ أو لمنارة كما يفعل النساء من نذرالزيت لسيدي عبدالقادر يوقدفي المنارة جهة المشرق فهو باطل.

”جيڪڏهن ڪنهن بزرگ جي قبر يا مناري تي ڏيئي ٻارڻ لاءِ باس باسي ٿو. جيئن عام طرح زالون عبدالقادر جيلاني لاءِ تيل باسينديون آهن يا اتي اوڀر طرف مناري تي ڏيئا ٻاريندون آهن. اهو ڪم بلڪل باطل ۽ ناحق آهي.“

ان ڪان بعد هن مسئلي بابت ڪجھ حديثون ذڪر ڪجن ٿيون :

**1**– عَنْ ثَابِت بْنِ الضَّحَّاكِ قَالَ نَذَرَ رَجُلٌ عَلَى عَهْدِ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنْ يَنْحَرَ إِبِلًا بِبُوَانَةَ فَأَتَى النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَأَخْبَرَهُ فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ هَلْ كَانَ فِيهَا وَثَنٌ مِنْ أَوْثَانِ الْجَاهِلِيَّةِ يُعْبَدُ ؟ قَالُوا : لَا ، قَالَ : فَهَلْ كَانَ فِيهَا عِيدٌ مِنْ أَعْيَادِهِمْ ؟ قَالُوا : لَا ، فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : أَوْفِ بِنَذْرِكَ فَإِنَّهُ لَا وَفَاءَ لِنَذْرٍ فِي مَعْصِيَةِ اللَّهِ وَلَا فِيمَا لَا يَمْلِكُ ابْنُ آدَمَ. ([1])

”ثابت بن ضحاڪ ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جي زماني ۾ هڪ شخص باس باسي تہ بوانہ (مڪ جي قريب هڪ هنڌ جو نالو آهي) اتي الله ڪارڻ اُٺ ڪهي پوءِ اچي. رسول الله ﷺ جن کي خبر ڏنائين. پاڻ اصحابين کان پڇيائون تہ انهيءَ جاءِ تي جاهليت جي دؤر جي بتن مان ڪنهن بت جي پوڄا تہ ڪانہ ٿيندي هئي؟ عرض ڪيائون تہ نہ وري پڇيائون تہ انهن جي ميلن مان ڪو ميلو تہ ڪونہ لڳندو هو؟ عرض ڪيائون تہ نہ. پوءِ پاڻﷺ ان شخص کي فرمايائون تہ تون پنهنجي باس پوري ڪر. چو تہ اهڙي باس کي پورو ناهي ڪرڻو جنهن ۾ الله ﷻ جي نافرماني لازم اچي ۽ نڪي ان شيءِ ۾ جا انسان جي وس ۾ نہ هجي.“

<u>تشريح</u> :- هن حديث شريف مان چند اهم مسئلا حل ٿيا :

[1]– ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن أبي داود ( 7 / 313 ) حديث رقم ( 3313 ) ، سنن أبي داود ( 9 / 140 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ بَاب مَا يُؤْمَرُ بِهِ مِنْ الْوَفَاءِ بِالنَّذْرِ حديث رقم ( 2881 ) ، مشكاة المصابيح ( 289 )

( الف ) جنهن جاءِ تي غيرالله جي پوڄا ڪئي وڃي ان جاءِ تي هڪ الله جي عبادت بہ قبول نہ آهي پوءِ الله کان سواءِ ٻي جي عبادت يا نذر يا ٻاس ٻاسڻ ڪيئن صحيح ٿيندي ۽ ڪيئن قبول پوندي؟

( ب ) مشرڪن جي پراڻين رسمن کي زنده ڪرڻ يا جاري رکڻ بہ حرام آهي.

( ج ) اهڙي طرح مشرڪن جا خاص ڏينهن وارا مقرر ميلن کي بہ جاري ڪرڻ ناجائز آهي .

( د ) غيرالله جي ٻاس ٻاسڻ يا الله جي لاءِ اهڙي جاءِ تي ٻاسڻ جتي غيرالله جي پوڄا ٿيندي هجي، هي سڀ ڪم معصيت ۽ الله ﷻ جي نافرماني مان آهن.

( هـ ) تنهن ڪري اهڙين قسمن جي ٻاسن جو پورو ڪرڻ باطل ۽ حرام آهي.

2 – عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا قَالَتْ قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ نَذَرَ أَنْ يُطِيعَ اللَّهَ فَلْيُطِعْهُ وَمَنْ نَذَرَ أَنْ يَعْصِيَهُ فَلَا يَعْصِهِ. ([1])

”ام المؤمنين عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنهن اهڙي ٻاس ٻاسي جنهن ۾ الله ﷻ جي تابعداري هجي تہ پوءِ پلي تابعداري ڪري ۽ نذر پوري ڪري ۽ جنهن ٻاس ٻاسي تہ الله ﷻ جي نافرماني ڪري تہ اهو اها نافرماني نہ ڪري يعني اهڙو نذر پورو نہ ڪري.“

تشريح:- تازو بيان ٿيو تہ الله ﷻ کان سواءِ ٻي جي لاءِ ٻاس ٻاسڻ گناهہ ۽ ناجائز ڪم آهي. تنهن ڪري غيرالله جي لاءِ نذر ٻڌڻ الله ﷻ جي نافرماني آهي. اها هر گز پوري ڪرڻي نہ آهي بلڪ جنهن اهڙي ٻاس ٻاسي هجي تہ ان کي گهرجي تہ انهيءَ کان باز اچي ۽ الله ﷻ جي دروازي تي توبه ڪري.

3 – عَنْ عَمْرِو بْنِ شُعَيْبٍ عَنْ أَبِيهِ عَنْ جَدِّهِ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ لَا نَذْرَ إِلَّا فِيمَا يُبْتَغَى بِهِ وَجْهُ اللَّهِ وَلَا يَمِينَ فِي قَطِيعَةِ رَحِمٍ. ([2])

”عمرو بن شعيب رضي الله عنه پنهنجي پيءُ کان ۽ اهو پنهنجي ڏاڏي رضي الله عنه کان روايت ڪري ٿو تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ڪابہ ٻاس ڪارگر (فائديمند) نہ ٿيندي مگر جا خاص الله ڪارڻ ڪئي وڃي ۽ مائٽي ڇنڻ واري معاملي ۾ قسم ڪنهن اعتبار ۾ نہ آهي.

تشريح:-هن حديث مطابق جيڪي پيرن ۽ درگاهن تي نذر ٻڌا وڃن ٿا سي باطل ۽ حرام ٿيا.

---

[1]- صحيح البخاري ( 20 / 406 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ بَاب النَّذْرِ فِي الطَّاعَةِ حديث رقم ( 6202 ) ، مشكاة المصابيح ( 297 )

[2]- ( حسن ) صحيح وضعيف سنن أبي داؤد ( 7 / 273 ) حديث رقم ( 3273 ) ، ابو داؤد مع عون المعبود ( 3 / 243 ) ، سنن أبي داود ( 9 / 95 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ بَاب الْيَمِينِ فِي قَطِيعَةِ الرَّحِمِ حديث رقم ( 2848 )

4 – عَنْ عِمْرَانَ بْنَ حُصَيْنٍ قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ النَّذْرُ نَذْرَان : فمن كَانَ نذر فِي طَاعَةِ فَذَلِكَ لِلَّه فِيه الْوَفَاءُ ومن كان نذر فِي مَعْصِيَة فَذَلِكَ لِلشَّيْطَانِ وَلَا وَفَاءَ فِيه وَيُكَفِّرُهُ مَا يُكَفِّرُ الْيَمِينَ. ([1])

”عمران بن حصين ﷜ کان روايت آهي تہ مون رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو تہ باسون ٻن قسمن جون آهن. هڪ اها جيڪا خاص الله ﷻ جي اطاعت لاءِ هجي پوءِ اها باس خاص الله ﷻ لاءِ آهي. ان جو پورو ڪرڻ لازمي آهي ۽ ٻي باس اها جيڪا الله ﷻ جي نافرماني ۾ هجي پوءِ اها باس خاص شيطان لاءِ آهي تنهن ڪري انکي پورو ڪرڻو نہ آهي ۽ ان جو ڪفارو قسم وارو ساڳيو آهي.“

تشريح :- مٿي بيان ٿيو تہ غيرالله جي لاءِ باس ٻڌڻ يا نذر ٻڌڻ گناهہ آهي ڇو تہ نذر ۽ باس بہ هڪ عبادت آهي. جا خاص الله لاءِ هوندي آهي ان ۾ ٻئي ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ ظلم عظيم ۽ معصيت آهي. تنهن ڪري هن حديث مان ثابت ٿيو تہ الله کان سواءِ جا باس باسي وڃي، در اصل اها شيطان لاءِ باس آهي. جيئن فصل پهرين ۾ دلائل سان واضح ڪيو ويو تہ الله کان سواءِ مشڪل ۾ ٻئي ڪنهن کي بہ پڪارڻ يا پوڄا ڪرڻ حقيقت ۾ اهو پڪارڻ ۽ پوڄا ڪرڻ شيطان کي آهي ۽ ان جي لاءِ آهي.

5 – عَنْ كَرْدَمِ بْنِ سُفْيَانَ أَنَّهُ سَأَلَ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ نَذْرٍ نُذِرَ فِي الْجَاهِلِيَّةِ فَقَالَ لَهُ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَلِوَثَنٍ أَوْ لِنُصُبٍ ؟ قَالَ : لَا وَلَكِنْ لِلَّهِ تَبَارَكَ وَتَعَالَى ، قَالَ : فَأَوْفِ لِلَّهِ تَبَارَكَ وَتَعَالَى مَا جَعَلْتَ لَهُ انْحَرْ عَلَى بُوَانَةَ وَأَوْفِ بِنَذْرِكَ. ([2])

”ڪردم بن سفيان ﷜ کان روايت آهي تہ هن رسول الله ﷺ جن کان ان باس بابت پڇيو جا جاهليت ۾ باسي هئي. پاڻ ﷺ فرمايائون تہ: ڪنهن وثن (بت يا جا شيءِ الله کان سواءِ پوڄي وڃي) يا نصب ( آستانو يا درگاهہ) جي لاءِ باسي اٿئي؟ عرض ڪيائون تہ نہ صرف هڪ الله لاءِ. پاڻ فرمايائون تہ الله لاءِ نذر ٻڌي وڃي سا پوري ڪر ۽ بوانہ جاءِ تي اُٺ ڪهڻ جي جا باس باسي اٿئي سا پوري ڪر.

تشريح :- ثابت ٿيو تہ غيرالله جي لاءِ جا باس باسي وڃي اها باطل آهي، ان کي پورو ڪرڻ نہ کپي بلڪ اها باس پوري ڪبي جا خاص الله ﷻ لاءِ باسي وڃي ۽ امام شيخ محمد بن عبدالوهاب النجدي جو پوٽو شيخ عبد الرحمان بن حسن نيز محمد حامد الفقي ڪتاب التوحيد جي شرح ۾ فرمائي ٿو تہ :

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن النسائي ( 8 / 417 ) حديث رقم ( 3845 ) ، سنن النسائي ( 12 / 180 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ كَفَّارَةُ النَّذْرِ حديث رقم ( 3785 ) ، مشكاة المصابيح ( 299 )

[2]- ( **صحيح** ) صحيح الجامع حديث رقم ( 2550 ) ، مسند أحمد ( 11 / 55 ) حديث رقم ( 25819 )

قال شيخ الاسلام رحمه الله تعالى واما النذر لغيرالله كالنذر للاصنام والشمس والقمر والقبور والنحو ذالك وهو شرك وقال في من نذر للقبور او نحوها دهنا لتنور به ويقول انها تقبل النذر كمايقوله بعض الضآلين وهٰذا النذر معصية باتفاق المسلمين لايجوز الوفاء به وكذٰلك اذا نذر مالا للسدنه اوالمجاورين العاكفين بتلك البقعة فان فيهم شبها من السدنة التي كانت عنداللات والعزى ومناة يأكلون اموال الناس بالباطل ويصدون عن سبيل الله والمجاورون هناك فيهم شبه من الذين قال فيهم الخليل عليه السلام ﴿مَا هَٰذِهِ ٱلتَّمَاثِيلُ ٱلَّتِيٓ أَنتُمۡ لَهَا عَٰكِفُونَ﴾ فالنذر لاولٰئك السدنه والمجاورين في هٰذا البقاع نذر معصية وفيه شبه من النذر لسدنة الصلبان والمجاورين عند ها . . . وذالك لان الناذر الله وحده علق رغبته به وحده لعلمه بانه تعالى ماشاء وكان ومالم يشاء لم يكن وانه لامانع لما اعطي وما معطي لما منع فتوحيد القصد هو توحيد العبادة ولهٰذا ترتب عليه وجوب الوفاء فيما نذره طاعة لله والعبادة اذا صرفت لغيرالله صار ذالك شركا بالله لالتفاته الى غيره تعالى في ما يرغب فيه اويرهب فقد جعله شريكاً لله في العبادة فيكون قد اثبت مانفته "لااله الا الله " من الهية غيرالله ولم يثبت ما اثبتته من الاخلاص وكل هٰذه الابواب التي ذكرها المصنف رحمه الله تعالى تدل على ان من اشرك مع الله غيره بالقصد والطلب فقد خالف مانفته "لا اله الا الله " فعكس مد لو لها فاثبت مانفته ونفي ما اثبتته من التوحيد. ([1])

"امام شيخ الاسلام ابن تيميه فرمائي ٿو تہ الله کان سواءِ بين لاءِ باسون باسڻ جيئن بتن، سج، چنڊ، قبرن لاءِ ان طرح ٻيون سيئي باسون شرڪ جاڪم آهن ۽ جنهن شخص قبر يا آستانن لاءِ باس باسي تہ ڏيئي ٻارڻ لاءِ تيل ڏيندس ۽ ائين چوي تہ اهي درگاهون باسن ۽ نذرانن کي قبول ڪن ٿيون جيئن ڪي مشرڪ ڪندا آهن تہ اهڙي قسم جي نذر ۽ باس باسڻ بابت مسلمانن جو اتفاقي فيصلو آهي تہ اهو گناهہ آهي ۽ ان کي پورو ڪرڻ جائز نہ آهي. اهڙي طرح جيڪي مجاورن ۽ درگاهن جي خادمن لاءِ باسون باسيون وينديون آهن اهي انهن باسن جي مشابهہ آهن، جي عزیٰ، لات ۽ مناة جي مجاورن لاءِ باسون باسيون وينديون هيون ۽ اهي ناحق ماڻهن جا مال کائن ۽ انهن کي الله تعالیٰ جي راهہ کان گمراهہ ڪن ٿا بلڪ انهن جو مثال ابراهيم عليه السلام جي قوم وانگر آهي جن کي خطاب ڪري چيائين تہ هي ڪهڙيون ۽ ڇا جيون صورتون آهن جن جي آڏو توهين چلا ڪڍي ۽ ٻئي گوڏا کوڙي ويهو ٿا. ([2]) يعني انهن ۾ ڪهڙي ڀلائي آهي ۽ منجهن ڪهڙي نفعي جي اميد ۽ نقصان جو خطرو آهي. تنهن ڪري انهن مجاورن لاءِ ۽ اهڙين جاين تي باسون باسڻ گناهہ جو ڪم آهي، انهيءَ ۾ انهن مجاورن جي مشابهت آهي جي

---

[1]- شرح كتاب التوحيد ( 158 – 159 )

[2]- الأنبياء (ع 5 پ 17 )

عيسائن جي صليبين جا مجاور آهن ۽ صاحب ڪتاب جو چوي ٿو تہ: اهو هن ڪري آهي جو هڪ الله لاءِ باس باسڻ ۽ نذر ڏيڻ وارو پنهنجي تعلق ۽ رغبت هڪ الله سان رکي ٿو، چو تہ هو ڄاڻي ٿو تہ اهو سڀ ڪجھ ان جي وس ۾ آهي جيڪي گهري سوٿيندو ۽ جو نہ گهري سو نہ ٿيندو ۽ جيڪي ڏئي ان جي جهلڻ واروڪونهي ۽ جنهن شيءِ کي روڪي ۽ جهلي تہ ان جي ڏيڻ وارو ڪوئي ڪونهي. انهيءَ ڪري ارادي ۽ قصد جي توحيد ئي دراصل عبادت جي توحيد آهي تنهن ڪري اهڙي باس جا الله جي عبادت ۽ اطاعت آهي. ان جي پوري ڪرڻ کي لازم چيو ويو آهي ۽ عبادت جو ڪوبہ ڪم الله کان سواءِ ٻئي ڏانهن ڦيرايو ويو يا ان لاءِ ڪيو ويو تہ اهو الله سان شرڪ ٿيندو چو تہ ان ۾ ان جو لاڙو ۽ ڌيان غيرالله ڏانهن ٿي ويو ۽ هي اهڙا ڪم آهن جن جي اميد ۽ آسرو هڪ الله ۾ هجي ۽ خوف بہ ان هڪ جو هجي پوءِ ان ۾ ٻئي کي شريڪ ڪرڻ واري، انهيءَ ڪم کي ڪيو جنهن جي ڪلمو " لااله الا الله " نفعي ۽ انڪار ڪري ٿو ۽ جنهن توحيد کي اهو ڪلمو ثابت ڪري ٿو ان جي لاءِ وري هي انڪار ڪري ٿو ۽ مصنف امام محمد بن عبدالوهاب رحمه الله هن ڪتاب جي هنن بابن ۾ جو ڪجھ بيان ڪيو آهي انهن ۾ واضح دلالت آهي تہ جنهن بہ الله سان ان ڏانهن قصد ۽ ارادي يا طلب ڪرڻ ۾ ڪنهن ٻئي کي شرڪ ڪيو تہ انهيءَ ڪلمي شريف جي مضمون جي برعڪس ۽ ابتڙ هليو يعني جنهن ڳالھ کان ڪلمو روڪي ٿو ان کي وني ٿو ۽ جنهن کي ثابت ڪري ٿو تہ ان کي ڇڏي ٿو.

*-*-*

## فصل چوٿون

## ذبح ڪرڻ ۽ مالي عبادت جي سڀني قسمن جي بيان ۾

ڄاڻڻ گهرجي تہ الله تعالىٰ اسان کي هن طرح اقرار ڪرڻ ۽ عقيدي رکڻ جو حڪم ڪيو آهي

﴿ قُلْ إِنَّ صَلَاتِي وَنُسُكِي وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِي لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿١٦٢﴾ لَا شَرِيكَ لَهُ ۖ وَبِذَٰلِكَ أُمِرْتُ وَأَنَا أَوَّلُ الْمُسْلِمِينَ ﴿١٦٣﴾ ﴾ (الأنعام)

”چئو تون (اي نبي ﷺ) منهنجي نماز ۽ قرباني ۽ منهنجو مرڻ ۽ جيئڻ خاص هڪ الله سڀني جهانن جي پالڻهار لاءِ آهي. انهيءَ ئي (عقيده ۽ طريقي) جو مونکي (الله ﷻ جي طرفان) حڪم مليل آهي ۽ سڀني کان پهريون (انهيءَ حڪم جو) آئون تابعدار آهيان.“

تشريح :- هن آيت ۾ رسول الله ﷺ جن کي خطاب آهي مگر ساري امت انهيءَ ۾ شامل آهي چوتہ الله جو قرآن سڀني انسانن لاءِ آيل آهي جيئن فرمائي ٿو تہ :

﴿ هَٰذَا بَلَاغٌ لِّلنَّاسِ وَلِيُنذَرُوا بِهِ وَلِيَعْلَمُوا أَنَّمَا هُوَ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ وَلِيَذَّكَّرَ أُولُو الْأَلْبَابِ ﴿٥٢﴾ ﴾ ( إبراهيم )

”هي قرآن سيني ماڻهن تائين پهچائڻو آهي تہ انسان ڊيڄاريا وڃن ۽ يقين سان ڄاڻن تہ هر قسم جي بندگيءِ عبادت جو لائق صرف هڪ الله آهي ۽ عقل وارا انهيءَ مان نصيحت وٺن.“

ثابت ٿيو تہ هن آيت ۾ سيني انسانن کي حڪم آهي تہ پنهنجون سيئي عبادتون ۽ بندگيءَ جا قسم خواه بدني هجن جيئن نماز، روزو، حج، رڪوع، سجدو، جهڪڻ، دعا، سڏ، وغيره خواه مالي هجن جيئن زڪواة، صدقات، خيرات، نذر ۽ باسون ۽ جانورن جو ڪهڻ اهي سيئي ڪم هڪ الله ﷻ لاءِ ڪيا وڃن. ان طرح پوري زندگي ۽ ان جا عمل هڪ اللهﷻ جي لاءِ هجن ۽ انهيءَ هڪ لاءِ مرڻ ۽ جان ڏيڻ هجي انهن مان ڪنهن بہ ڳالهہ جو ان رب العٰلمين سان ٻئي ڪنهن بہ مخلوق کي شريڪ ۽ ڀائيوار نہ ڪيو وڃي خواه مَلَڪُ هجي يا نبي يا ولي يا امام يا پير يا بزرگ جيئرو هجي يا مئل. ان طرح حجر، شجر ۽ جمادات وغيره. الغرض ڪنهن لاءِ بہ عبادت جو ڪو بہ قسم ڪرڻ شرڪ آهي. ۽ حڪم جي انحرافي آهي بلڪ آيت مان ظاهر آهي تہ مسلمان ئي تڏهن چئبو جڏهن بدني خواه مالي عبادت جا سيئي ڪم خالص هڪ الله جي لاءِ هجن بلڪ اهو هڪ قسم جو ڪوڙ آهي جو الله جي ڏنل مال ۽ رزق مان غيرالله جي پتي يا ڀائيواري ڪئي وڃي. جيئن ارشاد آهي تہ :

﴿ وَيَجْعَلُونَ لِمَا لَا يَعْلَمُونَ نَصِيبًا مِّمَّا رَزَقْنَاهُمْ ۗ تَاللَّهِ لَتُسْأَلُنَّ عَمَّا كُنتُمْ تَفْتَرُونَ ﴿٥٦﴾ ﴾ ( النحل )

”جيڪي اسان ڪين رزق ڏنو آهي. انهي مان انهن لاءِ ڀاڱو مقرر ڪن ٿا جي ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻن. الله جو قسم جيڪي ڪوڙ ڪيو ٿا ان بابت ضرور اوهان کان پڇا ٿيندي.“

تشريح :- هن آيت ۾ تعليم آهي تہ جيڪو ٻانهي کي رزق ڏنل آهي، اهو الله جي طرفان آهي. تنهن ڪري انهيءَ جي رستي ۾ خرچ ڪرڻو آهي. مال جانور بہ انهيءَ ڏنا آهن ۽ انهيءَ لاءِ ذبح ڪرڻو آهي. نہ ٻئي ڪنهن لاءِ. ٻيو هي بہ ثابت ٿيو تہ ان قسم جون خيراتون جو غيرالله جي لاءِ باسيون وڃن ۽ ذبح ڪيون وڃن. سڀ ڪوڙ آهي ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي ڪوڙ ٻڌي:

﴿ فَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرَىٰ عَلَى اللَّهِ كَذِبًا ﴿١٥﴾ ﴾ ( الكهف )

”انهيءَ ڪوڙ بابت قيامت ۾ پڇا ٿيندي جو تہ اها انتهائي ناشڪري آهي. “

جيئن تہ جانور الله اسان لاءِ پيدا ڪيا.

﴿ وَالْأَنْعَامَ خَلَقَهَا ۗ لَكُمْ . . . ﴿٥﴾ ﴾ ( النحل )

”چوپايا جانور الله ﷻ توهان لاءِ خلقيا آهن ۽ انهن جي لاءِ چارو گاهه ۽ ٻوٽا به انهيءَ پيدا ڪيا آهن.“

﴿ أَوَلَمۡ يَرَوۡاْ أَنَّا نَسُوقُ ٱلۡمَآءَ إِلَى ٱلۡأَرۡضِ ٱلۡجُرُزِ فَنُخۡرِجُ بِهِۦ زَرۡعٗا تَأۡكُلُ مِنۡهُ أَنۡعَٰمُهُمۡ وَأَنفُسُهُمۡۚ أَفَلَا يُبۡصِرُونَ ﴿٢٧﴾ ﴾ (السجدة)

”اسين انهيءَ مينهن جي پاڻي سان زمين کي آباد ڪريون ٿا ۽ اوپڙ اپايون ٿا. جنهن مان انسانن جا جانور ۽ پاڻ کائن ٿا ۽ انهن جي پيٽ مان کير ڪڍي اهو هڪ الله پياري ٿو.“

﴿ وَإِنَّ لَكُمۡ فِي ٱلۡأَنۡعَٰمِ لَعِبۡرَةٗۖ نُّسۡقِيكُم مِّمَّا فِي بُطُونِهِۦ مِنۢ بَيۡنِ فَرۡثٖ وَدَمٖ لَّبَنًا خَالِصٗا سَآئِغٗا لِّلشَّٰرِبِينَ ﴿٦٦﴾ ﴾ (النحل)

”بيشڪ جانورن ۾ اوهان لاءِ عبرت آهي. جيڪي سندن پيٽن ۾ آهي. تنهن ڇيڻن ۽ رت منجان خالص کير ڪڍي اوهان کي پياريندا آهيون. جو پيئندڙن کي وڻندڙ آهي.“

مگر ناشڪريءَ جي حد آهي. جو ان نعمت ۾ به شرڪ ڪيو وڃي ٿو. شيخ عبدالقادر جيلاني جي يارهين جو کير ڪڍيو وڃي ٿو، نه پير جانور خلقيو نه ان لاءِ گاهه خلقيائين ۽ نه ان مان کير ڪڍيائين پوءِ به ان ۾ ان جي پتي! هن ڪان گهٽي آهي. ٻي ڪوڙي خيرات کهڙي ٿيندي؟ ان طرح جيڪي عام درگاهن تي ڦندرون باسيون يا ڪُنيون ويندون آهن يا منايون ورهايون وينديون آهن يا ديڳيون لاٿيون وينديون آهن. هي سيئي ڪوڙي خيرات جا مثال آهن. انهن بابت يقيناً قيامت ۾ پڇا ٿيندي ۽ باز پرس هيئن ٿيندي:

(الف) رزق توکي مون ڏنو تو ان مان ٻئي لاءِ پتي ڪڍي منهنجي ناشڪري ڇو ڪئي؟
( ب ) مالي عبادت به منهنجو حق هو، ان ۾ تو مون سان ٻئي کي شريڪ ڇو ڪيو؟
( ج ) ان طرح تو منهنجي حق ۾ ظلم ڇو ڪيو؟
( د ) ۽ مخلوق کي مون سان شريڪ ڪري منهنجي مٿان ڪوڙ ڇو هنيئي؟
( هه ) ان طرح صدقات ۽ خيرات سان مون وٽ تقرب حاصل ڪرڻ جو توکي حڪم هو تو مخلوق وٽ تقرب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ان کي الله ڇو بنايو؟

ان قسم جي خيرات ڪرڻ وارا انهن سوالن جا جواب سوچي ڇڏين:

﴿إِنَّ زَلۡزَلَةَ ٱلسَّاعَةِ شَيۡءٌ عَظِيمٞ ﴿١﴾﴾ ( الحج )

يعني قيامت جو ڏهڪاءُ وڏو خطرناڪ آهي.

ناظرين:- ان طرح غير الله لاءِ جانور ڏيڻ يا مقرر ڪرڻ ڪافرن جي رسم هوندي هئي. جيئن قرآن ڪريم بيان فرمائي ٿو ته :

﴿ وَجَعَلُوا لِلَّهِ مِمَّا ذَرَأَ مِنَ الْحَرْثِ وَالْأَنْعَامِ نَصِيبًا فَقَالُوا هَٰذَا لِلَّهِ بِزَعْمِهِمْ وَهَٰذَا لِشُرَكَائِنَا ۖ فَمَا كَانَ لِشُرَكَائِهِمْ فَلَا يَصِلُ إِلَى اللَّهِ ۖ وَمَا كَانَ لِلَّهِ فَهُوَ يَصِلُ إِلَىٰ شُرَكَائِهِمْ ۗ سَاءَ مَا يَحْكُمُونَ (١٣٦) وَكَذَٰلِكَ زَيَّنَ لِكَثِيرٍ مِّنَ الْمُشْرِكِينَ قَتْلَ أَوْلَادِهِمْ شُرَكَاؤُهُمْ لِيُرْدُوهُمْ وَلِيَلْبِسُوا عَلَيْهِمْ دِينَهُمْ ۖ وَلَوْ شَاءَ اللَّهُ مَا فَعَلُوهُ ۖ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُونَ (١٣٧) وَقَالُوا هَٰذِهِ أَنْعَامٌ وَحَرْثٌ حِجْرٌ لَّا يَطْعَمُهَا إِلَّا مَن نَّشَاءُ بِزَعْمِهِمْ وَأَنْعَامٌ حُرِّمَتْ ظُهُورُهَا وَأَنْعَامٌ لَّا يَذْكُرُونَ اسْمَ اللَّهِ عَلَيْهَا افْتِرَاءً عَلَيْهِ ۚ سَيَجْزِيهِم بِمَا كَانُوا يَفْتَرُونَ (١٣٨) ﴾ ( الأنعام )

”جيڪي الله پوکون پوکيون ۽ جانور خلقيا آهن. انهن مان الله جي لاءِ ياڱو بنايائون ۽ پنهنجي خيال مطابق چون ٿا تہ هي ياڱو الله جي لاءِ ۽ هي اسان جي شريڪن لاءِ (يعني جن کي الله سان شريڪ بنايو اٿن) آهي پوءِ (چا ٿا چون تہ) جيڪي سندن پائيوار بنايلن لاءِ آهي. اهو الله ڏي نٿو پهچي ۽ جيڪو ياڱو الله لاءِ ڪن ٿا سو سندن بنايل پائيوارن ڏي پهچي وڃي ٿو. اهو جيڪو فيصلو ڪن ٿا سو نهايت بڇڙو آهي ۽ اهڙي طرح گهڻن مشرڪن لاءِ سندن شريڪن (جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا آهن) پنهنجي اولاد جو مارڻ سينگاريو آهي تہ کين هلاڪ ڪن ۽ سندن دين مٿن رلائي ملائي ڇڏين ۽ جي الله گهري ها تہ اهو نہ ڪن ها. تنهن ڪري کين ۽ جيڪي ناهہ ناهيندا آهن تن کي ڇڏي ڏي ۽ پنهنجي خيال سان هي بہ چوندا آهن تہ هي ڍور ۽ پوک حرام آهن. جنهن لاءِ گهرون تنهن کان سواءِ ان کي ڪوئي نہ کائي ۽ (چوندا آهن تہ) هڪڙن ڍورن جي پٺي (سواري لاءِ) حرام ڪئي ويئي آهي ۽ (ٻين) ڍورن کي (ذبح وقت) الله جو نالو ياد نہ ڪندا آهن (اهي ڳالهيون) الله تي ڪوڙي ناهہ ناهڻ سان (ڪندا آهن) جيڪي ناهہ ناهيندا آهن تنهن جي کين جلدي سزا ڏيندو.“

تشريح : - هنن آيتن مان اهم ۽ مفيد ڳالهيون ثابت ٿيون:

( الف) پنهنجي مال زمين جي پيداوار هجي يا جانور هجن انهيءَ مان الله کان سواءِ ولي يا پير جي نالي تي ڪو حصو ڪرڻ اصل ڪافرن جي رسم آهي.

( ب ) ۽ اهڙي طرح مال ۾ حصا ورهائڻ تہ هي الله لاءِ ۽ هي فلاڻي پير جو عرس يا ميلاد يا جماڻون يا يارهين يا ٻارهو وغيره اهي سڀ ڪافرن جون رسمون آهن.

( ج ) الدر المنثور ([1]) ۾ ابن عباس رضي الله عنه ۽ مجاهد تابعي کان روايتون آهن تہ:

---

[1]- الدر المنثور ( 3 / 47 )

اهي ڪافر پنهنجي مال ۾ يا پوک ۾ جيڪو الله لاءِ ڀاڱو مقرر ڪندا هئا. انهيءَ جي حفاظت نہ ڪندا هئا ۽ ضايع ٿيندو هو تہ پرواهہ نہ ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ الله غني آهي. ان جو حصو ضايع ٿيو تہ پرواهہ نہ آهي. مگر جيڪو پنهنجي جڙتو الٰهن جو حصو مقرر ڪندا هئا ان جي پوري حفاظت ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ هي ويچارا غريب آهن. انهن کي ضرورت آهي. ساڳيو حال اڄوڪن پوڄارين جو آهي. جيڪو پيرن ۽ ولين لاءِ حصو مقرر ڪندا، ان جي پوري حفاظت ڪندا ۽ الله جي لاءِ ڪا شيءِ ڪيائون تہ انجي حفاظت نہ ڪندا ۽ سندن جهالت ان مان بہ ثابت آهي تہ جيڪي انهن جا معبود غريب ۽ محتاج آهن ۽ ٻين جي حفاظت جي ضرورت اٿن، تن جي ڪيئن ٿا پوڄا ڪن، ۽ اهي ڪيئن انهن جي مشڪل ڪشائي ڪري سگهندا؟

(د) ان طرح پنهنجي ٻنين ۽ پوکن ۾ پيرن ۽ بزرگن لاءِ ٻارا مقرر ڪندا آهن يا باغن مان ڪي خاص وڻ انهن جي نالي تي ڪندا آهن. پوءِ انهيءَ مان ٻئي ڪنهن کي بہ ڪاٽڻ جي اجازت نہ ڏيندا آهن. جهڙي طرح ملتانين جو روٽ مشهور آهي. جو چوندا آهن تہ اسان پانڌيئڙن کان سواءِ ڪو ٻيو نہ ٿو کائي سگهي. جيڪو کائيندو سو مري ويندو. اهڙي طرح پيرن جي سواري (اُٺن ۽ گهوڙن) جي پني ٻين لاءِ حرام ۽ ممنوع قرار ڏين ٿا ۽ ٻئي ڪنهن کي چڙهڻ جي اجازت نہ ڏيندا آهن. اها بہ انهن مشرڪن جي رسم آهي. جو ان طرح پنهنجي معبودن لاءِ ڪندا آهن.

( هـ ) ۽ ان طرح جانورن ڪهڻ وقت الله جو نالو نہ وٺندا هئا.

يعني ٻئي جي نالي مقرر ڪندا هئا. پوءِ پلي سؤ ڀيرا ڪهڻ مهل " بسم الله" چوي چو تہ شرڪت واري صورت ۾ اهو عمل الله جي لاءِ نہ رهيو. جو جڏهن هن تي غيرالله جو نالو پئجي چڪو، پوءِ الله جو نالو نہ وٺڻ جي برابر آهي. اهڙي طرح الله ﷻ وٽ اهو عمل قبول هوندو آهي. جيڪو خالص انهيءَ لاءِ هجي جنهن ۾ ٻئي جي شرڪت ٿي ويئي، اهو الله جي لاءِ نہ چئبو، جيئن تہ باب-3 جي فصل-2 ۾ حديث قدسي گذري تہ قيامت ۾ منادي ڪئي ويندي تہ:

جنهن بہ الله ﷻ لاءِ اهڙو عمل ڪيوآهي. جنهن ۾ ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪيو اٿس. تہ ان جو ثواب الله ﷻ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کان گهري چو تہ الله ﷻ پائيواري واري ڪم ۾ سيني شريڪن کان وڌيڪ بي پرواهہ آهي، تنهن ڪري الله سان گڏ ٻئي جو نالو وٺڻ سان اها حلال نہ ٿيندي انهيءَ ڪري فرمائي ٿو تہ :

﴿ وَلَا تَأْكُلُوا۟ مِمَّا لَمْ يُذْكَرِ ٱسْمُ ٱللَّهِ عَلَيْهِ وَإِنَّهُۥ لَفِسْقٌ . . . ﴿١٢١﴾ ﴾ ( الأنعام )

”جنهن شيءِ تي الله جو نالو ياد نہ ڪجي تنهن مان نہ کائو جو اهو حرام آهي.“

۽ ٻئي جي نالي ونڻ سان الله جو نالو خالص نہ رهيو تنهن ڪري گوياڪہ الله جو نالو ورتو ئي نہ ويو. مثلاً ڪنهن پير جو ٻڪر مقرر ڪيو وڃي يا ڪنهن بزرگ جو پاڏو مقرر ڪيو وڃي تہ هي پير جي درگاهہ تي ڪنو ويندو يا پير جي يارهين يا ٻارهين لاءِ آهي. ائين چوڻ سان اهو جانور حرام ٿي چڪو. ان تي ڪهڻ وقت بسم الله چوڻ يا نہ چوڻ ٻئي برابر آهن. مثلاً ڪتي تي بسم الله چئي ذبح ڪجي تہ اهو حلال نہ ٿيندو. اهڙي طرح هي جانور بہ اڳي ئي حرام ٿي چڪو هاڻ بسم الله چوڻ سان حلال نہ ٿيندو. مگر فرق اهو آهي تہ ڪتو ذاتي طرح في نفسهِ حرام آهي. ليڪن هي جانور في نفسهِ حرام نہ آهي. الله تعالىٰ هن کي اسان لاءِ حلال ڪيو آهي. مگر مشرڪن هن تي غير جو نالو وجهي الله سان شريڪ ڪري ۽ سندس نافرمان ٿي ان کي حرام ٿيڻ جو سبب بڻايو آهي. تنهن ڪري هن صورت ۾ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ڪنهن پير يا وليءَ لاءِ ڪو ٻڪر يا جانور باسيو يا مقرر ڪيو آهي. مگر ان جي ڪهڻ کان اڳ ۾ الله ﷻ ان کي سمجهہ ڏئي ٿو. ۽ هو پنهنجي شرڪيه عقيدي کان توبهہ ڪري ٿو. ۽ اهو جانور خالص هڪ الله لاءِ ڪري پوءِ ڪهي ٿو تہ پوءِ حلال ٿي ويندو. ڇو تہ هن جو حرام ٿيڻ اللهﷻ جي نافرماني جي ڪري هو. پر توبهہ ڪرڻ سان اهو سبب نہ رهيو. ۽ جيڪڏهن ذبح ڪرڻ کان بعد توبهہ ٿو ڪري تہ پوءِ اهو جانور حلال نہ ٿيندو. ڇو تہ اهو ميتة ۽ مردار جي حڪم ۾ آهي ۽ الله ﷻ خاص طرح چئن شين کي حرام هجڻ جو ذڪر هن طرح فرمايو آهي :

﴿إِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ ٱلْمَيْتَةَ وَٱلدَّمَ وَلَحْمَ ٱلْخِنزِيرِ وَمَآ أُهِلَّ بِهِۦ لِغَيْرِ ٱللَّهِ ۖ . . . ﴿١٧٣﴾ ﴾ ( البقرة )

”اوهان تي رڳو الله تعالىٰ مئل ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ جنهن شي تي الله کان سواءِ ٻئي جو نالو پڪارجي سا حرام ڪيائين.“

تشريح :- هن آيت ۾ چئن شين کي حرام چيو ويو آهي.

(1) ميتة يعني مردار جو ذبح کان بغيرمري وڃي يا ان جي ذبح شرعي نموني سان نہ هجي مثلاً غير جي نالي تي ڪيل هجي يا جهٽڪو ڪري ماريو وڃي. يعني غيرالله جي نالي تي ڪنل مردار جي حڪم ۾ آهي.

( 2 ) رت- يعني سير جو وهندڙ رت جيئن سورة الانعام ۾ تصريح ٿيل آهي تہ :

﴿أَوْ دَمًا مَّسْفُوحًا . . . ﴿١٤٥﴾ ﴾ ( الأنعام )

(3) سوئر جو گوشت ڇو تہ ان بابت بہ ساڳي آيت سورة الانعام ۾ آهي : ﴿ فَإِنَّهُۥ رِجْسٌ ﴾

”يعني اهو سوئر حرام آهي.“

(4) جنهن شيءِ تي غيرالله جو نالو پئجي پوءِ خواهہ (پلي) ڪو جانور ذبح ڪيو وڃي يا ٻي ڪابہ شي منائي وغيره ورهائجي. اهو سڀ حرام ٿيو. بلڪ اهو حرام مٿين ٽن شين کان وڌيڪ سخت حرام آهي. ڇو تہ هڪ الله جي حڪم جي نافرماني ڪئي وئي آهي. جيئن سورة الانعام جي ساڳي آيت ۾ آهي تہ :

﴿أَوۡ فِسۡقًا أُهِلَّ لِغَيۡرِ ٱللَّهِ بِهِۦۚ . . . ﴿١٤٥﴾﴾ ( الأنعام )

”گناهہ يا نافرماني جي طور تي ڪنهن شيءِ کي الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ سڏيو وڃي.“

تنهن ڪري هن نافرماني ۽ ناجائز طريقي تي ان کي حرام بنايو. ٻيو تہ جنهن شيءِ کي الله حلال ڪيو تنهن کي حرام بنايائين. ٿيون هي تہ مٿيون ٽيئي شيون وڏي ۾ وڏا گناهہ ضرور آهن. مگر انهن کي شرڪ نہ چئبو. غيرالله جي نالي تي ڪا شيءِ ڏيڻ يا کھڻ صرف ان کي حرام بنائڻ نہ آهي بلڪ الله سان شرڪ ڪرڻ بہ آهي. تنهن ڪري اهو سيني کان وڏو حرام آهي. جو ڪيترن خطرناڪ گناهن جو مجموعو آهي. هن کان بعد هن مضمون بابت چند حديثون ذڪر ڪجن ٿيون :

حديث 1 : عَنْ أَبِي الطُّفَيْلِ قَالَ : سُئِلَ عَلِيٌّ هَلْ خَصَّكُمْ رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِشَيْءٍ ؟ فَقَالَ مَا خَصَّنَا رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِشَيْءٍ لَمْ يَعُمَّ به النَّاسَ إِلَّا مَا فِي قِرَاب سَيْفِي هَذَا فَأَخْرَجَ صَحِيفَةً فِيهَا لَعَنَ اللَّهُ مَنْ ذَبَحَ لِغَيْرِ اللَّه وَلَعَنَ اللَّهُ مَنْ سَرَقَ مَنَارَ الْأَرْضِ وَفِيْ رِوَايَةٍ مَنْ غَيَّرَ مَنَارَ الْأَرْضِ وَلَعَنَ اللَّهُ مَنْ لَعَنَ وَالِدَهُ وَلَعَنَ اللَّهُ مَنْ آوَى مُحْدِثًا. ([1])

”ابو طفيل (عامر بن واثلہ) ﷛ کان روايت آهي تہ: علي ﷛ کان پڇيو ويو تہ توهان کي ڪا خاص تعليم، رسول الله ﷺ ڏني هئي. چيائين تہ ٻيو ڪجهہ نہ مگر هي صحيفہ آهي جنهن ۾ هي حڪم آهي تہ الله تعالىٰ شل ان تي لعنت ڪري جو الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ ڪو جانور ڪهي. يا زمين جا نشان مٽائي يا چورائي (جيئن عام طرح پرائي زمين ڦٻائڻ خاطر نشان مٽايا ويندا آهن). يا پنهنجي والد کي لعنت ڪري يا بدعتي کي پناهہ ڏئي.

تشريح:- لعنت ان ڪم تي وڌي ويندي آهي جيڪو وڏي ۾ وڏو گناهہ هوندو آهي. ۽ الله جي لعنت انسان لاءِ انتهائي تڙ ۽ ڌڪار آهي. جيئن ارشاد آهي تہ :

﴿وَمَن يَلۡعَنِ ٱللَّهُ فَلَن تَجِدَ لَهُۥ نَصِيرًا ﴿٥٢﴾﴾ ( النساء )

”جنهن تي الله تعالىٰ لعنت ڪري انهيءَ جي لاءِ ڪو بہ مددگار نہ آهي.“

[1]- صحيح مسلم ( 10 / 176 ) كِتَاب الْأَضَاحِيِّ بَاب تَحْرِيمِ الذَّبْحِ لِغَيْرِ اللَّهِ تَعَالَى وَلَعْنِ فَاعِلِهِ حديث رقم ( 3659 ) ، مشكاة المصابيح ( 357 )

تنهن مان ثابت ٿيو تہ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي نالي تي ڪهڻ يا ڏيڻ جيئن عام پيرن تي مڻايون ورهائيندا ۽ ڦندرون ڪهندا آهن. اهو وڏي ۾ وڏو گناهہ ۽ الله تعالىٰ جي لعنت ۽ ذڪار جو باعث آهي. ۽ اهڙو ڪندڙ جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن بد دعا ڪئي آهي. تنهن ڪري اهو ڪم سخت حرام آهي. ۽ شرڪ هجڻ سان گڏ ڪافرن ۽ مشرڪن جو طريقو آهي. الله تعالىٰ مسلمانن کي انهيءَ کان بچائي آمين.

حديث 2 : عن طارق بن شهاب، عن سلمان رضي الله تعالى عنه، قال: دخل رجل الجنة في ذباب، ودخل آخر النار في ذباب. قالوا: وكيف ذاك؟ قال: مر رجلان ممن كان قبلكم على ناس معهم صنم لايمر بهم أحد إلا قرب لصنمهم. فقالوا لأحدهم: قرب شيئاً قال: ما معي شيء، قالوا: قرب ولو ذباباً فقرب ذباباً ومضى فدخل النار، وقالوا للآخر: قرب شيئاً، قال: ما كنت لأقرب لأحد دون الله فقتلوه فدخل الجنة. ([1])

”طارق بن شهاب سلمان فارسي رضي الله عنه کان روايت ڪري ٿو تہ هڪڙو شخص مک جي ڪري جنت ۾ ويو. ۽ هڪڙو شخص مک جي ڪري جهنم ۾ ويو. پڇيو ويو تہ ڪهڙي طرح؟ چيائين تہ توهان کان اڳ ٻہ شخص ڪن ماڻهن وٽان لنگهيا جن جو هڪ بت هو. (يعني ڪنهن پير جي صورت جنهن جي هو پوڄا ڪندا هئا) جو اتان لگهندو هو ان کي قرباني ۽ نذر ڪرڻ جو حڪم ڏيندا هئا. پوءِ هڪ شخص کي چيائون تہ هتي ڪجهہ قرباني ڏي. چيائين تہ مون وٽ ڪجهہ نہ آهي. چيائون تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڏي. اگرچہ مک هجي پوءِ هو مک اتي ماري هليو ويو. پوءِ اهو شخص جهنم ۾ داخل ٿيو. ۽ ٻئي شخص کي ٻہ چيائون مگر ان صاف چيو تہ مان الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ بہ ڪا قرباني يا نذر ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهيان. ان کي قتل ڪري ڇڏيائون. پوءِ اهو بهشت ۾ داخل ٿيو.

تشريح :- هيءَ روايت اگرچہ موقوف آهي. مگر حڪماً مرفوع آهي. چو تہ سلمان فارسي رضي الله عنه اصحابي ان قسم جي ڳالهہ جو واقعو رسول الله ﷺ جن جي ٻڌڻ کان سواءِ نہ ٿو ڪري سگهي. نيز ان ۾ بهشت ۽ دوزخ جو فيصلو ٻڌايل آهي. تنهن ڪري يقيناً رسول الله ﷺ جن کان ٻڌڻ کان سواءِ نہ ٿو چئي سگهي. تنهن ڪري ان روايت بابت اسرائيلي هجڻ جو گمان نہ ٿو ڪري سگهجي. هن راويت مان چند امر معلوم ٿيا.

(الف) غيرالله جي نالي ڪابہ شي ڏيڻ عظيم گناهہ بلڪ جهنم جو باعث آهي.

( ب ) عبرت جو مقام آهي تہ صرف مک مارڻ سان جهنم ۾ وڃي ٿو. جا نہ ڪائڻ جي شيءِ آهي نہ ان مان مجاور کي ڪجهہ حاصل ٿيو. تہ پوءِ جيڪي ٻڪر، ڀاڏا، ۽ ڳئون وغيره. قبرن درگاهن تي ڪهن ٿا، تن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟

---

[1]- فتح المجيد شرح كتاب التوحيد ( 128 ) ، حلية الأولياء لأبي نعيم ( 1 / 203 ) ، كتاب الزهد للإمام أحمد بن حنبل ( 15 ) حديث رقم ( 85 )

( ج ) هن ته صرف غيرالله جي نالي تي ذبح جو ارادو ڪيو ته جهنم ۾ ويو.
( د ) انهيءَ شخص جي ايمان مان عبرت وٺڻ گهرجي. جنهن توحيد خاطر جان قربان ڪئي. قتل ٿي ويو مگر شرڪ نه ڪيائين. ۽ الله ڪان سواءِ ٻئي جي نالي تي مک به نه ماريائين ۽ نه مالي عبادت ۾ شرڪ جو ارادو ٿي ڪيائين. قرة العيون للموحدين ۾ آهي ته :

(لأنه قصد غيرالله بقلبه او انقاد بعمله فوجبت له النار ففيه معني حديث مسلم الذي تقدم في باب الخوف من الشرك عن جابر مرفوعًا : "مَنْ لَقِيَ اللَّهَ لَا يُشْرِكُ بِهِ شَيْئًا دَخَلَ الْجَنَّةَ وَمَنْ لَقِيَهُ يُشْرِكُ بِهِ دَخَلَ النَّارَ" ([1]) فاذا كان هٰذا في من قرب للصنم ذبابا بمن يستسمن الابل والبقره والغنم ليتقرب بنحرها وذبحها ولمن كان يعبده من دون الله من ميت اوغائب اوطاغوت او مشهد اوشجر اوحجر او غير ذالك ؟ وكان هٰؤلاءِ المشركون في اواخر هٰذه الامة يعدون ذالك افضل من الاضحية في وقتها الذي شرعت فيه وربما اكتفي بعضهم بذالك عن ان يضحي لشدة رغبته وتعظيمه ورجائه لمن كان يعبده من دون الله وقد عمت البلوي بهذا وماهو اعظم منه) ([2])

”هن کي اهو عذاب هن ڪري ٿيو جو پنهنجي دل سان غيرالله جو ارادو ڪيائين، ان جي عمل لاءِ تيار ٿيو ۽ تابع ٿيو تنهن ڪري ان لاءِ جهنم جي باهه لازم ٿي ويئي. انهيءَ معنىٰ ۾ مسلم ۾ جابر رضي الله عنه کان مرفوع حديث آهي. ته جو شخص اهڙي حال ۾ الله تعالىٰ سان مليو جو ان سان ڪنهن به شيءِ کي شريڪ نه ڪيو هوندائين، ته پوءِ بهشت ۾ داخل ٿيندو. ۽ جو ان حال ۾ ملندو جو رب سان شرڪ ڪيو هوندائين، ته پوءِ جهنم ۾ داخل ٿيندو. پوءِ جڏهن ته غيرالله جي نالي تي مک ذبح واري جو هي حال آهي ته پوءِ جيڪي جانور اُٺ، ڳئون ۽ ٻڪريون پالي ٿلها ڪن ٿا. ان لاءِ ته ڪنهن غيرالله بزرگ، ميت يا غائب يا غوث يا ڪنهن درگاهه يا وڻ يا پٿر لاءِ ذبح ڪن هن لاءِ ته وٽن قرب حاصل ڪن تن جو ڪهڙو حال ٿيندو. بلڪ هن آخري وقت ۾ ته ڪيترا مشرڪ ان قسم کي الله جي مقرر ڪيل اضحىٰ ۽ قربانيءَ کان وڌيڪ سمجهن ٿا. بلڪ بعض ته انهن بزرگن ۾ ايڏا اميد وارا آهن جو انهن لاءِ ڪهڻ کي شرعي اضحىٰ بجاءِ ڪافي سمجهن ٿا. هن قسم جي دين ۾ مصيبت بلڪ ان کان وڌيڪ مصيبتون عام آهن، جن ۾ گهڻا ماڻهو ڦاٿل آهن.

حديث 3: فصل ٽئين ۾ ثابت بن ضحاڪ رضي الله عنه جي روايت گذري ته رسول الله ﷺ جن ان جاءِ تي خالص الله تعالىٰ لاءِ به قربانيءَ جي اجازت نه ڏني. جتي غيرالله جي عبادت ٿيندي هجي. بلڪ منع فرمايائون. ته پوءِ جيڪي جانور ۽ ڦندرون غيرالله، پيرن ۽ ولين

[1]- صحيح مسلم ( 1 / 253 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب مَنْ مَاتَ لَا يُشْرِكُ بِاللَّهِ شَيْئًا دَخَلَ الْجَنَّةَ وَمَنْ مَاتَ مُشْرِكًا دَخَلَ النَّارَ حديث رقم ( 136 )
[2]- قرة العيون للموحدين ( 88 )

جي نالي تي قبرن ۽ درگاهن ۽ ميلن تي ڪنا ۽ پيش ڪيا وڃن ٿا. سي ڪيئن جائز ٿيندا بلڪ حرام ٿيندا.

خلاصہ:- هنن آيتن ۽ حديثن جو مطلب هي آهي تہ: سڀ مال الله جو ڏنل آهي. تنهن ڪري ان مان هڪ الله جو ئي حصو مقرر ڪري ان وٽ تقرب ۽ ويجهڙائي حاصل ڪرڻ گهرجي. ۽ ٻئي ڪنهن جي نالي ڪو حصو مقرر ڪرڻ يا ان جي نالي تي ڪا شيءِ ورهائڻ يا ڪو جانور ڪهڻ يا باس باسڻ، هي سڀ ڪافرن جون رسمون آهن. انهن جو اهو ڪوڙو دين نهيل آهي. الله تعالىٰ مسلمانن کي انهيءَ ڪم کان بچائي ۽ سچي دين تي قائم رکي.

*-*-*

## فصل پنجون

# علم غيب جي بيان ۾

ڄاڻڻ گهرجي تہ غيب داني ۽ ڳجهہ ڄاڻڻ صرف هڪ الله تبارڪ وتعالىٰ جي صفت مبارڪ آهي. جنهن ۾ ٻي ڪا مخلوق شريڪ نہ آهي. جيئن ارشاد آهي تہ :

﴿فَقُلۡ إِنَّمَا ٱلۡغَيۡبُ لِلَّهِ . . . ﴿٢٠﴾﴾ ( يونس )

”چؤ تہ غيب ۽ ڳجهہ ( ڄاڻڻ ) خاص الله لاءِ آهي.“

تشريح :- جڏهن اها صفت خاص هڪ الله لاءِ آهي. تہ پوءِ ڪنهن مَلَڪ يا ولي يا نبي يا پير يا بزرگ يا امام کي غيب دان ڄاڻڻ يا اهو عقيدو رکڻ تہ هو بہ ڳجهہ ۽ غيب ڄاڻي ٿو تہ اهو ان کي الله سان سندس صفت ۾ شريڪ ڪرڻ آهي. ۽ شرڪ کان مٿي ڪو گناهہ نہ آهي.

جيئن پهرين باب ۾ گذريو.

﴿قُل لَّا يَعۡلَمُ مَن فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِ ٱلۡغَيۡبَ إِلَّا ٱللَّهُۚ وَمَا يَشۡعُرُونَ أَيَّانَ يُبۡعَثُونَ ﴿٦٥﴾﴾ ( النمل )

”چؤ تون (اي نبي ڪريم ﷺ) تہ هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نہ آسمانن ۾ ۽ نہ زمينن ۾ غيب ڄاڻي ٿو. ۽ (جي مري ويا آهن سي ايترو بہ) نہ ٿا ڄاڻن تہ (قبر مان) ڪڏهن اٿاريا ويندا.“

تشريح:- يعني الله کان سواءِ ٻيو ڪو غيب دان ڪونهي نہ آسمان ۾ يعني ملائڪ وغيره جن پنهنجي رب جي اڳو اعتراف ڪيو تہ :

﴿ قَالُواْ سُبۡحَٰنَكَ لَا عِلۡمَ لَنَآ إِلَّا مَا عَلَّمۡتَنَآۖ إِنَّكَ أَنتَ ٱلۡعَلِيمُ ٱلۡحَكِيمُ ﴿٣٢﴾﴾ ( البقرة )

”اي مولا تنهنجو شان پاڪ آهي. اسان کي تہ ڪو بہ علم نہ آهي مگر جو تو پاڻ ڏنو ۽ تون ئي سڀ شي کي ڄاڻندڙ ۽ وڏو داناءُ آهين.“

اهڙي طرح زمين ۾ بہ ڪو بہ غيب ڪونہ ٿو ڄاڻي. سڀ کان افضل نبي عليهم السلام آهن ـ مگر انهن بہ صاف اعلان ڪيو تہ اسان غيب کو نہ ٿا ڄاڻون.

جيئن هيٺ آيتون پيش ڪجن ٿيون :

﴿يَوْمَ يَجْمَعُ ٱللَّهُ ٱلرُّسُلَ فَيَقُولُ مَاذَآ أُجِبْتُمْ ۖ قَالُوا۟ لَا عِلْمَ لَنَآ ۖ إِنَّكَ أَنتَ عَلَّٰمُ ٱلْغُيُوبِ ﴿١٠٩﴾﴾ ( المائدة )

”جنهن ڏينهن الله سڀني پيغمبرن کي گڏ ڪندو (تنهن ڏينهن) چوندا تہ اوهان کي (امتن کان) ڇاجواب مليو؟ چوندا اسان کي (ماڻهن جي دلين جي) خبر نہ آهي. جو تہ تون ئي ڳجهہ جو وڏو ڄاڻندڙ آهين.“

تشريح :- يعني اقرار ڪن ٿا تہ اسان کي غيب جو علم نہ آهي. بلڪ الله جي آڏو اهو عرض ڪن ٿا. بلڪ تون ئي غيب جو ڄاڻندڙ آهين.

﴿وَلَآ أَقُولُ لَكُمْ عِندِى خَزَآئِنُ ٱللَّهِ وَلَآ أَعْلَمُ ٱلْغَيْبَ وَلَآ أَقُولُ إِنِّى مَلَكٌ وَلَآ أَقُولُ لِلَّذِينَ تَزْدَرِىٓ أَعْيُنُكُمْ لَن يُؤْتِيَهُمُ ٱللَّهُ خَيْرًا ۖ ٱللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا فِىٓ أَنفُسِهِمْ ۖ إِنِّىٓ إِذًا لَّمِنَ ٱلظَّٰلِمِينَ ﴿٣١﴾﴾ ( هود )

”(نوح عليه السلام فرمايو تہ) آئون اوهان کي نہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن. ۽ نہ ڪي (ڪو) ڳجهہ ڄاڻندڙ آهيان. نڪي چوان ٿو تہ آئون ملائڪ آهيان. ۽ جن کي اوهان جون اکيون هيٺو ڄاڻن ٿيون تن لاءِ نٿو چوان تہ الله ڪين ڪائي چڱائي نہ ڏيندو. جيڪو سندن دلين ۾ آهي سو الله چڱو ڄاڻندڙ آهي. (جي چوندس تہ) آئون انهيءَ وقت ظالمن مان ٿيندس.“

تشريح :- ثابت ٿيو تہ غيب داني جي دعوا ڪرڻ ظالمن جو ڪم آهي. جو تہ ان طرح هو الله تعاليٰ سان انهيءَ صفت ۾ پاڻ کي شريڪ سمجهي ٿو. ۽ شرڪ وڏو ظلم آهي، جڏهن تہ الله جا نبي بہ غيب دانيءَ جي دعويٰ کان ڊڄندا رهيا پوءِ جي اڄوڪا پير ۽ درگاهن وارا يا صوفي جي پنهنجي لاءِ يا پنهنجي بزرگن جي لاءِ غيب دانيءَ جي دعويٰ ڪن ٿا تن کي شرم اچڻ کپي.

﴿قُل لَّآ أَقُولُ لَكُمْ عِندِى خَزَآئِنُ ٱللَّهِ وَلَآ أَعْلَمُ ٱلْغَيْبَ وَلَآ أَقُولُ لَكُمْ إِنِّى مَلَكٌ ۖ إِنْ أَتَّبِعُ إِلَّا مَا يُوحَىٰٓ إِلَىَّ ۚ قُلْ هَلْ يَسْتَوِى ٱلْأَعْمَىٰ وَٱلْبَصِيرُ ۚ أَفَلَا تَتَفَكَّرُونَ ﴿٥٠﴾﴾ ( الأنعام )

(اي پيغمبر ﷺ !انهن کي) چؤ تہ آئون اوهان کي نہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله جا خزانا آهن. ۽ نڪي (آئون) ڳجهہ ڄاڻندو آهيان. ۽ نڪي اوهان کي چوان ٿو تہ آئون ملڪ

آهيان ۽ جيڪي مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي. تنهن کان سواءِ (ٻئي جي) تابعداري نه ڪندو آهيان. چؤ ته انڌو ۽ سڄو هڪ جهڙا آهن ڇا؟ پوءِ اوهين ڇو نه فڪر ڪندا آهيو.

تشريح :- پوءِ جڏهن ته رسول الله ﷺ جن به غيب داني جي دعوىٰ نه ٿا ڪن ته پوءِ ٻئي ڪنهن مخلوق کي اهڙي دعوىٰ ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ ۽ جڏهن پاڻ غيب نٿا ڄاڻن ته پوءِ الله کان سواءِ ٻيو ڪير غيب ڄاڻي ٿو؟ ۽ جيڪي ماڻهو رسول الله ﷺ ۽ ٻين نبين عليهم السلام يا ولين ۽ بزرگن کي غيب دان ڄاڻن ٿا سي هن قسم جي آيتن جو خيال ڪن.

﴿قُل لَّآ أَمۡلِكُ لِنَفۡسِي نَفۡعٗا وَلَا ضَرًّا إِلَّا مَا شَآءَ ٱللَّهُۚ وَلَوۡ كُنتُ أَعۡلَمُ ٱلۡغَيۡبَ لَٱسۡتَكۡثَرۡتُ مِنَ ٱلۡخَيۡرِ وَمَا مَسَّنِيَ ٱلسُّوٓءُۚ إِنۡ أَنَا۠ إِلَّا نَذِيرٞ وَبَشِيرٞ لِّقَوۡمٖ يُؤۡمِنُونَ ١٨٨﴾ ( الأعراف )

”(اي نبي ﷺ) تون چؤ ته آئون پنهنجي سرلاءِ به ڪنهن نفعي ۽ نقصان جو اختيار ڪونه ٿو رکان مگر جيڪي الله گهريو هوندو (سو ٿي ٿيندو) ۽ جيڪڏهن آئون غيب ڄاڻان ها ته پنهنجي لاءِ گهڻيون ڀلايون گڏ ڪري ڇڏيان ها. ۽ مونکي ڪو ڏک تڪليف نه پهچي ها.

۽ آئون صرف ايماندار (مڃيندڙ) قوم کي (الله جي عذاب کان) ڊيڄاريندڙ ۽ (انجي مغفرت ۽ رحمت جي) خوشخبري ڏيندڙ رسول آهيان.

تشريح :- ظاهر آهي ته رسول الله ﷺ کي ڪافرن جي طرفان ڪافي ايذاء ۽ تڪليفون پهچايون ويون. جيئن خود (پاڻ) قرآن فرمائي ٿو ته:

﴿وَٱلَّذِينَ يُؤۡذُونَ رَسُولَ ٱللَّهِ لَهُمۡ عَذَابٌ أَلِيمٞ ٦١﴾ ( التوبة )

”يعني جيڪي الله جي نبيءَ کي ايذائيندا آهن. تن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.“

ثابت ٿيو ته پاڻ غيب دان نه آهن. ته پوءِ باقي ڪير غيب دان آهي؟ اها صفت خاص الله تعالىٰ جي آهي.

﴿هُوَ ٱللَّهُ ٱلَّذِي لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَۖ عَٰلِمُ ٱلۡغَيۡبِ وَٱلشَّهَٰدَةِۖ هُوَ ٱلرَّحۡمَٰنُ ٱلرَّحِيمُ ٢٢﴾ ( الحشر )

”الله اهو آهي جنهن کان سواءِ (ٻيو) ڪوعبادت جو لائق نه آهي. (جو) ڳجهه ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي اهو ٻاجهارو مهربان آهي. “

تشريح :- هن آيت مان ثابت ٿيو ته غيب جو ڄاڻيندڙ فقط هڪ الله آهي. ۽ الله کان سواءِ ٻيو ڪو الله نه آهي. تنهن ڪري ٻيو ڪو غيب دان به نه آهي. ۽ جو ماڻهو ڪنهن مخلوق کي غيب دان ڄاڻي ٿو. ته ان کي الله چئي چڪو ان کان وڏيڪ ٻيو شرڪ ۽ ڪفر ڪهڙو ٿيندو؟

هن ڪان بعد ڪجھ حديثون لکجن ٿيون :

حديث 1 : أخرج الطيالسي وسعيد بن منصور وأحمد وعبد بن حميد والبخاري ومسلم والترمذي والنسائي وابن جرير وابن المنذر وابن أبي حاتم وأبو الشيخ وابن مردويه والبيهقي في الأسماء والصفات

عَنْ مَسْرُوقٍ قَالَ كُنْتُ مُتَّكِئًا عِنْدَ عَائِشَةَ فَقَالَتْ يَا أَبَا عَائِشَةَ ثَلَاثٌ مَنْ تَكَلَّمَ بِوَاحِدَةٍ مِنْهُنَّ فَقَدْ أَعْظَمَ عَلَى اللَّهِ الْفِرْيَةَ ( وفيه ) قَالَتْ وَمَنْ زَعَمَ أَنَّهُ يُخْبِرُ بِمَا يَكُونُ فِي غَدٍ فَقَدْ أَعْظَمَ عَلَى اللَّهِ الْفِرْيَةَ وَاللَّهُ يَقُولُ :

﴿ قُل لَّا يَعْلَمُ مَن فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضِ ٱلْغَيْبَ إِلَّا ٱللَّهُ ﴾. ([1])

”مسروق ڪان روايت آهي تہ ام المؤمنين عائشہ رضي الله عنها فرمايو تہ: جنهن ٽن ڳالهين مان هڪڙي چئي تہ انهيءَ الله تعالىٰ تي وڏو ڪوڙ ٻڌو. پوءِ آخري هيءَ شي بيان ڪيائين تہ جنهن شخص اهو گمان ڪيو تہ رسول الله ﷺ سڀاڻي جي خبر ڏئي ٿو تنهن الله تي وڏو ڪوڙ ٻڌو ڇو جو الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ: اي نبي ﷺ! تون چئي ڏي تہ الله کان سواءِ آسمانن يا زمينن ۾ ٻيو ڪو بہ غيب ڪونہ ٿو ڄاڻي.“

تشريح :- جڏهن ظاهر ٿيو تہ غيب جو ڄاڻڻ صرف الله جي صفت آهي ۽ الله جو شان آهي تہ: لا شريڪ لهٗ (الانعام ع-20 پ-7)

يعني الله تعالىٰ جي ذات مبارڪ يا ڪنهن صفت سڳوري ۾ ڪو بہ ساڻس شريڪ نہ آهي. پوءِ ان جي صفت ۾ ڪنهن مخلوق کي شريڪ ڪرڻ ان تي ڪوڙ ٻڌڻ آهي.

حديث 2 : وأخرج ابن مردويه عن سلمة بن الأكوع رضي الله تعالى عنه قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم في قبة حمراء إذ جاء رجل على فرس فقال : من أنت؟ قال « أنا رسول الله قال : متى الساعة؟ قال : غيب ، وما يعلم الغيب إلا الله قال : ما في بطن فرسي؟ قال : غيب ، وما يعلم الغيب إلا الله قال : فمتى تمطر؟ قال : غيب وما يعلم الغيب إلا الله » .([2])

”سلمہ بن اڪوع ﷛ ڪان رويت آهي تہ رسول الله ﷺ جن هڪڙي ڳاڙهي تنبوءَ ۾ وينا هئا. هڪ شخص گهوڙي تي چڙهي آيو ۽ عرض ڪيائين تہ توهين ڪير آهيو؟ پاڻ ﷺ فرمايائون تہ آئون الله جو رسول آهيان. چيائين تہ قيامت ڪڏهن ايندي؟ پاڻ فرمايائون تہ اهو غيب آهي. ۽ غيب الله کان سواءِ ٻيو ڪو نہ ٿو ڄاڻي تڏهن چيائين تہ منهنجي گهوڙيءَ جي پيٽ ۾ ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اهو غيب آهي. ۽ غيب کي الله

[1]- صحيح مسلم ( 1 / 413 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب مَعْنَى قَوْلِ اللَّهِ عَزَّ وَجَلَّ ﴿ وَلَقَدْ رَءَاهُ نَزْلَةً أُخْرَىٰ ﴾ حديث رقم ( 259 )، الدر المنثور ( 5 / 114 )

[2]- الدر المنثور ( 5 / 169 )

كان سواءِ ٻيو ڪو نہ ٿو ڄاڻي. پوءِ وري چيائون تہ مينهن ڪڏهن وسندو؟ پاڻ فرمايائون تہ اهو غيب آهي ۽ غيب کي الله کان سواءِ ٻيو ڪو نہ ٿو ڄاڻي.“

تشريح :- هي سڀ ڳجهہ جون ڳالهيون هيون، جن جي باري ۾ رسول الله ﷺ فرمايو تہ اهو غيب آهي. جنهن کي الله کان سواءِ ٻيو ڪو نہ ٿو ڄاڻي. تہ پوءِ ٻئي ڌانهن غيب داني جي نسبت ڪرڻ ڪهڙي طرح جائز ٿي سگهي ٿي.

حديث 3 : قَالَ الإمام أحمد : حَدَّثَنَا وَكِيْع حَدَّثَنَا سُفْيَانَ عَنْ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ دِينَارٍ عَنِ ابْنِ عُمَرَ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَفَاتِيحُ الْغَيْبِ خَمْسٌ لَا يَعْلَمُهُنَّ إِلَّا اللّٰهُ : ﴿ إِنَّ ٱللَّهَ عِندَهُۥ عِلْمُ ٱلسَّاعَةِ وَيُنَزِّلُ ٱلْغَيْثَ وَيَعْلَمُ مَا فِى ٱلْأَرْحَامِ ۖ وَمَا تَدْرِى نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا ۖ وَمَا تَدْرِى نَفْسٌۢ بِأَىِّ أَرْضٍ تَمُوتُ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ عَلِيمٌ خَبِيرٌۢ ﴾ ([1])

يعني ابن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ غيب جون ڪنجيون پنج آهن. جن کي الله کان سواءِ ڪونہ ٿو ڄاڻي. پوءِ پاڻ ان لاءِ (سورة لقمان ع-4 پ-21 جي آيت کي) تلاوت فرمايائون:

”بلاشڪ الله وٽ ئي قيامت جي ڄاڻ آهي. (تہ ڪڏهن ايندي) ۽ اهوئي بارش کي آڻي ٿو (يعني ان جي اچڻ جي بہ ان کي ئي خبر آهي) ۽ ڄاڻي ٿو جيڪو (مائرن جي) رحمن ۾ آهي. (نڪو ٻيو) ڪنهن جان کي پتو آهي. تہ سڀاڻي ڇا ڪمائيندو، نہ ڪي ڪو نفس ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙي زمين تي مرندو. انهن سيني ڳالهين جو الله تعالىٰ ڄاڻندڙ ۽ خبردار آهي.“

ناظرين:- هي حديث گهڻن طريقن سان مروي آهي. چناچہ مسند ۾ ابو بريدة، ابن مسعود، ابن عباس ۽ رجل من بني عامر رضي الله عنه کان ۽ بخاري ۽ مسلم ۾ ابوهريرة ۽ امير المؤمنين عمر رضي الله عنه کان ۽ سيني حديثن جو ذڪر حافظ ابن ڪثير پنهنجي تفسير 54/3۔ 453 ۾ ڪيو آهي.

تشريح:- هن آيت ۽ حديث ۾ انهن پنجن شين کي غيب جون ڪنجيون چيو ويو آهي. پوءِ جڏهن تہ ڪنجين کي بہ الله تعالىٰ کان سواءِ ڪو نہ ٿو ڄاڻي تہ پوءِ خزاني يعني غيب تائين ڪنهن بہ مخلوق جي رسائي نٿي ٿي سگهي. انهن جو تفصيل هن طرح آهي تہ انهن پنجن شين مان هر هڪ جي پنيان ڪئي شيون آهن مثلاً:

---

[1]– انفرد باخراجه البخاري في صحيحه ( 14 / 453 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ بَاب قَوْلِهِ ﴿ إِنَّ ٱللَّهَ عِندَهُۥ عِلْمُ ٱلسَّاعَةِ ﴾حديث رقم ( 4405 ) و كِتَاب التَّوْحِيدِ بَاب قَوْلِ اللَّهِ تَعَالَى ﴿ عَـٰلِمُ ٱلْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلَىٰ غَيْبِهِۦٓ أَحَدًا ﴾ حديث رقم ( 6831 ) ، ابن كثير ( 3 / 454 )

1- الله کان سواءِ ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ قيامت ڪڏهن ايندي؟ ۽ پوءِ قيامت ۾ ڇاٿيندو؟ حساب، ڪتاب، ميزان، پل صراط، بهشت دوزخ وغيره جي تفصيلات بابت الله کان سواءِ بئي ڪنهن کي خبر نہ آهي. صرف جيترو پاڻ قرآن يا حديث ۾ ٻڌايائين.

بارش ڪڏهن ايندي اهو بہ هڪڙو عنوان آهي . جنهن جي هيٺ ڪئين ڳالهيون آهن. مثلاً بارش ڪيترو وقت بيهندي؟ ان ۾ گوڙ ۽ وڄ هوندي يا نہ، ڪيترو وقت بارش هلندي ۽ ان ۾ ڳڙا هوندا يا نہ، بارش مفيد ٿيندي يا نقصان ڪار، ڪٿي ۽ ڪهڙي وقت ۽ ڪهڙي قسم جي آبادي ٿيندي؟ اهي سيئي ڳالهيون قطعي طورڪير ڪونہ ٿو ڄاڻي صرف ظن ۽ تخميني تي ڳالهيون ڪيون وينديون آهن.

2- ماءُ جي پيٽ ۾ ڇا آهي؟ ان جي تہ ۾ ڪئين ڳالهيون آهن مثلاً ٻار ڪڏهن ڄمندو، پوري وقت تي ڄمندو يا اڳي ڪچو ساقط ٿي ويندو، جيئرو ڄمندو يا مئل، يا ڄمي مري ويندو، عمر ڪيتري هوندس، ننڍ پڻ ۾ مري ويندو يا جواني ۾ يا پيري اچڻ کان بعد ۽ سندس عمل ڪهڙو هوندو. چڱو يابرو، رزق ڪهڙو هوندس حلال يا حرام ۽ ڪمائي جو ذريعو معاش ڪهڙو هوندس. ڪاريگر هوندو يا واپاري يا زميندار يا هاري يا ملازم يا مزدور، سياڻو هوندو يا نياڻو وغيره سيئي ڳالهيون الله کان سواءِ ڪونٿو ڄاڻي.

3- جڏهن ڪنهن کي خبر نہ آهي. تہ سڀاڻي ڇا ڪندو تہ پوري حياتيءَ جي ڏينهن ۾ ڇا ڇا ڪندو.

جڏهن ڪنهن کي خبر نہ آهي تہ زمين جي ڪهڙي ٽڪري تي مرندو تہ پوءِ ڪهڙي ڪنهن کي خبر تہ پنهنجن ۾ مرندو يا پراين ۾ ۽ ڪهڙي طرح مرندو، بيماريءَ سان يا حادثي ۾ يا زهر سان يا دشمن جي حملي سان يا آپ گهات (خودڪشي) ڪندو، اوچتو مرندو يا بيمار رهي پوءِ قبر ۾ دفن ٿيندو يا باهہ ۾ ساڙيو ويندو يا جانور کائيندس يا درياءَ ۽ سمنڊ ۾ اڇلايو ويندو. منهن ڀر ڪرندو يا پٺي ڀر يا سڄي پاسي يا کٻي پاسي، رات جو مرندو يا ڏينهن جو، اس ۾ مرندو يا ڇانو ۾ وغيره وغيره پوءِ جڏهن تہ انهن سيني ڳا لهين جا عنوان ڪنهن کي معلوم نہ آهن. تہ پوءِ ان جي تہ ۾ جيڪي ڳالهيون آهن سي ڪير ٿو ڄاڻي سگهي يا انهن جي ڄاڻڻ جي دعوىٰ ڪري ٿو سگهي اهو شان صرف الله جو آهي. جنهن کان ڪابہ شيءِ ڳجهي نہ آهي. اهو ئي هڪ عالم الغيب آهي.

ناظرين:- هن حديث بابت امام ابو حنيفہ رحمه الله جو هڪ عجيب واقعو بيان ڪجي ٿو. چنانچہ (جنهن کي) حنفي مذهب جو وڏو مشهور امام ابو البرڪات النسفي پنهنجي مشهور تفسير مدارڪ التنـــزيل ۾ لکي ٿو :-

وراي منصور في منامه صورة ملك الموت وسأله عن مدة عمره فاشاربا صابعه الخمس فعبرالمعبرون بخمس سنوات وبخمس اشهر وبخمسة ايام فقال ابو حنيفه رحمه الله هو اشارة الى هٰذاه الأية فان هٰذه العلوم الخمسة لا يعلمها الا الله. ([1])

”بادشاهہ منصور پنهنجي خواب ۾ ملڪ الموت کي ڏٺو ۽ ڪائنس پنهنجي عمر بابت پڇيائين هن جواب ۾ پنجن آڱرين ڏانهن اشارو ڪيو. پوءِ تعبير ڪرڻ وارن مختلف تعبير ڪيا. ڪن چيو تہ پنج سال مراد آهي. ڪن چيو تہ پنج مهينا ڪن چيو تہ پنج ڏينهن پوءِ امام ابو حنيفہ هن طرح تعبير ٻڌايو تہ ان ۾ هن آيت ڏانهن اشارو آهي. چو تہ انهن پنجن شين کي الله کان سواءِ ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي.

يعني ملڪ الموت چيو تہ تنهنجي عمر جي مونکي بہ خبر نہ آهي. تہ پوءِ ٻئي ڪنهن کي غيب جو علم هوندو؟ الله تعالىٰ مسلمانن کي سمجهہ ڏي.

حديث 4 : عَنْ أُمِّ الْعَلَاءِ الْأَنْصَارِيَّة قَالَتْ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَاللَّهِ لَا أَدْرِي وَاللَّهِ لَا أَدْرِي وَأَنَا رَسُولُ اللَّهِ مَا يُفْعَلُ بِي وَلَا بِكُمْ. ([2])

”ام العلاء انصارية رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ الله جو قسم آئون ڪونہ ٿو ڄاڻان حالانڪ آئون الله جو رسول آهيان تہ سڀاڻي توهان سان ڇا ٿيندو ۽ مون سان ڇا ٿيندو؟

تشريح :- جڏهن سڀاڻي جي خبر سيدالاولين والآخرين امام المرسلين ۽ خاتم النبيين ﷺ جن کي بہ نہ آهي تہ پوءِ ٻيو ڪير ٿو ڄاڻي؟ بلڪ اهڙو عقيدو ڪنهن مخلوق ۾ رکڻ شرڪ آهي جو الله جي صفت ۾ ان کي شريڪ ڪيو ٿو وڃي. اهو ساڳيو مضمون قرآن ڪريم ۾ بہ آهي.

﴿ قُلْ مَا كُنتُ بِدْعًا مِّنَ الرُّسُلِ وَمَا أَدْرِي مَا يُفْعَلُ بِي وَلَا بِكُمْ إِنْ أَتَّبِعُ إِلَّا مَا يُوحَىٰ إِلَيَّ وَمَا أَنَا إِلَّا نَذِيرٌ مُّبِينٌ ﴿٩﴾ ﴾ (الأحقاف)

”چئہ تہ آئون پيغمبرن مان ڪو نئون (آيل) نہ آهيان ۽ نہ ٿو ڄاڻان تہ موسان ۽ اوهان سان (سڀاڻي دنيا ۾) ڇاڪيو ويندو جيڪي مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو، تنهن کان سواءِ (ٻي) ڪنهن (ڳالهہ) جي تابعداري نہ ڪندو آهيان ۽ آئون رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.“

[1]- تفسير مدارك التـــنـــزيل ( 3 / 286 )

[2]- صحيح البخاري ( 21 / 388 ) كِتَاب التَّعْبِيرِ بَاب الْعَيْنِ الْجَارِيَةِ فِي الْمَنَامِ حديث رقم ( 6500 ) ، مشكاة المصابيح ( 456 )

حديث 5 : عَنْ الرُّبَيِّعِ بِنْتِ مُعَوِّذٍ قَالَتْ دَخَلَ عَلَيَّ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ صَبِيحَةَ عُرْسِي وَعِنْدِي جَارِيَتَانِ تَغَنِّيَانِ وَتَنْدُبَانِ آبَائِي الَّذِينَ قُتِلُوا يَوْمَ بَدْرٍ وَتَقُولَانِ فِيمَا تَقُولَانِ وَفِينَا نَبِيٌّ يَعْلَمُ مَا فِي غَدٍ فَقَالَ أَمَّا هَذَا فَلَا تَقُولُوهُ مَا يَعْلَمُ مَا فِي غَدٍ إِلَّا اللَّهُ. ([1])

”ربيع بنت معوذ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ منهنجي شاديءَ واري ڏينهن صبح جو رسول الله ﷺ منهنجي گهر آيا ۽ مون وٽ ٻن ڇوڪرين ڳايو ٿي جنهن ۾ جنگ بدر ۾ شهيد ٿيلن جي مدح ۽ ثنا ڪري رهيون هيون. انهيءَ ۾ هي لفظ بہ چيائون اسان ۾ الله جو نبي ﷺ آهي جو ڄاڻي ٿو جيڪو سڀاڻي ٿيندو تنهن تي فرمايائون تہ هي لفظ نہ چؤ تہ سڀاڻي ڇا ٿيندو ان کي الله کان سواءِ ٻيو ڪوئي نہ ٿو ڄاڻي.

حديث 6 : وَأَخْرَجَ الطَّبَرَانِيُّ فِي " الْأَوْسَط " بِإِسْنَادٍ حَسَن مِنْ حَدِيث عَائِشَة " أَنَّ النَّبِيّ صَلَّى اللَّه عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَرَّ بِنِسَاءٍ مِنْ الْأَنْصَار فِي عُرْس لَهُنَّ وَهُنَّ يُغَنِّينَ : وَأَهْدَى لَهَا كَبْشًا تَنَحْنَحَ فِي الْمِرْبَد وَزَوْجك فِي الْبَادِي وَتَعْلَم مَا فِي غَد فَقَالَ : لَا يَعْلَم مَا فِي غَد إِلَّا اللَّه" . ([2])

”ام المؤمنين عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن انصارن جي عورتن وٽان اچي لنگهيا جي ڳائي رهيون هيون ۽ انهيءَ ۾ هي لفظ بہ هئا تہ تون ڄاڻي ٿو تہ سڀاڻي ڇا ٿيندو. تہ پاڻ فرمايائون تہ سڀاڻي ڇا ٿيندو ان کي الله کان سواءِ ڪو بہ نہ ٿو ڄاڻي.

تشريح :- هنن ٻنهي حديثن جي معنىٰ تي غور ڪرڻ گهرجي تہ جڏهن سڀاڻي جي ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي. تہ پوءِ بزرگن کان عام طرح پيشنگويون يا اڳ ڪٿيون نقل ڪيون وڃن ٿيون يا ماڻهن جي زبانن تي عام هلن ٿيون. انهن تي ڪهڙو اعتبار آهي. هن کان علاوه ٻيون روايتون گهٽيون آهن. مگر ايماندار لاءِ ايتري قدر ڪافي آهي. عام طرح انهن ستر مسلمانن جو واقعو جن کي بئر معونة وٽ ڌوڪي سان قتل ڪيو ويو. جيئن بخاري وغيره ۾ آهي. جيڪڏهن رسول الله ﷺ غيب ڄاڻن ها تہ هي ضرور قتل ڪيا ويندا. تہ انهن کي اوڏانهن هر گز نہ موڪلين ها. نيز افڪ وارو واقعو جنهن ۾ ام المؤمنين سيني مسلمانن جي ماءُ عائشہ رضي الله عنها تي منافقن تهمت لڳائي ۽ ڪيترا ڏينهن رسول الله ﷺ جن فڪر ۾ رهيا. ڪا خبر نہ پين تہ حقيقت ڇا آهي. تان جو قرآن ڪريم يعني سورة نور جون آيتون نازل ٿيون. جن ۾ ام المؤمنين سڳوري جي براءة، عصمت، عفت ۽ پاڪائي بيان ٿيل آهي. تنهن کان بعد ۾ رسول الله ﷺجن ڪوڙي

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن ابن ماجة ( 4 / 397 ) حديث رقم ( 1897 ) ، سنن ابن ماجه كِتَاب النِّكَاحِ بَاب الْغِنَاءِ وَالدُّفِّ حديث رقم (1887)

[2]- فتح الباري لابن حجر ( 9 / 203 )

تهمت لڳائڻ وارن کي قذف (زناجي تهمت) جي حد لڳارايائون جيئن بخاري ۽ ٻين عام حديثن جي ڪتابن ۾ اهو واقعو مذڪور آهي اهڙن ٻين واقعن مان ثابت آهي ته الله تعالیٰ کان سواءِ ٻيو ڪو غيبدان نه ڳجهدان نه آهي هن کان بعد ان مسئلي بابت ڪجھ حنفي مذهب جي ڪتابن جا حوالا پيش ڪجن ٿا. علامه علي القاري حنفي شرح فقہ الاکبر ([1]) ۾ لکي ٿو ته :

وذکر الحنفية تصريحًا بالتکفير باعتقاد ان النبي عليه الصلواة والسلام يعلم بغيب لمعارضة قولهِ تعالیٰ : قل لا يعلم من في السماوات والارض الغيب الا الله ــ ( کذا في المسايرة )

”حنفي عالمن چٽائي سان انهيءَ شخص کي ڪافر چيو آهي جو اهو اعتقاد رکي ته رسول الله ﷺ غيب ڄاڻن ٿا، ڇو ته اهو عقيدو قرآن سان ٽڪرائي ٿو جو حڪم آهي ته:

”(اي نبي ﷺ)! تون چئي ڏي ته الله تعالیٰ کان سواءِ آسمانن ۽ زمينن ۾ ٻيو ڪو به غيب ڪو نه ٿو ڄاڻي ان طرح ڪتاب المسايره ۾ بيان ٿيل آهي.“

ناظرين:- ڪتاب المسايرة علامه ابن ابي شريف القدسي الشافعي جي تصنيف آهي ۽ ان تي علامه ابن همام حنفي شرح لکي آهي جو بنام " المسامرة شرح المسايرة " سان مشهور آهي. جنهن جو صفحو 235 ۾ اها عبارت بمع شرح مذڪور آهي ۽ ابن همام حنفيه وٽ مجتهد في المذهب جو درجو رکي ٿو . جيئن ته علامه عبد الحي لکنوي التعليقات السنية الفوائد البهية ([2]) ۾ ذڪر ڪيو آهي . ۽ علامه ابن عابدين شامي ردالمحتار شرح درالمختار ([3]) ۾ ابن همام جي لاءِ لکيو آهي. ته هو اجتهاد جي درجي کي پهتل آهي. تنهن ڪري انجو قول حنفيه لاءِ وڏو دليل آهي.

(1) فتاویٰ قاضي خان ڪتاب النڪاح ۾ آهي ته : رجل تزوج امراءة بشهادت الله ورسوله کان با طلا لقوله ﷺ لا نکاح الا بشهود وکل نکاح يکون بشهادة الله وبعضهم جعلو ذالک کفرًا لانه يعتقد ان رسول الله يعلم الغيب وهو کفر. ([4])

”ڪنهن شخص ڪنهن عورت سان شادي ڪئي ۽ شاهد ٻيو ڪو ڪونه مقرر ڪرايائين صرف الله ۽ ان جي رسول الله ﷺ کي شاهد ٺهرايائين ته ان صورت ۾ نڪاح نه ٿيندو. بلڪ ڪن عالمن چيو آهي ته اهڙو شخص ڪافر ٿيندو ڇو ته ان جو عقيدو آهي. ته رسول الله ﷺ جن غيب ڄاڻن ٿا (حالانڪ پاڻ اتي موجود نه هئا) ۽ اهو عقيدو ڪفر آهي.

[1]- شرح فقه الاکبر ( 185 ) طبع مجتبائي دهلي
[2]- التعليقات السنية الفوائد البهية ( 180 )
[3]- ردالمحتار شرح درالمختار ( 173 / 621 ۽ 688 )
[4]- فتاوی قاضي خان ( 154 ) کتاب النکاح

(2) ان طرح الدر المختار مع شرح ردالمحتار ([1]) ۾ بہ آهي . ۽ نيز فتاوىٰ عالمگيري ([2]) ۾ بہ لکي ٿو تہ ان قسم جو نڪاح جائز نہ آهي.

خلاصہ:- هن فصل جو هي آهي تہ غيب داني خاص هڪ الله تعالىٰ جي صفت آهي. جنهن ۾ ٻيو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ۽ ٻئي فرشتي، نبي، ولي، پير، بزرگ وغيره ڪنهن کي بہ غيب دان ڄاڻڻ شرڪ آهي.

ذيل:ان طرح نجومي ۽ ڏاري وارن ۽ فالن وارن وٽ اچڻ ۽ انهن کان پنهنجي قسمت ۽ حاجتن بابت پڇڻ بہ انهيءَ باب کان آهي . ڇو تہ انهن تي ڀروسو ڪرڻ ڪافرن جو ڪم آهي جيئن تہ ارشاد آهي.

﴿ أَلَمْ تَرَ إِلَى ٱلَّذِينَ أُوتُوا۟ نَصِيبًا مِّنَ ٱلْكِتَـٰبِ يُؤْمِنُونَ بِٱلْجِبْتِ وَٱلطَّـٰغُوتِ وَيَقُولُونَ لِلَّذِينَ كَفَرُوا۟ هَـٰٓؤُلَآءِ أَهْدَىٰ مِنَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ سَبِيلًا ﴿٥١﴾ أُو۟لَـٰٓئِكَ ٱلَّذِينَ لَعَنَهُمُ ٱللَّهُ ۖ وَمَن يَلْعَنِ ٱللَّهُ فَلَن تَجِدَ لَهُۥ نَصِيرًا ﴿٥٢﴾ ﴾ ( النساء )

”اي پيغمبر ﷺ انهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿئي ڇا؟ جن کي ڪتاب مان ڀاڱو ڏنو ويو تہ اهي جبت ۽ طاغوت کي مڃيندا آهن ۽ ڪافرن لاءِ چوندا آهن تہ هيءَ ٽولي مؤمنن کان وڌيڪ سنئين واٽ واري آهي. اهي آهن جنهن تي الله لعنت ڪئي آهي ۽ جنهن تي الله لعنت ڪندو تنهن جو ڪو مددگار نہ لهندين.

تشريح :- طاغوت جي معنىٰ باب ٻيو جي فصل 1 ۾ گذري ۽ الجبت بہ ان جي قريب آهي چنانچہ لسان العرب ۾ آهي تہ :

الجِبْتُ كُلُّ مَا عُبِدَ مِنْ دُوْنِ اللّهِ وَقِيْلَ هِيَ كَلِمَةٌ تَقَعُ عَلَى الصَّنَمِ وَ الْكَاهِنِ وَ السَّاحِرِ ونَحْوِ ذلِكَ. ([3])

۽ امام راغب اصفهاني جي ڪتاب المفردات في غريب القرآن ۾ آهي تہ :

وَ يُقَالُ لِكُلِّ مَا عُبِدَ مِنْ دُوْنِ اللهِ جبت وسمى الساحر والكاهن جبتا.([4])

”يعني هر اها شي جنهن جي الله تعالىٰ کان سواءِ پوڄا ڪئي وڃي تہ اها جبت ۾ داخل آهي ۽ نجومي، جادوگر، غيب جي خبر ڏيندڙ يعني ماڻهن کي غيب جي قسمت جي خبر ڏيندڙ بہ ان ۾ داخل آهن. ان طرح مجمع البحار الانوار ([5]) ۾ بہ آهي نيز سلف کان بہ اها معنىٰ منقول آهي. چنانچہ ابوالعاليہ جبت مان ڪاهن ۽ نجومي مراد وٺي ٿو ۽ سعيد بن جبير

[1]- الدر المختار ( 27 ) مع شرحه ردالمحتار

[2]- فتاوى عالمگيري ( 68 )

[3]- لسان العرب ( 2 / 21 )

[4]- غريب القرآن للأصفهاني ( 83 )

[5]- مجمع البحار الانوار ( 1 / 71 )

چوي ٿو تہ جبت مان مراد جادوگر ۽ طاغوت مان مراد نجومي ۽ غيب جي خبر ڏيندڙ آهي.
قتادة چوي ٿو تہ جبت مان مراد شيطان ۽ طاغوت مان مراد غيب جي خبر ڏيندڙ آهي.
الغرض آيت ۽ هن عبارت جي روايتن مان نتيجو ظاهر ٿيو تہ ان قسم جي غيب جون خبرون ڏيندڙ ۽ ماڻهن جي بختن بابت فيصلو ڏيندڙن وٽ اچڻ ۽ انهن جي ڳالھ تي اعتبار ڪرڻ ڪافرن جو ڪم آهي ۽الله جي لعنت جو سبب آهي .

هن ڪان بعد ان بابت ڪجھ حديثون ذڪر ڪجن ٿيون .

حديث 1 : مسند احمد ۽ صحيح مسلم ۾ رسول الله ﷺ جن جي بعض حرمن رضي الله عنهن ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :

مَنْ أَتَى عَرَّافًا فَسَأَلَهُ عَنْ شَيْءٍ لَمْ تُقْبَلْ لَهُ صَلَاةٌ أَرْبَعِينَ لَيْلَةً. ([1])

”جو شخص غيب جي خبرن ٻڌائيندڙ ۽ بخت ۽ ڀاڳ ٻڌائيندڙ وٽ اچي ٿو ۽ انهن ڪان ڪجھ پڇي ٿو تہ چاليهن ڏينهن تائين ان جي نماز قبول نہ پوندي.“

تشريح :- ڪئي ڍاري وارا ۽ نجومي غيب جون خبرون ڏيندڙ طوطن ۽ پتن جي ذريعي ماڻهن ڪي ڀاڳ ڏسيندڙ ملڪ ۾ پکڙيل آهن . انهن وٽ اچڻ ۽ انهن ڪان پڇڻ هن حديث مان حرام ثابت ٿيو چو تہ جڏهن هڪ دفعو پڇڻ سان چاليهن ڏينهن جون نمازون باطل ٿين ٿيون تہ پوءِ انهيءَ ڪان وڌيڪ بچڙو ۽ گناھ جو ڪم ڪھڙو ٿيندو.

حديث 2 : مسند احمد ۽ مستدرک الحاڪم ۾ ابوهريرة ﷺ ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :

مَنْ أَتَى عَرَّافًا أَوْ كَاهِنًا فَصَدَّقَهُ بِمَا يَقُولُ فَقَدْ كَفَرَ بِمَا أُنْزِلَ عَلَى مُحَمَّدٍ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ. ([2])

”جو شخص ڪنهن غيب جي خبر ڏيندڙ يا نجومي وٽ اچي ٿو ۽ ان جي چوڻ ڪي سچ مڃي ٿو تہ ان شخص ان دين ياقرآن سان ڪفر ڪيو . جيڪو الله جي طرفان محمد ﷺ ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي.“

تشريح :- انهيءَ ڪي ڪفر هن لاءِ چيو ويو آهي . جو غيب داني خاص الله جي صفت ۽ شان آهي. جيئن گذريل فصل ۾ بيان ٿيو ۽ جو غيب داني جي دعویٰ ٿو ڪري يا اهڙيون خبرون ڏئي ٿو. گويا ڪہ الوهية جي دعویٰ ڪري ٿو. پوءِ انهيءَ ڪان مٿي ڪھڙو ڪفر آهي. جو اهڙي شخص جي ڳالھ مڃي وڃي يا اعتبار ڪيو وڃي.

---

[1]- صحيح مسلم ( 11 / 273 ) كِتَاب السَّلَامِ بَاب تَحْرِيمِ الْكَهَانَةِ وَإِتْيَانِ الْكُهَّانِ حديث رقم ( 4137 ) ، مسند أحمد حديث رقم ( 16041 )

[2]- ( **صحيح** ) صحيح الجامع حديث رقم ( 5939 ) ، مسند أحمد حديث رقم ( 9171 ) ، الجامع الصغير ( 2 / 158 )

حديث 3 : مسند احمد ، نسائي ، ابودائود ، ترمذي ۽ ابن ماجہ ۾ ابوهريرة ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :

مَنْ أَتَى كَاهِنًا فَصَدَّقَهُ بِمَا يَقُولُ أَوْ أَتَى امْرَأَةً حَائِضة أَوْ أَتَى امْرَأَةً فِي دُبُرِهَا فَقَدْ بَرِئَ مِمَّا نزلَ عَلَى مُحَمَّدٍ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ. ([1])

”جوشخص ڪنهن نجومي وٽ آيو يا زال سان حيض جي حالت ۾ يا پوئين طرف همبستري ڪيائين تہ اهو انهيءَ دين کان بيزار ٿيو جيڪو الله تعالىٰ رسول الله ﷺ جن ڏانهن لاٿو.“

تشريح :- هن حديث مان بہ ڳالهيون معلوم ٿيون تہ هڪ اهو ڪم وڏو گناهہ آهي. چو تہ دين کان بيزار ٿيڻ ڪفر آهي پوءِ ان کان وڌيڪ کهڙو گناهہ آهي. ۽ ٻي ڳالهہ هي آهي تہ ٻن برن ڪمن سان گڏ هن کي ذڪر ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري مسلمان کي ان کان بچڻ گهرجي.

حديث 4 : طبراني ۾ واثلة بن الاسقع ﷛ جي مرفوع حديث مروي آهي :

مَنْ أَتَى كَاهِنًا فَسَأَلَهُ عَنْ شَيْءٍ حُجِبَتْ عَنْهُ التَّوْبَةُ أَرْبَعِينَ لَيْلَةً، فَإِنْ صَدَّقَهُ بِمَا قَالَ كَفَرَ. ([2])

”جو شخص نجومي ۽ غيب جي خبر ڏيندڙ وٽ آيو ۽ ان کان پڇيائين تہ چاليهن ڏينهن تائين ان جي ڪا بہ توبهہ قبول ڪونہ ٿيندي ۽ جي انکي سچو مڃيائين تہ ڪافر ٿيو.“

تشريح :- هن روايت ۾ ڪجهہ ڪلام آهي مگر شاهد طور پيش ڪئي ويئي آهي ۽ ان ۾ نجومين ۽ ڍارن ۽ فالن وارن وٽ اچڻ لاءِ سخت لفظ چيل آهن ۽ تنبيهہ وارد آهي.

حديث 5 : مسند بزار ۾ بهترين سند سان عمران بن حصين ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :

لَيْسَ مِنَّا مَنْ تَطَيَّرَ أَوْ تُطُيِّرَ لَهُ، أَوْ تَكَهَّنَ أَوْ تُكُهِّنَ لَهُ أَوْ سَحَرَ أَوْ سُحِرَ لَهُ وَ مَنْ أَتَى كَاهِنًا فَصَدَّقَهُ بِمَا يَقُولُ فَقَدْ كَفَرَ بِمَا أُنْزِلَ عَلَى مُحَمَّدٍ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ. ([3])

”اهو ماڻهو اسان جي جماعت مان نہ آهي جو بدفالي وٺي يا جنهن لاءِ بدفالي ورتي وڃي، يا نجومن وارو ڪم ڪري يا جنهن لاءِ ڪم ڪيو وڃي. ۽ جنهن جادو ڪيو يا جنهن

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 1 / 135 ) حديث رقم ( 135 ) ، سنن الترمذي ( 1 / 229 ) كِتَاب الطَّهَارَةِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ إِتْيَانِ الْحَائِضِ حديث رقم ( 125 ) ، مسند أحمد حديث رقم ( 8922 ) ، الجامع الصغير ( 2 / 158 )

[2]- ضعيف الجامع حديث رقم ( 5326 ) ، المعجم الكبير للطبراني ( 15 / 445 ) حديث رقم ( 17634 ) ، الجامع الصغير ( 2 / 158 )

[3]- ( **صحيح** ) السلسلة الصحيحة ( 5 / 194 ) حديث رقم ( 2195 ) ، كتاب التوحيد مع شرحهِ فتح المجيد ( 297 ) ، البحر الزخار ـــ مسند البزار ( 8 / 426 ) حديث رقم ( 3023 )

لاءِ ڪيو وڃي. ۽ جو شخص ڪنهن نجومي وٽ آيو ۽ انجي ڳالهہ ڪي سچو سمجهيائين تہ ان رسول الله ﷺ ڏانهن نازل ٿيل دين سان ڪفر ڪيو.“

تشريح :- ثابت ٿيو تہ ان قسم جا ڪم ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ ٻئي گناهہ ۾ شريڪ آهن تنهن ڪري مسلمانن کي بچڻ گهرجي.

حديث 6 : مسند احمد ۽ ابو دائود ۾ بهترين سند سان جابر ؓ کان روايت آهي تہ :

أَنَّ رَسُولَ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سُئِلَ عَنْ النُّشْرَة ؟ فَقَالَ : هِيَ مِنْ عَمَلِ الشَّيْطَانِ.([1])

”رسول الله ﷺ جن کان فالن بابت پڇيو ويو، پاڻ فرمايائون تہ اها شيطاني ڪمن مان آهي.“

تشريح :- ڏنو ويو آهي تہ انهن فالن مان ۽ عام طرح جيڪي چورن پڪڙڻ لاءِ ڪرا ڦيرايا وڃن ٿا ۽ ان قسم جا ٻيا ٽوٽا ڪيا وڃن ٿا. جنهن ۾ ڪيترا ڀيرا بي گناهہ انسان ڦاسن ٿا. ۽ دشمنيون وڌن ٿيون ۽ هڪ ٻئي ڏانهن بدگمانيون وڌن ٿيون تنهن ڪري انهن ڪمن ۾ شيطاني هجڻ ۾ ڪو شڪ ڪونهي.

الحاصل :- هن آيت ۽ حديثن جو خلاصو هي آهي تہ هن قسم جا ٽوٽا ۽ ٽيٽا ۽ فالون ۽ نجوم ۽ ڊارون وجهڻ اهي سيئي ڪم شيطاني ۽ وڏن فتنن جا باعث ۽ الله جي طرفان ڏڪارڻ ۽ لعنت جو سبب آهن. ۽ اهڙين شين تي ڀروسو رکڻ ڪفر جو ڪم آهي.

*-*-*

## فصل ڇهون

## ڪنهن مخلوق ۾ مشڪل ڪشائي جو عقيدو رکڻ

ڏٺو ويو آهي تہ هن بيماريءَ ۾ ڪيترا ماڻهون مبتلا آهن. مثلاً علي ؓ کي مشڪل ڪشا چوندا آهن. حالانڪ هو خود الله تعالىٰ جي مهربانين ۽ مشڪل ڪشائي جو محتاج هو. علي ؓ کان ڪجهہ شعر منقول آهن .

ينادي بالتضرع ياالهي – اقلني عثرتي واستر عيوبي،
فزعت الي الخلائق مستغيثا – ولم ار في الخلائق من مجيب،
فانت تجيب من يدعوک ربي – وتکشف ضر عبدک ياحبيبي،
ودائي باطن ولديک طب – ومن لي مثلًا طبک يا طبيبي ، ([2])

---

[1]- ( صحيح ) السلسلة الصحيحة ( 6 / 259 ) حديث رقم ( 2760 ) ، مسند أحمد حديث رقم ( 13621 ) ، فتح المجيد ( 203 )

[2]- ديوان علي ؓ ( 15 )

هنن شعرن جو خلاصو هي آهي تہ :

”يا الله توکي عاجزيءَ سان پڪاريان ٿو. تون ئي منهنجيون لغزشون معاف ڪر ۽ عيب ڍڪ توکان سواءِ ڪو فرياد رس نہ آهي. تون ئي سڏيندڙ جي دعا قبول ڪرين ٿو پنهنجي ٻانهي جي مشڪل ڪشائي ڪرين ٿو ۽ منهنجي اندروني بيماري جو علاج ڪرڻ وارو بہ تون ئي آهين.“

مقام غور آهي تہ جڏهن سندس فرزند حسين رضي الله عنه (بقول انهن جي) ڪربلا ۾ (قتل) ٿي رهيو هو. پاڻ تڏهن انهن جي مشڪل ڪشائي ڇو نہ ڪيائين؟ تاريخ شاهد آهي تہ ڪيس فجر نماز وقت ابن ملجم يهودي خنجر هڻي ماريو. پوءِ جڏهن پنهنجي مشڪل دور نہ ڪئي تہ پوءِ ٻين جي مشڪل ڪيئن دور ڪندو. مشڪل ڪشائي صرف الله جو شان آهي. جيئن آيتون ذڪر ڪجن ٿيون.

﴿ وَإِن يَمْسَسْكَ ٱللَّهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهُۥٓ إِلَّا هُوَ وَإِن يَمْسَسْكَ بِخَيْرٍ فَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَىْءٍ قَدِيرٌ ﴿١٧﴾ ﴾ (الأنعام)

”۽ جيڪڏهن الله توکي ڪو ڏک پهچائي تہ ان (الله) ڪانسواءِ ان جو ڪو لاهيندڙ يا مشڪل ڪشا نہ آهي. ۽ جيڪڏهن اهو توکي سک پهچائي تہ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

<u>تشريح</u> :- هي آيت صاف نفي ٿي ڪري تہ الله کان سواءِ ڪو بہ مشڪل ڪشا نہ آهي .مگر پوءِ بہ ڏسجي ٿو تہ ڪيترا سمجهدار ماڻهو بہ ان صفت ۾ ٻين کي الله سان شريڪ ڪن ٿا. جاهلن تي ڪا ميار ڪونهي پر عالم بہ ان مرض ۾ گرفتار نظر اچن ٿا. چنانچہ مولوي حسين احمد صاحب مدني ديوبند جو مشهور بزرگ آهي، اهو پنهنجي ڪتاب سلاسل طيبہ 14 ۾ پنهنجي طريقي جو سلسلو پنهنجي نظم ۾ بيان ڪري ٿو. جن ۾ سيني جو وسيلو وٺندي دعا گهري ٿو. جڏهن علي رضي الله عنه تائين پهچي ٿو تہ هيئن چوي ٿو:-

کر عطا ظاہر میں آثار شریعت میرے اب
کر عطا باطن میں اسرار طریقت میرے اب
دور کر دل سے حجاب جہل و غفلت میرے اب
کھول دے دل میں در علم حقیقت میرے اب
ہادی عالم علی مشکل کشا کے واسطے

<u>ناظرين</u> :- ديوبندي فرقي جي مشهور ۽ مسلم بزرگ جي هن شعر تي غور ڪريو. ۽ آيت قرآني ڪي بہ ڏسو. ٻنهين ۾ ڪيڏو نہ تضاد آهي. دراصل جنهن معاشري ۾ پيري مريدي ۽ صوفيت جو غلبو ٿئي ٿو. تہ پوءِ عقيدي جي پابندي نٿي رهي. ان ۾ ڪافي تساهل ۽ تغافل ٿيندو رهي ٿو. الله تعالیٰ سيني مسلمانن کي عقيدي جي پختگي نصيب فرمائي. (آمين).

﴿ وَإِن يَمْسَسْكَ ٱللَّهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهُۥٓ إِلَّا هُوَ ۖ وَإِن يُرِدْكَ بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهِۦ ۚ يُصِيبُ بِهِۦ مَن يَشَآءُ مِنْ عِبَادِهِۦ ۚ وَهُوَ ٱلْغَفُورُ ٱلرَّحِيمُ ﴿١٠٧﴾ ﴾ ( يونس )

”۽ جيڪڏهن الله توکي ڪو ڏک پهچائي تہ ان ڪان سواءِ ڪو ان جي لاهڻ وارو يا مشڪل ڪشا ڪونهي ۽ جيڪڏهن تولاءِ چڱائي گهري تہ سندس فضل کي ڪو هٽائڻ وارو نہ آهي. پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي وڻيس تنهن کي فضل پهچائيندو آهي. اهو بخشڻهار مهربان آهي.

<u>تشريح</u> :- هيءُ آيت بہ واضح ڪري ٿو تہ مشڪل ڪشا هڪ الله آهي. ٻيو ڪير بہ ڪونهي. مسلمانن کي الله تعالیٰ سمجهہ ڏئي، پنهنجي مشڪل ڪشائيءَ لاءِ صرف هڪ الله کان دعا گهرن، تفسير ابو الشيخ ۾ حسن بصري رحمہ الله کان روايت آهي تہ: ٽي آيتون قرآن ۾ آهن جن جي ڪري مونکي ڪنهن مخلوق جي محتاجي ڪانهي، انهن جو سبق مون لاءِ ڪافي آهي. انهن مان هيءَ هڪ آيت سورة يونس واري آهي. ۽ ان طرح امام بيهقي رحمہ الله جي شعب الايمان ۾ عامر بن قيس ﷛ کان روايت آهي.

﴿ أَمَّن يُجِيبُ ٱلْمُضْطَرَّ إِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ ٱلسُّوٓءَ وَيَجْعَلُكُمْ خُلَفَآءَ ٱلْأَرْضِ ۗ أَءِلَٰهٌ مَّعَ ٱللَّهِ ۚ قَلِيلًا مَّا تَذَكَّرُونَ ﴿٦٢﴾ ﴾ ( النمل )

”ڀڇون ٿا تہ عاجز جي دعا ڪير قبول ڪندو آهي. جڏهن (هو) الله کي سڏيندو آهي ۽ ڪير ڏک لاهيندو آهي. اوهان کي زمين ۾ ڪير اڳين جو وارث ڪندو آهي. الله سان ڪو ٻيو الله آهي ڇا؟

<u>تشريح :-</u> هن آيت مان ثابت ٿيو تہ مشڪل ڪشا هڪ الله جي صفت آهي ٻيو ڪو ان ۾ شريڪ نہ آهي. جو تہ ٻيو ڪو الله کان سواءِ الہ نہ آهي. پوءِ ڪو شخص ڪنهن مخلوق ۾ مشڪل ڪشائي جو عقيدو رکي ٿو تہ گوياڪہ ان کي الله سمجهي ٿو ۽ ان کان مٿي ٻيو ڪهڙو ڪفر ۽ شرڪ ٿيندو.

هن کان بعد ڪجهہ حديثون بيان ڪجن ٿيون :

حديث 1 : عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالك ، أَنَّ رَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ : " اُطْلُبُوا الْخَيْرَ دَهْرَكُمْ كُلَّهُ ، وَتَعَرَّضُوا لنَفَحَات رَحمة الله، فَإِنَّ لله نَفَحَاتٌ منْ رَحْمَته، يُصيْبُ بهَا مَنْ يَّشَاءُ منْ عبَاده وَاسْأَلُوهُ أَنْ يَسْتُرَ عَوْرَاتكُم، وَيُؤمنَ رَوْعَاتكُم" ([1])

''انس ﷜ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: سارو سال خير ۽ ڀلائي طلب ڪندا رهو ۽ پنهنجي رب جي مهربانين ۽ ڏاتين کي ڳولهيندا رهو ڇو تہ الله تعالىٰ جون ڏاتيون آهن. جو پنهنجي مهربانين سان پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي گهري تنهن کي نصيب ڪري. تنهن ڪري الله تعالىٰ کان سوال ڪندا رهو. تہ اوهان جي عيبن ۽اگهڙن کي ڍڪي ۽ اوهان جي اندروني حالتن کي امن ۾ رکي.“

تشريح :- هن حديث مان ثابت ٿيو تہ پنهنجي ضرورتن ۽ حاجتن وقت هڪ الله ڏانهن متوجہ ٿيڻ گهرجي ۽ انهيءَ کان دعا گهري وڃي. ڇو تہ انهيءَ کان سواءِ ڪو مشڪل ڪشا ڪونهي.

حديث 2 : عَنْ رَجُلٍ منْ بَلْهُجَيْمِ قَالَ قُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّه إِلَامَ تَدْعُو قَالَ أَدْعُو إِلَى اللَّه وَحْدَهُ الَّذي إِنْ مَسَّكَ ضُرٌّ فَدَعَوْتَهُ كَشَفَ عَنْكَ وَالَّذي إِنْ ضَلَلْتَ بأَرْضٍ قَفْرٍ دَعَوْتَهُ رَدَّ عَلَيْكَ وَالَّذي إِنْ أَصَابَتْكَ سَنَةٌ فَدَعَوْتَهُ أَنْبَتَ عَلَيْكَ قَالَ قُلْتُ فَأَوْصني قَالَ لَا تَسُبَّنَّ أَحَدًا وَلَا تَزْهَدَنَّ في الْمَعْرُوف وَلَوْ أَنْ تَلْقَى أَخَاكَ وَأَنْتَ مُنْبَسطٌ إِلَيْه وَجْهُكَ وَلَوْ أَنْ تُفْرِغَ منْ دَلْوكَ في إِنَاء الْمُسْتَسْقي وَاتَّزِرْ إِلَى نصْف السَّاق فَإِنْ أَبَيْتَ فَإِلَى الْكَعْبَيْنِ وَإِيَّاكَ وَإِسْبَالَ الْإِزَار فَإِنَّ إِسْبَالَ الْإِزَارِ منْ الْمَخيلَة وَإِنَّ اللَّهَ تَبَارَكَ وَتَعَالَى لَا يُحبُّ الْمَخيلَةَ. ([2])

” بلهجيم قبيلي جي هڪ مرد صحابي ﷜ کان روايت آهي تہ مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ توهان ڪهڙي شيءِ جي دعوت ڏيو ٿا؟ پاڻ فرمايائون تہ: آئون هڪڙي الله جي عبادت ڏانهن دعوت ڏيان ٿو. جو مشڪل ۾ بہ ان کي سڏين تہ تنهنجي دعا قبول ڪري ۽ تنهنجي مشڪل ڪشائي ڪري ۽ جيڪڏهن ڪنهن زمين ويران ۾ تون ڀلجي پوين ۽ ڪيس سڏين تہ توکي موٽائي جاءِ تي آڻي ۽ جڏهن توکي ڏڪار پهچي ۽ تون دعا گهرين تہ تنهنجي زمين آباد ڪري. پوءِ مون عرض ڪيو تہ مون کي ڪا وصيت فرمايو، پاڻﷺ فرمايائون تہ ڪنهن کي گهٽ وڌ نہ ڳالهائجان ۽ نيڪي جي ڪم ڪرڻ ۽ چوڻ کان پاسو نہ ڪجانءِ. اگر پنهنجي ڀاءُ مسلمان سان کلي ملاقات ڪرين ۽ اگر ڪنهن پاڻيءَ جي حاجت مند جي ٿانو ۾ پنهنجي ڏول ڪڍيل مان پاڻي نائين، ۽ پنهنجي گوڏا ڏبڪي تائين

[1]- ( حسن بلفظ : " افعلوا الخير" بدل " اطلبوا الخير " ) السلسلة الصحيحة – مختصرة – ( 4 / 511 ) حديث رقم ( 1890 ) ، تفسير ابن كثير ( 2 / 434 ) بحواله ابن عساكر

[2]- ( صحيح ) السلسلة الصحيحة ( 1 / 419 ) حديث رقم ( 420 ) ، مسند أحمد ( 5 / 64 ) حديث رقم ( 19718 )

رک ۽ وڏ ۾ وڏ پيڏين تائين يعني انهيءَ کان هيٺ نہ وڃي، ۽ نہ پيڏين کي ڍڪج ۽ ڪپڙي کي پيڏين کان هيٺ لڙڪائڻ کان پاسو ڪر. ڇو جو اهو ڪم تڪبر مان آهي. ۽ الله تعالیٰ تڪبر کي پسند نہ ٿو ڪري.

تشريح :- هن حديث ۾ بہ تعليم آهي تہ مشڪل ڪشا هڪ الله آهي. هر ننڍي خواه وڏي مشڪل ۾ ان ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي.

حديث 3 : صحيح مسلم ۾ ابوذر غفاري ﷛ کان روايت آهي تہ :

عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِيمَا يَرْوِيهِ عَنْ رَبِّهِ عزوجل أَنَّهُ قَالَ يَا عِبَادِي إِنِّي حَرَّمْتُ الظُّلْمَ عَلَى نَفْسِي وَجَعَلْتُهُ بَيْنَكُمْ مُحَرَّمًا فَلَا تَظَالَمُوا يَا عِبَادِي كُلُّكُمْ ضَالٌّ إِلَّا مَنْ هَدَيْتُهُ فَاسْتَهْدُونِي أَهْدِكُمْ يَا عِبَادِي كُلُّكُمْ جَائِعٌ إِلَّا مَنْ أَطْعَمْتُهُ فَاسْتَطْعِمُونِي أُطْعِمْكُمْ يَا عِبَادِي كُلُّكُمْ عَارٍ إِلَّا مَنْ كَسَوْتُهُ فَاسْتَكْسُونِي أَكْسُكُمْ يَا عِبَادِي إِنَّكُمْ تُخْطِئُونَ بِاللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَأَنَا أَغْفِرُ الذُّنُوبَ جَمِيعًا فَاسْتَغْفِرُونِي أَغْفِرْ لَكُمْ يَا عِبَادِي إِنَّكُمْ لَنْ تَبْلُغُوا ضَرِّي فَتَضُرُّونِي وَلَنْ تَبْلُغُوا نَفْعِي فَتَنْفَعُونِي يَا عِبَادِي لَوْ أَنَّ أَوَّلَكُمْ وَآخِرَكُمْ وَإِنْسَكُمْ وَجِنَّكُمْ كَانُوا عَلَى أَتْقَى قَلْبِ رَجُلٍ وَاحِدٍ مِنْكُمْ مَا زَادَ ذَلِكَ فِي مُلْكِي شَيْئًا يَا عِبَادِي لَوْ أَنَّ أَوَّلَكُمْ وَآخِرَكُمْ وَإِنْسَكُمْ وَجِنَّكُمْ كَانُوا عَلَى أَفْجَرِ قَلْبِ رَجُلٍ وَاحِدٍ مَا نَقَصَ ذَلِكَ مِنْ مُلْكِي شَيْئًا يَا عِبَادِي لَوْ أَنَّ أَوَّلَكُمْ وَآخِرَكُمْ وَإِنْسَكُمْ وَجِنَّكُمْ قَامُوا فِي صَعِيدٍ وَاحِدٍ فَسَأَلُونِي فَأَعْطَيْتُ كُلَّ إِنْسَانٍ مَسْأَلَتَهُ مَا نَقَصَ ذَلِكَ مِمَّا عِنْدِي إِلَّا كَمَا يَنْقُصُ الْمِخْيَطُ إِذَا أُدْخِلَ الْبَحْرَ يَا عِبَادِي إِنَّمَا هِيَ أَعْمَالُكُمْ أُحْصِيهَا لَكُمْ ثُمَّ أُوَفِّيكُمْ إِيَّاهَا فَمَنْ وَجَدَ خَيْرًا فَلْيَحْمَدْ اللَّهَ وَمَنْ وَجَدَ غَيْرَ ذَلِكَ فَلَا يَلُومَنَّ إِلَّا نَفْسَهُ. ([1])

”رسول الله ﷺ جن الله تعالیٰ کان روايت ڪن ٿا تہ هو فرمائي ٿو تہ اي منهنجا ٻانهو مون ظلم ڪرڻ پاڻ تي حرام ڪيو آهي ۽ توهان جي وچ ۾ بہ حرام ڪيو آهي. تنهن ڪري پاڻ تي ظلم نہ ڪندا ڪريو، اي منهنجا ٻانهو! توهان سڀ گمراهہ آهيو. مگر جنهن کي آئون هدايت ڏيان، پوءِ مون کان هدايت گهرو تہ توهان کي هدايت ڏيان. اي منهنجا ٻانهو! اوهين سڀ بکيا آهيو مگر آئون جنهن کي کارايان. اي منهنجا ٻانهو! اوهين اگهاڙا آهيو (لباس خواه عيبن جي لحاظ سان) مگر جنهن کي آئون ڍڪايان. پوءِ مون کان گهرو تہ آئون اوهان کي ڍڪايان. اي منهنجا ٻانهو! توهين رات ۽ ڏينهن ۾ گناهہ ڪندا رهو ٿا ۽ آئون سيئي گناهہ بخشيندو رهان ٿو. تنهن ڪري مون کان بخشايو تہ آئون اوهان کي بخشيان. اي منهنجا ٻانهو! توهان انهيءَ منزل کي نہ ٿا پهچي سگهو جو مون کي ڪو نقصان يا فائدو ڏيئي سگهي. اي منهنجا ٻانهو! توهان جا ڀهريان ۽ پويان، جن ۽ انسان

---

[1]- صحيح مسلم كِتَاب الْبِرِّ وَالصِّلَةِ وَالْآدَابِ بَاب تَحْرِيمِ الظُّلْمِ ( 12 / 455 ) حديث رقم ( 4674 ) ، الأربعين للنووي ( 70-71 )

سيئي اوهان مان ملي ۽ پرهيزگار مرد جهڙا ٿي وڃو. تڏهن بہ منهنجي ملڪ ۾ ڪجهہ وڌائي نہ سگهندؤ. پر جيڪڏهن سيئي بڇڙي کان بڇڙي مرد جهڙا ٿي وڃو تہ بہ منهنجي بادشاهي ۾ ڪجهہ گهٽتائي نہ ايندي. اي منهنجا ٻانهو! توهان جا پهريان ۽ پويان، جن ۽ انسان سيئي هڪ وقت ڪنهن ميدان ۾ گڏ ٿيو ۽ هر ڪو مون کان پنهنجو پنهنجو سوال ڪري ۽ هر ڪنهن جو سوال بروقت پورو ڪريان پوءِ بہ منهنجي بادشاهي ۾ ڪا ڪمي نہ ايندي ايتري قدر جيئن سئي درياء مان ٻوڙي ڪڍجي تہ ڇا ڪمي ايندي؟ اي منهنجا ٻانهو! اهي اوهان جا اعمال آهن جن کي آئون ڳڻي رکان ٿو پوءِ ان جو اوهان کي پورو بدلو ڏيندس پوءِ جيڪو پنهنجي لاءِ ڀلائي ڏسين تہ الله جي حمد ۽ شڪر ڪر يعني جنهن کيس اهڙن عملن جي توفيق بخشي ۽ جيڪڏهن ٻيو ڪجهہ لهي يعني چڱو بدلو نہ ڏسي تہ پوءِ پنهنجي سرڪان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ملامت نہ ڪري ها تہ اهڙو بدلو نہ ڏسي ها.“

تشريح :- هن حديث وضاحت سان سمجهايو تہ الله تعالىٰ ڪنهن جو محتاج نہ آهي. بلڪہ سڀ مخلوق هر شي لاءِ هن جا محتاج آهن. ڪهڙي بہ مشڪل هجي مثلاً گناهن جي بخشش سنئين راه جي هدايت، ڪاڏو پيتو، لٽو ڪپڙو، عيب ڍڪڻ وغيره هر مشڪل جي لاءِ مشڪل ڪشا هڪ الله آهي. نہ ڪو ٻيو، هتي لفظ ”ڪلڪم“ آهي يعني اوهان جا سيئي جنهن ۾ ساري مخلوق اچي ويئي. ملائڪ ولي، بزرگ، نيڪ ۽ پير سيئي انهيءَ جا محتاج آهن ۽ سيني کي پنهنجي حيثيت سيئي ضرورتون پيش اچن ٿيون. اهي سيئي الله جي مشڪل ڪشائي جا محتاج آهن پوءِ ٻين جي ڪيئن مشڪل ڪشائي ڪندا؟ هن حديث ۾ مسلمانن لاءِ وڏو درس ۽ سبق آهي. الله تعالىٰ مسلمانن کي سمجهہ عطا ڪري. (آمين).

حديث 4 : عَنْ عَلِي ﷺ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ الله ﷺ لَوْلَا أَنْ اَشُقَّ عَلَى أُمَّتِي لَاَخَّرْتُ الْعِشَاءَ الْاَخِيْرَةَ الي ثُلُثِ اللَّيْلِ يَهْبِطُ اللهُ تَعَالٰى إِلى سَمَاءِ الدُّنْيَا فَلَمْ يَزَلْ بِهَا حَتیَّ يَطْلُعَ الْفَجْرَ فَيَقُوْلُ السَّائِلُ يُعْطِي الداع فيجاب المذنب يستغفر فيغفرله السقيم يستشفي فيشفى رواه الطبراني في السنه. ([1])

”علي ﷺ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: جيڪڏهن آئون پنهنجي امت تي تڪليف نہ سمجهان ها تہ سمهڻي نماز رات جي ٽئين حصي تائين پوئتي ڪريان ها چو تہ ٽيون حصو رات جو گذري ٿو تہ الله تعالىٰ دنيا جي آسمان تي لهي ٿو ۽ فجر ٿيڻ تائين چوندو رهي ٿو تہ ڪو سائل هجي تہ ان جو سوال پورو ڪجي ڪو دعا گهرندڙ هجي تہ ان جي دعا قبول ڪجي ڪو گنهگار بخشائي تہ ان جو گناهہ بخشيو وڃي. ڪو بيمار شفا گهري تہ ان کي شفا ڏني وڃي.“

[1]- مختصر الصواعق المرسلة ( 386 )

حديث 5 : عن جابر ان رسول الله ﷺ قال ان الله يتزل كل ليلة الى سماء الدنيا لثلث الليل فيقول : العبد من عبيدي يدعوني فاستجيب له اوظالم لنفسه يدعوني فغفرله الا مقتر عليه رزقه المظلوم يستنصرني فانصره الاعان يدعوني فافك عنه فيكون ذالك مكانه حتى يضيء الفجر ثم يعلو ربنا عزوجل الي السماء العليا على كرسيه. ([1])

”جابر رضي الله عنه کان رويت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: ٽئين حصي رات گذرڻ کان بعد الله تعالیٰ دنيا جي آسمان تي لهي ٿو. ۽ فرمائي ٿو تہ کو ٻانهو مون کان مدد گهري تہ آئون قبول ڪريان. کو پاڻ ئي پاڻ سان ظلم ڪندڙ دعا گهري تہ ان کي بخشيان ۽ کو رزق جي تنگي وارو يا مظلوم مون کان مدد گهري تہ آئون ان جي مدد ڪريان کو قاتل هجي تہ ان کي آزادي بخشيان صبح تائين چوندو رهي ٿو. پوءِ مٿئين آسمان تي پنهنجي ڪرسيءَ ڏانهن وڃي ٿو.

تشريح :- هنن ٻنهي حديثن مان بہ معلوم ٿيو تہ هر قسم جي مشڪل لاءِ هڪ الله ڪافي آهي. ۽ انهيءَ جي ئي هٿ ۾ آهي. جو ڪنهن جي مشڪل لاهي يا دور ڪري تنهن ڪري انهيءَ کان سواءِ ڪنهن بہ مخلوق کي مشڪل ڪشا سمجهڻ ظاهر ظهور شرڪي عقيدو آهي، مسلمانن کي الله تعالیٰ سمجهہ ڏئي جو پنهنجي حقيقي سچي مشڪل ڪشا کي سڃاڻن.

خلاصو:- هنن آيتن ۽ حديثن جو مطلب هي آهي تہ الله کان سواءِ کو ٻيو مشڪل ڪشا ڪونهي ۽ انهيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان مشڪل ڪشائي گهرڻ شرڪ آهي.

( ذيل ) ان طرح داتا، ڏاتار، گنج بخش، دستگير، حاجت روا ۽ فرياد رس – هي سڀ الله جون صفتون آهن جي اهي مشڪل ڪشا جي معنیٰ ۾ آهن. تنهن ڪري اهي خاص الله جون صفتون آهن ۽ ڪابہ مخلوق ان سان شريڪ نٿي ٿي سگهي. ڪي ماڻهو ڄام صاحب ڏاهري کي ڏاتار چون ٿا تہ ڪي وري علي هجويري کي داتا چون ٿا حالانڪ اهي الله جون صفتون آهن المعطي بمعنیٰ ڏيندڙ انهيءَ جي نوانوي نالن مان آهي ۽ رسول الله ﷺ جي دعائن ۾ آهي تہ :

اللَّهُمَّ لَا مَانِعَ لِمَا أَعْطَيْتَ وَلَا مُعْطِيَ لِمَا مَنَعْتَ. ([2])

”اي الله! جنهن کي تون ڏئين ان کان کو روڪڻ وارو نہ آهي ۽ جنهن کان تون روڪين ان کي کو ڏيڻ وارو نہ آهي.“

[1]- مختصر الصواعق المرسلة ( 388 - 389 )

[2]- صحيح بخاري كتاب القدر بَاب لَا مَانِعَ لِمَا أَعْطَى اللَّهُ ( 20 / 289 ) حديث رقم ( 6125 ) ، صحيح مسلم كِتَاب الْمَسَاجِدِ وَمَوَاضِعِ الصَّلَاةِ بَاب اسْتِحْبَابِ الذِّكْرِ بَعْدَ الصَّلَاةِ وَبَيَانِ صِفَتِهِ ( 3 / 256 ) حديث رقم ( 933 ) ، مشكاة المصابيح ( 88 )

گوياڪ هن روايت جو مطلب ٿيو ته الله توڪانسواءِ ڪو ڏاتار ڪونهي. پوءِ الله کان سواءِ ٻئي ڪي ڏاتار چوڻ شرڪ آهي. نيز الله تعالىٰ جي صفت ۾ ”الصمد“ آهي جنهن جي معنىٰ ۾ ڏاتار يا داتا به آهي. تنهن ڪري انهيءَ نالي سان ٻئي کي پڪارڻ توحيد جي خلاف آهي. ان طرح گنج بخش به ان جو ڪم آهي. چنانچه فرمائي ٿو ته:-

﴿ وَإِن مِّن شَيْءٍ إِلَّا عِندَنَا خَزَآئِنُهُۥ وَمَا نُنَزِّلُهُۥٓ إِلَّا بِقَدَرٍ مَّعْلُومٍ ﴿٢١﴾ ﴾ ( الحجر )

”هر شي جو خزانو اسان وٽ آهي ۽ هر شي کي اندازي مطابق لاهيون ٿا.“

هن آيت مان ثابت ٿيو ته خزانن جو مالڪ هڪ الله ئي آهي اهو ئي بخشڻ ۽ ڏيڻ وارو آهي. خود الله تعالىٰ پنهنجي رسول الله ﷺ کي خطاب ڪري ٿو.

﴿ قُل لَّآ أَقُولُ لَكُمْ عِندِى خَزَآئِنُ ٱللَّهِ . . . ﴾ ( الأنعام )

”يعني تون چئو اي نبي ﷺ! ته آئون ائين ڪونه ٿو چوان ۽ نه ڪي دعوىٰ ٿو ڪريان ته الله جا خزانا مون وٽ آهن.

پوءِ جڏهن ته سيد الانبياءِ والمرسلين اڪرم الاولين والآخرين (ﷺ) جن وٽ به الله جا خزانا نه آهن. پوءِ ٻيو ڪير اهڙو آهي جو اها دعوىٰ ڪري؟ پوءِ جڏهن ڪنهن وٽ خزانا ڪونه آهن. ته پوءِ ڏاتار ۽ گنج بخش ڪيئن بڻبو ۽ ڇا بخشيندو. اهڙي طرح دستگيري ڪرڻ به الله جو شان آهي. جو ٻانهن جو مشڪل ۾ هٿ وٺي. عام ماڻهو شيخ عبدالقادر جيلاني کي دستگير چون ٿا . حالانڪ اهو پاڻ ويچارو الله جو محتاج هو، ۽ سندس نالو ئي عبدالقادر، يعني وس ۽ قدرت واري جو ٻانهو هو ته پاڻ کي وس ۽ قدرت وارو چوي ئي ڪونه ٿو. ته پوءِ دستگير ڪيئن ٿيو. بلڪ الله جي دستگيري جو محتاج هو. چنانچه شيخ سعدي پنهنجي مشهور ڪتاب گلستان 116 طبع لاهور ۾ هڪ واقعو لکي ٿو ته :-

عبد القادر گیلانی رادید ند رحمۃ الله علیه
درحرم کعبه روئے بر حصار نهاده
ومیگفت که یا غفور و یا رحیم به بخشائے
واگر مستوجب عقوم بتم مرا روز قیامت
نابینا بر انگیز تا در روئے نیکان شرمسار نباشم

”شيخ عبدالقادر جيلاني کي ماڻهن ڏٺو ته بيت الله ۾ پٿرين تي منهن رکي هن طرح پئي الله کي ٻاڏايائين ته اي بخشڻهار ۽ مهربان مونکي بخش ۽ جيڪڏهن آئون

عذاب جي لائق آهيان تہ قيامت جي ڏينهن مونکي انڌو ڪري اٿار تان تہ نيڪ بندن جي آڏو شرمندو نہ ٿيان.

هاڻي ڪيس دستگير سڏڻ وارا هن واقعي تي غور ڪن تہ ڇا سندن شيخ صاحب ۾ اعتقاد آهي ۽ هن جو پنهنجو حال الله تعالىٰ جي آڏو ڪهڙو آهي. نيز علامہ مورخ شهاب الدين ابوشامہ المقدسي ڪتاب رجال القرنين ([1]) ۾وزير جلال الدين ابوالمظفر عبدالله ابن يونس بن احمد الجيلي جي ترجمي ۾ فرمائي ٿو تہ :

واخبر بيت الشيخ عبدالقادر شتت اولاد ويقال انه بعث في الليل من ينبش الشيخ عبد القادر ورمي عظامه في اللجة وقال هٰذا وقف مايحل ان يدفن فيه احد.

”وزير موصوف شيخ عبدالقادر جيلاني جي گهر ڪي ڊاهي ڇڏيو ۽ ان جي اولاد کي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيائين ۽ چيو وڃي ٿو تہ رات جو اُن هڪ ماڻهو کي حڪم ڏيئي موڪليو جنهن شيخ صاحب جي قبر کي کوٽي ان مان هڏا ڪڍي درياءَ ۾ اڇلي ڇڏيا ۽ وزير چوندو هو تہ هيءَ زمين وقف جي آهي ڪو بہ ان ۾ دفن نہ ڪيو ويندو.“

هن واقعي کي علامہ ابن العمادي شذرات الذهب ([2]) ۾ بہ ذڪر ڪيو آهي.

”هاڻي غور ڪريو تہ اهي هڏا ڪنهن جي دستگيري ڪري سگهندا ؟ وزير موصوف اهو ڪم نهايت برو ڪيو. مگر شيخ صاحب جيڪو بقول عوام جي انهن جي دستگيري ڪري ٿو تنهن ان وقت ڇا ڪيو؟ پنهنجو گهر بچايائين يا پنهنجي اولاد جي دستگيري ڪيائين يا پنهنجا هڏا بچايائين ڪجھ نہ ڪيائين پوءِ ڪيئن ٿو ان کي دستگير چيو وڃي. اهو هڪ الله تعالىٰ جو ڪم آهي ڪنهن اڙيل ۽ لاچار ۽ مصيبت ۾ پيل جو هٿ وٺي ان کي اتان ٻاهر ڪڍي. ﴿سُبْحَٰنَهُۥ وَتَعَٰلَىٰ عَمَّا يُشْرِكُونَ﴾ ۽ حاجت روا بہ اهو الله آهي ٻيو ڪير ڪنهن جون حاجتون پوريون ڪندو. الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ :

﴿قُلْ أَفَاتَّخَذْتُم مِّن دُونِهِۦٓ أَوْلِيَآءَ لَا يَمْلِكُونَ لِأَنفُسِهِمْ نَفْعًا وَلَا ضَرًّا . . . ﴿١٦﴾﴾( الرعد )

”چؤ تون (اي نبي ﷺ) ڇا توهان الله کان سواءِ ٻين ولين کي ورتو جي پنهنجي سرَ لاءِ نفعي يا نقصان جو اختيار نہ ٿا رکن.

پوءِ جڏهن تہ هو پنهنجي سرَ لاءِ بہ حاجت روا نہ آهن تہ ٻين جي ڪهڙين حاجت روائي ڪندا؟ مشهور پهاڪو آهي تہ:

”ڦوڳ پاڻ نہ جوڳ _ ڪهڙيون ڪندو ٻاجهون ٻين تي.“

---

1- ڪتاب رجال القرنين ( 12 )

2- شذرات الذهب ( 4 / 313 – 314 )

فرياد رس بہ هڪ الله آهي . اهو ئي فرمائي ٿو تہ :

﴿ٱدۡعُونِيٓ أَسۡتَجِبۡ لَكُمۡۚ . . . ﴿٦٠﴾﴾ ( غافر )

” يعني مونکي سڏيو تہ اوهان جي دعا قبول ڪريان.

﴿أُجِيبُ دَعۡوَةَ ٱلدَّاعِ إِذَا دَعَانِۖ . . . ﴿١٨٦﴾﴾ ( البقرة )

”يعني آئون هر سڏيندڙ جي دعا قبول ڪريان ٿو. جڏهن بہ هو مون کان دعا گهري ٿو تنهن ڪري اهوئي فرياد رس آهي نہ ڪو ٻيو.

نہ داريم غير از تو فرياد رس
توئی عاصياں را خطا بخش و بس

الحاصل اهي صفتون هڪ الله جون آهن مخلوقن کي ان صفت سان ياد ڪرڻ ۽ انهن کان مطلب ۽ حاجتون گهرڻ بہ وڏو شرڪ آهي. جيئن الله تعالىٰ فرمايو آهي

﴿مَا تَعۡبُدُونَ مِن دُونِهِۦٓ إِلَّآ أَسۡمَآءٗ سَمَّيۡتُمُوهَآ أَنتُمۡ وَءَابَآؤُكُم مَّآ أَنزَلَ ٱللَّهُ بِهَا مِن سُلۡطَٰنٍۚ إِنِ ٱلۡحُكۡمُ إِلَّا لِلَّهِۚ أَمَرَ أَلَّا تَعۡبُدُوٓاْ إِلَّآ إِيَّاهُۚ . . . ﴿٤٠﴾﴾ ( يوسف )

”الله کان سواءِ جن جي اوهين پوڄا ڪندا آهيو، اهي رڳو نالا آهن. جو اوهان ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن رکيا آهن. انهن جي بابت الله تعالىٰ ڪاسَنَد نازل نہ ڪئي آهي. الله کان سواءِ ٻئي ڪنهنجي بہ حڪومت نہ آهي. حڪم ڪيائين تہ خاص ان (الله) کان سواءِ ڪنهنجي عبادت نہ ڪريو.

ثابت ٿيو تہ مخلوق تي خلق جا لقب ۽ نالا ڏيئي پوڄڻ سخت بڇڙو ڪم آهي.

*-*-*

## فصل ستون

# استعانت يا مدد گهرڻ

دنيا ۾ انسان هڪ ٻئي جي مدد ۽ همراهي ڪري ٿو. جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿وَتَعَاوَنُواْ عَلَى ٱلۡبِرِّ وَٱلتَّقۡوَىٰۖ . . . ﴾ (المائدة )

”هڪ ٻئي سان نيڪيءَ ۽ پرهيزگاريءَ جي مدد ڪندا رهو.

مگر اهي ڪم جيڪي مافوق العبادة آهن ۽ خاص الله جي ڪرڻ جا آهن. انهن ۾ خاص الله کان سواءِ ٻئي کان مدد نہ گهري ويندي. چنانچہ ارشاد آهي تہ:-

﴿ أَلَمۡ تَعۡلَمۡ أَنَّ ٱللَّهَ لَهُۥ مُلۡكُ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِۗ وَمَا لَكُم مِّن دُونِ ٱللَّهِ مِن وَلِيّٖ وَلَا نَصِيرٍ ﴿١٠٧﴾ ﴾ ( البقرة )

”اي پيغمبر ﷺ نہ ڄاڻندو آهين ڇا؟ تہ آسمانن ۽ زمينن جي بادشاهي الله جي آهي. ۽ الله کان سواءِ اوهان جو نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪي واهرو ۽ مدد گار آهي.“

تشريح :- پوءِ جڏهن تہ الله کان سواءِ ڪو مددگار نہ آهي تہ پوءِ ٻئي کان مدد گهرڻ ڪيئن جائز ٿيندي بلڪ اهو بہ شرڪ جو قسم آهي. جيئن عام طرح ڪن قومن جو سلام ئي هن طرح آهي تہ ”ياعلي مدد“ جواب ۾ چوندا آهن تہ ”پير مولا علي مدد“، اهو نہ ٿا ڏسن تہ علي رضي الله عنه پنهنجي پٽ جي ڪربلا ۾ مدد نہ ڪئي. قاتل کان پنهنجو سر نہ بچائي سگهيو، اهو ٻين جي ڪهڙي مدد ڪندو؟ هو تہ پاڻ الله جي مدد جو محتاج هو جيئن سندس شعر تازو گذريو. اسلام اسان کي سيکاريو آهي تہ اوهين هڪ ٻئي سان ملڻ وقت ”السلام عليڪم“ چئو، يعني اوهان جي جان، مال ۽ عزت تي الله جي سلامتي هجي. اهڙي پلاري ۽ صحيح عقيدي واري دعا جي بجاءِ شرڪي ۽ غلط عقيدي وارو سلام ايجاد ڪيو ويو آهي. هي ظاهر ظهور الله تعالىٰ جي توحيد سڀوريءَ سان بغاوت ڪرڻي آهي. چو تہ جيسين الله نہ چاهي تيسين ڪير مدد ڪري سگهي ٿو؟ يا ڪنهن جي مدد ڪو نفعو ڏيئي سگهي ٿي. جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ إِن يَنصُرۡكُمُ ٱللَّهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمۡۖ وَإِن يَخۡذُلۡكُمۡ فَمَن ذَا ٱلَّذِي يَنصُرُكُم مِّنۢ بَعۡدِهِۦۗ وَعَلَى ٱللَّهِ فَلۡيَتَوَكَّلِ ٱلۡمُؤۡمِنُونَ ﴿١٦٠﴾ ﴾ (آل عمران)

”جيڪڏهن الله اوهان کي مدد ڏيندو تہ توهان تي ڪو غالب ٿيڻ وارو نہ آهي ۽ جيڪڏهن اوهان کي مدد نہ ڏيندو تہ پوءِ اوهان کي ڪير مدد ڏيندو ۽ مؤمنن کي جڳائي تہ الله تي ئي ڀروسو ڪن“.

تشريح :- امام المغازي محمد بن اسحاق مطلبي هن آيت جي تفسير ۾ ٻڌائي ٿو تہ: جيڪڏهن الله تعالىٰ توهان جو مددگار آهي تہ توتي ڪو انسان غالب نہ ايندو ۽ ڪو انسان توکي ذليل نہ ڪري سگهندو ۽ جيڪڏهن اهو الله توکي پڻ ذليل ڪري تہ پوءِ جي ماڻهو توکي نقصان پهچائڻ گهرن تہ پوءِ تنهنجو مددگار انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪير آهي؟ يعني تون منهنجي حڪم کي ماڻهن جي ڪري نہ ڇڏ بلڪ منهنجي ڪري ماڻهن کي ڇڏ ۽ مؤمنن کي گهرجي تہ الله تي ڀروسو ڪن، نہ ماڻهن تي. ([1])

ثابت ٿيو تہ الله جي مرضيءَ کان سواءِ ظاهري ڪمن ۾ بہ ڪنهن جي مدد فائدو ڏيئي نہ ٿي سگهي تہ پوءِ الله کان سواءِ ٻئي کي مددگار سمجهڻ بلڪل غلط آهي ۽ ان

[1]- الدر المنثور ( 2 / 91 ) بحواله ابن جرير، ابن منذر و ابن ابي حاتم

جي شرڪ هجڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي. انهيءَ ڪري اسان کي هر نماز ۾ سورة الفاتحة پڙهڻ جو حڪم آهي. جنهن ۾ هيءَ آيت آهي تہ:-

آيت :- ﴿إِيَّاكَ نَعْبُدُ وَإِيَّاكَ نَسْتَعِينُ ۝٥﴾ ( الفاتحة )

”اي الله خاص تنهنجي بندگي ڪريون ٿا ۽ خاص تو هڪ کان مدد گهرون ٿا.

اهو ئي مسلمانن جو عقيدو آهي تہ مشڪل ۾ پنهنجي هڪ الله کان مدد گهرون. مگر ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هتي بہ ڪن عالمن جو پير ترڪي ويو آهي. مشهور عالم شيخ محمود الحسن جنهن کي ”الشيخ الهند“ جي نالي سان ياد ڪندا آهن. اهو هن آيت جي حاشي ۾ لکي ٿو تہ:-

اس آیت شریف سے معلوم ہوا کہ اس کی ذات پاک کے سوا کسی سے حقیقت میں مدد مانگنی بالکل ناجائز ہے ہاں اگر کسی مقبول بندہ کو محض واسطے رحمت الٰہی اور غیر مستقبل سمجھ کر استعانت ظاہری اس سے کرے تو یہ جائز ہے کہ یہ استعانت در حقیقت حق تعالیٰ ہی سے استعانت ہے۔ ([1])

اهڙيءَ طرح شرڪ جو دروازو کلي ٿو ۽ عام طرح جيڪي غيرالله کي پڪارين ٿا مثلاً يا رسول الله، يا محمد ﷺ، يا جبرئيل، يا ميڪائيل، يا علي، يا شيخ عبدالقادر جيلاني وغيره چوندا رهن ٿا، اهي سڀ ان قسم جون تاويلون ڪن ٿا ۽ جنگ بدر جي ميدان ۾ جڏهن الله تعالىٰ مسلمانن جي مدد لاءِ فرشتن کي زمين تي هيٺ لاٿو تڏهن خوشخبري ڏئي فرمايائين تہ :

﴿وَمَا جَعَلَهُ ٱللَّهُ إِلَّا بُشْرَىٰ لَكُمْ وَلِتَطْمَئِنَّ قُلُوبُكُم بِهِۦ ۗ وَمَا ٱلنَّصْرُ إِلَّا مِنْ عِندِ ٱللَّهِ ٱلْعَزِيزِ ٱلْحَكِيمِ ۝١٢٦﴾ ( آل عمران )

”۽ الله ان (مدد) کي رڳو اوهان جي خوشخبريءَ لاءِ ڪيو آهي ۽ ان لاءِ تہ اوهان جون دليون ان سان آرام وٺن ۽ الله غالب حڪمت واري جي پار کان سواءِ ڪا مدد (ملڻي) نہ آهي.

تشريح :- يعني اوهان کي فرشتن جي لهڻ جي خبر صرف ان لاءِ ڏيان ٿو تہ اوهان کي ڏڍ ۽ تسلي حاصل ٿئي ورنہ حقيقت ۾ ملائڪن جي وس ۾ بہ مدد نہ آهي بلڪہ مدد منهنجي هٿ ۾ آهي. جنهن لاءِ گهران انجي ڪريان .

﴿وَٱلَّذِينَ تَدْعُونَ مِن دُونِهِۦ لَا يَسْتَطِيعُونَ نَصْرَكُمْ وَلَآ أَنفُسَهُمْ يَنصُرُونَ ۝١٩٧﴾ ( الأعراف )

”۽ ان (الله) کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو، سي اوهان کي ڪا مدد نہ ڏئي سگهندا آهن ۽ نڪي پاڻ کي مدد ڏيئي سگهندا.

---

[1]- قرآن مترجم مع فوائد شیخ الہند 2 طبع بجنور ہندستان

تشريح:- اها بلڪل حقيقت آهي تہ پيرن جون درگاهون ۽ قبا ۽ آستانا مجاورن ۽ چوڪيدارن جا محتاج آهن ورنہ ماڻهو انهن جا پٿر، جهوڙا ۽ سون چانديون ۽ نذرانا سڀ ڪٽي هليا وڃن پوءِ جڏهن اهي درگاهہ وارا پنهنجو بچاءُ ڪري نہ ٿا سگهن تہ ٻئي ڪنهن ڪي بچائي سگهندا؟!

﴿ وَٱتَّخَذُواْ مِن دُونِ ٱللَّهِ ءَالِهَةً لَّعَلَّهُمْ يُنصَرُونَ ﴿٧٤﴾ لَا يَسْتَطِيعُونَ نَصْرَهُمْ وَهُمْ لَهُمْ جُندٌ مُّحْضَرُونَ ﴿٧٥﴾ ﴾ (يس)

”۽ الله ڪان سواءِ ٻيا معبود ڪري ورتا اٿن تان تہ ڪين مدد ڏني وڃي ۽ اهي انهن ڪي مدد نہ ٿا ڏيئي سگهن بلڪ اهي انهن سان گڏ لشڪر ٿي (جهنم تي) حاضر ڪيا ويندا.“

تشريح :- يعني الله ڪان سواءِ جن ۾ اميد رکن ٿا يا انجو سهارو سمجهن ٿا تہ اهو سهارو بيڪار آهي ۽ ٻين ڪي مدد لاءِ پڪارڻ بي فائدا آهي، بلڪ ڏسجي پيو تہ ڪيئن مريد پنهنجي پيرن ڪي مدد لاءِ پڪاريندا رهن ٿا. چنانچہ مشهور عالم حاجي امداد الله مهاجر مڪي، حنفي، چشتي، قادري، نقشبندي، سهروردي پنهنجي مرشد ۽ پير شاهہ نور محمد جي تعريف ڪندي شعر ۾ ان ڪي خطاب ڪري ٿو تہ:-

تم ہو اے نور محمّد خاص محبوب خدا
ہند میں ہو نائب حضرت محمّد مصطفی
تم مددگار مدد امداد کو پھر خوف کیا
عشق کی پر سن کے باتیں کانپتے ہیں دست و پا
اے شہ نورِ محمد وقت ہے امداد کا
جام الفت سے ترے میں ہی نہیں اک جرعہ نوش
سینکڑوں در پر تیرے مد ہوش ہیں اے مے فروش
دل میں ہے ان کے بھرا اک بادۂ وحدت کا جوش
پر یہی کہ کے اٹھے ہیں جب ہے آیا ان کو ہوش
اے شہ نور محمد وقت ہے امداد کا
آسرا دنیا میں از بس ہے تمھاری ذات کا
تم سوا اوروں سے ہر گز کچھ نہیں ہے التجا

بلکہ دن محشر کے بھی جس وقت قاضی ہو خدا
آپ کا دامن پکڑ کر یہ کہوں گا برملا
اے شہ نور محمد وقت ہے امداد کا ([1])

ناظرين :- جڏهن تہ ڪي عالم جي بين ڪيترن عالمن جا مرجع ۽ پير بنيل آهن تن جو هي حال آهي، تہ پوءِ جاهلن تي ڪهڙي معيار آهي. حقيقت ۾ هن قسم جو خطاب ڪرڻ يا امداد گهرڻ ان جي شرڪ هجڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي. هتي ذڪر ڪيل آيتن جي بلڪل مخالف ۽ صريح منافي آهي.

ان ڪان بعد ڪجھ حديثون لکجن ٿيون.

حديث 1 : عَنْ عُبَادَةَ بْنَ الصَّامت أَنَّهُ كَانَ في زَمَنِ النبي صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُنافق يُؤذي الْمُؤمنين فَقَالَ بَعْضُهُم قُومُوا بنا نَسْتَغيثُ برَسُول اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ منْ هَذَا الْمُنَافِق فَقَالَ النبي صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ انه لَا يُسْتَغَاثُ بِي وانَّمَا يُسْتَغَاثُ بالله. ([2])

”عباده بن صامت ﷺ ڪان روايت آهي تہ نبي ﷺ جي زماني ۾ هڪ منافق هوندو هو جيڪو مسلمانن کي تڪليفون ڏيندو هو پوءِ ڪن چيو تہ اٿو تہ رسول الله ﷺ ڪان ان منافق بابت فرياد رسي گهرون پوءِ پاڻ فرمايائون تہ مون ڪان فرياد رسي نہ گهري ويندي آهي بلڪ هڪ الله ڪان گهري ويندي آهي.“

تشريح:- پوءِ جڏهن تہ فرياد رسي يا مدد رسول الله ﷺ جن ڪان نہ ٿي گهري سگهجي تہ پوءِ ٻيو ڪير اهڙو آهي جنهن ۾ ان قسم جي اميد رکي وڃي.

حديث 2 : عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ لَمَّا أُنْزِلَتْ هَذه الْآيَةُ ﴿ وَأَنذِرْ عَشِيرَتَكَ ٱلْأَقْرَبِينَ ﴾ دَعَا رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ قُرَيْشًا فَاجْتَمَعُوا فَعَمَّ وَخَصَّ فَقَالَ يَا بَني كَعْب بْنِ لُؤَيٍّ أَنْقذُوا أَنْفُسَكُمْ منْ النَّار يَا بَني مُرَّةَ بن كَعْبٍ أَنْقذُوا أَنْفُسَكُمْ منْ النَّار يَا بَني عَبْد مَنَاف أَنْقذُوا أَنْفُسَكُمْ منْ النَّار يَا فَاطمَةُ أَنْقذي نَفْسَك منْ النَّار فَإِنِّي لَا أَمْلكُ لَكُمْ منْ اللَّه شَيْئًا غَيْرَ أَنَّ لَكُمْ رَحمًا سَأَبُلُّهَا ببَلَالهَا. وفي المتفق عليه : قَالَ يَا مَعْشَرَ قُرَيْشٍ اشْتَرُوا أَنْفُسَكُمْ لَا أُغْني عَنْكُمْ منْ اللَّه شَيْئًا يَا بَني عَبْد مَنَافٍ لَا أُغْني عَنْكُمْ منْ اللَّه شَيْئًا يَا عَبَّاسُ بْنَ عَبْد الْمُطَّلب لَا أُغْني عَنْكَ منْ اللَّه شَيْئًا وَيَا صَفيَّةُ عَمَّةَ رَسُول اللَّه لَا أُغْني عَنْك منْ اللَّه شَيْئًا وَيَا فَاطمَةُ بنْتَ مُحَمَّدٍ سَليني مَا شئْت منْ مَالي لَا أُغْني عَنْك منْ اللَّه شَيْئًا. ([3])

---

[1]- شمائم امدادیہ (۸۳-۸۴)

[2]- رواه الطبراني ، كتاب التوحيد مع فتح المجيد ( 79- 78 )

[3]- صحيح البخاري ( 9 / 291 ) كتَاب الْوَصَايَا بَاب هَلْ يَدْخُلُ النِّسَاءُ وَالْوَلَدُ في الْأَقَارب حديث رقم ( 2548 ) ، صحيح مسلم ( 1 / 469 ) كتَاب الْإِيمَانِ بَاب في قَوْله تَعَالَى ﴿ وَأَنذِرْ عَشِيرَتَكَ ٱلْأَقْرَبِينَ ﴾ حديث رقم ( 303 ) ، مشكاة المصابيح ( 460 )

”ابوهريرة ﷺ کان روايت آهي تہ جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي تہ : ”پنهنجي ويجهڙائي وارن مائٽن کي ڊيڄار.“(1) تڏهن پاڻ قريشن کي سڏ ڪيائون ۽ هو گڏ ٿيا پوءِ عام خطاب فرمايائون ۽ ڪن جا خاص نالا وٺي بہ فرمايائون ۽ فرمايائون تہ اي ڪعب بن لؤي، اي مرة بن ڪعب، اي بني عبد شمس! اي بني عبد مناف، اي بني هاشم، اي بني عبد المطلب (پاڙي وارن جا نالا آهن) اي فاطمہ محمد ﷺ جن جي ڌيءُ، اي قريشيو، اي چاچا عباس بن عبد المطلب، اي پڦي صفيه! توهين پاڻ کي جهنم جي باهہ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪريو (۽ مون اوهان کي بچڻ جو رستو ڏسيو ۽ حڪم پهچايو آهي) ۽ آئون اوهان کي الله کان ڪجهہ نہ ڇڏائي سگهندس آئون صرف اها ڪوشش ڪري رهيو آهيان (تہ اوهين ڪفر وارو رستو ڇڏي اسلام وارو رستو وٺو) تان تہ منهنجي مائٽيءَ اوهان سان سلامت رهي.“

تشريح :- هن حديث ۾ رسول الله ﷺ جن پنهنجي مائٽن، اولاد ۽ قوم وارن کي اعلان ڪري ڇڏيو تہ مون اوهان کي نجات جو رستو ڏسي ڇڏيو آهي ۽ اهي عمل سمجهايم جن سان الله وٽ قرب حاصل ڪريو، پوءِ هاڻي اوهان جو ڪم آهي تہ اوهين اهو رستو اختيار ڪري جهنم جي باهہ کان بچو ورنہ ائين نہ سمجهو تہ آئون توهان کي ڇڏائي سگهندس جو منهنجا مائٽ ۽ رشتيدار آهيو تنهن ڪري جيڪي ماڻهو بين بزرگن ۽ پيرن کي مدد لاءِ پڪارن ٿا سي انهن کي کهڙي ڪم ايندا.

حديث 3 : عَنْ اَبِي الْعَبَّاس عَبْدالله ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ كُنْتُ خَلْفَ رَسُولِ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ يَوْمًا فَقَالَ يَا غُلَامُ إِنِّي أُعَلِّمُكَ كَلِمَات احْفَظ اللَّهَ يَحْفَظْكَ احْفَظ اللَّهَ تَجدْهُ تُجَاهَكَ إذَا سَأَلْتَ فَاسْأَلِ اللَّهَ وَإِذَا اسْتَعَنْتَ فَاسْتَعنْ باللَّه وَاعْلَمْ أَنَّ الْأُمَّةَ لَوْ اجْتَمَعَتْ عَلَى أَنْ يَنْفَعُوكَ بشَيْءٍ لَمْ يَنْفَعُوكَ إلَّا بشَيْءٍ قَدْ كَتَبَهُ اللَّهُ لَكَ وَلَوْ اجْتَمَعُوا عَلَى أَنْ يَضُرُّوكَ بشَيْءٍ لَمْ يَضُرُّوكَ إلَّا بشَيْءٍ قَدْ كَتَبَهُ اللَّهُ عَلَيْكَ رُفعَتْ الْأَقْلَامُ وَجَفَّتْ الصُّحُفُ. (2)

”ابن عباس ﷺ کان روايت آهي تہ آئون هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن جي پٺيان هئس پاڻ فرمايائون تہ اي ڇوڪرا توکي ڪي ڳالهيون سيکاريان ٿو الله کي ياد ڪندو رهہ تہ توکي بہ ياد ڪندو رهندو يعني سنڀاليندو رهندو ۽ الله کي ياد ڪندو رهہ تہ ان کي پنهنجي اڳيان لهندين يعني جلدي تنهنجا عرض اگهائيندو ۽ جڏهن ڪو سوال ڪرڻو هجئي تہ انهيءَ کان گهرندو رهہ ۽ جڏهن ڪا مدد گهرين تہ انهيءَ کان ئي گهرندو رهہ ۽ يقين سان ڄاڻ تہ پوري امت جا ماڻهو توکي فائدي ڏيڻ لاءِ گڏ ٿين تڏهن بہ توکي

---

1- الشعراء ( ع 11 پ 19 )

2- (صحيح ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 6 / 16 ) حديث رقم ( 2516 ) ، سنن الترمذي ( 9 / 56 ) كِتَاب صِفَةِ الْقِيَامَةِ وَالرَّقَائِقِ وَالْوَرَعِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حديث رقم ( 2440 ) ، الأربعين النووية ( 60 )

ڪجھ نفعو ڏيئي نہ سگھندا. مگر جيڪي تنھنجي لاءِ الله لکيو ھوندو ۽ جيڪڏھن توکي نقصان رسائڻ لاءِ گڏ ٿين تڏھن بہ توکي ڪو نقصان نہ ڏيئي سگھندا مگر جيڪي تنھنجي لاءِ الله لکيو ھوندو ۽ اھي لکڻ وارا قلم کڄي ويا ۽ اھي لکيل صحيفا خشڪ ٿي ويا.

تشريح :- ھيءَ حديث تعليم ڏئي ٿي تہ اسان کي پنھنجا سڀئي سوال ۽ گھرجون الله جي آڏو رکڻ گھرجن جيئن فرمائي ٿو تہ :

﴿وَسۡـَٔلُواْ ٱللَّهَ مِن فَضۡلِهِۦٓۚ . . . ﴿٣٢﴾﴾ ( النساء )

”۽ الله کان ئي سندن پلايون گھرو“.

شيخ عبدالقادر جيلاني فتوح الغيب ھي حديث آڻي فرمائي ٿو تہ :

فينبغي لكل مؤمن ان يجعل هذا الحديث مراءة لقلبه وشعاره ودثاره وحديثه فيعمل به في جميع حركاته وسكناته حتى يسلم في الدنيا والآخرة ويجد العزة فيها برحمة الله عزوجل. ([1])

”يعني ھر مسلمان کي گھرجي تہ ھن حديث کي پنھنجي دل جي اڳيان آئيني وانگر رکي ۽ انھيءَ کي پنھنجي زندگي جو نمونو بنائي ۽ ھر اٿڻ ويھڻ ۽ چر پر ۾ ان تي عمل ڪري، تان تہ دنيا ۽ آخرت ۾ سلامت رھي ۽ الله تعالیٰ جي مھربانيءَ سان ٻنھي جھانن ۾ عزت حاصل ڪري.“

حديث 4 : عَنْ عِمْرَانَ بْنِ حُصَيْنٍ قَالَ قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِأَبِي يَا حُصَيْنُ كَمْ تَعْبُدُ الْيَوْمَ إِلَهًا قَالَ أَبِي سَبْعَةً سِتَّةً فِي الْأَرْضِ وَوَاحِدًا فِي السَّمَاءِ قَالَ فَأَيُّهُمْ تَعُدُّ لِرَغْبَتِكَ وَرَهْبَتِكَ قَالَ الَّذِي فِي السَّمَاءِ قَالَ يَا حُصَيْنُ أَمَا إِنَّكَ لَوْ أَسْلَمْتَ عَلَّمْتُكَ كَلِمَتَيْنِ تَنْفَعَانِكَ قَالَ فَلَمَّا أَسْلَمَ حُصَيْنٌ قَالَ يَا رَسُولَ اللَّهِ عَلِّمْنِي الْكَلِمَتَيْنِ اللَّتَيْنِ وَعَدْتَنِي فَقَالَ قُلْ اللَّهُمَّ أَلْهِمْنِي رُشْدِي وَأَعِذْنِي مِنْ شَرِّ نَفْسِي. ([2])

هَذَا حَدِيثٌ حَسَنٌ غَرِيبٌ.

”عمران بن حصين رضي الله عنه کان روايت آھي تہ رسول الله ﷺ جن منھنجي والد کي فرمايو تہ اي حصين تون اڄڪلھ گھڻن الاھن جي پوڄا ڪرين ٿو؟ چيائين تہ ستن جي پوڄا ڪندو آھيان ڇھہ زمين تي آھن ۽ ھڪ آسمان تي آھي، پاڻ فرمايائون تہ جنھن ۾ اميد رکين (تہ منھنجا ڪم ۽ حاجتون پوريون ٿين) ۽ جنھن کان ڊڄين (يعني متان ڪو غذاب ڪري ۽ مصيبت موڪلي) ان جي پوڄاڪرين ٿو اھو انھن مان ڪھڙو آھي؟ چيائين تہ اھو صرف ھڪ آسمانن تي آھي (يعني ٻئي ڪنھنجو نہ ڊپ ڊاءُ آھي ۽ نہ ان ۾ اميد ۽ آسرو

---

[1]- فتوح الغيب ( 103 )

[2]- صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 7 / 483 ) حديث رقم ( 3483 ) ، سنن الترمذي ( 11 / 387 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي جَامِعِ الدَّعَوَاتِ عَنْ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حديث رقم ( 3405 )

آهي) ۽ پاڻ فرمايائون تہ: اي حصين تون اسلام آڻ تہ توکي بہ کلما اهڙا سيکاريان جي توکي نفعو ڏيندا. پوءِ هن اسلام آندو، چيو تہ يارسول الله ﷺ مونکي اهي ٻئي کلما سيکاريو جن جو توهان مون سان واعدو کيو هو. پاڻ فرمايائون تہ تون هينئن چوندو رهہ.

اللَّهُمَّ أَلْهِمْنِي رُشْدِي وَأَعِذْنِي مِنْ شَرِّ نَفْسِي

”يعني اي منهنجا الله! منهنجي دل ۾ هدايت ۽ رهنمائي وجهہ ۽ منهنجي نفس جي برائي کان مون کي پناهہ ڏي.“

تشريح :- خود کفر جي حالت ۾ حصين رضي الله عنه اقرار پيو کري تہ ڀلائي جي اميد هڪ الله ۾ آهي ۽ عذاب ۽ مصيبت جو خوف بہ ان هڪ کان آهي . گوياڪہ کافرن جو بہ اهو عقيدو هو جو غيرالله کان ڪا مدد جي اميد يا ان کان خوف نہ رکندا هئا مگر افسوس اڄ جي نالي وارن مسلمانن تي آهي جو الله کان سواءِ ٻين کان مددون گهرن ۽ انهن ۾ اميدون رکن ۽ انجي ڀِٽ کان ڊڄن ٿا ۽ وڏي عبرت جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن حصين کي ان جي عقيدي ڏانهن توجهہ ڏياريو ويو يعني جڏهن تون اهو اقرار ڪرين ٿو تہ اميد رکي ان هڪ الله کي پوڄان ٿو ۽ خوف رکي بہ ان هڪ الله کي پوڄان ٿو پوءِ ٻين جي پوڄڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي. آئون تہ ان عقيدي جي دعوت ڏيان ٿو جنهن کي تنهنجي دل خود تسليم ڪري ٿي. جنهن تي حصين مسلمان ٿيو ۽ رضي الله عنهم جي جماعت ۾ شامل ٿيو. اها ئي تعليم قرآن جي آهي تہ :

﴿وَٱدۡعُوهُ خَوۡفٗا وَطَمَعًاۚ إِنَّ رَحۡمَتَ ٱللَّهِ قَرِيبٞ مِّنَ ٱلۡمُحۡسِنِينَ ٥٦﴾ ( الأعراف )

”يعني ان هڪڙي الله کي ان جو خوف رکي ۽ منجهس اميد رکي سڏيندا ڪريو، بيشڪ الله تعالیٰ جي رحمت نيڪو ڪارن لاءِ ويجهي آهي.

خلاصو :- هنن آيتن سڳورين ۽ حديثن شريفن جو هي مطلب آهي تہ الله کان سواءِ ٻيو ڪو ڪنهن جو مددگار يا دستگير يا حاجت روا يا فرياد رس نہ آهي ۽ نہ ڪنهنجي وس آهي چاهي فرشتو هجي يا نبي يا ولي يا پير يا امام يا بزرگ يا ڪو ٻيو ڪنهن کي بہ اها طاقت ڪونهي جو ڪنهن کي مشڪل ۾ ڪم اچي بلڪہ سڀ الله جي آڏو عاجز ۽ انهيءَ جي مدد جا محتاج آهن. بلڪہ (اهڙي طرح) ٻين کان مدد گهرڻ سراسر گمراهي آهي.

غیر حق راہبر کہ خواند اے پسر
کیست درد دنیا از و گمراہ تر

*-*-*

## فصل انون

# بخشش گهرڻ ۽ توبہ ڪرڻ

الغفور الغفار ( يعني وڏا وڏا گناهہ بخشيندڙ ۽ باربار بخشيندڙ ) التواب ( توبہ قبول ڪندڙ، توبہ جي توفيق ڏيندڙ، رحمت سان ٻانهي ڏي موٽندڙ ) الرحمان الرحيم ( وڏي ۽ گهڻي رحم وارو ) هي سڀئي نالا مبارڪ الله تعالىٰ جا آهن. تنهن ڪري انهيءَ ڪان ئي بخشش ۽ مغفرت گهرڻ گهرجي ۽ انهيءَ وٽ پنهنجي گناهن ۽ خطائن بابت توبہ ۽ ندامت ۽ پشيماني ڪرڻ لائق آهي. اهو ٻئي جو شان نہ آهي ان بابت آيتون پيش ڪجن ٿيون.

﴿إِنَّ ٱللَّهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌۢ . . . ﴿٢٠﴾﴾ ( المزمل )

”الله ڪان ئي گناهن جي بخشش گهرو، بيشڪ الله تعالىٰ ئي بخشيندڙ ۽ رحم وارو آهي.

تشريح:- هن آيت ۾ الله تعالىٰ حڪم ڏئي ٿو تہ ڪانئس مغفرت جي طلب ڪئي وڃي، پوءِ ٻين ۾ اهڙي اميد رکڻ اجائي آهي. الله تعالىٰ نيڪو ڪار ٻانهن جي صفت هن طرح بيان ڪري ٿو:-

﴿ وَٱلَّذِينَ إِذَا فَعَلُواْ فَٰحِشَةً أَوْ ظَلَمُوٓاْ أَنفُسَهُمْ ذَكَرُواْ ٱللَّهَ فَٱسْتَغْفَرُواْ لِذُنُوبِهِمْ وَمَن يَغْفِرُ ٱلذُّنُوبَ إِلَّا ٱللَّهُ وَلَمْ يُصِرُّواْ عَلَىٰ مَا فَعَلُواْ وَهُمْ يَعْلَمُونَ ﴿١٣٥﴾ أُوْلَٰٓئِكَ جَزَآؤُهُم مَّغْفِرَةٌ مِّن رَّبِّهِمْ وَجَنَّٰتٌ تَجْرِى مِن تَحْتِهَا ٱلْأَنْهَٰرُ خَٰلِدِينَ فِيهَا ۚ وَنِعْمَ أَجْرُ ٱلْعَٰمِلِينَ ﴿١٣٦﴾﴾ ( آل عمران )

”۽ اهي جڏهن ڪو بي حيائيءَ جو ڪم ڪندا آهن يا پاڻ تي ظلم ڪندا آهن (تڏهن) الله کي ياد ڪندا آهن ۽ پنهنجي گناهن جي بخشش گهرندا آهن ۽ الله ڪان سواءِ ڪير گناهہ بخشيندو؟ ۽ جيڪي ڪيائون تنهن تي ڄاڻي ٻجهي هميشگي نہ ڪندا آهن. انهن جو اجر سندن پالڻهار وٽان بخشش ۽ بهشت آهن، جن جي هيٺيان نهرون وهنديون آهن، منجهن سدائين رهڻ وارا آهن ۽ ڪمائيندڙ جو اجر چڱو آهي“.

تشريح :- هن آيت مان ٽي اهم مسئلا معلوم ٿيا. هڪ: تہ الله ڪان سواءِ ڪو بخشڻ وارو نہ آهي. تنهن ڪري انهيءَ ڪان ئي بخشائڻ گهرجي. ٻيو: تہ الله وٽ گناهن ڪان توبہ ڪرڻ ۽ بخشائڻ مؤمنن جو ڪم آهي. ٽيون: تہ استغفار ۽ بخشش گهرڻ وڏي ثواب ۽ اجر جو ڪم آهي.

﴿ غَافِرِ ٱلذَّنۢبِ وَقَابِلِ ٱلتَّوْبِ شَدِيدِ ٱلْعِقَابِ ذِى ٱلطَّوْلِ ۖ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ إِلَيْهِ ٱلْمَصِيرُ ﴿٣﴾﴾ ( غافر )

”جو گناھ بخشيندڙ ۽ توبہ قبول ڪندڙ سخت سزا ڏيندڙ سگھ وارو آهي. ان کان سواءِ (ٻيو) ڪو الٰہ نہ آهي. ڏانھنس ئي موٽڻو آهي.

تشريح:- هن آيت مان ثابت ٿيو تہ اهي چارئي صفتون گناھ بخشڻ، توبہ قبول ڪرڻ، عذاب ڪرڻ ۽ هر شيءِ تي وس ۽ سگھ رکڻ خاص هڪ الله جي لاءِ ئي آهن. ۽ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو الٰہ نہ آهي. تنهن ڪري ٻئي ڪان گناھ بخشائڻ ۽ ان وٽ توبہ ڪرڻ بہ شرڪ ۾ داخل آهي. صرف ان هڪ وٽ توبہ ڪرڻ گھرجي ۽ ان هڪ کان بخشائڻ گھرجي ۽ انهيءَ جي عذاب کان ڊڄڻ گھرجي ۽ انهيءَ جي وس ۽ قدرت جي آڏو عاجز ٿيڻ گھرجي.

﴿وَتُوبُوٓاْ إِلَى ٱللَّهِ جَمِيعًا أَيُّهَ ٱلۡمُؤۡمِنُونَ لَعَلَّكُمۡ تُفۡلِحُونَ ٣١﴾ ( النور )

”۽ اي مسلمانو! اوهين مڙئي الله جي اڳيان توبہ ڪريو، تان تہ اوهين ڇوٽڪارو حاصل ڪريو“.

تشريح:- هن آيت مان ثابت ٿيو تہ هڪ الله وٽ ئي توبہ ڪرڻ جو حڪم آهي، انهيءَ ۾ ئي نجات آهي. ان جي تائيد ۾ هڪ حديث آهي.

حديث 1 : وأخرج أحمد والبخاري في الأدب ومسلم وابن مردويه والبيهقي في شعب الإيمان :

عَنْ الْأَغَرِّ قَالَ : سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ يَا أَيُّهَا النَّاسُ تُوبُوا إِلَى اللَّهِ جَمِيْعاً فَإِنِّي أَتُوبُ إِلَيْهِ كُلَّ يَوْمٍ مِائَةَ مَرَّةٍ. ([1])

”اغر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: مون رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو تہ اي انسانو! سيئي الله جي دروازي تي توبھ ڪريو ڇو تہ آئون پاڻ ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا توبھ ڪريان ٿو“.

تشريح :- پوءِ جڏهن تہ خود (پاڻ) رسول الله ﷺ جن بہ الله وٽ توبھ ڪندا رهندا هئا، پوءِ ان کان وڌيڪ ڪير آهي جنهن جي دروازي تي توبھ ڪجي.

حديث 2 : عَنِ الْأَسْوَدِ بْنِ سَرِيعٍ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أُتِيَ بِأَسِيرٍ فَقَالَ اللَّهُمَّ إِنِّي أَتُوبُ إِلَيْكَ وَلَا أَتُوبُ إِلَى مُحَمَّدٍ فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَرَفَ الْحَقَّ لِأَهْلِهِ. ([2])

---

[1]- صحيح مسلم (13 / 216) كِتَاب الذِّكْرِ وَالدُّعَاءِ وَالتَّوْبَةِ وَالِاسْتِغْفَارِ بَاب اسْتِحْبَابِ الِاسْتِغْفَارِ وَالِاسْتِكْثَارِ مِنْهُ حديث رقم ( 4870 ) ، الدر المنثور (290/7)

[2]- ضعيف الجامع حديث رقم ( 3705 ) ، مسند أحمد ( 31 / 182 ) حديث رقم ( 15035 ) ، المعجم الكبير للطبراني ( 1 / 359 ) حديث رقم ( 838 ) ، مجمع الزوائد ( 10 / 199 ) باب التوبة إلى الله تعالى

”اسود بن سريع ﷺ كان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن وٽ هڪ قيدي آندو ويو پوءِ ان هن طرح توبهہ ڪئي تہ يا الله آئون تو وٽ توبهہ ڪريان ٿو نہ محمد ﷺ وٽ. تنهن تي چيائون تہ حق انهيءَ کي ڄاتايو ويو آهي جو حق جو لائق آهي.“

تشريح :- جڏهن تہ رسول الله ﷺ جن جي اڳيان بہ توبهہ نہ ڪرڻي آهي تہ پوءِ ٻيو ڪير آهي جنهن جي دروازي تي توبهہ ڪجي بلڪ ڪنهن عالم يا چڱي وٽ توبهہ ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ ان کي شاهد بنائڻ، باقي توبهہ الله وٽ ٿيندي آهي. جيئن هن حديث ۾ آهي تہ ان نئين مسلمان ٿيندڙ، رسول الله ﷺ جن جي اڳيان هڪ الله وٽ توبهہ ڪئي. تنهن ڪري توبهہ هڪ الله وٽ ئي ٿيڻ گهرجي.

حديث 3 : عَنْ شَدَّاد بْن أَوْس رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ عَنْ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سَيِّدُ الاسْتِغْفَارِ أَنْ تَقُولَ اللَّهُمَّ أَنْتَ رَبِّي لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ خَلَقْتَنِي وَأَنَا عَبْدُكَ وَأَنَا عَلَى عَهْدِكَ وَوَعْدِكَ مَا اسْتَطَعْتُ أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ مَا صَنَعْتُ أَبُوءُ لَكَ بِنِعْمَتِكَ عَلَيَّ وَأَبُوءُ لَكَ بِذَنْبِي فَاغْفِرْ لِي فَإِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ قَالَ وَمَنْ قَالَهَا مِنْ النَّهَارِ مُوقِنًا بِهَا فَمَاتَ مِنْ يَوْمِهِ قَبْلَ أَنْ يُمْسِيَ فَهُوَ مِنْ أَهْلِ الْجَنَّةِ وَمَنْ قَالَهَا مِنَ اللَّيْلِ وَهُوَ مُوقِنٌ بِهَا فَمَاتَ قَبْلَ أَنْ يُصْبِحَ فَهُوَ مِنْ أَهْلِ الْجَنَّة. ([1])

”شداد بن اوس ﷺ كان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: مغفرت جي دعائن ۾ سردار دعا هيءَ آهي تہ جو تون هن طرح چوين ۽ دعا گهرين تہ:-

”يا الله! تون منهنجو رب آهين تو مونکي خلقيو آهي ۽ آئون تنهنجو ٻانهو آهيان ۽ توسان اسلام واري عهد ۽ واعدي تي پنهنجي طاقت آهر قابو آهيان ۽ هر برائي جا تو خلقي آهي، تنهن بابت توکان پناهہ ٿو وٺان ۽ تنهنجون جيڪي مون تي نعمتون آهن، انهن جو اقرار ڪريان ٿو ۽ پنهنجي گناهن جو بہ اقرار ڪريان ٿو پوءِ مونکي بخش ڪر ڇو تہ توکان سواءِ ڪو بہ گناهہ نہ ٿو بخشي سگهي.“

”پاڻ فرمايائون تہ جنهن دل جي يقين سان هي دعا صبح وقت پڙهي ۽ ان ڏينهن سج لٿي کان اڳ مري ويو تہ اهو بهشتي آهي. ۽ جنهن رات جو يقين سان پڙهي ۽ صبح کان اڳ مري ويو تہ بہ اهو بهشتي آهي.“

تشريح:- هن حديث وضاحت ڪئي تہ مسلمانن کي هي عقيدو رکڻ گهرجي تہ الله کان سواءِ ٻيو گناهن بخشڻ وارو ڪونهي، اها ئي بهشت تائين پهچڻ جي سئين راهہ آهي.

[1]- صحيح البخاري ( 19 / 363 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ بَاب أَفْضَلِ الِاسْتِغْفَارِ حديث رقم ( 5831 ) ، مشكاة المصابيح ( 204 )

حديث 4 : عَنْ أَبِي بَكْرٍ الصِّدِّيقِ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ أَنَّهُ قَالَ لِرَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلِّمْنِي دُعَاءً أَدْعُو بِهِ فِي صَلَاتِي قَالَ قُلْ اللَّهُمَّ إِنِّي ظَلَمْتُ نَفْسِي ظُلْمًا كَثِيرًا وَلَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ فَاغْفِرْ لِي مَغْفِرَةً مِنْ عِنْدِكَ وَارْحَمْنِي إِنَّكَ أَنْتَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ. ([1])

”ابوبڪر صديق رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ مونکي اهڙي دعا سيکاريو جا آئون نماز ۾ پڙهندو رهان. پاڻ فرمايائون ته تون هيئن چوندو ڪر!“

”اي منهنجا الله! بلاشڪ مون پنهنجي سر تي وڏا ظلم ڪيا آهن ۽ توکان سواءِ ڪو گناهه نه ٿو بخشي سگهي. پوءِ تون مونکي پاڻ وٽان بخشش ۽ مون تي رحم فرماءِ ۽ بلاشڪ تون بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهين.“

تشريح:- هن حديث مان ثابت ٿيو ته الله تعالىٰ کان سواءِ ڪو بخشڻ وارو ڪونهي ۽ ٻانهي کي هر وقت پنهنجي رب جي آڏو اهو اقرار ڪرڻ گهرجي ۽ اهو ئي عقيدو رکڻ گهرجي.

هن کان بعد ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه جي توبهه جو واقعو نقل ڪجي ٿو جو هر مسلمان جي لاءِ درس عبرت ۽ باعث رهنمائي آهي

”ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته آئون ڪنهن به جنگ ۾ رسول الله ﷺ جن کان پوئتي نه رهيو آهيان صرف تبوڪ واري لڙائيءَ ۾ پوئتي رهيس، چنانچه رسول الله ﷺ قريش جي قافلي جي مقابلي لاءِ نڪتا تان جو اوچتو هنن جو اهڙي هنڌ مقابلو ٿيو جتي مقابلو رٿيل نه هو ۽ آئون ان وقت جهڙو ڪڏهن همت ۽ قوت وارو ۽ سنجهائي ۽ هوند وارو نه ٿيس ۽ انهيءَ وقت کان سواءِ به سواريون مون وٽ ڪڏهن به گڏ ڪو نه ٿيون. ان جي باوجود پوئتي رهجي ويس. پاڻ جنگ تي جنهن وقت نڪرندا هئا اهو پاسو ظاهر نه ڪندا هئا پاڻ اهڙي وقت نڪتا جو سفر به پري جو هو ۽ دشمن جو لشڪر به گهڻو هو تنهن ڪري پاڻ هن سفر کي ظاهر ڪيائون ته فلاڻي طرف وڃون ٿا، تان ته پوري تياري ڪن ۽ مسلمانن جي به ڪافي جماعت هئي، سڀ تياري ڪري نڪتا آئون ڇهن و پنج ۾ رهيس تياري به ڪندو رهيس ۽ خيالن ۾ به رهيس، آخر ڪو فيصلو نه ڪري سگهيس، خيال ڪندو رهيس ته اڄ ٿو وڃان سڀاڻي ٿو وڃان.

الغرض منهنجي نصيب ۾ وڃڻ نه ٿيو. ڪاش! آئون وڃان ها ۽ ڏسان به پيو ته ان وقت پوئتي رهجڻ وارا صرف ٻن قسمن جا ماڻهو هئا. ظاهر ظهور منافق يا عذر وارا يعني عورتون، ٻار ۽ بيمار ۽ تبوڪ پهچڻ تي پاڻ منهنجو ذڪر فرمايائون ته چو نه آيو.

---

[1]- صحيح البخاري ( 3 / 333 ) كِتَاب الْأَذَانِ بَاب الدُّعَاءِ قَبْلَ السَّلَامِ حديث رقم ( 570 ) ، صحيح مسلم ( 13 / 223 ) كِتَاب الذِّكْرِ وَالدُّعَاءِ وَالتَّوْبَةِ وَالِاسْتِغْفَارِ بَاب اسْتِحْبَابِ خَفْضِ الصَّوْتِ بِالذِّكْرِ حديث رقم ( 4876 ) ، مشكاة المصابيح ( 87 )

هڪ ماڻهو چيو تہ يارسول الله! هن کي پنهنجي خوشحالي ۽ وڏماڻهپي روڪيو آهي تنهن تي معاذ بن جبلؓ چيو تو اهو چڱو نہ چيو آهي ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله! الله جو قسم تہ اسين هن جي حال ۾ ڪا برائي نہ ٿا ڄاڻون بلڪ ڀلائي ڄاڻون ٿا. پوءِ پاڻ خاموش رهيا پوءِ جڏهن پاڻ موٽڻ وارا ٿيا تڏهن آئون فڪر ڪرڻ لڳس سندن تہ آڏو ڪهڙو عذر ڏيکاريان سچ ڳالهايان يا ڪوڙ ڳالهايان. آخر مون اهو پختو ارادو ڪيو تہ مونکي سچ ڳالهائڻو آهي. پوءِ پاڻ جڏهن آيا تہ سندن عادت مطابق مسجد ۾ آيا ۽ ٻہ رڪعتون پڙهي پوءِ ماڻهن لاءِ وينا پوءِ ٻيا پوئتي رهڻ وارا آيا، قسم کڻي پنهنجا عذر پيش ڪرڻ لڳا. اهي اسي کان مٿي ڪجهہ شخص هئا پوءِ پاڻ سندن ظاهر مطابق عذر قبول ڪيائون ۽ انهن جو اندروني معاملو الله لاءِ ڇڏيائون. پوءِ مون اچي مٿن سلام واريو پاڻ غصي جي حالت ۾ مشڪيا. مونکي سڏيائون ۽ آئون اڳيان اچي ويٺس. پوءِ فرمايائون تہ توکي ڪهڙي شي پوئتي روڪيو؟ تو پنهنجي لاءِ سواري ڪونہ خريد ڪئي هئي ڇا؟ مون عرض ڪيو تہ (هائو! الله جو قسم ۽ جيڪڏهن آئون توهان‌کان سواءِ ڪنهن ٻئي وڏي ماڻهو وٽ هجان ها تہ ڪئين ڳالهيون ڪري جان ڇڏائي وڃان ها ڇو تہ آئون ڳالهائي ڄاڻان ٿو مگر الله جو قسم! مون کي يقين آهي تہ جيڪڏهن توهان سان ڪوڙ ڪري وڃان تہ توهين تہ راضي ٿيندؤ پر بعيد نہ آهي جو الله مون تي ناراض ٿئي ۽ جي سچ ڳالهائيندس تہ بظاهر توهين مون تي ناراض ٿيندؤ پر الله وٽ معافي جي اميد رکان ٿو. عرض هي آهي تہ الله جو قسم! مون کي ڪو عذر ڪو نہ هو ۽ ڪڏهن مونکي اهڙي سنجهائي ۽ قوت حاصل نہ هئي ان هوندي بہ رهجي ويس. پاڻ فرمايائون تہ هن سچ ڳالهايو آهي ۽ مونکي چيائون تہ هاڻي اٿي وڃ جيستائين الله تنهنجي لاءِ ڪو فيصلو نہ ڪري. منهنجي اٿڻ تي بني سلمہ جا ڪجهہ ماڻهو منهنجي پويان لڳا، ۽ مونکي چوڻ لڳا تہ تون بہ هنن وانگر عذر پيش ڪرين ها تہ ڇٽي وڃين ها ۽ رسول الله ﷺ جن تنهنجي لاءِ دعاءِ مغفرت گهرن ها. باربار چوڻ تي مونکي خيال ٿيو تہ وڃي ڪوڙ ڳالهائي جان ڇڏايان مگر پڇيم تہ مونکان اڳ ان طرح ڪنهن سچ ڳالهايو آهي پوءِ ٻن صالحن شخصن جو ٻڌايائون جنهن تي منهنجو عقيدو وڌيڪ مضبوط ٿيو يعني مون کي سچ تي قائم رهڻو آهي ۽ پاڻ سيني ماڻهن کي حڪم فرمايائون تہ اسان ٽنهي سان ڪو ڪلام نہ ڪري. پوءِ سيئي ماڻهو اسان کان دور رهيا ۽ بدلجي ويا ۽ گوياڪہ زمين بہ اسان لاءِ ٻي ٿي ويئي. ان حال تي اسان کي پنجاهہ راتيون گذري ويون. ٻيا ٻہ ڄڻا تہ وڃي گهر ۾ وينا ۽ روئندا رهيا. آئون جوان مڙس هئس ۽ سلام واريندو هئس ۽ جاچيندو هئس تہ پاڻ جواب ۾ چپ مبارڪ چورين ٿا يا نہ ۽ سندن ويجهو نماز پڙهندو هيس ۽ اٽڪل سان جاچيندو هيس، ۽ آئون نماز ۾ هوندو هيس تہ پاڻ نماز ۾

موڏانهن نهاريندا هيا ۽ آئون ڏانهن نهاريندو هئس تہ پاڻ منهن ڦيرائي ڇڏيندا هئا. پوءِ جڏهن ماڻهن جي مون سان ان طرح لاپرواهي کي گهڻو وقت گذري ويو، آخر آئون باغ جي پٽ ٽپي ابو قتادة وٽ ويس جو مونکي سيني کان پيارو هو. الله جو قسم! تہ مونکي جواب نہ ڏنائين پوءِ کيس چيم تہ اي ابو قتادة! الله جو قسم! اٿئي تہ توکي اها خبر نہ آهي تہ مونکي الله جي رسول ﷺ سان محبت آهي؟ هو چپ رهيو، ٻہ ٽي دفعا ورائي ورائي چيم تنهن تي چيائين تہ الله ۽ ان جو رسول ﷺ بهتر ڄاڻن ٿا. پوءِ مونکي روئڻ اچي ويو ۽ آئون پٽ ٽپي ٻاهر آيس. پوءِ هڪڙي ڏينهن بازار ۾ ڦرندو رهيس تہ شام جي هارين مان هڪڙو هاري، جو اناج کڻي آيو هو، سو منهنجو پڇي رهيو هو، پوءِ ماڻهن مون ڏانهن اشارو ڪيو، هن مون ڏي اچي يمن جي بادشاهہ غسان جو خط مون کي ڏنو. انهيءَ ۾ لکيل هو تہ اسان کي معلوم ٿيو آهي تہ تنهن جي مالڪ تو سان ناانصافي ڪئي آهي ۽ الله تو کي عزت ڏني آهي ۽ گهڻ مرتبي وارو نہ آهين تنهن ڪري تون اسان وٽ اچين تہ اسان تو کي عزت واري جاءِ تي رکنداسين. جڏهن اهو خط پڙهيم تہ چيم تہ هي مون لاءِ وڏي آزمائش آهي. پوءِ ان کي ٻاهہ جي تنور ۾ اڇلائي ڇڏيم ۽ چاليهن ڏينهن جي گذرڻ کان پوءِ رسول الله ﷺ! جن جو قاصد مون وٽ آيو ۽ مونکي چيائين تہ پاڻ حڪم ڏين ٿا تہ پنهنجي گهر واريءَ کان الڳ ٿي، مون عرض ڪيو تہ طلاق ڏيان يان ٻيو ڪجهہ؟ چيائين تہ صرف جدا رهہ ۽ ويجهو نہ وڃ ۽ پوين ٻن ڏانهن بہ اهو پيغام ويو. پوءِ مون پنهنجي زال کي چيو تہ وڃي مائٽن ۾ رهہ. جيسيتائين الله جو فيصلو اچي ۽ هنن ٻن مان هڪڙي هلال بن اميہ جي گهرواري عرض ڪيو تہ منهنجو مڙس پوڙهو آهي هن جي خدمت لاءِ ڪو ڪونهي آئون اچي خدمت ڪريان تہ ان ۾ برائي سمجهو ٿا؟ پاڻ فرمايائون تہ نہ. ڀلي خدمت ڪر بلڪ توکي ويجهو نہ اچي پوءِ انجو مرد آخر تائين روئندو رهيو مون کي بہ ڪن گهر جي ڀاتين چيو تہ تون بہ الله جي رسول ﷺ کان اجازت وٺ تہ تنهنجي گهرواري تنهنجي خدمت ڪري مون چيو تہ آئون جوان آهيان متان پاڻ نہ سنڀالي سگهان تنهن ڪري اجازت نہ ورتدس. آخر پنجاهہ راتيون گذريون. آخري رات جي صبح جو پنهنجي گهر جي ڇت تي وينو هئس ۽ انهيءَ فڪر ۾ پئي الله تعالىٰ کي ياد ڪيم چو تہ مون لاءِ پنهنجو ساهہ اچي سوڙهو ٿيو ۽ الله جي ڪشادي زمين مون لاءِ اچي تنگ ٿي تہ اوچتو جبل جي مٿان آواز آيو تہ اي ڪعب! توکي مبارڪ هجي. آئون سجدي ۾ ڪري پيس ۽ سمجهيم تہ الله جي طرفان مشڪل ڪشائي جو حڪم نازل ٿيو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن کي معافي ڏيڻ لاءِ موڪل ملي آهي ۽ جنهن جو آواز مبارڪ جو ٻڌم تنهن کي پنهنجي قميص لاهي ڏنم ماڻهو ٽولا ٽولا ٿيندا مونکي مبارڪ ڏيندا ويا ۽ آئون سجدي ۾

ويس. رسول الله ﷺ! جن جماعت جي وچ ۾ وينا آهن، انهن مان طلحه بن عبد الله ڊوڙي آيو ۽ اچي هٿ ملايائين ۽ مبارڪ ڏنائين جڏهن رسول الله ﷺ جن تي سلام ورايم تڏهن مون کي مبارڪ ڏنائون ۽ خوشي مان سندن منهن مبارڪ وچ وانگر چمڪي رهيو هو. فرمايائين ته جمڻ کان وٺي هيستائين اڄ کو ڏينهن تولاءِ ڀلو آهي پوءِ مون عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ هيءَ خوشخبري اوهان جي طرفان آهي يا الله جي طرفان؟ پاڻ فرمايائون ته الله جي طرفان ۽ اسان سندن خوشي منهن مبارڪ مان سڃاڻندا هئاسين جو چنڊ وانگر چمڪندو هو. پوءِ جڏهن آئون سندن آڏو ويٺس ته مون عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ! منهنجي توبهه جي پورائي انهيءَ ۾ آهي ته آئون پنهنجي ساري مال کان خالي ٿي صدقو ڪري الله جي رسول ﷺ جي آڏو پيش ڪريان. پاڻ فرمايائون ته ڪجهه مال پنهنجي لاءِ بچائي رک جو تنهنجي لاءِ چڱو آهي. پوءِ مون عرض ڪيو ته خيبر ۾ مونکي جيڪو ڀاڱو مليو هو. اهو آئون پنهنجي لاءِ رکان ٿو. مون چيو ته يا رسول الله ﷺ! آئون هن توبهه سان گڏ عهد ڪريان ٿو ته جيستائين جيئرو رهندس تيستائين سچ ڳالهائيندس. الله جو قسم مون وانگر اهڙو ڪو به مسلمان ڪونهي جنهن کي الله تعالىٰ مون وانگر سچ لاءِ آزمايو هجي ۽ انهيءَ ڏينهن کان وٺي اڄ تائين ڪوڙ نه ڳالهايو اٿم. مون کي اميد آهي ته مرڻ تائين الله تعالىٰ مونکي ڪوڙ کان حفاظت ۾ رکندو انهيءَ اسان جي واقعي بابت قرآن جو حڪم نازل ٿيو.

﴿ لَقَد تَّابَ ٱللَّهُ عَلَى ٱلنَّبِيِّ وَٱلْمُهَٰجِرِينَ وَٱلْأَنصَارِ ٱلَّذِينَ ٱتَّبَعُوهُ فِي سَاعَةِ ٱلْعُسْرَةِ مِنۢ بَعْدِ مَا كَادَ يَزِيغُ قُلُوبُ فَرِيقٍ مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ ۚ إِنَّهُۥ بِهِمْ رَءُوفٌ رَّحِيمٌ ﴿١١٧﴾ وَعَلَى ٱلثَّلَٰثَةِ ٱلَّذِينَ خُلِّفُوا۟ حَتَّىٰٓ إِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ ٱلْأَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ أَنفُسُهُمْ وَظَنُّوٓا۟ أَن لَّا مَلْجَأَ مِنَ ٱللَّهِ إِلَّآ إِلَيْهِ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوبُوٓا۟ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ هُوَ ٱلتَّوَّابُ ٱلرَّحِيمُ ﴿١١٨﴾ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ ٱتَّقُوا۟ ٱللَّهَ وَكُونُوا۟ مَعَ ٱلصَّٰدِقِينَ ﴿١١٩﴾ ﴾ (التوبة)

”پيغمبرﷺ ۽ انهن مهاجرن ۽ انصارن تي بيشڪ الله ٻاجهه سان موٽيو جن تنگيءَ جي وقت ۾ پيغمبرﷺ جي تابعداري ڪئي، ان کان پوءِ جو منجهائن هڪ ٽوليءَ جون دليون لڏي وڃڻ تي ويجهيون هيون، وري (الله) مٿن ٻاجهه سان موٽيو ڇو ته اهو مٿن شفقت ڪندڙ ۽ مهربان آهي. ۽ انهن ٽن تي (ٻه) جيڪي پوئتي رهيا ايتري قدر جو زمين ايتري ويڪرائي هوندي به مٿن سوڙهي ٿي ويئي ۽ سندن ساهه منجهيل هئا ۽ ڀايائون ته (هاڻي) الله کان سواءِ ڪا جاءِ پناهه جي نه آهي وري مٿن هن لاءِ ٻاجهه سان موٽيو ته توبهه ڪن! تحقيق الله توبهه قبول ڪندڙ مهربان آهي. اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ هجو.“

ڪعب رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ الله جو قسم اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ الله جي وڏي کان وڏي نعمت اها آهي تہ مون کي رسول الله ﷺ جن جي اڳيان سچ ڳالهائڻ جي توفيق ڏني ۽ ڪوڙ ڳالهايان ها تہ ٻين وانگر برباد ٿي وڃان ها ڇو تہ انهن جي حق ۾ الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ :-

﴿ سَيَحْلِفُونَ بِٱللَّهِ لَكُمْ إِذَا ٱنقَلَبْتُمْ إِلَيْهِمْ لِتُعْرِضُوا۟ عَنْهُمْ ۖ فَأَعْرِضُوا۟ عَنْهُمْ ۖ إِنَّهُمْ رِجْسٌ ۖ وَمَأْوَىٰهُمْ جَهَنَّمُ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوا۟ يَكْسِبُونَ ﴿٩٥﴾ ﴾ ( التوبة )

”جڏهن انهن ڏانهن موٽندؤ (تہ) ستت ئي اوهان جي آڏو الله جو قسم کڻندا تہ اوهين کائن مڙي وڃو، بيشڪ اهي پليد آهن ۽ جيڪي ٿي ڪمايائون تنهنجي عيوض ۾ سندن جاءِ دوزخ آهي.

ناظرين:- هن واقعي کي باربار پڙهو ۽ عبرت حاصل ڪريو تہ ڪعب رضي الله عنه ڪيئن صبر ۽ استقامت کان ڪم ورتو بلڪ هنجي لاءِ زمين تنگ ٿي پئي ۽ بدن ۾ ساهہ گهٽجڻ لڳو. الله جي در کان سواءِ ٻي ڪا راهہ نظر نہ آئي ۽ ان کي ٻاڏائيندا ۽ ان جي در تي روئندا رهيا ۽ خاص طرح ڪعب بلڪل سچ ڳالهايو ۽ ڪوڙ کان پاسو فرمايائين جنهن تي الله تعالىٰ هن جي توبهہ قبول فرمائي اهو ئي توبهہ جو طريقو آهي ان کان سواءِ ٻيو ڪو در نہ آهي.

*-*-*

## فصل نائون

# صورتن، مورتن، تعزيہ، جمادات ۽ نباتات جي پوڄا

جڏهن ٻانهو الله جو نافرمان بنجي ٿو تہ الله تعالىٰ هن کان هوش ۽ عقل کسي وٺي ٿو. جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ وَيُضِلُّ ٱللَّهُ ٱلظَّـٰلِمِينَ ۚ . . . ﴿٢٧﴾ ﴾ ( إبراهيم )

”۽ الله تعالىٰ ظالمن کي گمراهہ ڪندو آهي ۽ انهن کي ڪا سنئين راهہ هٿ نہ ايندي آهي. جيئن ٻي جاءِ تي فرمايائين:-

﴿ وَلَا تَكُونُوا۟ كَٱلَّذِينَ نَسُوا۟ ٱللَّهَ فَأَنسَىٰهُمْ أَنفُسَهُمْ ۚ . . . ﴿١٩﴾ ﴾ ( الحشر )

”اي مسلمانو! انهن ماڻهن وانگر نہ ٿيو جن الله کي وساريو پوءِ الله تعالىٰ انهن کان پنهنجو پاڻ وسارائي ڇڏيو.“

يعني انهن کي اها خبر نہ ٿي پوي تہ نفعي ۾ آهن يا نقصان ۾ سنئين رستي تي هلن ٿا يا غلط راه تي. عجيب طريقو آهي جو پنهنجي هٿ سان صورتون، تصويرون، مورتون ۽ بت ٺاهي پوءِ انهن جي پوڄا ڪن ٿا. ان طرح پيرن جي قبرن تي پاڻ خرچ ڪري درگاهون ۽ قبا اڏين ۽ چوڪنديون ٺاهي مٿن رنگا رنگي جهوڙا ٻڌن ٿا. ۽ انهن جي پوڄا ڪن ٿا. پٿرن جا بت ۽ مورتون گهڙي انهن جي آڏو نياز ۽ نوڙت ڪن ٿا وٽن ڪي پاڻ پوڪين، ۽ پاڻ ان جي سنڀال ڪن ٿا، پاڻ ان ڪي پاڻي ڏين ۽ وري پاڻ ان جي آڏو سجدا ۽ رڪوع ڪن ۽ ٻانهون ٻڌي بيهن ٿا. هندو قوم تہ پنهنجي جاءِ تي پر نالي جي مسلمان جو هي حال آهي جو پنهنجي پيرن جون صورتون ۽ فوٽو گهرن ۾ رکن ٿا، انهن کي گلن جا هار وجهن ۽ گلن جا ورڪا ڪن ٿا، ۽ انهن جي آڏو ڳچي ۾ ڪپڙو وجهي ٻانهون ٻڌن ٿا. رڪوع ڪن ۽ سجدا ڪن ۽ وٽن جا چوڏا لاهيو پنهنجي ٻارن جي ڳچين ۾ ٻڌن ۽ وٽن جي آڏو انهن جي نيت ۾ منايون ورهائين ٿا. حالانڪ اهي سڀ شيون مخلوق آهن. اهي سڀ شيون الله تعالىٰ اسان جي فائدي جي لاءِ خلقيون آهن.

﴿ هُوَ ٱلَّذِى خَلَقَ لَكُم مَّا فِى ٱلْأَرْضِ جَمِيعًا . . . ﴿٢٩﴾ ﴾ ( البقرة )

”اهو الله تعالىٰ آهي جنهن پنهنجي فضل سان جيڪي ڪجھ زمين ۾ آهي اوهان جي لاءِ خلقيو آهي.“

پوءِ جا شيءِ اسان جي فائدي لاءِ خلقي ويئي آهي تہ ان کي ڪم آڻيون يا ان کي معبود بنائي انجي عبادت ڪريون ۽ ان کان مٿي ٻي بي عقلي ڪهڙي ٿيندي. ان کان وڌيڪ مٿ انهن کان ڪيئن ڪسي ويندي؟ ذيل ۾ آيات ملاحظہ هجن:-

﴿ذَٰلِكُمُ ٱللَّهُ رَبُّكُمْ ۖ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ خَٰلِقُ كُلِّ شَىْءٍ فَٱعْبُدُوهُ ۚ وَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَىْءٍ وَكِيلٌ ﴿١٠٢﴾ ﴾ ( الأنعام )

”اهو اوهان جو پالڻهار آهي ان کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي سڀ ڪنهن شيءِ کي پيدا ڪندڙ آهي تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ کي سنڀاليندڙ آهي.“

تشريح:- ثابت ٿيو تہ پوڄا ۽ عبادت جي لائق هڪ الله آهي. جو سڀني شين جو خالق آهي. مخلوق جي پوڄا ناجائز ۽ حرام آهي. تنهن کان سواءِ اهي سڀ شيون ٻي بقا آهن. وڻ وڍجيو وڃن ۽ سڪندا رهن ٿا. بت ڀڄيو پون، درگاهون ڍهيو وڃن. جيئن ابراهيم عليه السلام بت ڀڳا هئا ۽ ڦوٽو ۽ صورتون مٽجيو وڃن پوءِ اهڙي ٻي بقا شيءِ ڪيئن پوڄا جي لائق ٿي بلڪ اهي ضعيف ۽ ڪمزور شيون جيڪي اسان جي حفاظت جون محتاج

آهن. تن جي اڳيان اسان کي پوڄا ڪيئن ٿي جڳائي. عبادت جو اهو لائق آهي جيڪو سدائين زنده آهي. جيئن ارشاد آهي ته:-

﴿ وَلَا تَدْعُ مَعَ اللَّهِ إِلَٰهًا آخَرَ ۘ لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۚ كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجْهَهُ ۚ لَهُ الْحُكْمُ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٨٨﴾ ﴾ (القصص)

”۽ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي معبود (سمجهي) نه سڏ ان کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نه آهي. سندن ذات کان سواءِ سڀ ڪا شيءِ ناس ٿيڻ واري آهي سڀ ڪو حڪم ان جو ئي آهي ۽ ڏانهنس موٽايا ويندؤ.

تشريح:- جڏهن ٻي هر شيءِ بي بقا آهي ته ان جي پوڄا يا ان جو پڪارڻ يا ان کي معبود ڄاڻڻ سڀ ڪم بي فائده ۽ بي معنىٰ رهيا. هاڻي انهن شين جو تفصيل بيان ڪجي ٿو:-

صورت يا مورت:- جي بنائڻ جي اسلام سختي سان مذمت ڪئي آهي. ان بابت مشڪواة ([1]) مان ڪجھ حديثون لکجن ٿيون:-

حديث 1 : عَنْ أَبِي طَلْحَةَ قَالَ قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا تَدْخُلُ الْمَلَائِكَةُ بَيْتًا فِيهِ كَلْبٌ وَلَا تَصَاوِيرُ. ([2])

”ابوطلحه رضي الله عنه کان روايت آهي ته : رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ملائڪ انهيءَ گهر ۾ داخل نه ٿيندا آهن، جنهن ۾ ڪتو ۽ تصوير هجي.“

حديث 2 : عن عائشة ان النبي ﷺ لم يكن يترك في بيته شيئا فيه كلب و تصاوير الانقضه.( البخاري([3]) )

”ام المؤمنين عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته: رسول الله ﷺ پنهنجي گهر ۾ ڪابه صورت رهڻ نه ڏيندا هئا. بلڪ سيئي پيجي ٽوڙي ڇڏيندا هئا.“

حديث 3 : وَ عَنْهَا أَنَّهَا اشْتَرَتْ نُمْرُقَةً فِيهَا تَصَاوِيرُ فَلَمَّا رَآهَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَامَ عَلَى الْبَابِ فَلَمْ يَدْخُلْ فَعَرَفْتُ فِي وَجْهِهِ الْكَرَاهِيَةَ فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ أَتُوبُ إِلَى اللَّهِ وَإِلَى رَسُولِهِ مَاذَا أَذْنَبْتُ فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَا بَالُ هَذِهِ النُّمْرُقَةِ قَالَتْ فَقُلْتُ اشْتَرَيْتُهَا لَكَ لِتَقْعُدَ عَلَيْهَا وَتَوَسَّدَهَا فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنَّ أَصْحَابَ هَذِهِ الصُّوَرِ يُعَذَّبُونَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَيُقَالُ لَهُمْ أَحْيُوا مَا خَلَقْتُمْ وَقَالَ إِنَّ الْبَيْتَ الَّذِي فِيهِ الصُّوَرُ لَا تَدْخُلُهُ الْمَلَائِكَةُ. ([4])

---

[1]- مشكاة المصابيح ( 385 – 386 )

[2]- صحيح البخاري ( 18 / 324 ) كِتَاب اللِّبَاسِ بَاب التَّصَاوِيرِ حديث رقم ( 5493 ) ، صحيح مسلم ( 11 / 9 ) كِتَاب اللِّبَاسِ وَالزِّينَةِ بَاب تَحْرِيمِ تَصْوِيرِ صُورَةِ الْحَيَوَانِ وَتَحْرِيمِ اتِّخَاذِ مَا فِيهِ صُورَةٌ غَيْرُ مُمْتَهَنَةٍ بِالْفَرْشِ وَنَحْوِهِ وَأَنَّ الْمَلَائِكَةَ عَلَيْهِمْ السَّلَام لَا يَدْخُلُونَ بَيْتًا فِيهِ صُورَةٌ وَلَا كَلْبٌ حديث رقم ( 3929 )

[3]- صحيح البخاري ( 18 / 329 ) مذڪوره حديث جا الفاظ اسان کي بخاري ۾ هي مليا آهن : عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَمْ يَكُنْ يَتْرُكُ فِي بَيْتِهِ شَيْئًا فِيهِ تَصَالِيبُ إِلَّا نَقَضَهُ.

[4]- صحيح البخاري ( 16 / 176 ) بَاب هَلْ يَرْجِعُ إِذَا رَأَى مُنْكَرًا فِي الدَّعْوَةِ كِتَاب النِّكَاحِ حديث رقم ( 4783 ) ، صحيح مسلم ( 11 / 21 ) كِتَاب اللِّبَاسِ وَالزِّينَةِ بَاب تَحْرِيمِ تَصْوِيرِ صُورَةِ الْحَيَوَانِ وَتَحْرِيمِ اتِّخَاذِ مَا فِيهِ صُورَةٌ حديث رقم ( 3941 )

”بيبي صاحبه رضي الله عنهما فرمائي ٿي تہ مون هڪ چادر خريد ڪئي جنهن ۾ صورتون هيون. رسول الله ﷺ جڏهن ان کي ڏٺو تہ دروازي تي بيهي رهيا ۽ اندر داخل نہ ٿيا مون عرض ڪيو تہ آئون توبهہ ٿي ڪريان. الله وٽ ۽ ان جي رسول ڏانهن موٽان ٿي. مون کان ڪهڙو گناهہ ٿيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ هيءَ ڪهڙي قسم جي چادر آهي. مون عرض ڪيو تہ اوهان جي ويهڻ ۽ ٽيڪ ڏيڻ لاءِ خريد ڪئي آهي. پاڻ فرمايائون تہ هنن صورتن وارا قيامت جي ڏينهن عذاب ڪيا ويندا ۽ انهن کي چيو ويندو تہ جڏهن (توهان الله وانگر) خلق خلقيو ٿا تہ انهن ۾ ساهہ بہ وجهو ۽ جنهن گهر ۾ صورت آهي ان گهر ۾ الله جا ملائڪ داخل ڪونہ ٿا ٿين.“

حديث 4 : وَ عَنْهَا عَنْ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ أَشَدُّ النَّاسِ عَذَابًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ الَّذِينَ يُضَاهُونَ بِخَلْقِ اللَّهِ. ([1])

”ام المؤمنين عائشةرضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: قيامت جي ڏينهن سيني کان وڌيڪ سخت عذاب انهن ماڻهن کي ٿيندو جي الله تعالیٰ جي پيدائش جو نقل اتارين ٿا يعني صورتون ناهين ٿا.“

حديث 5 : عَبْدَ اللَّهِ بْنَ مَسْعُودٍ قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ إِنَّ أَشَدَّ النَّاسِ عَذَابًا عِنْدَ اللَّهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ الْمُصَوِّرُونَ. ([2])

”ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌم تہ قيامت واري ڏينهن سخت کان سخت عذاب وارا ماڻهو صورتون ناهيندڙ هوندا.“

حديث 6 : عَنْ ابن عَبَّاسٍ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ كُلُّ مُصَوِّرٍ فِي النَّارِ يَجْعَلُ لَهُ بِكُلِّ صُورَةٍ صَوَّرَهَا نَفْسًا فَتُعَذِّبُهُ فِي جَهَنَّمَ. و قَالَ ابن عباس إِنْ كُنْتَ لَا بُدَّ فَاعِلًا فَاصْنَعْ الشَّجَرَ وَمَا لَا رُوحَ فِيهِ. ([3])

”ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌم تہ هر ڪو صورت ناهيندڙ جهنم ۾ آهي ۽ جيتريون صورتون ناهيون هونديون هر هڪ جي عيوض ڪيس ساهہ ڏنو ويندو انهيءَ کي عذاب ڪيو ويندو ۽ ابن عباس رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ: جيڪڏهن توکي مجبورًا صورتون ناهڻيون آهن تہ پوءِ وڻن جون ناهہ يا جن ۾ ساهہ نہ آهي.“

---

[1]- صحيح البخاري ( 18 / 332 ) كِتَاب اللِّبَاسِ بَاب مَا وُطِئَ مِنْ التَّصَاوِيرِ حديث رقم ( 5498 ) ، صحيح مسلم ( 11 / 17 ) كِتَاب اللِّبَاسِ وَالزِّينَةِ بَاب تَحْرِيمِ تَصْوِيرِ صُورَةِ الْحَيَوَانِ وَتَحْرِيمِ اتِّخَاذِ مَا فِيهِ صُورَةٌ حديث رقم ( 3937 )

[2]- صحيح البخاري ( 18 / 326 ) كِتَاب اللِّبَاسِ بَاب عَذَابِ الْمُصَوِّرِينَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ حديث رقم ( 5494 ) ، صحيح مسلم ( 11 / 23 ) كِتَاب اللِّبَاسِ وَالزِّينَةِ بَاب تَحْرِيمِ تَصْوِيرِ صُورَةِ الْحَيَوَانِ وَتَحْرِيمِ اتِّخَاذِ مَا فِيهِ صُورَةٌ حديث رقم ( 3943 )

[3]- صحيح مسلم ( 11 / 25 ) كِتَاب اللِّبَاسِ وَالزِّينَةِبَاب تَحْرِيمِ تَصْوِيرِ صُورَةِ الْحَيَوَانِ وَتَحْرِيمِ اتِّخَاذِ مَا فِيهِ صُورَةٌ حديث رقم ( 3945 )

حديث 7 : عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ تَخْرُجُ عُنُقٌ مِنْ النَّارِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ لَهَا عَيْنَانِ تُبْصِرَانِ وَأُذُنَانِ تَسْمَعَانِ وَلِسَانٌ يَنْطِقُ يَقُولُ إِنِّي وُكِّلْتُ بِثَلَاثَةٍ بِكُلِّ جَبَّارٍ عَنِيدٍ وَبِكُلِّ مَنْ دَعَا مَعَ اللَّهِ إِلَهًا آخَرَ وَبِالْمُصَوِّرِينَ. ([1])

”ابوهريرة ﷺ كان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ: قيامت جي ڏينهن جهنم مان هڪ ڪنڌ نڪرندو جنهن کي ٻہ اکيون ڏسندڙ ۽ ٻہ ڪن ٻڌندڙ ۽ زبان ڳالهائيندڙ هوندي. چوندو تہ آئون ٽن شخصن لاءِ مقرر ڪيو ويو آهيان (1) ظالم سرڪش، (2) جو الله کان سواءِ ٻئي کي پڪاري، (3) صورتون ناهيندڙ.“

حديث 8 : عَنْ سَعِيدِ بْنِ أَبِي الْحَسَنِ قَالَ كُنْتُ عِنْدَ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا إِذْ أَتَاهُ رَجُلٌ فَقَالَ يَا ابْنُ عَبَّاسٍ إِنِّي إِنْسَانٌ إِنَّمَا مَعِيشَتِي مِنْ صَنْعَةِ يَدِي وَإِنِّي أَصْنَعُ هَذِهِ التَّصَاوِيرَ فَقَالَ ابْنُ عَبَّاسٍ لَا أُحَدِّثُكَ إِلَّا مَا سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ سَمِعْتُهُ يَقُولُ مَنْ صَوَّرَ صُورَةً فَإِنَّ اللَّهَ مُعَذِّبُهُ حَتَّى يَنْفُخَ فِيهَا الرُّوحَ وَلَيْسَ بِنَافِخٍ فِيهَا أَبَدًا فَرَبَا الرَّجُلُ رَبْوَةً شَدِيدَةً وَاصْفَرَّ وَجْهُهُ فَقَالَ وَيْحَكَ إِنْ أَبَيْتَ إِلَّا أَنْ تَصْنَعَ فَعَلَيْكَ بِهَذَا الشَّجَرِ كُلِّ شَيْءٍ لَيْسَ فِيهِ رُوحٌ. ([2])

”سعيد بن ابي الحسن ﷺ كان روايت آهي تہ: چيائين آئون ابن عباس ﷺ وٽ هئس تہ هڪ شخص آيو. ۽ چيائين تہ منهنجو گذران منهنجي هٿ جي محنت تي آهي ۽ آئون صورتون ناهيندو آهيان. چيائين تہ آئون توکي اهو حڪم نہ ٻڌايان جو رسول اللهﷺ جن کان ٻڌو اٿم پاڻ فرمايائون تہ: جنهن صورت ٺاهي قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ ان کي ايستائين عذاب ڪندو جيستائين ان ۾ ساهہ وجهي حالانڪ هو ڪڏهن بہ ان ۾ ساهہ نہ وجهي سگهندو. (يعني عذاب بہ بند نہ ٿيندو) پوءِ انهيءَ سائل وڏو ساهہ ڪنيو ۽ سندس منهن جو رنگ هيڊو ٿي ويو تڏهن ابن عباس ﷺ چيو تہ جيڪڏهن توکي هرو پرو مجبوري آهي تہ وڻن ۽ بي جان شين جون صوروتون ناهہ.“

حديث 9 : عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا قَالَتْ لَمَّا اشْتَكَى النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ذَكَرَتْ بَعْضُ نِسَائِهِ كَنِيسَةً يُقَالُ لَهَا مَارِيَةُ وَكَانَتْ أُمُّ سَلَمَةَ وَأُمُّ حَبِيبَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا أَتَتَا أَرْضَ الْحَبَشَةِ فَذَكَرَتَا مِنْ حُسْنِهَا

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 6 / 74 ) حديث رقم ( 2574 ) ، السلسلة الصحيحة ( 2 / 11 ) حديث رقم ( 512 ) ، سنن الترمذي ( 9 / 140 ) كِتَاب صِفَةِ جَهَنَّمَ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي صِفَةِ النَّارِ حديث رقم ( 2497 )

[2]- صحيح البخاري ( 7 / 467 ) كِتَاب الْبُيُوعِ بَاب بَيْعِ التَّصَاوِيرِ الَّتِي لَيْسَ فِيهَا رُوحٌ وَمَا يُكْرَهُ مِنْ ذَلِكَ حديث رقم ( 2073 )

وَتَصَاوِيرَ فِيهَا فَرَفَعَ رَأْسَهُ فَقَالَ أُولَئِكِ إِذَا مَاتَ مِنْهُمْ الرَّجُلُ الصَّالِحُ بَنَوْا عَلَى قَبْرِهِ مَسْجِدًا ثُمَّ صَوَّرُوا فِيهِ تِلْكَ الصُّورَةَ أُولَئِكِ شِرَارُ الْخَلْقِ عِنْدَ اللَّهِ. ([1])

”ام المؤمنين بيبي عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ: پاڻ جڏهن بيمار ٿيا تہ سندن حرمن مان کن عيسائين جي ديول جو ذکر کيو. جنهن کي ماريہ کري سڏيو ويندو هو. ان وقت ۾ حبشہ جي ملک ۾ ام المؤمنين ام سلمہ ۽ ام حبيبہ رضي الله عنهما ان کي ڏٺو هو پوءِ ان جي خوبصورتي بيان کيائون ۽ ذکر کيائون تہ ان ۾ صورتون هيون. پوءِ پاڻ مٿو مبارک مٿي کڻي فرمايائون تہ انهن ۾ کو چڱو ماڻهو مرندو هو تہ ان جي قبر جي مٿان عبادت گاهہ ناهيندا هئا ۽ ان ۾ سندس صورت رکندا هئا ۽ الله جي خلق ۾ سڀ کان بڇڙا اهي ماڻهو آهن.“

ناظرين :- هنن سڀني حديثن مان معلوم ٿيو تہ صرف صورتون ناهڻ يا فوٽو کڻڻ نهايت بڇڙو کم ۽ تمام گناهہ ۽ لعنت ۽ عذاب جو باعث آهي. انهن جي پوڄا يا سيوا کرڻ يا انهن جي اڳيان نذر نياز ڏيڻ نهايت وڏيک بڇڙو کم ۽ عظيم گناهہ ٿيندو ۽ اهڙو ماڻهو وڏي لعنت ۽ عذاب جو حقدار ٿيندو.“

پٿر ۽ کاٺ :- پٿر اسان جي کم جي شيءِ آهي جنهن مان تعميرات وغيره جو کم وٺون ٿا. پوءِ انهيءَ شيءِ جون مورتون ناهي پوڄڻ انتهائي بي عقلي آهي . جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ قَالَ أَتَعْبُدُونَ مَا تَنْحِتُونَ ﴿٩٥﴾ وَاللَّهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُونَ ﴿٩٦﴾ ﴾ ( الصافات )

”ابراهيم عليه السلام بت پرستن کي چيو تہ: جن شين کي اوهين پاڻ هٿ سان گهڙيو ٿا، انهن جي پوڄا ڇا لاءِ ٿا کريو حالانک الله تعالیٰ توهان ۽ توهان جي سڀني کمن کي خلقيو آهي.“

يعني تہ توهان بہ ان جي مخلوق، اوهان جا کم ۽ بنايل شيون بہ انجي مخلوق آهيو، پوءِ مخلوق جي پوڄا کيئن ٿي جڳائي، ۽ کيئن ماڻهو کاٺين جا تعزيہ ناهي انهن کي رنگين کاغذ لڳائي ان جي پوڄا کندا آهن ۽ تعظيم کندا آهن، برکت خاطر هٿ لڳائيندا ۽ چمندا آهن. حالانک اهو سڀ کجھ عقل جي فقد جو نتيجو آهي.“

وڻ ۽ وليون:- انهن جي بہ پوڄا کندا آهن. پر حقيقت ۾ اهي بہ الله جا پوڄاري آهن. جيئن ارشاد آهي تہ :-

---

[1]- صحيح البخاري ( 5 / 119 ) كتَاب الْجَنَائِز بَاب بِنَاءِ الْمَسْجِد عَلَى الْقَبْرِ حديث رقم ( 1255 ) ، صحيح مسلم ( 3 / 122 ) كِتَاب الْمَسَاجِدِ وَمَوَاضِعِ الصَّلَاة بَاب النَّهْيِ عَنْ بِنَاءِ الْمَسَاجِدِ عَلَى الْقُبُورِ وَاتِّخَاذِ الصُّوَرِ فِيهَا وَالنَّهْيِ عَنْ اتِّخَاذِ الْقُبُورِ مَسَاجِدَ حديث رقم ( 822 )

﴿ وَٱلنَّجْمُ وَٱلشَّجَرُ يَسْجُدَانِ ۝٦ ﴾ ( الرحمٰن )

”۽ وليون ۽ وڻ ( الله کي ) سجدو ڪندا آهن“

پوءِ جي خود الله جا پوڄاري آهن سي پوڄا جي لائق ڪيئن ٿيندا. تنهن ڪان سواءِ سندن پيدائش ڏسو زمين مان انهن کي الله ڦٽايو جيئن فرمايائين ته :-

﴿ أَفَرَءَيْتُم مَّا تَحْرُثُونَ ۝٦٣ ءَأَنتُمْ تَزْرَعُونَهُۥٓ أَمْ نَحْنُ ٱلزَّٰرِعُونَ ۝٦٤ ﴾ ( الواقعة )

”ڏسو ته سهي جيڪي اوهين پوکيندا آهيو، سي اوهين ڄمائيندا آهيو، ڇا يا اسين ڄمائيندا آهيون.“ ۽انهن کي اوپاڙي وڍو ڪرڻ به ان جو ڪم آهي ـ جيئن ارشاد آهي ته :-

﴿ أَمَّنْ خَلَقَ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضَ وَأَنزَلَ لَكُم مِّنَ ٱلسَّمَآءِ مَآءً فَأَنۢبَتْنَا بِهِۦ حَدَآئِقَ ذَاتَ بَهْجَةٍ مَّا كَانَ لَكُمْ أَن تُنۢبِتُوا۟ شَجَرَهَآ ۗ أَءِلَٰهٌ مَّعَ ٱللَّهِ ۚ بَلْ هُمْ قَوْمٌ يَعْدِلُونَ ۝٦٠ ﴾ ( النمل )

”(نه ٻلڪ پڇو ٿا ته) اهو ڪير آهي جنهن آسمان ۽ زمين کي بڻايو ۽ اوهان لاءِ آسمان مان پاڻي وسايو؟ پوءِ ان سان (هر طرح جا) رونق وارا باغ ڄماياسون. انهن (باغن) جي وڻن جي ڄمائڻ جي اوهان وٽ سگهه نه هئي. الله ڪان سواءِ ڪو ٻيو معبود آهي ڇا؟ ٻلڪ اهي (اهڙي قوم آهن جي سڌي رستي ڪان) ڏنگو هلندا آهن.“

۽ اهو ان جي ساون ۽ سڪن پنن کي ڄاڻي ٿو ۽ ان جي حڪم سان پن ڪرن ٿا. جيئن ارشاد آهي ته :-

﴿ وَمَا تَسْقُطُ مِن وَرَقَةٍ إِلَّا يَعْلَمُهَا وَلَا حَبَّةٍ فِى ظُلُمَٰتِ ٱلْأَرْضِ وَلَا رَطْبٍ وَلَا يَابِسٍ إِلَّا فِى كِتَٰبٍ مُّبِينٍ ۝٥٩ ﴾ ( الانعام )

”ڪو به وڻ جو پن ڪري ٿو ته الله ان کي ڄاڻي ٿو (يعني ان جي حڪم ڪان سواءِ نٿو ڪري) ان طرح زمين جي اونداهين ۾ ڪو داڻو آهي ياڪا آلي يا ڪا سڪي شيءِ (پن وغيره) سڀئي ان وٽ پڌري ڪتاب ۾ لکيل آهن ـ

پوءِ جا شيءِ شروع ڪان آخر تائين، الله جي پاليل ۽ بڻايل ۽ الله جي حفاظت جي محتاج آهي. سا ڪيئن ٿي ٻين جي لاءِ معبود ۽ حاجت روا بڻجي. ڪرڙ شاهه، ڪنڊو شاهه، فلاڻي پير جو ٻير يا ڪٻڙ. انهن جي پوڄا ڪندي انسان کي سوچڻ گهرجي ته ڇا منهنجو شان آهي ۽ ڪهڙي شيءِ جي آڏو جهڪان ٿو؟

خلاصو :- هنن آيتن ۽ حديثن جو هي آهي ته انهن سڀني شين جي پوڄا قرآن، حديث، مسلمان جي عقيدي ۽ عقل ۽ فهم سڀ جي خلاف آهي. الله تعالیٰ مسلمانن کي علم جي دولت سان مالا مال ڪري ۽ بي عقلي جهڙي ۽ مهلڪ مرض کان امن ۾ رکي.

الٹی سمجھ کسی کو ہرگز خدا نہ دے

دے آدمی کو موت پر یہ بدادا نہ دے

*-*-*

## فصل ڏهون

# پاڻي، باهه، سج، چنڊ ۽ تارن جي پوڄا

هي سڀ شيون الله جون خلقيل آهن. جيئن ارشاد آهي ته :-

﴿أَفَرَءَيْتُمُ ٱلْمَآءَ ٱلَّذِى تَشْرَبُونَ ﴿٦٨﴾ ءَأَنتُمْ أَنزَلْتُمُوهُ مِنَ ٱلْمُزْنِ أَمْ نَحْنُ ٱلْمُنزِلُونَ ﴿٦٩﴾ لَوْ نَشَآءُ جَعَلْنَٰهُ أُجَاجًا فَلَوْلَا تَشْكُرُونَ ﴿٧٠﴾ أَفَرَءَيْتُمُ ٱلنَّارَ ٱلَّتِى تُورُونَ ﴿٧١﴾ ءَأَنتُمْ أَنشَأْتُمْ شَجَرَتَهَآ أَمْ نَحْنُ ٱلْمُنشِـُٔونَ ﴿٧٢﴾ نَحْنُ جَعَلْنَٰهَا تَذْكِرَةً وَمَتَٰعًا لِّلْمُقْوِينَ ﴿٧٣﴾﴾ (الواقعة)

”يلا ڏسو ته سهي جيڪو پاڻي پيئندا آهيو، اهو اوهين ڪڪرن مان هيٺ لاهيندا آهيو يا اسين هيٺ لاهيندا آهيون؟ جيڪڏهن گهرون ته انکي کارو ڪري ڇڏيون. پوءِ ڇا لاءِ شڪر نه ٿا ڪريو؟ يلا ڏسو ته سهي جا باهه اوهين ٻاريندا آهيو، تنهن جي وڻ ۽ اصل کي اوهان پيدا ڪيو آهي ڇا يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون؟ اسان ان (وڻ ۽ اصل) کي نصيحت وٺڻ لاءِ ۽ مسافرن جي فائدي لاءِ پيدا ڪيو آهي.“

﴿وَهُوَ ٱلَّذِى خَلَقَ ٱلَّيْلَ وَٱلنَّهَارَ وَٱلشَّمْسَ وَٱلْقَمَرَ كُلٌّ فِى فَلَكٍ يَسْبَحُونَ ﴿٣٣﴾﴾ (الانبياء)

”۽ (الله) اهو آهي، جنهن رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ کي بڻايو. سڀئي آسمانن ۾ ڦرندا رهن ٿا.“

﴿وَسَخَّرَ لَكُمُ ٱلَّيْلَ وَٱلنَّهَارَ وَٱلشَّمْسَ وَٱلْقَمَرَ وَٱلنُّجُومُ مُسَخَّرَٰتٌۢ بِأَمْرِهِۦٓ إِنَّ فِى ذَٰلِكَ لَءَايَٰتٍ لِّقَوْمٍ يَعْقِلُونَ ﴿١٢﴾﴾(النحل)

”۽ اوهان لاءِ الله تعالیٰ رات ۽ ڏينهن، سج ۽ چنڊ تابع ڪيا آهن ۽ تارا سندس حڪم سان تابع ڪيل آهن. بيشڪ ان ۾ ڄاڻندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن.“

ثابت ٿيو ته اهي سڀ شيون پاڻي، باهه، سج، چنڊ، تارا الله جا خلقيل آهن. تنهن ڪري عبادت مخلوق جي ناجائز آهي نيز آيت-3 مان معلوم ٿيو ته انهن شين کي الله

تعالىٰ انسان جي تابع بنايو آهي. پوءِ انسان کي کيئن ٿو جڳائي جو انهن جي پوڄا ڪري. عام طرح پيرن جي درگاهن تي باهين جو مچ ٻاريندا آهن مريد انهن جو طواف ڪندا آهن. ۽ چڪر ڪاٽيندا آهن ۽ انهيءَ باهه جي چار ۽ مٽي کڻي کائيندا آهن. ۽ ٻچن کي برڪت ۽ شفا جي نيت سان کارائيندا آهن. اهي سڀئي شيطاني ۽ شرڪي رسمون آهن ۽ ڪيترن نالي جي مسلمانن کي سمنڊ ۽ درياء جي پوڄا ڪندي ڏٺو ويو آهي. مثلاً مناڻ جا ٽوڪرا کڻيو وڃن سمنڊ ۾ ڇڏين وغيره. حالانڪ هنڌن ۾ اهو عام عمل آهي. سنڌ جو شاعر شاهه عبد اللطيف پنهنجي معتقدن کي هن طرح تعليم ڏئي ٿو ته:-

سيوا ڪر سمنڊ جي جتي جر وهي ٿو جال،
سئين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو جڙئي مال ته پوڄارا پر ٿئين([1])

در اصل قرآن ۽ حديث کي ڇڏي شاعرن جي پويان لڳڻ سان ماڻهو گمراهه ٿيا آهن. الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته :-

﴿وَٱلشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ ٱلْغَاوُۥنَ ﴿٢٢٤﴾﴾ ( الشعراء )

”يعني شاعرن جي پويان گمراهه لڳندا آهن. هدايت وارا پنهنجي رهنمائي لاءِ فقط قرآن حديث کي ڪافي سمجهندا آهن. نيز سج، چنڊ، تارن بابت ابراهيم عليه السلام جو واقعو وڏي عبرت وارو آهي. جيئن ارشاد آهي ته:-

﴿ وَكَذَٰلِكَ نُرِىٓ إِبْرَٰهِيمَ مَلَكُوتَ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضِ وَلِيَكُونَ مِنَ ٱلْمُوقِنِينَ ﴿٧٥﴾ فَلَمَّا جَنَّ عَلَيْهِ ٱلَّيْلُ رَءَا كَوْكَبًا ۖ قَالَ هَٰذَا رَبِّى ۖ فَلَمَّآ أَفَلَ قَالَ لَآ أُحِبُّ ٱلْءَافِلِينَ ﴿٧٦﴾ فَلَمَّا رَءَا ٱلْقَمَرَ بَازِغًا قَالَ هَٰذَا رَبِّى ۖ فَلَمَّآ أَفَلَ قَالَ لَئِن لَّمْ يَهْدِنِى رَبِّى لَأَكُونَنَّ مِنَ ٱلْقَوْمِ ٱلضَّآلِّينَ ﴿٧٧﴾ فَلَمَّا رَءَا ٱلشَّمْسَ بَازِغَةً قَالَ هَٰذَا رَبِّى هَٰذَآ أَكْبَرُ ۖ فَلَمَّآ أَفَلَتْ قَالَ يَٰقَوْمِ إِنِّى بَرِىٓءٌ مِّمَّا تُشْرِكُونَ ﴿٧٨﴾ إِنِّى وَجَّهْتُ وَجْهِىَ لِلَّذِى فَطَرَ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضَ حَنِيفًا ۖ وَمَآ أَنَا۠ مِنَ ٱلْمُشْرِكِينَ ﴿٧٩﴾﴾ ( الأنعام )

”۽ اهڙي طرح ابراهيم کي آسمانن ۽ زمينن جي بادشاهي ڏيکاري سون ٿي (هن لاءِ) ته (اهو) يقين ڪندڙن مان ٿئي. پوءِ جنهن مهل رات مٿس اونداهي ڪئي (ته آسمان ۾) هڪ تارو ڏٺائين، چيائين ته هي منهنجو پالڻهار آهي (يعني ڪافرن جي عقيدي جي چٽر

[1] - شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي ايم اي ( 60 )

ڪيائين ٿي ۽ انهن جي قول کي نقل ڪيائين ٿي) پوءِ جنهن مهل (اهو) لٿو ته چيائين ته آئون لهندڙ ۽ بي بقا شين کي پسند نه ٿو ڪيان، پوءِ جنهن مهل چنڊ کي چمڪندڙ ڏٺائين ته چيائين ته هي منهنجو پالڻهار آهي (يعني انهن جو عقيدو نقل ڪيائين ۽ انهن تي ننول ڪيائين) پوءِ جنهن مهل لٿو ته چيائين ته (هيءَ شيءِ بي بقا آهي) جيڪڏهن منهنجو پالڻهار مونکي هدايت نه ڪندو ته (يعني مونکي پنهنجو پاڻ نه سڃاڻائيندو) ته ضرور گمراهه قوم مان ٿيندس. پوءِ جنهن مهل سج کي چمڪندڙ ڏٺائين ته چيائين ته هيءُ منهنجو پالڻهار آهي (جو) هي وڏو آهي (جيئن هو چوندا هئا) پوءِ جنهن مهل لٿو ته چيائين ته اي منهنجي قوم! جنهن کي اوهين الله سان شريڪ بڻائيندا آهيو (۽ پوڄيندا آهيو) تن کان آئون بيزار آهيان. مون (سيني) کان هڪ طرفو ٿي پنهنجي منهن کي انهيءَ الله ڏانهن سامهون ڪيو آهي جنهن آسمانن ۽ زمينن کي بنايو آهي ۽ آئون مشرڪن مان نه آهيان .

تشريح :- هن مضمون مان ثابت ٿيو ته تارن، سج ۽ چنڊ جي پوڄا ڪرڻ مشرڪن ۽ ڪافرن جو ڪم آهي، اهي سيئي بي بقا شيون آهن. عبادت جي لائق هڪ الله تعالیٰ آهي جو هميشه بقا وارو آهي جنهن لاءِ ڪا فنائيت نه آهي.

ان طرح پاڻي جو اهو حال آهي جو ان کي زمين چهيو وڃي، هوا ڪٽيو وڃي، گلاس يا لوٽي يا جنهن ٿانو ۾ وجهه انهيءَ جي شڪل وٺي ماڻهو انهيءَ کي پي وڃي ٿو وري بدبودار پيشاب جي شڪل ۾ ٻاهر نڪري ٿو. پوءِ عقل وارا غور ڪن ته اها شيءِ پوڄا جي لاءِ آهي؟ حاشا وڪلا

ان طرح باهه جيڪا پاڻيءَ ۽ مٽيءَ سان اجهاميو وڃي اها شيءِ ڪيئن پوڄڻ جي لائق ٿيندي!! بلڪه پوڄا جي لائق هڪ الله آهي. جو سيني شين کان ڏاڍو آهي، ٻيون سڀ شيون انهيءَ جي آڏو عاجز آهن سج، چنڊ لاءِ گرهڻ به ٿئي ٿو ۽ تارا ڏينهن جو سج جي آڏو غائب رهن ٿا، نظر نٿا اچن.

هن بابت ڪجهه حديثون لکجن ٿيون :

حديث 1 : أَخْرَجَ الْبُخَارِي عَنْ زَيْدِ بْنِ خَالِد الْجُهَنِيِّ أَنَّهُ قَالَ صَلَّى لَنَا رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ صَلَاةَ الصُّبْحِ بِالْحُدَيْبِيَة عَلَى إِثْرِ سَمَاءٍ كَانَتْ مِنْ اللَّيْلَة فَلَمَّا انْصَرَفَ أَقْبَلَ عَلَى النَّاسِ فَقَالَ هَلْ تَدْرُونَ مَاذَا قَالَ رَبُّكُمْ قَالُوا اللَّهُ وَرَسُولُهُ أَعْلَمُ قَالَ أَصْبَحَ مِنْ عِبَادِي مُؤْمِنٌ بِي وَكَافِرٌ فَأَمَّا مَنْ قَالَ مُطِرْنَا بِفَضْلِ اللَّه وَرَحْمَته فَذَلِكَ مُؤْمِنٌ بِي وَكَافِرٌ بِالْكَوْكَبِ وَأَمَّا مَنْ قَالَ بِنَوْءِ كَذَا وَكَذَا فَذَلِكَ كَافِرٌ بِي وَمُؤْمِنٌ بِالْكَوْكَب. ([1])

---

[1]- صحيح البخاري ( 3 / 351 ) كِتَاب الْأَذَانِ بَاب يَسْتَقْبِلُ الْإِمَامُ النَّاسَ إِذَا سَلَّمَ حديث رقم ( 801 )

”زيد بن خالد جهني ﷛ كان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن حديبيہ (مڪہ مڪرمہ جي قريب هڪ هنڌ آهي جتي مشرڪن سان صلح ٿيو) ۾ اسان ڪي فجر نماز پڙهائي، ان رات آسمان مان مينهن وسيو هو پاڻ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا تہ ماڻهن جي سامهون ٿي وينا پوءِ فرمايائون تہ ڇا اوهين ڄاڻو ٿا تہ اوهان جي رب ڇا فرمايو آهي؟ چيائون تہ الله ۽ ان جو رسول (ﷺ) وڌيڪ ڄاڻندڙ آهن. پان فرمايائون تہ الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ منهنجي ٻانهن ڪن مؤمن ٿي صبح ڪيو آهي تہ ڪن ڪافر ٿي. پوءِ جن چيو تہ هي مينهن اسان تي الله جي فضل ۽ رحمت سان آيو آهي تہ اهو مون تي ايمان آڻيندڙ ۽ تاري سان ڪفر ڪندڙ آهي ۽ جنهن چيو تہ فلاڻي يا فلاڻي تاري جي ڪري اسان تي مينهن آيو آهي تہ اهو مون سان ڪفر ڪندڙ ۽ تاري تي ايمان رکندڙ آهي.“

تشريح :- جاهليت جي زماني ۾ اسلام کان اڳ هن قسم جا گمان ڪندا هئا تہ مينهن فلاڻي تاري جي ڪري اچي ٿو يا اهو پاڻ اهو ڪم ڪري يا وسائي ٿو يا تہ ان ڪي مينهن جي نشاني سمجهيائون ٿي. پوءِ جڏهن اسلام آيو تہ انهيءَ کي ڪفر قرار ڏنائين. جيئن فتح الباري ([1]) ۾ امام ابن قتيبہ کان منقول آهي. اهو اڄ ڪلهہ عقيدو ڪيترن ماڻهن جو آهي. تنهن ڪري رسول الله ﷺ جن واضح فرمايو تہ اهو عقيدو ڪفريہ آهي ۽ مؤمن تڏهن ڪامل ٿيندو جڏهن الله تي ايمان آڻي ۽ ان جي مقابلي ۾ جا بہ شيءِ پوڄي وڃي يا انکان نفعو نقصان سمجهيو وڃي پوءِ تارو هجي يا ڪا ٻي شيءِ انهن سڀني شين جو ڪفر ۽ انڪار ڪري ڇو تہ جڏهن ان کان نفعو نقصان سمجهيو ويو تہ اهو طاغوت بنجي چڪو پوءِ انجو انڪار ۽ ڪفر ضروري آهي جيئن باب-2 فصل-1 ۾ گذريو.

حديث 2 : عَنْ مُعَاوِيَةَ اللَّيْثِيِّ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ يَكُونُ النَّاسُ مُجْدبِينَ فَيُنْزِلُ اللَّهُ تَبَارَكَ وَتَعَالَى عَلَيْهِمْ رِزْقًا مِنْ رِزْقِهِ فَيُصْبِحُونَ مُشْرِكِينَ فَقِيلَ لَهُ وَكَيْفَ ذَاكَ يَا رَسُولَ اللَّهِ قَالَ يَقُولُونَ مُطِرْنَا بِنَوْءِ كَذَا وَكَذَا. ([2])

”معاوية الليثي ﷛ کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: ماڻهو ڏڪار جي حالت ۾ هوندا آهن پوءِ جڏهن الله تعالىٰ پنهنجي رزق مان ڪجهہ موڪليندو آهي تہ پوءِ وري مشرڪ ٿي ويندا آهن. عرض ڪيو ويو تہ اهو ڪهڙي طرح يا رسول الله ﷺ. پاڻ فرمايائون تہ چوندا آهن تہ فلاڻي فلاڻي تاري جي ڪري اسان وٽ مينهن آيو آهي.“

---

[1]- فتح الباري ( 2 / 524 ) ( السلفية )

[2]- مسند أحمد ( 3 / 429 ) حديث رقم ( 14988 )

حديث 2 : عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ مَا أَنْزَلَ اللَّهُ مِنْ السَّمَاءِ مِنْ بَرَكَةٍ إِلَّا أَصْبَحَ فَرِيقٌ مِنْ النَّاسِ بِهَا كَافِرِينَ يُنْزِلُ اللَّهُ الْغَيْثَ فَيَقُولُونَ الْكَوْكَبُ كَذَا وَكَذَا. ([1])

”ابوهريرة ﷛ کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ فرمايو تہ: الله تعالیٰ جڏهن آسمان مان ڪا برڪت لاهي ٿو تہ ماڻهن مان هڪ ٽولو اهڙو آهي، جيڪو انهيءَ جي نعمتن سان ڪفر ڪرڻ لڳي ٿو. الله تعالیٰ بارش لاهي ٿو ۽ هو وري تاري کان سمجهن ٿا.“

تشريح :- هنن حديثن مان ثابت ٿيو تہ تارن يا چنڊ جي پوڄا يا نفعو ۽ نقصان انهن کان سمجهڇي اهو شرڪ جو ڪم آهيءِ امام قتاده بن دعامہ فرمائي ٿو تہ :

خَلَقَ اللهُ تَعَالى النُّجُومَ لِثَلَاثٍ جَعَلَهَا زِينَةً لِلسَّمَاءِ وَرُجُومًا لِلشَّيَاطِينِ وَعَلَامَاتٍ يُهْتَدَى بِهَا فَمَنْ تَأَوَّلَ فِيهَا بِغَيْرِ ذَلِكَ أَخْطَأَ وَأَضَاعَ نَصِيبَهُ وَتَكَلَّفَ مَا لَا يعْلم. ([2])

”الله تعالیٰ تارن کي ٽن ڳالهين لاءِ خلقيو آهي:

(1) آسمانن جي زينت ۽ سينگار خاطر،

(2) شيطانن لاءِ تڙ، جو انهن کي باهہ جا ألا تي لڳن ٿا.

(3) نشانن لاءِ جو انهن سان رستو معلوم ٿئي.

پوءِ جنهن انهن مان ٻي معنیٰ ورتي تہ انهيءَ خطا ڪئي ۽ پنهنجي عمر جو ڀاڱو برباد ڪيائين ۽ اهڙي شيءِ ۾ ڪاهي پيو جنهن بابت ڪيس ڄاڻ حاصل ٿيل نہ آهي. ان طرح اميرالمؤمنين عمر بن خطاب ﷛ جو واقعو عبرت خاطر نقل ڪجي ٿو :

أمر عمر بن الخطاب بقطع الشجرة التي بويع تحتها النبي صلى الله عليه وسلم ، فقطعها لأن الناس كانوا يذهبون فيصلون تحتها ، فخاف عليهم الفتنة. قال عيسى بن يونس : وهو عندنا من حديث ابن عون. ([3])

”امير عمر ﷛ انهيءَ وڻ جي ڪپڻ جو حڪم ڏنو، جنهن جي هيٺان رسول الله ﷺ جن بيعت ورتي هئي، صرف هن جي ڪري جو ماڻهو اتي ويندا هئا ۽ نفل پڙهندا هئا. تنهن ڪري فتني جو خوف ٿيو تہ متان پوءِ ڪو شرڪ يا فتنو پيدا ٿئي ۽ نافع چوي ٿو تہ انهيءَ وڻ جي هيٺان ماڻهو ايندا هئا ان ڪري امير عمر﷛ ان وڻ کي ڪپايو .

ناظرين:- هي وڻ بظاهر تہ وڏي برڪت وارو هو جنهنجي هيٺان رسول الله ﷺ اصحابن رضي الله عنهم کان بعيت ورتي جنهن جي قرآن ۾ تعريف آهي تہ:-

---

[1]- صحيح مسلم ( 1 / 215 ) كِتَاب الْإِيمَانِ بَاب بَيَانِ كُفْرِ مَنْ قَالَ مُطِرْنَا بِالنَّوْءِ حديث رقم ( 106 ) ، مشكاة المصابيح ( 393 )

[2]- رواه البخاري تعليقاً كِتَاب بَدْءِ الْخَلْقِ بَاب فِي النُّجُومِ ( 10 / 472 ) ، مشكاة المصابيح ( 394 )

[3]- ( أثر صحيح ) فضائل الشام ودمشق ( 1 / 18 ) ، كتاب البدع والنهي عنها للإمام محمد بن وضاح القرطبي الأندلسي ( 43-42 ) حديث رقم ( 100)

﴿ لَّقَدْ رَضِيَ ٱللَّهُ عَنِ ٱلْمُؤْمِنِينَ إِذْ يُبَايِعُونَكَ تَحْتَ ٱلشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِى قُلُوبِهِمْ فَأَنزَلَ ٱلسَّكِينَةَ عَلَيْهِمْ وَأَثَٰبَهُمْ فَتْحًا قَرِيبًا ﴿١٨﴾ ﴾ ( الفتح )

”الله تعالىٰ مؤمنن تي راضي ٿيو جو توسان اي نبيﷺ وڻ جي هيٺان بيعت ڪن ٿا.“

پوءِ اهو وڻ وڏي عزت وارو ٿي ويو ۽ ان جي هيٺ ماڻهو نہ پوڄا لاءِ ويا ٿي، نہ ان جا چوڏا لاٿائون ٿي، نہ ان جا پن پٽيائون ٿي، جو بيمارن کي ٻڌن يا کارائين مگر صرف زيارت ڪيائون ۽ نفل پڙهيائون ٿي جو ان وڻ کي برڪت وارو سمجهيائون ٿي چو تہ رسول الله ﷺ جن ان جي هيٺان وينا هئا. ان هوندي بہ امير عمر رضي الله عنه ان کي ڪپائي ڇڏيو تہ متان ان جي پوڄا ٿئي. جيئن هن زماني ۾ وڻن جي پوڄا ٿي رهي آهي حالانڪہ انهن جي بابت ڪابہ برڪت نازل ٿيل نہ آهي، پوءِ جنهن وڻ لاءِ واقعي برڪت ثابت آهي تنهن جي تہ بعد ۾ پوڄا ٿيڻ جو وڏو امڪان هو تنهن ڪري اميرالمؤمنين ان کي ڪپائي هميشہ جي لاءِ ختم ۽ غائب ڪري ڇڏيو. تان تہ ان جو ڪو بہ نشان نہ رهي جو متان شيطان کي شرڪ جي بنياد وجهڻ جو ڪو موقعو ملي وڃي. هن واقعي مان مسلمان حاڪمن لاءِ وڏي عبرت ۽ سبق آهي تہ سندن ملڪ ۾ جتي بہ وڻن جي پوڄا ٿيندي هجي انهن کي ختم ۽ غائب ڪري ڇڏين. چو تہ توحيد جي حفاظت ۽ نگهباني مسلمان حاڪمن جي پهرين ذميواري آهي. ابن وضاح جي مٿئين ڪتاب ۾ ان مٿين روايتن جي تحت حاشيي ۾ علامہ السفاريني کان منقول آهي تہ امير المؤمنين عمر فاروق رضي الله عنه فرمايو تہ: هي ڪم يعني وڻ جو ڪم بہ الله جي طرفان رحمت آهي، يعني هن ڪري جو ماڻهن کي شرڪ جهڙي فتني ڪرڻ جو موقعو نہ مليو.

عبرت جي لاءِ هتي هڪ حديث لکجي ٿي:-

وأخرج ابن أبي شيبة وأحمد والنسائي وابن جرير وابن المنذر وابن أبي حاتم وأبو الشيخ وابن مردويه

عَنْ أَبِي وَاقِدٍ اللَّيْثِيِّ قَالَ خَرَجْنَا مَعَ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قِبَلَ حُنَيْنٍ فَمَرَرْنَا بِسِدْرَةٍ فَقُلْتُ يَا نَبِيَّ اللَّهِ اجْعَلْ لَنَا هَذِهِ ذَاتَ أَنْوَاطٍ كَمَا لِلْكُفَّارِ ذَاتُ أَنْوَاطٍ وَكَانَ الْكُفَّارُ يَنُوطُونَ بِسِلَاحِهِمْ بِسِدْرَةٍ وَيَعْكُفُونَ حَوْلَهَا فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اللَّهُ أَكْبَرُ هَذَا كَمَا قَالَتْ بَنُو إِسْرَائِيلَ لِمُوسَى اجْعَلْ لَنَا إِلَهًا كَمَا لَهُمْ آلِهَةٌ إِنَّكُمْ تَرْكَبُونَ سُنَنَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِكُمْ. ([1])

---

[1]- ( **صحيح** ) ظلال الجنة ( 1 / 31 ) حديث رقم ( 76 ) ، ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 5 / 180 ) حديث رقم ( 2180 ) ، الدر المنثور ( 3 / 114 ) ، مسند أحمد ( 44 / 371 ) حديث رقم ( 20895 )

”ابو واقد الليثي ﷛ کان روايت آهي تہ : اسين رسول الله ﷺ سان گڏ حنين جي طرف نڪتاسين پوءِ هڪڙي ٻير وڻان لنگهياسين جنهن جي چوڌاري ڪافر چلا ڪڍيو ويٺا هئا ۽ برڪت خاطر پنهنجا هٿيار ان ۾ ٽنگيائون ٿي. تڏهن اسان رسول الله ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ اسان لاءِ بہ هٿيار ٽنگڻ لاءِ وڻ مقرر ڪريو، پاڻ فرمايائون تہ الله اڪبر اوهان جو چوڻ بہ بني اسرائيلن جي چوڻ جهڙو آهي. جو انهن موسیٰ عليه السلام کي چيو تہ اسان لاءِ بہ هنن وانگر ڪو معبود مقرر ڪر سو اوهين بہ ضرور انهن وارو رستو هلندؤ.“

تشريح:- يعني انهنجو ان وڻ ۾ اعتقاد هو تہ هن تي هٿيار ٽنگڻ سان انهن ۾ برڪت پوندي. جنهن مان معلوم ٿيو تہ ان طرح وڻن ۾ اعتقاد رکڻ ڪافرن جو طريقو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن جو سندن ان سوال کي بني اسرائيل جي سوال جي مشابهہ چوڻ مان واضح آهي تہ اهو ڪم شرڪيہ آهي، اهو بہ ثابت ٿيو تہ ان قسم جو اعتقاد يهودين جو آهي. ۽ ترمذي وغيره جي حديث ۾ هي لفظ آهن تہ ابو واقد الليثي ﷛ فرمائي ٿو تہ ان وقت يعني ان سوال ڪرڻ وقت اسين نوان اسلام ۾ داخل ٿيا هئاسون جنهن مان ثابت ٿيو تہ ان قسم جو اعتقاد وڻن ۾ رکڻ يا انهن مان برڪت سمجهڻ اسلام کان اڳ جاهليت جو طريقو آهي. مسلمانن کي ان طرح جي رسمن کان بچڻ گهرجي.

ان کان علاوه باهہ ۽ پاڻيءَ لاءِ بہ عجيب مثال پيش ڪجن ٿا:-

مثال (1) جڏهن ابراهيم عليه السلام کي مشرڪن جي طرفان باهہ ۾ وڌو ٿي ويو، تڏهن الله تعالیٰ باهہ کي حڪم ڪيو تہ:-

﴿ قُلْنَا يَٰنَارُ كُونِى بَرْدًا وَسَلَٰمًا عَلَىٰٓ إِبْرَٰهِيمَ ﴿٦٩﴾ وَأَرَادُوا۟ بِهِۦ كَيْدًا فَجَعَلْنَٰهُمُ ٱلْأَخْسَرِينَ ﴿٧٠﴾ ﴾ ( الانبياء )

”اسان حڪم ڏنو تہ اي باهہ! ابراهيم (عليه السلام) جي لاءِ ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي وڃ ۽ هنن (ابراهيم عليه السلام لاءِ) وڏي خطرناڪ تجويز سٽي هئي. مگر اسان انهن کي خساري ۽ ٽوٽي وارن مان ڪيو.“

مثال (2) جڏهن موسیٰ عليه السلام ۽ ان جي قوم تي فرعونين جا ظلم وڌي ويا، تڏهن الله تعالیٰ کين هجرت جي اجازت ڏني، جڏهن هو درياء کي ويجهو پهتا تہ فرعون بہ انهن کي ويجهو اچي پهتو. ان جاءِ تي الله تبارڪ وتعالیٰ موسیٰ عليه السلام ڏي هن طرح وحي موڪلي ٿو:-

﴿ فَأَوْحَيْنَآ إِلَىٰ مُوسَىٰٓ أَنِ ٱضْرِب بِّعَصَاكَ ٱلْبَحْرَ ۖ فَٱنفَلَقَ فَكَانَ كُلُّ فِرْقٍ كَٱلطَّوْدِ ٱلْعَظِيمِ ﴿٦٣﴾ وَأَزْلَفْنَا ثَمَّ ٱلْءَاخَرِينَ ﴿٦٤﴾ وَأَنجَيْنَا مُوسَىٰ وَمَن مَّعَهُۥٓ أَجْمَعِينَ ﴿٦٥﴾ ثُمَّ أَغْرَقْنَا ٱلْءَاخَرِينَ ﴿٦٦﴾ إِنَّ فِى ذَٰلِكَ لَءَايَةً ۖ . . . ﴿٦٧﴾ ﴾ ( الشعراء )

”پوءِ موسىٰ ڏانهن وحي ڪيوسين تہ پنهنجي لٺ سمنڊ کي هڻ ۽ اهو چيرجي پيو پوءِ سڀ ڪو پاڳو پهاڙ جهڙو ٿيو ۽ انهن ٻين (فرعونين) کي ان هنڌ ويجهو ڪيوسين ۽ موسىٰ ۽ سندن سنگتين کي بچايوسين وري (هنن) ٻين (يعني فرعونين) کي ٻوڙيو سون، بيشڪ انهيءَ (قصي) ۾ نشاني آهي.

ناظرين:- انهن ٻنهي مثالن تي غور ڪريو تہ باهہ ۽ پاڻي ٻئي الله جا ٻانها ۽ فرمانبردار ۽ ان جي حڪم جا تابع ۽ انهيءَ جي قبضي ۾ آهن، باهہ جنهن جو ڪم آهي جا شيءِ ان ۾ پوي تہ انکي ساڙي ڇڏي، انسان تہ بلڪل ڪمزور آهي جو ذري برابر بہ گرمي برداشت نٿو ڪري سگهي. بلڪ جڏهن ڪيس حڪم مليو تڏهن ابراهيم عليه السلام کي ساڙڻ تہ درڪنار بلڪ ان لاءِ ان جو گرمي وارو اثر بہ ختم ٿي ويو. حالانڪ ان باهہ مان گرمي وارو اثر بلڪل ختم نہ ٿيو هو انهيءَ ڪري تہ ٻري ۽ پڙڪي رهي هئي، منجهس ڪک ۽ ڪاٺيون سڙيون پئي، بلڪ ابراهيم عليہ السلام جو نہ سڙڻ ۽ سلامت رهڻ ڏسي ڪو بہ ٻيو ماڻهو منجهس گهڙي ها تہ خبر پئجي وڃي ها ان طرح پاڻي درياء جو وهندڙ بيهي ڇڇي جدا ٿئي ۽ وچان رستو ٿئي جيئن ٻن پهاڙن جي وچان رستو هجي. ان مان ثابت ٿيو تہ پاڻي الله جي حڪم سان وهي ٿو ۽ جڏهن بيهڻ جو حڪم مليس ٿو تڏهن بيهي وڃي ٿو. مسلمانن جي لشڪر پار ٿيڻ بعد جڏهن فرعون جو لشڪر گهڙيو تہ پاڻي کي هلڻ جو حڪم ڏنائين ۽ هو سڀ ٻڏي ويا. انهن ٻنهي مثالن مان ثابت ٿيو تہ باهہ ۽ پاڻي ٻئي الله جي حڪم جا ٻندا آهن. اهي انهيءَ جي لائق نہ آهن تہ انهن جي پوڄا ڪئي وڃي.

خلاصو :- هنن آيتن ۽ حديثن جو هي آهي تہ اهي سيئي شيون الله جي حڪم جي آڏو عاجز ۽ مجبور آهن ۽ انهن جي پوڄا ڪرڻ الله سان قبيح ۽ بڇڙي ۾ بڇڙي شرڪ جو مثال آهي.

*-*-*

## فصل يارهون

# قبرن جي پوڄا

ڄاڻڻ گهرجي تہ پڪارڻ ۽ پوڄڻ انهيءَ ذات بابرڪات ۽ وحدہٗ لاشريڪ لہٗ کي جڳائي جيڪو هميشہ زنده ۽ باقي آهي ۽ جيڪي مري ويا آهن، ڪانئن ڏسڻ، ٻڌڻ، ونڻ، ڏيڻ، چرڻ، ڦرڻ جون سڀ طاقتون سلب ڪيون ۽ ڪسيون ويون آهن. پوءِ انهن کي سڏڻ يا پڪارڻ انتهائي ناداني ۽ بي عقلي آهي. قبرون تہ صرف گڏ ٿيل مٽي آهي ۽ ڪن وري

انهن کي پٿرن يا پڪين سرن ۽ سيمينٽ ۽ چن سان ٺڌرايو آهي، اهي سڀئي شيون الله جي مخلوق آهن، هنن جي پوڄا هر حال ۾ حرام آهي. هنن جي لاءِ سنڌ جي شاعر ڀٽائي هن طرح رستو ڏيکاريو آهي:-

ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبد اللطيف چئي مٽي لٽو مان
ڪوڙين ڪن سلام آڳه اڇيو ان جي ([1])

اهو مٽي جو مان نه الله جي طرفان آهي ۽ نه شريعت ۾ ان جو ڪو ثبوت ملي ٿو، بلڪ اهو جاهلانه عقيدو ۽ ان جو تخيل ۽ وهم جنهن کي دليل ۽ حجت قرار نه ٿو ڏئي سگهجي، بلڪ غور ڪندؤ ته نه مٽيءَ مان لٽو آهي نه قبر جي هڏن بلڪ اهو مان ته عورتن لٽو آهي جيڪي اتي ڳڏ ٿين ٿيون، انهن جي لاءِ ئي ماڻهو ڳڏ ٿين ٿا. جيڪڏهن اهي عورتون قبرن تي نه اچن ته خبر پئجي وڃي الحاصل قبرن ۽ مئلن جي پوڄا حرام آهي، اهي سڀ غير الله آهن. غير الله جي پوڄا ممنوع ۽ شرڪ آهي ان بابت قرآن جون آيتون پيش ڪجن ٿيون:-

﴿ وَٱلَّذِينَ يَدْعُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ لَا يَخْلُقُونَ شَيْـًٔا وَهُمْ يُخْلَقُونَ ﴿٢٠﴾ أَمْوَٰتٌ غَيْرُ أَحْيَآءٍ ۖ وَمَا يَشْعُرُونَ أَيَّانَ يُبْعَثُونَ ﴿٢١﴾ إِلَـٰهُكُمْ إِلَـٰهٌ وَٰحِدٌ ۚ فَٱلَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِٱلْـَٔاخِرَةِ قُلُوبُهُم مُّنكِرَةٌ وَهُم مُّسْتَكْبِرُونَ ﴿٢٢﴾ ﴾ ( النحل)

”جن کي الله کان سواءِ سڏيندا آهن. سي ڪا شيءِ خلقي نه سگهندا آهن ۽ اهي (پاڻ) خلقيا ويا آهن. بي جان مردا آهن ۽ نه ڄاڻندا آهن ته ڪڏهن اٿاريا ويندا. اوهان جو معبود هڪڙو الله آهي پوءِ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن. تن جون دليون مڃڻ واريون نه آهن، ۽ اهي وڏائي ڪندڙ آهن.“

تشريح :- ثابت ٿيو ته مئن کي اها به خبر نه آهي ته ڪڏهن اٿنداسين، ڪيئن ٿا ماڻهن جا سڏ ٻڌن ۽ حاجتون پوريون ڪن؟ اهو ئي عقيدو مسلمانن جو آهي جن کي قيامت جي ڏينهن تي يقين ۽ الله وٽ هلڻ جي اميد آهي. مگر انهيءَ عقيدي جي مخالفت اهي ڪندا آهن جن جون دليون انڪاري ۽ منڪر آهن ۽ اهي وڏائي ۽ هٺ ۾ پريل آهن ۽ في الواقع الله تعالىٰ هڪڙو آهي ان سان ڪو جيرو يا مٺو شريڪ نه آهي نيز باب-7 جي فصل-1 ۾ سورة قصص جي آيت گذري جنهن ۾ اهو حڪم آهي ته: هڪ الله کي پڪاريو ۽ پوڄيو وڃي جو ان کان سواءِ سڀ شيون هلاڪ ۽ فنا ٿيڻ واريون آهن. نيز فصل-5 ۾

[1] - شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي ايم اي ( 60 )

سورة نمل جي آيت گذري تہ الله کان سواءِ ڪو بہ غيب نہ ٿو ڄاڻي انهن کي اها بہ خبر نہ آهي تہ ڪڏهن قبرن مان اٿاريا ويندا. تنهن ڪري قبرن وارا نہ پوڄڻ جي لائق آهن، نہ پڪارڻ جي.

﴿ وَمَآ أَرۡسَلۡنَا فِي قَرۡيَةٖ مِّن نَّبِيٍّ إِلَّآ أَخَذۡنَآ أَهۡلَهَا بِٱلۡبَأۡسَآءِ وَٱلضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمۡ يَضَّرَّعُونَ ﴿٩٤﴾ ثُمَّ بَدَّلۡنَا مَكَانَ ٱلسَّيِّئَةِ ٱلۡحَسَنَةَ حَتَّىٰ عَفَواْ وَّقَالُواْ قَدۡ مَسَّ ءَابَآءَنَا ٱلضَّرَّآءُ وَٱلسَّرَّآءُ فَأَخَذۡنَٰهُم بَغۡتَةٗ وَهُمۡ لَا يَشۡعُرُونَ ﴿٩٥﴾ وَلَوۡ أَنَّ أَهۡلَ ٱلۡقُرَىٰٓ ءَامَنُواْ وَٱتَّقَوۡاْ لَفَتَحۡنَا عَلَيۡهِم بَرَكَٰتٖ مِّنَ ٱلسَّمَآءِ وَٱلۡأَرۡضِ وَلَٰكِن كَذَّبُواْ فَأَخَذۡنَٰهُم بِمَا كَانُواْ يَكۡسِبُونَ ﴿٩٦﴾ ﴾ (الاعرف)

”الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو، سي اوهان جهڙائي ٻانها آهن، تنهن ڪري جيڪڏهن (اوهين) سچا آهيو تہ انهن کي سڏيو تہ ڀلي اوهان کي ورندي ڏين انهن (جن کي پوڄيو ۽ شريڪ بنايو ٿا) کي ڪي پير آهن ڇا؟ جن سان گهمندا آهن يا انهن کي ڪي هٿ آهن ڇا؟ جن سان وٺندا آهن يا انهن کي اکيون آهن ڇا؟ جن سان ڏسندا آهن يا انهن کي ڪن آهن ڇا؟ جن سان ٻڌندا آهن، چؤ، اي نبي ﷺ! تہ (اوهين) پنهنجن معبودن يعني جن کي پوڄيندا آهيو تن کي سڏيو پوءِ مون لاءِ جيڪا رٿ اچيو سا رٿيو ۽ مون کي مهلت نہ ڏيو ۽ بيشڪ منهنجو مددگار اهو الله آهي جنهن ڪتاب نازل ڪيو ۽ اهو نيڪن کي مدد ڏيندو آهي.“

<u>تشريح</u> :- حافظ ابن ڪثير پنهنجي تفسير ۾ هنن آيتن جي تحت فرمائي ٿو تہ :

هذا إنكار من الله على المشركين الذين عبدوا مع الله غيره، من الأنداد والأصنام والأوثان، وهي مخلوقة لله مربوبة مصنوعة، لا تملك شيئا من الأمر، ولا تضر ولا تنفع، ولا تنصر ولا تنتصر لعابديها، بل هي جماد لا تتحرك ولا تسمع ولا تبصر، وعابدوها أكمل منها بسمعهم وبصرهم وبطشهم. ([1])

”هنن آيتن ۾ الله تعالىٰ مشرڪن جي مٿان سخت انڪار ڪري ٿو. جيڪي ساڻس شريڪ ڪن ٿا حالانڪ اهي سڀ الله جي مخلوق ۽ جوڙيل آهن، ۽ ڪنهن بہ شيءِ جو اختيار نہ ٿا رکن، نہ نقصان نہ فائدو ڏيئي سگهن ٿا، ۽ نہ پنهنجي پوڄارين جي مدد ڪري سگهن ٿا. اهي بي جان پيل شيون آهن. جي نہ ڇري سگهن ٿيون نہ ٻڌن نہ ڏسن ٿيون. بلڪ انهن جا پوڄاري انهن کان ٻڌڻ، ڏسڻ ۽ طاقت ۾ وڌيڪ آهن.“

<u>ناظرين</u> ! هيءَ آيت عام آهي. مثل انسان يا مٽي ۽ ڪاٺ وغيره جون بنيل صورتون انهن سڀني جو هڪڙو حال آهي نہ ڏسن، نہ ٻڌن نہ ڪاشيءِ وٺي سگهن، نہ ڪنهن

---

[1]- تفسير ابن كثير ( 2 / 274 )

ڏانهن هلي سگهن. بلڪ اهي شيون مجاورن ۽ ٻين جي خدمت ۽ سنڀال جون محتاج آهن. پوءِ انهن جي پوڄا ۽ سيوا انسان جهڙي اشرف المخلوقات کي ڪيئن ٿي جڳائي.

﴿وَمَا يَسْتَوِي الْأَعْمَىٰ وَالْبَصِيرُ ﴿١٩﴾ وَلَا الظُّلُمَاتُ وَلَا النُّورُ ﴿٢٠﴾ وَلَا الظِّلُّ وَلَا الْحَرُورُ ﴿٢١﴾ وَمَا يَسْتَوِي الْأَحْيَاءُ وَلَا الْأَمْوَاتُ ۚ إِنَّ اللَّهَ يُسْمِعُ مَن يَشَاءُ ۖ وَمَا أَنتَ بِمُسْمِعٍ مَّن فِي الْقُبُورِ ﴿٢٢﴾﴾ ( فاطر )

۽ انڌو ۽ سڄو برابر نہ آهن ۽ نڪي اونداهيون ۽ نڪي سوجهرو ۽ نڪي ڇانو ۽ نڪي اس (پاڻ ۾) هڪجهڙا آهن ۽ نڪي ڪي جيئرا ۽ نڪي مئا برابر ٿين ٿا. بيشڪ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي ٻڌائيندو آهي ۽ تون ڪو قبرن وارن کي ٻڌائيندڙ نہ آهين.“

تشريح :- پوءِ جڏهن تہ قبرن وارن کي نہ تو ٻڌائي سگهجي ۽ نہ ڪنهن جي دانهن ۽ ڪوڪ ٻڌي سگهن ٿا تہ پوءِ انهن کي پڪارڻ يا انهن جي پوڄا يا انهن جون باسون باسڻ ڪيئن جائز ۽ حلال چئبيون، خود انسان سوچي تہ جڏهن هو بيمار ٿيو ۽ سڀ علاج ناڪام ويا ۽ هن جو روح پرواز ڪري ويو، اکين ۾ ڏسڻ، نہ ڪنن ۾ ٻڌڻ، نہ دل ۾ سمجهڻ، نہ هٿن ۽ پيرن ۾ چرڻ جي ڪا طاقت رهي، بلڪ سڀني عضون جا ڪم جي الله تعالىٰ انهن ۾ رکيا هئا سي ختم ٿي ويا. پوءِ انهن ۾ نفعي جي اميد رکڻ يا نقصان جو انديشو رکڻ ۽ انهن جي آڏو سوال ڪرڻ ۽ انهن ڪان مدد گهرڻ يا اهو آسرو رکڻ تہ هي الله جي آڏو اسان جي سفارش ڪندا، انتها درجي جي حماقت آهي بلڪ انهيءَ رب العالمين سان اهڙو تعلق رکڻ گهرجي جيڪو هميشہ قائم ۽ ڏسندڙ، ٻڌندڙ ۽ ناهيندڙ آهي ۽ هر وقت هر ڪنهن جو سڏ ٻڌندڙ ۽ مشڪل حل ڪندڙ آهي. الله تعالىٰ سڀني مسلمانن کي سمجھ ڏئي _ آمين.

هنن ڪان بعد ڪجھ حديثون پيش ڪجن ٿيون:-

حديث 1 : عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا قَالَتْ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي مَرَضِهِ الَّذِي لَمْ يَقُمْ مِنْهُ لَعَنَ اللَّهُ الْيَهُودَ وَالنَّصَارَى اتَّخَذُوا قُبُورَ أَنْبِيَائِهِمْ مَسَاجِدَ. ([1])

”ام المؤمنين عائشہ رضي الله عنها ڪان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ سندس آخري وقت ۾ فرمايو تہ الله تعالىٰ يهودين ۽ نصارن تي لعنت فرمائي آهي، جو انهن پنهنجي نبين عليهم السلام جي قبرن کي پوڄا جون جايون بڻايون.“

حديث 2 : عَنْ جُنْدَب قَالَ سَمِعْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ أَلَا وَإِنَّ مَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ كَانُوا يَتَّخِذُونَ قُبُورَ أَنْبِيَائِهِمْ وَصَالِحِيهِمْ مَسَاجِدَ أَلَا فَلَا تَتَّخِذُوا الْقُبُورَ مَسَاجِدَ إِنِّي أَنْهَاكُمْ عَنْ ذَلِكَ. ([2])

---

[1]- صحيح البخاري ( 5 / 190 ) كِتَاب الْجَنَائِزِ بَاب مَا جَاءَ فِي قَبْرِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حديث رقم ( 1301 ) ، صحيح مسلم ( 3 / 123 ) كِتَاب الْمَسَاجِدِ وَمَوَاضِعِ الصَّلَاةِ بَاب النَّهْيِ عَنْ بِنَاءِ الْمَسَاجِدِ عَلَى الْقُبُورِ وَاتِّخَاذِ الصُّوَرِ فِيهَا وَالنَّهْيِ عَنْ اتِّخَاذِ الْقُبُورِ مَسَاجِدَ حديث رقم ( 823 )

[2]- صحيح مسلم ( 3 / 127 ) ايضاً حديث رقم ( 827 )

”جندب ﷛ کان روايت آهي تہ: مون رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو تہ: خبردار اوهان کان اڳي ماڻهو هوندا هئا، جي پنهنجن نبين عليهم السلام ۽ پنهنجي نيک ٻانهن جي قبرن کي پوڄا جي جاءِ بڻائيندا هئا، خبر دار! اوهان قبرن کي پوڄا جي جاءِ نہ بڻائجو ۽ آئون اوهان کي انهيءَ کان منع ٿو ڪريان.“

تشريح:- هن حديث مان معلوم ٿيو تہ قبرن جي پوڄا الله جي لعنت ۽ غضب جو باعث آهي ۽ رسول الله ﷺ جن آخري عمر ۾ انهيءَ کان سختيءَ سان منع ڪندا ويا ۽ فصل-9 ۾ حديث گذري تہ رسول الله ﷺ قبرن جي پوڄا ڪرڻ وارن کي بڇڙي مخلوق ڪري سڏيو آهي.

حديث 3 : عَنْ مَالِك عَنْ زَيْدِ بْنِ أَسْلَمَ عَنْ عَطَاءِ بْنِ يَسَارٍ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ اللَّهُمَّ لَا تَجْعَلْ قَبْرِي وَثَنًا يُعْبَدُ اشْتَدَّ غَضَبُ اللَّهِ عَلَى قَوْمٍ اتَّخَذُوا قُبُورَ أَنْبِيَائِهِمْ مَسَاجِدَ. ([1])

”عطاء بن يسار رحمه الله کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: اي الله! منهنجي قبر کي بت وانگر نہ بڻائج جو ان جي پوڄا ڪئي وڃي ۽ الله تعالىٰ جو سخت ڏمر انهيءَ قوم تي آهي جنهن پنهنجي پيغمبرن جي قبرن کي پوڄا جون جايون بڻايون.“

تشريح :- عطاء بن يسار تابعي آهي تنهن ڪري روايت مرسل آهي مگر مسند بزار ۾ ابو سعيد خدري ﷛ کان موصولاً ۽ صحيح سند سان مروي آهي (الزرقاني شرح المؤطا امام مالک351/1) ۽ هيءَ حديث واضح ڪري ٿي تہ، قبر جي پوڄا الله جي قهر ۽ ڏمر جو باعث آهي. الله تعالىٰ سيني مسلمانن کي اهڙن برن ڪمن کان بچائي جن جي ڪري الله تعالىٰ سخت ناراض ٿئي ۽ پنهنجو قهر نازل ڪري ٿو.

حديث 4 : عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ لَمَّا نَزَلَ بِرَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ طَفِقَ يَطْرَحُ خَمِيصَةً لَهُ عَلَى وَجْهِهِ فَإِذَا اغْتَمَّ بِهَا كَشَفَهَا عَنْ وَجْهِهِ فَقَالَ وَهُوَ كَذَلِكَ لَعْنَةُ اللَّهِ عَلَى الْيَهُودِ وَالنَّصَارَى اتَّخَذُوا قُبُورَ أَنْبِيَائِهِمْ مَسَاجِدَ يُحَذِّرُ مَا صَنَعُوا ([2]) فَلَوْلَا ذَاكَ أُبْرِزَ قَبْرُهُ غَيْرَ أَنَّهُ خُشِيَ أَنْ يُتَّخَذَ مَسْجِدًا. ([3])

”ام المؤمنين عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ تي جيڪو آخري وقت آيو هو ۽ پاڻ پنهنجي چادر پنهنجي منهن مبارڪ تي وجهي رهيا هئا جي تڪليف ٿئي تي تہ لاٿائون ٿي ان حالت ۾ فرمائيندا رهيا تہ يهودين ۽ نصارن تي الله جي

[1]- موطأ إمام مالك ( 2 / 41 ) حديث رقم ( 372 )

[2]- صحيح البخاري ( 2 / 215 ) كِتَاب الصَّلَاةِ بَاب الصَّلَاةِ فِي الْبِيعَةِ حديث رقم ( 417 )

[3]- صحيح مسلم ( 3 / 123 ) كِتَاب الْمَسَاجِدِ وَمَوَاضِعِ الصَّلَاةِ بَاب النَّهْيِ عَنْ بِنَاءِ الْمَسَاجِدِ عَلَى الْقُبُورِ وَاتِّخَاذِ الصُّوَرِ فِيهَا وَالنَّهْيِ عَنْ اتِّخَاذِ الْقُبُورِ مَسَاجِدَ حديث رقم ( 823 ) ، اخرجاه فتح المجيد شرح كتاب التوحيد ( 232 )

لعنت آهي جو پنهنجن نبين عليهم السلام جي قبرن کي پوڄا جي جاءِ بنايائون. يعني پاڻ ان کم کان ڊيڄاري رهيا هئا ۽ جڏهن اها سندن تنبيهه نه هجي ها ته سندن قبر مبارڪ ظاهر ڪئي وڃي ها.“

پاڻ خطرو سمجهيائون ته متان سندن قبر مبارڪ جي پوڄا ڪئي وڃي.

تشريح:- يعني پاڻ اها تنبيهه انهيءَ خطري جي سبب کان ڪيائون ته متان ٻين نبين عليهم السلام جي قبرن وانگر منهنجي قبر جي به پوڄا ڪئي وڃي. انهيءَ ڪري سندن قبر مبارڪ سندن گهر ۾ ڪئي وئي. امام قرطبي رحمه الله فرمائي ٿو ته انهيءَ جي پوڄا جي دروازن بند ڪرڻ لاءِ سندن قبر مبارڪ کي هڪ ديوار آهي جا چؤ طرف بند آهي ان ۾ ڪا دري يا ڪڙڪي نه آهي ۽ ان جي ٻاهران به ديوار آهي تان ته خود قبر مبارڪ کنهن نمازيءَ جي آڏو نه ٿئي چو ته وچ ۾ ٻي ديوار جو فاصلو ٿي وڃي ٿو. (فتح المجيد234) ۽ فصل-2 ۾ قيس بن سعيد جي روايت گذري جنهن ۾ صاف ظاهر آهي ته رسول الله ﷺ جن جي قبر جي پوڄا ڪئي ويندي. پوءِ باقي ٻيو ڪير آهي جنهن جي قبر جي پوڄا نه ڪئي وڃي.

حديث 5 : عَنْ عَبْدِ اللَّهِ قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ إِنَّ مِنْ شِرَارِ النَّاسِ مَنْ تُدْرِكُهُ السَّاعَةُ وَهُمْ أَحْيَاءٌ وَمَنْ يَتَّخِذُ الْقُبُورَ مَسَاجِدَ. ([1])

”ابن مسعود ﷺ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌم ته ٻچڙن ۽ شرير ماڻهن مان اهي آهن جيڪي اجا زنده هوندا ته قيامت قائم ٿي ويندي ۽ جيڪي قبرن کي پوڄا جون جايون ڪري وٺن ٿا.“

حديث 6 : عَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ لَعَنَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ زَائِرَاتِ الْقُبُورِ وَالْمُتَّخِذِينَ عَلَيْهَا الْمَسَاجِدَ وَالسُّرُجَ. ([2])

”ابن عباس ﷺ کان روايت آهي ته: رسول الله ﷺ انهن عورتن تي لعنت فرمائي جيڪي قبرن جي زيارت ڪن ٿيون ۽ اتي پوڄا جي جاءِ ڪيو وٺن ٿيون ۽ اتي ڏيئا ٻارين ٿيون.“

تشريح:- هن روايت مان ثابت ٿيو ته عورتن جو قبرن تي وڃڻ. گڏ ٿيڻ، اتي ڏيئا ٻارڻ، پوڄا ڪرڻ، مٿي ڪٽڻ، چمڻ ۽ ان کي هٿ لائڻ وغيره سڀ حرام آهن.

---

[1]- (**حسن**) تلخيص أحكام الجنائز ( 1 / 88 ) ، مسند أحمد ( 1 / 405 ) مُسْنَدُ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ مَسْعُودٍ رَضِيَ اللَّهُ تَعَالَى عَنْهُ حديث رقم ( 3651 )

[2]- السلسلة الضعيفة ( 1 / 302 ) حديث رقم ( 225 ) ، سنن الترمذي ( 2 / 37 ) كِتَاب الصَّلَاةِ بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ أَنْ يَتَّخِذَ عَلَى الْقَبْرِ مَسْجِدًا حديث رقم ( 294 ) ، سنن أبي داود ( 9 / 46 ) كِتَاب الْجَنَائِزِ بَاب فِي زِيَارَةِ النِّسَاءِ الْقُبُورَ حديث رقم ( 2817 ) ، سنن النسائي ( 7 / 170 ) كِتَاب الْجَنَائِزِ التَّغْلِيظُ فِي اتِّخَاذِ السُّرُجِ عَلَى الْقُبُورِ حديث رقم ( 2016 ) ، فتح المجيد شرح كتاب التوحيد ( 250)

نيز حديثن ۾ ”مساجد“ جو لفظ آهي يعني قبرن تي يا قبرستان ۾ مسجدون بنائڻ بہ حرام ۽ ناجائز آهي. پوءِ جڏهن تہ قبرن تي هڪ الله جي بہ خالص عبادت جائز نہ آهي چو تہ ان ۾ شرڪ جو شبو ۽ شائبو آهي تہ پوءِ خود قبرن وارن جي پوڄا جائز ۽ حلال چئبي بلڪ اهو فعل حرام، ناجائز، لعنت ڪيل ۽ يهودين و نصارن جي پيروي آهي.

قارئين! هتي عجيب واقعو لکجي ٿو تہ اسان جا سلف صالحين قبرن جي پوڄا کان بچاءَ لاءِ ڪيئن ڪوشش ڪندا هئا. امام محمد بن اسحاق ڪتاب المغازي (من زيارت يونس بن بڪير) ابو العاليه رفيع ابن مهران الريحي تابعي کان روايت آهي تہ: جڏهن اسان امير المؤمنين عمر رضي الله عنه جي زماني ۾ تستر جو شهر فتح ڪيو تہ شاهي خزاني ۾ پلنگ تي هڪ ميت جو لاش پيل هو ۽ ان جي سراندي کان هڪ ڪتاب پيل هو لاش نبي دانيال عليه السلام جو چيو ٿي ويو جو اتي ٽن سؤ سالن کان پيل هو ۽ ان جو جسم محفوظ هو ماڻهو ڏڪار واري وقت ۾ ان کي ٻاهر ڪڍندا هئا تہ مينهن وسي، اسان ڏينهن جو مختلف جاين تي تيرهن قبرون کوٽيون رات جو ڪنهن هڪڙي ڪڏ ۾ پوري سيئي قبرون ڊاهي ڇڏيون تان تہ ماڻهن کان اهو لاش گم رهي. اهي ان کي وري ڪوٽي سگهن (اغاثة اللهفان لابن قيم222/1) نيز اهو واقعو امام ابوالقاسم تمام الرازي، پنهنجي فوائد-312/2 (قلمي) ۾ بہ قتاده تابعي کان ان طرح نقل ڪري ٿو.

ناظرين:- غور ڪريو تہ هي واقعو مهاجرين ۽ انصارين جي جماعت جو آهي. جن هڪ نبيءَ جي لاش کي لڪائي ڇڏيو تہ متان ماڻهو شرڪ ۽ فتني ۾ نہ پون ۽ انهيءَ کي ظاهر نہ ڇڏيائون تہ متان ان وٽ ڪو دعا گهري يا تبرڪ وٺي. جيڪڏهن اجوڪي وقت ۾ هجي ها تہ ماڻهو ان جي بچاءَ لاءِ لنيون ۽ ڪهاڙيون کڻي تيار ٿي وڃن ها ۽ اتي پوڄاڪن ها، اتي مجاور ٿي ويهن ها ۽ مسجدن کان وڌيڪ ان جي عزت ٿئي ها. مقام غور آهي تہ:- جيڪڏهن ڪنهن قبر تي پوڄا يا ان مان تبرڪ وٺڻ جائز يا مباح هجي ها تہ مهاجر يا انصار هھڙي قبر جي مٿان ضرور ڪو نشان کوڙين ها ۽ ماڻهن کي اتي اچڻ جي دعوت ڏين ها، مگر ان کي هميشہ جي لاءِ گم ڪري ڇڏيائون تاڪ مشرڪن غيرالله جي پوڄارين کي ڪو موقعو نہ ملي.

*-*-*

## فصل ٻارهون

# پيرن ۽ مشائخن جي پوڄا

هيءَ رسم بہ اسلام کان اڳ يهودين ۽ نصارن ۾ هئي جو پنهنجن بزرگن، پيرن ۽ مولوين جي پوڄا ڪندا هئا. جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ ٱتَّخَذُوٓاْ أَحۡبَارَهُمۡ وَرُهۡبَٰنَهُمۡ أَرۡبَابٗا مِّن دُونِ ٱللَّهِ وَٱلۡمَسِيحَ ٱبۡنَ مَرۡيَمَ وَمَآ أُمِرُوٓاْ إِلَّا لِيَعۡبُدُوٓاْ إِلَٰهٗا وَٰحِدٗاۖ لَّآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَۚ سُبۡحَٰنَهُۥ عَمَّا يُشۡرِكُونَ ﴿٣١﴾ يُرِيدُونَ أَن يُطۡفِـُٔواْ نُورَ ٱللَّهِ بِأَفۡوَٰهِهِمۡ وَيَأۡبَى ٱللَّهُ إِلَّآ أَن يُتِمَّ نُورَهُۥ وَلَوۡ كَرِهَ ٱلۡكَٰفِرُونَ ﴿٣٢﴾ هُوَ ٱلَّذِيٓ أَرۡسَلَ رَسُولَهُۥ بِٱلۡهُدَىٰ وَدِينِ ٱلۡحَقِّ لِيُظۡهِرَهُۥ عَلَى ٱلدِّينِ كُلِّهِۦ وَلَوۡ كَرِهَ ٱلۡمُشۡرِكُونَ ﴿٣٣﴾ ﴾( التوبة )

”پنهنجن عالمن ۽ پنهنجن پيرن ۽ فقيرن ۽ عيسىٰ پٽ مريم عليهما السلام جي کي الله کانسواءِ رب ڪري ورتائون ۽ هڪ الله جي عبادت ڪرڻ کان سواءِ ڪين ٻيو حڪم نہ ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي، جي ساڻس شريڪ ڪندا آهن تنهن کان هو پاڪ آهي ۽ پنهنجن واتن سان الله جي نور (توحيد ۽ دين) کي وسائڻ گهرندا آهن ۽ الله پنهنجي نور کي پورو ڪرڻ کان نہ رهندو، اگرچہ ڪافر ارها ٿين. اهو (الله) آهي جنهن پنهنجي پيغمبر کي هدايت ۽ سچي دين سان هن لاءِ موڪليو تہ ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري اگرچہ مشرڪ رنج ٿين.“

تشريح :- هنن جو خاص شرڪ اهو هو تہ پنهنجي پيرن ۽ بزرگن ۽ عالمن جي پوڄا ڪندا هئا، محض هن لاءِ تہ الله جي توحيد جي نور کي اجهائن، مگر الله تعالىٰ انهن جي شرارتن جي ڪامياب ٿيڻ کان انڪار ڪري ٿو. بلڪ پنهنجي نور ۽ توحيد کي هر جڳهہ تي قائم ۽ پورو ڪندو رهندو. پوءِ جيڪي ماڻهو عام طرح تي پيرن جي يا انهن مولوين جي جيڪي پيرن جي مسندن تي ويٺا آهن ۽ مريدي ڪندا رهن ٿا. جيڪي انهن جي آڏو ڪنڌ نوائيندا رهن ٿا، يا انهن کي پيرين پون ٿا يا انهن کي غائبانہ مشڪل ۾ پڪارين ٿا، اهي سڀ انهن يهودين ۽ نصارن جي سنت تي آهن ۽ انهن پيرن ۽ مولوين جي پوڄا جو خاص قسم هي بہ هو تہ انهن جي فيصلي کي شريعت ڪري وٺندا هئا، جنهن کي حلال ڪري ڏيندا هئا تہ اها حلال ۽ جنهن کي حرام ڪندا هئا تہ اها حرام ڄاڻندا هئا. چنانچہ هن بابت حديث مروي آهي :

روى الإمام أحمد، والترمذي، وابن جرير من طرق، عن عدي بن حاتم، رضي الله عنه، أنه لما بلغته دعوة رسول الله صلى الله عليه وسلم فرَّ إلى الشام، وكان قد تنصر في الجاهلية، فأسرت أخته وجماعة من قومه، ثُمَّ منَّ رسول الله صلى الله عليه وسلم على أخته وأعطاها، فرجعت إلى أخيها، ورَغَّبته في الإسلام وفي القدوم على رسول الله صلى الله عليه وسلم، فقدم عَدِيّ المدينة، وكان رئيسا في قومه طيئ، وأبوه حاتم الطائي المشهور بالكرم، فتحدَّث الناس بقدومه، فدخل على رسول الله صلى الله عليه وسلم وفي عنق عَدِيّ صليب من فضة، فقرأ رسول الله صلى الله عليه وسلم هذه الآية: ﴿ ٱتَّخَذُوٓاْ أَحۡبَارَهُمۡ وَرُهۡبَٰنَهُمۡ أَرۡبَابٗا مِّن دُونِ ٱللَّهِ ﴾ قال: فقلت: إنهم لم يعبدوهم. فقال: "بلى، إنهم حرموا عليهم الحلال، وأحلوا لهم الحرام، فاتبعوهم، فذلك عبادتهم إياهم". وقال رسول الله صلى الله عليه وسلم: "يا عدي، ما تقول؟ أيُفرّك أن يقال: الله أكبر؟ فهل تعلم شيئًا أكبر من الله؟ ما يُفرك؟ أيفرّك أن يقال لا إله إلا الله؟ فهل تعلم من إله إلا الله"؟ ثم دعاه إلى الإسلام فأسلم، وشهد شهادة الحق، قال: فلقد رأيتُ وجهه استبشر ثم قال: "إن اليهود مغضوب عليهم، والنصارى ضالون".([1])

”عدي بن حاتم طائي ﷺ كان روايت آهي تہ: جڏهن كيس رسول الله ﷺ جي دعوت ۽ اسلام جي خبر پيئي تڏهن شام ڏانهن ڀڄي ويو ۽ هو جاهليت ۾ نصارن جو دين قبول كري چكو هو. پوءِ سندس ڀيڻ ۽ قوم جا ٻيا كجھ ماڻهو قيد كيا ويا. پوءِ رسول الله ﷺ ان جي ڀيڻ تي احسان كري كجھ مال وغيره ان كي ڏيئي روانو كيائون، پوءِ هوءَ پنهنجي ڀاءُ وٽ آئي كيس اسلام آڻڻ ۽ رسول الله ﷺ ڏانهن وڃڻ لاءِ ترغيب ڏياريائين. پوءِ هو رسول الله ﷺ جن وٽ آيو ان جي كنڌ ۾ چانديءَ جي صليب جو نشان پيل هو ۽ هو پنهنجي قوم جو رئيس هو. سندس پيءُ حاتم طائي مشهور سخي هو ماڻهو انهيءَ جي اچڻ جي خبر كرڻ لڳا ان وقت هو آيت پڙهندو آيو ۽ پوءِ چيائين تہ: ﴿ ٱتَّخَذُوٓاْ أَحۡبَارَهُمۡ وَرُهۡبَٰنَهُمۡ أَرۡبَابٗا مِّن دُونِ ٱللَّهِ ﴾ مون رسول الله ﷺ كي عرض كيو تہ اهي (اسان جا وڏا) انهن (پيرن ۽ مولوين) جي پوڄا تہ كونہ كندا هئا. پاڻ فرمايائون تہ هائو چو تہ اهي پنهنجي پوئلڳن كي جا شيءِ حرام يا حلال كري ڏيندا هئا تہ ان ۾ انهن جي تابعداري كندا هئا ۽ اها ئي انهن جي پوڄا كرڻ آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اي عدي! توكي الله اكبر چوڻ ۾ نقصان آهي، چا الله كان وڏيک كا وڏي شيءِ تو كي سجهي ٿي چا؟ جا تو كي نقصان ڏيئي سگهي؟ ۽ توكي هن ۾ نقصان آهي جو تون لااله الا الله

[1]- السلسلة الصحيحة ( 7 / 861 ) حديث رقم ( 3293 ) ، ( **حسن** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 7 / 95 ) ، سنن الترمذي ( 10 / 361 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب وَمِنْ سُورَةِ التَّوْبَةِ حديث رقم ( 3020 ) ، تفسير ابن كثير ( 2 / 348 )

چوين. ڇا تون الله کان سواءِ ٻيو ڪو اله سمجهين ٿو؟ پوءِ پاڻ ڪيس اسلام جي دعوت ڏنائون ۽ هن اسلام آندو ۽ حق جي شاهدي ڏنائين. چيائين تہ مون ڏٺو تہ سندن منهن مبارڪ خوشي جي وچان ٽڙيو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ يهودي الله جي طرفان غضب ڪيل آهن ۽ نصاريٰ گمراهہ آهن.

تشريح:- ان طرح اها معنيٰ حذيفہ بن يمان ﷛ ۽ قتاده، ضحاڪ وغيره تابعين کان مروي آهي تہ يعني انهن جي عبادت اها هئي جو انهن جي هر حڪم جي پيروي ڪندا هئا، جيڪا شريعت ناهي ڏيندا هئا، ان کي مڃيندا هئا. ([1])

*-*-*

## فصل تيرهون

# وڏيرن، سرمائيدارن ۽ حاڪمن جي پوڄا

ڏٺو ويو آهي تہ ڪيترا ماڻهو وڏن ماڻهن، سرمائيدارن، آفيسرن ۽ حاڪمن جي آڏو نمي ۽ جهڪي سلام ڪندا آهن، حالانڪہ ان قسم جو مخلوق جي آڏو جهڪڻ اسلام ۾ مروج ڪونهي يعني خود اڪرم الاولين والآخرين رسول الله ﷺ جن جي آڏو بہ ان طرح جهڪي سلام نہ ڪندا هئا. ان لاءِ حديث ملاحظہ هجي :

حديث 1 : " عن عمرو بن أمية الضمري أن النبي صلى الله عليه وسلم بعث ثلاثة نفر إلى قيصر وإلى كسرى وإلى صاحب الاسكندرية وبعث عمرا إلى النجاشي فلما أتى عمرو النجاشي وجد من كان عنده يدخلون مكفرين من خوخة فلما رأى الخوخة ودخولهم عليه أولاه ظهره ثم دخل يمشي القهقرى فلما دخل منها اعتدل ففزعت الحبشة وهموا بقتله قالوا ما منعك أن تدخل كما دخلنا قال لا نصنع ذلك بنبينا فهو أحق أن نصنع ذلك به فقال النجاشي اتركوه صدق." رواه الطبراني في الاوسط ورجاله ثقات وفي بعضهم كلام لا يضر.([2])

"عمرو بن امية الضمري کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن ٽي ماڻهو، ٽن بادشاهن ڏانهن موڪليا. قيصر، ڪسريٰ ۽ اسڪندريہ جو حاڪم ۽ عمرو بن امية کي نجاشي ڏانهن موڪليائون. پوءِ جڏهن بادشاهہ وٽ پهتو تہ ڏٺائين تہ ماڻهو دريءَ مان ان جي آڏو ڪنڌ نوائي سلام ڪندا داخل ٿيندا وڃن ٿا. عمرو ﷛ جڏهن اهو حال ڏٺو تہ دري ڇوٽي آهي تہ سامهون وڃڻ جي بجاءِ پٺيرو جهڪي داخل ٿيو ۽ پوءِ سڌو ٿيو (تہ متان

---

[1]- الدر المنثور ( 3 / 231 )

[2]- مجمع الزوائد ( 8 / 39 ) باب النهى عن السجود والانحناء ، المعجم الأوسط للطبراني ( 1 / 495 ) حديث رقم ( 496 )

بادشاھ جي آڏو ڪنڌ جھڪائيندي پيش ٿئي) ان حالت کي ڏسي حبشي دهشت ۾ اچي ويا ۽ ان جي قتل لاءِ تيار ٿي ويا، ۽ چيائون تہ ان طرح بادشاھ جي آڏو چونہ داخل ٿئين جھڙي طرح اسان داخل ٿيندا آھيون، چيائين تہ ان طرح اسين سلام پنھنجي پيغمبر ﷺ جي سامھون بہ نہ ڪندا آھيون. (جي ان طرح جائز ھجي ھا) تہ پاڻ ان ڳالھہ لاءِ سڀ کان پھريائين حقدار ھئا. پوءِ بادشاھ چيو تہ ھن سچ ڳالھايو آھي انھيءَ کي ڇڏي ڏيو."

تشريح :- يعني ان طرح جھڪڻ صرف الله جي آڏو جڳائي ٿو. جڏھن تہ رسول الله ﷺ جي آڏو بہ اھو طريقو رائج نہ ھو تہ پوءِ بين وڏيرن حاڪمن جي آڏو ڪيئن جائز ٿيندو. بلڪ بادشاھ نجاشي جي شاھدي بڌائي ٿي تہ اڳين نبين ۾ سلام جو اھو طريقو مروج نہ ھو امام قاضي ابوبڪر بن طيب الموفي 403-ھ کي جڏھن مسلمانن جي ملڪ قسطنطنيہ ڏانھن موڪليو. پوءِ نصارن ان جي وڏي عزت ڪئي ۽ قدر سڃاتائون، مگر بادشاھ وٽ ڪونہ ٿي نيائون، چو تہ انھن کي خطرو ھو تہ متان ڪنڌ نہ جھڪائي يا سجدو نہ ڪري، جنھن ڪري متان بادشاھ اسان تي ناراض ٿي پوي ۽ پوءِ انھن ھڪڙو حيلو ڪيو تہ ھن کي ھڪڙي ننڍي دريءَ مان وٺي وڃان تان تہ جھڪي لنگھي. پوءِ داخل ٿيڻ وقت ھو انھن جي اٽڪل سمجھي ويو. پوءِ پٺيرو ٿي نمي لنگھيو ۽ انھن جي ارادي جي ابتڙ ڪيائين. ھنن چاھيو ٿي تہ ھنن جي آڏو منھن جھڪائي ھن وري پٺي نمائي (منھاج السنة لابن تيمه162/1) ان طرح مسلمانن جو شان آھي تہ، توحيد جي مسئلي ۾ مضبوط ۽ پختا رھن. ڪابہ اھڙي حرڪت نہ ڪن جنھن مان شرڪ جي بوءِ اچي ۽ الله جي تعظيم ۾ ڪنھن مخلوق کي شريڪ نہ ڪن.

* - * - *

## فصل چوڏھون

# علماء و احبار جي پوڄا

حديث 1 : عَنْ صُهَيْبٍ، أَنَّ مُعَاذَ بن جَبَلٍ، لَمَّا قَدِمَ الشَّامَ رَأَى الْيَهُودَ يَسْجُدُونَ لأَحْبَارِهِمْ وَعُلَمَائِهِمْ، وَرَأَى النَّصَارَى يَسْجُدُونَ لأَسَاقِفَتِهِمْ، فَلَمَّا قَدِمَ عَلَى رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمْ سَجَدَ لَهُ، فَقَالَ:"مَا هَذَا يَا مُعَاذُ؟"فَقَالَ: إِنِّي قَدِمْتُ الشَّامَ، فَرَأَيْتُ الْيَهُودَ يَسْجُدُونَ لِعُلَمَائِهِمْ وَأَحْبَارِهِمْ، وَرَأَيْتُ النَّصَارَى يَسْجُدُونَ

لقسِّيسيهِمْ وَرُهْبَانهِمْ، فَقُلْتُ: مَا هَذَا؟ قَالُوا: تَحِيَّةَ الأَنْبِيَاء، فَقَالَ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمْ:"كَذَبُوا عَلَى أَنْبِيَائِهِمْ كَمَا حَرَّفُوا كِتَابَهُمْ، لَوْ أَمَرْتُ أَحَدًا أَنْ يَسْجُدَ لأَحَدٍ لأَمَرْتُ الْمَرْأَةَ أَنْ تَسْجُدَ لِزَوْجِهَا. ([1])

”صهيب ﷺ کان روايت آهي تہ: جڏهن معاذ بن جبل ﷺ شام ڏانهن آيو، يهودين کي ڏٺائين تہ پنهنجن عالمن ۽ بزرگن جي اڳيان ڪنڌ جهڪائين ۽ سجدو پيا ڪن ۽ نصارن کي ڏٺائين تہ پنهنجن وڏن بزرگن ۽ فقيهن جي سامهون ڪنڌ نمائيندا سجدو ڪندا رهن ٿا. جڏهن موٽي رسول الله ﷺ جن وٽ آيو، تڏهن سندن آڏو ڪنڌ نمائي سجدو ڪرڻ لڳو، پاڻ فرمايائون تہ هي ڇا آهي؟ عرض ڪيائين تہ جڏهن شام آيس (تہ) يهودين کي ڏٺم جو پنهنجن علمائن جي آڏو ۽ نصارن کي سندن وڏن فقيهن ۽ پيرن جي آڏو ان طرح سلام ڪندي ڏٺم، پڇڻ تي ٻڌايائون تہ نبين عليهم السلام جي آڏو ان طرح سلام هوندو هو. پاڻ فرمايائون تہ: انهن پنهنجن نبين عليهم السلام تي ڪوڙ ڳالهايو آهي جيئن پنهنجن ڪتابن ۾ تحريف ڪئي اٿن: جيڪڏهن ڪنهن کي بہ سر جهڪائڻ يا سجدي لاءِ حڪم ڪريان ها تہ زال کي حڪم ڪريان ها تہ پنهنجي مڙس جي آڏو هن طرح ڪري. يعني مگراهو حڪم ڪنهن جي لاءِ نہ آهي.

<u>تشريح</u> : هن روايت ۾ ڪجھ ڪلام آهي، مگر ٻي روايت ان جي تائيد ڪري ٿي:

حديث 2 : عَنْ زَيْدِ بن أَرْقَمَ قَالَ بَعَثَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم مُعَاذَ بن جَبَلٍ إِلَى الشَّامِ فَلَمَّا قدم معاذ قَالَ : يَا رَسُولَ اللَّه ، أَرَأَيْتَ أَهْلَ الْكِتَابِ يَسْجُدُونَ لأَسَاقِفَتِهِمْ وَبَطَارِقَتِهِمْ ؟ أَفَلا نَسْجُدُ لَكَ ؟ قَالَ : لَوْ كُنْتُ آمِرًا أَحَدًا أَنْ يَسْجُدَ لأَحَدٍ لأَمَرْتُ الْمَرْأَةَ أَنْ تَسْجُدَ لِزَوْجِهَا. ([2])

”زيد بن ارقم ﷺ کان روايت آهي، رسول الله ﷺ جن جڏهن معاذ بن جبل ﷺ کي شام ڏانهن موڪليو، پوءِ جڏهن معاذ واپس آيو چيائين تہ يا رسول الله ﷺ! مون اهل ڪتاب (يهودين ۽ نصارن) کي ڏٺو تہ پنهنجن بزرگن ۽ عالمن جي آڏو سر جهڪائي سجدو ڪندا رهن ٿا. پوءِ ڇونہ توهان جي سامهون سر جهڪائي سجدو ڪندا رهون. پاڻ فرمايو تہ نہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي سجدي ڪرڻ لاءِ حڪم ڏيان ها تہ عورت کي مڙس جي آڏو سجدي ڪرڻ جو حڪم ڏيان ها.

<u>تشريح</u> : هنن ٻنهي حديثن مان معلوم ٿيو تہ عالمن ۽ بزرگن جي پوڄا بہ يهودين ۽ نصارن جو طريقو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن انهي کان منع ڪئي آهي.

[1]- المعجم الكبير للطبراني ( 7 / 20 ) حديث رقم ( 7141 ) ، مجمع الزوائد ( 4 / 309 )

[2]- المعجم الكبير للطبراني ( 5 / 144 ) ، المعجم الأوسط للطبراني ( 20 / 26 ) حديث رقم ( 11245 ) ، مجمع الزوائد ( 4 / 310 )

سڀني مسلمانن کي الله تعاليٰ اهڙن ڪمن کان بچائي . ( آمين )

ذيل فصل(12) : مان معلوم ٿيو ته بزرگن ۽ عالمن جي پوڄا اها آهي، جو انهن جي هر حڪم کي مڃيو وڃي. چاهي الله ان جي رسول الله ﷺ جي حڪم سان موافق هجي يا ان جي مخالف. اها انڌي تقليد آهي، جنهن ڪيترن ماڻهن کي گمراهي جي انڌيري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ان ڪري تقليد جو بيان ڪجهه تفصيل سان ذڪر ڪجي ٿو .

تقليد جي لغوي معنيٰ :

لغت جي مشهور ڪتاب تاج العروس ۾ آهي ته :

وقَلَّدْتُها قِلاَدَةً بالكسر وقِلاداً بحذف الهاء : جَعَلْتُهَا فِي عُنُقِها فتَقَلَّدَت ( ومنه ) التَّقْلِيد في الدِّين. ([1])

يعني اصل ان لفظ جو مادو آهي ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهڻ ۽ دين ۾ به تقليد انهيءَ معنيٰ سان آهي،يعني ته ٻئي جي قول کي، انهن ۾ چڱو اعتقاد هجي،پوءِ ان جي لاءِ ڪيس دليل معلوم هجي يا نه انهي جي قول کي قبول ڪيو وڃي. گوياڪ انهي جو قول رسي وانگر پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيائين جو جيڏانهن ورائي اوڏانهن وري. جيئن مشهور اديب عبيدالله بن معروف فرمائي ٿو ته :

لا فرق بين بهيمة تقادو انسان يقلد. ([2])

”جانور جو ان کي رسي وجهي ڪاهيو وڃي يا اهو انسان جو ڪنهن جي تقليد ڪري ٻنهي ۾ ڪو فرق ڪونهي. حافظ ابن عبد البر ان مضمون کي شعرن ۾ هن طرح پيش ڪري ٿو :

يا سائلى عن موضع التقليد خذ . عنى الجواب بفهم لب حاضر.
واصغ الى قولى ودن بنصيحتى . واحفظ علي بوادرى ونوادرى.
لا فرق بين مقلد و بهيمة . تنقاد بين جنادل ودعاثر.
تبا لقاض او لمفت لا يرى . عللا ومعنى للمقال السائر.

”تقليد بابت پڇڻ وارا سمجهه ۽ عقل سان منهنجو جواب ٻڌ ۽ منهنجي نصيحت کي ڪن لائي ٻڌ ۽ منهنجي سمجهاڻي ياد ڪر ته مقلد ۽ انهيءَ جانور ۾ ڪو فرق نه آهي جيڪو ڌڪين کڏن ۽ هيٺين مٿاهين واري رستي تي ڪاهيو وڃي ۽ هر انهي قاضيءَ ۽ مفتي لاءِ هلاڪي آهي، جيڪو ايئن هلندڙ ڳالهه کي وٺي ۽ ان جو دليل نه سمجهي.“

اها ساڳي معنيٰ لغت جي مشهور ڪتاب لسان العرب ۽ المنجد ۾ آهي ته:

---

[1]- تاج العروس ( 2 / 475 )

[2]- جامع البيان العلم وفضله لإبن عبد البر ( 391 )

قلده في كذا أي : تبعه من غير تآمل ولا نظر. ([1])

”فلاڻي جي ڪنهن ڳالهہ ۾ تقليد ڪيائين ان جو مطلب آهي تہ بغير سوچڻ ۽غور فڪرجي ان جي پويان لڳو.“

## اصول فقه موجب تقليد جي تعريف

فقهاء جي نزديڪ تقليد جو مطلب آهي تہ:

”اهڙي قول ڪي ونڻ جنهن جي قائل ۽ چوندڙجو انهيءَ قول لاءِ ڪو دليل معلوم نہ هجي.“ ان طرح اصول فقه جي ڪتابن ۾ بيان ٿيل آهي. مثلاً: اصول فقہ حنفي جي مشهور ڪتابن التحرير لابن همام (ص-547) ۽ ان جي شرح تيسيرالتحرير مصنفه امير بادشاهہ (26/1) بلڪہ ان ۾ لکي ٿو تہ: تقليد ظن ۽ گمان جي درجي ۾ بہ نہ آهي ڇہ جائيڪہ ان کي يقين سمجهيو وڃي. مسلم الثبوت (ص-289) ۽ ان جو شرح فواتح الرحموت (4/2) (في ذيل المستصفیٰ للغزالي) ۽ اصول فقہ، مالڪي جي ڪتاب الحدود في الاصول مصنفہ امام ابوالوليد الباجي (ص64)_اصول فقہ شافعي جي ڪتاب المنثور في القواد مصنفہ امام زرڪشي(398/1) ۽ اللمع في اصول الفقہ مصنفہ امام ابو اسحاق شيرازي(ص70) ۽ المستصفیٰ من علوم الاصول مصنفہ امام غزالي (378/2) (مع فواتح الرحموت) ۽ فقہ حنبلي جي ڪتاب مختصرالتحرير مصنفہ علامہ علاۂالدين مرداوي (ص42) ۽ انجي شرح الڪوڪب المنير مصنفہ علامہ تقي الدين بن احمد الفتومي(ص-408) ۽ المدخل الیٰ مذهب امام احمد بن حنبل مصنفہ علامہ ابن البدران الدمشقي(ص-193) ۽ صفة الفتویٰ والمفتي والمستفتي مصنفہ امام احمد بن حمدان الحراني (ص-51) وغيرها من الڪتب.

ثابت ٿيو تہ تقليد علمي شيءِ نہ آهي ۽ نہ علم جو طريقو آهي. ڇو تہ جڏهن دليل جو ڪو علم نہ هجي پوءِ انهيءَ تقليد مان ڪهڙو فائدو. ڇو تہ دليل بہ آهن قرآن ۽ حديث. پر فقهاء وٽ بہ ٻيا بہ دليل آهن يعني اجماع ۽ قياس. ۽ علامہ عبدالعلي محمد بن نظام الانصاري حنفي فواتح الرحموت (ص-400) ۾ لکي ٿو تہ: دليل مان مراد اهي چار (ذڪر ٿيل) دليل آهن. يعني تہ مقلد ڪي انهن چئني جو علم نہ هجي. جنهن مان صاف ظاهر آهي تہ تقليد علم نہ آهي، اهو علماء جو فيصلو آهي. چنانچہ امام غزالي(حوالو مذڪور) تقليد بابت فرمائي ٿو تہ:

”وليس ذالك طريق الى العلم لا في الاصول ولا في الفروع“.

”تقليد علم حاصل ڪرڻ جو طريقو نہ آهي، نہ اصولي مسئلن ۾ نہ فروعي ۾."

---

[1]- لسان العرب ( 3 / 368 ) ، المنجد ( 649 ) طبع ( 17 )

نيز حافظ ابن قيم رحمه الله اعلام الموقعين ۾ فرمائي ٿو ته :

وَلَا خِلَافَ بَيْنَ النَّاسِ أَنَّ التَّقْلِيدَ لَيْسَ بِعِلْمٍ ، وَأَنَّ الْمُقَلِّدَ لَا يُطْلَقُ عَلَيْهِ اسْمُ عَالِمٍ. ([1])

”انهيءَ ڳالھ تي سيني ماڻھن جو اجماع آهي ان ۾ ڪنهن جو اختلاف نه آهي، ته تقليد علم نه آهي ۽ مقلد کي عالم جو نالو نه ٿو ڏئي سگهجي ۽ جي تقليد جا قائل آهن. سي به چوندا آهن ته تقليد جاهل لاءِ، عالم جي لاءِ نه آهي چنانچه علامه علي قاري حنفي شرح عين العلم ۾ فرمائي ٿو ته :

”ومعلوم ان الله سبحانه ما كلف احد ان يكون حنفيا او مالكيا او شافعيا او حنبليا بل كلفهم ان يعملو بالكتاب و السنه ان كانو علماء و ان يقلدو العلماء اذا كانو من الجهلاء“. ([2])

”ڪنهن کي به الله تعالىٰ هن لاءِ مجبور نه ڪيو آهي ته حنفي، مالڪي، شافعي يا حنبلي ٿئي، بلڪ اهو حڪم آهي ته قرآن ۽ حديث تي عمل ڪن، جيڪڏهن علم وارا هجن ۽ جي جاهل هجن ته عالمن جي تقليد ڪن.

ان طرح علامه محمد بن عبدالعظيم المكي الحنفي الرومي پنهنجي رسالي ”القول السديد في بعض مسائل الاجتهاد و تقليد“ (ص3۽4) ۾ فرمائي ٿو.

”ثابت ٿيو ته علماء الحنفيه جي قول مطابق به تقليد جو حڪم جاهلن لاءِ آهي، نه عالمن لاءِ. پوءِ اهل علم لاءِ عيب آهي جو پاڻ قرآن ۽ حديث کي ڏسڻ بجاءِ ٻئي جي قول جي پٺيان لڳي.

امام ابن جوزي فرمائي ٿو ته :

”اعلموا ان المقلد على غير ثقه فيما قلد فيه وفي التقليد ابطال منفعة العقل لانه انما خلق للتامل والتدبر وقبيح بمن اعطى شمعة يستضيءَ بها ان يطفئها ويمشي في الظلمة. واعلم ان عموم اصحاب المذهب يعظم في قلوبهم الشخص فيتبعون قوله من غير تدبر بما قال و هذا عين الضلال لان النظر ينبغي ان يكون الى القول لا الى القائل.“ ([3])

”يقين سان ڄاڻ ته مقلد جنهن مسئلي ۾ تقليد ڪندو آهي ان ۾ ڪنهن يقين ۽ ڀروسي تي نه هوندو آهي (چو ته هن کي ڪنهن دليل جي خبر ئي نه آهي ته ڪهڙي دليل جي بناءَ تي اهو مسئلو آهي) ۽ تقليد ۾ عقل جهڙي نفعي واري شيءِ کي باطل ڪرڻو آهي، چو ته انسان غور ۽ فڪر ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي ۽ اها بري ڳالھ آهي ته جنهن

[1]- إعلام الموقعين عن رب العالمين ( 1 / 45 )

[2]- شرح عين العلم ( 1 / 446 )

[3]- تلبيس ابليس ( 81 )

ماڻهو کي شمع يا بتي ڏني وجي ته ان جي روشني تي هلي، پوءِ ان کي اجهائي (وسائي) اونڌاهيءَ ۾ هلي (يعني الله تعالىٰ اصل علم قرآن حديث ڏنا پوءِ به ان جي بدلي ٻئي ڪنهن جي قول کي وٺي جنهن بابت ڪيس خبر ڪانهي ته ان جو دليل ڇا آهي؟ ڪهڙي آيت ما ورتل آهي؟ يا ڪهڙيءَ حديث مان ورتل آهي؟ اهو ئي مثال اونده ۾ هلڻ جهڙوآهي) ۽ يقين سان ڄاڻ ته مذهبن جا پوءِ لڳ جنهن شخص جي تعظيم انهن جي دل ۾ حد کان وڌي وجي تي پوءِ بغيرسوچ ويچار جي انهيءَ جي قول جي پويان لڳن ٿا. ۽ اها عين گمراهي آهي ڇو ته انسان کي گهرجي ته قول ۽ چوڻ کي ڏسي (ته اهو چوڻ صحيح آهي يا غلط، قرآن ۽ حديث جي موافق آهي يا مخالف) نه ڪ چوندڙ ۽ قائل کي ڏسي يعني ته ڪيڏو وڏو عالم آهي، ڪيڏو وڏو بزرگ آهي ۽ ڪيترا ماڻهو پويان لڳل اٿس وغيره ۽ هميشه اهل علم تقليد کي چڱيءَ نظر سان نه ڏسندا رهيا آهن.

حافظ ابن عبد البر جامع بيان العلم وفضله (ص393) ۾ امام شافعي جي تلميذ الرشيد ۽ خاص شاگرد امام ابو ابراهيم اسماعيل مزني کان نقل ڪري ٿو ته: مقلد کي ائين چوڻ گهرجي ته تو جو هي فيصلو ڪيو آهي ان لاءِ تو وٽ ڪو دليل آهي؟ جي هائو ڪيائين ته پاڻ ئي تقليد کي باطل ڪيائين، ڇو ته هن اهو حڪم دليل جي بناء تي مجيو ۽ ان مطابق فيصلو ڪيو نه ڪ تقليد جي بناء تي. ۽ جي چيائين ته مون بغير دليل جي فيصلو ڪيو آهي ته پوءِ هن کان سوال ڪيو ويندو ته بغير دليل جي ماڻهن جا خون ڇو وهايا ۽ زالون ڇو حلال ڪيئي ۽ ماڻهن جا مال ڇو وڃايئي(ڇو ته فيصلن ۾ ڪي خون جا معاملا هوندا آهن، ڪي نڪاح ۽ طلاق جا ته ڪي چورين ڌاڙن ۽ قرن جا ڪي واپار ۽ ڏيتي ليتي جا هوندا آهن) حالانڪ الله تعالىٰ اهي سڀئي ڪم بغير ڪنهن دليل يا ثابتي جي حرام ڪيا آهن. جيئن فرمايائين ته:

"ڇا اوهان وٽ هن بابت ڪو دليل يا ثبوت آهي؟" (يونس)

پوءِ جي چيائين ته مون کي يقين آهي ته مون جيڪو فيصلو ڏنو آهي. صحيح آهي پوءِ چاهي دليل جي مون کي ڄاڻ هجي يا نه ڇو ته جنهن جي مون تقليد ڪئي آهي اهو وڏو عالم آهي. ڪيس چيو ويندو ته جنهن جي تو تقليد ڪئي آهي ان لاءِ به ممڪن آهي ته ڪنهن دليل جي بناء ته فيصلو نه ڪيو هجيس بلڪ پاڻ کان ڪنهن وڏي عالم جي قول تي پروسو ڪيو هجيس. جيڪڏهن انهي ڳالهه کي قبول ڪيائين ته پاڻ ئي پنهنجي امام جي تقليد ڇڏي ڏنائين، بلڪ انهي استاد جي، امام جي تقليد ڪيائين ۽ ان طرح ساڳيو سوال امام جي امام بابت ٿيندو، تان جو وڃي اهو معاملو اصحابن سڳورن تائين پهچندو ۽ جي انڪار ڪيائين ته يعني ائين ممڪن نه آهي ته پاڻ ئي پنهنجي قول کي ٽوڙيائين ۽ ڪيس

چيو ويندو تہ تو وڏي علم واري کي ڇڏي گهٽ علم واري جي تقليد چو ڪئي ۽ جي چيائين تہ منهنجو استاد يا امام اگرچہ ٻين کان ننڍو آهي مگر اڳين سينئي جا علم سڀ گڏ ڪري ڏسي چنڊ ڇاڻ ڪري علم گڏ ڪيو آهي ۽ چوندي حق ٻڌايو آهي. تنهن ڪري توکي پنهنجي امام کي ڇڏي ان جي استاد جي تقليد ڪرڻ گهرجي. بلڪ انهيءَ قاعدي مطابق توکي پنهنجي پاڻ جي تقليد ڪرڻ گهرجي، نہ ٻين جي چو تہ تون سينئي کان پوءِ آيو آهين، سينئي جا قول ڏٺا اٿئي ۽ سينئي دليلن کي پڙهيو اٿئي، تون پاڻ چنڊ ڇاڻ ڪري پنهنجي سمجهہ جي پيروي ڪر، پر جيڪڏهن مٿئين سوال ڏانهن موٽيو ۽ چيائين تہ آئون پنهنجي امام کي ڇڏي ان جي استاد جي قول کي ونان تو ساڳيو سوال ٿيندو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو بہ ڪنهن ٻئي جي قول جي پويان لڳو هجي تون انهيءَ جي پويان لڳ. ائين ئي نيٺ تابعين تائين ايندو نيٺ اصحابن رضي الله عنهم تائين ايندو يعني سندس قول هر طرح تضاد ۽ تعارض جو مجموعو رهندو چو تہ ان صورت ۾ چيو ويندو تہ اصحابن ۾ بہ اختلاف آهي. هاڻي خود قرآن ۽ حديث ڏانهن موٽ چو تہ الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ:

﴿فَإِن تَنَٰزَعۡتُمۡ فِي شَيۡءٖ فَرُدُّوهُ إِلَى ٱللَّهِ وَٱلرَّسُولِ إِن كُنتُمۡ تُؤۡمِنُونَ بِٱللَّهِ وَٱلۡيَوۡمِ ٱلۡأٓخِرِۚ ذَٰلِكَ خَيۡرٞ وَأَحۡسَنُ تَأۡوِيلًا ﴿٥٩﴾﴾ (النسآء)

”ڪنهن شيءِ بابت جهيڙو ڪريو تہ جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهيو تہ ان کي الله ۽ پيغمبرﷺ جي حڪم ڏانهن موٽايو. اهو ڀلو ۽ نتيجي جي ڪري ڏاڍو چڱو آهي.“

ناظرين: هن مضمون مان ظاهر ٿيو تہ تقليد چڱي شيءِ نہ آهي بلڪ علم، عقل جي منافي آهي. انهيءَ ڪري مشهور چئني امامن بہ ان کان منع ڪئي آهي، چنانچہ امام ابو حنيفہ جو قول آهي تہ :

لَا يَحِلُّ لِأَحَد أَنْ يَأْخُذَ بِقَوْلِي مَا لَمْ يُعْلَمْ مِنْ أَيْنَ قُلْتُ. ([1])

”جنهن کي منهنجي قول جو دليل معلوم نہ آهي تہ مون کتان ورتو آهي؟ ان کي منهنجو قول وٺڻ حرام آهي.“

مٿي ذڪر ٿيو تہ بغير دليل جي ڪنهن جو قول قبول ڪرڻ تقليد آهي، اهڙي قسم جي قول کي وٺڻ امام صاحب حرام چوي ٿو. يعني سخت لفظن ۾ تقليد کان منع ڪري ٿو، ۽ علامہ امير علي ترجمو ڪندي لکي ٿو تہ :

[1]- عين الهداية ( 1 / 93 ) مصنفه علامه امير علي مترجم عالمگيري

"کسی کو حلال نہیں کہ میرے قول کو لے جب تک یہ نہ جانے کہ میں نے کہاں سے کہا ہے۔ پس تقلید سے ممانعت کی اور معرفت دلیل کی جانب ترغیب دی۔"

۽ فواتح الرحموت ۾ آهي تہ :

"وعن ائمتنا لا يحل لاحد ان يفتى بقولنامالم يعلم من اين قلنا اى من اى اصول قلنا وافتينا فان كان من الخبر فمن اى سند روى وان كان من القياس فباى علته قيس ويعلم موانع تلك العلة ثم فى النص يعلم ما يتعلق به كذا نقل فى التيسير عن الشيخ ابى بكر الجصاص الرازى." ([1])

"اسان جي امامن کان منقول آهي تہ: اسان جي قول تي فتویٰ ڏيڻ حلال نہ آهي جيسيتائين اها خبر نہ پويس تہ اسان اهو قول ڪٿان ۽ ڪهڙي دليل جي بناء تي چيو. يعني اصول مان ڪهڙي اصول جي بناء تي فتویٰ ڏني آهي. جيڪڏهن ڪنهن حديث مان آهي تہ ان جي سند ڪهڙي آهي. ۽ جيڪڏهن قياس آهي تہ ڪهڙي علت جي بناء تي قياس ڪيل آهي. ۽ انهيءَ علت جا مانع ڪنڊڙ ۽ رڪاوٽون بہ معلوم هجن. ۽ نص جي متعلق بہ جيڪي ڳالهيون آهن، انهن جو بہ علم هجيس. ان طرح تيسير ۾ شيخ ابوبڪر الجصاص الرازي کان نقل ٿيل آهي ۽ امام مالڪ فرمائي ٿو تہ :

إنما أنا بشر اخطيء و اصيب فانظروا فى رايي فكل ما وافق الكتاب والسنة فخذوه فكل ما لم يوافق الكتاب والسنة فاتركوه. ([2])

"آئون انسان آهيان ڪڏهن خطا ڪندو آهيان، ڪڏهن صحيح چوندو آهيان. تنهن ڪري منهنجي قول کي ڏسندا ۽ جاچيندا ڪريو. پوءِ جو بہ ان مان قرآن حديث جي موافق هجي ان کي وٺو. جيڪو مخالف هجي ان کي ڇڏي ڏيو. جنهن جي معنیٰ آهي تہ دليل ڏسڻ جو حڪم آهي. انهي ڪانسواءِ ڪنهن جي قول کي مڃڻ جي منع آهي. ثابت ٿيو تہ امام مالڪ بہ تقليد کان منع فرمائي ٿو ۽ ٻي روايت ۾ فرمائي ٿو تہ :

كان رضي الله عنه يقول اياكم و راى الرجال الا ان اجمع عليه واتبعوا ما انزل اليكم من ربكم وما جاءَ عن نبيكم... الخ

"ماڻهن جي راءِ کان بچندا ڪريو. صرف انهيءَ صورت ۾ جو سيني جو اجماع هجي. ۽ جيڪي اوهان جي رب وٽان نازل ٿيل آهي يا اوهان جي نبي ڪريم ﷺ وٽان آيل آهي، انهي جي تابعداري ڪريو." ([3])

---

[1]- فواتح الرحموت ( 2 / 404 )

[2]- ايقاظ همم اولى البصار ( 82 ) مصنف علامه صالح الفلانى

[3]- الميزان الكبرى ( 59 ) مصنف عبدالوهاب الشعرانى

امام شافعي بہ تقليد کان منع ڪئي آهي. چنانچہ سندس مشهور شاگرد امام اسماعيل مزني پنهنجي مختصر جي شروع ۾ لکي ٿو تہ:

”مع اعلاميه نهيه عن تقليده وتقليد غيره ينظر فيه لدينه ويحتاط فيه لنفسه“

''امام شافعي ڄاڻائي پنهنجي ۽ ٻئي جي تقليد کان منع ڪئي آهي، تان تہ هر ڪو پنهنجي دين لاءِ پاڻ ڏسي سوچي ۽ احتياط ڪري.“

نيز فرمائي ٿو تہ:

ماقلت وكان النبي ﷺ قال بخلاف قولي فما صح من حديثالنبي ﷺ اولى ولا تقلدونى. ([1])

”جيڪڏهن منهنجو قول حديث جي خلاف آهي تہ صحيح حديث وڌيڪ حقدار آهي ۽ منهنجي تقليد نہ ڪندا ڪريو.“

وكان الامام احمد يقول ليس لاحد مع الله و رسوله كلام وقال ايضًا للرجل لا تقلدنى و لا تقلدن ما لكا ولاالاوزاعى ولاالنخعى ولا غيرهم وخذ الاحكام من حيث اخذوا من الكتاب والسنة انتهىٰ. ([2])

”امام احمد بن حنبل فرمائيندو هو تہ: الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي ڪلام سان گڏ ٻئي ڪنهن جو ڪلام شمار ۾ نہ آهي ۽ هڪڙي شخص کي چيائين تہ نہ منهنجي تقليد ڪر، نہ اوزاعي جي، نہ مالڪ جي، نہ نخعي جي، نہ ڪنهن ٻئي جي بلڪ اتان قرآن ۽ حديث مان احڪام ۽ مسئلا وٺندو ڪر جتان انهن ورتا آهن. ان طرح ڪيترن علماء حنفية بہ تقليد جي مذمت ڪئي آهي. چنانچہ حنفي مذهب جو امام ابو جعفر طحاوي فرمائي ٿو تہ:

وهل يقلد إلا عصي؟ ([3])

”تقليد صرف نافرمان ئي ڪندو آهي.“

علامہ سرخسي المبسوط ۾ فرمائي ٿو تہ:

وَلَوْ جَازَ التَّقْلِيدُ كَانَ مَنْ مَضَى مِنْ قَبْلِ أَبِي حَنِيفَةَ مِثْلُ الْحَسَنِ الْبَصْرِيِّ وَإِبْرَاهِيمَ النَّخَعِيِّ رَحِمَهُمَا اللَّهُ أَحْرَى أَنْ يُقَلَّدُوا. ([4])

”جيڪڏهن تقليد جائز هجي ها تہ امام ابو حنيفہ کان اڳي جيڪي امام گذريا آهن. مثلاً: حسن بصري ۽ ابراهيم نخعي اهي تقليد جا وڌيڪ حقدار هئا.“

---

[1]- ايقاظ همم اولى البصار ( 104 )

[2]- عقد الجيد فى احكام الاجتهاد والتقليد – مصنفه شاه ولي الله الدهلوى

[3]- لسان الميزان ( 1 / 280 )

[4]- المبسوط ( 12 / 28 )

سرخسي صاحب جي قول مان ظاهر ٿيو تہ تقليد جائز نہ آهي. سلف ۾ ان جو رواج نہ هو ۽ علامہ زمخشري حنفي اطراق الذهب ۾ فرمائي ٿو تہ:

ان كان للضلال ام فالتقليد امه. ([1])

’’جيڪڏهن گمراهي جي ڪا ماءُ يعني منڍ آهي تہ تقليد ئي آهي. ان مسئلي جي مزيد تفصيل لاءِ اسان جو ڪتاب تنقيد بر سالہ اجتهاد و تقليد ڏسڻ گهرجي.‘‘

*-*-*

## فصل پندرهون

# دولت ۽ خزاني جي پوڄا

مسلمان جو شان آهي تہ پنهنجي جان ۽ مال کي الله جي ملڪيت ڄاڻي ۽ مالڪ جي مرضيءَ مطابق انهيءَ کي استعمال ڪري ۽ جي طريقا ڪمائڻ جا ان حرام ڪيا آهن انهن کان پاسو ڪري. مگر جڏهن مال جي محبت انسان تي غالب ايندي آهي تہ پوءِ الله جي محبت ۽ حڪم تي ان جي محبت ۽ طلب غالب ايندي آهي ۽ اهڙي ماڻهو لاءِ حرام حلال جي تميز نہ رهندي آهي. پوءِ اهو ماڻهو ايڏو لالچي هوندو آهي جو انجي دوستي ۽ دشمني ۽ راضي ٿيڻ يا رنج رهڻ مال جي لاءِ هوندو آهي. پوءِ مال جي محبت ۽ ڪمائيءَ جي مشغوليءَ ۾ نمازن جا فرض هليا وڃن، جماعت فوت ٿيو وڃي، الله جي شريعت وسريو وڃي، مال حاصل ڪرڻ خاطر ڪئين ڪوڙ ڳالهايا وڃن تا ۽ ڪئين ناجائز حرڪتون ڪيون وڃن ٿيون، مال جي حوس ۾ چوري، ڦر ۽ واپار ۾ دغا، بي ايماني. حتاڪ شرڪ جهڙا ڪم مثلاً: غير الله جو مال ڪائڻ، يارهيون، عرس، رجبيون، مئن جا ختما، مجاورن جو نذرانن کي جمع ڪرڻ. الغرض گناه، بدعتون ۽ ڪئين شرڪ جا ڪم انهي مال جي محبت جي غلبي جو نتيجو آهن. ان بابت حديث ۾ آيو آهي تہ:

عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ عَنْ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ تَعِسَ عَبْدُ الدِّينَارِ وَعَبْدُ الدِّرْهَمِ وَعَبْدُ الْخَمِيصَةِ إِنْ أُعْطِيَ رَضِيَ وَإِنْ لَمْ يُعْطَ سَخِطَ تَعِسَ وَانْتَكَسَ وَإِذَا شِيكَ فَلَا انْتَقَشَ طُوبَى لِعَبْدٍ آخِذٍ بِعِنَانِ فَرَسِهِ فِي سَبِيلِ اللَّهِ أَشْعَثَ رَأْسُهُ مُغْبَرَّةٍ قَدَمَاهُ إِنْ كَانَ فِي الْحِرَاسَةِ كَانَ فِي الْحِرَاسَةِ وَإِنْ كَانَ فِي السَّاقَةِ كَانَ فِي السَّاقَةِ إِنْ اسْتَأْذَنَ لَمْ يُؤْذَنْ لَهُ وَإِنْ شَفَعَ لَمْ يُشَفَّعْ. ([2])

---

[1]- اطراق الذهب ( 42 )

[2]- صحيح البخاري ( 10 / 11 ) كِتَاب الْجِهَادِ وَالسِّيَرِ بَاب الْحِرَاسَةِ فِي الْغَزْوِ فِي سَبِيلِ اللَّهِ حديث رقم ( 2673 ) ، مشكاة المصابيح ( 439 )

"ابو هريرة ﷺ كان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: شل هلاڪ ۽ برباد ٿئي دينار (سون جو سڪو) جو ٻانهو. هلاڪ ۽ برباد ٿئي درهم (چاندي جو سڪو) جو ٻانهو. ۽ هلاڪ و برباد ٿئي ريشمي ۽ اوني ڪپڙي جو ٻانهو. جي مليس تہ راضي ٿئي. جي نہ مليس تہ ڪاوڙجي. شل هلاڪ ٿئي ۽ مٿي پر اونڌو ٿي ڪري ۽ جي ڪنڊو لڳيس تہ شل نہ نڪريس. مبارڪ ۽ خوشخبري انهي ٻانهي لاءِ آهي جو جهاد في سبيل الله ۾ گهوڙي جي واڳ وٺندڙ هجي، وار ڪنڊريل، پير مٽي ۾ پريل. جي چوڪيداريءَ ۾ رکيو يا لشڪر جي پويان ڪاهيو وڃيس تہ سڀ لاءِ تيار. موڪل گهري تہ نہ مليس ڪنهن لاءِ سفارش ڪري تہ نہ ٻڌو وڃي."

تشريح:- يعني مبارڪون ۽ ڪيرون اهو ماڻهو لهي جيڪو هر حال ۾ الله جي راهہ ۾ ڪمر بستہ هجي. پلي سندس ڪا ڳالهہ نہ ٻڌي وڃي اهو ان کان بهتر آهي جيڪو دولت جي محبت ۾ ايڏو تہ مست آهي جو گوياڪ ان جو ٻانهو آهي. اهو برباد ۽ هلاڪ ٿيندڙن مان آهي. چو تہ ان کي مال ملندو رهندو ۽ ڪمائي ۽ واپار ۾ نفعو ٿيندو رهندو نہ تہ پوئين پيرن پڇندو. جيئن ارشاد آهي تہ:

﴿ وَمِنَ ٱلنَّاسِ مَن يَعْبُدُ ٱللَّهَ عَلَىٰ حَرْفٍ ۖ فَإِنْ أَصَابَهُۥ خَيْرٌ ٱطْمَأَنَّ بِهِۦ ۖ وَإِنْ أَصَابَتْهُ فِتْنَةٌ ٱنقَلَبَ عَلَىٰ وَجْهِهِۦ خَسِرَ ٱلدُّنْيَا وَٱلْـَٔاخِرَةَ ۚ ذَٰلِكَ هُوَ ٱلْخُسْرَانُ ٱلْمُبِينُ ﴿١١﴾ ﴾ ( الحج )

"۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي عبادت آسيري پاسيري ڪندو آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪيس نفعو پهچندو آهي تہ ان (عبادت) سان مطمئن ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيس ڪو ڏک پهچندو آهي تہ پنهنجي منهن پر ڦرندو آهي. اهڙي شخص دنيا ۽ آخرت ٻئي وڃائي ڇڏيون اهو ئي پڌرو نقصان ۽ خسارو آهي."

تشريح:- گوياڪ اهڙي قسم جو ماڻهو دولت، پئسي ۽ خزاني جو ٻانهو بنيو آهي. ان جي رضا ۽ خوشي مال سان ٻڌل آهي. ۽ انهي جي لاءِ ئي هن جي ساري ڪوشش ۽ محنت آهي، جي الله جي عبادت ڪري ٿو تہ بہ انهي دولت جي لاءِ. ان جي برخلاف مسلمان جي نظر آخرت ڏانهن هوندي آهي. ۽ هو پنهنجو الله ۽ مالڪ ۽ محبوب انهي رب کي ڄاڻندو آهي. جو ستن آسمانن کان مٿان پنهنجي عرش تي مستوي آهي. انهن کي الله جي عبادت کان ڪا شيءِ نٿي روڪي سگهي ۽ ان جي محبت جي برابر ڪنهن شيءِ جي محبت نہ آهي. اها صفت مؤمنن جي آهي. جيئن فصل-18 ۾ بيان ٿيندو. ان شاءالله ۽ انهن جي صفت الله تعالىٰ هن طرح بيان ڪئي آهي.

﴿اللَّهُ نُورُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۚ مَثَلُ نُورِهِ كَمِشْكَاةٍ فِيهَا مِصْبَاحٌ ۖ الْمِصْبَاحُ فِي زُجَاجَةٍ ۖ الزُّجَاجَةُ كَأَنَّهَا كَوْكَبٌ دُرِّيٌّ يُوقَدُ مِن شَجَرَةٍ مُّبَارَكَةٍ زَيْتُونَةٍ لَّا شَرْقِيَّةٍ وَلَا غَرْبِيَّةٍ يَكَادُ زَيْتُهَا يُضِيءُ وَلَوْ لَمْ تَمْسَسْهُ نَارٌ ۚ نُّورٌ عَلَىٰ نُورٍ ۗ يَهْدِي اللَّهُ لِنُورِهِ مَن يَشَاءُ ۚ وَيَضْرِبُ اللَّهُ الْأَمْثَالَ لِلنَّاسِ ۗ وَاللَّهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيمٌ ﴿٣٥﴾ فِي بُيُوتٍ أَذِنَ اللَّهُ أَن تُرْفَعَ وَيُذْكَرَ فِيهَا اسْمُهُ يُسَبِّحُ لَهُ فِيهَا بِالْغُدُوِّ وَالْآصَالِ ﴿٣٦﴾ رِجَالٌ لَّا تُلْهِيهِمْ تِجَارَةٌ وَلَا بَيْعٌ عَن ذِكْرِ اللَّهِ وَإِقَامِ الصَّلَاةِ وَإِيتَاءِ الزَّكَاةِ ۙ يَخَافُونَ يَوْمًا تَتَقَلَّبُ فِيهِ الْقُلُوبُ وَالْأَبْصَارُ ﴿٣٧﴾ لِيَجْزِيَهُمُ اللَّهُ أَحْسَنَ مَا عَمِلُوا وَيَزِيدَهُم مِّن فَضْلِهِ ۗ وَاللَّهُ يَرْزُقُ مَن يَشَاءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٨﴾﴾ (النور)

”الله جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي پنهنجي نور سان سڌو رستو ڏيکاريندو آهي ۽ الله ماڻهن لاءِ مثال بيان ڪندو آهي ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي (انهي نور جو هنڌ) انهن گهرن ۾(آهي) جن لاءِ الله حڪم ڪيو آهي ته، انهن جي تعظيم ڪجي ۽ انهن ۾ سندس نالو ياد ڪجي. انهن ۾ صبح ۽ سانجهي جو الله جي پاڪائي بيان ڪندا آهن(يعني اهڙا) مڙس آهن، جو انهن کي واپار ۽ نڪي سودو الله جي ياد ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ کان ۽ زڪواة ڏيڻ کان روڪيندو آهي، ۽ انهي ڏينهن کان ڊڄندا آهن جنهن ۾ دليون ۽ اکيون ابتڙ ٿينديون (يعني بيهوش هونديون). هن لاءِ ته جيڪي چڱا عمل ڪيائون تن جو الله کين بدلو ڏئي ۽ کين پنهنجي فضل سان وڌيڪ به ڏئي ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي (تنهن کي) بي حساب روزي ڏيندو آهي.“

تشريح:- هن مضمون قرآني واضح ڪيو ته مرد اهي آهن ۽ مردن جو ڪم هي آهي ته انهن جون خواهشون، محنتون ۽ ضرورتون ڪسب ۽ معاش، ڌنڌا، واپار ۽ ٻي ڪابه مشغولي الله جي رستي ۾ خرچ ڪرڻ کان حائل نٿي بڻجي سگهي. ڇو ته اهي مال جا ٻانها نه بلڪ ان مالڪ جا ٻانها آهن جو انهن کي مال ڏيندڙ ۽ ادا ڪندڙ آهي. مگر شاعرن هتي به الله تعاليٰ جي سامهون پنهنجو سينو ساهيو چنانچه ٻاهو جو شعر آهي ته:

نماز پڙهڻ ڪم زنانه ، روزا صرف روٽي
مڪي مديني اوجاون ، گهر دي هوون ٽوٽي ( 1 )

ناظرين:- قرآن ڪريم جي تعليم ۽ شاعرن جو شاعرانه تخيل جو موازنو ڪريو ته ڪيڏو فرق آهي.

الله تعاليٰ عبادت کي همت ۽ مردانگي جو ڪم چئي رهيو آهي. ۽ شاعر ان کي زنانو ۽ بزدلي جو ڪم چئي رهيو آهي. هاڻي پڙهندڙن جي ايمان تي ڇڏجي ٿو ته ڪنهن

[1]- سنڌو جي ساڃاهه ( 211 ) مصنف جي اير سيد

كي سچو ڄاڻن ٿا ۽ ڪنهن کي ڪوڙو سمجهن ٿا. يقين سان الله تعالىٰ جي ڪلام کي مسلمان سچو چوندو ۽ انهي جي مخالف هر ڪلام کي ڪوڙو ۽ گمراه چوندو.

فماذا بعد الحق إلا الضلال

*-*-*

## فصل سورهون

# پنهنجي نفس جي پوڄا

مؤمن جو شان آهي تہ ان جي خواهش ۽ چاهت، وٽت ۽ سڌ انهيءَ دين لاءِ هوندي آهي، جيڪو دين نبي ﷺ، الله وٽان آندو آهي. اهو ئي هن کي وڻندو آهي، ان لاءِ ئي ان جي دل گهرندي ۽ انهي جي ئي ان کي سڌ ٿيندي. انهي بابت حديث آهي تہ:

عَنْ أَبِيْ مُحَمَّد عبدِ الله بن عَمرو بنِ العاص رضي الله عنهما ، قال : قالَ رسولُ الله صلى الله عليه وسلم : " لا يُؤمِنُ أَحدُكُم حتّى يكُونَ هَواهُ تَبَعاً لِما جِئتُ بِهِ ". حديث حسن صحيح، رويناه في كتاب الحجة بإسناد صحيح. ([1])

”عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: تيسين اوهان مان ڪو بہ ايماندار ٿي نٿو سگهي، جيسين ان جي سڌ انهيءَ حڪم جي پويان تابع نہ هجي، جو مون (الله وٽان) آندو هجي.“

تشريح:- يعني هر مؤمن تي لازم آهي تہ جيڪو بہ رسول الله ﷺ جو حڪم ۽ سنت ملي تہ ان سان محبت ڪري. ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي خواهش ڪري. ان ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن قول ڪنهن جي راءِ يا طريقي جي سڌ ۽ خواهش تي ڪري بلڪ پنهنجي سڌ کي ان جي تابع ڪري. ۽ ان حڪم ۾ ڪنهن قسم جو شرڪ نہ ڪري جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُونَ حَتَّىٰ يُحَكِّمُوكَ فِيمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لَا يَجِدُوا فِي أَنفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوا تَسْلِيمًا ﴿٦٥﴾ ﴾ ( النساء )

”پوءِ تنهنجي پالڻهار جو قسم آهي تہ (اهي ماڻهو) مسلمان نہ آهن، جيستائين انهيءَ معاملي ۾ جو سندن وچ ۾ پيو آهي توکان فيصلو ڪرائين پوءِ (تون) جيڪي فيصلو ڪرين تنهن کان پنهنجين دلين ۾ ڪٿڪو نہ ڏسن ۽ پوري طرح مڃين.“

---

[1]- ظلال الجنة ( 1 / 7 ) باب ما يجب أن يكون هوى المرء تبعا لما جاء به النبي صلى الله عليه وسلم حديث رقم ( 15 ) ، شرح الأربعين النووية في الأحاديث الصحيحة النبوية ( 180 ) حديث رقم ( 41 )

تشريح : هي سڀ ڳالهيون تڏهن ٿينديون جڏهن الله جي هر حڪم جي آڏو پنهنجي دل ۽ نفس کي تابعدار بنائي ۽ ان جي پويان هلي. پر جو شخص هر حال ۾ پنهنجي نفس ۽ سڌ کي اڳيان ڪري ٿو ۽ هر ڳالهه انهيءَ جي مجي ٿو ۽ ڪنهن به خيال کي تاري نه ٿو ته گوياڪ هو پنهنجي نفس ۽ سڌ کي الله ۽ معبود بنائي چڪو چو ته اهو الله تعالیٰ جو شان آهي جو انهيءَ جي هر حڪم کي مڃيو وڃي ڪنهنجي به ٽارڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي پوءِ پنهنجي نفس کي اهو مقام ڏيڻ اله بنائڻ آهي.
چنانچه ارشاد آهي ته :-

﴿ أَرَءَيْتَ مَنِ ٱتَّخَذَ إِلَـٰهَهُۥ هَوَىٰهُ أَفَأَنتَ تَكُونُ عَلَيْهِ وَكِيلًا ﴿٤٣﴾ ﴾ ( الفرقان )

”اي پيغمبر ﷺ! تو ان کي نه ڏٺو جنهن پنهنجي سڌ کي پنهنجو معبود ڪري ورتو؟ پوءِ تون مٿس نگهبان ٿيندين ڇا؟“

تشريح :- يعني پنهنجي سڌ جي پويان ان طرح تابع آهي، جو هر قسم جي سڌ کي پوري ڪرڻ لاءِ سرتوڙ ڪوشش ڪري ٿو ۽ پنهنجي نفس جي هر راءِ جو تابع آهي. ۽ الله جي حڪم وانگر پنهنجي نفس جي ڪنهن به خيال کي تاري نه ٿو. شريعت جي موافق هجي يا مخالف حرام ڪم جي سڌ هجي، يا حلال جي، هر هڪ کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پوءِ اهڙي ماڻهو ۾ هدايت جي اميد رکڻ اجائي آهي. چو ته اهو نفس جو انڌو مقلد آهي.

﴿ أَفَرَءَيْتَ مَنِ ٱتَّخَذَ إِلَـٰهَهُۥ هَوَىٰهُ وَأَضَلَّهُ ٱللَّهُ عَلَىٰ عِلْمٍ وَخَتَمَ عَلَىٰ سَمْعِهِۦ وَقَلْبِهِۦ وَجَعَلَ عَلَىٰ بَصَرِهِۦ غِشَـٰوَةً فَمَن يَهْدِيهِ مِنۢ بَعْدِ ٱللَّهِ ۚ أَفَلَا تَذَكَّرُونَ ﴿٢٣﴾ ﴾ ( الجاثية )

”اي پيغمبر ﷺ! انهيءَ کي نه ڏٺو اٿئي ڇا؟ جنهن پنهنجي (نفس جي) سڌ (خواهش) کي معبود ڪري ورتو ۽ ڄاڻ هوندي الله کيس گمراه ڪيو ۽ سندس دل تي مهر هنيائين ۽ سندس اکين تي پردو وڌائين پوءِ الله کان سواءِ کيس ڪير هدايت ڪندو ۽ پوءِ چو نه ٿا نصيحت ونو.“

تشريح:- ثابت ٿيو ته نفس جي پيروي ڪرڻ ۽ ان کي معبود بنائڻ انهن ماڻهن جو ڪم آهي، جن جي دلين ۽ ڪنن تي الله جي غضب جي مهر لڳل آهي ۽ اکين تي پردا آهن. جن جي حق ۾ چيو ويو آهي ته :

﴿ صُمٌّۢ بُكْمٌ عُمْىٌ فَهُمْ لَا يَرْجِعُونَ ﴿١٨﴾ ﴾( البقرة )

”اهي ٻوڙا،گونگا ۽ انڌا آهن.“

تنهن ڪري پنهنجي غلط رستي کان نہ موٽندا. ۽ اهڙي ماڻهوءَ کي ڪو بہ رهنمائي نہ ٿو ڪري سگهي. جڏهن تہ هن پنهنجي نفس کي الله جي حڪم کان مٿي ڪيو.

گوياڪ پنهنجي نفس کي معبود بنايائين. اهڙي ماڻهو کي هدايت ڪٿان نصيب ٿيندي جڏهن تہ الله تعالىٰ هن جي لاءِ هدايت جا دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن. پوءِ ٻيو ڪير آهي جو کيس هدايت ڏئي.

أخرج ابن جرير وابن المنذر وابن أبي حاتم واللالكائي في السنة والبيهقي في الأسماء والصفات عن ابن عباس رضي الله عنهما في الآية ﴿أَفَرَءَيْتَ مَنِ ٱتَّخَذَ إِلَٰهَهُۥ هَوَىٰهُ﴾ قال : ذاك الكافر اتخذ دينه بغير هدى من الله ولا برهان ﴿ وَأَضَلَّهُ ٱللَّهُ عَلَىٰ عِلْمٍ﴾ يقول : أضله الله في سابق علمه. ([1])

”ابن عباس ﷺ کان هن آيت جي باري ۾ روايت آهي تہ: اهو شان ڪافر جو آهي، جو پنهنجو دين الله جي طرفان هدايت ۽ ثبوت کان سواءِ (پنهنجي نفس جي سڌ (خواهش) جي پويان) رکي ٿو ۽ الله جي علم ۾ هوگمراه لکيل آهي.“

تشريح:- يعني جو شخص پنهنجو دين ۽ مذهب، قرآن حديث جي بجاءِ پنهنجي وڏن واري قول جي پويان رکندو آهي، گوياڪ پنهنجي سڌ (خواهش) کي معبود بنايو اٿس. جنهن جو قول وٺيس ان کي دين بنائي رکيو اٿس. جيئن بعض ماڻهو پنهنجي پيرن ۽ پيشوائن کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن. جيتوڻيڪ صريح حديثون ۽ آيتون ان جي خلاف هجن ڇو تہ ان جي نفس جو رايو اوڏانهن آهي.

عَنْ أنس عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ: ثَلاثٌ كَفَّارَاتٌ ، وَثَلاثٌ دَرَجَاتٌ ، وَثَلاثٌ مُنَجِّيَاتٍ ، ثَلاثٌ مُهْلِكَاتٌ . فَأَمَّا الْكَفَّارَاتُ :

فَإِسْبَاغُ الْوُضُوءِ فِي السَّبَرَاتِ ، وَ انْتِظَارُ الصَّلاةِ بَعْدَ الصَّلاةِ ، وَنَقْلُ الأَقْدَامِ إِلَى الْجَمَاعَاتِ . وَأَمَّا الدَّرَجَاتُ : فَإِطْعَامُ الطَّعَامِ ، وَإِفْشَاءُ السَّلامِ ، وَصَلاةٌ بِاللَّيْلِ ، وَالنَّاسُ نِيَامٌ . وَأَمَّا الْمُنَجِّيَاتُ : فَالْعَدْلُ فِي الْغَضَبِ ، وَالرِّضَى ، وَالْقَصْدُ فِي الْفَقْرِ وَالْغِنَى ، وَخَشْيَةُ اللَّهِ فِي السِّرِّ وَالْعَلانِيَةِ .

وَأَمَّا الْمُهْلِكَاتُ : فَشُحٌّ مُطَاعٌ ، وَهَوًى مُتَّبَعٌ ، وَإِعْجَابُ الْمَرْءِ بِنفْسِه . ([2])

رواه البزار واللفظ له والبيهقي وغيرهم وهو مروي عن جماعة من الصحابة و اسانيده و ان كان لايسلم شيء منها من مقال فهو بمجموعها حسن ان شاء الله تعالى.

---

[1]- الدر المنثور (6 / 35 )

[2]- السلسلة الصحيحة ( 4 / 301 ) ( 1802 ) ، ( حسن ) صحيح الجامع حديث رقم ( 3039 ) ، الترغيب والترهيب ( 1 / 286 )

”انس ﷺ رسول الله ﷺ جن ڪان روايت ڪري ٿو ته: پاڻ فرمايائون ته: ٽي شيون گناهن جو ڪفارو آهن، ۽ ٽي درجا وڌائين ٿيون، ۽ ٽي هلاڪ ۽ برباد ڪندڙ آهن. ۽ ڪفارو ٿيندڙ شيون هي آهن.

(1) سردين ۾ وضوءَ کي پورو ۽ مڪمل ڪرڻ.

(2) هڪ نماز کان ٻي نماز جي انتظار ۾ رهڻ.

(3) نماز باجماعت پڙهڻ لاءِ وکون کڻڻ.

۽ درجا وڌائيندڙ هي آهن:

(1) کاڌو کارائڻ

(2) سلام کي عام ڪرڻ.

(3) رات جو جنهن وقت ماڻهو ستل هجن ته اٿي تهجد پڙهڻ.

۽ ڇوٽڪارو ڏيندڙ هي آهن:

(1) ڪاوڙ خواهہ رضامندي جي حالت ۾ انصاف ڪرڻ.

(2) فقيري خواه دنياداري ٻنهي ۾ وچٿرو هلڻ.

(3) ڳجهہ خواه ظاهر ٻنهي حالتن ۾ الله تعالىٰ کان ڊڄندو رهڻ.

هلاڪ ۽ برباد ڪندڙ هي آهن:

(1) بخيلي ۽ ڪنجوسي جنهن جو انسان مطيع هجي.

(2) سڌ (خواهش) ۽ نفس جي راءِ جي تابعداري ڪرڻ.

(3) پاڻ وڏائڻ (يعني پنهنجي حالت تي فخر ڪرڻ)

تشريح :- يعني هر ڳالهہ ۾ سڌ (خواهش) جي تابعداري ۽ نفس جي پيروي هلاڪت ۽ بربادي جو ڪارڻ آهي. ڇو ته ان صورت ۾ دين جي بجاءِ دولت جي ۽ آخرت جي بدلي دنيا جي محبت ۽ چاهت پيدا ٿيندي ۽ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جو فرمان ڇڏڻ سولو لڳندو. مگر پنهنجي پير يا امام يا بزرگ جو طريقو ڇڏڻ ڏکيو لڳندو. الله تعالىٰ سيني مسلمانن کي نفس جي غلبي کان امن ۾ رکي - آمين

*-*-*

## فصل سترهون

# فرشتن جي پوڄا

مشرڪن جو پراڻو دستور هو تہ ملائڪن کي الله جون ڌيئرون چوندا هئا (معاذ الله) پوءِ انهن کي پنهنجي ۽ الله جي درميان وسيلو ڄاڻي انهن جي پوڄا ڪندا هئا. الله تعالىٰ انهيءَ عقيدي کي نقل ڪري رد فرمائي ٿو- جيئن ارشاد آهي:-

1- ﴿ وَجَعَلُوا الْمَلَائِكَةَ الَّذِينَ هُمْ عِبَادُ الرَّحْمَٰنِ إِنَاثًا ۚ أَشَهِدُوا خَلْقَهُمْ ۚ سَتُكْتَبُ شَهَادَتُهُمْ وَيُسْأَلُونَ ﴿١٩﴾ ﴾ ( الزخرف )

”۽ ملائڪن کي (الله جون) ڌيئرون مقرر ڪيون اٿن. جي (پاڻ) الله جا ٻانها آهن (اهي) سندن پيدا ٿيڻ وقت حاضر هئا ڇا؟ سندن اها شاهدي سگهو لکبي ۽ (پوءِ هو قيامت ۾ پڇيا ويندا).“

2- ﴿ وَإِذَا بُشِّرَ أَحَدُهُم بِالْأُنثَىٰ ظَلَّ وَجْهُهُ مُسْوَدًّا وَهُوَ كَظِيمٌ ﴿٥٨﴾ يَتَوَارَىٰ مِنَ الْقَوْمِ مِن سُوءِ مَا بُشِّرَ بِهِ ۚ أَيُمْسِكُهُ عَلَىٰ هُونٍ أَمْ يَدُسُّهُ فِي التُّرَابِ ۗ أَلَا سَاءَ مَا يَحْكُمُونَ ﴿٥٩﴾ ﴾ ( النحل )

”۽ جڏهن منجهائن ڪنهن هڪ کي ڌيءَ (ڄمڻ) جي خبر ڏبي آهي. (تڏهن) سندس مونهن ڪارو ٿي ويندو آهي. ۽ اهو ڏک پريل هوندو آهي. جيڪا ڪيس بڇڙي خبر ڏني وئي تنهن جي ناراضپي سببان قوم کان پيو لڪندو آهي. (ڳڻتي ۾ پوندو آهي تہ) ان ڌيءَ کي خواري جي حالت ۾ رکي يا ان کي مٽيءَ ۾ دبي ڇڏي. خبردار! اهي جيڪو فيصلو ڪندا آهن سو بڇڙو آهي.“

3-﴿ وَقَالُوا اتَّخَذَ الرَّحْمَٰنُ وَلَدًا ۗ سُبْحَانَهُ ۚ بَلْ عِبَادٌ مُّكْرَمُونَ ﴿٢٦﴾ لَا يَسْبِقُونَهُ بِالْقَوْلِ وَهُم بِأَمْرِهِ يَعْمَلُونَ ﴿٢٧﴾ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ أَيْدِيهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَلَا يَشْفَعُونَ إِلَّا لِمَنِ ارْتَضَىٰ وَهُم مِّنْ خَشْيَتِهِ مُشْفِقُونَ ﴿٢٨﴾ وَمَن يَقُلْ مِنْهُمْ إِنِّي إِلَٰهٌ مِّن دُونِهِ فَذَٰلِكَ نَجْزِيهِ جَهَنَّمَ ۚ كَذَٰلِكَ نَجْزِي الظَّالِمِينَ ﴿٢٩﴾ ﴾ ( الأنبياء )

”۽ چون ٿا تہ الله (پنهنجي لاءِ) اولاد ورتو آهي اهو پاڪ آهي بلڪ (ملائڪ الله جا) سڳورا ٻانها آهن. ڳالهائڻ ۾ ان کان اڳرائي نہ ڪندا آهن. ۽ اهي سندس حڪم موجب ڪم ڪندا آهن. جيڪي سندس اڳيان ۽ جيڪي سندس پويان آهي. سو (الله) ڄاڻندو آهي. ۽ (الله) جنهن کان راضي ٿئي تنهن ڪانسواءِ ٻئي لاءِ سفارش نہ ڪندا آهن. ۽ اهي سندس

خوف کان ڏڄندڙ آهن. ۽ منجھائن جيڪو چوي تہ آئون الله کانسواءِ معبود آهيان تنهن کي دوزخ جي سزا ڏينداسون. ظالمن کي اهڙي ئي سزا ڏيندا آهيون.“

تشريح:- هنن آيتن جو خلاصو ظاهر آهي تہ الله تعالىٰ جو شان اولاد کان مٿي ۽ پاڪ آهي. ۽ ملائڪ ان جا عزت وارا بندا آهن. ۽ ان جي حڪم جا منتظر آهن. ڪنهن هڪ اها دعوىٰ نہ ڪئي آهي تہ آئون معبود آهيان. يا (معاذ الله) آئون الله جو اولاد آهيان. بلڪ انهن لاءِ الله تعالىٰ چوي ٿو تہ جيڪڏهن انهن مان ڪو اهڙي ڳالھ چوندو تہ ان جي جزا جهنم آهي. مگر ان جي باوجود مشرڪ انهن جي پوڄا ڪندا هئا. ۽ الله تعالىٰ سان انهن جي نسبت ڪندا هئا. ۽ نالي جا مسلمان وري تعويذ لکندا آهن. ان ۾ ملائڪن کي پڪاريندا آهن.

مثلاً: تعويذ ۾ لکندا آهن يا جبرائيل يا ميڪائيل يا اسرافيل يا عزرائيل. بلڪ مولوي عبدالعزيز پرهياري ملتاني جي ڪتاب السرالمڪتوم (ص47) ۾ هن طرح تعويذ لکيل آهي :

”عزمت عليكم و اقسمت عليكم بحق ربنا و ربكم يا شيدائيل يا شيحائيل يا شيطائيل يا سكدائيل يا شدنائيل افعلوا كك ... الخ “([1])

” ان طرح چور پڪڙڻ لاءِ ڪڙو ڦيرائيندا آهن. ان ۾ بہ ڪاغذ تہ مٿئين طرح فرشتن جا نالا لکي اهي چنيون ان ۾ وجهي پوءِ ڦيرائيندا آهن. ۽ چور جو نالو ڪڍندا آهن. جنهن مان ڪيترا فتنا نڪرندا آهن. حالانڪ اهي ملائڪ الله جا بندا قطعا راضي نہ آهن تہ سندن عبادت ڪئي وڃي بلڪ قيامت جي ڏينهن انهن کان نفرت جو اظهار ڪندا. جيئن ارشاد آهي تہ:

﴿ قَالُوا۟ سُبْحَـٰنَكَ أَنتَ وَلِيُّنَا مِن دُونِهِم ۖ بَلْ كَانُوا۟ يَعْبُدُونَ ٱلْجِنَّ ۖ أَكْثَرُهُم بِهِم مُّؤْمِنُونَ ﴿٤١﴾ ﴾( سبأ )

”۽ جنهن ڏينهن انهن مڙني (سيني) کي گڏ ڪندو وري ملائڪن کي چوندو تہ (هي) اهي آهن جي اوهان کي پوڄيندا هئا؟ (ملائڪ) چوندا تہ تون پاڪ ذات آهين. تون اسان جو سائين آهين. اسان جو انهن سان ڪو واسطو نہ آهي. بلڪ اهي جنن کي پوڄيندا هئا. جو انهن مان گهڻا ڪين مڃيندڙ هئا.

تشريح:- ثابت ٿيو تہ ملائڪن جي پوڄا بہ شرڪ ۾ داخل آهي. ۽ فرشتا سندن پوڄارين کان بيزار آهن. ۽ قيامت ۾ انهن کي ڪوڙو ڪندا جي انهن ۾ مشڪل ڪشائي ۽ مراد پوري ڪرڻ جي اميد رکن ٿا. بلڪ هن آيت مان صاف ظاهر آهي تہ اها دراصل

---

[1]– كتاب السرالمكتوم ( 47 )

شيطانن جي پوڄا آهي. ڇو ته انهن جي پوڄا دراصل شيطانن جي گمراهه ڪرڻ تي ئي ڪئي وئي آهي. ۽ هو انهيءَ ۾ خوش نه آهن تنهنڪري اها شيطانن جي پوڄا آهي. جيئن فصل پهرين ۾ گذريو.

*-*-*

## فصل ارڙهون

# مشيت ۽ ارادي ۾ شرڪ

الله تعالىٰ جي مشيت ۽ گهر ڪانسواءِ ڪا شيءِ نه ٿي سگهي آهي ۽ نه ٿي سگهندي- نه آسمانن ۾ نه زمينن ۾. چنانچه رسول اللهﷺ پنهنجي ڪنهن هڪ نياڻي کي هيءَ دعا پڙهڻ سيکاري ته:

سُبْحَانَ اللَّهِ وَبِحَمْدِهِ لَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ مَا شَاءَ اللَّهُ كَانَ وَمَا لَمْ يَشَأْ لَمْ يَكُنْ أعلم أن الله على كل شيء قدير وأن الله قد أحاط بكل شيء علما. ([1])

”الله جي لاءِ پاڪائي ۽ حمد آهي ۽ انهيءَ ڪان سواءِ ڪابه طاقت (ڪنهن لاءِ فائدي مند) نه آهي. جيڪو اهو گهري سو ٿيندو، جيڪو نه گهري سو نه ٿيندو. آئون يقين رکان ٿو ته الله تعالىٰ هر شيءِ تي قادر آهي ۽ هر شيءِ کي ان جي علم گهيريو آهي.“ پاڻ فرمايائون ته: جيڪو صبح جو اها دعا پڙهندو ته شام تائين ۽ جي شام جو پڙهندو ته صبح تائين سندس حفاظت ڪئي ويندي.

تشريح :- تنهنڪري انسان تي لازم آهي ته جڏهن به ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري ته ان سان گڏ اِن شاءالله (جيڪڏهن الله گهريو) چوندو ڪري جيئن ارشاد آهي ته:

﴿ وَلَا تَقُولَنَّ لِشَاْيۡءٍ إِنِّي فَاعِلٌ ذَٰلِكَ غَدًا ﴿٢٣﴾ إِلَّآ أَن يَشَآءَ ٱللَّهُۚ وَٱذۡكُر رَّبَّكَ إِذَا نَسِيتَ وَقُلۡ عَسَىٰٓ أَن يَهۡدِيَنِ رَبِّي لِأَقۡرَبَ مِنۡ هَٰذَا رَشَدًا ﴿٢٤﴾ ﴾ ( الكهف )

”۽ ڪنهن ڪم لاءِ ان شاءالله ڪانسواءِ نه چؤ ته آئون هي سڀاڻي ڪندس ۽ جڏهن پنهنجي پالڻهار کي وسارين ( تڏهن تون ان کي) ياد ڪر ۽ چؤ ته سگهوئي منهنجو پالڻهار هن کان به ڏاڍي ويجهي سڌي هدايت ڪندو.“

---

[1]- صحيح وضعيف سنن أبي داود (1 / 760 ) حديث رقم ( 5075 ) ، ضعيف الجامع حديث رقم ( 4125 ) ، سنن أبي داود ( 13 / 270 ) كِتَاب الْأَدَبِ بَاب مَا يَقُولُ إِذَا أَصْبَحَ حديث رقم ( 4413 ) ،

تشريح:- حديث ۾ آيت واضح ڪيو تہ جا ڳالهہ الله جي گُهر ۾ نہ هوندي اها نہ ٿيندي. تنهنڪري الله تعالىٰ جي گُهر ۽ مشيت ۾ ڪنهن بہ مخلوق کي شامل ڪرڻ بہ هڪ قسم جو شرڪ آهي.

هن بابت حديثون لکجن ٿيون:-

عَنْ قُتَيْلَةَ امْرَأَةٍ مِنْ جُهَيْنَةَ أَنَّ يَهُودِيًّا أَتَى النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ إِنَّكُمْ تُنَدِّدُونَ وَإِنَّكُمْ تُشْرِكُونَ تَقُولُونَ مَا شَاءَ اللَّهُ وَشِئْتَ وَتَقُولُونَ وَالْكَعْبَةِ فَأَمَرَهُمْ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا أَرَادُوا أَنْ يَحْلِفُوا أَنْ يَقُولُوا وَرَبِّ الْكَعْبَةِ وَيَقُولُونَ مَا شَاءَ اللَّهُ ثُمَّ شِئْتَ. ([1])

”قتيلة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ: هڪڙو يهودي نبي ﷺ جن وٽ آيو ۽ مسلمانن کي چيائين تہ اوهين بہ الله سان شرڪ ڪريو ۽ شريڪ بڻايو ٿا جو چوندا آهيو تہ جيڪي الله گهريو ۽ تو گهريو ۽ اوهين ڪعبي جو قسم کڻندا آهيو پوءِ رسول الله ﷺ جن انهن کي حڪم ڏنو تہ ڪعبي جو نہ پر ڪعبي جي رب جو قسم کڻندا ڪريو ۽ ايئن چوندا ڪريو تہ جيئن هڪ الله گهريو پوءِ چوي تہ جيڪو تو گهريو.“

تشريح:- غير الله جو قسم کڻڻ بہ شرڪ آهي. جيئن باب-10 فصل-1 ۾ بيان ٿيندو. ان شاء الله تعالىٰ. باقي مشيت ۽ گهر ۾ ڪنهن بہ مخلوق کي الله سان ملائڻ مثلاً جيئن الله ۽ رسول جي مرضي يا ڪي پير چوندا آهن تہ: جيئن الله ۽ ڏاڏي گهريو. اهي سيئي شرڪ جا ڪم آهن بلڪ ڪنهن ڪم بابت ڪنهن کي چوڻو هجي تہ جيئن تنهنجي مرضي، تڏهن بہ الله جي نالي سان ملائي ۽ نہ سندس گُهر ۾ بہ ڪنهن کي شريڪ ڪري بلڪ چوي تہ جيڪا هڪ الله جي گُهر ان کان پوءِ تنهنجي يا منهنجي يا ٻي ڪنهنجي گُهر ۽ مرضي.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ أَنَّ رَجُلًا قَالَ لِلنَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَا شَاءَ اللَّهُ وَشِئْتَ فَقَالَ لَهُ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَجَعَلْتَنِي لِلَّهِ نِدًّا بَلْ مَا شَاءَ اللَّهُ وَحْدَهُ. ([2])

”ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ، هڪڙي شخص رسول الله ﷺ جن کي چيو تہ جيڪي الله گهريو ۽ تو گهريو. پاڻ فرمايائون تہ ڇا تو مون کي الله سان شريڪ بڻايو آهي؟ بلڪ جيڪي هڪ الله تعالىٰ گهريو.“

تشريح :- اها حديث مسند احمد ۾ آهي ان ۾ هي لفظ آهن تہ پاڻ فرمايائون تہ :

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن النسائي ( 8 / 345 ) حديث رقم ( 3773 ) ، سنن النسائي ( 12 / 76 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ الْحَلِفُ بِالْكَعْبَةِ حديث رقم ( 3713 )

[2]- السلسلة الصحيحة ( 1 / 138 ) حديث رقم ( 139 ) ، فتح المجيد شرح كتاب التوحيد ( 420 )

جَعَلْتَنِي لِلَّه عَدْلًا بَلْ مَا شَاءَ اللَّهُ وَحْدَهُ.([1])

”تو مون کي الله سان برابر ڪري ڇڏيو آهي. بلڪ جيڪا هڪ الله جي گهر هوندي.

معلوم ٿيو ته ان طرح الله تعالىٰ جي مرضي ۾ ٻي ڪنهن کي ملائڻ به شرڪ آهي. تنهنڪري ان کان بچڻ گهرجي.“

عَنْ حُذَيْفَةَ بْنِ الْيَمَانِ أَنَّ رَجُلًا مِنْ الْمُسْلِمِينَ رَأَى فِي النَّوْمِ أَنَّهُ لَقِيَ رَجُلًا مِنْ أَهْلِ الْكِتَابِ فَقَالَ نِعْمَ الْقَوْمُ أَنْتُمْ لَوْلَا أَنَّكُمْ تُشْرِكُونَ تَقُولُونَ مَا شَاءَ اللَّهُ وَشَاءَ مُحَمَّدٌ وَذَكَرَ ذَلِكَ لِلنَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ أَمَا وَاللَّهِ إِنْ كُنْتُ لَأَعْرِفُهَا لَكُمْ قُولُوا مَا شَاءَ اللَّهُ ثُمَّ شَاءَ مُحَمَّدٌ. ([2])

”حذيفه بن يمان رضي الله عنه کان روايت آهي ته: مسلمانن مان ڪنهن شخص خواب ۾ ڏٺو ته اهل ڪتاب وارن مان ڪنهن شخص سان مليو آهي. جنهن کيس چيو ته اوهين ڏاڍي سٺي قوم آهيو، پر هوند شرڪ نه ڪريو جو اوهين چوندا آهيو ته جيڪي الله ۽ محمد (ﷺ) گهريو، پوءِ انهيءَ جو ذڪر رسول الله ﷺ جن سان ڪيائين. پاڻ فرمايائون ته مون کي اڳي خبر هئي (ته اهو وڏو ڏوهه جهڙو ڪلام آهي) اوهين هيئن چوندا ڪريو ته جيڪي الله گهريو پوءِ محمد ﷺ گهريو.

<u>تشريح</u> :- هن حديث مان ثابت ٿيو ته الله جي مشيت ۽ گهر ۾ ڪو به شريڪ نه آهي ۽ مشيت ۽ ارادو الله جي صفت آهي جنهن ۾ ٻئي کي ڀائيوار ڪرڻ شرڪ جو ڪم آهي چو ته خود ڪنهن به مخلوق جي گهر ۽ چاهت الله جي گهر کان سواءِ نه ٿيندي.

ارشاد آهي ته :

﴿وَمَا تَشَآءُونَ إِلَّآ أَن يَشَآءَ ٱللَّهُ رَبُّ ٱلْعَٰلَمِينَ ٢٩﴾ ( التكوير )

”۽ جهانن جي پالڻهار الله جي گهر کانسواءِ (ٻيو) اوهين ڪجھ نه گهري سگهندؤ.“

<u>خلاصه</u> : هنن آيتن ۽ حديثن مان معلوم ٿيو ته اهو عام طرح جاهلن جو چوڻ غلط آهي ته فلاڻي بزرگ الله جي مرضي يا ارادي کي بدلائي يا مٽائي ڇڏيو. الله تعاليٰ جي ارادي کي ڪو به بدلائي نه ٿو سگهي.

جيئن ارشاد آهي ته :

﴿وَإِذَآ أَرَادَ ٱللَّهُ بِقَوْمٍ سُوٓءًا فَلَا مَرَدَّ لَهُۥ ۚ وَمَا لَهُم مِّن دُونِهِۦ مِن وَالٍ ١١﴾ ( الرعد )

---

[1]- السلسلة الصحيحة ( 3 / 167 ) حديث رقم ( 1093 ) ، مسند أحمد ( 1 / 283 ) حديث رقم ( 2430 )

[2]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن ابن ماجة ( 5 / 118 ) حديث رقم ( 2118 ) ، سنن ابن ماجه ( 6 / 325 ) كِتَاب الْكَفَّارَاتِ بَاب النَّهْيِ أَنْ يُقَالَ مَا شَاءَ اللَّهُ وَشِئْتَ حديث رقم ( 2109 )

”۽ جڏهن الله ڪنهن قوم جي مدائيءَ جو ارادو ڪندو آهي ته، ان جي لاءِ ٽرڻ جي ڪا صورت نه آهي ۽ نڪي انهن جو الله ڪان سواءِ ڪو مددگار آهي.“

﴿قُلْ أَفَرَءَيْتُم مَّا تَدْعُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ إِنْ أَرَادَنِيَ ٱللَّهُ بِضُرٍّ هَلْ هُنَّ كَـٰشِفَـٰتُ ضُرِّهِۦٓ أَوْ أَرَادَنِى بِرَحْمَةٍ هَلْ هُنَّ مُمْسِكَـٰتُ رَحْمَتِهِۦ ۚ قُلْ حَسْبِىَ ٱللَّهُ ۖ عَلَيْهِ يَتَوَكَّلُ ٱلْمُتَوَكِّلُونَ ﴿٣٨﴾﴾ ( الزمر )

”تون چؤ اي نبي ﷺ! ته: الله ڪانسواءِ جن کي سڏيندا آهيو تن کي ڏسو (ته سهي) جيڪڏهن الله مون کي ڪا ڏکيائي پهچائڻ گهري ته ڇا اهي ان جي (پهچايل) ڏکيائي جي لاهڻ وارا آهن؟ يا مون کي سک (پهچائڻ) گهري ته ڇا اهي (سندن معبود) سندس (پهچايل) سک بند ڪرڻ وارا آهن؟ (يعني سندن ڪو جواب ان لاءِ ڪونهي) تون (کين) چؤ ته مون کي الله ڪافي آهي ۽ ڀروسو ڪندڙ مٿس ئي ڀروسو ڪندا آهن.“

**الغرض**: سڀ ڳالهيون الله جي هٿ سا ٿينديون آهن. جيئن ارشاد آهي ته:

﴿يَغْفِرُ لِمَن يَشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَن يَشَآءُ . . . ﴾ ( آل عمران )

” جنهن لاءِ گهري ته ان کي بخشي ۽ جنهن لاءِ گهري ته ان لاءِ عذاب ڪري.“

﴿ ٱللَّهُ يَبْسُطُ ٱلرِّزْقَ لِمَن يَشَآءُ مِنْ عِبَادِهِۦ وَيَقْدِرُ لَهُۥٓ . . . ﴿٦٢﴾﴾ ( العنكبوت )

”الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ گهري رزق ڪشادو ڪري ۽ جنهن لاءِ گهري تنهن لاءِ تنگ ڪري.“

﴿ قُلِ ٱللَّهُمَّ مَـٰلِكَ ٱلْمُلْكِ تُؤْتِى ٱلْمُلْكَ مَن تَشَآءُ وَتَنزِعُ ٱلْمُلْكَ مِمَّن تَشَآءُ وَتُعِزُّ مَن تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَن تَشَآءُ ۖ بِيَدِكَ ٱلْخَيْرُ ۖ إِنَّكَ عَلَىٰ كُلِّ شَىْءٍ قَدِيرٌ ﴿٢٦﴾﴾ ( آل عمران )

”چؤ ته اي الله! ملڪ جا مالڪ جنهن کي گهرين تنهن کي بادشاهي ڏين جنهن کان گهرين تنهن کان بادشاهي کسين. ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي عزت وارو ڪرين. ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي ذليل ڪرين. تنهنجي هٿ ۾ ئي سڀ چڱايون آهن ڇو ته تون سڀ شيءِ تي قدرت وارو آهين.“

﴿وَيَتُوبُ ٱللَّهُ عَلَىٰ مَن يَشَآءُ ۗ وَٱللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿١٥﴾﴾ ( التوبة )

”۽ الله جنهن لاءِ گهرندو تنهن تي ٻاجهه سان موٽندو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.“

﴿يُؤْتِى ٱلْحِكْمَةَ مَن يَشَآءُ ۚ . . . ﴿٢٦٩﴾﴾ ( البقرة )

”جنهن لاءِ الله تعالىٰ گهري ان کي دانائي بخشي.“

﴿يُنَزِّلُ بِقَدَرٍ مَّا يَشَآءُ . . . ﴿٢٧﴾﴾ ( الشورى )

”جيتري قدر گهري تہ رزق نازل فرمائي.“

﴿مَن يَشَإِ ٱللَّهُ يُضۡلِلۡهُ وَمَن يَشَأۡ يَجۡعَلۡهُ عَلَىٰ صِرَٰطٖ مُّسۡتَقِيمٖ ﴿٣٩﴾﴾( الأنعام )

”الله تعالىٰ جنهن کي گهري تہ گمراهہ ڪندو آهي ۽ جنهن کي گهري تہ هدايت ڪندو ۽ سنئين راهہ تي هلائيندو آهي.“

﴿لِّلَّهِ مُلۡكُ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِۚ يَخۡلُقُ مَا يَشَآءُۚ يَهَبُ لِمَن يَشَآءُ إِنَٰثٗا وَيَهَبُ لِمَن يَشَآءُ ٱلذُّكُورَ ﴿٤٩﴾ أَوۡ يُزَوِّجُهُمۡ ذُكۡرَانٗا وَإِنَٰثٗاۖ وَيَجۡعَلُ مَن يَشَآءُ عَقِيمًاۚ إِنَّهُۥ عَلِيمٞ قَدِيرٞ ﴿٥٠﴾﴾ ( الشورى )

”آسمانن ۽ زمينن جي بادشاهي خاص الله جي آهي جيڪي گُهري (سو) خلقيندو آهي. جنهن کي گهري (تنهن کي) ڌيئرون بخشيندو آهي. ۽ جنهن کي گهري (تنهن کي) پُٽَ بخشيندو آهي. يا ڪين پُٽَ ۽ ڌيئرون گڏ ڏيندو آهي. ۽ جنهن کي گهري (تنهن کي) سَنڍُ يعني بي اولاد ڪندو آهي. بيشڪ اهو ڄاڻندڙ قدرت وارو آهي.“

﴿يَهۡدِي ٱللَّهُ لِنُورِهِۦ مَن يَشَآءُ . . . ﴿٣٥﴾﴾ ( النور )

”الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي پنهنجي نور سان سڌو رستو ڏيکاريندو آهي.“

﴿وَٱللَّهُ يُؤَيِّدُ بِنَصۡرِهِۦ مَن يَشَآءُۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَعِبۡرَةٗ لِّأُوْلِي ٱلۡأَبۡصَٰرِ ﴿١٣﴾﴾ آل عمران: ١٣

”۽ الله جنهن کي گهري (تنهن کي) پنهنجي مدد سان قوت ڏيندو آهي، چو تہ ان ۾ (سمجهہ جي) اکين وارن لاءِ وڏي عبرت آهي.“

﴿إِنَّ ٱللَّهَ يَفۡعَلُ مَا يَشَآءُ . . . ﴿١٨﴾﴾ ( الحج )

”الله جيڪي گهرندوآهي سو ڪندو آهي.“

خلاصہ: هنن آيتن جو هي آهي تہ هرڪم ۽ هر ڳالهہ ننڍي يا وڏي، ڳجهي يا پڌري هڪ الله جي ارادي ۽ مرضي سان ٿئي ٿي. ان ۾ ٻئي ڪنهن مخلوق جو دخل نہ آهي بلڪ مخلوق جي ڪمن ۾ الله جي ارادي جو دخل آهي. انهيءَ جي مرضي ڪانسواءِ نہ ڪنهن جي ڪوشش بار آور ٿئي ۽ نہ ڪنهن جي محنت ڪامياب وڃي مثلاً: ڪيتي ۾ ساري محنت هاري ڪري ٿو، زمين کي هر ۽ ڪيڻ ڏيئي ناهڻ، سنو ٻج وٺي ڇٽڻ، پاڻي حفاظت سان ڏيڻ ۽ لڻڻ، ڳاهڻ ۽ وارو ڪرڻ ۽ سنيالڻ، جهار هڪلڻ وغيره ان هوندي بہ الله گهري تہ ان کي برباد ڪري ڇڏي.

جيئن ارشاد آهي تہ:

﴿ لَوْ نَشَآءُ لَجَعَلْنَـٰهُ حُطَـٰمًا فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُونَ ﴿٦٥﴾ إِنَّا لَمُغْرَمُونَ ﴿٦٦﴾ بَلْ نَحْنُ مَحْرُومُونَ ﴿٦٧﴾ ﴾ ( الواقعة )

”جيڪڏهن گهرون ته ان کي ناس ڪري ڇڏيون پوءِ اوهين حيرت ۾ رهجي وڃو (۽ پيا چئو ته) بيشڪ اسين خساري ۾ پئجي وياسون، بلڪ اسين بي نصيب آهيون.

ان طرح پاڻي ڪيڏي ضروري ۽ قيمتي شيءِ آهي ۽ ڪيڏي محنت سان کوھ کوٽي پاڻي ڪڍيو وڃي ٿو ۽ ڪيڏا خرچ ڪرائي نل لڳايا وڃن ٿا مگر (پر) پوءِ الله چاهي ته پاڻي کي کارو ڪري ڇڏي ۽ ساري محنت برباد ٿي وڃي.“

جيئن ساڳي سورت ۾ ارشاد آهي ته:

﴿ لَوْ نَشَآءُ جَعَلْنَـٰهُ أُجَاجًا فَلَوْلَا تَشْكُرُونَ ﴿٧٠﴾ ﴾ ( الواقعة )

”جيڪڏهن گهرون ته ان (پاڻي) کي کارو ڪري ڇڏيون،پوءِ توهان شڪر ڇو نٿا ڪريو.“ تنهن ڪري الله جي ارادي گهر ۽ مشيت ۾ ڪو شريڪ نه آهي، نه ان ۾ ڪو دخل ڏيئي سگهي ٿو. تنهن ڪري ان صفت ۾ ڪنهن مخلوق کي ملائڻ شرڪ ۽ حرام ڪم آهي.

*-*-*

## فصل اوڻيهون

# محبت ۾ شرڪ

الله تعالیٰ جي محبت ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻو نه آهي. جيئن ارشاد آهي ته:

﴿ وَمِنَ ٱلنَّاسِ مَن يَتَّخِذُ مِن دُونِ ٱللَّهِ أَندَادًا يُحِبُّونَهُمْ كَحُبِّ ٱللَّهِ ۖ وَٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓا۟ أَشَدُّ حُبًّا لِّلَّهِ ۗ وَلَوْ يَرَى ٱلَّذِينَ ظَلَمُوٓا۟ إِذْ يَرَوْنَ ٱلْعَذَابَ أَنَّ ٱلْقُوَّةَ لِلَّهِ جَمِيعًا وَأَنَّ ٱللَّهَ شَدِيدُ ٱلْعَذَابِ ﴿١٦٥﴾ ﴾( البقرة )

”ماڻهن مان ڪي اهڙا آهن جي الله تعالیٰ سان شريڪ بڻائين ٿا (هن طرح) جو انهن سان اهڙي محبت رکن ٿا جيئن الله سان محبت رکڻ گهرجي ۽ جيڪي ايمان وارا آهن سي سڀ کان زياده محبت الله سان ڪندڙ آهن. (يعني ان سان محبت ۾ ٻئي ڪنهن کي شريڪ نه ڪندا آهن) ۽ اهڙا ظالم جڏهن عذاب ڏسندا ته ڄاڻندا ته واقعي ساري جي ساري قوت الله کي آهي ۽ الله تعالیٰ سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي.“

تشريح:- عام طرح غير الله، نبين يا ولين کي پڪارڻ وارا اهو عذر پيش ڪندا آهن ته اسين انهن جي پوڄا نه ٿا ڪريون ۽ نه انهن کي مشڪل ڪشا سمجهي پڪاريون ٿا. بلڪ محبت کان پڪاريون ٿا. مگر اهو ئي شرڪ آهي ڇو جو ان قسم جي محبت هڪ الله جي شايان شان آهي، ليڪن ڪيترا مريد پيرن جي محبت ۾ اهڙا

گرفتار هوندا آهن، جو انهن جي تعظيم ان طرح ڪندا آهن جا هڪ الله تعالىٰ ڪي جڳائي انهن جي آڏو ڪنڌ جهڪائيندا آهن ۽ انهن جي هر ڳالهه ڪي شريعت ڄاڻندا آهن ۽ محبت ۾ اهڙا فنا هوندا آهن جو اعتقاد رکندا آهن تہ اسان جو پير سؤ ڪوهہ تي سڏ ٻڌي ٿو ۽ ڪي پنهنجي امامن جي قول ڪي شريعت وانگر واجب الاتباع ڄاڻندا آهن حالانڪ اهڙي محبت مسلمان ڪي هڪ الله سا هئڻ ڪپي ۽ مؤمن جو اهو شان آهي تہ ان جي سڀ ڪان زياده محبت پنهنجي خالق حقيقي سان هوندي آهي. انهن جي تعظيم ۾ ڪنهن ٻي مخلوق ڪي شريڪ نہ ڪندا آهن. حافظ ابن القيم مدارج السالڪين (3/ 14–13 ) ۾ فرمائي ٿو تہ: الله تعالىٰ هن آيت ۾ خبر ڏني ٿو تہ، جنهن شخص ڪنهن مخلوق سان الله جهڙي محبت ڪئي تہ ان ڪيس الله سان شريڪ بنايو ۽ اهو مشرڪ خالقيت يا ربوبيت ۾ نہ آهي، بلڪ خاص محبت ۽ تعظيم ڪرڻ ۾ ۽ اهڙن ماڻهن جي مذمت هن ڪري ڪيل آهي جو انهن مسلمانن وانگر پنهنجي محبت خالص الله تعالىٰ سان نہ ڪئي آهي بلڪ ٻين ڪي الله تعالىٰ سان (پڪاريندي ۽ انهن جي آڏو جهڪندي) برابر ڪن ٿا. جيئن خود قيامت ۾ پنهنجي گمراهي جو اقرار ڪندي پنهنجن محبوبن جن ڪي الله تعالىٰ سان شريڪ بنايو اٿن، انهن ڪي چوندا تہ:

﴿ تَٱللَّهِ إِن كُنَّا لَفِى ضَلَـٰلٍ مُّبِينٍ ﴿٩٧﴾ إِذْ نُسَوِّيكُم بِرَبِّ ٱلْعَـٰلَمِينَ ﴿٩٨﴾ ﴾ ( الشعراء )

”الله جو قسم آهي اسين تہ پڌري گمراهيءَ ۾ هئاسون جو اوهان ڪي جهانن جي پالڻهار سان برابر ٿي ڪيوسين.“

ظاهر آهي تہ انهن پنهنجي معبودن ۽ درگاهن ڪي الله تعالىٰ سان خالقيت يا ربوبيت ۾ برابر نہ ڪيو هو، بلڪ محبت ۽ تعظيم ۾ برابر ڪيائون ٿي. الله تعالىٰ مسلمانن ڪي پنهنجي خالص محبت نصيب فرمائي.

*-*-*

<u>فصل ويهون</u>

## خوف ۽ اميد جي بيان ۾

مؤمن جو ايمان بين الرجاء والخوف (اميد ۽ خوف جي وچ ۾) آهي. هڪ طرف الله ڪان ڊڄندو تہ متان مون ڪان ڪا سندس نافرماني نہ ٿئي ۽ ٻئي طرف پنهنجي هر مشڪل ۽ حاجتن بابت انهيءَ هڪ الله ۾ اميد رکي ٿو ۽ اهو ئي اسان ڪي حڪم آهي. جيئن ارشاد آهي تہ:

﴿وَٱدْعُوهُ خَوْفًا وَطَمَعًا ۚ إِنَّ رَحْمَتَ ٱللَّهِ قَرِيبٌ مِّنَ ٱلْمُحْسِنِينَ ﴿٥٦﴾﴾ ( الأعراف )

”پنهنجي الله کي ان کان ڊڄي ۽ ان ۾ اميد ۽ طمع رکي کيس سڏيندا ڪريو، بيشڪ الله جي رحمت نيڪو ڪارن کي ويجهو آهي.“ هو ئي طريقو الله تعالىٰ جي نبين عليهم السلام جن جو هو. جيئن ارشاد آهي تہ:

﴿إِنَّهُمْ كَانُوا۟ يُسَٰرِعُونَ فِى ٱلْخَيْرَٰتِ وَيَدْعُونَنَا رَغَبًا وَرَهَبًا ۖ وَكَانُوا۟ لَنَا خَٰشِعِينَ ﴿٩٠﴾﴾( الأنبياء )

”۽ اهي (نبي سڀ ڳورا عليهم السلام) چڱاين ۾ اڳرائي ڪندا هئا ۽ اسان کي اميد رکي ۽ ڊڄندي پڪاريندا هئا.“

نيز الله کان بي خوف رهڻ مسلمانن جو ڪم نہ آهي. جيئن ارشاد آهي تہ:

﴿مَكْرَ ٱللَّهِ ۚ فَلَا يَأْمَنُ مَكْرَ ٱللَّهِ إِلَّا ٱلْقَوْمُ ٱلْخَٰسِرُونَ ﴿٩٩﴾﴾ ( الأعراف )

”الله جي رٿ ۽ تجويز کان ڇو بي ڊپا ٿيا آهن؟ جو خساري واري قوم کان سواءِ (ٻيو) ڪو بہ الله جي رٿ ۽ تجويز کان بي خوف نہ ٿيندو آهي.“

ان طرح الله تعالىٰ کان نا اميد ڪافر ٿيندا آهن جيئن ارشاد آهي تہ:

﴿إِنَّهُۥ لَا يَا۟يْـَٔسُ مِن رَّوْحِ ٱللَّهِ إِلَّا ٱلْقَوْمُ ٱلْكَٰفِرُونَ ﴿٨٧﴾﴾ ( يوسف )

”بلاشڪ الله جي رحمت کان ڪافر قوم کان سواءِ ٻيو ڪو نا اميد نہ ٿيندو آهي.“

﴿قَالَ وَمَن يَقْنَطُ مِن رَّحْمَةِ رَبِّهِۦٓ إِلَّا ٱلضَّآلُّونَ ﴿٥٦﴾﴾ ( الحجر )

”ابراهيم عليه السلام چيو تہ: پنهنجي پالڻهار جي رحمت کان گمراهن کان سواءِ (ٻيو) ڪير نااميد نہ ٿيندو.“

تشريح:- يعني مومن هميشہ پنهنجي رب کان ڊڄندو رهندو تہ متان مون کان ڪا اهڙي حرڪت سرزد ٿئي جا الله جي غضب جو باعث بنجي. تنهن ڪري هو هميشہ انهيءَ خيال ۾ رهندو تہ منهنجو مالڪ جل شانہٗ مون سان شل راضي رهي پوءِ پلي ساري دنيا ناراض ٿي وڃي، ۽ ٻئي طرف ان کي الله ۾ ايڏو يقين ۽ پختي اميد هوندي آهي تہ آئون کهڙو بہ گنهگار آهيان. پر منهنجو مالڪ وڏو مهربان، وڏا وڏا گناهہ ۽ بار بار بخشيندڙ آهي، تنهن ڪري آئون سندس در تي ويندس تہ ڪڏهن بہ خالي نہ موٽندس.

چنانچہ زڪريا عليه السلام جي دعا آهي تہ :

﴿وَلَمْ أَكُنۢ بِدُعَآئِكَ رَبِّ شَقِيًّا ﴿٤﴾﴾ ( مريم )

”اي منهنجا پالڻهار! توکي سڏڻ کان نااميد ۽ بدبخت نہ ٿيو آهيان.“

تنهن ڪري انهيءَ پختي يقين جي ڪري، الله جي درگاهه ڪان سواءِ ٻي درگاهه تي نه ويندو آهي. شيطان سڀ ڪان پهريائين انسان کي الله تعالىٰ کان نااميد بنائي ٻين جي دروازن تي وٺي ويندو آهي ۽ ٻئي طرف انهن کي الله کان بي خوف بڻائيندو ۽ ٻين پيرن ۽ فقيرن ۽ انهن جي درگاهن کان ڊيڄاري، پوءِ انهن تي حاضري ڀرائيندو آهي. انهيءَ ڪري، پوڄارين جو اهو حال آهي جو مئن جي درگاهه ۽ قبن، چوڪندين، نيلن بلڪ چارديوارين ۽ جيڪي انهيءَ حد ۾ وڻ ٻوڪيل آهن تن سڀن کان ڊڄندا آهن. پوءِ ڊپ کان ڪنهن وڻ جي ٽاري نه ڀنجندا يا ڏنڊڻ نه ڪندا ته متان پير، تنگ يا ٻانهن ڀڃي يا وات سڄائي ڇڏي. حالانڪ اهي سيئي وڻ ۽ ٻيون شيون الله تعالىٰ اسان جي لاءِ خلقيون آهن ته اسين انهن مان نفعو وٺون. پوءِ سوچ ڪرڻ کپي ته جڏهن اهي شيون حي القيوم جل شانه اسان جي لاءِ خلقيون آهن، پوءِ مئا وري جي پنهنجي جان جا مالڪ نه آهن سي وري ڪيئن ٿا اسان کي روڪين ۽ انهن مان نفعي وٺڻ تي نقصان رسائي سگهن. ڪيڏو نه شيطان انسان کي گمراهه ڪيو آهي ۽ ٻئي طرف وري انهن کي دل ۾ هي عقيدو وجهندو ته انهن وڻن ۾ برڪت ۽ شفاء آهي پوءِ انهن جا پن ۽ ڇوڏا پٽي ڳچيءَ ۾ وجهندا آهن. انهيءَ مهل اهو خيال ڪونه ٿو ٿئين ته ٽاري يا پنن جي پٽڻ تي پير اسان جو ڪنڌ ڀڃندو!! انهيءَ طرح شيطان انهن کي بيوقوف بنائي ڪيڏ ڪيڏي ٿو. حالانڪ الله جي نبين عليهم السلام هميشه الله کان ڊيڄاريو، نه ڪ پاڻ کان. جيئن قرآن ۾نوح، هود، صالح، لوط ۽ شعيب عليهم السلام پنهنجي قوم کي ان طرح سمجهايو ته: ﴿ فَٱتَّقُواْ ٱللَّهَ وَأَطِيعُونِ ﴿١٠٨﴾ ﴾ (الشعراء)

”يعني هڪڙي الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو.“

۽ ڪڏهن به الله پنهنجي ولي کان نه ڊيڄاريو بلڪ پاڻ کان ڊيڄاريو اٿس.

جيئن ارشاد آهي ته: ﴿ وَقَالَ ٱللَّهُ لَا تَتَّخِذُوٓاْ إِلَٰهَيۡنِ ٱثۡنَيۡنِۖ إِنَّمَا هُوَ إِلَٰهٞ وَٰحِدٞ فَإِيَّٰيَ فَٱرۡهَبُونِ ﴿٥١﴾ وَلَهُۥ مَا فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِ وَلَهُ ٱلدِّينُ وَاصِبًاۚ أَفَغَيۡرَ ٱللَّهِ تَتَّقُونَ ﴿٥٢﴾ ﴾ (النحل)

”۽ الله فرمايو آهي ته اوهان ٻه اله ڪري نه وٺو. ان هڪ الله کانسواءِ ٻيو ڪو به عبادت جو لائق نه آهي. تنهنڪري اوهان خاص مونکان ڊڄندا رهو. جيڪي آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو سندس آهي ۽ ان جي عبادت سدائين (لازمي) ۽ ان جو قانون قائم دائم آهي، پوءِ الله کانسواءِ ٻين کان ڇو ڊڄندا آهيو؟“

برخلاف ان جي شيطان پنهنجي ولين کان ماڻهن کي ڊڄاريندو آهي.

جيئن ارشاد آهي تہ :

﴿ إِنَّمَا ذَٰلِكُمُ ٱلشَّيْطَٰنُ يُخَوِّفُ أَوْلِيَآءَهُۥ فَلَا تَخَافُوهُمْ وَخَافُونِ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٧٥﴾ ﴾ ( آل عمران )

”اهو ئي شيطان آهي. جو پنهنجن ولين ۽ دوستن کان ڊيڄاريندو آهي. پوءِ توهان انهن کان نہ ڊڄو بلڪ جڏهن مومن آهيو تہ صرف مون کان ڊڄو.“

تشريح :- هن آيت بابت سلف کان ٻہ معنائون منقول آهن. هڪ تہ شيطان پنهنجن ولين کان ڊيڄاريندو آهي. (جيئن ترجمي ۾ لکيو ويو آهي تہ) ان طرح ابن عباس ۽ ابن مسعود رضي الله عنهما ۽ قتاده ۽ مجاهد سالم الافطس، ابو مالڪ، عڪرمہ ابن اسحاق ۽ ابراهيم نخعي کان منقول آهي. ۽ ٻي معنیٰ هي آهي تہ شيطان پنهنجن دوستن کي ڊيڄاريندو آهي. جيئن حسن بصري ۽ سدي کان مروي آهي.(تفسير ابن جرير.173/4-174)

۽ عام مفسر اهي ٻئي قول نقل ڪن ٿا. جيئن ابن جرير (صفحہ مذڪور) ۾ ۽ قرطبي (282/4) ۽ الڪشاف (443/1) وغيره ۽ روح المعاني (115/4) ۾ پهرئين قول بابت لکي ٿو تہ: اڪثر مفسرين جو اهو ئي چوڻ آهي ۽ استاد زجاج ۽ ابو علي فارسي بہ ائين چون ٿا ۽ آيت جو اڳيو حصو انهيءَ جي تائيد ڪري ٿو. ﴿فَلَا تَخَافُوهُمْ﴾ يعني انهن کان نہ ڊڄو، جن کان توهان کي ڊيڄاري ٿو ۽ انهيءَ قول مطابق مطلب هي ٿيو تہ، شيطان پنهنجن ولين کان ڊيڄاري، انهن جو پوڄاري يا زيردست بنائيندو آهي. جيئن اڄڪلہ ماڻهن جي دل ۾ مئن جوڊپ ۽ هراس وينل آهي. اها سڀ شيطان جي شرارت آهي. ٻي قول مطابق شيطان صرف پنهنجي دوستن ۽ پوءِ لڳن کي ڊيڄاري سگهي ٿو ۽ انهن کي شرڪ ۽ ٻين ڪيترين بيمارين ۾ مبتلا ڪري ٿو. مگر جيڪي خالص مومن آهن سي تڏهن بہ سندس ڌمڪين ۽ دڙڪن جو شڪار نہ ٿيندا آهن. هن آيت مان اهوظاهر ٿيو تہ مومن کي شيطان کان يا جن کان کو ڊيڄاري تہ هرگز نہ ڊڄڻ گهرجي ۽ شيطان جي انهيءَ وهم کان بہ بچڻ گهرجي جو ٻين جا آسرا اميدون ڏياريو انهن جي درگاهن تي گمراهہ ڪري آڻي ٿو.

<u>الحاصل</u>: بظاهر ڪيترين شين کان خوف ٿئي ٿو مثلاً دشمنن يا چورن کان ۽ ڦاڙيندڙ جانورن کان، مگر اهو خوف هتي مراد نہ آهي. بلڪ اهو خوف مراد آهي، جيڪو انسان کي ڪنهن جو بندو يا ٻانهو بڻائي، سو اهو خوف ۽ اهڙي اميد صرف هڪ الله ۾ ٿي سگهي ٿي. ان ۾ ٻئي ڪنهن کي ڀائيوار ڪرڻ بہ شرڪ جو ڪم آهي.

*-*-*

## باب ڏهون

# عادت طور شرڪ

عام ماڻهن ۾ ڪي اهڙيون عادتون مروج آهن، جن ڪي هو ڪاشيءِ نہ ٿا سمجهن مگر اهي خود شرڪ جا ڪم آهن.

مثلاً:- جيئن گذريل باب-9 جي فصل-18 ۾ مشيت جي بيان ۾ گذريو تہ، ماڻهو الله جي گهر سان ٻين جي گهر ملائيندا آهن. اها عادت خود شرڪيہ ۽ فصل-19 ۾ بہ بيان ٿيوآهي تہ الله سان محبت ۾ بيان ٿيو آهي تہ الله سان محبت ۾ ٻين کي شريڪ ڪندا آهن ۽ يارسول الله ۽ ياشيخ عبدالقادر جيلاني، ياعلي وغيره قسم جون پڪارون ڪندا آهن، اها عادت انهن ۾ عام آهي. ان لاءِ چوندا آهن تہ اسين انهن کي الله سان شريڪ ڪونہ ٿا ڪريون بلڪ محبت ڪان پڪاريون ٿا. ان جي پوري طرح ترديد ڪئي ويئي آهي.

*-*-*

هن باب ۾ ارڙهن فصل آهن

## فصل پهريون

# غيرالله جي قسم کڻڻ جي باري ۾

ان طرح عام عادت اها بہ آهي جو غيرالله جو قسم کڻندا آهن.

مثلاً: ڪڏهن رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو، ڪڏهن پيرن ۽ انهن جي درگاهن جو، جيئرن ۽ مئن جو، قبن ۽ قبرن جو، تہ ڪڏهن مسجدن جو، ڪڏهن ڪعبي جو، ۽ ٻين بہ ڪيترن بزرگن جو قسم کڻندا آهن، حالانڪ الله ڪانسواءِ ٻئي جو قسم کڻڻ بہ شرڪ آهي. هن بابت ڪجه حديثون ٿيون.

حديث 1 : عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ أَلَا إِنَّ اللَّهَ يَنْهَاكُمْ أَنْ تَحْلِفُوا بِآبَائِكُمْ مَنْ كَانَ حَالِفًا فَلْيَحْلِفْ بِاللَّهِ أَوْ لِيَصْمُتْ. ([1])

”ابن عمر ﷛ ڪان روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ: الله تعاليٰ توهان کي پنهنجن پيَرن جي قسمن کڻڻ کان منع فرمائي ٿو ۽ جنهن کي بہ قسم کڻڻو هجي، اهو هڪ الله جو قسم کڻي ورنہ خاموش رهي.“

---

[1]- صحيح البخاري ( 20 / 328 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ بَاب لَا تَحْلِفُوا بِآبَائِكُمْ حديث رقم ( 6155 ) ، صحيح مسلم ( 8 / 436 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ بَاب النَّهْيِ عَنْ الْحَلِفِ بِغَيْرِ اللَّهِ تَعَالَى حديث رقم ( 3105 )

حديث 2 : عَنْ عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ سَمُرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا تَحْلِفُوا بِالطَّوَاغِي وَلَا بِآبَائِكُمْ. ([1])

”عبد الرحمان بن سمره ﷺ كان روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ طاغوتن (جن جي الله كانسواءِ پوڄا ڪئي وڃي ٿي) جا قسم نہ کڻو ۽ نہ پنهنجي پيرن جا.“

حديث 3 : عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ عَنْ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ مَنْ حَلَفَ فَقَالَ فِي حَلِفِهِ بِاللَّاتِ وَالْعُزَّى فَلْيَقُلْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَمَنْ قَالَ لِصَاحِبِهِ تَعَالَ أُقَامِرْكَ فَلْيَتَصَدَّقْ. ([2])

”ابو هريرة رضي الله عنه كان روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ: جنهن شخص لات ۽ عزىٰ جو قسم کنيو تہ اهو لا اله الا الله چوي ۽ جو ڪنهن شخص کي چوي تہ اچ تہ توسان جوا کيڏيان تہ (ايتري چوڻ جي ڪفاري ۾) صدقو ۽ خيرات ڪري.“

تشريح :- لات هڪ بزرگ هو جو حاجين جي لاءِ سَتو ناهيندو هو. جئين بخاري(21/2_ 720) ۾ ابن عباس رضي الله عنهما جو فرمان موجود آهي. مشرڪ ان جي پوڄا ڪندا هئا ۽ مڪہ معظمہ جي فتح ٿيڻ بعد رسول الله صلي عليه وسلم جن مغيره بن شعبه ۽ ابو سفيان صخر بن حرب رضي الله عنهما کي طائف ڏانهن موڪليو جن ان جي درگاه کي ڊاهي مسمار ڪري ان تي مسجد بنائي ۽ عزىٰ هڪ مشهور بيبي هئي. جنهنجي درگاه ناهي مشرڪ انجي پوڄا ڪندا هئا سنن نسائي ۾ واقعو آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم فتح مڪہ كان بعد خالد بن وليد رضي الله عنه کي ان طرف موڪليو اتي پهتو ڪجين جي وچ ۾ هڪ گهر ٺهيل هو، انهيءَ گهر کي ڊاٺائين ۽ ڪجين جا وڻ وڍي ڇڏيائين. پوءِ اچي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي خبر ڏنائين پاڻ فرمايائون تہ: تو اجا ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي وري واپس وڃ ۽ عزىٰ کي ختم ڪر. پوءِ جڏهن هي ويو تہ ڪيس ان جي مجاورن ۽ خادمن ڏٺو تہ اهي يا عزىٰ يا عزىٰ ڪري پڪارڻ لڳا، ان طرح خالد رضي الله عنه اڳتي وڌيو تہ هڪ اگهاڙي عورت ڏٺائين، جنهنجا وار ڪنڌيل هئا پنهجي مٿي تي مٽي وسائي رهي هئي، پوءِ ان کي تلوارهڻي قتل ڪيائين. پوءِ اچي رسول الله

[1]- صحيح مسلم ( 8 / 440 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ بَاب مَنْ حَلَفَ بِاللَّاتِ وَالْعُزَّى فَلْيَقُلْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ حديث رقم ( 3108 )

[2]- صحيح البخاري ( 20 / 333 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ بَاب لَا يُحْلَفُ بِاللَّاتِ وَالْعُزَّى وَلَا بِالطَّوَاغِيتِ حديث رقم ( 6159 ) ، صحيح مسلم (8 / 439) كِتَاب الْأَيْمَانِ بَاب مَنْ حَلَفَ بِاللَّاتِ وَالْعُزَّى فَلْيَقُلْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ حديث رقم ( 3107 )

صلي الله عليه وسلم کي خبر ڏنائين. پاڻ فرمايا ٿون تہ اها عزیٰ هئي. (تفسير ابن ڪثير ص 4/54-253)

الغرض هنن جو قسم کڻڻ حرام آهي، پوءِ جنهن شخص غلطي ۽ سبقت لساني سان هنن جو قسم کنيو تہ اهو شرڪ آهي. تنهن ڪري اهڙي شخص کي رسول الله صلي الله عليه وسلم جن حڪم ڏنو آهي تہ توبه جي طور تي توحيد جو ڪلمو پڙهي. ۽ هن حديث مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ بي ڪنهن پير يا بزرگ جو قسم کڻڻ شرڪ آهي. جنهن کان اها غلطي ٿئي تہ اهو توبہ ڪري ۽ ڪلمو لا اله الا الله پڙهي.

حديث 4 : عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا تَحْلِفُوا بِآبَائِكُمْ وَلَا بِأُمَّهَاتِكُمْ وَلَا بِالْأَنْدَادِ وَلَا تَحْلِفُوا إِلَّا بِاللَّهِ وَلَا تَحْلِفُوا بِاللَّهِ إِلَّا وَأَنْتُمْ صَادِقُونَ. ([1])

”ابو هريره ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: نہ پنهنجن پيرن جو قسم کڻونہ مائرن جو، نہ الله سان شريڪ ڪيلن جو، الله جوقسم صرف ان حالت ۾ کڻو جنهن ۾ اوهين سچا هجو.“

تشريح : هن حديث مان هي ثابت ٿيو تہ جن کي بہ الله سان شريڪ ڪيو ويو آهي، انهن جو قسم کڻڻ بہ شرڪ آهي. ڪي ملائڪن کي پوڄين ٿا تہ ڪي نبين عليهم السلام کي، ڪي ولين کي، ڪي پيرن کي تہ ڪي درگاهن کي. انهن سڀني کان هيءَ حديث منع ڪري ٿي تہ ڪنهن جو بہ قسم کڻڻ جي اجازت نہ آهي.

حديث 5 : أَنَّ ابْنَ عُمَرَ قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ مَنْ حَلَفَ بِغَيْرِ اللَّهِ فَقَدْ كَفَرَ أَوْ أَشْرَكَ. ([2])

”ابن عمر ﷛ کان روايت آهي تہ: مون رسول الله صلي الله عليه وسلم کي فرمائيندي ٻڌو تہ جنهن الله کان سواءِ ڪنهن ٻئي جو قسم کنيو تنهن ڪفر ڪيو يا شرڪ ڪيو.

تشريح:- اگرچہ ماڻهو پيرن ۽ بزرگن جي قسم کڻڻ جي ڪا پرواه نٿا ڪن، مگر هيءَ حديث شريف صاف ٻڌائي ٿي تہ الله کان سواءِ ٻي شيءِ جو قسم کڻڻ ڪفر ۽ شرڪ جو ڪم آهي.

فائده: هي مٿيون پنج حديثون مشڪواة (ص 296/ تان نقل ڪيون ويون آهن.)

---

[1]- ( صحيح ) صحيح الجامع حديث رقم ( 7249 ) ، سنن أبي داود ( 9 / 64 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ بَاب فِي كَرَاهِيَةِ الْحَلْفِ بِالْآبَاءِ حديث رقم ( 2827 ) ، سنن النسائي ( 12 / 69 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ الْحَلِفُ بِالْأُمَّهَاتِ حديث رقم ( 3709 )

[2]- ( صحيح ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 4 / 35 ) حديث رقم ( 1535 ) ، سنن الترمذي ( 6 / 13 ) كِتَاب النُّذُورِ وَالْأَيْمَانِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ الْحَلِفِ بِغَيْرِ اللَّهِ حديث رقم ( 1455 )

حديث 6 : عَنْ مُصْعَبِ بْنِ سَعْدٍ عَنْ أَبِيهِ قَالَ كُنَّا نَذْكُرُ بَعْضَ الْأَمْرِ وَأَنَا حَدِيثُ عَهْدٍ بِالْجَاهِلِيَّةِ فَحَلَفْتُ بِاللَّاتِ وَالْعُزَّى فَقَالَ لِي أَصْحَابُ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِئْسَ مَا قُلْتَ ائْتِ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَأَخْبِرْهُ فَإِنَّا لَا نَرَاكَ إِلَّا قَدْ كَفَرْتَ فَأَتَيْتُهُ فَأَخْبَرْتُهُ فَقَالَ لِي قُلْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ وَتَعَوَّذْ بِاللَّهِ مِنِ الشَّيْطَانِ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ وَاتْفُلْ عَنْ يَسَارِكَ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ وَلَا تَعُدْ لَهُ. ([1])

"سعد بن ابي ﷺ كان روايت آهي تہ: اسان چونڪ نوان اسلام ۾ داخل ٿيا هئاسون ۽ اسان ۾ جاهليت جو پراڻو اثر هو. سو ائين هڪ دفعي منهنجي زبان مان لات ۽ عزىٰ جو قسم نڪري ويو، پوءِ مونکي اصحابن سڳورن چيو تہ: تو اهو برو جملو چيو آهي. هاڻي وڃي رسول الله ﷺ کي اها خبر ٻڌاءِ چو تہ اسان جي خيال مطابق تو ڪفر جهڙو ڪم ڪيو آهي. چيائين تہ پوءِ مون رسول الله ﷺ جن کي خبر ٻڌائي. تڏهن پاڻ فرمايائون تہ: تون هن طرح (توبهہ ڪر ۽) ٽي ڀيرا چؤ تہ لا اله الا الله وحده لا شريڪ له (الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي، اهو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ نہ آهي) ۽ ٽي دفعا الله وٽ شيطان کان پناه گهر ۽ ٽي ڀيرا کٻي پاسي ٿڪي ڇڏ، وري موٽي اهڙو ڪم نہ ڪجانءِ."

تشريح : سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه جليل القدر صحابي عشره مبشره مان آهي ان کان اهڙي غلطي ٿيڻ تي مٿس ڪيتري سختي ڪئي ويئي. پوءِ جيڪي وتن ڀيرن جا قسم کڻندا انهن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ ۽ هن حديث مان ثابت ٿيو تہ غير الله جو قسم کڻڻ جاهليت جي عادت آهي ۽ اهو ڪافرانہ ۽ مشراڪانہ ڪم آهي ۽ اهڙي حرڪت سرزد ٿيڻ کان پوءِ توبهہ ڪرڻ ۽ ڪلمو پڙهڻ ضروري آهي، نيز اهو بہ ثابت ٿيو تہ اهو شيطاني ڪم آهي.

ناظرين! قسم جو مطلب آهي تہ ڪنهن کي گواه بڻائڻ يعني جڏهن چوي ٿو تہ الله جو قسم مون هي ڪم نہ ڪيو آهي. جنهن جو مطلب هي آهي تہ الله شاهد ۽ گواه آهي تہ مون هي ڪم نہ ڪيو آهي. الله تعالىٰ عالم الغيب آهي ۽ هر ڳجهہ کي ڄاڻي ٿو. هر ڪم لاءِ شاهد ۽ ڄاڻندڙ آهي. غير الله مان ڪنهن جو بہ قسم کڻڻ جو مطلب آهي تہ ان جي شاهدي ورائي ٿي وڃي، ۽ جڏهن اهو اتي موجود نہ آهي تہ پوءِ ان جي شاهدي ڪئين ٿي ورائي وڃي يعني ان کي عالم الغيب سمجهيو وڃي ٿو. حالانڪ اهو شرڪيہ ڪم آهي. جئين فصل نمبر-5 ۾ گذريو. انهيءَ ڪري انهيءَ کي شرڪ جو ڪم چيو ويو آهي.

*-*-*

[1]- صحيح وضعيف سنن النسائي ( 8 / 348 ) حديث رقم ( 3776 ) ، سنن النسائي ( 12 / 82 ) كِتَاب الْأَيْمَانِ وَالنُّذُورِ الْحَلِفُ بِاللَّاتِ وَالْعُزَّى حديث رقم ( 3716 )

## فصل ٻيو

# شرڪيه وظيفن جي باري ۾

ڪيترن ماڻهن جي زبان تي اهڙا وظيفه هوندا آهن جن ۾ شرڪيه معنىٰ هوندي آهي ۽ غير الله کي پڪار هوندي آهي.

مثلاً:- يا محمّد! يا رسول الله! يا علي! ياشيخ عبدالقادر جيلاني! يا معين الدين اجميري! ڪشتي ڪر پار ميري"، "بهاء الحق بيڙا تڪ"

وغيره غير الله کي پڪارڻ ۽ انهن جي حاجت روائي جي اميد رکڻ آهي جو صريح شرڪ آهي. حالانڪ مؤمن جو ڪم آهي ته اٿندي ويهندي هر حالت ۾ الله کي ياد ڪندو رهي.

﴿ ٱلَّذِينَ يَذۡكُرُونَ ٱللَّهَ قِيَـٰمًا وَقُعُودًا وَعَلَىٰ جُنُوبِهِمۡ . . . ﴿١٩١﴾ ﴾ ( آل عمران )

”عقل وارا ويهندي ۽ ويهندي ۽ پاسي پر ليٽندي هر حالت ۾ الله کي ياد ڪندا رهن ٿا. تنهنڪري مسلمانن کي گهرجي ته هر حال ۾ هڪ الله کي ياد ڪندا رهن. ڇو ته جيڪو الله کي ياد ڪندو تنهن کي الله به ياد ڪندو.

جيئن فرمايائين:

﴿ فَٱذۡكُرُونِيٓ أَذۡكُرۡكُمۡ وَٱشۡكُرُواْ لِي وَلَا تَكۡفُرُونِ ﴿١٥٢﴾ ﴾ ( البقرة )

”اوهين مونکي ياد ڪريو ته آئون اوهان کي ياد ڪريان ۽ منهنجو شڪر ڪريو ۽ بي شڪري نه ڪريو.“

وأخرج أحمد والبخاري ومسلم والترمذي والنسائي وابن ماجة والبيهقي في شعب الإيمان :

عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ قَالَ قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ اللَّهُ تَعَالَى أَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِي بِي وَأَنَا مَعَهُ إِذَا ذَكَرَنِي فَإِنْ ذَكَرَنِي فِي نَفْسِهِ ذَكَرْتُهُ فِي نَفْسِي وَإِنْ ذَكَرَنِي فِي مَلَإٍ ذَكَرْتُهُ فِي مَلَإٍ خَيْرٍ مِنْهُمْ وَإِنْ تَقَرَّبَ إِلَيَّ بِشِبْرٍ تَقَرَّبْتُ إِلَيْهِ ذِرَاعًا وَإِنْ تَقَرَّبَ إِلَيَّ ذِرَاعًا تَقَرَّبْتُ إِلَيْهِ بَاعًا وَإِنْ أَتَانِي يَمْشِي أَتَيْتُهُ هَرْوَلَةً. ([1])

”ابو هريرة ﷛ کان روايت آهي ته: رسول الله ﷺ جن فرمايوته: الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته آئون پنهنجي ٻانهي جي گمان وٽان آهيان ۽ ان سان آئون گڏ آهيان، جڏهن هو مونکي ياد ڪري ٿو پوءِ جڏهن مونکي پنهنجي منهن ياد ڪيائين ته آئون به کيس پنهنجي منهن ياد ڪندس ۽ جيڪڏهن مون کي ڪنهن جماعت ۾ ياد ڪندو ته آئون کيس وري سندس جماعت کان وڌيڪ چڱي جماعت ۾ ياد ڪندس ۽ جيڪڏهن مون ڏي هڪ گرانٺ ويجهو ٿيندو ته آئون کيس نري جيترو ويجهو ٿيندس ۽ جيڪڏهن نري جيترو ويجهو ٿيو ته آئون

---

[1]- صحيح البخاري ( 22 / 409 ) كِتَاب التَّوْحِيدِ بَاب قَوْلِ اللَّهِ تَعَالَى ﴿ وَيُحَذِّرُكُمُ ٱللَّهُ نَفۡسَهُۥ ﴾ حديث رقم ( 6856 ) ، الدرالمنثور ( 1 / 149 )

بہ کيس ڀانهن جيترو ويجهو ٿيندس، ۽ جيڪڏهن مون ڏانهن هلي ايندو تہ آئون ڏانهس ڊوڙي ايندس.

تشريح :- يعني جيتري قدر ٻانهو الله جي ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو تہ الله تعالىٰ ان تي وڌيڪ مهربان ٿيندو. تنهن ڪري هر وقت ان کي ئي ياد ڪجي، ٻين کي ياد ڪرڻ بي معنىٰ ۽ فضول آهي.

*_*_*

## فصل ٽيون

# تعويذن لکڻ ۽ ٻڌڻ جي باري ۾

ڄاڻڻ گهرجي تہ رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ مسلمانن ۾ هن قسم جو رواج قطعًا نہ هو، نہ تعويذ لکيو ويندو هو نہ ٻڌو ويندو هو، ليڪن اها بعد جي ڪڍيل بدعت آهي بلڪ جاهليت ۾ اهو رواج هو. رسول ﷺ جن ان کان سختيءَ سان منع فرمائي آهي. جيئن ان بابت حديثون لکجن ٿيون.

حديث 1 : عقبة بن عامر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :

مَنْ عَلَّقَ تَمِيمَةً فَقَدْ أَشْرَكَ. ([1])

”جنهن شخص تعويذ ٻڌو تہ انهيءَ شرڪ ڪيو.“

تشريح :- هن حديث مان معلوم ٿيو تہ تعويذ ٻڌڻ شرڪ جو ڪم آهي. اهو هن ڪري جو عام طرح ڏٺو ويو آهي تہ ماڻهن جو عقيدو خراب ٿيندو وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن سندن صحت کي فائدو پهچي تہ ان تعويذ کان يا ان جي لکڻ واري کان سمجهيو وڃي ٿو، تنهنڪري ان جي شرڪ هجڻ ۾ ڪو شڪ نہ آهي.

حديث 2 : عقبة بن عامر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ :

مَنْ تَعَلَّقَ وَدَعَةً فَلَا وَدَعَ اللَّهُ لَهُ وَ مَنْ تَعَلَّقَ تَمِيمَةً فَلَا أَتَمَّ اللَّهُ لَهُ. ([2])

”جنهن شخص ڪو ڪوڏ يا اهڙي شيءِ ٻڌائين تہ شل الله ان کي نہ سنڀالي ۽ جنهن تعويذ ٻڌو تہ شل الله تعالىٰ ان جو ڪم پورو نہ ڪري.“

---

[1]- السلسلة الصحيحة ( 1 / 491 ) حديث رقم ( 492 ) ، الجامع الصغير (2 / 175 ) ، مسند أحمد ( 35 / 291 ) حديث رقم ( 16781 ) ، المستدرك على الصحيحين للحاكم ( 17 / 359 ) حديث رقم ( 7609 )

[2]- السلسلة الضعيفة ( 3 / 265 ) حديث رقم ( 1266 ) ، الجامع الصغير (2 / 175 ) ، مسند أحمد ( 35 / 273 ) حديث رقم ( 16763 ) ، المستدرك على الصحيحين للحاكم ( 17 / 359 ) حديث رقم ( 7609 )

تشريح:- رسول الله ﷺ جن جي هن فرمان بڌڻ کان بعد کو بہ مسلمان تعويذ لکڻ يا بڌڻ جھڙو ڪم نہ ڪندو ۽ جنھن جي حق ۾ پاڻ رسول الله ﷺ ان قسم جي بد دعا فرمائي آهي اهڙي جي لاءِ ڪو مسلمان جرات نہ ڪندو.

حديث 3 : ابن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ:-

إِنَّ الرُّقَى وَالتَّمَائِمَ وَالتِّوَلَةَ شِرْكٌ. ([1])

”ڦيڻا ۽ تعويذ ۽ ٽوٽا اهي سيئي ڪم شرڪ آهن.“

تشريح:- ٽوٽن مان مراد عام پوپن جون فالون آهن يا جيڪي زال ۽ مڙس جي درميان ۾ فتنو وجهي جدائي ڪرڻ يا ڏارين مرد ۽ عورت ڪي پاڻ ۾ تعلق رکڻ لاءِ جيڪي اٽڪلن تي هلندا آهن ۽ اهي سڀ ڪم شيطاني آهن.

حديث 4 : عن عبد الله قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم يكره عقد التمائم. ([2])

”عبد الله بن مسعود ﷛ کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن تعويذن بڌڻ کي برو ڪم ڄاڻندا هئا.“

تشريح:- جنھن ڪم کي رسول الله ﷺ جن برو ڄاڻن تنھن کي ڪهڙو مسلمان چڱو ڄاڻندو.

حديث 5 : عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ أَبِي لَيْلَى عَنْ عِيسَى أَخِيهِ قَالَ دَخَلْتُ عَلَى عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عُكَيْمٍ أَبِي مَعْبَدٍ الْجُهَنِيِّ أَعُودُهُ وَبِهِ حُمْرَةٌ فَقُلْنَا أَلَا تُعَلِّقُ شَيْئًا قَالَ الْمَوْتُ أَقْرَبُ مِنْ ذَلِكَ قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ تَعَلَّقَ شَيْئًا وُكِلَ إِلَيْهِ. ([3])

”عيسىٰ بن عبد الرحمان بن ابي ليلىٰ کان روايت آهي تہ: آئون عبدالله بن عڪيم ابو معبد الجهني وٽ بيمار پرسي لاءِ ويس ڪيس بيماريءَ جي تڪليف هئي پوءِ ڪيس چيم ڪا شيءِ تعويذ وغيره ڇو نہ ٿو ٻڌين چيائين تہ انھيءَ کان موت ويجهو آهي. جيئن رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ: جنھن شخص ڪجھ ٻڌو تہ اهو انھيءَ جي حوالي ڪيو ويندو.“

تشريح:- يعنىٰ الله تي هن جو ڀروسو نہ رهيو بلڪ ان جو توڪل ۽ ڀروسو انھيءَ ڳچيءَ ۾ ٻڌل تعويذ تي آهي. هن کان زياده تعويذ جو ٻيو ڪهڙو برو عقيدو ٿيندو.

---

[1]- السلسلة الصحيحة ( 1 / 330 ) حديث رقم ( 331 ) ، الجامع الصغير (2 / 179 ) ، سنن أبي داود ( 10 / 386 ) كِتَاب الطِّبِّ بَاب فِي تَعْلِيقِ التَّمَائِمِ حديث رقم ( 3385 ) ، سنن ابن ماجه ( 10 / 366 ) كِتَاب الطِّبِّ بَاب تَعْلِيقِ التَّمَائِمِ حديث رقم ( 3521 ) ، مسند أحمد ( 7 / 468 ) حديث رقم ( 3433 ) ، المستدرك على الصحيحين للحاكم ( 17 / 363 ) حديث رقم ( 7613 )

[2]- ( **منكر** ) صحيح وضعيف سنن أبي داود ( 9 / 222 ) حديث رقم ( 4222 ) ، مصنف ابن أبي شيبة ( 8 / 13 ) في تعليق التمائم والرقى

[3]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 5 / 72 ) حديث رقم ( 2072 ) ، سنن الترمذي ( 7 / 407 ) كِتَاب الطِّبِّ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ التَّعْلِيقِ حديث رقم ( 1998 ) ، تحفة الأحوذي ( 3 / 171 )

حديث 6 : ابوداؤد ۾ روايت آهي تہ :

عَنْ زَيْنَبَ امْرَأَةِ عَبْدِ اللَّهِ عَنْ عَبْدِ اللَّهِ قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ إِنَّ الرُّقَى وَالتَّمَائِمَ وَالتِّوَلَةَ شِرْكٌ قَالَتْ قُلْتُ لِمَ تَقُولُ هَذَا وَاللَّهِ لَقَدْ كَانَتْ عَيْنِي تَقْذِفُ وَكُنْتُ أَخْتَلِفُ إِلَى فُلَانٍ الْيَهُودِيِّ يَرْقِينِي فَإِذَا رَقَانِي سَكَنَتْ فَقَالَ عَبْدُ اللَّهِ إِنَّمَا ذَاكَ عَمَلُ الشَّيْطَانِ كَانَ يَنْخُسُهَا بِيَدِهِ فَإِذَا رَقَاهَا كَفَّ عَنْهَا إِنَّمَا كَانَ يَكْفِيكِ أَنْ تَقُولِي كَمَا كَانَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ أَذْهِبْ الْبَأْسَ رَبَّ النَّاسِ و اشْفِ أَنْتَ الشَّافِي لَا شِفَاءَ إِلَّا شِفَاؤُكَ شِفَاءً لَا يُغَادِرُ سَقَمًا.([1])

”عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جي گهرواري زينب رضي الله عنها کان روايت آهي تہ: ابن مسعود رضي الله عنه روايت ڪئي تہ: مون رسول الله ﷺ کان فرمائيندي ٻڌو تہ ڦيڻا، تعويذ ۽ ٽوٽا شرڪ آهن. تڏهن مون چيو ائين ڇو ٿو چوين. مون کي اک ۾ تڪليف هئي پوءِ فلاڻي يهوديءَ کان ڏاڳو پڙهائي وڌم تہ مونکي تڪليف لهي ويئي. ابن مسعود رضي الله عنه فرمايو تہ اهو شيطاني عمل آهي جو اهو پاڻ هٿ سان چوڪ ڏئي ٿو ۽ جڏهن ان طرح تعويذ يا ڏاڳا پڙهائي ٻڌجن ٿا تہ ڇڏيو وجي. توکي هيءَ دعا پڙهڻ ڪافي آهي جا رسول الله ﷺ جن پڙهندا هئا. “

”اي ماڻهن جا پالڻهار تڪليف کي دور فرماءِ ۽ شفا ڏي تون ئي شفا ڏيندڙ آهين تو کانسواءِ ٻي ڪنهن وٽان شفا نہ آهي اهڙي شفا ڏي جو ڪنهن بيماري کي باقي نہ ڇڏي.“

<u>تشريح</u>:- هن حديث مان ثابت ٿيو تہ تعويذ شيطان جو وڏو حيلو آهي جنهن سان ماڻهن جا عقيدا خراب ڪري انهن کي گمراهہ ڪري ٿو تنهنڪري مسلمانن کي انهيءَ جي گمراهيءَ ۾ نہ اچڻ گهرجي. ان طرح اصحاب سڀ‍ڱورا ۽ سلف صالحين تعويذ ٻڌڻ کي برو ڄاڻندا هئا. چنانچہ مصنف ابن ابي شيبہ ۾ ابراهيم نخعي رحمه الله کان روايت آهي تہ :

كانوا يكرهون التمائم كلها ، من القرآن وغير القرآن. ([2])

”اصحابي ۽ تابعي هر قسم جي تعويذن کي برو ڄاڻندا هئا، خواه قرآن جا هجن يا غير قرآن مان.“

انهي ساڳئي صفحي ۾ حسن بصري رحمه الله کان روايت آهي تہ:

أنه كان يكره ذلك.

”يعني اهو بہ ان کي برو ڄاڻندو هو.“

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن أبي داود ( 8 / 383 ) حديث رقم ( 3883 ) ، سنن أبي داود ( 10 / 386 ) كِتَاب الطِّبِّ بَاب فِي تَعْلِيقِ التَّمَائِمِ حديث رقم ( 3385 )

[2]- مصنف ابن أبي شيبة ( 8 / 16 ) ق 1

۽ صفحو 15 ۾ حذيفہ بن يمان رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اهو ڪنهن بيمار کي پيچڻ ويو ۽ ان جي ڏنئوري ۾ ڌاڳو ٻڌل ڏٺائين پوءِ ان کي ڪپي ڇڏيائين ۽ چيائين تہ:
لو مت وهذا في عضدك ما صليت عليك. ([1])

”يعني جيڪڏهن تون انهيءَ ڌاڳي سميت مري وئين تہ آئون تنهنجي جنازي نماز نہ پڙهندس.“

عقبة بن عامر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ:-

موضع التميمة من الانسان والطفل شرك.

”يعني انسان يا ٻار کي تعويذ ٻڌڻ شرڪ آهي.“

صفحو 14 ۾ عمران بن حصين رضي الله عنه کان روايت آهي تہ:-

أَنَّهُ رَأَى فِي يَدِ رَجُلٍ حَلْقَةً مِنْ صُفْرٍ، فَقَالَ:"مَا هَذِهِ؟"، قَالَ:"مِنَ الْوَاهِنَةِ"، قَالَ:" لَمْ تَزِيدُكَ إِلا وَهْنًا، لَوْ مُتَّ وَأَنْتَ تَرَاهَا نَافِعتكَ لَمِتَّ عَلَى غَيْرِ الْفِطْرَةِ".([2])

”يعني ان هڪ شخص جي هٿ ۾ ٽامي جو ڪڙو ڏٺو پوءِ چيائين تہ هي ڇا آهي؟ چيائين تہ هي بيماريءَ کان آهي. فرمايائين تہ اهو توکي ڪو فائدو نہ ڏيندو بلڪ بيماري وڌائيندو ۽ جي تون انهيءَ حال ۾ ۽ ان ۾ فائدي جو عقيدو رکندين مري وئين تہ اسلام تي نہ مرندين.“

صفحو 13 ۾ ابو عبيده کان روايت آهي تہ:-

دخل عبد الله على امرأته وهي مريضة ، فإذا في عنقها خيط معلق فقال : ما هذا ؟ فقالت : شئ رقي لي فيه من الحمى ، فقطعه فقال : إن آل إبراهيم أغنياء عن الشرك. ([3])

”ابن مسعود ﷛ پنهنجي گهرواريءَ وٽ ويو تہ هوءَ بيمار هئي ۽ سندس ڳچيءَ ۾ ڌاڳو ٻڌل هو. پڇيائين تہ هي ڇا آهي؟ چيائين تہ ڌاڳو، مون کي تپ کان پڙهجي مليو آهي. پوءِ ان کي ڪپيائين ۽ چيائين تہ اسان جو خاندان شرڪ کان بيزار ۽ بري آهي.“

---

[1]- مصنف ابن أبي شيبة ( 8 / 15 )

[2]- السلسلة الضعيفة ( 3 / 28 ) حديث رقم ( 1029 ) ، ذكره امام ابن ماجه في سننه إلي ((لَمْ تَزِيدُكَ إِلا وَهْنًا )) و ضعفه الشيخ الألباني في صحيح و ضعيف سنن ابن ماجة ( 8 / 31 ) حديث رقم ( 3531 ) ، مصنف ابن أبي شيبة ( 8 / 14 ) ، المعجم الكبير للطبراني ( 13 / 72 )

[3]- مصنف ابن أبي شيبة ( 8 / 13 ) ، الإبانة الكبرى لابن بطة ( 3 / 52 ) حديث رقم ( 1028 ) ، ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن ابن ماجة (8 / 30) حديث رقم ( 3530 ) ، سنن ابن ماجه ( 10 / 366 ) كِتَاب الطِّبِّ بَاب تَعْلِيقِ التَّمَائِمِ بلفظ (( لَقَدْ أَصْبَحَ آلُ عَبْدِ اللَّهِ أَغْنِيَاءَ عَنْ الشِّرْكِ )) حديث رقم ( 3521 ) ، مصنف عبدالرزاق ( 208 )

هن روايت ۾ آل ابراهيم جو لفظ آهي- مگر مصنف عبدالرزاق ۽ ابن ماجہ ۾"آل عبدالله" جو لفظ آهي. يعني عبدالله بن مسعود ﷺ پنهنجي اولاد کي شرڪ کان بي نياز جاڻي ٿو. ۽ ابن ابي شيبہ صفحو 14 ۾ ٻي روايت آهي تہ:

رأي ابن مسعود على بعض أهله شيئا قد تعلقه ، فتزعه منه نزعا عنيفا وقال : إن آل ابن مسعود أغنياء عن الشرك. ([1])

"ابن مسعود ﷺ پنهنجي گهر جي ڀاتيءَ کي ڪا شيءِ ٻڌل ڏٺي ان کي سختيءَ سان ٽوڙي ۽ چيائين تہ ابن مسعود ﷺ جو خاندان شرڪ کان بيزار آهي."

ابن ابي شيبہ ۾ ابو مجلز لاحق بن حمير کان روايت آهي تہ:

من تعلق علاقة وكل إليها ([2])

"جنهن ڪا شيءِ تعويذ وغيره ٻڌو اهو ان جي حوالي آهي."

انهيءَ ساڳي معنىٰ ۾ ابن مسعود ﷺ کان بہ روايت آهي. نيز سعيد بن جبير کان روايت آهي تہ:

رأى إنسانا يطوف بالبيت في عنقه خرزة فقطعها. ([3])

"هڪ انسان کي بيت الله جو طواف ڪندي ڏٺائين جنهن جي ڳچيءَ ۾ پڙهيل ڪوڏ ٻڌل هو پوءِ هن کي ٽوڙي ڇڏيائين."

ٻي روايت ۾ فرمائي ٿو تہ:

من قطع تميمة عن انسان كان كعدل رقبة. ([4])

"جنهن شخص ڪنهن شخص جي ڳچيءَ مان تعويذ ٽوڙيو تہ ان جو ثواب ٻانهي جي آزاد ڪرڻ جيترو آهي."

صفحو 16 ۾ مغيره کان روايت آهي تہ:

قال قلت لابراهيم اعلق في عضدي هذه الأية " يا نار كوني بردًا و سلامًا على ابراهيم" من حمي كانت بي فكره ذالك.

"مون ابراهيم نخعي رحمه الله کان پڇيو تہ آئون بخار جي ڪري هي آيت:

﴿ قُلْنَا يَـٰنَارُ كُونِي بَرْدًا وَسَلَـٰمًا عَلَىٰٓ إِبْرَٰهِيمَ ﴿٦٩﴾ ﴾ ( الأنبياء )

[1]- مصنف ابن أبي شيبة ( 8 / 14 )
[2]- مصنف ابن أبي شيبة ( 8 / 16 )
[3]- مصنف ابن أبي شيبة ( 8 / 16 )
[4]- مصنف ابن أبي شيبة ( 8 / 16 )

لکي پنهنجي ڏنئوري ۾ تعويذ ڪري ٻڌان ته هن ان کي برو ڪم سمجهيو.
هنن روايتن ۾ اثرن مان ٻه ظاهر ٿيو ته سلف صالحين تعويذ يا ڌاڳو يا ڪوڏ وغيره شفا طور ٻڌڻ کي چڱو ڪم نه ڄاڻندا هئا.

تعويذ جا قائل هڪ روايت دليل جي طور پيش ڪندا آهن. ان کي نقل ڪري ان جي حقيقت پيش ڪجي ٿي. چنانچه عبدالله بن عمر وابن العاص رضي الله تعالیٰ عنهما کان روايت آهي ته:

أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ إِذَا فَزِعَ أَحَدُكُمْ فِي النَّوْمِ فَلْيَقُلْ أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللَّهِ التَّامَّاتِ مِنْ غَضَبِهِ وَعِقَابِهِ وَشَرِّ عِبَادِهِ وَمِنْ هَمَزَاتِ الشَّيَاطِينِ وَأَنْ يَحْضُرُونِ فَإِنَّهَا لَنْ تَضُرَّهُ وَكَانَ عَبْدُ اللَّهِ بْنُ عُمَرَ يُلَقِّنُهَا مَنْ بَلَغَ مِنْ وَلَدِهِ وَمَنْ لَمْ يَبْلُغْ مِنْهُمْ كَتَبَهَا فِي صَكٍّ ثُمَّ عَلَّقَهَا فِي عُنُقِهِ. ([1])

”رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جيڪو اوهان مان ننڊ مان خوف کائي اٿي ته هيءَ دعا پڙهي.“

”آئون الله تعالیٰ جي پاڪ ۽ پورن ڪلمن سان پناهه ٿو وٺان، سندس غصي ۽ عذاب کان ۽ سندس ٻانهن جي شرارت کان ۽ شيطانن جي حرڪتن کان ۽ هن کان جو مون وٽ حاضر ٿين ۽ عبدالله بن عمرو رضي الله عنه پنهنجن بالغ ٻارن کي هيءَ دعا سيکاريندو هو ۽ جڏهن نابالغ هوندو هو ته ان لاءِ ” صَكٍّ “ ۾ لکي ان جي ڳچيءَ ۾ ٻڌندو هو.“
مگر هيءَ روايت صحيح نه آهي.

ڇو جو هن جي سند ۾ راوي محمد بن اسحاق آهي. جو اگرچه ثقه آهي، مگر مشهور مدلس آهي ۽ پنهنجي استاد عمرو بن شعيب کان ”عن“ جي صيغه سان روايت ڪري ٿو. اها روايت نسائي، ابوداؤد، ترمذي، ابن ماجه، مسند احمد ۽ ڪتاب الدعوات الڪبير للبيهقي ۾ مروي آهي. مگر سيني ۾ محمد بن اسحاق ”عن“ سان روايت ڪري ٿو ۽ ڪٿي به سماع جي تصريح ٿيل نه آهي. ۽ سمعت يا حدثنا يا اخبرنا جهڙو ڪو به صيغو استعمال ٿيل نه آهي، تنهن ڪري اصول موجب اها حديث ضعيف چئبي. خاص ڪري عقائد جي مسئلي ۾ اهڙي ڪمزور روايت ڪم نه ٿي ڏيئي سگهي.

ثانيًا: ان ۾ تعويذ جي نيت سان ٻڌڻ جو ڪو ذڪر نه آهي. بلڪ لفظ ” صَكٍّ “ جو آهي. جنهن جي معنیٰ النهاية لابن اثير ۾ هن طرح آهي.

---

[1]- ( حسن ) صحيح وضعيف سنن أبي داود ( 8 / 393 ) دون قوله : " و كان عبد الله ... " حديث رقم ( 3893 ) ، سنن أبي داود ( 10 / 398 ) كِتَاب الطِّبِّ بَاب كَيْفَ الرُّقَى حديث رقم ( 3395 ) ، سنن الترمذي ( 11 / 435 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حديث رقم ( 3451 ) ، مشكاة المصابيح ( 217 )

وهو الكتابُ . وذلك أن الأمراءَ كانوا يَكْتُبون للناس بأرْزَاقهم وأَعْطياهم كُتُبا. ([1])

” صَكٍّ “ مان مراد اهو لکيل ڪتاب آهي، جنهن ۾ امير ماڻهن کي پگهارون وغيره لکي ڏيندا هئا.“

ان طرح مجمع بحار الانوار ۾ بہ آهي. ([2])

گوياڪ ياداشت لاءِ هڪ لکت هوندي هئي. جيئن اڄ ڪلهہ دستاويز استعمال ڪيا وڃن ٿا.

يعني عبدالله بن عمرو رضي الله عنهما سندس ٻارن مان جي ننڍا هوندا هئا، ڪنهن پٽي يا ڪاغذ تي لکي ڳچيءَ ۾ لٽڪائيندو هو، جيئن ضائع نہ ٿئي ۽ ان دعا کي ياد ڪري مگر نہ تعويذ جي نيت هئي ۽ نہ ارادو تنهن ڪري هن روايت مان تعويذ بابت دليل وٺڻ صحيح نہ آهي.

ذيل (1) عض حديثن ۾ گذريو تہ ڦيڻا بہ شرڪ آهن، مگر ان مان مراد اهي ڦيڻا آهن جي شرڪيہ نہ هجن يا اهڙا جن جو مطلب بہ سمجهہ ۾ نہ اچي. باقي جيڪڏهن قرآن جون آيتون يا حديثن جون دعائون هجن تہ پوءِ انهن جي ڦيڻي يا دم ڪرڻ جي اجازت آيل آهي.

بلڪ مسلم ۽ ابو داؤد ۾ عوف بن مالڪ ﷺ کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ:-

اعْرِضُوا عَلَيَّ رُقَاكُمْ لَا بَأْسَ بِالرُّقَى مَا لَمْ يَكُنْ فِيهِ شِرْكٌ. ([3])

”توهان جا ڦيڻا منهنجي سامهون آڻيندا ڪريو ۽ ڦيڻن ۾ ڪو حرج نہ آهي. جيستائين ان ۾ ڪا شرڪ جي ڳالهہ نہ هجي.“

تشريح:- هن حديث مان ثابت ٿيو تہ اهي ڦيڻا جن ۾ شرڪ جو شبهو نہ هجي تہ اهي جائز آهن. بلڪ ضروري آهي تہ ٿورڙي علم وارو پنهنجا ڦيڻا اهل علم کي ڏيکاري ۽ تصديق ڪرائي، متان ان ۾ ڪو شرڪي لفظ هجي پوءِ ان کي استعمال ڪري ۽ خاص ڦيڻو مسنون جو هن فصل جي حديث نمبر-6 ۾ گذريو يعني اذهب الباس... اهو بهتر آهي، يا سوره فاتحه ڦيڻي طور استعمال ڪئي وڃي، جيئن الدرالمنثورص-4/،ج-1 ۾ بخاري ۽ مسلم وغيره کان ابو سعيد خدري ﷺ جي حديث مذڪور آهي تہ، اصحابن سڳورن هڪ ماڻهو جنهن کي وڇون ڏنگيو هو، ان کي منجهائن هڪ شخص صحابي ست ڀيرو سورت

---

[1]- النهاية في غريب الأثر ( 3 / 43 )

[2]- مجمع بحار الانوار ( 2 / 256 )

[3]- صحيح مسلم ( 11 / 202 ) كِتَاب السَّلَامِ بَاب لَا بَأْسَ بِالرُّقَى مَا لَمْ يَكُنْ فِيهِ شِرْكٌ حديث رقم ( 4079 ) ، الجامع الصغير ( 45 / 1 )

فاتحه پڙهي ڦيٽو وڌو ۽ اهو تندرست ٿيو، رسول الله ﷺ کي جڏهن اهو معلوم ٿيو ته پاڻ ﷺ ان کي برقرار رکيائون ۽ فرمايائون ته اها سورت ڦيٽو آهي.

مسلمانن کي گهرجي ته اهڙن مسنون ۽ شرعي ڦيٽن کي کافي سمجهن ۽ عام جاهلن جي ڦيٽن ۽ جهاڙن کان پاسو ڪن. الله تعالىٰ سڀني مسلمانن کي صحيح عقيدو عطا فرمائي.(آمين)

ذيل(2):پاڻي يا ٻي ڪنهن کاڌي جي شيءِ تي مُلّا پير ڦيٽو شوڪاري ڏيندا آهن ۽ بعض ته ان ۾ ٿڪ به وجهندا آهن. مگر ان جو ڪو به ثبوت ڪونهي اها به انهن جي بدعت ڪڍيل آهي ۽ رسول الله ﷺ جن کان صرف هن طرح ڦيٽو ۽ دم ثابت آهي، جو مريضن تي پڙهي انهن تي شوڪاريندا هئا، باقي پاڻ نه ڪنهن کي پاڻي پڙهي ڏنو اٿن ۽ نه ڪنهن منائي تي شوڪاريو اٿن ۽ نه ڪنهن کي واري يا مٽي پڙهي ڏني اٿن ته وڃي ٻنيءَ ۾ ڇٽڪاري ۽ نه ڪنهن کي پليٽن يا ڪاغذ تي ڪجهه لکي ڏنو اٿن ته ان کي پاڻي ۾ ڌوئي پيئندو رهي. هي سڀ پوين جون ڪڍيل بدعتون آهن. شريعت ۾ انهن جو ڪو اصل نه آهي، بلڪ ٿانءَ وغيره ۾ ڦوڪڻ کان منع آيل آهي. ان بابت مشڪواة (371) مان حديثون لکجن ٿيون:-

حديث 1 : عَن ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ نَهَى رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنْ يُتَنَفَّسَ فِي الْإِنَاءِ أَوْ يُنْفَخَ فِيهِ. ([1])

”ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته: رسول الله ﷺ جن هن ڳالهه کان منع فرمايو جو ٿانءَ ۾ ساهه کڻيو وڃي يا ڦوڪ ڏني وڃي.“

حديث 2 : عَنْ أَبِي سَعِيدِ الْخُدْرِيِّ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَهَى عَنِ النَّفْخِ فِي الشُّرْبِ فَقَالَ رَجُلٌ الْقَذَاةُ أَرَاهَا فِي الْإِنَاءِ قَالَ أَهْرِقْهَا قَالَ فَإِنِّي لَا أَرْوَى مِنْ نَفَسٍ وَاحِدٍ قَالَ فَأَبِنْ الْقَدَحَ إِذَنْ عَنْ فِيكَ. ([2])

”ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته: رسول الله ﷺ جن ٿانءَ ۾ ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمائي آهي، تڏهن ڪنهن شخص مونکي چيو مونکي ڪو ڪک وغيره پاڻي ۾ نظر اچي ٿو. پاڻ فرمايائون ته ان کي هاري ڇڏ. عرض ڪيائين ته آئون هڪ ساهي سان نٿو پي سگهان پاڻ فرمايائون ته ٿانءَ کي پنهنجي منهن تان هٽائي ساهه کڻندو ڪر.“

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن أبي داود ( 8 / 228 ) حديث رقم ( 3728 ) ، سنن أبي داود ( 10 / 165 ) كِتَاب الْأَشْرِبَةِ بَاب فِي النَّفْخِ فِي الشَّرَابِ وَالتَّنَفُّسِ فِيهِ حديث رقم ( 3240 ) ، سنن ابن ماجه ( 10 / 220 ) كِتَاب الْأَشْرِبَةِ بَاب التَّنَفُّسِ فِي الْإِنَاءِ حديث رقم ( 3419 ) و سنن ابن ماجه ( 10 / 222 ) كِتَاب الْأَشْرِبَةِ بَاب النَّفْخِ فِي الشَّرَابِ حديث رقم ( 3420 )

[2]- السلسلة الصحيحة ( 1 / 384 ) حديث رقم ( 385 ) ، سنن الترمذي ( 7 / 100 ) كِتَاب الْأَشْرِبَةِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ النَّفْخِ فِي الشَّرَابِ حديث رقم ( 1809 ) ، سنن الدارمي ( 6 / 372 ) كِتَاب الْأَشْرِبَةِ باب فِى النَّهْىِ عَنِ النَّفْخِ فِى الشَّرَابِ حديث رقم ( 2189 )

حديث 3:عَنْ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ أَنَّهُ قَالَ نَهَى رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ الشُّرْبِ مِنْ ثُلْمَةِ الْقَدَحِ وَأَنْ يُنْفَخَ فِي الشَّرَابِ. ([1])

”ساڳي اصحابي ﷛ کان روايت آهي ته: رسول الله ﷺ جن پيالي جي ڀڳل پاسي کان پيئڻ ۽ پاڻي ۾ ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمائي آهي.“

تشريح:- هنن حديثن مان معلوم ٿيو ته کنهن ٿانوَ ۾ پاڻي وغيره ۾ ڦوڪارڻ يا شوڪارڻ ناجائز آهي. تنهنڪري اهو عام طرح پاڻي پڙهڻ ناجائز آهي ۽ هيءَ اها ڳالهه آهي جا ڊاڪٽرن سالن جي ريسرچ ۽ تحقيق کان پوءِ ٻڌائي ته ٿانوَ ۾ ڦوڪ نه ڏني وڃي ڇو ته ڦوڪ سان جيوڙا ۽ جراثيم ڪرن ٿا“ جنهن جي ڪري ڪيترن بيمارن جي پکڙجڻ جو امڪان ۽ خطرو آهي. مگر اها ڳالهه الله جي رسول ﷺ اڄ کان ڪئي صديون اڳ ٻڌائي ڇڏي آهي، جنهن زماني ۾ نه ڪو اهڙو ڊاڪٽر هو نه اهڙي ريسرچ ڪرڻ وارو سندن نبوت جي صداقت لاءِ اهو وڏو دليل آهي.

الغرض ان طرح پاڻي ۾ شوڪارا وجهڻ طبي لحاظ سان به صحت لاءِ وڏي خطري جو سبب ٿي سگهي ٿو.

*-*-*

## فصل چوٿون

# شرڪيه نعرن جي باري ۾

عام ماڻهن ۾ ڪئين قسم جا شرڪيه نعرا آهن.

مثلاً:- نعرا رسالت جو جواب ”يا رسول الله“، ۽ نعرا حيدري جو جواب ”يا علي“، نعرا غوثيه جو جواب ”يا شيخ عبدالقادر جيلاني شيئًا لله“ وغيره.

اهي اسلامي نعرا نه آهن، نه رسول الله ﷺ جن سيکاريا ۽ نه سندن زماني مبارڪ ۾ اهڙو رواج هو ۽ نه خيرالقرون ۽ سلف صالحين جي عهد ۾ اهڙو نعرو ڏسڻ يا ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، بلڪ اها پوين جي ايجاد آهي. ۽ دين ۾ واڌارو ۽ ايجاد آهي، تنهنڪري اهو نئون ڪم آهي، جنهن کي شرعي اصطلاح ۾ ”بدعت“ چيو ويندو آهي ۽ حديث جي حڪم موجب (كل بدعة ضلالة) هر بدعت گمراهي آهي. تنهنڪري هن قسم جا نعرا گمراهن جو طريقو آهي، تنهن کانسواءِ ان ۾ غيرالله کي پڪاريو وڃي ٿو، جيڪو صريحًا شرڪ آهي

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن أبي داود ( 8 / 222 ) ، السلسلة الصحيحة ( 1 / 387 ) حديث رقم ( 388 ) ، سنن أبي داود ( 10 / 155 ) كِتَاب الْأَشْرِبَةِ بَاب فِي الشُّرْبِ مِنْ ثُلْمَةِ الْقَدَحِ حديث رقم ( 3234 )

۽ قرآن و حديث مطابق ناجائز ۽ حرام آهي. جيئن باب نمبر-9 جي فصل نمبر-1 ۾ ذڪر ٿيو، بلڪ رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ صرف الله اڪبر جو نعرو هوندو هو چنانچه بخاري شريف ۾ جابر رضي الله عنه جي حديث آهي ته:-

حديث نمبر 1 : كُنَّا إِذَا صَعِدْنَا كَبَّرْنَا وَإِذَا نَزَلْنَا سَبَّحْنَا. ([1])

”اسين (رسول الله ﷺ جي زماني ۾) سفر ڪندي جڏهن مٿي چڙهندا هئاسين ته الله اڪبر چوندا هئاسون ۽ هيٺائين ۾ لهندا هئاسين ته سبحان الله چوندا هئاسون.“

۽ بخاري و مسلم ۾ ابو موسىٰ اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي ته:-

حديث نمبر 2 : قَالَ كُنَّا مَعَ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي سَفَرٍ فَجَعَلَ النَّاسُ يَجْهَرُونَ بِالتَّكْبِيرِ فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَيُّهَا النَّاسُ ارْبَعُوا عَلَى أَنْفُسِكُمْ إِنَّكُمْ لَيْسَ تَدْعُونَ أَصَمَّ وَلَا غَائِبًا إِنَّكُمْ تَدْعُونَ سَمِيعًا قَرِيبًا ([2]) [ سَمِيعًا بَصِيرًا ([3]) ]

”اسين رسول الله ﷺ جن سان گڏ هئاسين ۽ ماڻهو وڏي سڏ تڪبير چوڻ لڳا. پوءِ پاڻ فرمايائون: اي انسانو! پنهنجو پاڻ تي نرمي ڪريو يعني پاڻ کي تڪليف نه ڏيو ڇو ته اوهين ڪنهن ٻوڙي يا غائب کي نه سڏي رهيا آهيو بلڪ ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ کي سڏي رهيا آهيو.“

تشريح:- ثابت ٿيو ته زمانه نبوي ۾ نعرو صرف الله اڪبر جو هو ۽ رسول الله ﷺ جن انهن کي انهيءَ نعري کان منع ڪيو بلڪ بلڪل وڏي آواز سان چئي پاڻ کي تڪليف ڏيڻ کان روڪيائون ۽ اهو سندن رحم دل طبيعت جو اثر هو.

حديث نمبر 3 : ”جڏهن رسول الله ﷺ خيبر جي ميدان ۾ داخل ٿيا ته الله اڪبر چيائون.“ (البخاري- 604/2) (من حديث انس رضي الله عنه) مگر انهن مصنوعي نعرن جو ڪو رواج نه هو بلڪ پاڻ شرڪي رسمن ۽ رواجن کي ختم ڪرڻ لاءِ آيا هئا. ايضًا ياعلي جو نعرو جيڪڏهن صحيح ۽ ڪامياب يا فائدي مند هجي ها ته سڀ کان پهريان سندس فرزند حسين رضي الله عنه، اهو نعرو هڻي ها. جڏهن ته ڪوفين ڪيس قتل ڪيو ٿي. نيز نعره غوثيه جي شرڪ ۽ ڪفر هجڻ ۾ ڪو شڪ نه آهي. جو ته شيخ عبدالقادر جيلانيءَ کي غوث سڏيو ويو آهي. جنهن جي معنىٰ آهي فرياد رس ۽ الله ڪانسوءِ ٻي ڪنهن کي فرياد رس سمجهڻ شرڪ آهي، جيئن باب نمبر-9 جي فصل-6-7 ۾ بيان ٿيو. بلڪ بعض ته ان کي غوث العالمين

---

[1]- صحيح البخاري ( 10 / 171 ) كِتَاب الْجِهَادِ وَالسِّيَرِ بَاب التَّسْبِيحِ إِذَا هَبَطَ وَادِيًا حديث رقم ( 2771 ) ، مشكاة المصابيح ( 216 )

[2]- صحيح مسلم ( 13 / 220 ) بَاب اسْتِحْبَابِ خَفْضِ الصَّوْتِ بِالذِّكْرِ كِتَاب الذِّكْرِ وَالدُّعَاءِ وَالتَّوْبَةِ وَالِاسْتِغْفَارِ حديث رقم ( 4873 )

[3]- صحيح البخاري ( 19 / 484 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ بَاب الدُّعَاءِ إِذَا عَلَا عَقَبَةً حديث رقم ( 5905 ) مشكاة المصابيح ( 201 )

يعني سيني جهانن جو فرياد رس چون ٿا. اهو ڪليو ڪفر آهي. جو ڪيس الله سمجهيو ويو آهي ۽ اها صفت خاص هڪ الله جي آهي. جنهن ۾ ڪا بي مخلوق شريڪ نہ آهي. بلڪ ان طرح غيرالله جا نعره هڻڻ فرعوني سنت آهي. جو ان جي جادوگرن موسىٰ عليه السلام جي مقابلي ۾ جڏهن پنهنجيون رسيون ۽ لٺيون اڇلايئون تہ چيائون.

﴿ بِعِزَّةِ فِرْعَوْنَ إِنَّا لَنَحْنُ ٱلْغَٰلِبُونَ ﴿٤٤﴾ ﴾ ( الشعراء )

يعني جيئي فرعون پيج فرعون انهيءَ جي عزت ۽ غلبي جي ڪري اسين ضرور غالب ٿيندڙ آهيون.

ان طرح عام جاهل مشرڪ فرعون جي پيروي ڪندي غير الله جا نعره هڻندا آهن. الله تعالي مسلمانن کي شرڪيہ عقيدي ڪان بچائي ۽ خالص توحيد تي قائم رکي.

* - * - *

## باب يارهون

# شرڪي نعتون ۽ اشعار ۽ بيت

ابليس شرڪ جي پکيڙڻ لاء شاعرن کان گھڻون ڪم ورتو آهي جيڪو انهن شعرن جي ذريعي گھڻي قدر شرڪ پکيڙيو آهي ۽ جاهل ماڻهو انهن جي عقيدي ۾ قاتل آهن سي انهن جي شعرن کي پنهنجي لاء سند ڄاڻن ٿا ۽ صوفين هنن کي حديث به ٺاهي ڏني آهي ته الشعراء تلاميذ الرحمن يعني شاعر الله جا شاگرد آهن جنهن جو ڪنهن به حديث جي ڪتاب ۾ وجود ڪونهي پوء ان شاعرن جي شعر تي لڳي ڪيترا بي علم گمراهي ۽ شرڪ ۾ گرفتار ٿيو پون انهيءَ ڪري الله تعالي فرمايو آهي ته :

﴿وَٱلشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ ٱلْغَاوُۥنَ ﴿٢٢٤﴾﴾ ( الشعراء )

”شاعرن جي پويان گمراهه لڳندا آهن.“

يعني جيڪي هدايت وارا هوندا آهن، سي صرف قرآن ۽ حديث جي پويان لڳندا آهن، شعر چڱا به هوندا آهن. تنهن ڪري انهن کي سند ۽ حجت نٿو چئي سگهجي، بلڪ نظم خواهه نثر هر ڪلام لاءِ معيار قرآن ۽ حديث آهي، جو ڪلام يا گفتگو ان جي موافق آهي سو حق آهي ۽ جو ان جي خلاف آهي اهو باطل آهي. هتي پنجن زبانن عربي، فارسي، اردو، ملتاني ۽ سنڌي ۾ ڪجهه شعر مثال طور پنجن فصلن ۾ ذڪر ڪجن ٿا:

*-*-*

## فصل پهريون

# عربي شعرن ۾

(1) مولوي اشرف علي ٿانوي جي ڪتاب نشر الطيب في ذڪر النبي الحبيب ([1]) ۾ الاهي بخش ڪانڌلوي جي حوالي سان ڪجهه شعر بمع ترجمه ذڪر ڪيا آهن. جيڪي پيش ڪجن ٿا:-

| | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| يا | شفيع | العباد | خذ | بيدي | أنت | في | الإضطرار | معتمدي |
| دستگیری | | | کیجیے | | میرے | | | نبی |

---

[1]- نشر الطيب في ذكر النبي الحبيب ( 194 )

کشمکش میں تم ہی ہو میرے نبی

*

ليس لي ملجأ سواك اغث مسني الضر سيدي سندي

جز تمھارے ہے کہاں میری پناہ

فوج کلفت مجھ پہ آ غالب ہوئی

*

غشني الدهر يا ابن عبدالله كن مغيثا فأنت لي مددي

ابن عبدالله زمانہ ہے خلاف

اے میرے مولا خبر لیجیئے مری

*

ليس لي طاعة و لا عمل بيد حبيك فهو لي عندي

کچھ عمل ہے اور نہ طاعت میرے پاس

ہے مگر دل میں محبت آپ کی

يا رسول الله با بدلي من غمام الغموم ملتحدي

میں ہوں بس اور آپ کا دیار رسول

ابر غم گھیرے نہ پھر مجھ کو کبھی

*

جد بلقياك في المنام و كن ساترًا للذنوب والفند

خواب میں چہرا دکھا دیجیئے مجھے

اور میرے عیبوں کو کر دیجیئے خفی

*

أنت عاف ابر خلق الله و مقيل العثار واللُّدد

درگزر کرنا خطا و عیب سے

سب سے بڑھ کر ہے یہ خصلت آپ کی

ناظرين! هنن شعرن ۾ رسول الله ﷺ جن کي ائين خطاب ڪيو ويو آهي. جيئن الله تعالىٰ سان خطاب ڪرڻ گهرجي. حالانڪ گناهه بخشڻ، عيب ڍڪڻ ۽ اڙيل جو هٿ وٺڻ ۽

مصيبت ۾ پيل ڪي پناھ ڏيڻ اهي سڀ ڪم هڪ الله جا آهن. ڪنهن ٻي مخلوق ڏانهن انهن مان ڪو ڪم منسوب ڪرڻ شرڪ آهي.

(2) حدائق بخشش- مرتبه محب الرضا محمد محبوب علي قادري برڪاتي جنهن ۾ مولوي احمد رضا بريلوي جا شعر جمع ٿيل آهن. ان جو (حصہ سوئم-93) ۾ هي شعر آهن.

رسول الله أنت المستجار

ولا اخشى الا عادي كيف جاروا

بفضلك ارتجي ان عن قريب

تمزق كيدهم و القوم باروا

”اي الله جا رسول الله ﷺ! دشمنن اسان سان وڏا ظلم ڪيا آهن. مگر اسان جي لاءِ پناھ وٺڻ جي جاءِ تو وٽ آهي. پوءِ پرواه نہ آهي اسان ڪي اميد آهي تہ اوهان پنهنجي مهرباني سان عنقريب انهن جي مڪرن ڪي چاڪ ڪندؤ.“

هي بہ صريح شرڪ آهي. نيز ساڳي جاءِ تي هي شعر بہ آهي، جو رسول الله ﷺ جن کي خطاب ڪندي چوي ٿو:-

تخوفني العدى كيدًا متينًا اجرني يا امان الخائفينا

”دشمن وڏيون تجويزون ڪري مونکي ڊيڄاريو آهي. تون مون کي امان ڏي، تون ئي خوف ڪائيندڙن کي امان ڏيندڙ آهين. ساڳئي صفحي ۾ هي بہ شعر آهي:-

و كل خير من عطاءِ المصطفى

صلى عليه الله مع من يصطفى

جيڪي چڱائي ۽ ڀلائي آهي، سا رسول الله ﷺ جن جي طرفان ڏات آهي.“

حالانڪ قرآن ڪريم ۾ آهي تہ:

﴿ وَمَا بِكُم مِّن نِّعْمَةٍ فَمِنَ ٱللَّهِ . . . ﴿٥٣﴾ ﴾ ( النحل )

”جيڪا نعمت اوهان تي ٿيل آهي، سا الله جي طرفان آهي.“

تنهنڪري ان قسم جا شعر شرڪيہ آهن.

(3) رسالہ قصيده غوثيہ مترجم ميان نور محمد نور خالدي نقشبندي ۾ هڪ قصيدو شيخ عبدالقادر جيلاني ڏانهن منسوب آهي-(15) مان هڪ شعر بمع ترجمہ لکجي ٿو.

نظرت إلى بلاد الله جمعا

كخردلة على حكم التصالى

۽ شاعر نور خالدي ان جو منظوم ترجمو هن طرح ڪري ٿو:-

خدا کے ملک سب دیکھے ہیں ہم نے
نظر آئی نہ دیکھا ان کو تم نے
کہ اک رائی کے دانے کے برابر
نہیں ہے حکم سے میرے وہ باہر

هي نه شان الله جو آهي. جو هر شي ان جي حڪم جي تحت آهي. جوفرمائي ٿو ته:

﴿بِيَدِهِۦ مَلَكُوتُ كُلِّ شَيْءٍ . . . ﴿٨٣﴾﴾ ( يس )

”يعني هر شي جو اختيار ۽ بادشاهي هڪ الله جي هٿ ۾ آهي. مگر اها صفت ڪنهن ٻي مخلوق لاءِ چوڻ يا اهو عقيدو رکڻ شرڪ ۽ ڪفر آهي. ۽ اسان کي اهو يقين آهي ته شيخ عبدالقادر جيلاني جو اهو عقيدو هرگز نه آهي. ۽ هن جا تصنيف ڪيل ڪتاب هن تي شاهد آهن ته هن جو اهو عقيدو نه هو، نه اهڙي اجائي دعوىٰ ڪرڻ وارو هو. بلڪ اهو ڪم سندس مريد سڏائيندڙ خلق کي گمراهه ڪرڻ جي لاءِ پاڻ ٺاهي ان ڏانهن منسوب ڪيو آهي. هي چند شعر نموني طور پيش ڪيا ويا آهن ورنه تلاش سان اهڙا گهڻا شعر ملي سگهن ٿا.

(4)- مولوي ذوالفقار علي ديوبندي حاجي امداد الله جي شان ۾ چوي ٿو ته:-

يا مرشدي يا موئلي يا مفزعي
يا ملجائي في مبداي و معادي
ارحم علي يا غياث فليس لي
كهفي سوي حبكم من زاد

اي منهنجا مرشد منهنجي پناه ۽ بچاء جي جاءِ
منهنجي اوّل آخر ۾ پناه جي جاءِ،
منهنجا فرياد رس مون تي رحم ڪر.
جو تنهنجي محبت کانسواءِ منهنجو ڪو بچاءُ نه آهي.

ناظرين:- هن طرح ٻانهو پنهنجي الله ۽ رب کي خطاب ڪندو آهي. مگر افسوس آهي، انهن شاعرن تي جو ڪيئن ٿا پنهنجن پيرن ۽ بزرگن کي الله سان ملائين. حالانڪ قيامت ۾ پنهنجن پيشوائن کي چوندا ته: ﴿ تَاللَّهِ إِن كُنَّا لَفِي ضَلَٰلٍ مُّبِينٍ ﴿٩٧﴾﴾ الله جو قسم! ته اسين پڌري گمراهي ۾ هئاسون جو: ﴿ إِذْ نُسَوِّيكُم بِرَبِّ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿٩٨﴾﴾ ( الشعراء )
جهانن جي پالڻهار سان اوهان کي برابر ئي ڪيوسون ۽ ملايوسون ٿي.

## فصل ٻيو

# فارسي زبان ۾

(1) حدائق بخشش حصہ سوئم (29) ۾ مولوي احمد رضا خان جو شعر رسول الله ﷺ جن جي روضي جي شان ۾ هن طرح آهي تہ:

بے ادب پامنہ اینجا کہ عجب درگاہ ست
سجدہ گاہ ملک و روضہ شہنشاہ ست

”بي ادب هتي پير نہ رک هتي عجيب درگاہ آهي، ملائڪن جي سجدي ڪرڻ جي جاءِ ۽ شهنشاه جو روضو آهي.“

هي بلڪل شرڪيہ شعر آهن. جو ان ۾ قبر مبارڪ کي سجده گاه چيو ويو آهي، حالانڪ قبرن کي سجدو ڪرڻ بلڪل شرڪ آهي. جيئن باب-9 فصل نمبر-11 ۾ گذريو ۽ الله جا ملائڪ جي سدائين الله جي حڪم جا تابع ۽ هر وقت ان جا عابد ۽ عاجزي ڪندڙ بندا آهن. انهن کي بہ شاعر مشرڪ بنايو ڇڏين. وري رسول الله ﷺ جن کي شهنشاه جولقب ڏئي ٿو. حالانڪ اها صفت بہ الله جي آهي جيئن فرمائي ٿو تہ:

﴿ أَلَيْسَ ٱللَّهُ بِأَحْكَمِ ٱلْحَٰكِمِينَ ﴿٨﴾ ﴾ ( التين )

”ڇا الله تعالىٰ حاڪمن جو حاڪم بادشاهن جو بادشاه نہ آهي؟ پوءِ ٻئي کي اهو لقب ڏيڻ ان کي الله سان شريڪ بنائڻ آهي.“

محمد يار فريدي ديوان انوار فريدي-(26) ۾ پنهنجي پير کي خطاب ڪندي چوي ٿوتہ:-

السلام اے قبلہ حاجات ما السلام اے کعبہ طاعات ما
السلام اے بادشاہ کن فکان السلام اے شاہباز لامکان

”پنهنجي پير کي حاجتن جو قبلو ۽ عبادتن جو ڪعبو چوي ٿو ۽ ڪلمہ ”ڪن“ جو ان کي بادشاه چوي ٿو. يعني سڀ ڪجهہ ان جي حڪم سان ٿئي ٿو ۽ ان کي لامڪان بادشاه چوي ٿو، يعني صاف لفظن ۾ الله سڏي ٿو-(40) ۾ آهي تہ:-

اے فخر ہر نبی و ولی یا علی مدد
غلام ہر خفی و جلی یا علی مدد
ہر مشکلے کہ حل نہ شود از تو حل شود

حلال مشکلات کلی یا علی مدد
دلہائے اہل دل بسجود تو شاغل اند
مسجود قلب اہل ولی یا علی مدد

هنن شعرن ۾ علي ﷺ کي مدد لاءِ پڪاري ٿو ۽ ان کي مشڪل ڪشا ۽ هر ڳجهه جو ڄاڻو چوي ٿو، ته اهل دل سڀ تنهنجي آڏو ساجد آهن. هن کان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو شرڪ ٿيندو؟-(100) ۾ چوي ٿو ته:

یکے بینم خدا و مصطفی رافاش می گویم
کہ بیروں رفتہ ام زا قلیم فرق و امتیاز این جا

يعني چوي ٿو ته آئون ظاهر ظهور چوان ٿو ته الله ۽ مصطفیٰ ﷺ مون کي هڪ نظر اچن ٿا ۽ اسين ان جي وچ ۾ فرق ڪرڻ واري ميدان کان نڪري چڪا آهيون.

(2) شاعر نور خالدي شيخ عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ قصيده رساله قصيده غوثيه-(31) ۾ لکيو آهي ان جو هڪ شعر پيش ڪجي ٿو:-

مطاف شیر مرداں طریقت کعبہ کوئیش
سری کرداں فراراں حقیقت گوئے میدانش

”طريقت وارن جو ڪعبو ۽ طواف جي جاءِ ان جي گهٽي آهي ۽ حقيقت وارن جا مغز ۽ دماغ سندس ميدان ۾ ڊوڙندا آهن.“

(3)- ديوان گرامي-(210) ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ آهي ته:-

یک جہاں آمد زمیں بوس حضور
حجرہ محبوب سبحانی ست ایں
محی دین اینجا در آمد جلوہ ریز
یادگار قطب ربانی ست این
جن و انسان ہر دو سرگرم طواف
اللہ اللہ کعبہ ثانی است ایں

سارو جهان ان جي زمين چمڻ آيو
اهو محبوب سبحاني جو حجرو آهي

محي الدين هن جاءِ تي ظاهر ٿيو
هي قطب رباني جي يادگار آهي

جنن ۽ انسانن جو هي ٻيو ڪعبو آهي
جنهن جي چوڌاري طواف ڪندا رهن ٿا.

( 4 ) شمائم امداديہ-(53) ۾ هي شعر آهي:-

من آں وقت کردم خدارا بجود
کہ ذات و صفات خدا ہم نہ بود

”مون الله کي سجدو ان مهل ڪيو جنهن مهل نہ الله جي ذات ۽ نہ ڪا صفت هئي.“

هن ڪان مٿي ٻيو ڪهڙو ڪفر ۽ شرڪ ٿيندو جو الله تعالیٰ کي ٻڻائي ڇڏيائين. ڪو اهڙو وقت هو جو الله موجود نہ هو (نعوذبالله) ۽ جڏهن موجود نہ هو تہ سجدو ڇاکي ڪيائين. الله تعالیٰ اهڙي صوفيت کان مسلمانن کي پناهہ ۾ رکي ان طرح جا ٻيا بہ ڪافي مثال آهن.

(5)- فقير الاهي بخش غفاري قوة السالڪين-(94) ۾ هي شعر نقل ٿو ڪري:-

ازاں چشمیکہ روئی تست احول
کہ معبود تو پیر تست ول

۽ ترجمو بہ پاڻ لکي ٿو تہ اها اک جو تنهنجي منهن تي آهي ٽيڏي آهي ڇو جو ڦهريون تنهنجو معبود پير ڪامل آهي.

*-*-*

## فصل ٽيون

## اردو شعرن جي بيان ۾

(1) انوار فريدي (ص-124 ) ۾ آهي:-

بس یا فرید کہتے ہی جنت ملی ہمیں
اللہ ڈھونڈھتا ہے بہانہ فرید کا

ص-(31) ۾ آهي تہ :

خدا کی پاک صورت کو محمد میر کہتے ہیں
محمد بے کدورت کو خدایا پیر کہتے ہیں

**ص (136) ۾ آهي تہ:**

دفتر یمحو و یثبت پر ہے تیرا اقتدار
گل بنا بلبل کو اے تقدیر میرے پیر کی
کھلے جلوے ہیں اس در پر فقط اللہ اکبر کے
ہمیں سجدے روا ہیں خواجہ اجمیر کے در کے

**ص (164) ۾ آهي تہ:-**

محمد عربی کا شراب مستوں کو
بجز عبادت روئے صنم نہیں ملتا

**<u>ناظرين:-</u> هنن شعرن ۾ غور ڪريو تہ ڪيئن نہ الله جي خلق ۾ ڪفر ۽ شرڪ پکيڙيو ويو آهي.**

**(2) حدائق بخشش (62) حصہ سوئم ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني جي شان ۾ مولوي احمد رضا خان جا شعر هن طرح آهن:-**

منبع جود و سخا حضرت غوث الثقلین
مجمع علم و حیا حضرت غوث الثقلین
قبلہ ہر دوسرا حضرت غوث الثقلین
بادشاہ عرفا حضرت غوث الثقلین
بھرگیا دامن امید گل رحمت سے
جس نے اک بار کہا حضرت غوث الثقلین
یہ رضا آپ کا ادنیٰ سگ در ہے واللہ
اس پہ ہو لطف و رضا حضرت غوث الثقلین

**<u>ناظرين :</u> هڪ طرف غير الله کي پڪار آهي تہ ٻئي طرف پير صاحب کي غوث الثقلين يعني سيني جنن ۽ انسانن جو فرياد رس. اهو پڌرو شرڪ آهي، ڇو تہ سيني جو فرياد رس هڪ الله آهي، جيئن باب نمبر-9 جي فصل-6-7 ۾ بيان ٿيو ۽ صفحو نمبر-86 حصہ سوئم ۾ علي ﷛ جي حق چوي ٿو تہ:-**

علی مرتضیٰ تو ہے وصی مصطفیٰ تو ہے
مرا حاجت روا تو ہے مرا مشکل کشا تو ہے

هي بہ صريح شرڪ آهي جيئن تازو بيان ٿيو.

(3) مولوي محمود الحسن مولوي رشيد احمد گنگوهي جو مرثيو لکندي(22)۾ چوي ٿو تہ:-

نہ رکا پر نہ رکا پر نہ رکا پر نہ رکا
اس کا جو حکم تھا سیف قضائے مبرم

يعني پنهنجي بزرگ جي فيصلي کي اڻ ٽر سڏيو اٿس، حالانڪ اهو الله جو شان آهي. (23) ۾ چوي ٿو تہ:-

مردوں کو زندہ کیا زندوں کو مرنے نہ دیا
اس مسیحائی کو دیکھیں ذری ابن مریم

(4)- مولوي اشرف علي صاحب جي مناجات مقبول ۾ جا بجا وسيلي کي استعمال ڪيو ويو آهي (10) ۾ آهي تہ:-

صدقہ اپنی عزت و جلال کا
صدقہ پیغمبر کا ان کی آل کا

ڪليات امداديہ (170) ۾ حاجي امدادالله جي رسالہ گلزار معرفت ۾ هي شعر آهن:-

کریے نہ میرے فعل بروں پر نگاہ تم
کیجئے نظر کرم بس اک بار یا رسول اللہ
تم نے بھی گر نہ لی خبر اس حال زار کی
اب جائے کہاں بتاؤ یہ ناچار یا رسول اللہ
کیا ڈر ہے اس کو لشکر عصیاں و جرم سے
تم سا شفیع ہو جس کا مدد گار یا رسول اللہ
ہو آستانہ آپ کا امداد کی جبیں
اور اس سے زیادہ کچھ نہیں درکار یا رسول اللہ
جھاز امت کا حق نے کردیا آپ کے ہاتھوں
بس اب چاہو ڈباؤ یا تراؤ یا رسول اللہ

پھنسا ہوں ہر طرح گرداب غم میں ناخدا ہوکر
مری کشتی کنارے پر لگاؤ یا رسول اللہ

اهڙن شرڪيہ شعرن سان ڪتاب ڀريا پيا آهن. ۽ باب نمبر-9 فصل نمبر-6 ۾ مولوي حسين احمد مدني جي ڪتاب سلاسل طيبہ مان شعر نقل ڪيا ويا آهن. جنهن ۾ علي رضي الله عنه کي مشڪل ڪشا چيو اٿس، نيز فصل نمبر-7 ۾ حاجي امدادالله جا پڻ شعر گذريا جن ۾ هن پنهنجي پير شاه نور محمد کي خطاب ڪيو آهي.

*_*_*

## فصل چوٿون

# ملتاني زبان ۾

( 1 ) انوار فريدي (181) ۾ آهي تہ :

اساں یوں کر سجدے دے محمد در
جو ہیں در توں سرساڈا چا کوئی نئیں سگدا

ص ( 185 ) ۾ آهي تہ :

احد نال احمد رلا کیوں نہ ڈیکھاں
حبیب خدا کوں خدا کیوں نہ ڈیکھاں

ص ( 187 ) ۾ آهي تہ :

محمد دی صورت خدا کیوں نہ ڈیکھاں
خدا دیکھیں مصطفےٰ کیوں نہ ڈیکھاں

( 2 ) بلها شاه هڪ ڪافي ۾ چوي ٿو تہ :

باطن ہوکے ظاہر دھایو
گھونگھٹ کوں جمال دکایو
شاہ عنایت بن کر آیو
اتے بلہا نام دہرایوئی ([1])

*_*_*

[1]- بلها شاه جون ڪافيون ( 15 )

## فصل پنجون

# سنڌي زبان ۾

سچل سرمست چوي ٿو تہ :

آهيان پاڻ الله پر عشق ڪنان ٿو عبد سڏايان.

(سچل) ([1])

نيز ص-390 ۾ ان جو ٻيو شعر آهي :

صورت جو سبحان پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو

(سچل سرمست)

(2 ) حمل فقير جو شعر آهي تہ :

اهڙي رنگ ۾ اچي ٿو ان جي فيض ڪنا

عابد ۽ معبود جو وڃي فرق وڃا ([2])

ص (144) ۾ پنهنجي پير لنواري واري جي شان ۾ چوي ٿوتہ :

پاڻ اندر ۽ پاڻ آ ٻاهر يعني اهو باطن ظاهر

ساڳئي صفحي ۾ آهي تہ :

ذات احمد جي سمجھ خدا

مون ڪان سمجھ سٺي دل لاءِ

ص (165) ۾ آهي تہ :

سر صوفي مخلوق نہ ڄاڻو

الصوفي الله ڄاڻو

(4) سنڌ جي مشهور شاعر ڀٽائي جا شعر بہ عجيب آهن.

شاه جو رسالو ( ڪلياڻ آڏواڻي ايم-اي ) (60) سر سريراڳ داستان ٻئي ۾ آهي تہ

سي پوڄارا پر ٿيا

سمنڊ سيريو جن

آنڌائون عميق مان

[1] - سنڌ جي ساجاه ( 333 ) مصنف جي ايم سيد

[2] - ديوان حمل ( 138 ) داستان ٽيون

جوتي جواهرن
لڏائون لطيف چئي
لائون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن
ملهه مهانگو ان جو

سمنڊ جي سيوا ۽ پوڄا ته هندن جو مذهب آهي.([1])

ص (320) سر ڪيڏارو داستان چوٿون ۾ آهي ته :-

ڪوفي ڪربلا ۾ پاڙي نه پيارين
اتي علي شاه ڪي شهزادا سارين
نڪريو نهارين چڙهه مير محمد عربي

ان طرح پڪارڻ شرڪ آهي.

ص-(403) سر رامڪلي داستان پنجون ۾ آهي ته :-

منهن محراب پرينءَ جو جامع سڀ جهان
فرهي تان فرقان جي ڪاٿيائون قرآن
اڏامي ات ويو عقل ۽ عرفان
سيوئي سبحان ڪاڏي وجي نيتيان

هنن شعرن ۾ هر شيءِ کي الله چيو ويو آهي ان کان مٿي ٻيو ڪهڙو شرڪ ٿيندو؟

ص (303) سرسورٺ داستان ٻيو ۾ آهي ته :-

راز ڪيائين راءِ سين ڪنهن موچاري مهل
انا محمد بلاميم سَينَ هنئي سائل
ڪنهن ڪنهن پيئي ڪل ته هر دوئي هيڪ ٿيا

ان طرح اجا ٻيا ٻه شعر گهڻا آهن.

( 4 ) فقير الاهي بخش غفاري قوة الساڪين (67) ۾ لکي ٿو ته :-

پير اهڙو وچ ڳول جيئن گهوٽ غفاري
جو ميٽي مديون مريدن جون لاٿائين ٻهاري
آڻي در الله جي ڏسيائين ٻولي ٻاجهاري
الاهي بخش ستاري اجا ٿيندي ڏينهن قيام جي

[1]- مسلمان صرف هڪ الله جا پوڄار هوندا آهن.

(5)- مجموعہ خطب ملاح ص (44) ۾ آهي تہ :-

محمد جام محشر
اچي محمد کي ڏج آذر
اسان جهڙن اڙين انور
انهي ويلي وسارين چو

۽ ديوان احمد ص-(75) ۾ آهي تہ :-

مٺا ميرمرسل مديني جا گهوٽ
مٿم ويل مشکل جي محبوب موٽ
نظر سان ڪرين پنهنجي نرمل نرم
ڪنڻ قلب ڪارو سندم سخت سوٽ
ڪندين ڪنهن ڪميني تي جيڪو ڪرم
تہ پوندي پريم چا خزاني ۾ ڪوٽ
اچي وقت اهڪي جي "احمد" مٿي
تون ڪج پاڪ ڪلمي جو قائم ڪو ڪوٽ

۽ ص-(13) ۾ آهي تہ:-

يا محمد مصطفیٰ مٺ پنهنجو آهي مير خود
ويل اهڪي جي ورين واڪن تي مهنجي وير خود
وير ويرون سر تي ورينم وات واڳون ٿو وجان
تار ۾ ڪانهي ترڻ جي تو بنا تدبير خود
جي ڪري پانيم ڪسيونۂ ٿينم ڪارو نيارڪن
ساه ۾ سيرون پينم ثابت لنگهائي سير خود

ناظرين:- ان طرح مختلف زبانن ۾ ڪئين اهڙا شعر ملن ٿا. جن کي پڙهندي موحد مسلمان جا وار ڪاندارجي وڃن ٿا ۽ ماڻهو جهالت سببان شرڪ ۽گمراهي ۾ مبتلا ٿين ٿا. تنهنڪري گهرجي تہ شاعرن جي پويان عمر وڃائڻ جي بدران قرآن و حديث ۽ انهن جا ترجما مطالعو ڪرڻ گهرجن. جن مان توحيد ۽ حق جي راهہ معلوم ٿئي. الله تعالیٰ مسلمانن کي اهڙي توفيق بخشي. (آمين) .

*-*-*

## باب ٻارهون

# رياء جي بيان ۾

ڄاڻ گهرجي تہ سيني عملن جو مدار۽ بنياد نيت تي آهي. جنهن قسم جي نيت هوندي اهوئي درجو عمل کي ملندو. قرآن ڪريم ۾ آهي تہ:

﴿ قُلْ كُلٌّ يَعْمَلُ عَلَىٰ شَاكِلَتِهِۦ فَرَبُّكُمْ أَعْلَمُ بِمَنْ هُوَ أَهْدَىٰ سَبِيلًا ﴿٨٤﴾ ﴾ ( الإسراء )

”چئو تون اي پيغمبر ﷺ ! سيڪو پنهنجي نيت ۽ پنهنجي طريقي تي عمل ڪري ٿو. پوءِ رب اوهان جو وڌيڪ ڄاڻندو آهي. ان کي جو سنئين راه وارو آهي.“

۽ ان بابت حديثون بہ آهن. جي الترغيب والترهيب ۾ آهن.

حديث 1 : عَنْ عُمَرَ بْنِ الْخَطَّاب قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ يَقُولُ إِنَّمَا الْأَعْمَالُ بِالنِّيَّة – و فى رواية – إِنَّمَا الْأَعْمَالُ بِالنِّيَّات وَإِنَّمَا لكُلِّ امْرِئٍ مَا نَوَى فَمَنْ كَانَتْ هِجْرَتُهُ إِلَى اللَّه وَرَسُوله فَهِجْرَتُهُ إِلَى اللَّه وَرَسُوله وَمَنْ كَانَتْ هِجْرَتُهُ إِلَى دُنْيَا يُصِيبُهَا أَوْ إِلَى امْرَأَةٍ يَنْكِحُهَا فَهِجْرَتُهُ إِلَى مَا هَاجَرَ إِلَيْه. ([1])

”امير عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: مون رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌو تہ: عمل صرف نيتن تي آهن. ۽ هر ڪنهن مرد لاءِ اهو آهي جهڙي نيت ڪندو. پوءِ جنهن جي هجرت الله ۽ ان جي رسول ﷺ ڏي آهي تہ، ان جي هجرت الله ۽ رسول ﷺ ڏانهن ئي لکي ويندي. ۽ جنهن جي هجرت دنيا لاءِ آهي تہ، ان کي حاصل ڪري يا ڪنهن زال لاءِ آهي تہ ان سان شادي ڪري تہ ان جي هجرت اوڏانهن لکي ويندي. جيڏانهن نيت ڪئي هوندائين.“

حديث 2 : عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا قَالَتْ قَالَ رَسُولُ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ يَغْزُو جَيْشٌ الْكَعْبَةَ فَإِذَا كَانُوا بِبَيْدَاءَ مِنْ الْأَرْضِ يُخْسَفُ بِأَوَّلِهِمْ وَآخِرِهِمْ قَالَتْ قُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّه كَيْفَ يُخْسَفُ بِأَوَّلِهِمْ وَآخِرِهِمْ وَفِيهِمْ أَسْوَاقُهُمْ وَمَنْ لَيْسَ مِنْهُمْ قَالَ يُخْسَفُ بِأَوَّلِهِمْ وَآخِرِهِمْ ثُمَّ يُبْعَثُونَ عَلَى نِيَّاتِهِمْ. ([2])

”ام ا لمومنين عائشہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن فر ما يو تہ: هڪڙو لشڪر بيت الله تي حملو ڪندو، جڏهن بيداء واري هند تي پهچندا تہ پوءِ پهرين ۽ پوين سيني کي زمين ڳهي ويندي. مون عرض ڪيو تہ، يا رسول الله ﷺ !

---

[1]- صحيح البخاري ( 1 / 3 ) كِتَاب بدْءِ الْوحْيِ بَاب بَدْءُ الْوَحْيِ حديث رقم ( 1 ) ، صحيح مسلم ( 10 / 14 ) كِتَاب الْإِمَارَة بَاب قَوْله صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ إِنَّمَا الْأَعْمَالُ بِالنِّيَّة وَأَنَّهُ يَدْخُلُ فِيه الْغَزْوُ وَغَيْرُهُ مِنْ الْأَعْمَال حديث رقم ( 3530 ) ، الترغيب والترهيب ( 1 / 56-57 ) وقال : رواه البخارى و مسلم و ابوداؤد و الترمذى و النسائى

[2]- صحيح البخاري ( 7 / 314 ) كِتَاب الْبُيُوع بَاب مَا ذُكِرَ فِي الْأَسْوَاقِ حديث رقم ( 1975 ) ، صحيح مسلم ( 14 / 55 ) كِتَاب الْفِتَنِ وَأَشْرَاطِ السَّاعَةِ بَاب الْخَسْفِ بِالْجَيْشِ الَّذِي يَؤُمُّ الْبَيْتَ حديث رقم ( 5134 )

سيني کي زمين کيئن ڳهندي؟ حالا نک کي انهن مان واپاري هوندا ۽ کي اهڙا هو ندا جيکي انهن ظالمن مان نہ هوندا. پاڻ فرمايائون تہ سيئي زمين ۾ هليا ويندا پوءِ قيامت ۾ سيئي پنهنجي نيتن مطابق اٿاريا ويندا."

حديث 3 : عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنَّمَا يُبْعَثُ النَّاسُ عَلَى نِيَّاتِهِمْ. ([1])

رواه ابن ماجه بإسناد حسن و رواه أيضاً من حديث جابر إلّا أنه قال : يُحْشَرُ النَّاسُ. ([2])

"ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول اللهﷺ جن فرمايو تہ: سيئي ماڻهو قيامت جي ڏينهن پنهنجين نيتن مطابق اٿاريا ويندا.

تشريح :- هنن حديثن مان ثابت ٿيو تہ جهڙي نيت هوندي انهيءَ مطابق پنهنجي عمل جو ڦل لهندو. تنهن ڪري عمل خالص هڪ الله جي رضا لاءِ ڪيو وڃي. انهيءَ جي خوشنودي مراد هجي، نہ ڪنهن ٻئي جي. ان مضمون کي تفصيل سان بيان ڪرڻ جي لاءِ هن باب ۾ ٻہ فصل رکيا ويا آهن.

*-*-*

## فصل پهريون

# اخلاص جي بيان ۾

اخلاص جو مطلب آهي تہ هر قسم جي عبادت بدني خواه مالي صرف هڪ الله لاءِ ڪئي وڃي.

لسان العرب ۾ آهي تہ:-

وأَخْلَص للّه دِينَه أَمْحَضَه . . . يعني بالمُخْلِصين الذين أَخْلَصوا العبادة للّه . . . والإِخْلاصُ في الطاعة تَرْكُ الرِّياءِ وقد أَخْلَصْت للّه الدِّينَ. ([3])

"الله لاءِ دين خالص ڪرڻ ۽ عبادت ۾ رياء ۽ ڏيکاء نہ ڪرڻ . . . مخلصين اهي ٻانها آهن. جي پنهنجي عبادت خالص الله لاءِ ڪن."

المفردات للراغب ۾ آهي:

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن ابن ماجة ( 9 / 229 ) حديث رقم ( 4229 ) ، سنن ابن ماجه ( 12 / 276 ) كِتَاب الزُّهْدِ بَاب النِّيَّةِ حديث رقم ( 4219 )

[2]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن ابن ماجة ( 9 / 230 ) حديث رقم ( 4230 ) ، سنن ابن ماجه ( 12 / 277 ) كِتَاب الزُّهْدِ بَاب النِّيَّةِ حديث رقم ( 4220 )

[3]- لسان العرب ( 7 / 26 )

الخالص كالصافي الا ان الخالص هو ما زال عنه شوبه بعد ان كان فيه والصافي قد يقال لما لا شوب فيه . . . فاخلاص المسلمين انهم قد
تبرؤا مما يدعيه اليهود من التشبيه و النصارى من التثليث ... فحقيقة الاخلاص التبرئ عن كل ما دون الله تعالى. ([1])

”خالص ۽ صاف هم معنیٰ آهن. فرق ايترو آهي تہ خالص ان کي چئبو آهي، جو اها شيءِ کنهن ملاوٽ کان صاف ڪئي وڃي ۽ صاف اها شيءِ آهي، جنهن ۾ ملاوٽ اصل نہ هجي ۽ مسلمانن جو اخلاص اهو هوندو آهي تہ يهودين جي تشبيهہ ۽ نصارن جي تثليث (ٽي اله چوڻ) کان بيزار ٿين. يعني الله تعالیٰ کي هڪڙو ۽ اڪيلو ۽ مثال ۽ شبہ کان پاڪ ڄاڻڻ. تنهنڪري اخلاص جي حقيقت هيءَ آهي تہ الله کانسواءِ جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي ان کان بيزار ٿيڻ.“

التعريفات للجرجاني ۾ آهي تہ :-

الإخلاص في اللغة : ترك الرياء في الطاعات، وفي الاصطلاح: تخليص القلب عن شائبة الشوب المكدر لصفاته، وتحقيقه: أن كل شيء يتصور أن يشوبه غيره، فإذا صفا عن شوبه، وخلص عنه يسمى: خالصاً، ويسمى الفعل، المخلص: إخلاصاً، قال الله تعالى: ﴿مِنۢ بَيۡنِ فَرۡثٖ وَدَمٖ لَّبَنًا خَالِصٗا﴾ فإنما خلوص اللبن ألا يكون فيه شوب من الفرث والدم. وقال الفضيل بن عياض: ترك العمل لأجل الناس رياء، والعمل لأجلهم شرك، والإخلاص الخلاص من هذين.([2])

”اخلاص جي معنیٰ هي آهي تہ، عبادات ۾ رياء نہ ڪيو وڃي ۽ اصلاح ۾ قلب کي هر ملاوٽ کان صاف ڪرڻ، يعني جنهن شيءِ ۾ ملاوٽ ٿي سگهندي هجي. ان کي ملاوٽ کان پاڪ رکڻ انهيءَ ڪري مخلص انسان جي ڪم کي اخلاص چيو ويندو آهي.“

جيئن قرآن ۾ آهي تہ :-

” لڏ ۽ خون جي وچان خالص کير“ ۽ ان جو خالص ٿيڻ هي آهي تہ، ٻنهي شين مان ڪنهن جي ساڻس ملاوٽ نہ هجي ۽ فضيل بن عياض جو فرمان آهي تہ: ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ ڪو ڪم ڇڏڻ رياء آهي ۽ ماڻهن جي خاطر ڪو ڪم ڪرڻ شرڪ آهي ۽ اخلاص انهن ٻنهي ڳالهين کان بچڻ آهي. يعني ڪو بہ چڱو عمل ڪجي يا ڪو برو ڪم ڇڏجي تہ هڪ الله جي راضي ڪرڻ لاءِ.“

---

[1]- المفردات للراغب ( 154 )
[2]- التعريفات ( 1 / 8 )

**هن کان بعد اخلاص بابت ڪجهہ آيتون ذڪر ڪجن ٿيون :-**

﴿فَمَن كَانَ يَرْجُواْ لِقَآءَ رَبِّهِۦ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَٰلِحًا وَلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهِۦٓ أَحَدًۢا ﴿١١٠﴾﴾ ( الكهف )

**”جنهن شخص کي الله سان ملڻ جي اميد هجي تہ اهو صالح ۽ نيڪ عمل ڪري ۽ عبادت ۾ پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنائي بلڪ خالص الله لاءِ ڪري.“**

**تشريح:- يعني الله جو ديدار انهيءَ کي نصيب ٿيندو جنهن جا عمل صالح هجن. اهي خالص الله جي خوشنودي لاءِ هجن، ڪنهن ٻئي جي ڏيکارڻ يا ٻڌائڻ خاطر نہ هجي يعني رياء نہ هجي.**

﴿تَنزِيلُ ٱلْكِتَٰبِ مِنَ ٱللَّهِ ٱلْعَزِيزِ ٱلْحَكِيمِ ﴿١﴾ إِنَّآ أَنزَلْنَآ إِلَيْكَ ٱلْكِتَٰبَ بِٱلْحَقِّ فَٱعْبُدِ ٱللَّهَ مُخْلِصًا لَّهُ ٱلدِّينَ ﴿٢﴾﴾ ( الزمر )

**”(هن) ڪتاب جونا زل ڪرڻ غالب حڪمت واري الله (جي طرف) کان آهي. بيشڪ اسان توڏانهن سچ سان ڪتاب نازل ڪيو تہ الله لاءِ ( پنهنجي) عبادت کي خالص ڪري، خاص ان جي عبادت ڪر، خبردار ٿي! خالص عبادت الله جي لاءِ ئي آهي.“**

**تشريح:- ثابت ٿيو تہ هر نيڪ عمل خالص الله لاءِ آهي، ان کان سواءِ ڪا عبادت قبول نہ پوندي. ڇو تہ الله تعالیٰ دين خالص موڪليو آهي، جو ان جو آهي. انهيءَ ۾ ٻي جي شراڪت نہ آهي. تنهن ڪري ان دين تي عمل بہ خالص الله تعالیٰ لاءِ ئي هجڻ گهرجي.**

﴿وَمَآ أُمِرُوٓاْ إِلَّا لِيَعْبُدُواْ ٱللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ ٱلدِّينَ حُنَفَآءَ وَيُقِيمُواْ ٱلصَّلَوٰةَ وَيُؤْتُواْ ٱلزَّكَوٰةَ ۚ وَذَٰلِكَ دِينُ ٱلْقَيِّمَةِ ﴿٥﴾﴾ ( البينة )

**”انهن کي صرف هي حڪم هو تہ دين ۾ مخلص ٿي (يعني باطل کان منهن موڙي) صرف هڪ الله جي عبادت ڪن ۽ نماز پڙهندا ۽ زڪواة ڏيندا رهن ۽ اهو ئي سڌو دين آهي.“**

**تشريح:- يعني الله تعالیٰ جي بندن کي اهو حڪم آهي تہ اخلاص سان عبادت ڪن، نماز خواه زڪواة سيني عملن جي قبول پوڻ لاءِ اهو ئي سڌو رستو آهي.**

﴿إِنَّ ٱلْمُنَٰفِقِينَ فِى ٱلدَّرْكِ ٱلْأَسْفَلِ مِنَ ٱلنَّارِ وَلَن تَجِدَ لَهُمْ نَصِيرًا ﴿١٤٥﴾ إِلَّا ٱلَّذِينَ تَابُواْ وَأَصْلَحُواْ وَٱعْتَصَمُواْ بِٱللَّهِ وَأَخْلَصُواْ دِينَهُمْ لِلَّهِ فَأُوْلَٰٓئِكَ مَعَ ٱلْمُؤْمِنِينَ ۖ وَسَوْفَ يُؤْتِ ٱللَّهُ ٱلْمُؤْمِنِينَ أَجْرًا عَظِيمًا ﴿١٤٦﴾﴾ (النساء)

**”بيشڪ منافق باهہ جي هيٺين طبقي ۾ هوندا ۽ ان جو مددگار ڪوئي نہ لهندين، پر جن توبهہ ڪئي ۽ پاڻ سڌاريو ۽ الله جي در کي چمبڙي ورتو ۽ خالص الله جا حڪم مڃيا اهي ئي مؤمنن سان گڏ هوندا ۽ الله مؤمنن کي سگهو وڏو اجر ڏيندو.“**

**تشريح:- ثابت ٿيو تہ توبهہ لاءِ شرط آهي تہ عمل خالص ڪيا وڃن ۽ مؤمن منافق جي وچ ۾ تميز ۽ فرق اخلاص ئي آهي.**

﴿ قُلْ أَتُحَآجُّونَنَا فِي ٱللَّهِ وَهُوَ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ وَلَنَآ أَعْمَٰلُنَا وَلَكُمْ أَعْمَٰلُكُمْ وَنَحْنُ لَهُۥ مُخْلِصُونَ ١٣٩ ﴾( البقرة )

”اي پيغمبر ﷺ! ڪافرن کي چؤ تہ الله (جي دين) بابت اسان سان تڪرار ڪريو ٿا ڇا؟ ۽ (حقيقت ڪري) اهو اسان جو ۽ اوهان جو پالڻهار آهي ۽ اسان لاءِ اسان جا ڪم ۽ اوهان لاءِ اوهان جا ڪرتوت آهن ۽ اسين ان جا اخلاص وارا ٻندا آهيون.“

تشريح:- يعني انبياء عليهم السلام جو دين اخلاص وارو آهي ۽ اهو ئي مسلمانن جو دين ۽ طريقو آهي. هن ڪان بعد ڪجهہ حديثون لکجن ٿيون.

حديث 1 : عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ مَنْ فَارَقَ الدُّنْيَا عَلَى الْإِخْلَاصِ لِلَّهِ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ وَإِقَامِ الصَّلَاةِ وَإِيتَاءِ الزَّكَاةِ فَارَقَهَا وَاللَّهُ عَنْهُ رَاضٍ. ([1])

”انس بن مالڪ ﷺ ڪان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: جيڪو شخص هن دنيا مان الله وحدہٗ لا شريڪ لہٗ جي لاءِ اخلاص سان ويو ۽ نماز پڙهندو ۽ زڪواة ڏيندو رهيو تہ هن حالت ۾ دنيا مان ويندو جو الله تعالىٰ ڪانئس راضي رهندو.“

تشريح:- هن حديث مان ثابت ٿيو تہ انسان جا عمل ڪيترا بہ گهڻا ۽ سٺا هجن، مگر انهن سان الله تعالىٰ کي تڏهن راضي ڪري سگهبو جڏهن تہ خالص ان الله جي خوشنودي ۽ رضا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيا وڃن.

حديث 2 : عن ابي سعيد الخدري عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أنه قَالَ في حجة الوداع نَضَّرَ اللَّهُ امْرَأً سَمِعَ مَقَالَتِي فَوَعَاهَا فَرُبَّ حَامِلِ فِقْهٍ ليس بفقيه ثَلَاثٌ لَا يُغِلُّ عَلَيْهِنَّ قَلْبُ امرىء مؤمن إِخْلَاصُ الْعَمَلِ لِلَّهِ وَالْمُنَاصَحَةُ أَئِمَّةَ الْمُسْلِمِينَ وَلُزُومُ جَمَاعَتِهِمْ فَإِنَّ الدَّعْائهم محيطُ مِنْ وَرَائِهِمْ. ([2])

”ابو سعيد الخدري ﷺ ڪان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن حجة الوداع (خطبي) ۾ فرمايو تہ: انهيءَ مرد کي الله تعالىٰ خوشروءِ ڪري جنهن منهنجي ڳالهہ ٻڌي ۽ ان کي ياد ڪيائين. پوءِ ڪي ان جا ناقل پوري سمجهہ وارا نہ هوندا آهن. ۽ ٽن وصفن واري شخص جي دل تي خيانت ۽ ڏوڪو ۽ ڪا بہ برائي نہ ايندي. 1- هر عمل کي خالص الله لاءِ ڪرڻ وارو. 2- مسلمانن جي اڳواڻن جي خيرخواهي ڪرڻ وارو. 3- مسلمانن جي جماعت سان گڏ رهڻ وارو. انهن جي دعا انهن کي پهچندي جي ساڻن گڏ هوندا.“

---

[1]- ضعيف الجامع حديث رقم ( 5719 ) ، سنن ابن ماجه ( 1 / 79 ) كِتَاب الْمُقَدِّمَةِ بَاب فِي الْإِيمَانِ حديث رقم ( 69 ) ، المستدرك على الصحيحين للحاكم ( 7 / 414 ) حديث رقم (3235 ) و اللفظ له

[2]- ( **صحيح لغيره** ) صحيح الترغيب والترهيب ( 1 / 2 ) كتاب الإخلاص باب الترغيب في الإخلاص والصدق والنية الصالحة حديث رقم ( 4 ) ، رواه البزار بإسناد حسن

تشريح:- هن حديث مان ثابت ٿيو ته اخلاص سان عمل ڪرڻ دعا جي قبوليت جو وڏو باعث آهي.

حديث 3 : عَنْ أَبِي أُمَامَةَ الْبَاهِلِيِّ قَالَ جَاءَ رَجُلٌ إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ أَرَأَيْتَ رَجُلًا غَزَا يَلْتَمِسُ الْأَجْرَ وَالذِّكْرَ مَالَهُ فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا شَيْءَ لَهُ فَأَعَادَهَا ثَلَاثَ مَرَّاتٍ يَقُولُ لَهُ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا شَيْءَ لَهُ ثُمَّ قَالَ إِنَّ اللَّهَ لَا يَقْبَلُ مِنْ الْعَمَلِ إِلَّا مَا كَانَ لَهُ خَالِصًا وَابْتُغِيَ بِهِ وَجْهُهُ.([1])

”ابو امامہ رضي الله عنه کان روايت آهي ته، هڪ شخص رسول الله ﷺ جن وٽ آيو، عرض ڪيائين ته مونکي ٻڌايو ڪو شخص جهاد ڪري ٿو سندس ارادو اجر ۽ شهرت جو آهي ان لاءِ ڇا حڪم آهي؟ پاڻ فرمايائون ته ان لاءِ ڪجهه نه آهي ان شخص ٽي دفعا ورائي سوال ڪيو، مگر پاڻ هر ڀيري فرمايائون ان لاءِ ڪجهه نه آهي. پوءِ فرمايائون ته الله تعالىٰ ڪو به عمل قبول نه ڪندو، صرف اهو جو خالص سندس رضا لاءِ هجي.“

فائده:- هي ٽيئي حديثون الترغيب و الترهيب ([2]) تان نقل ڪيون ويون آهن ۽ ٽنهي جو خلاصو هي آهي ته، هر عمل لاءِ ضروري آهي ته خالص الله جي رضا لاءِ هجي ورنه قبول نه پوندو، نه اهڙن جي دعا قبول پوندي.

*-*-*

## فصل ٻيو

# رياءَ جي مذمت ۾

رياءَ جو مطلب آهي ته ڪو به نيڪ يا وڏو عمل ماڻهن جي ڏيکارڻ يا ٻڌائڻ لاءِ ڪيو وڃي. جيئن ان جي نيڪ نامي ۽ شهرت ٿئي. اهڙو عمل الله تعالىٰ وٽ قبول نه پوندو بلڪ باطل ۽ مردود رهندو. لسان العرب ۾ آهي ته:

ورأَيْت الرجلَ مُراآةً ورِياءً أَرَيْته أَنِّي على خلاف ما أَنا عليه ... وفلان مُراءٍ وقومٌ مُراؤُونَ والإسم الرِّياءُ يقال فَعَلَ ذلك رِياءً وسُمْعَةً ... عن أَبي عمرو ويقال رأَى فلان الناسَ يُرائِيهِمْ مُراآةً وراياهم مُراياةً على القَلْب. ([3])

”بمعنىٰ ٻين کي پنهنجو ظاهري اهڙو حال ڏيکارڻ جو حقيقت ۾ نه هجي. رياء ڪندڙ کي مراء ۽ ان جو جمع مراؤون ۽ اسم الرياء آهي.“

رأَى فلان الناسَ يُرائِيهِمْ مُراآةً

[1]- ( **حسن** ) صحيح وضعيف سنن النسائي حديث رقم ( 3140 ) ، سنن النسائي ( 10 / 204 ) كِتَاب الْجِهَادِ مَنْ غَزَا يَلْتَمِسُ الْأَجْرَ وَالذِّكْرَ حديث رقم ( 3089 ) ، سنن أبي داود ( 7 / 38 ) كِتَاب الْجِهَادِ بَاب فِي مَنْ يَغْزُو وَيَلْتَمِسُ الدُّنْيَا حديث رقم ( 2155 )

[2]- الترغيب والترهيب (1 / 53-55 )

[3]- لسان العرب ( 14 / 291 )

”۽ ان جو مقلوب وراياهم مراياة ٻنهي جي ساڳي معنىٰ آهي. يعني ٻئي کي ڏيکارڻ.“

هن طرح تاج العروس ۾ آهي ۽ التعريفات للجرجاني ۾ آهي:

الرياء : ترك الإخلاص في العمل بملاحظة غيرالله فيه. ([1])

”رياء بمعنىٰ اخلاص ڇڏڻ ۽ پنهنجي عمل ۾ غيرالله کي ڏيکارڻ ۽ خوشين جو لحاظ رکڻ.“

هن کان بعد رياءَ جي مذمت ۾ آيتون لکجن ٿيون.

﴿ يَـٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ لَا تُبْطِلُوا۟ صَدَقَـٰتِكُم بِٱلْمَنِّ وَٱلْأَذَىٰ كَٱلَّذِى يُنفِقُ مَالَهُۥ رِئَآءَ ٱلنَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُ بِٱللَّهِ وَٱلْيَوْمِ ٱلْـَٔاخِرِ ۖ فَمَثَلُهُۥ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ عَلَيْهِ تُرَابٌ فَأَصَابَهُۥ وَابِلٌ فَتَرَكَهُۥ صَلْدًا ۖ لَّا يَقْدِرُونَ عَلَىٰ شَىْءٍ مِّمَّا كَسَبُوا۟ ۗ وَٱللَّهُ لَا يَهْدِى ٱلْقَوْمَ ٱلْكَـٰفِرِينَ ﴿٢٦٤﴾ ﴾ ( البقرة )

”اي مؤمنو! پنهنجين خيراتن کي احسان رکڻ ۽ ايذائڻ سان انهيءَ ماڻهو وانگر نہ وڃايو جيڪو پنهنجو مال ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ خرچي ۽ الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي نہ مڃي. (يعني الله جي رضا ۽ قيامت ۾ اجر جي لاءِ سندس خيرات نہ هجي) پوءِ سندس مثال (انهيءَ) لسي پهڻ وانگر آهي. جنهن تي ٿوري مٽي (پيل) هجي ۽ مٿس وڏو مينهن وسي. پوءِ چندي ڇڏيس (تہ رياءَ وارن) جيڪي ڪمايو تنهن مان ڪنهن ذري تي (اهي) وس وارا نہ ٿيندا (يعني ان جو ثواب ۽ اجر حاصل ڪري نہ سگهندا) ۽ الله ڪافر ٽوليءَ کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي. “

<u>تشريح</u>:- هن آيت مان چند مسئلا معلوم ٿيا.

(الف) رياءَ ۽ ڏيکاءَ خاطر ڪو بہ ڪيل عمل قبول نہ پوندو بلڪ ان جي اها ملڪيت ۽ خرچ ضائع ۽ برباد ٿي ويو. ان ۾ جيڪو عام طرح عرس، يارهين، رجبي، نياز يا عام خيراتون، جي شهرت خاطر ڪيون وينديون آهن. سي بہ داخل آهن.

(ب) هن کي انهيءَ مٽيءَ سان مثال ڏيڻ جنهن کي بارش گم ڪري ڇڏي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪي رياءَ ۽ شهرت خاطرخيراتون ڪن ٿا، تن تي گوياڪ الله جو عذاب آهي جو ان طرح سندن مال ۽ ملڪيت ضائع ٿيندي رهي ٿي.

(ج) ۽ الله تعالىٰ ان طرح پنهنجي عملن ۽ خيراتن کي باطل ڪرڻ کان منع فرمائي آهي. جيڪا خود رياءَ کان منع کي متضمن آهي.

(د) رياءَ انهن ماڻهن جو ڪم آهي، جن جو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي يقين ۽ ايمان نہ آهي.

(هہ) رياءُ ڪافرن جو طريقو ۽ شيوو آهي نہ مسلمانن جو.

---

[1]- تاج العروس ( 10 / 139 ) ، التعريفات للجرجاني ( 100 )

(و) رياءَ ڪارن کي هدايت واري راهہ نصيب نہ ٿيندي.

(2) ﴿إِنَّ ٱلْمُنَٰفِقِينَ يُخَٰدِعُونَ ٱللَّهَ وَهُوَ خَٰدِعُهُمْ وَإِذَا قَامُوٓاْ إِلَى ٱلصَّلَوٰةِ قَامُواْ كُسَالَىٰ يُرَآءُونَ ٱلنَّاسَ وَلَا يَذْكُرُونَ ٱللَّهَ إِلَّا قَلِيلًا ﴿١٤٢﴾﴾ (النساء)

”منافق (پنهنجي خيال ۾) الله کي دوکو ڏيندا آهن ۽ (حقيقت ڪري) الله کين دوکو ڏيندڙ آهي. (يعني سندن دوکي جو نتيجو سندن ڳچيءَ ۾ وجهندڙ آهي. جو انهن کي ئي ڀوڳڻو آهي) ۽ جڏهن نماز ڏانهن اٿندا آهن تڏهن آرسي ۽ سست ٿي اٿندا آهن. رڳو ماڻهن کي ڏيکاريندا آهن ۽ الله کي نہ ياد ڪندا آهن. مگر ٿورو.“

تشريح:- هن آيت مان ثابت ٿيو تہ رياءَ ڪاري منافقن جي صفت آهي. نہ مؤمنن جي نيز رياءڪار گوياڪ پنهنجي عمل سان الله کي دوکو ڏئي ٿو ۽ ان ڪري اهو عظيم جرم آهي. في الحقيقت ان قسم جو اهو دوکو رياڪار پنهنجي پاڻ سان ڪري ٿو. ڇو تہ هو ان غرور ۾ آهي تہ آئون وڏو عابد سمجهيو وڃان ٿو، مگر حقيقت ۾ پاڻ بہ برباد ۽ سندس عمل بہ برباد آهن.

(3) ﴿وَلَا تَكُونُواْ كَٱلَّذِينَ خَرَجُواْ مِن دِيَٰرِهِم بَطَرًا وَرِئَآءَ ٱلنَّاسِ وَيَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ ٱللَّهِ ۚ وَٱللَّهُ بِمَا يَعْمَلُونَ مُحِيطٌ ﴿٤٧﴾﴾ (الأنفال)

”۽ اوهين انهن وانگر نہ ٿيو جيڪي پنهنجي ديس مان تڪبر سان ۽ ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ نڪتا ۽ الله جي واٽ کان جهلڻ لڳا ۽ جيڪي ڪم ڪندا آهن. تنهن کي الله گهيرو ڪندڙ آهي.“

تشريح:- يعني الله تعالىٰ جي علم جي گهيري کان ڪنهن جو بہ عمل ٻاهر نہ آهي. اخلاص وارو هجي يا رياء طور تي سڀ کي ڄاڻي ٿو ۽ سندس نيت مطابق ان سان معاملو ٿيندو. جڏهن تہ جهاد في سبيل الله جهڙو عظيم عمل جنهن ۾ جاني خواه مالي هر قسم جي قرباني ٿيندي آهي. اهو بہ رياء واري صورت ۾ باطل ٿي وڃي ٿو. تہ پوءِ ٻيو ڪهڙو عمل قبول ٿيندو.

(4) ﴿فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّينَ ﴿٤﴾ ٱلَّذِينَ هُمْ عَن صَلَاتِهِمْ سَاهُونَ ﴿٥﴾ ٱلَّذِينَ هُمْ يُرَآءُونَ ﴿٦﴾﴾ (الماعون)

”پوءِ انهن نمازين لاءِ ويل آهي. جي پنهنجين نمازن کان غافل رهندا آهن. اهي جيڪي رياء ڪندا آهن.“

تشريح:- ويل بمعنىٰ غم، هلاڪت ۽ عذاب، برائي ۽ خواري ۽ مصيبت (لسان العرب 736 تا-738/ج-11) ۽ ويل جهنم جي هڪ وادي جو نالو بہ آهي. جيئن

**الدرالمنثور(82/ج-1) ۾ بحوالہ احمد، ترمذي، ابويعلىٰ، ابن جرير، الطبراني، ابن حبان، حاڪم وغيرهم. ”ابو سعيد خدري کان حديث مذڪور آهي تہ، رسول الله ﷺ جن فرمائين ٿا تہ: ”ويل“ جهنم ۾ هڪ وادي آهي. ثابت ٿيو تہ رياءڪاري واري عمل جو ثواب يا اجر تہ نہ ملندو بلڪ اهڙي شخص لاءِ مصيبت ۽ غم ۽ عذاب آهي.“ الله تعالىٰ سڀني مسلمانن کي پناهہ ۾ رکي.“**

**هن کان بعد چند حديثون ذڪر ڪجن ٿيون، پهرئين فصل ۾ جيڪي اخلاص بابت حديثون ذڪر ڪيون ويون تن مان ئي رياء جي مذمت ۽ برائي ظاهر آهي.**

حديث 1 : عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ فَقَالَ لَهُ نَاتِلُ أَهْلِ الشَّامِ أَيُّهَا الشَّيْخُ حَدِّثْنَا حَدِيثًا سَمِعْتَهُ مِنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ نَعَمْ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ إِنَّ أَوَّلَ النَّاسِ يُقْضَى يَوْمَ الْقِيَامَةِ عَلَيْهِ رَجُلٌ اسْتُشْهِدَ فَأُتِيَ بِهِ فَعَرَّفَهُ نِعَمَهُ فَعَرَفَهَا قَالَ فَمَا عَمِلْتَ فِيهَا قَالَ قَاتَلْتُ فِيكَ حَتَّى اسْتُشْهِدْتُ قَالَ كَذَبْتَ وَلَكِنَّكَ قَاتَلْتَ لِأَنْ يُقَالَ جَرِيءٌ فَقَدْ قِيلَ ثُمَّ أُمِرَ بِهِ فَسُحِبَ عَلَى وَجْهِهِ حَتَّى أُلْقِيَ فِي النَّارِ وَرَجُلٌ تَعَلَّمَ الْعِلْمَ وَعَلَّمَهُ وَقَرَأَ الْقُرْآنَ فَأُتِيَ بِهِ فَعَرَّفَهُ نِعَمَهُ فَعَرَفَهَا قَالَ فَمَا عَمِلْتَ فِيهَا قَالَ تَعَلَّمْتُ الْعِلْمَ وَعَلَّمْتُهُ وَقَرَأْتُ فِيكَ الْقُرْآنَ قَالَ كَذَبْتَ وَلَكِنَّكَ تَعَلَّمْتَ الْعِلْمَ لِيُقَالَ عَالِمٌ وَقَرَأْتَ الْقُرْآنَ لِيُقَالَ هُوَ قَارِئٌ فَقَدْ قِيلَ ثُمَّ أُمِرَ بِهِ فَسُحِبَ عَلَى وَجْهِهِ حَتَّى أُلْقِيَ فِي النَّارِ وَرَجُلٌ وَسَّعَ اللَّهُ عَلَيْهِ وَأَعْطَاهُ مِنْ أَصْنَافِ الْمَالِ كُلِّهِ فَأُتِيَ بِهِ فَعَرَّفَهُ نِعَمَهُ فَعَرَفَهَا قَالَ فَمَا عَمِلْتَ فِيهَا قَالَ مَا تَرَكْتُ مِنْ سَبِيلٍ تُحِبُّ أَنْ يُنْفَقَ فِيهَا إِلَّا أَنْفَقْتُ فِيهَا لَكَ قَالَ كَذَبْتَ وَلَكِنَّكَ فَعَلْتَ لِيُقَالَ هُوَ جَوَادٌ فَقَدْ قِيلَ ثُمَّ أُمِرَ بِهِ فَسُحِبَ عَلَى وَجْهِهِ ثُمَّ أُلْقِيَ فِي النَّارِ. ([1])

**ابو هريرة ﷺ کان روايت آهي تہ، مون رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو تہ: قيامت جي ڏينهن پهرين (ٽن شخصن بابت) فيصلو ڪيو ويندو.“**

**1- شهيد کي آندو ويندو. الله ان کي نعمتون ڄاڻائيندو ۽ هو سڃاڻندو. پوءِ فرمائيندو تہ تو ان ۾ ڪهڙو عمل ڪيو؟ چوندو تنهنجي رستي ۾ لڙيس تان جو شهيد ٿيس. الله تعالىٰ فرمائيندو تہ ڪوڙ ڳالهايو اٿئي (منهنجي رضا لاءِ نہ) پر تون انهيءَ لاءِ لڙين تہ توکي پهلوان چيو وڃي. سو ان طرح چيو ويو (يعني تنهنجي پهلواني جي تعريف ڪئي ويئي) پوءِ حڪم ٿيندو تہ، ان کي منهن ڀر گهلي جهنم جي باهہ ۾ اڇليو ويندو.**

**2-اهو شخص جنهن علم سکيو ۽ سکاريائين ۽ قرآن پڙهيائين ان کي آندو ويندو ۽ الله تعالىٰ پنهنجون نعمتون ڄاڻائيندو پوءِ هو سڃاڻندو. پوءِ فرمائيندو تہ تو ان ۾ ڇا عمل**

[1]- صحيح مسلم ( 10 / 9 ) كِتَاب الْإِمَارَةِ بَاب مَنْ قَاتَلَ لِلرِّيَاءِ وَالسُّمْعَةِ اسْتَحَقَّ النَّارَ حديث رقم ( 3527 ) ، رواه النسائى و الترمذى وحسنه و ابن حبان فى صحيحه

ڪيو؟ چوندو تہ علم سکيس ۽ سيکاريم ۽ تنهنجي راه ۾ قرآن پڙهيم. جواب ۾ فرمائيندو تہ ڪوڙ ڳالهايو اٿئي، بلڪ تون انهيءَ لاءِ سکين تہ توکي عالم سڏيو وڃي ۽ قرآن انهيءَ لاءِ پڙهيئي تہ توکي قاري چيو وڃي. پوءِ ان طرح چيو ويو (يعني جيڪا تنهنجي مراد هئي سا پوري ٿئي) پوءِ ان لاءِ بہ حڪم ڪيو ويندو ۽ ان کي منهن ڀر گهلي جهنم جي باه ۾ اڇلايو ويندو.

3-اهو شخص جنهن کي الله تعالىٰ ڪشادو رزق ۽ ڪيترن قسمن جا مال ڏنا هوندا ان کي آندو ويندو ۽ ان کي بہ الله تعالىٰ پنهنجون نعمتون ياد ڏياريندو. پوءِ سڃاڻندو. پوءِ فرمائيندو تہ ان ۾ ڪهڙو عمل ڪيئي؟ چوندو تہ جنهن بہ راه ۾ سبيل ۾ خرچ ڪرڻ توکي پسند هو تہ مون خرچ ڪيو ۽ خيراتون ڪيم الله تعالىٰ فرمائيندو ڪوڙ چيو اٿئي پر تو انهيءَ لاءِ ڪيو تہ توکي وڏو سخي چيو وڃي. سو چيو ويو (يعني تنهنجي سخاوت جي تعريف ٿئي) پوءِ انهيءَ لاءِ بہ حڪم ٿيندو ۽ کيس منهن ڀر گهلي باه ۾ هنيو ويندو.“

ناظرين:- هي ٽيئي وڏا، وڏي درجي ۽ اجر وارا ڪم آهن. يعني شهادت، تلاوت ۽ سخاوت جهڙن ڪمن ۾ بہ جيڪڏهن رياءَ (ڏيکاءَ) يا شهرت جي نيت آهي. تہ اهي بہ باطل ۽ برباد آهن نہ انهن جو ثواب آهي. نہ اجر بلڪ اهڙي شهيد يا عالم ۽ قاري يا سخي لاءِ سخت عذاب ۽ وڏي ذلت آهي. تہ پوءِ اخلاص کانسواءِ رياءَ وارو عمل ڪهڙو فائدو ڏيندو.

حديث 2 : عَنْ جُنْدَب بن عبدالله قَالَ قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ سَمَّعَ سَمَّعَ اللَّهُ بِهِ وَمَنْ يُرَائِي يُرَائِي اللَّهُ بِهِ. ([1])

”جندب بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: جنهن شخص (پنهنجي عمل ۾) ٻڌائڻ گهريو تہ الله ان کي ٻڌرائيندو ۽ جو رياءَ ۽ ڏيکاءَ لاءِ ڪندو تہ ان کي بہ الله تعالىٰ ڏيکارڻ نصيب ڪندو.“

تشريح : يعني جهڙي نيت هوندس اهڙو ڦل ملندس. حافظ منذري هن حديث جي تحت لکي ٿو تہ :

(ومعناه من اظهر عمله للناس رياء اظهرالله نيته الفاسدة في عمله يوم القيامة وفضحه على رؤس الاشهاد)

”جنهن ماڻهن جي ڏيکارڻ ۽ رياء خاطر پنهنجي عمل کي ظاهر ڪيو تہ، الله تعالىٰ قيامت جي ڏينهن ان جي ان بري نيت کي شاهدن جي سامهون ظاهر ڪندو ۽ کيس خوار ۽ ذليل ڪندو.“

[1]- صحيح البخاري ( 20 / 153 ) كِتَاب الرِّقَاقِ بَاب الرِّيَاءِ وَالسُّمْعَةِ حديث رقم ( 6018 ) ، صحيح مسلم ( 14 / 255 ) كِتَاب الزُّهْدِ وَالرَّقَائِقِ بَاب مَنْ أَشْرَكَ فِي عَمَلِهِ غَيْرَ اللَّهِ حديث رقم ( 5301 )

ان جي مزيد تائيد ايندڙ حديث ۾ ٿئي ٿي.

حديث 3 : عَنْ مُعَاذِ بن جَبَلٍ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ : "مَا مِنْ عَبْدٍ يَقُومُ فِي الدُّنْيَا مَقَامَ سُمْعَةٍ وَرِيَاءٍ إِلا سَمَّعَ اللَّهُ بِهِ عَلَى رُءُوسِ الْخَلائِقِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ". ([1])

رواه الطبراني بإسناد حسن.

”معاذ بن جبل رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: جو ٻانهو دنيا ۾ رياءڪار ۽ (ماڻهن ڪي) ٻڌائڻ وارو هوندو ته ان کي الله تعالىٰ قيامت جي ڏينهن سڀني جي سامهون صرف ڏيکارڻ ۽ ٻڌائڻ نصيب ڪندو يعني ان لاءِ ڪو اجر نه هوندو.“

حديث 4 : عن محمود بن لبيد قال : خرج النبي صلى الله عليه وسلم فقال : « أيها الناس إياكم وشرك السرائر » قالوا : يا رسول الله، وما شرك السرائر ؟ قال : « يقوم الرجل فيصلي فيزين صلاته جاهدا لما يرى من نظر الناس إليه ، فذلك شرك السرائر. ([2])

”محمود بن لبيد رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن ٻاهر نڪتا ۽ ۽ فرمايائون ته: اي انسانو! ڳجهي ۽ اندروني شرڪ کان بچو عرض ڪيائون ته يا رسول الله ﷺ! ڳجهو شرڪ ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون ته: نماز لاءِ ڪو مرد اٿي ۽ ڏسي ته ماڻهو مونکي ڏسن پيا ته ڪوشش ڪري نماز کي ڻاهي پڙهي اهو آهي ڳجهو ۽ اندروني شرڪ.“

<u>تشريح:-</u> بلڪ مؤمن کي گهرجي ته ظاهر خواه باطن ۾ عبادت سني ۽ سهڻي ادا ڪري. اهو ئي اخلاص وارن ۽ موحدن جوعمل آهي.

حديث 5 : عن زيد بن أسلم ، عن أبيه ، أن عمر ، خرج إلى المسجد يوما فوجد معاذ بن جبل عند قبر رسول الله صلى الله عليه وسلم يبكي ، فقال : ما يبكيك يا معاذ ؟ قال : يبكيني حديث سمعته من رسول الله صلى الله عليه وسلم ، يقول : اليسير من الرياء شرك. ([3])

”امير المؤمنين عمر رضي الله عنه مسجد جي طرف نڪتو ته معاذ رضي الله عنه کي ڏٺائين ته رسول الله ﷺ جن جي قبر وٽ روئي رهيو هو. چيائينس ته توکي ڪهڙي شيءِ روئاريو آهي؟ چيائين ته هڪ حديث جا رسول الله ﷺ جن کان ٻڌم پاڻ فرمايائون ته: ٿورڙو ۽ معمولي رياء به شرڪ آهي.“

---

[1]- ( **صحيح لغيره** ) صحيح الترغيب والترهيب ( 1 / 7 ) حديث رقم ( 28 ) ، المعجم الكبير للطبراني ( 15 / 32 ) حديث رقم ( 16661 )

[2]- ( **حسن** ) صحيح الترغيب والترهيب ( 1 / 8 ) حديث رقم ( 31 ) ، صحيح ابن خزيمة ( 4 / 15 ) جماع أبواب الأفعال المكروهة في الصلاة التي قد نهي عنها المصلي باب التغليظ في المراءاة بتزيين الصلاة وتحسينها حديث رقم ( 892 )

[3]- صحيح وضعيف سنن ابن ماجة ( 8 / 489 ) حديث رقم ( 3989 ) ، سنن ابن ماجه ( 11 / 489 ) كِتَاب الْفِتَنِ بَاب مَنْ تُرْجَى لَهُ السَّلَامَةُ مِنْ الْفِتَنِ حديث رقم ( 3979 ) ، المستدرك على الصحيحين للحاكم ( 1 / 7 ) كتاب الإيمان حديث رقم ( 4 )

تشريح:- اهو ان ڪري جو عمل مان صرف الله جي رضا ۽ خوشنودي مطلوب هوندي آهي. پوءِ ان ۾ ٻي ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ يا سندس رضا ۽ خوشيءَ جي نيت ڪرڻ ان ڪي ان ۾ شريڪ ڪرڻ نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي.

حديث 6 : عَنْ مَحْمُود بْنِ لَبِيد أَنَّ رَسُولَ اللَّه صَلَّى اللَّهُ عَلَيْه وَسَلَّمَ قَالَ إِنَّ أَخْوَفَ مَا أَخَافُ عَلَيْكُمْ الشِّرْكُ الْأَصْغَرُ قَالُوا وَمَا الشِّرْكُ الْأَصْغَرُ يَا رَسُولَ اللَّه قَالَ الرِّيَاءُ يَقُولُ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ لَهُمْ يَوْمَ الْقيَامَة إِذَا جُزِيَ النَّاسُ بِأَعْمَالِهِمْ اذْهَبُوا إِلَى الَّذِينَ كُنْتُمْ تُرَاءُونَ فِي الدُّنْيَا فَانْظُرُوا هَلْ تَجِدُونَ عِنْدَهُمْ جَزَاءً. ([1])

”محمد بن لبيد ﷛ کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: مونکي اوهان تي سڀ کان وڌيڪ ننڍي شرڪ جو خوف ۽ خطرو آهي. عرض ڪيائون تہ يا رسول الله ﷺ! ننڍو شرڪ ڪهڙو آهي. پاڻ فرمايائون تہ: رياءُ (قيامت جي ڏينهن) جڏهن الله تعالیٰ ماڻهن کي پنهنجي عملن جو بدلو ڏيندو. تڏهن رياء ڪارن کي چوندو تہ انهن وٽ وڃو، جن کي ڏيکارڻ جي لاءِ عمل ڪيو ٿي ۽ وڃي ڏسو تہ وٽن اوهان جي عمل جو بدلو لهو ٿا يا نہ؟“

تشريح:- يعني جن جي خوش ڪرڻ لاءِ عمل ڪيا اتؤ انهن کان ثواب گهرو. پوءِ جڏهن تہ انهن وٽ ڪو اجر ۽ ثواب نہ آهي ۽ نہ ڏيڻ جي طاقت آهي تہ پوءِ ان جي ڏيکارڻ لاءِ عمل چو ڪجي.

فائده:- هي ذڪر ٿيل حديثون الترغيب-61 تا 69/ج-1) تان نقل ڪيون ويون آهن.

خلاصو:- هنن آيتن ۽ حديثن جو هي آهي تہ، اخلاص جو امر ۽ حڪم آهي ۽ خلوص مسلمانن لاءِ واجب آهي. انهيءَ سان ئي عمل قبول پوندو ۽ اهو ئي اهل اسلام جو طريقو آهي ۽ انهيءَ ۾ الله تعالیٰ جي رضا آهي. اهو ئي دعا جي قبوليت جو وڏو سبب آهي. برخلاف ان جي رياء منافقن ۽ ڪافرن جو ڪم آهي ۽ رياء ڪار جو ڪوبہ عمل قبول ڪونهي، پوءِ خواه ڪيڏو وڏو ۽ ڏسڻ ۾ چڱو هجي. ان لاءِ ڪو ثواب يا اجر نہ آهي. بلڪ ان لاءِ ويل ۽ سخت عذاب ۽ ذلت آهي ۽ قيامت جي ڏينهن پريي مجمعي ۾ ان جي بري نيت کي ظاهر ڪري ذليل ڪيو ويندو ۽ ڪيس چيو ويندو تہ پنهنجي عمل جو ثواب ان کان وڃي گهر جنهن جي رضا لاءِ تو عمل ڪيو ٿي.

[1]- ( **صحيح** ) السلسلة الصحيحة حديث رقم ( 951 ) ، مسند أحمد ( 48 / 123 ) ، رواه ابن ابي الدنيا البيهقي فى الزهد وغيره

## باب تيرهون

# موحدن جي عقيدي جي باري ۾

چاڻڻ گهرجي تہ توحيد وارن جو عقيدو كلمہ لا الہ الا اللہ آهي. بظاهر ان كي بہ تسليم كن ٿا. جي عملي طورتي متي كان پيرن تائين شرك ۾ غرق ٿيل آهن، مگر جيكا ان كلمي جي حقيقت آهي. ان مطابق ان كي كونہ ٿا مجين. چنانچہ مشركن جي باري ۾ اللہ تعالیٰ فرمائي ٿو تہ :-

﴿ إِنَّهُمْ كَانُوٓاْ إِذَا قِيلَ لَهُمْ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا ٱللَّهُ يَسْتَكْبِرُونَ ﴿٣٥﴾ ﴾ ( الصافات )

”جڏهن انهن كي كلمه لا الہ الا اللہ (اللہ كانسواءِ كو عبادت جي لائق نہ آهي) ٻڌايو ويو ٿي تہ سركشيءَ سان انكار كندا هئا.“

هتي چند فصلن جي تحت ان كلمي جي حقيقت بيان كجي ٿي.

*-*-*

## فصل پهريون

# لا خالق الاّ اللہ

يعني اللہ تعالیٰ كانسوءِ كو خالق يا پيدا كندڙ نہ آهي. جيئن (باب -7) جي (فصل-4) ۾ سورة فاطر جي آيت گذري تہ:-

﴿ هَلْ مِنْ خَٰلِقٍ غَيْرُ ٱللَّهِ يَرْزُقُكُم مِّنَ ٱلسَّمَآءِ وَٱلْأَرْضِ ۚ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ فَأَنَّىٰ تُؤْفَكُونَ ﴿٣﴾ ﴾ ( فاطر )

”ثابت ٿيو تہ لا الہ الا اللہ اها معنیٰ بہ آهي. تہ نہ آهي كو خالق مگر اللہ ان جي تائيد ۾. هك ٻي آيت بہ آهي تہ:-

﴿ أَمْ جَعَلُواْ لِلَّهِ شُرَكَآءَ خَلَقُواْ كَخَلْقِهِۦ فَتَشَٰبَهَ ٱلْخَلْقُ عَلَيْهِمْ ۚ قُلِ ٱللَّهُ خَٰلِقُ كُلِّ شَىْءٍ وَهُوَ ٱلْوَٰحِدُ ٱلْقَهَّٰرُ ﴿١٦﴾ ﴾ ( الرعد )

”اللہ لاءِ (اهڙا) شريك مقرر كيا اٿن ڇا. جو انهن اللہ جي مخلوقات جهڙي (خلق) خلقي هجي. جو اها خلق مٿن هكجهڙي ٿي پئي آهي. (يعني منجهي پيا آهن تہ كهڙي خلق اللہ جي ۽ كهڙي اسان جي پيرن ۽ ولين جي) چؤ تون انهن كي اي پيغمبر ﷺ! تہ سڀ شيءِ جو خالق اللہ ئي آهي ۽ اهو اكيلو غالب آهي.“

تشريح:- هن آيت مان صاف ظاهر ٿيو تہ اللہ تعالیٰ كانسواءِ كوبہ كنهن شيءِ جو خالق نہ آهي ۽ اهو خلق جي پيدا كرڻ ۾ اكيلو آهي. جنهن جو كو شريك نہ آهي. تنهنكري كلمي جي اها معنیٰ صحيح آهي.

## فصل ٻيو

# لا مالڪ الا الله

يعني الله ڪانسواءِ ڪو بہ حقيقي مالڪ نہ آهي. جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ذَٰلِكُمُ ٱللَّهُ رَبُّكُمۡ لَهُ ٱلۡمُلۡكُۖ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَۖ فَأَنَّىٰ تُصۡرَفُونَ ۝٦﴾ (الزمر)

”اهو ئي الله توهان جو پالڻهار آهي. انهي جي ساري بادشاهي آهي. (اهو ئي مالڪ آهي) ان ڪانسواءِ ڪو ٻيو الٰہ نہ آهي. پوءِ توهان ڪيڏاهن ڦيريا وڃو ٿا؟

تشريح:- يعني هر ننڍي يا وڏي، ڳجهي خواه پڌري شيءِ جو حقيقي مالڪ هڪ الله آهي ۽ الله ڪانسواءِ جڏهن ڪو ٻيو الٰہ نہ آهي. تہ پوءِ ڪو ٻيو حقيقي مالڪ بہ نہ آهي ۽ ان جي تائيد ٻي آيت بہ ڪري ٿي:-

﴿ذَٰلِكُمُ ٱللَّهُ رَبُّكُمۡ لَهُ ٱلۡمُلۡكُۚ وَٱلَّذِينَ تَدۡعُونَ مِن دُونِهِۦ مَا يَمۡلِكُونَ مِن قِطۡمِيرٍ ۝١٣﴾ (فاطر)

”اهو الله اوهان جو پاڻهار آهي. ان جي بادشاهي آهي. ۽ جن کي الله ڪانسواءِ سڏيندا آهيو سي ڪارڪ جي ڪکڙي جي پردي (جيتري ذري) جا مالڪ (بہ) نہ آهن.“

تشريح:- هن مان ثابت ٿيو تہ الله ڪانسواءِ تہ ڪو ٻيو حقيقي مالڪ نہ آهي ۽ نيز آية الڪرسي ۾ بہ اهو مضمون آهي. جيئن ايندڙ فصل ۾ ذڪر ٿيندو. ان شاءالله تعالیٰ. تنهنڪري هن ڪلمي جي هيءَ معنیٰ بلڪل درست آهي تہ الله ڪانسواءِ ڪو بہ حقيقي مالڪ نہ آهي.

*-*-*

## فصل ٽيون

# لا حي و لا قيوم الا الله

يعني الله ڪانسواءِ نہ ڪو سدائين زنده رهڻ وارو آهي ۽ نہ دنيا کي قائم رکڻ ۽ نظام کي سنڀالڻ وارو آهي. جيئن ارشاد آهي تہ:

﴿ٱللَّهُ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ ٱلۡحَيُّ ٱلۡقَيُّومُۚ لَا تَأۡخُذُهُۥ سِنَةٞ وَلَا نَوۡمٞۚ لَّهُۥ مَا فِي ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَمَا فِي ٱلۡأَرۡضِ﴾ (البقرة)

”الله اهو آهي جو ان ڪانسواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي. اهو سدائين جيرو، جهانن کي بيهڪ ڏيندڙ آهي. ڪيس نہ ڳهر ۽ نڪي ننڊ وٺندي آهي، جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمينن ۾ آهي سو (سڀ) سندس ملڪيت آهي.“

تشريح:- يعني سدائين جيئرو رهڻ وارو، هڪ الله آهي. ۽ انهيءَ ڪانسواءِ ڪو ٻيو ڪونهي نيز ايندڙ آيت ان جي تائيد ڪري ٿي.

﴿ هُوَ ٱلۡحَيُّ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ . . . ﴿٦٥﴾ ﴾ ( غافر )

”اهو الله سدائين جيئرو آهي. ان ڪانسواءِ ڪو ٻيو اله نہ آهي.“

تشريح: ثابت ٿيو تہ سدائين جيئرو الله تعالىٰ ڪانسواءِ ڪو بہ نہ آهي. ۽ ان مضمون بابت چند آيتون باب-7 جي فصل-1 ۾ گذريون. جن ۾ هي بہ آهي تہ :

﴿ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَۚ كُلُّ شَيۡءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجۡهَهُۥۚ . . . ﴿٨٨﴾ ﴾ ( القصص )

”الله ڪانسواءِ ٻيو اله ڪونهي. ان ڪانسواءِ ٻي هر شيءِ ناس ٿيڻ واري آهي.“

تنهن ڪري ڪلمي جي اها بہ معنىٰ ٿئي تہ لا حي و لا قيوم الا الله

*-*-*

## فصل چوٿون

# لا محيي ولا مميت الا الله

يعني الله تعالىٰ ڪانسواءِ ڪو ٻيو نہ جيارينڌڙ آهي. نہ مارينڌڙ آهي. جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ يُحۡيِۦ وَيُمِيتُۖ رَبُّكُمۡ وَرَبُّ ءَابَآئِكُمُ ٱلۡأَوَّلِينَ ﴿٨﴾ ﴾ ( الدخان )

”الله ڪانسواءِ (ٻيو) ڪو اله عبادت جو لائق نہ آهي. (جو) جيارينڌو آهي ۽ مارينڌو آهي. (اهو ئي) اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو پالڻهار آهي.

تشريح: جڏهن تہ جيارڻ ۽ مارڻ هڪ الله جي صفت آهي ۽ انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪو اله نہ آهي. تنهن ڪري ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو جيارينڌڙ ۽ مارينڌڙ نہ آهي. نيز ايندڙ آيت تائيد ڪري ٿي.

﴿ ٱللَّهُ ٱلَّذِي خَلَقَكُمۡ ثُمَّ رَزَقَكُمۡ ثُمَّ يُمِيتُكُمۡ ثُمَّ يُحۡيِيكُمۡۖ هَلۡ مِن شُرَكَآئِكُم مَّن يَفۡعَلُ مِن ذَٰلِكُم مِّن شَيۡءٍۚ سُبۡحَٰنَهُۥ وَتَعَٰلَىٰ عَمَّا يُشۡرِكُونَ ﴿٤٠﴾ ﴾ ( الروم )

”الله اهو آهي. جنهن اوهان کي خلقيو وري اوهان کي رزق ڏنائين. وري اوهان کي مارينڌو. وري اوهان کي جيارينڌو. اوهان جي(ٺهرايل) شريڪن مان ڪو اهڙوآهي جا جو اهڙن ڪمن مان ڪجهہ ڪري (سگهي). الله پاڪ آهي ۽ ان کان تمام مٿاهون آهي. جنهن کي (ساڻس) شريڪ ٺهرائيندا آهن.“

تشريح: هن آيت مان ثابت ٿيو تہ الله کانسواءِ ٻي ڪنهن ڪي جيارينڌڙ يا مارينڌڙ سمجهڻ شرڪ آهي. تنهن ڪري ڪلمي جي اها معنىٰ برحق آهي تہ لا محي ولا مميت الا الله.

## فصل پنجون

# لا رازق الاّ الله

يعني الله کانسواءِ ٻيو ڪو رزق ڏيڻ وارو نہ آهي. هن بابت باب-7 جي **فصل**-4 ۾ سورة فاطر جي پهرئين رڪوع جي ذڪر ٿيل آيت جنهن لاءِ پهرئين **فصل** ۾ اشارو گذريو، اها زبردست شاهد آهي ۽ ان جي تائيد هيءَ آيت ڪري ٿي:

﴿إِنَّ ٱلَّذِينَ تَعۡبُدُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ لَا يَمۡلِكُونَ لَكُمۡ رِزۡقٗا فَٱبۡتَغُواْ عِندَ ٱللَّهِ ٱلرِّزۡقَ وَٱعۡبُدُوهُ وَٱشۡكُرُواْ لَهُۥٓۖ إِلَيۡهِ تُرۡجَعُونَ ١٧﴾ ( العنكبوت )

”بيشڪ الله کانسواءِ جن کي پوڄيندا آهيو، سي تہ اوهان کي رزق (ڏيڻ) جو اختيار نٿا رکن، تنهن ڪري الله وٽان رزق طلب ڪريو ۽ سندس عبادت ڪريو ۽ سندس شڪرانو ڪريو، ڏانهنس موٽايا ويندؤ.“

تشريح: ثابت ٿيو تہ الله کانسواءِ ٻيو ڪو رزق ڏيندڙ نہ آهي. تنهن ڪري اها معنىٰ سچ آهي ۽ حق آهي تہ لا رازق الا الله.

*-*-*

## فصل ڇهون

# لا حاڪم الاّ الله

يعني الله کانسواءِ ڪو حقيقي حاڪم نہ آهي. جيئن ان بابت باب-7 جي **فصل**-1 ۾ سورة القصص جي آخري رڪوع جي آيت گذري، جنهن ۾ آهي تہ :-

﴿لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَۚ كُلُّ شَيۡءٍ هَالِكٌ إِلَّا وَجۡهَهُۥۚ لَهُ ٱلۡحُكۡمُ وَإِلَيۡهِ تُرۡجَعُونَ ٨٨﴾ ( القصص )

”الله کانسواءِ ٻيو ڪو اله نہ آهي. انهيءَ کانسواءِ ٻي هر ڪا شيءِ ناس ٿيڻ واري آهي. ۽ هر حڪم انهيءَ جو آهي ۽ ڏانهنس ئي موٽايا ويندؤ.“

ان معنىٰ ۾ ٻيون آيتون بہ آهن:-

﴿وَهُوَ ٱللَّهُ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَۖ لَهُ ٱلۡحَمۡدُ فِي ٱلۡأُولَىٰ وَٱلۡأٓخِرَةِۖ وَلَهُ ٱلۡحُكۡمُ وَإِلَيۡهِ تُرۡجَعُونَ ٧٠﴾ ( القصص )

”۽ اهو الله آهي. ان کانسواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، دنيا ۽ آخرت ۾ سندس ئي ساراهہ آهي ۽ سندس ئي حڪومت آهي ۽ ڏانهنس ئي موٽايا ويندؤ.“

﴿إِنِ ٱلْحُكْمُ إِلَّا لِلَّهِ . . . ﴿٥٧﴾﴾ ( الأنعام ) ﴿إِنِ ٱلْحُكْمُ إِلَّا لِلَّهِ . . . ﴿٤٠﴾﴾ ( يوسف )

”نہ آهي حڪم مگر هڪ الله جي لاءِ.“

﴿وَلَا يُشْرِكُ فِى حُكْمِهِۦٓ أَحَدًا ﴿٢٦﴾﴾ ( الكهف )

”الله تعالىٰ پنهنجي حڪم ۾ ڪنهن کي شريڪ نٿو ڪري.“

تشريح: هنن آيتن مان ثابت ٿيو تہ الله ڪانسواءِ ڪو حقيقي حاڪم نہ آهي ۽ نہ ڪي سندس صفت حاڪميت ۾ ڪو ساڻس شريڪ آهي ۽ نہ ڪي ان جي حڪم کان بعد ٻيو ڪو حڪم ڪري سگهي ٿو.“

جيئن فرمايائين تہ:-

﴿وَٱللَّهُ يَحْكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكْمِهِۦ ۚ وَهُوَ سَرِيعُ ٱلْحِسَابِ ﴿٤١﴾﴾ ( الرعد )

”۽ الله جو بہ حڪم ڪندو آهي تہ سندس حڪم کي ڪو روڪڻ وارو نہ آهي.“

ثابت ٿيو تہ اها معنىٰ بہ ڪلمہ جي عين مطابق آهي تہ لا حاڪم الاّ الله.

*-*-*

## فصل ستون

# لا قاضي إلاّ الله

يعني الله تعالىٰ ڪانسواءِ دنيا ۾ مشڪل وقت يا آخرت ۾ ٻيو ڪو فيصلو ڪندڙ نہ آهي. انهيءَ جي مرضي تي سڀ فيصلا ٻڌل آهن. جيئن ارشاد آهي تہ :

﴿وَٱللَّهُ يَقْضِى بِٱلْحَقِّ ۖ وَٱلَّذِينَ يَدْعُونَ مِن دُونِهِۦ لَا يَقْضُونَ بِشَىْءٍ ۗ إِنَّ ٱللَّهَ هُوَ ٱلسَّمِيعُ ٱلْبَصِيرُ ﴿٢٠﴾﴾ ( غافر )

”۽ الله انصاف سان فيصلو ڪندو آهي ۽ الله ڪانسواءِ جن کي سڏيندا آهن. سي ڪجهہ بہ فيصلو ڪري نہ سگهندا. بيشڪ الله ئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي.“

تشريح: ثابت ٿيو تہ الله ڪانسواءِ ٻيو ڪو فيصلو ڪندڙ نہ آهي. دنيا ۾ مشڪل ڪشائيءَ جا اسباب اهو بنائي ۽ آخرت ۾ اهو ئي حق جو فيصلو ڪندو. ٻئي ڪنهن کي دخل ڏيڻ جو ڪو حق ڪو نہ هوندو جيڪي ماڻهو فيصلي جي لاءِ يا آخرت ۾ ڇوٽڪاري لاءِ ٻين کي سڏين ٿا. سي صريحاً شرڪ ڪن ٿا. ڇو تہ اهڙي دعوىٰ خود رسول الله ﷺ جن بہ نہ ڪئي. جيئن ارشاد آهي تہ :-

﴿قُلۡ إِنِّي نُهِيتُ أَنۡ أَعۡبُدَ ٱلَّذِينَ تَدۡعُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِۚ قُل لَّآ أَتَّبِعُ أَهۡوَآءَكُمۡ قَدۡ ضَلَلۡتُ إِذٗا وَمَآ أَنَا۠ مِنَ ٱلۡمُهۡتَدِينَ ﴿٥٦﴾ قُلۡ إِنِّي عَلَىٰ بَيِّنَةٖ مِّن رَّبِّي وَكَذَّبۡتُم بِهِۦۚ مَا عِندِي مَا تَسۡتَعۡجِلُونَ بِهِۦٓۚ إِنِ ٱلۡحُكۡمُ إِلَّا لِلَّهِۖ يَقُصُّ ٱلۡحَقَّۖ وَهُوَ خَيۡرُ ٱلۡفَٰصِلِينَ ﴿٥٧﴾ قُل لَّوۡ أَنَّ عِندِي مَا تَسۡتَعۡجِلُونَ بِهِۦ لَقُضِيَ ٱلۡأَمۡرُ بَيۡنِي وَبَيۡنَكُمۡۗ وَٱللَّهُ أَعۡلَمُ بِٱلظَّٰلِمِينَ ﴿٥٨﴾﴾ (الأنعام)

**” اي پيغمبرﷺ! کين چؤ تہ الله کانسواءِ جن کي سڏيو ٿا، تن جي عبادت ڪرڻ کان مونکي منع ڪئي ويئي آهي ۽ چؤ تہ آئون اوهان جي سڌن جي تابعداري نہ ڪندس (نہ تہ) بيشڪ انهيءَ مهل گمراهہ ٿيندس ۽ آئون هدايت وارن مان نہ هوندس. چؤ تہ آئون پنهنجي پالڻهار جي پڌري حجت تي آهيان ۽ اوهان ان کي ڪوڙ ڀانيو آهي. جنهن شيءِ جي (يعني عذاب جي) آڻڻ لاءِ جلدي ڪريو ٿا. سا مون وٽ نہ آهي. (اهڙو) حڪم الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي اختيار ۾ نہ آهي. اهو سچ کي بيان ڪندو آهي ۽ اهو سيني فيصلي ڪندڙن کان ڀلو آهي. چؤ تہ جنهن (شيءِ) جي آڻڻ لاءِ جلدي ڪريو ٿا. سا جيڪڏهن مون وٽ هجي ها تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلو ٿي وڃي ها ۽ الله ظالمن کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي.“**

تشريح:- يعني ڪافرن، رسول الله ﷺ جن کان مطالبو ڪيو هو تہ تون اسان کي هر وقت عذاب کان ڊيڄارين ٿو. هاڻي جلدي فيصلو ڪر ۽ آڻي ڏيکار. تنهن تي الله تعالىٰ کين سمجهايو تہ تون انهن کي جواب ڏي تہ ان طرح جو فيصلو منهنجي هٿ ۾ نہ آهي، بلڪ اهو فيصلو الله جي هٿ ۾ آهي. جڏهن وڻيس ۽ جهڙو وڻيس تہ ڪري، جيڪڏهن منهنجي هٿ ۾ هجي ها تہ توهان جي بار بار مطالبي جي ڪري پنهنجي وچ ۾ فيصلو ٿي وڃي ها. پوءِ جڏهن تہ اهو اختيار رسول الله ﷺ جي هٿ ۾ نہ آهي تہ پوءِ ٻيو ڪير اهڙي دعوىٰ ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري اهو ثابت ٿيو تہ ڪلمي جي اها معنىٰ بلڪل معقول آهي تہ لا قاضي الاّ الله

*-*-*

## فصل انون

# لا غافر الذنوب إلاّ الله

**يعني الله تعالىٰ کانسواءِ ڪو گناهن جو بخشيندڙ نہ آهي، جيئن ارشاد آهي تہ:-**

﴿تَنزِيلُ ٱلۡكِتَٰبِ مِنَ ٱللَّهِ ٱلۡعَزِيزِ ٱلۡعَلِيمِ ﴿٢﴾ غَافِرِ ٱلذَّنۢبِ وَقَابِلِ ٱلتَّوۡبِ شَدِيدِ ٱلۡعِقَابِ ذِي ٱلطَّوۡلِۖ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَۖ إِلَيۡهِ ٱلۡمَصِيرُ ﴿٣﴾﴾(غافر)

”هن ڪتاب جو هيٺ لاهڻ الله غالب ڄاڻندڙ وٽان آهي. جو گناهہ بخشيندڙ ۽ توبهہ قبول ڪندڙ، سخت سزا ڏيندڙ سگهہ وارو آهي. ان ڪانسواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نہ آهي، ڏانهنس ئي موٽڻو آهي.“

تشريح:- هن آيت مان ثابت ٿيو تہ الله تعاليٰ ڪانسواءِ ڪو ٻيو گناهن جو بخشيندڙ نہ آهي. اهو شان صرف الله جو آهي.

﴿يَغْفِرُ لِمَن يَشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَن يَشَآءُ ۚ . . . ﴿١٢٩﴾﴾ ( آل عمران )

”جنهن کي گهري تہ بخشي، جنهن کي گهري تہ عذاب ڪري.“

ان جو وڌيڪ تاڪيد هي الاهي فرمان ڪري ٿو تہ: ﴿وَمَن يَغْفِرُ ٱلذُّنُوبَ إِلَّا ٱللَّهُ ...﴿١٣٥﴾﴾(آل عمران)

”۽ الله ڪانسواءِ ٻيو ڪير گناهہ بخشيندو؟“

تشريح: يعني ڪلمہ لا الٰہ الاّ الله جي هي معنيٰ بہ آهي تہ لاَ غَافِرَ الذُّنُوبَ اِلاّ اللهَ.

*-*-*

## فصل نائون

## لَا كَاشِفَ السُّوءِ وَ الضُّرِّ إِلاَّ اللهُ

يعني الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪو مشڪل ڪشا يا تڪليف لاهيندڙ نہ آهي. جيئن باب-9 جي فصل-6 ۾ آيتون گذريون. تنهن ڪري اها معنيٰ بہ ڪلمي ۾ داخل آهي.

*-*-*

## فصل ڏهون

### لا مالك الخزائن إلا الله

يعني الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن بہ شيءِ جي خزاني جو مالڪ نہ آهي. بلڪ سڀني شين جا خزانا هڪ الله وٽ آهن. جيئن باب-9 فصل-6 جي ذيل ۾ ان بابت بہ آيتون گذريون. تنهن ڪري ڪلمو ان معنيٰ ۾ بہ شامل آهي.

*-*-*

## فصل يارهون

## لا معطي ولا مانع إلا الله

يعني هڪ الله ڪانسواءِ ڪو ٻيو ڏيندڙ يا جهليندڙ نہ آهي. جيئن باب-9، فصل-6 جي ذيل ۾، رسول الله ﷺ جن جي دعا گذري تہ: يا الله! جنهن کي تون ڏئين ان کان ڪو

روڪڻ وارو نہ آهي. ۽ جنهن کان تون روڪين تنهن کي ڪو ڏيڻ وارو نہ آهي. نيز باب-7 جي فصل-4 ۾ سورة فاطر جي پهرئين رڪوع جي آيت گذري. يعني تہ ”جنهن جي لاءِ الله تعالىٰ پنهنجي رحمت ۽ ٻاجھ مان ڪجھ کولي تہ ان کي ڪو بند ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ جنهن کي بند ڪري ان کي ڪو کولڻ وارو نہ آهي.“ ثابت ٿيو تہ ڪلمي جي اها معنىٰ بہ صحيح آهي تہ: لا معطي ولا مانع إلا الله

## فصل ٻارهون

# لا وكيل إلا الله

يعني الله تعالىٰ ڪانسواءِ ڪو ڪارساز يا ڀرجهلو نہ آهي. جنهن جي حوالي ڪم ڇڏيا وڃن. جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿رَّبُّ ٱلْمَشْرِقِ وَٱلْمَغْرِبِ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ فَٱتَّخِذْهُ وَكِيلًا ﴿٩﴾﴾ (المزمل)

”جو اوڀر ۽ اولهہ جو مالڪ آهي. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي. تنهن ڪري تون ڪيس ئي ڀرجهلو ڪري وٺ.“

تشريح:- وڪيل ۽ ڀرجهلو انهيءَ کي سمجهيو ويندو آهي. ۽ ڪم ان جي حوالي ڪيا ويندا آهن. جو هر شيءِ ۽ سڀ ڪم ڪرڻ تي قادر هجي، اهو شان صرف هڪ الله جو آهي. انهيءَ ڪري فرمائي ٿو تہ:-

﴿وَمَن يَتَوَكَّلْ عَلَى ٱللَّهِ فَهُوَ حَسْبُهُۥٓ . . . ﴿٣﴾﴾ (الطلاق)

”جنهن الله تي ڀروسو ڪيو ۽ ڪم ان جي حوالي ڪيائين تہ اهو ان کي ڪافي آهي.“

تنهن ڪري ٻئي ڪنهن تي اهڙو ڀروسو ڪرڻ کان منع آيل آهي. جو تہ هو ڪجھ بہ نٿو ڪري سگهي.

جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿وَءَاتَيْنَا مُوسَى ٱلْكِتَٰبَ وَجَعَلْنَٰهُ هُدًى لِّبَنِىٓ إِسْرَٰٓءِيلَ أَلَّا تَتَّخِذُوا۟ مِن دُونِى وَكِيلًا ﴿٢﴾﴾ (الإسراء)

”۽ موسىٰ عليه السلام کي ڪتاب توريت ڏنوسون ۽ ان کي بني اسرائيل لاءِ هدايت ڪرڻ وارو ڪيو سون ۽ چيوسون تہ مون ڪانسواءِ (ٻيو) ڪو ڀرجهلو ۽ وڪيل نہ وٺو.“

بلڪ خود رسول الله ﷺ جن کي چوڻ جو حڪم آهي تہ آئون ڪنهن جو وڪيل يا ذميوار نہ آهيان.“

جيئن فرمائي ٿو تہ:

﴿ قُلْ يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ ٱلْحَقُّ مِن رَّبِّكُمْ ۖ فَمَنِ ٱهْتَدَىٰ فَإِنَّمَا يَهْتَدِى لِنَفْسِهِۦ ۖ وَمَن ضَلَّ فَإِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۖ وَمَآ أَنَا۠ عَلَيْكُم بِوَكِيلٍ ﴿١٠٨﴾ ﴾ ( يونس )

”چئو اي انسانو! بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار ڪان حق آيو آهي. پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو سو پاڻ لاءِ هدايت ٿو لهي ۽ جيڪو گمراهہ ٿيو، گمراهي ان تي آهي ۽ آئون اوهان جو ذميوار نہ آهيان.“

ان ڪري هي ڪلمو هن ڪي متضمن آهي تہ لا وڪيل الا الله.

*-*-*

## فصل تيرهون

# لا ناصر إلا الله

يعني الله تعالىٰ ڪانسواءِ ڪو مددگار نہ آهي. ان بابت باب-9 فصل-7 ۾ آيتون گذريون. جن جو مطلب آهي تہ الله ڪانسواءِ ٻيو ڪو مددگار نہ آهي. تنهن ڪري ڪلمي جي هيءَ معنىٰ بہ درست آهي تہ:

لا ناصر الا الله

*-*-*

## فصل چوڏهون

# لا معز ولا مذل إلا الله

يعني الله تعالىٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ عزت يا ذلت ڏيندڙ نہ آهي. بظاهر دنيا ۾ ڪو ڪنهن جي عزت ڪري ٿو يا ان کي ذليل ڪري ٿو تہ اهو انهي جي حڪم سان آهي. جيئن باب-9 فصل-8 آلِ عمران جي ٽئين رڪوع جي آيت گذري جنهن ۾ آهي تہ:

﴿ وَتُعِزُّ مَن تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَن تَشَآءُ ۖ ﴾ ( آل عمران )

”تون جنهن کي گهرين تنهن کي عزت وارو ڪرين ۽ جنهن کي گهرين تنهن کي ذليل ڪرين ٻي جاءِ تي ارشاد آهي تہ :-

﴿ وَمَن يُهِنِ ٱللَّهُ فَمَا لَهُۥ مِن مُّكْرِمٍ ۚ إِنَّ ٱللَّهَ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿١٨﴾ ﴾ ( الحج )

”۽ جنهن کي الله خوار ڪندو تنهن کي ڪو مان ڏيڻ وارو ڪونهي. ڇو تہ الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي.

تنهن ڪري ڪلمي جي اها معنىٰ بہ ثابت ٿي.

لا معز و لا مذل الا الله

## فصل پندرهون

# لا ولي إلا الله

يعني الله ڪانسواءِ ٻيو ڪو اهڙو ولي يا دوست ڪونهي جو هر شيءِ تي قادر هجي جنهن جي در تي سوال ڪجي. هن بابت باب-9 فصل-7 ۾ سورة بقرة جي تيرهين رڪوع جي آيت گذري تہ الله ڪانسواءِ اوهان جي لاءِ ڪو ولي يا مدد گار نہ آهي. ان ڪان سواءِ ٻيون آيتون ملاحظہ هجن:-

﴿أَمِ ٱتَّخَذُواْ مِن دُونِهِۦٓ أَوۡلِيَآءَۖ فَٱللَّهُ هُوَ ٱلۡوَلِيُّ وَهُوَ يُحۡيِ ٱلۡمَوۡتَىٰ وَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٞ ۝٩﴾ ( الشورى )

”الله ڪان سواءِ ٻيا ڪارساز يا ولي ڪري ورتا اٿن ڇا؟ جو تہ الله ئي ڪارساز يا ولي آهي ۽ اهو ئي مئن ڪي جياريندو آهي ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي.“

تشريح: يعني مئلن ڪي جيارڻ ۽ هر شيءِ تي قدرت ۽ وس رکڻ وارو هڪڙوئي ولي آهي. يعني الله تعالىٰ ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ اهڙي وس رکڻ وارو نہ آهي. جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ وَهُوَ ٱلَّذِي يُنَزِّلُ ٱلۡغَيۡثَ مِنۢ بَعۡدِ مَا قَنَطُواْ وَيَنشُرُ رَحۡمَتَهُۥۚ وَهُوَ ٱلۡوَلِيُّ ٱلۡحَمِيدُ ۝٢٨﴾ ( الشورى )

”۽ (الله) اهو آهي. جو (ماڻهن جي) نا اميد ٿيڻ ڪانپوءِ مينهن هيٺ موڪليندو آهي ۽ پنهنجي رحمت پکيڙيندو آهي ۽ اهو (ئي) ساراهيل ڪارساز يا ولي آهي.“

تشريح: جنهن ولي ۾ خير ۽ برڪت جي اميد رکي وڃي اهو هڪ الله آهي ۽ اهو بہ سدائين ۽ هرحال ۾ ساراهيل ۽ واکاڻيل آهي.

﴿ وَٱلَّذِينَ ٱتَّخَذُواْ مِن دُونِهِۦٓ أَوۡلِيَآءَ ٱللَّهُ حَفِيظٌ عَلَيۡهِمۡ وَمَآ أَنتَ عَلَيۡهِم بِوَكِيلٖ ۝٦﴾ ( الشورى )

”۽ جن ان (الله) ڪانسواء ٻيا دوست يا ولي ورتا اٿن. تن تي الله نگهبان آهي ۽ تون مٿن ڪو ذميوار نہ آهين.“

تشريح:- يعني انهن جي ڪمن ڪان الله تعالىٰ بخوبي واقف آهي. هو پاڻ انهن جو فيصلو ڪندو ۽ ڪين سندن ڪمن جو بدلو ڏيندو. اها ڳالھ تنهنجي ذمي نہ آهي. تنهن ڪري تون صرف پنهنجي منصب، تبليغ ۽ دعوت ۾ مشغول رهہ. ۽ هن آيت مان هي بہ ثابت ٿيو تہ پنهنجين ضرورتن ۽ حاجتن ۽ مشڪلن لاءِ ٻيو ڪو ولي ونڻ يا مڃڻ گناھ جو ڪم آهي.

﴿ قُلۡ أَغَيۡرَ ٱللَّهِ أَتَّخِذُ وَلِيّٗا فَاطِرِ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِ وَهُوَ يُطۡعِمُ وَلَا يُطۡعَمُۗ قُلۡ إِنِّيٓ أُمِرۡتُ أَنۡ أَكُونَ أَوَّلَ مَنۡ أَسۡلَمَۖ وَلَا تَكُونَنَّ مِنَ ٱلۡمُشۡرِكِينَ ﴿١٤﴾ ﴾ ( الأنعام )

”اي پيغمبر ﷺ ! تون چؤ تہ ڇا آسمانن جي پيدا ڪندڙ الله ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ولي ۽ سنڀاليندڙ ڪري وٺان يا ڄاڻان!! حالانڪ اهو سيني کي ڪارائي ٿو ۽ روزي ڏئي ٿو ۽ ان کي ڪو ڪارائي يا روزي ڪونہ ٿو ڏئي. چؤ تون مونکي حڪم ڏنو ويو آهي تہ آئون سيني کان پهريائين ان کي مڃان ۽ تون شرڪ ڪرڻ وارن مان هرگز نہ ٿي.

تشريح: هن آيت مان بہ صاف ثابت ٿيو تہ پوڄا ڪرڻ ۽ مدد گهرڻ جو لائق اهو ولي آهي. جو ڪنهن جو محتاج نہ هجي. سو اهڙو ولي الله تعالىٰ ڪانسواءِ ڪوبہ نہ آهي. ۽ هي بہ ثابت ٿيو تہ الله ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي کي اهڙو ولي مڃڻ شرڪ آهي ۽ اهڙو ڪم ڪندڙمشرڪ آهي انهيءَ ڪري الله جي نبين سڀني عليهم السلام پنهنجين ضرورتن ۽ مشڪلن ۾ پنهنجي رب ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ولي نہ مڃيو. جيئن يو سف عليه السلام پنهنجي دعا ۾ فرمائي ٿو:-

﴿ رَبِّ قَدۡ ءَاتَيۡتَنِي مِنَ ٱلۡمُلۡكِ وَعَلَّمۡتَنِي مِن تَأۡوِيلِ ٱلۡأَحَادِيثِۚ فَاطِرَ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضِ أَنتَ وَلِيِّۦ فِي ٱلدُّنۡيَا وَٱلۡأٓخِرَةِۖ تَوَفَّنِي مُسۡلِمٗا وَأَلۡحِقۡنِي بِٱلصَّٰلِحِينَ ﴿١٠١﴾ ﴾ ( يوسف )

”اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ مونکي بادشاهي ڏني اٿئي. ۽ مونکي خوابن جو تعبير سيکاريو اٿئي. اي آسمانن ۽ زمينن جا بنائيندڙ! تون ئي دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو ولي ۽ وارث آهين. مونکي مسلمان ڪري مار ۽ مونکي صالحين ۾ شامل ڪر.“

۽ موسىٰ عليه السلام پنهنجي دعا ۾ فرمايو:-

﴿أَنتَ وَلِيُّنَا فَٱغۡفِرۡ لَنَا وَٱرۡحَمۡنَاۖ وَأَنتَ خَيۡرُ ٱلۡغَٰفِرِينَ ﴿١٥٥﴾ وَٱكۡتُبۡ لَنَا فِي هَٰذِهِ ٱلدُّنۡيَا حَسَنَةٗ وَفِي ٱلۡأٓخِرَةِ إِنَّا هُدۡنَآ إِلَيۡكَۚ ﴿١٥٦﴾ ﴾(الأعراف)

”تون اسان جو ولي ۽ سنڀاليندڙ آهين، تنهن ڪري اسان کي بخش ۽ اسان تي رحم ڪر ۽ تون (سڀ کان) چڱو بخشيندڙ آهين ۽ اسان لاءِ هن دنيا ۽ آخرت ۾ چڱائي لک، ڇو تہ اسين توڏانهن رجوع ٿيا آهيون.“

۽ رسول الله ﷺ جن کي هن طرح اعلان ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو تہ :-

﴿إِنَّ وَلِـِّۧيَ ٱللَّهُ ٱلَّذِي نَزَّلَ ٱلۡكِتَٰبَۖ وَهُوَ يَتَوَلَّى ٱلصَّٰلِحِينَ ﴿١٩٦﴾ وَٱلَّذِينَ تَدۡعُونَ مِن دُونِهِۦ لَا يَسۡتَطِيعُونَ نَصۡرَكُمۡ وَلَآ أَنفُسَهُمۡ يَنصُرُونَ ﴿١٩٧﴾ ﴾ ( الأعراف )

”بيشڪ منهنجو ولي ۽ مددگار اهو الله آهي جنهن ڪتاب (قرآن) نازل ڪيو ۽ اهو الله نيڪن جو ولي ۽ مددگار آهي. ۽ ان (الله) ڪانسواءِ جن ڪي سڏيندا آهيو سي اوهان ڪي ڪا مدد ڏئي نہ سگهندا آهن ۽ نڪي پاڻ ڪي مدد ڏئي سگهندا آهن.“

تشريح:هنن آيتن مان معلوم ٿيو تہ ڪلمي جي اها معنىٰ نهايت موزون آهي تہ لاولي الا الله.

*-*-*

## فصل سورهون

# لا محبوب إلا الله

يعني الله تعالىٰ ڪانسواءِ ڪو محبوب نہ آهي، جنهن سان هر ڳالھ جون اميدون وابستہ هجن جيئن باب-7 جي فصل-19 ۾ بيان ٿيو تہ الله سان محبت ۾ ڪنهن ڪي شريڪ ڪرڻو نہ آهي ۽ الله جهڙي ٻين سان محبت ڪرڻ بہ ساڻس شريڪ ڪرڻو آهي. ڇو تہ حقيقي محبوب الله تعالىٰ آهي. تنهن ڪري سندس هر فرمان ۽ موڪليل رسول ﷺ جي قول ۽ فعل ڪي ٻين سيني قولن ۽ راين ڪان مقدم ڪرڻو آهي. يعني قرآن ۽ حديث جي مقابلي ۾ سيئي قول ڇڏڻا آهن. الله سان وڌيڪ محبت هجڻ جي اها ئي تقاضا آهي، ورنہ جيڪڏهن الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي فرمان يعني قرآن ۽ حديث جي مقابلي ۾ جيڪو ڪنهن پنهنجي وڏي (امام يا پير) جو قول نٿو ڇڏي تہ ان ڪي الله جي محبت ۾ شريڪ ڪري ٿو. ان ڪري ڪلمي جي اها معنىٰ بہ ڪئي وئي آهي تہ: لا محبوب الا الله .

*-*-*

## فصل سترهون

# لا حول ولا قوة إلا بالله

يعني الله تعالىٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪو اهڙو نہ آهي. جو ڪنهن جي حالت بدلائي سگهي، چڱي مان بري يا بري مان چڱي ڪري سگهي، نہ ان جي مدد ڪانسواءِ ڪنهن ڪي ڪا سگھ يا طاقت آهي. قرآن ڪريم ۾ ٻن شخصن جو قصو آهي هڪڙي ڪي ٻہ باغ هئا، انهن جي پاڻ ۾ گفتگو ٿيندي هئي باغ واري ڪي سمجهائيندي ٻئي چيو تہ:-

﴿ لَّٰكِنَّا۠ هُوَ ٱللَّهُ رَبِّي وَلَآ أُشۡرِكُ بِرَبِّيٓ أَحَدٗا ۝٣٨ وَلَوۡلَآ إِذۡ دَخَلۡتَ جَنَّتَكَ قُلۡتَ مَا شَآءَ ٱللَّهُ لَا قُوَّةَ إِلَّا بِٱللَّهِۚ . . . ۝٣٩ ﴾(الڪهف)

”(آئون هي عقيدو رکندو آهيان تہ) منهنجو پالڻهار الله ئي آهي ۽ آئون پنهنجي پالڻهار سان ڪو بہ شريڪ نہ ڪندس ۽ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ داخل ٿئين تڏهن ڇو نٿو چوين تہ:

## ماشآء الله لا قوة الا بالله

”جيڪو الله گهريو (سوئي ٿيڻو آهي) جو الله (جي مدد) کانسواءِ ڪا سگهه يا قوت نہ آهي.“

تشريح:- انهي ڪري سلف صالحين امام عروه بن زبير تابعي، امام ابن شهاب زهري تابعي ۽ امام مالڪ عليهم هن آيت جي تابعداري ڪندي جڏهن ڪنهن پنهنجي مال يا باغ يا گهر ۾ ايندا هئا تہ چوندا هئا تہ: ماشاء الله لا قوة الا بالله. الدرالمنثور ۽ صحيح بخاري ۾ ابو موسیٰ اشعري کان روايت آهي تہ :

عَنْ أَبِي مُوسَى قَالَ كُنَّا مَعَ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي غَزَاةٍ فَجَعَلْنَا لَا نَصْعَدُ شَرَفًا وَلَا نَعْلُو شَرَفًا وَلَا نَهْبِطُ فِي وَادٍ إِلَّا رَفَعْنَا أَصْوَاتَنَا بِالتَّكْبِيرِ قَالَ فَدَنَا مِنَّا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ يَا أَيُّهَا النَّاسُ ارْبَعُوا عَلَى أَنْفُسِكُمْ فَإِنَّكُمْ لَا تَدْعُونَ أَصَمَّ وَلَا غَائِبًا إِنَّمَا تَدْعُونَ سَمِيعًا بَصِيرًا ثُمَّ قَالَ يَا عَبْدَ اللَّهِ بْنَ قَيْسٍ أَلَا أُعَلِّمُكَ كَلِمَةً هِيَ مِنْ كُنُوزِ الْجَنَّةِ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ. ([1])

مونکي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: تو کي اهڙو ڪلمو نہ سيکاريان جيڪو بهشت جي خزانن مان هجي. مون عرض ڪيو تہ هائو! پاڻ فرمايائون لا حول ولا قوة الا بالله يعني ”الله کانسواءِ نہ ڪنهن شيءِ جو ڦرڻ آهي ۽ نہ ان جي مدد کانسواءِ ڪنهن کي سگهہ يا طاقت ڪم اچي سگهندي. ۽ تفسير ابن ابي حاتم ۾ ابن عباس رضي الله عنهما کان هن ڪلمي جو تفسير هن طرح منقول آهي تہ:

”لا حول بنا على العمل بالطاعة إلا بالله ولا قوة لنا على ترك المعصية إلا بالله.“

”الله جي توفيق ڏيڻ کانسواءِ نہ انسان جو عمل صالح ڏانهن ڦرڻ، يعني موٽڻ ٿي سگهي ٿو ۽ ان جي مدد کانسواءِ گناهن جي ڇڏڻ جي اسان ۾ طاقت آهي. ۽ زهير بن محمد تميمي تبع تابعي کان ان جو تفسير هن طرح منقول آهي تہ: الله جي مدد کانسواءِ نہ اسين پسنديده شيءِ يا عمل حاصل ڪري سگهون ٿا ۽ نہ ناپسنديده شيءِ يا عمل کي ڇڏي يا بچي سگهون ٿا.

الغرض ڪلمہ لا اله الا الله جي اها معنیٰ بہ نهايت مناسب آهي تہ:

لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ

صوفي ڪلمہ لا اله الا الله جي هي معنیٰ ڪندا آهن تہ: لا موجود الا هو يعني الله کانسواءِ ڪا بي شيءِ موجود ڪانهي ۽ الله کانسواءِ بي ڪنهن شيءِ جو وجود (هئڻ) تسليم نہ ڪندا آهن، انهي ڪري هر شيءِ ۾ الله چوندا آهن. جيئن خواجہ غلام فريد جو شعر آهي تہ:-

---

[1]- الدرالمنثور ( 4 / 222-223 ) ، صحيح البخاري ( 20 / 279 ) كِتَاب الْقَدَرِ بَاب لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ حديث رقم ( 6120 )

بن دلبر مشکل جہاں آیا
ہر صورت عین عیاں آیا ([1])

۽ هي عقيدو باطل ۽ ڪفريه آهي. انهيءَ جو تفصيل اسان جي ڪتاب ”توحيد خالص“ ۾ مذڪور آهي. هتي هي عرض ڪرڻو آهي ته: الله پوري ڪائنات کي خلقي وجود ۾ آندو آهي، اهو هن جي قدرت جو ڪمال آهي جيئن فرمائي ٿو ته:-

﴿وَمَا خَلَقْنَا ٱلسَّمَآءَ وَٱلْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَٰطِلًا ۚ ذَٰلِكَ ظَنُّ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ ۚ فَوَيْلٌ لِّلَّذِينَ كَفَرُوا۟ مِنَ ٱلنَّارِ ﴿٢٧﴾﴾

﴿وَلَقَدْ خَلَقْنَا ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِى سِتَّةِ أَيَّامٍ وَمَا مَسَّنَا مِن لُّغُوبٍ ﴿٣٨﴾﴾ ( ق )

﴿وَمَا خَلَقْنَا ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لَٰعِبِينَ ﴿٣٨﴾ مَا خَلَقْنَٰهُمَآ إِلَّا بِٱلْحَقِّ وَلَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٣٩﴾﴾ ( الدخان )

هنن آيتن جو خلاصو هي آهي ته:

”الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمينن ۽ انهن جي درميان جي شيون آهن، اهي سڀ ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيائين ۽ انهن کي بيڪار پيدا نه ڪيو اٿس بلڪ حق سان پيدا ڪيو اٿس.“

ناظرين:- هنن آيتن ۾ الله تعاليٰ سڀني شين جو وجود (هئڻ) ثابت ڪري ٿو يعني ته ستن آسمانن ۽ ستن زمينن ۽ جيڪي انهن ۾ آهي مثلاً ملائڪ، سج، چنڊ، تارا، انسان، جن، حيوان، پکي، جيت، ڪيڙا، نباتات، جمادات،هوا ، باهه، پاڻي، بادل وغيره سڀني شين کي الله تعاليٰ پيدا ڪيو ۽ وجود بخشيو ۽ نه هئڻ مان هئڻ ۾ آندو. تنهن ڪري انهن جو وجود تسليم ڪرڻو پوندو جنهن مان الله تعاليٰ جي صفت ۽ خالقيت ظاهر ۽ باهر ٿئي ٿي، تنهن ڪري ائين چوڻ ته ٻيو ڪو وجود نه آهي ته الله جي صفت خالقيت جو انڪار ڪرڻو آهي ڇو ته جڏهن ڪا شيءِ موجود ئي ڪانهي، ته پوءِ الله تعاليٰ ڇا خلقيو آهي؟ مگر الله جي وجود ۽ ٻين جي وجود ۾ ظاهري فرق آهي جو الله تعاليٰ جو وجود ازلي، ابدي، دائمي بي مثل ۽ هلاڪيءَ کان پاڪ آهي. ٻي هر شيءِ جو وجود حادث، نئون پيدا ڪيل، فاني آهيۣ بي مثل نه آهي تنهن ڪري صحيح عقيدو اهو آهي ته موجودات ۾ ڪا به شيءِ عبادت جي لائق نه آهي ۽ نه الله سان سندس شان ۾ ڪنهن به صفت ۾ شريڪ آهي.

اها ئي صحيح معنيٰ ڪلمي لا اله الا الله جي آهي.

*-*-*

---

[1]- ديوان فريد ( 3 )

## باب چوڏهون

# مشرڪن جون خصلتون

سيني عملن ۾ نيڪين جو بنياد ۽ اساس توحيد آهي پوءِ جيتري قدر توحيد مضبوط ۽ سني هوندي اوتري قدر عمل ۽ اخلاق سنا ۽ سهڻا هوندا ۽ جيتري قدر ڪنهن ۾ شرڪ هوندو، اوتري قدر سندس عملن ۾ ڪوتاهي ۽ برائي هوندي. تنهن ڪري هن باب ۾ انهن مشرڪن جون خاص عادتون ۽ خصلتون ذڪر ڪجن ٿيون.

نمبر 1 : نماز ڇڏڻ: نماز توحيد جو عملي نمونو آهي. جو هڪ الله جي آڏو قيام، رڪوع، سجدو ۽ قعدو ڪيو وڃي ٿو. ان هڪ ڪان دعا گهري وڃي ٿي ۽ انهي جي تسبيح ۽ تحميد ڪئي وڃي ٿي خاص طرح ﴿إِيَّاكَ نَعْبُدُ وَإِيَّاكَ نَسْتَعِينُ ۝٥﴾ ( الفاتحة )”خاص تنهجي بندگي ڪريون ٿا ۽ خاص تو ڪان مدد گهرون ٿا“

چئي ڪري توحيد جو اعلان ۽ ايمان ڪي تازو ڪيو وڃي ٿو. اهڙي عمل ۾ موحد، ڪڏهن ڪوتاهي نہ ڪندو، جيتري قدر توحيد جو پڪو ۽ پختو هوندو اوتري قدر نمازن جي حفاظت ڪندو رهندو. مگر شرڪ واري صورت ۾ اهو نماز جو پابند نہ رهندو بلڪ گهڻو ڪري ڇڏي ڏيندو. ان ڪري الله تعالیٰ فرمايو آهي تہ:-

﴿مُنِيبِينَ إِلَيْهِ وَاتَّقُوهُ وَأَقِيمُوا الصَّلَاةَ وَلَا تَكُونُوا مِنَ الْمُشْرِكِينَ ۝٣١﴾ ( الروم )

”ڏانهنس موٽندڙ ٿي(عبادت ڪريو) ۽ ڪانئس ڊڄو ۽ نماز پڙهندا رهو ۽ مشرڪن مان نہ ٿيو.“

تشريح: هن آيت ۾﴿ وَلَا تَكُونُوا مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴾(۽ مشرڪن مان نہ ٿيو) ڪن جي چوڻ مطابق مٿين حڪمن جي فهرست ۾ آهي. يعني اوهين الله جا فرمانبردار بنجو ۽ انهي ڪان ڊڄو ۽ نماز قائم ڪريو ۽ مشرڪ نہ ٿيو. يعني ان طرح متعدد حڪم آهن ۽ ڪن چيو آهي تہ ان جملي جو تعلق اقيمو الصلواة سان آهي. يعني نماز پڙهو ان ڪي ڇڏي مشرڪ نہ ٿيو، مطلب تہ ان جي ڇڏڻ سان مشرڪ ٿيندؤ (روح المعاني 37/ج-3) ٻئي معنائون پنهنجي جاءِ تي صحيح آهن ۽ پوئين معنیٰ مطابق ثابت ٿيو تہ نماز ڇڏڻ مشرڪن جو ڪم آهي ۽ ٻي جاءِ تي اهو واضح ڪيو ويو آهي تہ آخرت تي ايمان آڻڻ وارا نماز نہ ڇڏيندا جيئن فرمان آهي تہ:-

﴿وَالَّذِينَ يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ يُؤْمِنُونَ بِهِ ۖ وَهُمْ عَلَىٰ صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُونَ ۝٩٢﴾ ( الأنعام )

”۽ جيڪي آخرت کي مڃيندا آهن سي ان (قرآن) کي مڃيندا آهن ۽ اهي پنهنجي نمازن جي سنڀال ڪندا آهن.“

تشريح: ۽ مشرڪن جو آخرت تي ايمان نہ هوندو آهي، جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ وَإِذَا ذُكِرَ ٱللَّهُ وَحۡدَهُ ٱشۡمَأَزَّتۡ قُلُوبُ ٱلَّذِينَ لَا يُؤۡمِنُونَ بِٱلۡأٓخِرَةِۖ وَإِذَا ذُكِرَ ٱلَّذِينَ مِن دُونِهِۦٓ إِذَا هُمۡ يَسۡتَبۡشِرُونَ ﴿٤٥﴾ ﴾ ( الزمر )

”۽ جڏهن اڪيلي الله (جي نالي) کي ياد ڪبو آهي (تڏهن) جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن. تن جون دليون ٿهنديون آهن ۽ جڏهن الله ڪانسواءِ ٻين کي ياد ڪبو آهي، تڏهن انهي ئي مهل خوش ٿيندا آهن.“

تشريح: ٻنهي آيتن ملائڻ سان مفهوم نڪري ٿو تہ جن کي آخرت تي ايمان نہ آهي. سي نماز جي سنڀال نہ ڪندا آهن ۽ آخرت نہ مڃڻ وارن جي نشاني اها هوندي آهي تہ هو مشرڪ هوندا آهن. ثابت ٿيو تہ نماز نہ پڙهڻ مشرڪن جي خصلت آهي نہ موحدن جي ۽ حديث ۾ بہ ذڪر آهي:-

عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللَّهِ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بَيْنَ الرَّجُلِ وَبَيْنَ الشِّرْكِ وَالْكُفْرِ تَرْكُ الصَّلَاةِ. ([1])

”جابر بن عبدالله رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: ٻانهي ۽ شرڪ ۽ ڪفر جي وچ ۾ (فرق) نماز ڇڏڻ آهي.“

وعن ثوبان رضي الله عنه قال سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول بين العبد وبين الكفر والإيمان الصلاة فإذا تركها فقد أشرك.([2])

رواه هبة الله الطبري بإسناد صحيح

”ثوبان ﷛ کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن کان فرمائيندي ٻڌم تہ: ٻانهي ۽ ڪفر ۽ ايمان جي وچ ۾ نماز آهي، جنهن ان کي ڇڏيو بلاشڪ ان شرڪ ڪيو.“

تشريح:- هنن حديثن مان ثابت ٿيو تہ نمازن جو ڇڏڻ مشرڪن جو ڪم آهي.

فائدو:- هي حديثون الترغيب و الترهيب (79-378/ج-1) تان نقل ڪيون ويون آهن.

نمبر2 : زڪواة نہ ڏيڻ

موحد انسان پنهنجي جان ۽ مال الله جي ملڪيت سمجهي ٿو، تنهن ڪري الله سان پنهنجي مال ۾ ڪو بخل نہ ڪندو آهي. ۽ ان جي رستي ۾ جان مال خرچ ڪرڻ لاءِ

---

[1]- صحيح مسلم ( 1 / 229 ) كِتَاب الْإِيمَانِ باب بَيَانِ إِطْلَاقِ اسْمِ الْكُفْرِ عَلَى مَنْ تَرَكَ الصَّلَاةَ حديث رقم ( 116- 117 )

[2]- ( **صحيح** ) صحيح الترغيب والترهيب ( 1 / 137 ) حديث رقم ( 566 )

تيار هوندو آهي. جيتري قدر توحيد ۾ پختو هوندو اوتري قدر قرباني ۾ پڪو هوندو. مگر مشرڪن جون درگاهون گهڻيون آهن. ڪنهن جي يارهين، ڪنهن جو عرس، ڪنهن جو نياز ته ڪنهن جو ڪونڊو، ڪنهن جو ختمو وغيره. بس هو ان ۾ ئي خوش رهندو آهي. الله تعالىٰ جي فرضي زڪواة جو ان ڪي خيال نه رهندو آهي. ان ڪري الله تعالىٰ زڪوٰة نه ڏيڻ ڪي به مشرڪن جي صفت ۾ شمار ڪيو آهي. جيئن ارشاد آهي ته:

﴿ قُلْ إِنَّمَآ أَنَا۠ بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوحَىٰٓ إِلَىَّ أَنَّمَآ إِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ وَٰحِدٌ فَٱسْتَقِيمُوٓا۟ إِلَيْهِ وَٱسْتَغْفِرُوهُ ۗ وَوَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِينَ ﴿٦﴾ ﴾(فصلت)

”اي پيغمبرﷺ! ڪين چئو ته آئون (به) اوهان ئي جهڙو ماڻهو آهيان. مگر مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي ته توهان جو معبود هڪ الله آهي. تنهن ڪري ڏانهنس سڌا متوجهه ٿيو ۽ ڪانئس بخشش گهرو ۽ (انهن) مشرڪن لاءِ ويل آهي. جيڪي زڪواة نه ڏيندا آهن ۽ اهي آخرت ڪي (به) نه مڃيندا آهن.“

تشريح: هن آيت مان واضح ٿيو ته زڪواة نه ڏيڻ مشرڪن جي عادت آهي. نه موحدن جي. الله تعالىٰ سيني مسلمانن ڪي توحيد ڪامل تي پختو بنائي. (آمين)

۽ منافقن جي الله تعالىٰ هي صفت بيان ڪئي آهي ته:

﴿ قُلْ أَنفِقُوا۟ طَوْعًا أَوْ كَرْهًا لَّن يُتَقَبَّلَ مِنكُمْ ۖ إِنَّكُمْ كُنتُمْ قَوْمًا فَٰسِقِينَ ﴿٥٣﴾ وَمَا مَنَعَهُمْ أَن تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقَٰتُهُمْ إِلَّآ أَنَّهُمْ كَفَرُوا۟ بِٱللَّهِ وَبِرَسُولِهِۦ وَلَا يَأْتُونَ ٱلصَّلَوٰةَ إِلَّا وَهُمْ كُسَالَىٰ وَلَا يُنفِقُونَ إِلَّا وَهُمْ كَٰرِهُونَ ﴿٥٤﴾ ﴾ ( التوبة )

”چئو تون، (اي منافقو!) خوش ٿي يا رنج ٿي. توهان خرچ ڪريو (يعني خيرات ڪريو) هرگز اوهان ڪان قبول نه ڪيو ويندو. ڇو ته اوهين نافرمان ٽولي آهيو ۽ انهن ڪان سندن خرچ قبول ڪرڻ ڪان انڪار جي هيءَ معنىٰ آهي ته اهي الله ۽ سندس رسول جا منڪر ۽ نماز تي صرف سست ٿي اچن ٿا ۽ خرچ به هن حال ۾ ڪن ٿا جو هو نا پسند ڪندڙ آهن.“

تشريح: منافق جي ظاهر ۾ پاڻ ڪي مسلمان ۽ موحد ظاهر ڪندا آهن. مگر اندروني طرح ان جي برعڪس هوندا آهن. ثابت ٿيو اول ته مشرڪ زڪواة ڏيڻ ڪان لهرائيندا آهن. پر جيڪڏهن مجبوراً ڏيڻو پوندو ته به دل جي خوشي سان نه ڏيندا، مگر رنج ۽ ناپسندي سان.

نمبر-3 : روزا ڇڏڻ

موحد انسان جيتري قدر توحيد ۾ پختو هوندو اوتري قدر پنهنجي مالڪ جي حڪم جي تعميل ۾ ڪوتاهي نه ڪندو. موحد جو روزو انهي لاءِ آهي جو پنهنجي ڏڻيءَ جي حڪم جي تعميل خاطر پاڻ ڪي بند رکي ٿو. ڇو ته ان لاءِ الله ڪانسواءِ ٻيو ڪو پرجهلو يا سهارو نه هوندو آهي، تنهن ڪري هو هميشه انهيءَ ڪان ڊڄندو ۽ ان جي راضي

رهڻ جي فڪر ۾ رهندو. پر مشرڪن ڪي هٿ نوڪيا سهارا گهڻا هوندا آهن، تنهن ڪري هنن ڪي هڪ الله جي راضي ڪرڻ جو اونو گهٽ هوندو آهي. بلڪ انهن سهارن ڪي الله جي راضي ڪرڻ جو سهارو، وسيلو ۽ ذريعو سمجهندا آهن، تنهن ڪري الله جي فرائض جي پابندي نہ ڪندا آهن ۽ روزا رکڻ يا نہ رکڻ انهن لاءِ ساڳي ڳالهہ آهي. تنهن ڪري الله تعالىٰ روزي رکڻ جو حڪم هن طرح ڏنو آهي:-

﴿ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ كُتِبَ عَلَيۡكُمُ ٱلصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى ٱلَّذِينَ مِن قَبۡلِكُمۡ لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُونَ ١٨٣ ﴾ (البقرة)

”اي مؤمنو جيئن اوهان کان اڳين تي (روزا) فرض ڪيا ويا هئا، تيئن اوهان تي (بہ) روزا فرض ڪيا ويا آهن تہ من اوهين پرهيزگاري ڪريو.“

تشريح: لَعَلَّكُمۡ تَتَّقُونَ تي غور ڪرڻ گهرجي. تقوىٰ ۽ پرهيزگاري اها آهي تہ هر انهيءَ ڪم کان بچي، جنهن کان الله ۽ ان جي رسول ﷺ منع ڪئي هجي. يا حرام ڪيو هجي- انهيءَ کان پرهيز ۽ پاسو ڪرڻ ۽ انهن سيني حرام ڪيل شين مان سيني کان وڏو حرام ڪم الله سان شرڪ آهي. تنهن ڪري جو شرڪ کان بچندو سو ئي الله جا فرض روزا، نمازون وغيره بجا آڻيندو ۽ مشرڪ کان اها پابندي نہ پهچندي.

نمبر-4: باوجود پهچ جي حج نہ ڪرڻ

توحيد وارا هميشہ الله جي فرضن جي ادا ڪرڻ جو پورو خيال رکندا آهن. ۽ حج بہ الله جي طرفان فرض آهي. مگر مشرڪ بيت الله تي حاضري ڏيڻ کي الله جي عبادت نہ سڏيندا آهن، جيئن تہ هو هميشہ مئن جي قبرن جي پيٽڻ وارا آهن. پيرن جي درگاهن تي حاضري ڏيڻ وارا آهن. سي بيت الله وٽ پهچڻ کي بہ ائين سمجهندا آهن. جڻ ڪ ڪنهن پير جي زيارت ڪرڻ آيا هجن. پوءِ اهڙا مشرڪ اول تہ حج تي ويندا ئي نہ آهن. بلڪ پيرن جي درگاهن جي زيارت ڪافي سمجهندا آهن. بلڪ ڪي تہ خود انهن درگاهن جي حاضري کي حج تصور ڪندا آهن، جيئن ملتان ۾ بهاءُالدين جي درگاهہ ۽ سنڌ ۾ لنواري ۽ شاهہ اويس جون درگاهون ۽ جي اتفاق سان حج تي ويندا آهن تہ بہ گوياڪ ڪنهن پير جي درگاهہ جي زيارت ڪرڻ آيا آهن. چنانچہ سن-1947ع جي ڳالهہ آهي تہ حرم ڪعبہ ۾ هڪ شخص سان انهي ڳالهہ تي بحث ٿيو جو هي چئي رهيو هو تہ ڪعبہ شريف جي اندر آدم عليه السلام جي قبر آهي. (نعوذ بالله) تنهن ڪري مشرڪ حج ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو ۽ جي ڪنهن سبب کان اوڏانهن ويو تہ بہ اسلامي فريضہ جنهن نيت سان ادا ڪيو ويندو آهي. اها ان جي نيت نہ هوندي آهي. گوياڪ ان جو حج ڪرڻ يا نہ ڪرڻ ٻئي برابر هوندا

آهن، مگر موحد انسان صحيح نيت سان ويندو آهي ۽ صحيح نيت سان ادا ڪندو آهي. قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي ته:-

﴿وَلِلَّهِ عَلَى ٱلنَّاسِ حِجُّ ٱلْبَيْتِ مَنِ ٱسْتَطَاعَ إِلَيْهِ سَبِيلًا ۚ وَمَن كَفَرَ فَإِنَّ ٱللَّهَ غَنِيٌّ عَنِ ٱلْعَٰلَمِينَ ﴿٩٧﴾﴾ ( آل عمران )

”۽ الله لاءِ خانہ ڪعبہ جو حج ماڻهن تي لازم آهي ۽ جنهن ڪفر ۽ انڪار ڪيو (تہ الله کي پرواه نہ آهي) چو تہ الله جهانن کان بي نياز بي پرواه آهي.“

تشريح: جن جو عقيدو پختو آهي، اهي الله جي فريضہ حج ادا ڪرڻ ۾ انڪار نہ ڪندا، بلڪہ اهڙو انڪار يا اعتراض مشرڪ ئي ڪري سگهي ٿو، پوءِ سڌي يا اڻ سڌي طرح جيئن مٿي گذريو ۽ هن آيت جي تفسير ۾ مجاهد تابعي کان روايت آهي تہ:

قال : لما نزلت هذه الآية ﴿ وَمَن يَبْتَغِ غَيْرَ ٱلْإِسْلَٰمِ دِينًا ﴾ الآية . قال : أهل الملل كلهم : نحن مسلمون .

فأنزل الله ﴿وَلِلَّهِ عَلَى ٱلنَّاسِ حِجُّ ٱلْبَيْتِ . ﴾ قال : يعني على المسلمين . حج المسلمون وترك المشركون . ([1])

”چيائين تہ جڏهن هي آيت نازل ٿي:

”جنهن بہ شخص اسلام ڪانسواءِ ٻيو دين ڳوليو تہ هرگز ان کان قبول نہ ڪيو ويندو.“

تڏهن سڀني دينن وارن چيو تہ اسين مسلمان آهيون. پوءِ الله تعالىٰ هي آيت لاٿي تہ:

”الله جي طرفان مسلمان ماڻهن تي حج بيت الله جو فرض آهي.“

تڏهن مسلمان حج ڪرڻ لڳا ۽ مشرڪن حج ڪرڻ ڇڏي ڏنو.

تشريح: ثابت ٿيو تہ مشرڪ ئي فريضہ حج ادا نہ ڪندا آهن. انهي وقت جا مشرڪ سڌا سنوان هئا ۽ حج ڪرڻ کان انڪار ڪيائون. مگر هن وقت جا مشرڪ سڌي انڪار جي بجاءِ اهڙي طرح ڪن ٿا جنهن ۾ نيت خالص نہ هجي جيئن بيان ٿيو.

فائدو:- ڪيترا وڏا ماڻهو ۽ سرنديءَ وارا باوجود پهچ جي حج تي نہ ويندا آهن. ٻين ملڪن ڏانهن مثلاً لندن، پئرس، زيورچ ۽ آمريڪا وغيره ملڪن ڏانهن گهمڻ ويندا آهن. اهي سڀ هن حڪم ۾ داخل آهن.

نمبر-5 : نماز ۾ سستي ڪرڻ

مٿي ٻارهين باب ۾ سورة نسآء جي ويهين رڪوع جي آيت گذري تہ منافق نماز ۾ سستي ڪندا آهن ۽ اهو ثابت ٿيو تہ منافق ظاهر ۾ پاڻ کي موحد ظاهر ڪندو آهي. پر اهو اندروني طور تي مشرڪ هوندو آهي. هن بابت بہ حديث ۾ آهي:

[1]- الدرالمنثور (2 / 57 ) بحواله عبد بن حميد والبيهقي

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : تِلْكَ صَلَاةُ الْمُنَافِقِ يَجْلِسُ يَرْقُبُ الشَّمْسَ حَتَّى إِذَا كَانَتْ بَيْنَ قَرْنَيْ الشَّيْطَانِ قَامَ فَنَقَرَهَا أَرْبَعًا لَا يَذْكُرُ اللَّهَ فِيهَا إِلَّا قَلِيلًا. ([1])

”انس ﷜ کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: اها نماز منافق جي آهي. جو وينو سج جو انتظار ڪندو آهي (يعني اجا وقت وڏو آهي) تان جو سج هيٺو ٿيندو ۽ شيطان جي ٻن سڱن جي وچ ۾ ايندو (يعني لهڻ کي قريب هوندو) پوءِ اٿندو ۽ چار ٺونگا هڻندو ۽ الله تعالىٰ کي ٿورڙو ان نماز ۾ ياد ڪندو.

تشريح: معلوم ٿيو تہ ان طرح نماز ۾ سستي ۽ لاپرواهي توحيد ۽ اسلام وارن جو ڪم نہ آهي.

نمبر-6 : ڏاڙهي جو ڪوڙڻ يا ڪترڻ

الله تعالىٰ بظاهر مرد ۽ عورت جو فرق ڏاڙهي سان رکيو آهي ۽ رسول الله ﷺ جن ڏاڙهي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو آهي، جيئن حديث ۾ آهي تہ:-

عَنْ ابْنِ عُمَرَ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ خَالِفُوا الْمُشْرِكِينَ وَفِّرُوا اللِّحَى وَأَحْفُوا الشَّوَارِبَ. ([2])

– و فى رواية – انْهَكُوا الشَّوَارِبَ وَأَعْفُوا اللِّحَى. ([3])

”ابن عمر ﷜ کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: مشرڪن جي مخالفت ڪندا ڪريو ۽ ڏاڙهين کي وڌائيندا ڪريو ۽ ڇڏي ڏيو ۽ مڇن کي ڪٽيندا ڪريو.“

تشريح:- هن حديث مان بہ اهم ڳالهيون معلوم ٿيون:-

ڏاڙهي ڇڏڻ ۽ مڇن ڪٽڻ بابت رسول الله ﷺجن جو حڪم آهي. تنهن ڪري ڏاڙهي جو ڪٽڻ ۽ مڇون وڌائڻ حرام آهن. ڇو تہ رسول الله ﷺ جن جي حڪم جي خلاف آهي ۽ سندن مخالفت سخت گناهہ آهي جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ فَلْيَحْذَرِ الَّذِينَ يُخَالِفُونَ عَنْ أَمْرِهِۦٓ أَن تُصِيبَهُمْ فِتْنَةٌ أَوْ يُصِيبَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٦٣﴾ ﴾ ( النور )

”انهن ماڻهن کي خوف ڪرڻ گهرجي. جيڪي رسول الله ﷺ جن جي حڪم جي مخالفت ڪن ٿا. هن ڪان جو انهن کي ڪو فتنو پهچي يا ڏکوئيندڙ عذاب.“

تشريح: ۽ فتنو بمعنىٰ شرڪ بہ آهي جيئن :-

[1]- صحيح مسلم ( 3 / 318 ) كِتَاب الْمَسَاجِدِ وَمَوَاضِعِ الصَّلَاةِ بَاب اسْتِحْبَابِ التَّبْكِيرِ بِالْعَصْرِ حديث رقم ( 987 ) ، مشكاة المصابيح ( 60 )

[2]- صحيح البخاري ( 18 / 249 ) كِتَاب اللِّبَاسِ بَاب تَقْلِيمِ الْأَظْفَارِ حديث رقم ( 5442 ) ، صحيح مسلم ( 2 / 72 ) كِتَاب الطَّهَارَةِ بَاب خِصَالِ الْفِطْرَةِ حديث رقم ( 382 ) ، مشكاة المصابيح ( 380 )

[3]- صحيح البخاري ( 18 / 251 ) كِتَاب اللِّبَاسِ بَاب إِعْفَاءِ اللِّحَى { عَفَوْا } كَثُرُوا وَكَثُرَتْ أَمْوَالُهُمْ حديث رقم ( 5443 )

﴿وَالْفِتْنَةُ أَشَدُّ مِنَ الْقَتْلِ . . .﴾ ﴿وَقَاتِلُوهُمْ حَتَّىٰ لَا تَكُونَ فِتْنَةٌ وَيَكُونَ الدِّينُ لِلَّهِ . . .﴾ ﴿وَالْفِتْنَةُ أَكْبَرُ مِنَ الْقَتْلِ . . .﴾ ( البقرة ) ﴿٢١٧﴾ /﴿١٩١﴾ ( البقرة )

”۽ هتي سلف صالحين کان شرڪ جي معنىٰ منقول آهي. جيئن ابن مسعود، ابن عباس ابن عمر رضي الله عنهم ۽ قتاده، حسن بصري ۽ ٻين ڪيترن کان مروي آهي.“ ([1])

ثابت ٿيو تہ: رسول الله ﷺ جن جي نافرماني آخر شرڪ تائين پهچائيندي

ٻيو هي تہ ڏاڙهيءَ جو ڪوڙڻ يا ڪترڻ ۽ مڇون وڌائڻ مسلمانن جي عادت نہ آهي. بلڪ مشرڪن جي. انهي ڪري پاڻ ان جي مخالفت ڪرڻ جو حڪم ڏنائون ۽ فرمايائون تہ ڏاڙهيءَ کي ڇڏيو ۽ وڌايو ۽ مڇون ڪٽيو.

نمبر-7 : قيامت تي ايمان نہ رکڻ

ان بابت نمبر-2 يعني زڪواة جي بيان ۾ حم السجده جي پهرئين رڪوع جي آيت گذري تہ مشرڪن لاءِ ويل آهي. جي زڪواة نہ ڏيندا آهن ۽ آخرت کي بہ مڃيندا نہ آهن. ثابت ٿيو تہ آخرت ۾ شڪ ڪرڻ بہ مشرڪن جو ڪم آهي.

نمبر-8 : دين جي ڳالهين تي مسخري يا چٿر ڪرڻ

مؤمن ۽ موحد جو ڪم آهي تہ دين جي هر مسئلي کي تعظيم جي نگاه سان ڏسي. جو ديني هر مسئلو يا الله جو حڪم آهي. يا ان جي رسول ﷺ جو ۽ منافق يا مشرڪ هميشہ دين تي چٿر ڪندا ۽ کلندا رهندا آهن. جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿فَلَمَّا جَاءَتْهُمْ رُسُلُهُم بِالْبَيِّنَاتِ فَرِحُوا بِمَا عِندَهُم مِّنَ الْعِلْمِ وَحَاقَ بِهِم مَّا كَانُوا بِهِ يَسْتَهْزِئُونَ ﴿٨٣﴾ فَلَمَّا رَأَوْا بَأْسَنَا قَالُوا آمَنَّا بِاللَّهِ وَحْدَهُ وَكَفَرْنَا بِمَا كُنَّا بِهِ مُشْرِكِينَ ﴿٨٤﴾ فَلَمْ يَكُ يَنفَعُهُمْ إِيمَانُهُمْ لَمَّا رَأَوْا بَأْسَنَا سُنَّتَ اللَّهِ الَّتِي قَدْ خَلَتْ فِي عِبَادِهِ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْكَافِرُونَ ﴿٨٥﴾﴾ ( غافر )

”پوءِ جنهن مهل سندن پيغمبرن، معجزن سان وٽن آيا تنهن مهل جيڪو دنيا هلائڻ جو علم وٽن هو. تنهن سببان خوش ٿيا ۽ جنهن (ڳالهہ) تي ٺٺوليون ڪندا هئا، تنهن (جي بڇڙائي) کين ويڙهيو. پوءِ جنهن مهل اسان جو عذاب ڏٺائون (تنهن مهل) چيائون اڪيلي الله تي ايمان آندوسون ۽ جنهن شيءِ کي (ساڻس) شريڪ مقرر ڪندا هئاسون تنهن جا منڪر ٿياسون، پوءِ جڏهن اسان جو عذاب ڏٺائون (تڏهن) سندن ايمان آڻڻ کين فائدو

[1]- زاد المسير ( 1 / 198-238 )

ڪڏهن نہ ڏنو (اهو) الله جو دستور آهي. جو سندس ٻانهن ۾ هليو ايندو آهي ۽ ان هنڌ ڪافر ٽوٽي وارا ٿيا.“

تشريح: يعني الله جا پيغمبر عليهم السلام انهن کي توحيد جي دعوت ڏيندا ۽ شرڪ کان روڪيندا ۽ انهي جي بري نتيجي کان خبردار ڪندا ۽ الله جي عذاب کان ڊيڄاريندا هئا، مگر هو مجڻ جي بجاءِ الله جي رسولن عليهم السلام، انهن جي تعليم، دعوت، بشارت، ڊيڄارڻ، ان بابت سندن آيتن ۽ معجزن تي ٺٺوليون ۽ مسخريون ڪرڻ لڳا، پوءِ جڏهن عذاب آيو تہ پوءِ توبہ ڪرڻ لڳا ۽ پنهنجي بنايل معبودن جو انڪار ڪرڻ لڳا ۽ توحيد ۽ هڪ الله کي مڃڻ ۽ ان تي ايمان آڻڻ جو اعلان ڪرڻ لڳا. مگر عذاب ڏسڻ کان بعد توبهہ قبول ڪرڻ الله جي دستور جي خلاف آهي. تنهن ڪري اهڙي ايمان انهن کي فائدو نہ ڏنو، هن تقرير مان ثابت ٿيو تہ مشرڪ هميشہ دين جي ڳالهين ۽ احڪامن ۽ ان جي دعوت تي چٿرون ڪندا هئا ۽ اڄ بہ مشرڪن جي اها بدخصلت آهي. جو توحيد وارن تان ڪلندا آهن ۽ طرح طرح جون مسخريون ڪندا آهن. مگر توحيد وارن کي انهن ڏانهن توجهہ ڏيڻ نہ گهرجي ڇو تہ آخرالله تعاليٰ جي طرفان فتح ۽ سوڀ حق وارن جي لاءِ آهي.

*-*-*

## باب پندرهون

# مشرڪ جو ڪو بہ عمل قبول نہ آهي

چاڻ گهرجي تہ توحيد سيني نيڪين جو بنياد ۽ سيني عملن جي لاءِ بمنزل جان ۽ روح جي آهي. جيتري قدر توحيد پختي هوندي اوتري قدر عمل سنا ۽ الله وٽ جلد قبول پوندا ۽ وڏي ثواب ۽ اجر جا موجب ٿيندا ۽ جيتري قدر توحيد ۾ ڪمزوري هوندي، اوتري قدر نيڪ عملن ۾ ڪوتاهي ايندي ۽ قبوليت جي درجي کان ڪرندا رهندا ۽ اهڙو ماڻهو ثواب ۽ اجر ۾ بہ پوئتي ٿيندو ويندو. ڇو تہ شرڪ واري جو ڪو بہ عمل يا نيڪي قبول نہ آهي. هن بابت قرآني فيصلو پيش ڪجي ٿو:-

﴿ قُلْ أَفَغَيْرَ ٱللَّهِ تَأْمُرُوٓنِّىٓ أَعْبُدُ أَيُّهَا ٱلْجَٰهِلُونَ ﴿٦٤﴾ وَلَقَدْ أُوحِىَ إِلَيْكَ وَإِلَى ٱلَّذِينَ مِن قَبْلِكَ لَئِنْ أَشْرَكْتَ لَيَحْبَطَنَّ عَمَلُكَ وَلَتَكُونَنَّ مِنَ ٱلْخَٰسِرِينَ ﴿٦٥﴾ بَلِ ٱللَّهَ فَٱعْبُدْ وَكُن مِّنَ ٱلشَّٰكِرِينَ ﴿٦٦﴾ ﴾ ( الزمر )

”چئو تہ اي بي عقلؤ! مون کي (هي) ڏسيندا آهيو ڇا تہ الله ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت ڪريان؟ ۽ اي پيغمبر! بيشڪ توڏانهن ۽ جيڪي تو کان اڳ (ٻيا پيغمبر) هئا تن ڏانهن وحي ڪيو ويو تہ جيڪڏهن الله سان شرڪ ڪندين تہ تنهنجا عمل ضرور ناس ٿيندا ۽ ضرور خساري وارن مان ٿيندي (نہ) بلڪ رڳو الله جي عبادت ڪر ۽ شڪر ڪرڻ وارن مان هج.“

تشريح: هن آيت مان ثابت ٿيو تہ شرڪ واري جو ڪو بہ عمل قبول نہ آهي جڏهن هن قسم جو خطاب الله تعالىٰ پنهنجن نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪري ٿو تہ پوءِ جيڪڏهن اسان مان ڪو شرڪ ڪندو تہ ان جي نيڪي يا عبادت ڪيئن قبول پوندي؟ تنهن ڪري هر حال ۾ شرڪ کان بچڻ گهرجي. ٻي جاءِ تي الله تعالىٰ نبين عليهم السلام جو ذڪر فرمائي ٿو جن ۾ ارڙهن برگزيده پيغمبرن عليهم السلام جو ذڪر آهي. انهن جي الله تعريف ڪري ٿو تہ اسان انهن کي چونڊيو ۽ هدايت وارو ڪيو ۽ جهانن وارن تي فضيلت ڏني پوءِ فرمائي ٿو تہ:-

﴿ ذَٰلِكَ هُدَى ٱللَّهِ يَهْدِى بِهِۦ مَن يَشَآءُ مِنْ عِبَادِهِۦ ۚ وَلَوْ أَشْرَكُوا۟ لَحَبِطَ عَنْهُم مَّا كَانُوا۟ يَعْمَلُونَ ﴿٨٨﴾ ﴾( الأنعام )

”اها الله جي هدايت آهي. پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ گهري تنهن کي ان سان سڌي رستي لائي ۽ جيڪڏهن اهي ماڻهو (يعني نبي) شرڪ ڪن ها تہ جيڪي ڪمايائون سو ڪائنئن ضرور ناس ٿئي ها.“

تشريح: هن آيت مان ثابت ٿيو تہ نبين سڳورن عليهم السلام کي ڪيڏو مقام مليل آهي. جو وٽس برگزيده، چونڊيل ۽ مقرب ٻانها هئا ۽ دنيا ۾ الله جي طرفان ماڻهن کي هدايت ڪرڻ آيا هئا. مگر باوجود ان جي الله تعالىٰ صاف فرمائي ٿو تہ: جيڪڏهن بفرض محال انهن مان ڪو شرڪ ڪري ها تہ سندن سيئي عمل ۽ نيڪيون برباد ۽ ناس ٿي وڃن ها. هن مان امت کي وڏو سبق آهي تہ اسان کي سڀ کان پهريائين پنهنجو عقيدو صحيح ڪرڻ گهرجي. ڇو تہ جيستائين انسان توحيد ۾ پختو نہ آهي تيستائين هن جو ڪو بہ عمل قابل قبول نہ آهي ۽ مشرڪ جي ڪا بہ نيڪي ڪنهن بہ اعتبار ۾ نہ آهي، ڪيترا بہ گهڻا عمل هجن پر جيڪڏهن شرڪ هوندو تہ سيئي بيڪار ڇٽبا، گوياڪ جن ڪا نيڪي نہ ڪئي آهي.

جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿أَفَحَسِبَ ٱلَّذِينَ كَفَرُوٓاْ أَن يَتَّخِذُواْ عِبَادِى مِن دُونِىٓ أَوْلِيَآءَ ۚ إِنَّآ أَعْتَدْنَا جَهَنَّمَ لِلْكَٰفِرِينَ نُزُلًا ﴿١٠٢﴾ قُلْ هَلْ نُنَبِّئُكُم بِٱلْأَخْسَرِينَ أَعْمَٰلًا ﴿١٠٣﴾ ٱلَّذِينَ ضَلَّ سَعْيُهُمْ فِى ٱلْحَيَوٰةِ ٱلدُّنْيَا وَهُمْ يَحْسَبُونَ أَنَّهُمْ يُحْسِنُونَ صُنْعًا ﴿١٠٤﴾ أُوْلَٰٓئِكَ ٱلَّذِينَ كَفَرُواْ بِـَٔايَٰتِ رَبِّهِمْ وَلِقَآئِهِۦ فَحَبِطَتْ أَعْمَٰلُهُمْ فَلَا نُقِيمُ لَهُمْ يَوْمَ ٱلْقِيَٰمَةِ وَزْنًا ﴿١٠٥﴾﴾ ( الكهف )

”ڇا ڪافرن اهو گمان ڪيو آهي تہ، مون کان سواءِ (پنهنجي بچاءَ لاءِ) منهنجي ٻانهن مان ولي ڪري وٺن، ۽ اسان ڪافرن جي رهڻ لاءِ جهنم تيار ڪيو آهي. چئو (تون اي پيغمبر رسول الله ﷺ!) تہ اوهان جي انهن ماڻهن جي خبر ڏيان جن جا عمل برباد ۽ ناس آهن. اهي جن (اجاين ڪمن جي ڪري) دنيا جي حياتي ۾ پنهنجي ڪوشش ۽ محنت برباد ڪري ڇڏي ۽ اهو گمان ڪن ٿا تہ اهي چڱو ڪم ڪري رهيا آهن. اهي سي آهن جن پنهنجي رب جي آيتن ۽ ان جي ملاقات سان ڪفر ڪيو تنهن ڪري سندن اعمال برباد ٿي ويا سو قيامت ۾ انهن جي عمل جي لاءِ ڪو ترازو نہ بيهاريندا سون.“

تشريح: هنن آيتن مان ثابت ٿيو تہ مشرڪ ٻين اوليائن ۽ بزرگن جي پوڄا ڪندا آهن ۽ انهن جون ڀاسون ڀاسيندا آهن. انهن جي آسري تي ڪنهن عمل يا نيڪي جي پرواه نہ ڪندا آهن. بلڪ سمجهندا آهن تہ اسين جو ڪجهہ ڪري رهيا آهيون سو چڱو ڪري رهيا آهيون. حالانڪ انهن کي سخت ڀل آهي. پنهنجي جڙتو معبودن جي زور تي نہ آخرت ۾ الله وٽ هلڻ جو ڊپ اٿن، نہ ان جي آيتن تي يقين اٿن بلڪ پنهنجي معبودن جي پوڄا ۾ مست آهن. اهڙن ماڻهن جي لاءِ قيامت ۾ نڪو عمل هوندو نہ ان جي تورڻ لاءِ ترازو رکيو يا آندو ويندو.

هن کان بعد اسلام جي پنجن رڪنن بابت مختلف فصلن ۾ تفصيلي ذڪر ڪجي ٿو.

## فصل پهريون

# كلمہ طيبہ جي بيان ۾

كلمہ طيبہ ۾ الله جي توحيد ۽ نبي اكرم ﷺ جي رسالت جو اقرار آهي. يعني مسلمانن كي اقرار كرڻو آهي تہ:

لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ مُحَمَّدُ رَّسُولُ اللَّه

"الله كانسواءِ كو عبادت جي لائق نہ آهي ۽ محمد رسول الله ﷺ، الله جو رسول آهي."
۽ ان كي شاهدي ڏيڻي آهي.

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللَّهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ

"آئون شاهدي ٿو ڏيان تہ: الله كانسواءِ كو عبادت جي لائق نہ آهي ۽ محمد ﷺ الله جو ٻانهو ۽ رسول آهي."

مگر جو ماڻهو باوجود انهي كلمہ پڙهڻ ۽ شاهدي ڏيڻ جي شرك كري ٿو تہ ان جو اهو كلمو ۽ شاهدي قبول نہ آهي، ڇو تہ هن جو عمل ۽ اعتقاد هن جي خلاف آهي ۽ اها منافقن جي صفت آهي.

جيئن الله تعالىٰ بيان كري ٿو:-

﴿يَقُولُونَ بِأَفْوَاهِهِم مَّا لَيْسَ فِي قُلُوبِهِمْ ۗ وَاللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا يَكْتُمُونَ ﴿١٦٧﴾﴾ ( آل عمران )

"پنهنجن واتن سان اهي (ڳالهيون) چوندا آهن. جيكي سندن ۾ نہ آهن ۽ جيكي لكائيندا آهن. سو الله بلكل ڄاڻندڙ آهي."

﴿يَقُولُونَ بِأَلْسِنَتِهِم مَّا لَيْسَ فِي قُلُوبِهِمْ ۚ . . .﴿١١﴾﴾ ( الفتح )

"پنهنجين زبانن سان اها (ڳالهہ) چوندا آهن. جا انهن جي دلين ۾ نہ آهي."

﴿قَالُوا آمَنَّا بِأَفْوَاهِهِمْ وَلَمْ تُؤْمِن قُلُوبُهُمْ ۛ . . .﴿٤١﴾﴾ ( المائدة )

"پنهنجن واتن سان چوندا آهن تہ ايمان آندوسون ۽ سندن دلين ايمان نہ آندو آهي."

تشريح: هنن آيتن مان ثابت ٿيو تہ منافق زبان سان ايمان ظاهر كندو آهي، مگر ان جي دل ۾ ايمان نہ هوندو آهي. ان طرح انهيءَ ماڻهو جو حال آهي جو بظاهر كلمو پڙهي ٿو، مگر شرك ۽ رسول الله ﷺ جي نافرماني نٿو ڇڏي، ڇو تہ جيكڏهن ان جي دل ۾ ايمان هجي ها تہ كلمي جي خلاف كو عمل نہ كري ها.

خلاصو:- هي آهي تہ مشرك جو خالي كلمو پڙهڻ قبول نہ آهي.

*-*-*

## فصل ٻيو

# نماز جي بيان ۾

مٿي باب چوڏهين ۾ بيان ٿيو ته نماز اول کان آخر تائين مجسم توحيد آهي. پوءِ جو ماڻهو شرڪ جا ڪم يا عادتون نٿو ڇڏي. ان جي نماز ڪيئن قبول پوندي؟ جو مٿي بيان ٿيو ته مشرڪ جو ڪو عمل قبول ڪونهي. ڇو ته ان ۾ به هن جو ڪوڙ ۽ دوکو ظاهر ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري الله تبارڪ و تعالىٰ انهن جي نمازن کي ڪا اهميت نه ٿو ڏئي. چنانچه ارشاد آهي ته:-

﴿ مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِينَ أَن يَعْمُرُوا۟ مَسَـٰجِدَ ٱللَّهِ شَـٰهِدِينَ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِم بِٱلْكُفْرِ ۚ أُو۟لَـٰٓئِكَ حَبِطَتْ أَعْمَـٰلُهُمْ وَفِى ٱلنَّارِ هُمْ خَـٰلِدُونَ ﴿١٧﴾ ﴾ (التوبة)

”مشرڪن کي ڪو حق نه آهي. جو الله جي مسجدن جي اڏاوت يا آباد ڪن. هن حال ۾ جو هو پنهنجي ڪافر هجڻ تي (پنهنجي شرڪ جي ڪري) پاڻ تي شاهد آهن، انهن جا عمل سڀ ناس ۽ برباد ٿيل آهن ۽ جهنم جي باهه ۾ هميشه رهڻ وارا آهن.“

تشريح: جڏهن مشرڪ کي مسجد اڏڻ جي اجازت نه آهي ته ان جي نماز ڪيئن قبول پوندي. بلڪ تعمير ڪرڻ جي معنىٰ ان جو آباد ڪرڻ به آهي. پوءِ جڏهن ته مشرڪ کي مسجد آباد ڪرڻ جو حق ئي نه آهي ته پوءِ ان جو نماز پڙهڻ يانه پڙهڻ ٻئي برابر آهن ۽ مٿين آيتن ۾ سيني عملن جو ذڪر آهي ته مشرڪ جا عمل قبول نه آهن، نماز به ان ۾ داخل آهي.

*-*-*

## فصل ٽيون

# زڪواة ۽ صدقات جي بيان ۾

هي به هڪ عمل آهي ۽ مشرڪ جو ڪو عمل قبول نه آهي. الله تبارڪ وتعالىٰ مشرڪن جي خرچ ڪرڻ جو مثال هن طرح بيان ڪري ٿو :-

﴿مَثَلُ مَا يُنفِقُونَ فِى هَـٰذِهِ ٱلْحَيَوٰةِ ٱلدُّنْيَا كَمَثَلِ رِيحٍ فِيهَا صِرٌّ أَصَابَتْ حَرْثَ قَوْمٍ ظَلَمُوٓا۟ أَنفُسَهُمْ فَأَهْلَكَتْهُ ۚ وَمَا ظَلَمَهُمُ ٱللَّهُ وَلَـٰكِنْ أَنفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ ﴿١١٧﴾ ﴾ (آل عمران)

”هن دنيا جي حياتي ۾ جيڪي خرچيندا آهن. تنهن جو مثال انهيءَ واء (هوا) جي مثال وانگر آهي. جنهن ۾ پارو يا سخت سردي هجي. جو ان قوم جي پوک کي پهچي، جن

پاڻ تي ظلم ڪيو، پوءِ ان (سندن پوک) کي ناس ڪري ڇڏي ۽ الله ساڻن ظلم نہ ڪيو آهي. پر اهي پاڻ تي ظلم ڪن ٿا.“

تشريح:- جهڙي طرح اها پوک ناس ٿي وئي ۽ آباد ڪرڻ واري کي ڪو نفعو حاصل ڪو نہ ٿيو. اهڙي طرح مشرڪ جي خيرات ۽ صدقات سڀ ضائع ٿي وڃن ٿا ۽ منجهانئس ان کي ثواب يا اجر جي ڪا اميد نہ ٿي رهي. ۽ باب-14 ۾ زڪواة جي بيان ۾ گذريو تہ منافقن جون خيراتون قبول نہ پونديون.

*-*-*

فصل چوٿون

# روزي جي بيان ۾

باب-14 ۾ روزي جي بحث ۾ گذريو تہ روزا انهيءَ لاءِ فرض ڪيا ويا آهن. تہ انسان ۾ تقوىٰ ۽ پرهيزگاري اچي ۽ شرڪ تقوىٰ جي خلاف آهي، جتي شرڪ هوندو اتي تقوىٰ نہ هوندي تہ روزو ڪيئن قبول پوندو؟ ايضًا روزو هڪ اهڙو عمل آهي. جنهن سان نفس جي پاڪيزگي حاصل ٿئي ٿي. جيئن رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

مَنْ لَمْ يَدَعْ قَوْلَ الزُّورِ وَالْعَمَلَ بِهِ فَلَيْسَ لِلَّهِ حَاجَةٌ فِي أَنْ يَدَعَ طَعَامَهُ وَشَرَابَهُ. ([1])

” جنهن شخص ڪوڙ ڳالهائڻ يا ان تي عمل ڪرڻ جي عادت نہ ڇڏي تہ پوءِ سندس کائڻ ۽ پيئڻ کي ڇڏڻ (يعني اهڙي روزي) جي الله تعالىٰ کي ڪا ضرورت نہ آهي.“

تشريح:- جڏهن ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪري روزو نٿو قبول پوي تہ پوءِ شرڪ ڪرڻ واري جو روزو ڪيئن قبول پوندو بي حديث ۾ آهي تہ:-

عَنْ أَبِى هُرَيْرَةَ عَنِ النَّبِىِّ صلى الله عليه وسلم قَالَ : كَمْ مِنْ صَائِمٍ لَيْسَ لَهُ مِنْ صِيَامِهِ إِلاَّ الظَّمَأُ ، وَكَمْ مِنْ قَائِمٍ لَيْسَ لَهُ مِنْ قِيَامِهِ إِلاَّ السَّهَرُ. ([2])

”ابو هرير ة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: ڪيترا اهڙا روزيدار آهن جن کي پنهنجي روزي مان سواءِ اڃ ڪاٽڻ جي ڪجهہ نصيب نہ ٿيندو آهي. ۽ ڪيترا رات جي عبادت ڪندڙ آهن جن کي پنهنجي عبادت مان اوجاڳي کانسواءِ ڪجهہ نصيب نہ آهي.“

---

[1]- صحيح البخاري ( 6 / 472 ) كِتَاب الصَّوْمِ بَاب مَنْ لَمْ يَدَعْ قَوْلَ الزُّورِ وَالْعَمَلَ بِهِ فِي الصَّوْمِ ( عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ ) حديث رقم ( 1770 ) ، مشكاة المصابيح ( 176 )

[2]- ( **صحيح** ) مشكاة المصابيح ( 1 / 455 ) حديث رقم ( 2014 ) ، سنن الدارمي ( 8 / 378 ) كتاب الرقاق باب فِى الْمُحَافَظَةِ عَلَى الصَّوْمِ حديث رقم ( 2776 ) ، مشكاة المصابيح ( 177 )

تشريح:- يعني هن جا ڪي اهڙا ڏوهه ۽ گناهه آهن جن جي ڪري سندس روزو ۽ سندس عمل قابل قبول نٿا رهن. پوءِ جنهن ۾ شرڪ جهڙو گناهه هوندو ته ان جو روزو ته بطريق الاولیٰ قبول نه پوندو.

-*-*

## فصل پنجون

# حج ۽ عمره جي بيان ۾

حج ۽ عمرو وڏي عبادت آهي. مگر ان لاءِ ضروري آهي ته پهرين پنهنجو عقيدو درست ڪيو وڃي ۽ توحيد پختي هجي ۽ شرڪ کان بيزاري هجي ورنه، مشرڪ لاءِ حج نه آهي. نه عمره بلڪ ان کي بيت الله ۾ اچڻ جي اجازت نه آهي.

جيئن ارشاد آهي ته:-

﴿ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوٓاْ إِنَّمَا ٱلۡمُشۡرِكُونَ نَجَسٞ فَلَا يَقۡرَبُواْ ٱلۡمَسۡجِدَ ٱلۡحَرَامَ بَعۡدَ عَامِهِمۡ هَٰذَاۚ وَإِنۡ خِفۡتُمۡ عَيۡلَةٗ فَسَوۡفَ يُغۡنِيكُمُ ٱللَّهُ مِن فَضۡلِهِۦٓ إِن شَآءَۚ إِنَّ ٱللَّهَ عَلِيمٌ حَكِيمٞ ﴿٢٨﴾ ﴾ (التوبة)

”اي ايمان وارو (مشرڪ عقيدي جا) پليت آهن. تنهن ڪري هن سال (يعني سن-9 هه) کان بعد مسجد الحرام (بيت الله) جي ويجهو نه اچن ۽ جيڪڏهن توهان سچائي جو خطرو رکو ٿا (يعني تجارت ۽ واپار کي ڌڪ لڳندو) ته جيڪڏهن الله گهريو ته سگهوئي اوهان کي پنهنجي فضل سان ۽ بي پرواهه ڪندو.“

تشريح:- بيت الله جو طواف ڪرڻ حج ۽ عمره جو خاص ۽ وڏو رڪن آهي. ان جي بغير نه حج ٿيندو نه عمره، پوءِ جڏهن ته مشرڪ کي بيت الله ۾ اچڻ جي اجازت ئي نه آهي ته پوءِ هو ڪيئن طواف ڪندو ۽ ڪيئن سندس حج ۽ عمرو ٿي سگهندو. تنهن ڪري پهرين انکي پنهنجو عقيدو شرڪ کان پاڪ ۽ خالص ڪري پوءِ بيت الله جي حرم ۾ داخل ٿيڻو آهي. حافظ ابن ڪثير پنهنجي تفسير ۾ هن آيت جي تحت لکي ٿو:-

أمر تعالى عباده المؤمنين الطاهرين دينًا وذاتًا بنفي المشركين ، الذين هم نَجَس دينًا، عن المسجد الحرام، وألا يقربوه بعد نزول هذه الآية. وكان نزولها في سنة تسع ؛ ولهذا بعث رسول الله صلى الله عليه وسلم عليا صحبة أبي بكر، رضي الله عنهما، عامئذ، وأمره أن ينادي في المشركين : ألا يحج بعد العام مشرك، ولا يطوف بالبيت عريان. فأتم الله ذلك، وحكم به شرعا وقدرا. ([1])

[1]- تفسير ابن كثير ( 2 / 346 )

”الله تعالىٰ پنهنجن مسلمان ٻانهن کي جي دين، عقيده ۽ ذات هر لحاظ کان پاڪ آهن، انهن کي حڪم ڏنو آهي ته مشرڪ چونڪ دين ۽ عقيدي جي لحاظ کان پليد آهن، تنهن ڪري روڪي ڇڏيو ته هن آيت جي نازل ٿيڻ کان پوءِ بيت الله جي ويجهو نه اچن ۽ انهيءَ آيت جو نزول 9-هه ۾ ٿيو. انهيءَ ڪري رسول الله ﷺ جن، علي رضي الله عنه کي، ابوبڪر صديق رضي الله عنه سان گڏ انهيءَ سال موڪليو ۽ حڪم ڏنو ته مشرڪن ۾ عام پڙهو گهمائي ته هن سال کان بعد ڪو مشرڪ حج لاءِ هتي نه اچي ۽ نه ڪو اگهاڙو ٿي بيت الله جو طواف ڪري. پوءِ الله تعالىٰ انهيءَ حڪم کي پورو ڪيو ۽ شرعي قانون بڻايو.“

خلاصو:- هن باب جو هي آهي ته مشرڪ جي ڪا به عبادت قولي هجي يا فعلي، بدني هجي يا مالي، الله وٽ قبول نه آهي. جيستائين ڪنهن شرڪ کان باز نه اچي ۽ توبه نه ڪري. الله تعالىٰ سڀن کي اهڙي توفيق بخشي. (آمين)

*-*-*

## باب سورهون

# هن بيان ۾ تہ شرڪ جو اصل سبب غلوّ آهي

اسلام اسان کي انصاف ۽ اعتدال سيکاريو آهي. ۽ هر ڪنهن کي سندس حيثيت مطابق جا ان کي الله تعالىٰ بخشي آهي. ان جو احترام ڪرڻو ۽ عزت ڏيڻي آهي. ان ۾ ڪمي ڪرڻ بي ادبي ۽ ان جي شان ۾ ڪوتاهي ۽ تفريط آهي. پوءِ ان جي شان کان ان کي وڌائڻ ۽ حد کان وڌيڪ مدح ڪرڻ زيادتي افراط ۽ غلوّ آهي. بلڪ اسان کي حڪم آهي:-

عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنْزِلُوا النَّاسَ مَنَازِلَهُمْ. ([1])

”ام المؤمنين عائشة رضي الله عنها کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: ماڻهن کي پنهنجي مرتبي ۽ منزلن تي (يعني جنهن حد تائين آهن ان حد تائين) رکو.“

تشريح:- يعني انهن کي سندن حيثيت مطابق سمجهو، ان ۾ گهٽ وڌ نہ ڪريو. شان ۾ وڌائڻ ۽ مدح ۾ مبالغو ڪرڻ کي غلو چيو ويندو آهي. جيئن نبين عليهم السلام ۽ بزرگن جي تعريف ۾ ايڏو وڌاءُ ۽ غلو ڪندا آهن. جو انهن کي وجي الله تعالىٰ سان برابر ڪندا آهن. يا وري پنهنجي پير يا امام جي حق ۾ ايڏو غلو ڪندا آهن. جو ان کي وجي رسول الله ﷺ جن سان ملائيندا آهن. جيئن علامہ حالي انهن جو حال هن طرح بيان ڪيو آهي:-

نبی کو جو چاہیں خدا کر دکھائیں
اماموں کا رتبہ نبی سے بڑھائیں

اسلام انهي غلو ڪرڻ کان سختيءَ سان منع ڪئي آهي. ان کي ٻن فصلن ۾ پيش ڪجي ٿو :-

*-*-*

[1]- صحيح وضعيف سنن أبي داود ( 10 / 342 ) حديث رقم ( 4842 ) ، سنن أبي داود ( 12 / 472 ) كِتَاب الْأَدَبِ بَاب فِي تَنْزِيلِ النَّاسِ مَنَازِلَهُمْ حديث رقم ( 4202 ) ، رواه مسلم فى مقدمة صحيحة ملعلقا ، الجامع الصغير ( 1 / 108 )

## فصل پهريون

# آيات قرآنيہ جي باري ۾

﴿ يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُواْ خُذُواْ حِذۡرَكُمۡ فَٱنفِرُواْ ثُبَاتٍ أَوِ ٱنفِرُواْ جَمِيعٗا ﴿٧١﴾ وَإِنَّ مِنكُمۡ لَمَن لَّيُبَطِّئَنَّ فَإِنۡ أَصَٰبَتۡكُم مُّصِيبَةٞ قَالَ قَدۡ أَنۡعَمَ ٱللَّهُ عَلَيَّ إِذۡ لَمۡ أَكُن مَّعَهُمۡ شَهِيدٗا ﴿٧٢﴾ وَلَئِنۡ أَصَٰبَكُمۡ فَضۡلٞ مِّنَ ٱللَّهِ لَيَقُولَنَّ كَأَن لَّمۡ تَكُنۢ بَيۡنَكُمۡ وَبَيۡنَهُۥ مَوَدَّةٞ يَٰلَيۡتَنِي كُنتُ مَعَهُمۡ فَأَفُوزَ فَوۡزًا عَظِيمٗا ﴿٧٣﴾ ﴾ ( النساء )

”اي ڪتاب وارؤ! پنهجي دين ۾ حد ڪان نہ لنگهو ۽ نہ ڪي سچ ڪانسواءِ الله تي (ڪي ٻيو) چؤ. عيسىٰ پٽ مريم جو، الله جو پيغمبر ۽ سندس (خاص) حڪم سان (پيدا ڪيل) آهي. جو مريم ڏانهن هلايائين ۽ سندس پيغمبرن تي ايمان آڻيو ۽ (اوهين) ٽي (الله) نہ چؤ (اهڙي چوڻ ڪان پاڻ ڪي) روڪيو. (اهو) اوهان لاءِ ڀلو آهي. هڪ الله ڪانسواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي، اولاد جي هجڻ ڪان اهو پاڪ آهي، جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمينن ۾ آهي. سو ان جو آهي ۽ الله سنڀاليندڙ ڪافي آهي. عيسىٰ عليه السلام، الله جي ٻانهي هجڻ ڪان بلڪل عار نہ ڪيو آهي ۽ نڪي مقرب ملائڪ ۽ جيڪو سندس ٻانهپ ڪان عار ڪندو ۽ وڏائي ڪندو. تن سيني ڪي سگهو ئي (الله) پاڻ وٽ گڏ ڪندو. پوءِ جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن. تن ڪي سندن اجر پورو ڏيندو. بلڪ پنهنجي فضل سان ڪين وڌيڪ ڏيندو. ۽ جن (ٻانهي هجڻ ڪان) عار ڪيو ۽ وڏائي ڪئي تن ڪي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو. ۽ الله ڪانسواءِ پنهنجو نہ ڪو سنڀاليندڙ ۽ نہ ڪو مدد گار لهن تا.“

تشريح:- هنن آيتن مان چند اهم مسئلا معلوم ٿيا.

(الف)- غلو ڪرڻ اسلام ۾ منع ۽ حرام آهي. يعني ڪنهن جي شان يا مدح ۾ مبالغو ۽ واڌارو نہ ڪيو وڃي. بلڪ جيڪا انهن جي حيثيت هجي ان ڪان ڪيس وڌايو نہ وڃي.

(ب) - انهيءَ غلو جي ڪري نصارن عيسىٰ عليه السلام جيڪو الله جو ٻانهو آهي. ان ڪي وچي الله سان ملايو ۽ انهي ڪي ڪي خود الله چوڻ لڳا، ڪي ان جو پٽ تہ ڪي ان جو جزء چوڻ لڳا. تعالىٰ الله عن ذالڪ.

(ت) - اهو انهن جو اجايو غلو هو ورنہ عيسىٰ عليه السلام، يا الله تعالىٰ جا ٻيا مقرب بندا ملائڪ وغيره، انهن ڪي الله تعالىٰ جي ٻانهي هجڻ ڪان ڪو عار يا عيب نٿو لڳي بلڪ هو ان ۾ فخر سمجهن تا.

(ث) پوءِ جيڪي ان طرح پنهنجن بزرگن ۽ وڏن جي حق ۾ غلو ڪن ٿا سي انهن نصارن جي طريقي تي آهن.

(ج) انهيءَ ڪري اهي به انهن نصارن وانگر شرڪ جي ڪيترن ڪمن ۾ گرفتار ٿيل آهن.

(ح) جيڪي اهڙي مبالغي واري مدح تي خوش ٿين ٿا. تن جو برو حشر ٿيندو. ان مان اڄ ڪلهه جي پيرن کي سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. جو مريد نظم خواه نثر ۾ انهن جي تعريف ۾ وڌاءُ ڪندا آهن ۽ وڃي ڪڏهن ته نبين عليهم السلام سان، ته ڪڏهن وڃي الله تعالىٰ سان ملائيندا ۽ برابر ڪندا آهن.

(خ) غلو ڪرڻ الله تعالىٰ تي ناحق هٿڻ آهي. ڇو ته ٻانهو آخر ٻانهو آهي ۽ رب تعالىٰ جو محتاج آهي، انهيءَ ڪي رب سان ملائڻ يا شريڪ ڪرڻ يا ان جي حڪومت ۾ دخل ڏيندڙ سمجهڻ اهو سڀ ڪجهه الله تي ناحق هٿڻ آهي. ۽ اهڙن جي عاقبت نهايت بڇڙي آهي. چنانچه مرڻ وقت الله جا ملائڪ ان کي هن ريت خطاب ڪندا آهن ته :-

﴿أَخْرِجُوٓاْ أَنفُسَكُمُ ٱلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ ٱلْهُونِ بِمَا كُنتُمْ تَقُولُونَ عَلَى ٱللَّهِ غَيْرَ ٱلْحَقِّ وَكُنتُمْ عَنْ ءَايَٰتِهِۦ تَسْتَكْبِرُونَ ﴿٩٣﴾﴾ (الأنعام)

”پنهنجن ساهن کي ٻاهر ڪيو، اڄ توهان کي خواري واري عذاب جي سزا انهيءَ سببان ڏني ويندي جو اوهين الله تي ناحق چوندا هئو ۽ سندس آيتن کان به وڏائي ڪندا هئو.“
ٻي جاءِ تي فرمائي ٿو ته :-

﴿قُلْ يَٰٓأَهْلَ ٱلْكِتَٰبِ لَا تَغْلُواْ فِى دِينِكُمْ غَيْرَ ٱلْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعُوٓاْ أَهْوَآءَ قَوْمٍ قَدْ ضَلُّواْ مِن قَبْلُ وَأَضَلُّواْ كَثِيرًا وَضَلُّواْ عَن سَوَآءِ ٱلسَّبِيلِ ﴿٧٧﴾﴾ (المائدة)

” (اي پيغمبر کين) چؤ ته اي ڪتاب وارو! ناحق پنهنجي دين ۾ غلو نه ڪريو ۽ حد کان نه لنگهو ۽ انهي قوم جي سڌن جي پنيان نه لڳو، جيڪي بيشڪ (پاڻ به) گمراه آهن ۽ بين گهڻن کي (به) گمراه ڪيو اٿن ۽ سڌي واٽ کان گمراهه ٿيل آهن.

تشريح:- هن آيت مان به ثابت ٿيو ته غلو ناحق جو رستو ۽ گمراهيءَ جو سبب آهي. ۽ الله تعالىٰ هي به بيان ڪيو آهي ته يهودين ۽ نصارن جي گمراهي ۽ شرڪ به غلو جي ڪري هو. جيئن فرمائي ٿو ته :-

﴿ وَقَالَتِ ٱلْيَهُودُ عُزَيْرٌ ٱبْنُ ٱللَّهِ وَقَالَتِ ٱلنَّصَـٰرَى ٱلْمَسِيحُ ٱبْنُ ٱللَّهِ ۖ ذَٰلِكَ قَوْلُهُم بِأَفْوَٰهِهِمْ ۖ يُضَـٰهِـُٔونَ قَوْلَ ٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ مِن قَبْلُ ۚ قَـٰتَلَهُمُ ٱللَّهُ ۚ أَنَّىٰ يُؤْفَكُونَ ﴿٣٠﴾ ٱتَّخَذُوٓا۟ أَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَـٰنَهُمْ أَرْبَابًا مِّن دُونِ ٱللَّهِ وَٱلْمَسِيحَ ٱبْنَ مَرْيَمَ وَمَآ أُمِرُوٓا۟ إِلَّا لِيَعْبُدُوٓا۟ إِلَـٰهًا وَٰحِدًا ۖ لَّآ إِلَـٰهَ إِلَّا هُوَ ۚ سُبْحَـٰنَهُۥ عَمَّا يُشْرِكُونَ ﴿٣١﴾ يُرِيدُونَ أَن يُطْفِـُٔوا۟ نُورَ ٱللَّهِ بِأَفْوَٰهِهِمْ وَيَأْبَى ٱللَّهُ إِلَّآ أَن يُتِمَّ نُورَهُۥ وَلَوْ كَرِهَ ٱلْكَـٰفِرُونَ ﴿٣٢﴾ هُوَ ٱلَّذِىٓ أَرْسَلَ رَسُولَهُۥ بِٱلْهُدَىٰ وَدِينِ ٱلْحَقِّ لِيُظْهِرَهُۥ عَلَى ٱلدِّينِ كُلِّهِۦ وَلَوْ كَرِهَ ٱلْمُشْرِكُونَ ﴿٣٣﴾ ﴾ (التوبة)

”۽ يهودين چيو تہ عزير عليه السلام، الله جو پٽ آهي. نصارن چيو تہ: عيسىٰ عليه السلام الله جو پٽ آهي. اهو سندن واتن جو قول آهي، اڳين ڪافرن جهڙي مشابهت ڪندا آهن. الله مٿن لعنت ڪري ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن ڀلايا ويندا آهن ۽ پنهجن عالمن ۽ پنهنجن پيرن فقيرن ۽ عيسىٰ پٽ مريم جنهن ڪي الله ڪانسواءِ رب ڪري ورتائون. حالانڪ ڪين ٻيو حڪم نہ ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ تہ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي. جيڪي ساڻس شريڪ ڪندا آهن. تن ڪان هو پاڪ آهي ۽ پنهنجن واتن سان الله جي نور کي وسائڻ گهرندا آهن ۽ الله پنهنجي نور کي پوري ڪرڻ ڪانسواءِ نہ رهندو. جيتوڻيڪ ڪافر ناپسند ڪن. اهو الله آهي. جنهن پيغمبر ﷺ کي هدايت ۽ سچي دين سان هن لاءِ موڪليو تہ ان کي سيني دينن تي غالب ڪري جيتوڻيڪ مشرڪ رنج ٿين.“

تشريح:- هي انتهائي غلو آهي. جو مخلوق کي هڪ الله پاڪ بادشاه سان ملايو وڃي ٿو ۽ ان ڏانهن اولاد جي نسبت ڪئي وڃي ۽ پنهنجن پيرن ۽ مولوين کي الله سان ملائين ۽ ان طرح سان ان غلو جي ذريعي الله جي دين کي مٽائڻ ٿا گهرن. مگر جنهن دين جو محافظ الله آهي ان کي ڪيئن مٽائي سگهندا، بلڪ الله تعالىٰ پنهنجي دين کي هميشہ غالب ۽ پورو ڪندو آهي.

*-*-*

## فصل ٻيو

# حديثن جي باري ۾

حديثن ۾ بہ غلو جي سخت منع آئي آهي. مسند احمد، نسائي، ابن ماجہ ۽ حاڪم ۾ ابن عباس ﷺ ڪان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ:-

إِيَّاكُمْ وَالْغُلُوَّ فِي الدِّينِ فَإِنَّمَا هَلَكَ مَنْ كَانَ قَبْلَكُمْ بِالْغُلُوِّ فِي الدِّينِ. ([1])

”پاڻ کي دين ۾ غلو ۽ حد کان لنگهڻ کان بچايو. ڇو تہ اوهان کان اڳين جي هلاڪيءَ ۽ گمراهي جو سبب سندن دين ۾ غلوّ ڪرڻ هو.“

تشريح:- قال ابن تيمية : قوله إياكم والغلو في الدين عام في جميع أنواع الغلو في الاعتقادات والأعمال والغلو مجاوزة الحد بأن يزاد في مدح الشئ أو ذمه على ما يستحق ونحو ذلك والنصارى أكثر غلوا في الاعتقاد والعمل من سائر الطوائف وإياهم نهى الله عن الغلو في القرآن بقوله تعالى : ﴿لَا تَغْلُوا۟ فِى دِينِكُمْ﴾ وسبب هذا الأمر العام رمي الجمار وهو داخل فيه مثل الرمي بالحجارة الكبار على أنه أبلغ من الصغار ثم علله بقوله بما يقتضي أن مجانبة هديهم مطلقا أبعد عن الوقوع فيما به هلكوا وأن المشارك لهم في بعض هديهم يخاف عليه الهلاك. ([2])

”شيخ الاسلام ابن تيميہ فرمائي ٿو تہ: هن حديث جوحڪم عام آهي. غلو جا سيئي حڪم ان ۾ داخل آهن. خواه عقيدن ۾ هجن يا عملن ۾. غلو جي معنىٰ آهي. حد کان لنگهڻ يعني جيڪو جيتري مدح ۽ تعريف جو لائق هجي ان کان وڌائي بيان ڪئي وڃي. يا جو جيتري مذمت ۽ سِڪ جوحقدار هجي ان کان وڌائڻ وغيره. ۽ نصارىٰ گهڻو ڪري سيني جماعتن کان عقيده خواه عمل ۾ وڌيڪ گهڻو غلو ڪندڙ آهن ۽ انهن کي ئي الله تعالىٰ روڪيندي فرمايو تہ:

﴿لَا تَغْلُوا۟ فِى دِينِكُمْ﴾ ( النساء )

”دين ۾ غلو نہ ڪريو ۽ حد کان نہ لنگهو.“

جيئن مٿي آيت گذري اگرچہ پاڻ ﷺ جمرن کي پٿرين چٽڻ لاءِ اهي لفظ فرمايائون يعني تہ ننڍيون پٿريون چٽيو ۽ غلو ڪري وڏيون پٿريون نہ ڪٽو. مگر ان جو حڪم عام آهي. جنهن ۾ پٿرين وارو حڪم بہ داخل آهي ۽ انهيءَ روڪڻ جو سبب اهو ٻڌايائون تہ غلو هلاڪي جو سبب آهي، جيئن اڳيان هلاڪ ٿيا، پوءِ جو انهن جي طريقي کان بچندو سو هلاڪيءَ کان امن ۾ رهندو. انهن جي طريقي ۾ شريڪ ٿيڻ واري لاءِ هلاڪيءَ جو وڏو خطرو آهي.

---

[1]- ( **صحيح** ) السلسلة الصحيحة حديث رقم ( 1283 ) ، سنن النسائي ( 10 / 83 ) كِتَاب الْمَنَاسِكِ بَاب الْتِقَاطِ الْحَصَى حديث رقم ( 3007 ) ، سنن ابن ماجه ( 9 / 134 ) كِتَاب الْمَنَاسِكِ بَاب قَدْرِ حَصَى الرَّمْيِ حديث رقم ( 3020 ) ، مسند أحمد ( 7 / 111 ) حديث رقم ( 3078 ) ، الجامع الصغير ( 1 / 115 )

[2]- فيض القدير شرح الجامع الصغير ( 3 / 126 )

عَنْ عُمَرَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : لَا تُطْرُونِي كَمَا أَطْرَتْ النَّصَارَى ابْنَ مَرْيَمَ فَإِنَّمَا أَنَا عَبْدُهُ فَقُولُوا عَبْدُ اللَّهِ وَرَسُولُهُ. ([1])

”امير المؤمنين عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: منهنجي تعريف ۾ حد کان نہ لنگهو ۽ مبالغو نہ ڪريو، جيئن نصارن عيسىٰ پٽ مريم عليه السلام جي حق ۾ مبالغو ڪيو ۽ حد کان وڌي ويا. آئون صرف انهيءَ الله جو ٻانهون آهيان پوءِ اوهين بہ چوندا ڪريو تہ الله جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي.“

تشريح:- امام بغوي شرح السنة ۾ هن حديث جي تحت فرمائي ٿو تہ:

قوله : " لا تطروني " الإطراء : مجاوزة الحد في المدح والكذب فيه ، وذلك أن النصارى أفرطوا في مدح عيسى وإطرائه بالباطل ، وجعلوه ولداً ، فمنعهم النبي ( صلى الله عليه وسلم ) من أن يطروه بالباطل. ([2])

”يعني اطرء بمعنىٰ ڪنهن جي تعريف ۾ يا ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ حد کان لنگهي وڃڻ، ۽ نصارن عيسىٰ عليه السلام جي حق ۾ غلو ڪيو ۽ ان جي مدح ۽ تعريف ۾ حد کان لنگهي ويا. تان جو ان جي ڪوڙي تعريف ڪيائون ۽ ان کي الله تعالىٰ جو پٽ بنايائون. تنهن ڪري رسول الله ﷺ جن پنهنجي امت کي تنبيہ فرمائي تہ نصارن وانگر منهنجي حق ۾ حد کان نہ لنگهن ۽ نہ ڪوڙي ۽ ناحق تعريف ڪن. ثابت ٿيو تہ شرڪ جو اصل سبب غلو آهي.“ جيئن ايندڙ حديث ۾ بيان ٿيل آهي.

عَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا صَارَتْ الْأَوْثَانُ الَّتِي كَانَتْ فِي قَوْمِ نُوحٍ فِي الْعَرَبِ بَعْدُ أَمَّا وَدٌّ كَانَتْ لِكَلْبٍ بِدَوْمَةِ الْجَنْدَلِ وَأَمَّا سُوَاعٌ كَانَتْ لِهُذَيْلٍ وَأَمَّا يَغُوثُ فَكَانَتْ لِمُرَادٍ ثُمَّ لِبَنِي غُطَيْفٍ بِالْجَوْفِ عِنْدَ سَبَإٍ وَأَمَّا يَعُوقُ فَكَانَتْ لِهَمْدَانَ وَأَمَّا نَسْرٌ فَكَانَتْ لِحِمْيَرَ لِآلِ ذِي الْكَلَاعِ أَسْمَاءُ رِجَالٍ صَالِحِينَ مِنْ قَوْمِ نُوحٍ فَلَمَّا هَلَكُوا أَوْحَى الشَّيْطَانُ إِلَى قَوْمِهِمْ أَنْ انْصِبُوا إِلَى مَجَالِسِهِمْ الَّتِي كَانُوا يَجْلِسُونَ أَنْصَابًا وَسَمُّوهَا بِأَسْمَائِهِمْ فَفَعَلُوا فَلَمْ تُعْبَدْ حَتَّى إِذَا هَلَكَ أُولَئِكَ وَتَنَسَّخَ الْعِلْمُ عُبِدَتْ. ([3])

”ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ: (اهي پنج ود، سواع، يغوث يعوق ۽ نسر) عرب ۾ نوح عليه السلام جي قوم لاءِ بعض بت بنجي ويا. (جو انهن جي پوڄا ڪندا هئا) ود دومة الجندل وٽ ڪلب نالي قبيلي جو بت هو ۽ سواع هذيل قبيلي جو ۽ يغوث مراد قبيلي جو بت هو. پوءِ وري بني غطيف جو هو ۽ يعوق همدان قبيلي جو ۽ نسر حمير قبيلي مان ذي ڪلاع وارن جو بت آهي ۽ هي نوح عليه السلام وارن جي قوم

[1]- صحيح البخاري ( 11 / 262 ) كِتَاب أَحَادِيثِ الْأَنْبِيَاءِ بَاب قَوْلِ اللَّهِ ﴿وَاذْكُرْ فِي الْكِتَابِ مَرْيَمَ إِذِ انْتَبَذَتْ مِنْ أَهْلِهَا﴾ حديث رقم ( 3189 )

[2]- شرح السنة للإمام البغوى ( 13 / 246 ) حديث رقم ( 3681 )

[3]- صحيح البخاري ( 2 / 732 ) كِتَاب تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ بَاب ﴿وَدًّا وَلَا سُوَاعًا وَلَا يَغُوثَ وَيَعُوقَ﴾ حديث رقم ( 4539 )

مان صالح مردن جا نالا هئا. پوءِ جڏهن اهي مئا ته شيطان انهن کي وسوسو وڌو ته انهن جي ويهڻ جي جاءِ تي آستانا بنايو ۽ انهن جي نالن سان مشهور ڪريو، پوءِ هنن ائين ڪيو پوءِ ان وقت انهن جي عبادت ڪانه ٿي. مگر جڏهن انهيءَ قوم وارا مئا ته انهن جي پوين ۾ علم ڪونه رهيو ۽ انهن جي پوڄا شروع ٿي."

يعني پويان چوڻ لڳا ته:

مَا اتَّخَذَ آبَاؤُنَا هَذِهِ إِلَّا أَنَّهَا كَانَتْ آلِهَتِهِمْ ، فَعَبَدُوهَا . ([1])

"پوين چيو ته اسان جي وڏن انهن کي ورتو ۽ بنايو جو اهي انهن جا معبود هئا. پوءِ انهن جي پوڄا شروع ڪيائون."

۽ امام قرطبي رحمه الله فرمائي ٿو ته:

و انما صور اوائلهم الصور ليتأسوابهم ويتذكروا افعالهم الصالحة فيجتهدوا كاجتهادهم ويعبدو الله عند قبورهم ثم خلفهم قوم جهلوا مراد هم فوسوس لهم الشيطان ان اسلافهم كانوا يعبدون هٰذه الصور ويعظمونها. ([2])

"يعني انهن جي وڏن صورتون انهيءَ لاءِ بنايون ته انهن وارو طريقو وٺن ۽ انهن جا نيڪ عمل ياد ڪري انهن وانگر عبادت لاءِ محنت ۽ جدوجهد ڪن ۽ انهن جي قبر وٽ الله جي عبادت ڪن ۽ انهن جا پويان آيا. جن جهالت سبب ان اڳين جي مراد کي نه ٿي سمجهيو پوءِ شيطان انهن کي وسوسا ۽ خيال وڌا ته اوهان جا اڳيان ۽ وڏا انهن جي پوڄا ڪندا هئا ۽ تعظيم ڪندا هئا."

خلاصو:- هنن آيتن ۽ حديثن جو مطلب هي آهي ته شرڪ جا سيئي ڪم گهٽو ڪري غلو جي ڪري ٿيندا آهن. قبن ۽ قبرن جي ناجائز تعظيم ۽ پوڄا ۽ پيرن ۽ بزرگن کي الله تعالیٰ سان ملائڻ ۽ شريڪ ڪرڻ يا انهن جي قول کي رسول الله ﷺجي قول کان مٿي ڪرڻ وغيره سيئي ڪم غلو جو نتيجو آهن. تنهن ڪري انهن کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.

*-*-*

[1]- فتح الباري لابن حجر ( 8 / 669 ) السلفيه بحواله الفاكهی

[2]- فتح المجيد شرح كتاب التوحيد ( 223 )

## باب سترهون

# مشرڪن جي معبودن جي ڪمزوري

جاڻڻ گهرجي تہ سڀ قوت الله وٽ آهي.

﴿أَنَّ ٱلْقُوَّةَ لِلَّهِ جَمِيعًا . . . ﴿١٦٥﴾﴾ ( البقرة )

"سڀ قوت الله وٽ آهي."

﴿بِيَدِهِۦ مَلَكُوتُ كُلِّ شَىْءٍ . . . ﴿٨٣﴾﴾ ( يٰس )

"هر شي جو اختيار ۽ تصرف ان جي هٿ ۾ آهي".

تنهن ڪري اها ذات پاڪ واحد عبادت جي لائق آهي ۽ ٻين جنجي پوڄا ڪئي ٿي وڃي تن ڪي ڪو اختيار ڪونهي بلڪ اهي پاڻ محتاج ۽ ڪمزور آهن. الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ:-

﴿يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّاسُ ضُرِبَ مَثَلٌ فَٱسْتَمِعُوا۟ لَهُۥٓ ۚ إِنَّ ٱلَّذِينَ تَدْعُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ لَن يَخْلُقُوا۟ ذُبَابًا وَلَوِ ٱجْتَمَعُوا۟ لَهُۥ ۖ وَإِن يَسْلُبْهُمُ ٱلذُّبَابُ شَيْـًٔا لَّا يَسْتَنقِذُوهُ مِنْهُ ۚ ضَعُفَ ٱلطَّالِبُ وَٱلْمَطْلُوبُ ﴿٧٣﴾ مَا قَدَرُوا۟ ٱللَّهَ حَقَّ قَدْرِهِۦٓ ۗ إِنَّ ٱللَّهَ لَقَوِىٌّ عَزِيزٌ ﴿٧٤﴾﴾ ( الحج )

"اي انسانو! هڪ مثال بيان ڪجي ٿو، اهو اوهين ٻڌو بيشڪ الله کانسواءِ جن کي سڏيندا آهيو سي کا مک بہ هرگز پيدا ڪري نہ سگهندا. اگرچہ ان (جي بنائڻ) لاءِ سڀ گڏ ٿين ۽ جيڪڏهن مک کانئن کا شيءِ کسي وٺي تہ اها کانئس ڇڏائي نہ سگهندا. طالب ۽ مطلوب (يعني پوڄارا ۽ جن جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي) ٻئي ڪمزور آهن. جهڙو الله جو قدر آهي (تهڙو) سندس قدر بجاءِ نہ آندائون، بيشڪ الله ڏاڍو غالب آهي. "

تشريح:- يعني الله تعالىٰ مشرڪن جي معبودن جي ڪمزوري ۽ پوڄارن جي بي عقلي کان خبردار ڪندي چوي ٿو تہ: هن مثال کي غور سان ٻڌو تہ، الله کانسواءِ جن کي اوهين پوڄيو يا الله سان شريڪ بنايو ٿا. سي سڀ جا سڀ هڪ مک جهڙي حقير شيءِ جي پيدا ڪرڻ لاءِ گڏ ٿين تہ انهي کي پيدا ڪرڻ جي منجهن قدرت کانهي (پوءِ ٻين کي پٽ يا ڏيئرون يا ٻنيون ونيون ڪيئن ٿا ڏئي سگهن.) جيئن مسند احمد، بخاري ۽ مسلم ۾ ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ، رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ: الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ، ان کان وڌيڪ ٻيو ظالم ڪير آهي. جو مون وانگر خلق بنائڻ جي ڪوشش ڪري (مثلاً صورتون ۽ فوٽو وغيره بنائڻ) پوءِ منهنجي مخلوق ۾ جيڪي ننڍيون شيون آهن.

مثلاً مک، داڙو، جوَ وغيره ذرا نہ انهن مان ڪا بنائي ڏيکارين ۽ اهي انهي جي خلقڻ کان نہ عاجز آهن. بلڪ مک جهڙي حقير شيءِ جي مقابلي جيتري همت بہ ڪانہ اٿن جو جيڪڏهن اها مک (سندن درگاهن تان) ڪا شيءِ کڻي مثلاً خوشبوءِ ( يا ٻيون ڪاڌي جون شيون) ان کان اها موٽائڻ جي بہ طاقت نہ اٿن (نہ پوءِ ٻين جي ڪيئن ٿا مشڪل ڪشائي ڪري سگهن) حالانڪ مک حقير ۽ ڪمزور مخلوق آهي، انهيءَ ڪري الله تعالىٰ فرمائي ٿو نہ طالب ۽ مطلوب ٻئي ڪمزور آهن. ابن عباس رضي الله عنهما چوي ٿو نہ طالب مان مراد اهو بت ۽ يادگار آهي. جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي ۽ مطلوب مان مراد مک آهي- امام ابن جرير اها معنىٰ پسند ڪئي آهي ۽ مضمون جو سياق ان کي گهري ٿو. (يعني نہ جن جي پوڄا ڪن ٿا سي ان ڪمزور مک کان وڌيڪ ڪمزور هوندا آهن) ۽ مفسر سُدي ۽ ٻيا چون ٿا نہ طالب مان مراد پوڄا ڪندڙ ۽ مطلوب اهو آهي. جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي. (يعني پوڄارا خود ڪمزور ۽ جن جي پوڄا ڪن ٿا سي انهن کان وڌيڪ ڪمزور آهن. جو مک جي مقابلي ڪرڻ جهڙا بہ نہ آهن. ٻئي معنائون پنهجي جاءِ تي صحيح آهن. ٻنهي مان پنهنجي، پنهنجي، جاءِ تي رهنمائي حاصل ٿئي ٿي.) ۽ انهيءَ جو اصل سبب هي آهي نہ انهن پوڄارين کي، الله تعالىٰ جي عظمت ۽ وڏائيءَ ۽ قدرت جو نہ قدر آهي. تنهن ڪري ڪمزورن ۽ هيٺن جي پوڄا ڪن ٿا. ۽ هر شيءِ تي هر وقت غالب ۽ قدرت رکڻ وارو هڪ الله آهي. ([1])

﴿ مَثَلُ ٱلَّذِينَ ٱتَّخَذُواْ مِن دُونِ ٱللَّهِ أَوۡلِيَآءَ كَمَثَلِ ٱلۡعَنكَبُوتِ ٱتَّخَذَتۡ بَيۡتٗاۖ وَإِنَّ أَوۡهَنَ ٱلۡبُيُوتِ لَبَيۡتُ ٱلۡعَنكَبُوتِۖ لَوۡ كَانُواْ يَعۡلَمُونَ ﴿٤١﴾ إِنَّ ٱللَّهَ يَعۡلَمُ مَا يَدۡعُونَ مِن دُونِهِۦ مِن شَيۡءٖۚ وَهُوَ ٱلۡعَزِيزُ ٱلۡحَكِيمُ ﴿٤٢﴾ وَتِلۡكَ ٱلۡأَمۡثَٰلُ نَضۡرِبُهَا لِلنَّاسِۖ وَمَا يَعۡقِلُهَآ إِلَّا ٱلۡعَٰلِمُونَ ﴿٤٣﴾ خَلَقَ ٱللَّهُ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلۡأَرۡضَ بِٱلۡحَقِّۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَأٓيَةٗ لِّلۡمُؤۡمِنِينَ ﴿٤٤﴾ ﴾ ( العنكبوت )

”جن الله ڪانسواءِ ٻيا ولي ورتا آهن. تن جو مثال ڪوريئڙي جي مثال وانگر آهي. جنهن گهر ناهيو ۽ بيشڪ سڀني گهرن ۾ وڌيڪ ڪمزور ڪوريئڙي جو گهر آهي. جيڪڏهن (اها ڳالهہ) ڄاڻن ها (نہ ائين نہ ڪن ها) بيشڪ جنهن شيءِ کي الله ڪانسواءِ پوڄيندا آهن. سا جيڪا بہ هجي تنهن کي الله ڄاڻندو آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. اهي مثال آهن جن کي ماڻهن لاءِ بيان ڪندا آهيون ۽ انهن کي اهل علم ڪانسواءِ ڪو نہ سمجهندو آهي،

[1]- تفسير ابن كثير ( 3 / 23 ) مع التشريح

الله آسمانن ۽ زمينن کي (چڱي) رٿ سان خلقيو آهي. بيشڪ ان (ڪم) ۾ مؤمنن لاءِ (وڏي) نشاني آهي.“

تشريح:- يعني هي الله تعالىٰ مشرڪن جي پوڄا لاءِ مثال ڏنو آهي. جن ڪي هو پوڄين ۽ رزق ۽ مدد جي اميد رکن ٿا ۽ مشڪلاتن ۾ انهن جي درن ڪي وڃن ٿا. يعني جيئن ڪوريئڙو گهر بنائي ٿو. اهو انتهائي ڪمزور ۽ هيڻو آهي ڇو ته انهن جي هٿن ۾ ڪجهه نه آهي جو ڪجهه ڪري سگهن. مشرڪن جو پنهنجن معبودن تي ڀروسو ائين آهي جيئن ڪوريئڙي جو پنهنجي گهر تي جو اهو ڪو فائدو نٿو ڏيئي سگهي. جيڪڏهن هنن کي اهڙي حالت جي خبر هجي ها ته الله ڪانسواءِ ٻين ولين جي درگاهن کي نه پوڄين ها، مگر مسلمان جو حال ان جي مخالف آهي. جو انهيءَ جي دل ۾ ايمان آهي ۽ شريعت جي مطابق سندس سهڻا عمل آهن، پوءِانهيءَ الله جي اهڙي مضبوط سهاري کي ورتو آهي. جو ٽٽڻ وارو نه آهي. بعد ۾ وري الله تعالىٰ انهن مشرڪن ۽ پوڄارين کي وعيد ۽ دڙڪو ڏيئي فرمائي ٿو ته: الله تعالىٰ توهان جي عملن ۽ الله سان جيڪي شريڪ بنايا آهن انهن کي پوري طرح ڄاڻي ٿو ۽ ان مطابق ڪين بدلو ڏيندو. هن قسم جي مثال مان اهي ماڻهو فائدو وٺي ۽ سمجهي سگهن ٿا، جيڪي عقيدي ۾ پڪا ۽ علم ۾ پريل آهن. ([1])

تنهن ڪري آسمانن ۽ زمينن وما فيهما جو خالق آهي. اهو ئي عبادت ۽ بندگي جو لائق آهي. نيز عبدالرزاق، ابن جرير وغيره تفسيرن ۾ قتاده تابعي کان هن مثال بابت مروي آهي ته:-

قال : هذا مثل ضربه الله للمشرك . انه لن يغني عنه إلهه شيئاً من ضعفه وقلة اجزائه ، مثل ضعف بيت العنكبوت.

”چيائين ته هي مثال الله تعالىٰ مشرڪ لاءِ بيان ڪيو آهي ته: اهو سندس معبود ان کي نه ڪو فائدو ڏيندو ۽ نه نقصان کان بچائي سگهندو، ڇو ته اهو به ڪوريئڙي جي گهر وانگر ڪمزور ۽ هيڻو ٻڦيل آهي.

ابن عباس رضي الله عنهما فرمائي ٿو ته:

ذاك مثل ضربه الله لمن عبد غيره . إن مثله كمثل بيت العنكبوت. ([2])

”هي الله تعالىٰ انهيءَ شخص جي لاءِ مثال بيان ڪيو آهي. جيڪو سندس غير جي پوڄا ڪري ٿو. ان جو حال اهڙو آهي جهڙو ڪوريئڙي جي گهر جو.

---

[1]- تفسير ابن كثير ( 3 / 413-414 )

[2]- الدر المنثور ( 5 / 145 )

﴿ وَٱتَّخَذُواْ مِن دُونِ ٱللَّهِ ءَالِهَةً لَّعَلَّهُمْ يُنصَرُونَ ﴿٧٤﴾ لَا يَسْتَطِيعُونَ نَصْرَهُمْ وَهُمْ لَهُمْ جُندٌ مُّحْضَرُونَ ﴿٧٥﴾ فَلَا يَحْزُنكَ قَوْلُهُمْ إِنَّا نَعْلَمُ مَا يُسِرُّونَ وَمَا يُعْلِنُونَ ﴿٧٦﴾ ﴾ ( يس )

”۽ الله کانسواءِ ٻيا معبود ڪري ورتا اٿن. تہ من ڪين مدد ڏني وڃي. (بلڪ) ڪين مدد ڏيئي نہ سگھندا ۽ اهي (معبود جن جي پوڄا ڪندا آهن) انهن جو لشڪر ٿي گڏيا ويندا. پوءِ (اي پيغمبر) توکي سندن چوڻ نہ ڏکوئي، جيڪي ڳجهو ڪندا آهن ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهن، سو بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا.

تشريح:- يعني مدد ڪرڻ تہ درڪنار بلڪ جي پنهنجي پوڄا ۾ راضي آهن يا عام طرح پنهنجي پوڄا ڪرائيندا رهن ٿا. سي پنهنجن پوڄارن سميت جهنم ۾ حاضر ڪيا ويندا. جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ إِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُونَ مِن دُونِ ٱللَّهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ أَنتُمْ لَهَا وَٰرِدُونَ ﴿٩٨﴾ لَوْ كَانَ هَٰٓؤُلَآءِ ءَالِهَةً مَّا وَرَدُوهَا ۖ وَكُلٌّ فِيهَا خَٰلِدُونَ ﴿٩٩﴾ ﴾ ( الأنبياء )

”اوهين ۽ جن کي الله کانسواءِ پوڄيندا آهيو. سي دوزخ جو ٻارڻ يعني ٻل آهن. (جن جي پوڄا ڪيو ٿا) تہ معبود هجن ها تہ ان (دوزخ) ۾ نہ گهڙن ها ۽ مڙئي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. ثابت ٿيو تہ اهي پنهنجن پوڄارن جي مدد ڪرڻ کان عاجز آهن.“

﴿ وَٱتَّخَذُواْ مِن دُونِ ٱللَّهِ ءَالِهَةً لِّيَكُونُواْ لَهُمْ عِزًّا ﴿٨١﴾ كَلَّا ۚ سَيَكْفُرُونَ بِعِبَادَتِهِمْ وَيَكُونُونَ عَلَيْهِمْ ضِدًّا ﴿٨٢﴾ ﴾ ( مريم )

”۽ الله کانسواءِ ٻيا معبود هن لاءِ ورتا اٿن تہ انهن لاءِ عزت ۽ مان جو سبب ٿين. ائين نہ آهي. بلڪ اهي سندن پوڄا جو انڪار ڪندا ۽ انهن جا دشمن (۽ مخالف) ٿيندا. “

تشريح:- هو پاڻ قيامت ۾ الله جي آڏو خائف ۽ ڏجندڙ هوندا ۽ الله جي سخت عذاب کي ڏسي پنهنجي پوڄارن کان بيزار ٿي ويندا.

جيئن ارشاد آهي تہ:-

﴿ إِذْ تَبَرَّأَ ٱلَّذِينَ ٱتُّبِعُواْ مِنَ ٱلَّذِينَ ٱتَّبَعُواْ وَرَأَوُاْ ٱلْعَذَابَ وَتَقَطَّعَتْ بِهِمُ ٱلْأَسْبَابُ ﴿١٦٦﴾ وَقَالَ ٱلَّذِينَ ٱتَّبَعُواْ لَوْ أَنَّ لَنَا كَرَّةً فَنَتَبَرَّأَ مِنْهُمْ كَمَا تَبَرَّءُواْ مِنَّا ۗ كَذَٰلِكَ يُرِيهِمُ ٱللَّهُ أَعْمَٰلَهُمْ حَسَرَٰتٍ عَلَيْهِمْ ۖ وَمَا هُم بِخَٰرِجِينَ مِنَ ٱلنَّارِ ﴿١٦٧﴾ ﴾ ( البقرة )

”(تہ جيڪر ڏاڍا پشيمان ٿين) جنهن مهل اڳواڻ پنيان لڳندڙن کان بيزار ٿيندا ۽ عذاب کي ڏسندا ۽ سندن (سڀ) لاڳاپا ٽٽي ويندا (تنهن مهل) پنيان لڳندڙ چوندا تہ جيڪر اسان کي (وري دنيا ۾) موٽڻو هجي ها تہ ڪائنن ائين بيزار ٿيون ها. جيئن اسان کان بيزار

ٿيا آهن. اهڙي طرح الله سندن ڪرتوتن کي مٿن پشيمانيون بنائي ڏيکاريندو ۽ اهي باهه مان نڪرڻ وارا نه آهن.“

تشريح:- يعني پوءِ انهن ۾ ڪنهن ڀلائي يا مدد جي اميد ڪرڻ فضول آهي.

﴿وَٱتَّخَذُواْ مِن دُونِهِۦٓ ءَالِهَةً لَّا يَخۡلُقُونَ شَيۡـًٔا وَهُمۡ يُخۡلَقُونَ وَلَا يَمۡلِكُونَ لِأَنفُسِهِمۡ ضَرًّا وَلَا نَفۡعًا وَلَا يَمۡلِكُونَ مَوۡتًا وَلَا حَيَوٰةً وَلَا نُشُورًا ٣﴾ ( الفرقان )

”۽ الله ڪانسواءِ اهي معبود ورتا اٿن جو ڪجهه بنائي نه سگهندا آهن. ۽ اهي پاڻ پيدا ڪيل آهن ۽ پاڻ لاءِ نه ڪي ڏک ۽ نه ڪي سک جو اختيار اٿن ۽ نڪي موت ۽ نڪي حياتي ۽ نه وري جيئري ٿيڻ جو اختياراٿن.“

تشريح:- هن آيت واضح ڪري ڇڏيو ته الله ڪانسواءِ جن جي پوڄا ڪئي ٿي وڃي. تن جي وس يا اختيار ۾ ڪجهه به نه آهي. هن ڪان بعد ڪجهه حديثون ذڪر ڪجن ٿيون:-

عَنْ السَّائب قَالَ:" بَعَثَ مَعِي أَهْلِي قَدَحَ لَبَنٍ وزُبْدٍ إِلَى آلِهَتِهِمْ، فَذَهَبْتُ بِهِ، فَلَقَدْ خِفْتُ أَنْ آكُلَ مِنْهُ شَيْئًا، فَوَضَعْتُهُ، إِذْ جَاءَ كَلْبٌ، فَشَرِبَ اللَّبَنَ، وَأَكَلَ الزُّبْدَ، وَبَالَ عَلَى الصَّنَمِ ". ([1])

”سائب بن يزيد رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته: مون کي پنهنجي گهرجي ڀاتين کير ۽ مکڻ جو پيالو ڏيئي پنهنجي معبودن جي آڏو پيش ڪرڻ جي لاءِ موڪليو. پوءِ آئون اهو کڻي ويس ۽ آئون ان مان کائڻ کان ڊنس پئي، پوءِ اتي آڏو رکيم ته هڪ ڪتو آيو جو کير پيتائين ۽ مکڻ کاڌائين، پوءِ ان بت جي مٿان پيشاب ڪيائين.“

تشريح:- اهو ئي حال هن وقت جي درگاهن ۽ مزارن جو آهي. جن تان ماڻهو پڙ ڪنيو وڃن، ڪي انهن جون ڪاٺ جون اڏيل چوڪنڊيون ساڙيون وڃن، ڪبوتر ۽ ٻيا پکي مٿن ونيون پيا لاهيندا آهن، مگر هو پنهنجي حفاظت ڪري نٿا سگهن. ان مان ئي انهن جي ڪمزوري ظاهر آهي. انهن درگاهن تي مجاور ۽ ٻيا پهريدار موجود آهن. ورنه انهن جو به ساڳيو حال ٿئي. ۽ انهيءَ واقعي ڪان بعد اهو اصحابي مسلمان ٿيو. الله اڄوڪن ماڻهن کي به اها توفيق ڏئي جو حق ۽ باطل کي سمجهن.

عَنْ مُعَاوِيَةَ بن قُرَّةَ، عَنْ أَبِيهِ قُرَّةَ، قَالَ: ذَهَبْتُ لأُسْلِمَ حِينَ بُعِثَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَأَرَدْتُ أَنْ أُدْخِلَ مَعِيَ رَجُلَيْنِ أَوْ ثَلاثَةً فِي الإِسْلامِ، فَأَتَيْتُ الْمَاءَ حَيْثُ مُجَمِّعِ النَّاسِ، فَإِذَا أَنَا بِرَاعِي الْقَرْيَةِ الَّذِي يَرْعَى أَغْنَامَهُمْ، فَقَالَ: لا أَرْعَى لَكُمْ أَغْنَامَكُمْ، قَالُوا: لِمَ؟، قَالَ: يَجِيءُ الذِّئْبُ كُلَّ لَيْلَةٍ فَيَأْخُذُ الشَّاةَ، وَصَنَمُنَا هَذَا قَائِمٌ، لا يَضُرُّ وَلا يَنْفَعُ، وَلا يُغَيِّرُ، وَلا يُنْكِرُ، فَرَجَعُوا، وَأَنَا أَرْجُو أَنْ يُسْلِمُوا، فَلَمَّا أَصْبَحْنَا جَاءَ الرَّاعِي يَشْتَدُّ، وَهُوَ يَقُولُ: جَاءَ

---

[1]- المعجم الكبير للطبراني ( 6 / 265 ) حديث رقم ( 6484 ) ، مجمع الزوائد ( 1 / 115 ) قال : ورجاله ثقات

الْبُشْرَى، جَاءَ الْبُشْرَى، جَاءَ الذِّئْبُ فَهُوَ بَيْنَ يَدَيِ الصَّنَمِ مَقْمُوطًا، فَذَهَبْتُ مَعَهُمْ، فَقَبَّلُوهُ وَسَجَدُوا لَهُ، وَقَالُوا: هَكَذَا فَاصْنَعْ، فَدَخَلْتُ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، فَحَدَّثْتُهُ بِهَذَا الْحَدِيثِ، فَقَالَ:"عَبَثَ بِهِمُ الشَّيْطَانُ" ([1])

”معاوية بن قرة پنهنجي والد قرة بن اياس ﷺ كان روايت كري ٿو تہ: جڏهن رسول الله ﷺ جي بعثت ۽ نبوت جي خبر پيئي تہ آئون اسلام آڻڻ لاءِ وڃي رهيو هيس، رستي ۾ پاڻي جي تڙ تي ماڻهو گڏ ٿيل ڏٺم- هڪڙو ڏنار آيو، جو ڳوٺ جون ٻڪريون چاريندو هو ان چيو تہ آئون اوهان جون ٻڪريون نہ چاريندس پڇيائونس تہ ڇا جي لاءِ؟ چيائين تہ هر رات بگهڙ اچي ٿو ۽ ڪانہ ڪا ٻڪري کڻيون وڃي. هي اسان جو بت جيڪو بيٺو آهي. سو ڪجھ ڪو نہ ٿو ڪري نہ نفعو ٿو ڏئي نہ نقصان، نہ ان کي هٽائي ٿو نہ انڪار ڪري ٿو. پوءِ هو اتان موٽيا ۽ مون کي اميد ٿي تہ من اسلام آڻين صبح جو ڏنار ٻوڙندو ۽ مبارڪون ڏيندو اچي تہ بگهڙ آيو. پر اڄ بت جي آڏو ٻڌو پيو آهي پوءِ هي سڀ اتي آيا، آئون بہ انهن سان گڏ هيس ان کي چميائون ۽ کيس سجدو ڪيائون ۽ چيائون تہ ائين ڪندو ڪر- پوءِ آئون رسول الله ﷺ وٽ آيس ۽ قصو بيان ڪيم- پاڻ فرمايائون تہ شيطان ساڻن راند ڪيڏي آهي.“

تشريح:- هن حديث جي هڪ راوي اظهر بن سنان ۾ ڪجھ ڪلام آهي. مگر حافظ ابن عدي ڪتاب الڪامل (420 /ج-1 ۾ فرمائي ٿو تہ: ان جون حديثون صالح آهن ۽ اها روايت مسند بزار ۾ آهي. جنهن ۾ هي لفظ آهن تہ جڏهن ڏنار انهن وٽ شڪايت ڪئي تہ هنن چيو:

أقم علينا أحسبه قال حتى نأتيه فأتوه فتكلموا حوله قال للراعي أقم الليلة قال اني أقيم الليلة حتى ننظر قال فبتنا ليلتنا فلما كان صلاة الغداة إذ الراعي يشتد إلى أهل القرية يقول لهم البشرى الا ترون الذئب مربوطا بين يدي الغنم بغير وثاق فجاؤا وجئنا معهم قال فقال نعم هكذا فاصنع فقدمنا على رسول الله صلى الله عليه وسلم فحدثه أبي الحديث فقال يتلعب بهم الشيطان. ([2])

”تون اسان وٽ ترس جلدي نہ ڪر اسين پنهنجي معبود وٽ وڃون ٿا. پوءِ اچي ان جي چوڌاري ڳالهيائون. ان ڏنار کي چيو تہ اڄو ڪي رات ترس. چيائين تہ آئون ترسان ٿو، ڏسان تہ ڇا ٿو ٿئي ۽ اسين بہ اتي ترسي پياسين، صبح جو ڏنار مبارڪون ڏيندو ٻوڙندو آيو تہ ڏسو هي بگهڙ ٻڪرين جي آڏو بغير رسي جي ٻڌو پيو آهي. پوءِ هي آيا ۽ اسين بہ آياسين پوءِ ان بت کي خطاب ڪندي چيائون تہ: ائين ڪندو ڪر. پوءِ اسين رسول الله ﷺ

[1]- المعجم الكبير للطبراني ( 19 / 32 ) حديث رقم ( 15411 )

[2]- مجمع الزوائد ( 1 / 115 ) باب فيمن يعويهم الشيطان

وٽ آياسين ۽ بابي يعني قرة کين واقعو ٻڌايو. پاڻ فرمايائون تہ: شيطان ساڻن راند کيڏي ويو آهي. يعني تہ پاڻ بگهڙ تي ٻکريون کنيائين ۽ پاڻ انهيءَ بت مان اچي ڳالهايائين ۽ ٻڌجي اچي پيو. ان طرح انهن کي گمراه کندو رهيو. يعني واضح ٿيو تہ انهن جي معبودن ۾ کا همت کا توفيق نہ آهي. بلک اهي کمزور ۽ عاجز آهن، شيطان انهن جو منهن ۾ نالو ڏيئي ماڻهن کي گمراه کري ٿو، نہ انهي بت انهي جو کو بچاءُ کيو ۽ دشمن يعني بگهڙ کي ڀڄائين. غير الله جي پوڄارن لاءِ هن ۾ وڏي عبرت ۽ سبق آهي. الله تعالیٰ پنهنجن ٻانهن کي سمجهہ ڏئي.

طبقات ابن سعد ۾ راشد بن عبد ربه الاسلمي ﷛ بابت روايت آهي تہ : فتح مکہ واري وقت هو بني سُليم جي هک وفد ۾ رسو ل الله ﷺوٽ آيو ۽ اسلام آندائون جن جو تعداد نو سؤ يا هزار هو.

وكان راشد يسدن صنماً لبني سليم، فرأى يوما ثعلبين يبولان عليه فقال: أرب يبول الثعلبان برأسه! ... لقد ذل من بالت عليه الثعالب ثم شد عليه فكسره، ثم أتى النبي، صلى الله عليه وسلم، فقال له: ما اسمك؟ قال: غاوي بن عبد العزى، قال: أنت راشد بن عبد ربه، فأسلم وحسن إسلامه وشهد الفتح مع النبي، صلى الله عليه وسلم. ([1])

”۽ راشد بني سليم جي هک بت جي خدمت کندو هو، هک ڏينهن ڏٺائين تہ ٻہ لوکڙ ان بت جي مٿان پيشاب کري رهيا آهن پوءِ هي شعر چيائين: ”ڇا اهو رب آهي. جنهن جي مٿي تي لوکڙ پيشاب کن. (اهڙي شيءِ رب يا معبود تہ نہ) بلک اها تہ ذليل ۽ حقير شيءِ آهي. پوءِ ان تي سخت حملو کري ان کي ٽوڙيائين. پوءِ رسول الله ﷺ جن وٽ آيو. پاڻ پڇيائونس تہ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ چيائين تہ غادو پٽ عبدالعزیٰ پاڻ فرمايائون تہ: تون راشد پٽ عبدربه آهين. پوءِ هن اسلام آندو ۽ سهڻي نموني نيکي سان رهيو ۽ فتح مکي واري معرکي ۾ رسول الله ﷺ جن سان حاضر رهيو.“

تشريح:- عبرت وٺڻ گهرجي تہ جن جي پوڄا کن ٿا. مثلاً جهنڊا، انگاس، مورتون، صورتون، قبا، قبرون ۽ چوکنڊيون، آستانا، وغيره. انهن جو اهو ئي حال آهي. اهڙا ئي کمزور آهن. انهن جي حالت ڏسي کافرن سبق حاصل کيو ۽ مسلمان ٿيا. الله تعالیٰ اسان جي پائرن کي توفيق بخشي جو اهڙن کمزور معبودن جي کمزوريءَ ۽ بي وسي ڏسي شرک کان توبهہ کن. ۽ هک الله وحدهٗ لاشريک لهٗ جي دروازي تي اچن ۽ حاضري ڏين.“

سيرت لابن هشام ۾ آهي تہ:-

[1]- الطبقات الكبرى لابن سعد ( 1 / 307-308 )

وَكَانَ عَمْرُو بْنُ الْجَمُوحِ سَيّدًا مِنْ سَادَاتِ بَنِي سَلَمَةَ وَشَرِيفًا مِنْ أَشْرَافِهِمْ وَكَانَ قَدْ اتّخَذَ فِي دَارِهِ صَنَمًا مِنْ خَشَبٍ يُقَالُ لَهُ مَنَاةُ كَمَا كَانَتْ الْأَشْرَافُ يَصْنَعُونَ تَتّخِذُهُ إلَهًا تُعَظّمُهُ وَتُطَهّرُهُ فَلَمّا أَسْلَمَ فِتْيَانُ بَنِي سَلَمَةَ مُعَاذُ بْنُ جَبَلٍ ، وَابْنُهُ مُعَاذُ بْنُ عَمْرِو ( بْنِ الْجَمُوحِ ) فِي فِتْيَانٍ مِنْهُمْ مِمّنْ أَسْلَمَ وَشَهِدَ الْعَقَبَةَ ، كَانُوا يُدْلِجُونَ بِاللّيْلِ عَلَى صَنَمِ عَمْرٍو ذَلِكَ فَيَحْمِلُونَهُ فَيَطْرَحُونَهُ فِي بَعْضِ حُفَرِ بَنِي سَلَمَةَ وَفِيهَا عِذَرُ النّاسِ مُنَكّسًا عَلَى رَأْسِهِ فَإِذَا أَصْبَحَ عَمْرٌو ، قَالَ وَيْلَكُمْ مَنْ عَدَا عَلَى آلِهَتِنَا هَذِهِ اللّيْلَةَ ؟ قَالَ ثُمّ يَغْدُو يَلْتَمِسُهُ حَتّى إذَا وَجَدَهُ غَسَلَهُ وَطَهّرَهُ وَطَيّبَهُ ، ثُمّ قَالَ أَمَا وَاَللّهِ لَوْ أَعْلَمُ مَنْ فَعَلَ هَذَا بِكَ لَأُخْزِيَنّهُ . فَإِذَا أَمْسَى وَنَامَ عَمْرٌو ، عَدَوْا عَلَيْهِ فَفَعَلُوا بِهِ مِثْلَ ذَلِكَ فَيَغْدُو فَيَجِدُهُ فِي مِثْلِ مَا كَانَ فِيهِ مِنْ الْأَذَى ، فَيَغْسِلُهُ وَيُطَهّرُهُ وَيُطَيّبُهُ ثُمّ يَعْدُونَ عَلَيْهِ إذَا أَمْسَى ، فَيَفْعَلُونَ بِهِ مِثْلَ ذَلِكَ . فَلَمّا أَكْثَرُوا عَلَيْهِ وَطَيّبَهُ ، ثُمّ جَاءَ بِسَيْفِهِ فَعَلّقَهُ عَلَيْهِ ثُمّ قَالَ إنّي وَاَللّهِ مَا أَعْلَمُ مَنْ يَصْنَعُ بِكَ مَا تَرَى ، فَإِنْ كَانَ فِيكَ خَيْرٌ فَامْتَنِعْ فَهَذَا السّيْفُ مَعَك . فَلَمّا أَمْسَى وَنَامَ عَمْرٌو ، عَدَوْا عَلَيْهِ فَأَخَذُوا السّيْفَ مِنْ عُنُقِهِ ثُمّ أَخَذُوا كَلْبًا مَيّتًا فَقَرَنُوهُ بِهِ بِحَبْلِ ثُمّ أَلْقَوْهُ فِي بِئْرٍ مِنْ آبَارِ بَنِي سَلَمَةَ فِيهَا عِذَرٌ مِنْ عِذَرِ النّاسِ ثُمّ غَدَا عَمْرُو بْنُ الْجَمُوحِ فَلَمْ يَجِدْهُ فِي مَكَانِهِ الّذِي كَانَ بِهِ .

*-*-*

# [ إسْلَامُ عَمْرٍو وَشِعْرُهُ فِي ذَلِكَ ]

فَخَرَجَ يَتْبَعُهُ حَتّى وَجَدَهُ فِي تِلْكَ الْبِئْرِ مُنَكّسًا مَقْرُونًا بِكَلْبِ مَيّتٍ فَلَمّا رَآهُ وَأَبْصَرَ شَأْنَهُ وَكَلّمَهُ مَنْ أَسْلَمَ مِنْ ( رِجَال ) قَوْمِهِ فَأَسْلَمَ بِرَحْمَةِ اللّهِ وَحَسُنَ إسْلَامُهُ . فَقَالَ حِينَ أَسْلَمَ وَعَرَفَ مِنْ اللّهِ مَا عَرَفَ وَهُوَ يَذْكُرُ صَنَمَهُ ذَلِكَ وَمَا أَبْصَرَ مِنْ أَمْرِهِ وَيَشْكُرُ اللّهَ تَعَالَى الّذِي أَنْقَذَهُ مِمّا كَانَ فِيهِ مِنْ الْعَمَى وَالضّلَالَةِ.

وَاَللّهِ لَوْ كُنْتَ إلَهًا لَمْ تَكُنْ ... أَنْتَ وَكَلْبٌ وَسْطَ بِئْرٍ فِي قَرَنْ
أُفّ لِمَلْقَاك إلَهًا مُسْتَدَنْ ... الْآنَ فَتّشْنَاك عَنْ سُوءِ الْغَبَنْ
الْحَمْدُ لِلّهِ الْعَلِيّ ذِي الْمِنَنْ ... الْوَاهِبِ الرّزّاقِ دَيّانِ الدّيَنْ
هُوَ الّذِي أَنْقَذَنِي مِنْ قَبْلِ أَنْ ... أَكُونَ فِي ظُلْمَةِ قَبْرٍ مُرْتَهَنْ
بِأَحْمَدَ الْمَهْدِيّ النّبِيّ الْمُرْتَهَنْ ([1])

”عمرو بن الجموح ﷛ بني سليم قبيلي جي سردارن ۾ رئيسن مان هو. انهن جي گهر ۾ هڪڙو ڪاٺي مان بت گهڙي ٺاھيو هو، جنهن کي منات چيو ويندو هو. ان قبيلي جا سردار اهڙا بت ناھيندا هئا ۽ انهن جي تعظيم ڪندا هئا ۽ چنبڙ ڦوڪ ڪندا هئا. پوءِ جڏهن بني سليم جي قبيلي مان ڪن نوجوانن اسلام آندو جن ۾ عمرو بن الجموح جو پٽ معاذ

[1]- سيرة ابن هشام ( 1 / 452 )

بہ هو. جي عقبہ واري رات رسول الله ﷺ وٽ آيا بہ هئا. اهي رات جو وجي عمرو بن الجموح جي بت کي کڻندا هئا. پوءِ وجي ان کي کڏ ۾ منهن پر اونڌو ڪري اڇلائيندا هئا. جنهن ۾ ماڻهو قضاءِ حاجت ڪندا هئا. صبح جو عمرو بن الجموح ڏسي چيو تہ مار پئي اسان جي معبود سان اڄ رات هي ڪنهن زيادتي ڪئي آهي. پوءِ ان کي ڳولهي ڌوئي صاف سنو ڪري رکندو هو ۽ پوءِ چوندو هو تہ الله جو قسم جو مون کي خبر پئي، هي ڪم ڪنهن ڪيو آهي. تہ ان کي سخت ذليل ڪندس. پوءِ شام جو سمهي رهيو ۽ هنن نوجوانن وري بہ سندس معبود سان ساڳيو ڪم ڪيو. پوءِ وري بہ صبح جو ان کي ڌوئي صاف ڪري رکندو هو. بہ ٽي ڀيرا ائين ٿيڻ لڳو. پوءِ هڪ ڀيري آخر ان کي ڌوئي صاف ڪري ۽ ان جي مٿان تلوار ٽنگي ڇڏيائين ۽ ان کي چيائين تہ الله جو قسم مون کي خبر نہ آهي تہ هيءُ تعدي جا تون ڏسين پيو سا تو سان ڪنهن ڪئي آهي؟ هاڻ جيڪڏهن تو ۾ ڪا ڀلائي آهي تہ پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪر، هي تلوار توسان گڏ آهي. پوءِ رات جو وجي سمهي رهيو ۽ انهن نوجوانن اچي اها تلوار ان جي ڪنڌ مان لاٿائون ۽ هڪڙو مئل ڪتو ڪٺي آيا ٻنهي کي گڏي رسيءَ ۾ ٻڌائون پوءِ انهن کي ڪٺي بني سلمىٰ جي هڪ کوهہ ۾ وڌائون جنهن ۾ ماڻهن جون گندگيون ۽ خرابيون پيل هيون. صبح جو جڏهن عمرو بن جموح اٿيو تہ ان کي پنهنجي جاءِ تي نہ ڏٺائين پوءِ ان جي ڳولا ۾ نڪتو نيٺ ان کي کوهہ ۾ ڪتي سان گڏ ٻڌل اونڌو پيل ڏٺائين پوءِ جڏهن اهو حال ڏٺائين تہ سندس قوم جا جي مسلمان ٿيا هئا تن ساڻس گفتگو ڪئي ۽ ڪيس سمجهايائون. پوءِ هو الله جي مهرباني سان بهترين نموني سان مسلمان ٿيو، پوءِ جڏهن اسلام آڻڻ ڪان بعد پنهنجي الله کي پوري طرح سڃاتائين ۽ جيڪو سندس معبود جو حال ڏٺائين ان کي ياد ڪندي الله جو ذڪر ڪندو رهيو تہ انهيءَ مون کي گمراهي ۽ اونداهي مان ڪڍيو ۽ بت کي خطاب ڪندي شعر چيائين:.

”الله جو قسم جيڪڏهن تون معبود هجين ها تہ هن طرح ڪتي سان گڏ کوهہ ۾ ٻڌل نہ هجين ها. تنهنجي انهي ذلت تي تف هجي اسان هاڻ تحقيق ڪئي آهي تہ اسين بري دوکي ۾ داخل هئاسون. الله جي لاءِ سڀ تعريفون آهن. جو مٿاهون احسانن وارو آهي، بخشيندڙ، رزق ڏيندڙ ۽ سيني دينن جو مالڪ آهي. پنهنجي مهرباني سان پنهنجي رسول احمد هدايت واري ﷺ کي موڪلي. مون کي قبر جي انڌيري ۾ ڪروي تي پوڻ کان اڳ هن ڪفر مان ٻاهر ڪڍيو.“

تشريح:- هن واقعي کي حافظ ابن حجر رحمه الله الاصابہ ([1]) ۾ امام ابن اسحاق صحاب المغازي جي حوالي سان ذڪر ڪيو آهي ۽ عقبہ واري رات اها آهي. جنهن ۾ مدينہ منوره جا مسلمان ٽيل هجرت کان اڳ رسول الله ﷺسان خفيہ طور منیٰ ۾ مليا ۽ ڏانهن اچڻ جي دعوت ڏنائون ۽ هر طرح جي مدد ۽ قرباني ۽ ايثار جو عهد ڪيائون. ۽ اهو ئي حال اجوڪين درگاهن جو آهي. ڪو انهن کي ساڙيو هليو وڃي، خود قبي تان مٿان نيل لاهيو وڃن، انهن ۾ ڪا طاقت هجي ها تہ ڪنهن کي اهڙي جرئت ڪانہ ٿئي ها. ثابت ٿيو تہ مشرڪن جا معبود سيئي هيڻا ۽ ڪمزور آهن. جيئن باب-9 فصل-6 ۾ گذريو تہ هڪ وزير شيخ عبدالقادر جيلاني جا هڏا سندس قبر مان ڪڍي درياء ۾ اڇلائي ڇڏيا. انهي کي ڪجھ نہ ڪري سگهيو.

خلاصو:- هنن آيتن ۽ حديثن مان ثابت ٿيو تہ الله ڪانسواءِ جن جي عبادت ڪئي ٿي وڃي سي سيئي ڪمزور ۽ بي زور آهن، تنهن ڪري پوڄا ڪرڻ انهي الله لاءِ جڳائي ٿي جو وڏي قوت وارو ۽ سيني تي غالب آهي.

﴿إِنَّ ٱللَّهَ قَوِيٌّ عَزِيزٌ ۝٢٥﴾ ( الحديد )

يعني نہ انهن ۾ مک ۽ مڇر جهڙي حقير شيءِ جي مقابلي جي طاقت آهي ۽ جيڪڏهن ڪو مٿن حملو ڪري يا بي عزتي ڪري تہ ان جي دفاع ڪرڻ جي پڄت نہ اٿن. تنهن ڪري اهي پاڻ ڪمزور ۽ بي وس آهن ۽ سندن پوڄارا هيڻا ۽ ذليل آهن. الله تعالیٰ اهڙي ذلت کان امن ۾ رکي. آمين.

*-*-*

[1]- الإصابة ( 2 / 522 )

# باب ارڙهون
# شرڪ کان پناهہ گهرڻ بابت دعائون

باب نمبر-2 جي فصل نمبر-2 ۾ بيان ٿيو تہ شرڪ ايڏو وڏو گناهہ آهي. جنهن جي لاءِ ڪا معافي ۽ بخشش نہ آهي ۽ ان لاءِ جهنم آهي. ۽ بهشت جون سڀئي نعمتون مٿس حرام آهن، تنهن ڪري مسلمانن کي هر وقت شرڪ جي هر قسم کان بچڻ گهرجي، بلڪ بعض اوقات انسانن کان غلطي سان اهڙاڪم ٿين ٿا، جنهن کي هو نٿو سمجهي تہ ڪو شرڪ آهي. تنهن ڪري ان بابت جيڪي رسول الله ﷺ دعائون سيکاريون آهن، سي هر وقت پڙهڻ گهرجن تان تہ انسان شرڪ ۽ الله جي عذاب کان امن ۾ رهي.

حديث 1 : عَنْ أَبِي عَلِيٍّ رَجُلٍ مِنْ بَنِي كَاهِلٍ قَالَ خَطَبَنَا أَبُو مُوسَى الْأَشْعَرِيُّ فَقَالَ يَا أَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوا هَذَا الشِّرْكَ فَإِنَّهُ أَخْفَى مِنْ دَبِيبِ النَّمْلِ فَقَامَ إِلَيْهِ عَبْدُ اللَّهِ بْنُ حَزْنٍ وَقَيْسُ بْنُ الْمُضَارِبِ فَقَالَا وَاللَّهِ لَتخرُجَنَّ مِمَّا قُلْتَ أَوْ لَنَأْتِينَّ عُمَرَ مَأْذُونٌ لَنَا أَوْ غَيْرُ مَأْذُونٍ قَالَ بَلْ أَخْرُجُ مِمَّا قُلْتُ خَطَبَنَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ذَاتَ يَوْمٍ فَقَالَ أَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوا هَذَا الشِّرْكَ فَإِنَّهُ أَخْفَى مِنْ دَبِيبِ النَّمْلِ فَقَالَ لَهُ مَنْ شَاءَ اللَّهُ أَنْ يَقُولَ وَكَيْفَ نَتَّقِيهِ وَهُوَ أَخْفَى مِنْ دَبِيبِ النَّمْلِ يَا رَسُولَ اللَّهِ قَالَ قُولُوا اللَّهُمَّ إِنَّا نَعُوذُ بِكَ مِنْ أَنْ نُشْرِكَ بِكَ شَيْئًا نَعْلَمُهُ وَنَسْتَغْفِرُكَ لِمَا لَا نَعْلَمُه. ([1])

و قال المنذري : رواه أحمد والطبراني ورواته إلى أبي علي محتج بهم في الصحيح وأبو علي وثقه ابن حبان ولم أر أحدا جرحه.

قال ابو محمد : رواه ابو يعلىٰ بنحوه من حديث حذيفة الا انه قال فيه يقول : كل يوم ثلاث مرات ([2])

”بني ڪاهل جي هڪ شخص ابو علي کان روايت آهي تہ: ابو موسىٰ اشعري رضي الله عنه اسان کي خطبو ڏنو. پوءِ چيائين تہ: اي انسانو! هن شرڪ کان بچو جو اهو ماڪوڙي جي چرپر کان بہ ڳجهو هوندو آهي، پوءِ بہ مرد عبدالله بن حزن ۽ قيس بن المضارب ڏانهنس اٿيا ۽ چيائون تہ الله جو قسم جيڪي چيئي ان جو ثبوت پيش ڪر نہ تہ اسين اميرالمؤمنين عمر رضي الله عنه وٽ موڪل هجي نہ هجي ضرور ايندا سون. (يعني ڪيس بڌائيندا سون) ان چيو تہ آئون اوهان کي ثبوت ڪيي ڏيان ٿو تہ: رسول الله ﷺ جن هڪ ڏينهن اسان کي خطبو ارشاد فرمايو ۽ پوءِ فرمايائون تہ: اي انسانو! هن شرڪ کان بچو جو اهو ماڪوڙي جي چرپر کان بہ ڳجهو هوندو آهي. پوءِ ڪين ڪنهن شخص عرض ڪيو

---

[1]- ( **حسن لغيره** ) صحيح الترغيب والترهيب ( 1 / 9 ) حديث رقم ( 36 ) ، مسند أحمد ( 40 / 98 ) حديث رقم ( 18781 ) ، المعجم الكبير للطبراني ( 20 / 165 ) حديث رقم ( 1567 ) ، الترغيب والتهذيب ( 1 / 76 )

[2]- ضعيف الجامع حديث رقم ( 3433 ) ، مسند أبي يعلى الموصلي ( 1 / 54 ) حديث رقم ( 52 )

تہ يا رسول الله ﷺ جيڪو ماڪوڙي جي چرپر ڪان بہ ڳجھو آھي. ان ڪان ڪيئن بچون؟ پاڻ فرمايائون تہ: ھن طرح چوندا ڪريو تہ (يعني دعا گھرندا ڪريو) تہ (ترجمو) "يا الله اسين تو وٽ پناھ ٿا وٺون، جو اسين ڄاڻي سمجھي توسان شرڪ ڪريون ۽ اھڙو شرڪ جنھن کي نہ ڄاڻون (يعني شرڪ نہ سمجھون) تہ ان لاءِ تو ڪان بخشش ٿا گھرون." ۽ حذيفة ڪان بہ ان طرح حديث آھي تہ: پاڻ فرمايائون تہ:"ڏينھن ۾ ٽي ڀيرا ائين چوندا ڪريو."

تشريح:- ھي دعا بلڪل جامع آھي. جو ان ۾ ذڪرآھي تہ: اھڙو ڪم جنھن کي انسان سمجھي تہ ھي شرڪ آھي، پوءِ بہ ٿي پوي تہ ان بابت الله ڪان پناھ گھري تہ اسان ڪان اھڙو ڪم نہ ٿئي ۽ اھڙو ڪم جنھن بابت خبر نہ ھجي تہ اھو شرڪ آھي ۽ ان جي ٿي پوڻ جو خطرو رھي ٿو. ان بابت اڳ ۾ ئي مغفرت ۽ بخشش گھرڻ سيکاري ويئي آھي. ھي الله تعالیٰ جي خاص مھرباني ۽ رسول الله ﷺ جن جي بھترين تعليم ۽ تربيت جو نمونو آھي.

حديث 2 : عن معقل بن يسار قال: انطلقت مع أبي بكر الصديق رضي الله عنه إلى النبي صلى الله عليه وسلم. فقال: "يا أبا بكر ! للشرك فيكم أخفى من دبيب النمل". فقال أبو بكر: وهل الشرك إلا من جعل مع الله إلهاً آخر؟ فقال النبي صلى الله عليه وسلم : "والذي نفسي بيده، للشرك أخفى من دبيب النمل، ألا أدلك على شيء إذا قلته ذهب عنك قليله وكثيره؟". قال: "قل: اللهم إني أعوذ بك أن أشرك بك وأنا أعلم، وأستغفرك لما لا أعلم". ([1])

"معقل بن يسار ؓ ڪان روايت آھي تہ: آئون ابوبڪر صديق ؓ سان گڏجي، رسول الله ﷺ جن وٽ ويس. پاڻ فرمايائون تہ اي ابوبڪر! شرڪ اوھان ۾ ماڪوڙي جي چرپر ڪان بہ ڳجھو ھوندو آھي. ابوبڪر صديق چيو تہ شرڪ تہ اھو ئي آھي. الله تعالیٰ سان گڏ ٻيو معبود بنايو وڃي. پاڻ فرمايائون تہ: ان الله جو قسم! جنھن جي ھٿ ۾ منھنجو ساھ آھي. تہ ڪو شرڪ ماڪوڙي جي چرپر ڪان ڳجھو ھوندو آھي. چو نہ توکي اھڙي دعا سيکاريان جا تون چئين تہ توکان ٿورو گھڻو شرڪ سڀ ھليو ويندو. تون چؤ تہ (ترجمو) "يا الله! آئون تو ڪان پناھ وٺان ٿو جو آئون ڄاڻي ٻجھي ڪنھن شيءِ کي توسان شريڪ ڪريان ۽ جنھن کي آئون نٿو ڄاڻان ان لاءِ توکان بخشش گھران ٿو."

تشريح:- ھي عمل اليوم و الليلة لابن سني (78) ۽ مسند ابي يعلیٰ موصلي ۾ بہ آھي. ۽ حافظ ابو القاسم بغوي وري ٻي سند سان آندي آھي. ([2]) ھن حديث ۾ واحد جو

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح الأدب المفرد ( 1 / 259 ) حديث رقم ( 554 ) ، رواه البخارى فى الادب المفرد ( 186 ) المطبعة العربيه لاهور

[2]- تفسير ابن كثير ( 2 / 495 )

صيغو آهي. يعني آئون توکان پناهہ وٺان ٿو ۽ پهرين حديث ۾ جمع جو صيغو هو يعني اسين پناهہ گهرون ۽ بخشايون ٿا. ٻنهي طرح جائز آهي ۽ خاص طرح جماعت جي صورت ۾ جمع جو لفظ ۽ اڪيلائي جي حالت ۾ واحد لفظ زياده موزون آهي.

حديث 3 : عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ قَالَ قَالَ أَبُو بَكْرٍ يَا رَسُولَ اللَّهِ مُرْنِي بِشَيْءٍ أَقُولُهُ إِذَا أَصْبَحْتُ وَإِذَا أَمْسَيْتُ قَالَ قُلْ اللَّهُمَّ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَاطِرَ السَّمَوَاتِ وَالْأَرْضِ رَبَّ كُلِّ شَيْءٍ وَمَلِيكَهُ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا أَنْتَ أَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّ نَفْسِي وَمِنْ شَرِّ الشَّيْطَانِ وَشِرْكِهِ قَالَ قُلْهُ إِذَا أَصْبَحْتَ وَإِذَا أَمْسَيْتَ وَإِذَا أَخَذْتَ مَضْجَعَكَ. ([1]) قَالَ أَبُو عِيسَى هَذَا حَدِيثٌ حَسَنٌ صَحِيحٌ

”ابو هريرة ﷛ کان روايت آهي ته: ابوبڪر صديق ﷛ عرض ڪيو ته: يا رسول الله ﷺ! مون کي ڪا اهڙي دعا سيکاريو جا صبح شام پڙهندو ڪريان- پاڻ فرمايائون ته هيئنئن چؤ. ”اي الله! ڳجهہ ۽ پڌري جا ڄاڻڻ وارا، آسمانن ۽ زمينن جي پيدا ڪرڻ وارا هر شيءِ جا پروردگار ۽ مالڪ. آئون شاهدي ڏيان ٿو ته، توکانسواءِ ڪو معبود نہ آهي ۽ تو وٽ پناهہ وٺان ٿو، پنهنجي نفس جي برائي کان ۽ شيطان ۽ انهي جي شرڪ کان.“

تشريح:- هيءَ حديث ابو داؤد (205/ج-2) ۽ الادب المفرد للبخاري (311) طبع لاهور ۾ بہ آهي. ۽ شيطان جي شرڪ بابت امام خطابي فرمائي ٿو ته: هي ٻن طرح سان پڙهيو ويو آهي. (1) ش جي زبر ۽ راء جي جزم سان — معنىٰ ٿيندي تہ جيڪي شيطان الله سان شرڪ ڪرڻ لاءِ وسوسا وجهندو آهي- انهن لاءِ گهران ٿو. ڇو تہ الله کانسواءِ ٻيو نہ نفعو ڏيئي سگهي ٿو ۽ نہ حاجتون پوريون ڪري ۽ (2) ش ۽ راء جي زبر سان يعني شيطان جي حلين، مڪرن ۽ ڦندن کان پناهہ گهران ٿو. اها ئي معنىٰ عون المعبود (483/ج-4) ۽ تحفة الاحوذي (229/ج-4) ۾ بہ آهي. گوياڪ هن حديث ۾ بہ شرڪ کان پناهہ وٺڻ جي دعا مذڪور آهي.

حديث 4 : عَنْ فَرْوَةَ بْنِ نَوْفَلٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ أَنَّهُ أَتَى النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ يَا رَسُولَ اللَّهِ عَلِّمْنِي شَيْئًا أَقُولُهُ إِذَا أَوَيْتُ إِلَى فِرَاشِي قَالَ اقْرَأْ قُلْ يَا أَيُّهَا الْكَافِرُونَ فَإِنَّهَا بَرَاءَةٌ مِنْ الشِّرْكِ. ([2])

”فروه بن نوفل اشجعي پنهنجي والد کان روايت ڪري ٿو ته: انهي عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ! مون کي ڪا اهڙي دعا سيکاريو، جو آئون جنهن وقت بستري تي سمهڻ

---

[1]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 7 / 392 ) حديث رقم ( 3392 ) ، سنن الترمذى ( 2 / 175 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ حديث رقم ( 3314 )

[2]- ( **صحيح** ) صحيح وضعيف سنن الترمذي ( 7 / 403 ) حديث رقم ( 3403 ) ، سنن الترمذي ( 11 / 272 ) كِتَاب الدَّعَوَاتِ عَنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حديث رقم ( 3325 ) ، سنن أبي داود ( 13 / 250 ) كِتَاب الْأَدَبِ بَاب مَا يُقَالُ عِنْدَ النَّوْمِ حديث رقم ( 4396 ) ، مشكاة المصابيح ( 188 )

لاءِ اچان تہ پڑھندو ڪريان. پاڻ فرمايائون تہ: قل يا ايها الڪٰفرون پڙهندو ڪر. ڇو تہ اها شرڪ کان بيزار ٿيڻ جي لاءِ آهي.“

تشريح:- پوري سورت ترجمي سان پيش ڪئي وڃي ٿي :-

﴿قُلْ يَـٰٓأَيُّهَا ٱلْكَـٰفِرُونَ ﴿١﴾ لَآ أَعْبُدُ مَا تَعْبُدُونَ ﴿٢﴾ وَلَآ أَنتُمْ عَـٰبِدُونَ مَآ أَعْبُدُ ﴿٣﴾ وَلَآ أَنَا۠ عَابِدٌ مَّا عَبَدتُّمْ ﴿٤﴾ وَلَآ أَنتُمْ عَـٰبِدُونَ مَآ أَعْبُدُ ﴿٥﴾ لَكُمْ دِينُكُمْ وَلِىَ دِينِ ﴿٦﴾﴾ ( الكافرون )

”الله مهربان ۽ وڏي رحم واري جي نالي سان شروع ڪريان ٿو.“

”چئو تون (نبي ﷺ)اي ڪافرو! آئون انهيءَ شي جي پوڄا نہ ڪندس، جنهن جي اوهان پوڄا ڪريو ٿا ۽ نڪي اوهين انهيءَ جا پوڄيندڙ آهيو، جنهن جي آئون پوڄا ڪريان ٿو ۽ نڪي آئون انهن شين جي پوڄا ڪندڙ آهيان. جن جي اوهان پوڄا ڪئي آهي. ۽ نڪي اوهين ان جا پوڄيندڙ آهيو، جنهن جي آئون پوڄا ڪريان ٿو. اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ منهنجي لاءِ منهنجو دين.“

يعني حال ۽ استقبال ٻنهي زمانن بابت ڪليو اعلان آهي. يعني تہ الله تعالىٰ کانسواءِ جن شين جي اوهين پوڄا ڪريو ٿا ۽ انهن لاءِ نذر ۽ باسون باسيو ٿا يا هيستائين ڪري چڪا آهيو يا هن کان بعد ڪرڻ جا ارادا رکو ٿا، آئون انهن مان ڪنهن جي نہ پوڄا ڪريان ٿو ۽ نہ ڪندس ۽ آئون جنهن هڪ الله جي بندگي ڪريان ٿو ۽ ڪندو رهندس توهان ان جي عبادت ڪونہ ٿا ڪريو ڇو تہ اوهين بندگيءَ ۾ ان سان شريڪ ڪريو ٿا ۽ شرڪ واري عبادت الله جي عبادت شمار نہ ٿيندي آهي، تنهن ڪري در حقيقت توهان الله جي بلڪل عبادت نٿا ڪريو ۽ نہ اوهان ۾ ڪرڻ جي اميد نظر اچي ٿي ۽ نڪي اوهين مون ۾ اهڙي اميد رکو تہ آئون الله کانسواءِ توهان جي بنايل معبودن جي اڳيان ڪنهن قسم جي بندگي ڪندس. تنهن ڪري منهنجو دين ۽ اوهان جو دين ٻئي جدا ۽ هڪ ٻئي کان بلڪل دور آهن ۽ اسان جو ۽ اوهان جو ڪو بہ نباهہ نہ ٿيندو، بلڪ اسين اوهان کان بيزار آهيون. جيئن ابراهيم عليه السلام پنهنجي ساٿين سميت مشرڪن کي صاف چيو تہ: ﴿حَتَّىٰ تُؤْمِنُوا۟ بِٱللَّهِ وَحْدَهُۥٓ . . . ﴿٤﴾﴾ ( الممتحنه ) ”اسان جي عداوت ۽ بغض اوهان سان جاري رهندو، جيستائين توهان ٻين معبودن کي ڇڏي، هڪ الله کي مڃيو ۽ ان جي عبادت ڪريو.“

الغرض ٿورڙي سمجهہ وارو مسلمان هن سورت ۾ غور ڪندو تہ، هو ان جي پڙهڻ سان هر قسم جي شرڪ کان الله تعالىٰ جي سهاري تي سندس اڳيان مڪمل طرح بيزاري

ظاهر ڪندو ۽ پناه گهرندو انهي ڪري رسول اڪرم ﷺ رات جو سمهڻ وقت ان سورت سڳوري جي پڙهڻ جي تعليم فرمائي آهي."

خلاصو:- هن باب جو هي آهي تہ شرڪ وڏو موذي، مهلڪ ۽ وچڙندڙ ۽ چنبڙندڙ مرض آهي. تنهن ڪري انهيءَ کان بچڻ لاءِ مسلمانن کي پوري طرح ڪوشش ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي ڪوشش سان گڏ الله تعالىٰ کان شرڪ کان بچڻ لاءِ پناهہ ۽ توحيد تي ثابت قدم رهڻ جي توفيق طلب ڪرڻ گهرجي ۽ انهي بابت جيڪي رسول الله ﷺ جن مختصر جامع دعائون سيکاريون آهن ۽ جنهن طريقي سان انهن کي پڙهڻ جو ارشاد فرمايو اٿن ان طرح انهن کي پنهنجو معمول بنائڻ نهايت ضروري آهي. الله تعالىٰ سڀني مسلمانن کي توحيد جي نعمت سان مالامال ڪري ۽ شرڪ جي هر فتني کان امن ۽ پناهہ ۾ رکي، حسان بن ثابت ﷺ جا شعر پيش ڪجن ٿا.

نبي اتانا بعد ياس وفترة من الرسل والاوثان فى الارض تعبد

"الله جو نبي ﷺ اسان وٽ نا اميدي ۽ رسولن جي گهٽي وقت نہ اچڻ کان بعد آيوجنهن وقت زمين ۾ بتن جي پوڄا ٿي رهي هئي."

فامسىٰ سراجاً مستنيرًا و هاديا يلوح كما لاح الصقيل المهند

"روشن ڏيئو ۽ هادي ٿي آيو چمڪندڙ تلوار وانگر چمڪي ٿو."

و انذرنا نارا و بشر جنة و علمنا الاسلام فالله نحمد

"۽ اسان کي جهنم جي باهہ کان ڊيڄاريائين، بهشت جي خوشخبري ڏنائين ۽ اسلام سيکاريائين، تنهن ڪري الله تعالىٰ جي وڏي حمد ڪريون ٿا."

وانت اله الخلق ربى و خالقى بذالك ما عمرت فى الناس اشهد

"اي ساري خلق جا معبود تون ئي منهنجو پالڻهار ۽خالق آهين جيسين ماڻهن ۾ جيئرو آهيان اها ئي شاهدي ڏيندو رهندس."

تعاليت رب الناس عن قول من دعا سواك الها انت اعلى و امجد

"اي ماڻهن جا پالڻهار تنهنجو شان مٿانهو ۽ بزرگي وارو آهي انهيءَ کان جنهن تو کانسواءِ ڪنهن ٻئي معبود کي پڪاريو آهي."

لك الخلق والنعماء كله فاياك نستهدى و اياك نعبد

"سڀ خلق ۽ سڀئي نعمتون تنهنجيون۽ سارو حڪم تنهنجو تنهن ڪري تو هڪ کان هدايت طلب ڪريون ٿا ۽ تو هڪ جي بندگي ڪريون ٿا."

وان ثواب الله كل موحد جنان من الفردوس فيها يخلد

”۽ بلاشڪ هر توحيد واري لاءِ الله تعالىٰ وٽ اهو ثواب ۽ اجر آهي جو هميشہ جنت الفردوس ۾ رهندو.“ (1)

بس اسان جو بہ اهو ئي اقرار آهي. تہ اي رب العالمين! تنهنجا لک احسان ۽ اڻ ڳڻيون مهربانيون جو اسان ڏي اهڙو پيارو رسول موڪليئي جو پاڻ روشن ڏيئو، سندس تعليم روشن ۽ مدلل ۽ مبرهن اسان کي تنهنجو قرآن ڪٽي تنهنجي سڃاڻپ ڪرايائين ۽ حق واري راه جا توسان ملائي. ان جي دعوت ڏنائين ۽ ڏيکاريائين. مشرڪن لاءِ تنهنجي عذاب کان خبردار ڪيائين ۽ موحدن لاءِ تنهنجي بي حساب اجر ۽ ثواب جي بشارت ڏنائين خالص اسلام جو طريقو سمجهايائين. اسين دل سان اقرار ڪريون ٿا تہ تون اسان جو ڏٽي ۽ مولىٰ آهين ۽ اسان جو خالق ۽ حاجت روا آهين. ڏاتار ۽ مشڪل ڪشا آهين. هر شريڪ ۽ ڀائيوار کان پاڪ آهين. تنهنجو شان مبارڪ اعلىٰ آهي. جو ڪابہ مخلوق تنهنجي صفت سڳوري ۾ شريڪ ٿئي. تا زندگي اسين انهيءَ شاهدي ڏيڻ جو تنهنجي درگاهہ ۾ عهد ڪريون ٿا. چو تہ پوري ڪائنات جوتون خالق ۽ سڀني نعمتن جو مالڪ آهين. جنهن کي ڏين، جنهن کان جهلين ۽ هر جاءِ تي هر وقت هر شيءِ تي حڪم تنهنجو هلي، فيصلو تنهنجو نافذ ٿئي. اسين تنهنجا ٻانها، تنهنجي ٻانهن ۽ ٻانهين جو اولاد، اسان جون پيشانيون تنهنجي قبضي ۾، جو اسان تي حڪم هلائين هلي وڃي. جو اسان جي حق ۾ فيصلو ڪرين سو عدل ۽ انصاف آهي. تنهن ڪري اسين تو هڪ کان طلب ۽ استدعا ڪريون ٿا. تہ اسان کي تنهنجي وڻندڙ سنئين راهہ تي هلاءِ ۽ ان تي قائم رک ۽ اسان جا پير ڄماءِ. اسين تنهنجا بندا آهيون. خاص توکي پوڄڻ وارا آهيون. تون اسان جي حقير عبادت قبول فرماءِ ۽ جيڪي ان ۾ اسان کان لغزشون خطائون واقع ٿين انهن کان درگذرفرماء. (آمين يا رب العالمين )

والــسّلام

انا العبد ابو محـــمّد بـــديع الـــدّين الـــرّاشدي المـــكّي

الثالث عشر من شهر ربيع الاول من الهجرة على صاحبها الوف تحية وسلام سنة ست و اربع مائة بعد الالف

1- ديوان حسان بن ثابت الانصاري ( 78-79 ۽ 150 )